

# ڏاهپ ساري ڏيهه جي

سنڌيڪار:

**محمد ابراهيم جويو**

سهيڙيندڙ:

**پروفيسر محمد سليم ميمڻ**

**سنڌي ادبي بورڊ**

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڏاهپ ساري ڏيهہ جي

سنڌي ادبي بورڊ
جامشورو، سنڌ
2015ع

# ڏاهپ ساري ڏيهہ جي

1. گلِيلو
2. محڪريءَ جا مضمون
3. بقول زرتشت

M. IBRAHIM JOYO
CENTENNIAL CELEBRATIONS
سئو ساله جشن


سنڌيڪار:

**محمد ابراهيم جويو**

سهيڙيندڙ:

**پروفيسر محمد سليم ميمڻ**



**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو، سنڌ

2015ع

ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڇاپو پهريون سال 2015ع تعداد 1000

**خريداري لاءِ رابطو:**

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022_9213421, Fax: 022_9213422)

email: sindhiab@yahoo.com

www. sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب الهڏنو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچيءَ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

سائين محمد ابراهيم جويو، سنڌ جي انهن عالمن، اديبن ۽ ڏاهن مان آهي، جن سنڌ، سنڌي ٻولي، ادب، ثقافت ۽ تاريخ جي ڪيترن ۾ بي لوث خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. پاڻ گذريل اڌ ڏهاڪن کان علمي ۽ ادبي ميدان ۾ پنهنجي وس ۽ وت آهر جاکوڙيندو رهيو آهي. انهن خدمتن جي مڃتا ۾ ڪيس ٻه سال اڳ اڪيڊمي آف ليٽرس پاران 'ڪمالِ فن' جو ايوارڊ پڻ پيش ڪيو ويو.

جويو صاحب، زندگيءَ جي سوين (100) سال ۾ پير پائي چڪو آهي. اها سنڌ واسين جي خوشقسمتي آهي ۽ اسان سڀئي سندس ڊگهي عمر لاءِ دعاگو آهيون. جويي صاحب جي خدمتن جي مڃتا ۾ ڪيس ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ سنڌي اديبن، عالمن ۽ ڏاهن 'محمد ابراهيم جويو سؤ ساله جشن ڪاميٽي' جوڙي آهي، جنهن سڄي سال لاءِ پروگرام ترتيب ڏنا آهن. اهي پروگرام سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ٿي رهيا آهن. ان ڪاميٽي سان مختلف تعليمي، علمي، ادبي ادارن ۽ تنظيمن سهڪار ڪيو آهي، جن ۾ 'سنڌي ادبي بورڊ' به شامل آهي. سنڌي ادبي بورڊ سان سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جو نهايت پراڻو ۽ گهرو تعلق رهيو آهي. پاڻ بورڊ جي سيڪريٽري ۽ پوءِ چيئرمين جي حيثيت ۾ به خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن.

بورڊ جويي صاحب جي ڪجھ ڪتابن کي ڇپڻ جو جوڳو بندوبست ڪيو آهي. جنهن ڏس ۾ جويي صاحب جي ٽن ڪتابن "گليلو"، "محڪريءَ جا مضمون"، "بقول زرتشت" کي هڪ جلد ۾ "ڏاهپ ساري ڏيھ جي" نالي سان سهيڙيو ويو آهي. جيڪو اڄ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ شايع ڪندي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان ۽ بورڊ جي مانواري چيئرمن جناب مخدوم جميل

الزمان صاحب جن جو ٿورائتو آهيان جن جو بورڊ ۾ بهترين ڪتاب آڻڻ ۾ ڀرپور سهڪار رهيو آهي.

جويو صاحب ڪي سؤ سالہ جشن جي موقعي تي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ان کان وڌيڪ بهتر ٻي ڪا شيءِ نٿي ٿي سگهي، جو سندس شاهڪار لکڻين ڪي وڏي مانَ ۽ شانَ سان سندس حياتيءَ ۾ ئي وري ٻيهر ڇاپي پڌرو ڪيو ويو وڃي.

سنڌي ادبي بورڊ ”مهراڻ“ جو محمد ابراهيم جويو خاص نمبر اڳ ۾ ئي پڌرو ڪري چڪو آهي، جنهن ۾ جويي صاحب جي علمي، ادبي ڪارنامن ۽ شخصيت تي مختلف عالمن، اديبن ۽ ڏاهن جا مضمون ۽ مقالا شامل آهن.

**الهڏتو وگهيو**
سيڪريٽري

13- رمضان المبارڪ 1436هہ
01- جولاءِ 2015ع

# فهرست


ڪجھ منهنجي پاران — پروفيسر محمد سليم ميمڻ — 07


***


1. گلِيلو — 11
2. محڪريءَ جا مضمون — 207
3. بقول زرتشت — 531


## گليلو


1. تعارف — 17


## محڪريءَ جا مضمون


پيش لفظ (محمد ابراهيم جويو)

1. ڪير سفيد ڪيئن ٿو ٿئي — 182

(عبرت، 1979-6-13، ڊيلي نيوز، 1979-3-21)

2- اخلاق ڪان خالي دانشور — 184

(عبرت، 1979-5-2، ڊيلي نيوز، 1979-4-11)

3. چاءِ، ڪٽولي جو موت نہ ڪپي! — 186

(عبرت، 1979-5-10، ڊيلي نيوز، 1979-4-18)

4. ڪينسر جو علاج ٿي ويو؟ — 188

(عبرت، 1979-5-14، ڊيلي نيوز، 1979-4-25)

5. وسارڻ ڪپيس! پر وساري بہ سگهندي؟ — 190

(عبرت، 1979-5-8، ڊيلي نيوز، 1979-5-2)

6. ننڊ، ڊاڪٽر صاحبؤ، ننڊ! 193

7. پريس جي آزادي 195

(عبرت، 1979-5-28، ڊيلي نيوز 1979-5-23)

8. جديد لانڊري بمقابل مقدس لنگوٽي 197

(عبرت، 1979-6-20، ڊيلي نيوز، 1979-6-13)

9. برائي جيڪا ماڻهو ڪن ٿا 199

(عبرت، 1979-6-29، ڊيلي نيوز، 1979-6-20)

10. ڳ ٽ ب 201

(عبرت، 1979-7-9، ڊيلي نيوز، 1979-7-4)

11. پاڪستان ۾ پنگلن لاءِ موٽرون 203

(عبرت، 1979-7-16، ڊيلي نيوز، 1979-6-27)

12. پيو ڪو احمق شهنشاهہ ننڍو ٿي سگهي 205

(عبرت، 1979-7.....، ڊيلي نيوز، 1979-7-11)

13. تعجوب..... تعجوب... تعجوب! 206

(عبرت، 1979-8-3، ڊيلي نيوز، 1979-7-18)

14. گهوڙي جي شرط ماڻهوءَ تي 208

(نئون نياپو، جنوري 1982، ڊيلي نيوز، 1980-6-22)

15. حبشي حلوو 211

(نئون نياپو، نومبر 1980ع، ڊيلي نيوز، 1980-7-23)

16. جمهوريت کي ڪيئن مارجي 216

(عبرت، 1980-10-4 ۽ 2، 1، ڊيلي نيوز1980-9-7 ۽ 10)

17. زنجيرن تي زنجير 224

(عبرت، 1980-10-12،11،10،13- ڊيلي نيوز، 1980-9-30 ، 25)

18. يهوداه (Judas) صليب تي ڪيئن چڙهيو 233

(عبرت، 1980-11-25، ڊيلي نيوز، 1980-10-8)

19. جمهوريت بہ هڪ ذهنيت آهي 235

(عبرت، 1980-10-23 ،23،22،18، ڊيلي نيوز، 1980-10-15 ، 9)

20. جمهوريت جا ست جنم 243

(عبرت 1980-10-31، 30

1980-10-3 ، 3،2،1، ڊيلي نيوز، 1980-10-15)

21. جادوءَ جو عجيب ڪم 254

(عبرت، 1980-11-26، ڊيلي نيوز، 1980-10-22)

22. بي سرائي (Antonia) 258

(عبرت، 1980-12-10، ڊيلي نيوز، 1980-11-26)

23. قائد جي ورثي جو ڇا ٿيو؟ 261

(عبرت، 1980-12-4، ڊيلي نيوز، 1980-12-4)

24. بي مغزائي... سائين وڏيڪ بي مغزائي 272

(عبرت، 1980-3-7، ڊيلي نيوز، 1980-12-10)

25. اِيئن ڪيئن ٿو ٿي سگهي! 275

(عبرت، 1981-1-21، ڊيلي نيوز، 1980-12-17)

26. سلام انهن تي جي آزاد آهن 278

(عبرت، 1981-1-17، ڊيلي نيوز، 1980-12-30

27. ڏوهہ — ڪهڙو؟ ۽ ڪنهن جو؟ 281

(آفتاب، 1982-4-11، ڊيلي نيوز، 1981-12-29)

28. ذهني عصمت فروش 284

آفتاب، 1982-4-11، ڊيلي نيوز، 1982-1-3)

29. شهادت ۽ قيامت 287

(آفتاب، 1982-3-28، ڊيلي نيوز، 1982-1-5)

ڏاهپ ساري ڏيھ جي
30. ڪاغذ جون ٻيڙيون - طوفان ۾ 290
(آفتاب، 1982-4-11، ڊيلي نيوز، 1982-1-10)
31. زندگي ۾ جنم قيد 293
(آفتاب، 1982-3-15، ڊيلي نيوز، 1982-3-4)
32. پرل هربر – فقط هڪ نہ پر گهڻا 296
(آفتاب، 1982-4-4. ڊيلي نيوز، 1982-4-11)
33. سنڌ ۾ ٻوليءَ جو مسئلو 301
34. سنڌ جون نياڻيون 305
(آفتاب، 1982-5-26 ، 25،24،23،مئگ،1982-4-28،22)
35. ڇا، اسان جو نوجوان اڳواڻيءَ کان محروم آهي؟ 312
(ڊان، 1982-4-30)

## بقول زرتشت

تعارف: محمد ابراهيم جويو 319
مهاڳ: عبدالعزيز قنڌاري 328
باب پهريون: فلسفي تي نظر 338
باب ٻيو: فلسفي جا فائدا 353
بابت ٽيون: نتشي جا افڪار ۽ فلسفو 360
باب چوٿون: نقشي ۽ ڊاڪٽر اقبال جو فلسفہ خودي 366
زرتشت جو مخصوص نقطي نظر ۽ سندس فلسفانہ خيالات 376
بقول زرتشت - ڀاڱو پهريون
زرتشت جي تمهيد 381
1. تبديليون 399
2. نيڪيءَ جون عالمانہ سَنَدون 402

ڏاهپ ساري ڏيھ جي
3. اڳينءَ دنيا جا ماڻھو 405
4. جسم جا ڏڪارينڊڙ 408
5. خوشيون ۽ جذبا 411
6. زرد رو ڏوھاري 413
7. پڙھڻ 415
8. ٽڪريءَ تي وڻ 417
9. موت جا مبلغ 421
10. جنگ ۽ جوڙا 423
11. نئون بُت 425
12. مارڪيٽ جون مکيون 429
13. پاڪدامني 433
14. دوست 435
15. ھڪ ھزار ۽ ھڪ مقصد 437
16. پاڙيسريءَ جي محبت 440
17. تخليق ڪرڻ واري جو رستو 442
18. پوڙھيون ۽ جوان عورتون 445
19. سَپَ جو ڏنگ 448
20. ٻار ۽ شادي 450
21. خوشيءَ جو مرڻ 452
22. بخشش ڪرڻ واري نيڪي 456
ٻيو ڀاڱو 463
23. ٻار جي ھٿ ۾ آرسي 465
24. خوشيءَ جا ٻيٽ 468
25. قياسي ۽ قياس جو ڳا 471
26. پادري 474
27. نيڪ انسان 477

| | |
|---|---|
| 28. اَنبوهه | 481 |
| 29. زهريلا ڪوريئڙا | 485 |
| 30. مشهور دانشمند | 489 |
| 31. رات جو گيت | 492 |
| 32. ناچ جو گيت | 494 |
| 33. گيت تربتن جو | 497 |
| 34. پنهنجو پاڻ ڪان بازي ڪٽڻ | 500 |
| 35. اوچا اڏامندڙ | 504 |
| 36. مهذب زمين | 507 |
| 37. ڪامل معرفت | 510 |
| 38. عالم | 513 |
| 39. شاعر | 516 |
| 40. عظيم واقعا | 519 |
| 41. پيشينگو | 523 |
| 42. نجات | 527 |
| 43. ماڻهوءَ جي عاقبت انديشي | 533 |
| 44. چپ چپات گهڙي | 537 |

# ڪجھ منھنجي پاران

سائين محمد ابراهيم جويي جي سؤ سالہ جشن جي موقعي تي مختلف ادارن ۽ تنظيمن پاران ڪتابن جي اشاعت ۾ سهڪار جو سلسلو هلندڙ آهي. سنڌي ادبي بورڊ پڻ ٻن ڪتابن جي اشاعت جو ذمو کنيو آهي، جن مان پهريون ڪتاب اوهان جي هٿ ۾ آهي. هن جلد ۾ ٽي ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن. ٽن مختلف ڪتابن کي هيڪاندو ڪرڻ ڪان پوءِ ان کي هڪ نئون نالو ڏيڻ ڏکيرڙو ڪم هو. ڇاڪاڻ تہ انهن مان هر هڪ ڪتاب پنهنجي ليکي اهميت جوڳو ۽ ڪنهن ڏاهي جي نظرين، سوچ ۽ فڪر جي عڪاسي ڪندڙ آهي. گهڻي ويچار ڪان پوءِ ۽ دوستن سان صلاح مصلحت جي نتيجي ۾ ان جو نالو ’ڏاهپ ساري ڏيهہ جي‘ رکيو اٿم. اميد تہ پڙهندڙن کي قبول پوندو. هونءَ بہ ابراهيم جويي صاحب جو چوڻ آهي تہ، اسان کي دنيا جي سيني اهم ڏاهپ جي ويچارن کي پنهنجائڻ گهرجي، نہ فقط پنهنجائڻ گهرجي، بلڪ انهن تي عمل بہ ڪرڻ گهرجي.

هن جلد ۾ ٽي اهم ڪتاب شامل آهن. پهريون برٽالٽ بريخت جو ڊرامو گليليو آهي، جيڪو سندس ڊرامي 'Life of Galileo' جو سنڌيءَ ترجمو آهي. اهو ترجمو ابراهيم جويي صاحب پاڻ ڪيو آهي ۽ سنڌي اديبن جي سهڪاري سوسائٽي لميٽيڊ حيدرآباد ان کي سيپٽمبر 1977ع ۾ شايع ڪرايو هو. هن ڊرامي کي تمام گهڻي مشهوري ملي. بريخت جي ڊرامن جو بنيادي موضوع ’انسان جو شرف‘ آهي. سندس هر ڊرامي مان اهو واضح پيغام ملي ٿو تہ دنيا ۾ رهندڙ انساني روش تي ويچارين، ۽ ان روش جي سببن ۽ سماجي محرڪات کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. سندس سڀيئي ڊراما ’انساني و

انسان پسند دنيا' جي سري هيٺ اچن ٿا. جن ۾ شديد ترين ذهني ڏک ۽ عذاب سان گڏ حساس رومانيت جا مثال بہ ملن ٿا.

جويي صاحب لکيو آهي تہ، 'گليلو' هڪ تاريخي ڊرامو آهي. ان ۾ سترهين صدي جي جڳ مشهور سائنسدان 'گليلو گليلي' جي شاندار شخصيت، ۽ علمي ڪارنامن، رومي ڪليسا جي مذهبي چريائپ ۽ علم دشمني، وقت جي حاڪمن ۽ امير طبقي جي ماڻهن جي خودپسندي، علم ناشناسي، بيقدري، هوس ۽ لالچ جي تصوير چٽيل آهي. ساڳي وقت ان دؤر جي اٽليءَ جي عوامي زندگيءَ تي بہ ڀرپور روشني وڌي ويئي آهي.

جويي صاحب تعارف ۾ 'اُستاد گليلو' جي زندگي ۽ ويچارن سان گڏوگڏ برٽالٽ بريخت جي زندگيءَ جي اڙانگن سفرن بابت پڻ ڀيرائتي ڄاڻ ڏيئي پڙهندڙن جو تجسس وڌائي ڇڏيو آهي.

جلد ۾ شامل ٻيو ڪتاب 'محڪريءَ جا مضمون' آهن. ان ڪتاب ۾ محڪريءَ جا 35 مضمون شامل آهن، جيڪي مختلف وقتن تي مختلف اخبارن ۾ انگريزيءَ ۾ شايع ٿيندا رهيا. جن جو ابراهيم جويو صاحب وقت بہ وقت ترجمو ڪري سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ڪرائيندو رهيو آهي.

ڊاڪٽر محڪري اسان جي ملڪ جو سماجي علمن جو برک ماهر هو، جنهن سماجي زندگيءَ جو تمام گهڻو ۽ گهرو اڀياس ڪيو هو. ڪيس سنڌ ڌرتي، سنڌي عوام ۽ سنڌ جي مسئلن سان گهري دلچسپي هئي، جنهن جو اظهار هن پنهنجي مضمونن ۽ اخباري ڪالمن ۾ ڪيو آهي. جويي صاحب جي ساڻس گهڻي نيازمندي هئي. پر ان نيازمنديءَ جو بنيادي ڪارڻ اهو هو تہ، ڊاڪٽر محڪريءَ جي سوچ، ويچار ۽ لاڙا اُهي ئي هئا، جيڪي جويي صاحب جا هئا. محڪري اهي مضمون ان دؤر ۾ لکيا جڏهن ملڪ ۾ اظهار جي آزاديءَ تي سخت پابندي هئي، تنهن هوندي بہ پاڻ لڳاتار لکندو رهيو. ڪتاب کي عظمت ادبي اڪيڊمي، حيدرآباد پاران 1985ع ۾ پهريون ڀيرو شايع ڪرايو ويو.

جلد ۾ شامل ٽيون ڪتاب 'بقول زرتشت' آهي، جيڪو فريڊرڪ نٽشي جي پيڙ الزبيٿ فارسٽر نٽشي ڪتاب جي انگريزي ترجمي 'Thus spake Zarathustra' جي مهاڳ ۾ ٻڌايو تہ، سندس ڀاءُ جو هي ڪتاب وجود ۾ ڪيئن آيو آهي. پر ساڳي وقت ابراهيم جويي صاحب، سنڌي ترجمو ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙن تائين ڪيئن پهتو، تنهن جي آکاڻي ٻڌائي آهي تہ اها نٽشي جي پيڻ جي ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ دلچسپ ۽ اُتساهيندڙ آهي. ڪتاب جي ترجمي کان ويندي اشاعت تائين جويي صاحب جيڪا جاکوڙ ڪئي آهي. سا پڻ ساراهڻ جوڳي آهي.

نٽشي پنهنجي ڪتاب ۾ جيئن ان جي نالي مان واضح آهي، پنهنجي آدرشي انسان کي 'زرتشت' جي نالي سان روشناس ڪرايو آهي. ڪتاب جي چئن ڀاڱن: جن مان فقط ٻن ڀاڱن جو ترجمو ٿي مليو آهي، هر ڀاڱي ۾ پنهنجي خطبن وسيلي 'زرتشت' جي انساني خدمتن کي بيان ڪيو اٿس. انساني خدمتون، قول ۽ فعل، علم ۽ عمل جي ٻن حوالن سان ئي اجاگر ٿي سگهن ٿيون، جن کي هن پنهنجي خطبن ۾ نهايت پيرائتي ۽ وڻندڙ انداز ۾ بيان ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ 44 خطبا شامل آهن، جڏهن تہ ڀاڱي ٽئين ۽ چوٿين ۾ اڃان 36 خطبا رهن ٿا.

مجموعي طور تي هن جلد جي ٽنهي ڪتابن ۾ دنيا جي عظيم ڏاهن جا ويچار سندن لکڻين جي صورت ۾ موجود آهن، جن پنهنجي پنهنجي دؤر ۾ پنهنجن لکڻين ۽ ويچارن وسيلي دنيا جي ماڻهن ۾ فڪر ۽ انساني روين بابت فلسفي ۽ ڏاهپ کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪراچي،
31 مارچ، 2015ع

**پروفيسر محمد سليم ميمڻ**
سيڪريٽري
محمد ابراهيم جويو سؤسالہ جشن ڪميٽي

# گَلِيلو

'برٽالٽ بريخت جي ڊرامي 'Life of Galileo' جو سنڌي ترجمه

# تعارف

’اُستاد گلِيلو‘ - هيءُ ڊرامو جڳ مشهور جرمن ڊراما نويس، ڊراما پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر، شاعر ۽ افسانہ نگار ’برٽالٽ بريخت‘ جي وڏن ۽ اهم ڊرامن مان هڪ آهي. بريخت هيءُ ڊرامو اُن وقت لکيو، جڏهن سندس وطن ۾ نسلي برتريءَ ۽ زور جي بالادستيءَ ۾ ايمان رکندڙ هٽلري ٽولي جي ’نازي طاقت‘ ايتري تہ اسري چڪي هئي، جو اُن پنهنجي قوت جي انڌ ۾ اچي، ظلم ۽ ڏاڍ جا دروازا اُتي کولي ڇڏيا هئا، ۽ اُن جي ئي هٿان دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٻيءَ وڏيءَ جنگ جا موتمار ۽ دلڏاريندڙ واقعا شروع ٿي چڪا هئا.

برٽالٽ بريخت 10 فيبروري 1898ع تي جرمنيءَ جي قديم شهر آگسبرگ (Augsburg) ۾ ڄائو. سندس پيءُ ڪاغذ جي هڪ ڪارخاني جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر هو. هن ابتدائي ۽ ثانوي تعليم آگسبرگ جي اسڪول ۾ ورتي. سن 1916ع ۾ هو ميونخ يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو، جتي هن جديد ٻولين، علم طب ۽ طبعي سائنس ۾ پنهنجي تعليم مڪمل ڪئي. 1918ع ۾ هن کي فوج ۾ گهرايو ويو، جتي هو طبي شعبي ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ بريخت جڏهن پنهنجي وطن موٽي آيو، تڏهن جرمني هڪ شڪست کاڌل ملڪ هو، جنهن ۾ چؤطرف بربادي، تباهي، اقتصادي بدحالي ۽ بي اطميناني هئي، ۽ اُن ۾ پوءِ بيروزگاري، بک ۽ ملڪ جي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ جو لاڳيتو خطرو ڪيترن ئي سالن تائين قائم رهيو.

سن 1920ع ۾ بريخت، ميونخ شهر جي هڪ مُک ڊراما ڪمپنيءَ ۾ ڊرامي جو صلاحڪار ۽ ايڊيٽر مقرر ٿيو، ۽ اُتي هن لاڳيتا ڪيترا سال ملڪ جي مشهور ڊراما پروڊيوسرن جو نائب ٿي ڪم ڪيو. اُنهيءَ وچ ۾ هن ڪيترائي پنهنجا ڊراما لکيا ۽ اسٽيج تي آڻي ڏيکاريا. سن 1928ع ۾ برلن ۾ هن جو لکيل ۽ اسٽيج ڪيل ڊرامو ‘The Three Penny Opera’ ايترو تہ مقبول ٿيو، جو ٿورن ئي ڏينهن ۾ هن جو نالو سڄي ملڪ ۾ مشهور ٿي ويو. ان کان هڪ سال اڳ هن جو شعري مجموعو ‘Domestic Breviary’ يعني ’گهريلو دعائن جو ڪتاب‘ جي عنوان سان ڇپجي پڌرو ٿي چڪو هو، جنهن

کي هڪ رومن ڪئٿولڪ نقاد 'The Devil's Prayer-Book' يعني 'شيطان جي دعائن جو ڪتاب' ڪري ڪوٺيو. بريخت افسانا بہ لکيا، جيڪي هن پوءِ 'Stories of Mr. Keuner' جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا، جنهن ۾ هن جا 1930ع کان 1956ع تائين واري عرصي جا لکيل افسانا شامل آهن.

سن 1933ع کان اڳ بريخت ڪيترائي ڊراما لکي اسٽيج تي ڏيکاريا. انهن مان خاص ٽن ڊرامن 'The Three Penny Opera' ، 'The MeasuresTaken' ۽ مئڪسم گورڪيءَ جي مشهور ناول 'ماءُ' جي ڊرامائي صورت جرمنيءَ جي عام پورهيت ۽ دانشور طبقي کي بيحد متاثر ڪيو ۽ انهن جي ڏسڻ ۽ پڙهڻ سانمنجهن جوش ۽ عمل جي هڪ اجهل برقي لهر ڊوڙي ويئي. نازي پارٽيءَ کي، جيڪا ترتِ ئي پوءِ ملڪي اقتدار تي قبضو ڪري چڪي هئي. برِيخت جون اهي انقلاب اُپاريندڙ تخليقون بلڪل پسند ڪو نہ هيون. نازي ٽولي حقيقت ۾ انهن سيني انسان دوست ۽ ترقي پسند قوتن کي نظر ۾ رکيو هو، جن جو عقلَ ۽ انصاف، انسان دوستي ۽ انساني عظمت ۾ ايمانِ هو. انهيءَ ڪري اقتدار ۾ اچڻ سان ئي نازين انهن ترقي پسند قوتن کيَ فوراً چيپاٽي ختم ڪرڻ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو. سن 1933ع ۾ نازين جو اُهو ظلم ۽ ڏاڍ ايترو وڌي ويو، جو بريخت وطن عزيز جي سر زمين کيِ الوداع چوڻ تي مجبور ٿي پيو. نازين ڪيترن ئي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن ۽ انهن جي ڪتابن تي پابنديون وڌيون، جن ۾ بريخت ۽ بريخت جا ڪتاب سرفهرست هئا. بريخت وطن ڇڏڻ لاءِ انهيءَ ڪري بہ مجبور ٿي پيو هو، جو ڪيس هيسائڻ ۽ خاموش ڪرڻ لاءِ متعصب عقيده پرست نازي جماعت جي دهشتي ٽولي هن جي ٻن سالن جي ابهم نياڻيءَ باربرا کي چورائي، پاڻ وٽ يرغمال ڪري رکيو، جنهن کي هڪ انگريز سماجي ڪارڪن محض اتفاق سان بچائي ورتو هو. اُنهيءَ حادثي جو پڙاڏو بريخت جي تمام مشهور ڊرامي 'The Caucasian Chalk Circle' ۾ ملي ٿو. بهرحال بريخت پنهنجي ملڪ مانِ ڀڄي نڪرڻ تي مجبور ٿيو، ۽ آسٽريليا، سئٽزرلنڊ ۽ فرانس مان ٿيندو، اتي ڪجھ وقت رهندو، نيٺ ڊينمارڪ ۾ اچي مقيم ٿيو، جتي 1939ع جي آرهڙ تائين رهيو پيو هو. ڊينمارڪ کان پوءِ بريخت ناروي جي اسٽاڪهوم شهر ۾ ويو، جتان سن 1940ع ۾ فنلئنڊ هليو ويو. جولاءِ 1941ع ۾ بريخت فنلئنڊ کان ڪئليفورنيا (آمريڪا) هليو ويو. انهيءَ رولڙِ ۽ خانہ بدوشيءَ ۾ بہ بريخت پنهنجو تخليقي

ڪم جاري رکيو ۽ ’Round Heads and Pointed Heads‘، ’ Fear and Misery‘، ’Senoza Carrar's Rifles‘ ۽ ’In the Third Reich‘ جهڙا اعليٰ ادبي ۽ فني شاهڪار تخليق ڪيائين، جن ۾ نازي ۽ فسطائي طاقتن تي سخت تنقيد ڪيل آهي. 1938ع کان 1941ع تائين بريخت جيڪي ٻيا ڊراما لکيا، انهن مان ’The Life of Galileo‘، ’Mother Courage‘، ’ herr Puntila and HisMan Matti‘ ۽ ’ The Good Woman of Setzuan‘، ’His, ManMatti‘ نالي ڊرامن هن جي شهرت کي ڏيهان ڏيهه پهچائي ڇڏيو.

بريخت جي سيني ڊرامن جو بنيادي موضوع ’انسان جو شرف‘، انسان جي انسان سان روش‘ ۽ ’انسان ذات جي گڏيل ڀلائي‘ آهي. انهن ڊرامن ۾ ڏسندڙن ۽ پڙهندڙن کي دعوت ڏنل آهي تہ هِن ڌرتيءَ تي، ۽ هِن انساني دنيا ۾،انسانن جي هڪٻئي سان روش تي ويچار ڪن، اُن جي سببن ۽ سماجي محرڪات کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. ڪڏهن انهن جي حمايت ۽ همٿ افزائي ڪن، تہ ڪڏهن اُنهن سان بغاوت ڪن. پر هميشہ پاڻ کان هيءُ سوال ضرور پڇن تہ جيڪڏهن هو پنهنجي سِر پاڻ انهن حالتن ۾ هجن تہ هُنن جو پنهنجو ردعمل ڪهڙو هوندو؟ بريخت جا اِهي ڊراما سڀ جا سڀ ’انساني ۽ انسان پسند دنيا‘ (’Humane Theatre‘) جي سِري هيٺ اچن ٿا، جن ۾ شديد ترين ذهني ڏک ۽ عذاب سان گڏ نازڪ ترين رومانيت جا مثال ملن ٿا، پر انهن ۾ ٿڪل ۽ هار ڪاڏل ذهن جي فراريت، پاڻ – هُرتائي، بي مقصد انتهائيت يا اجايو ابهام نہ آهي.

ٻي عالمي جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ برٿالٽ بريخت 1949ع ۾ آمريڪا ڇڏي، پنهنجي وطن موٽي ويو ۽ اوڀر برلن ۾ رهڻ لڳو. اتي هُن جو دلي آڌرڀاءُ ڪيو ويو ۽ برلن جو اُهو ساڳيو ٿئيٽر جتي هن جا ڪيترائي ڊراما هن جي وطن کان ٻي وطن ٿيڻ کان اڳ اسٽيج تي ڏيکاريا ويا هئا، هن جي حوالي ڪيو ويو. بريخت اُن ٿئيٽر ۾ پوءِ خاطر جمعيءَ سان پنهنجا تخليق ڪيل ۽ پڻ ڪلاسيڪي موضوعن تان وِرتل ڊراما اسٽيج تي ڏيکاريندو رهيو، ۽ زندگيءَ جي آخري دم تائين پنهنجي اُن محبوب فن ۽ روح جي ٻي انت ۽ اجهل اظهار جي ڪاوش ۾ مصروف رهيو. اُتي ئي، اوڀر برلن ۾، پنهنجي اُن دلپسند ٿئيٽر جي پرسان، 14- آگسٽ 1956ع تي جديد ڊرامي جي فن جو هيءُ عظيم ماهر دل جي ٿُنڻ سبب وفات ڪري ويو.

برٽالٽ بريخت اسٽيج ڊرامي جي فن، ٽيڪنيڪ ۽ فارم ۾ انيڪ ۽ نوان نوان تجربا ڪري، انهن ۾ انقلاب آندو. هو پاڻ پنهنجي ڪم کان متاثر ٿي، ڪڏهن ڪڏهن خوشدليءَ جي ڪيفيت ۾ چوندو هو تہ ”آئوننئين اسٽيج فارم جو آئن اسٽائن آهيان.“(1)

آمريڪي مصنف ۽ نقاد پيٽر بروڪ جي خيال مطابق، ”ٿئيٽر ۾ سنجيدگيءَ سان دلچسپي وٺندڙن مان ڪو بہ بريخت کان گوءِ نٿو کٽي سگهي. بريخت اسان جي زماني جي مرڪزي شخصيت آهي ۽ اڄ ٿئيٽر جو هر ڪو ڪم ڪِنهن نہ ڪنهن نقطي تي يا هن جي بيانن ۽ ڪارنامن سان شروع ٿئي ٿو يا موٽي اُنهن جي بيانن ڏانهن اچي ٿو.“(2)

برٽالٽ بريخت هيءُ ڊرامو ”گليلو جي زندگي“ (Life of Galileo) ٻہ ڀيرا لکيو هو: پهرين سن 1937-1939 وارِي عرصي ۾، ٻيءَ عالمگير جنگ کانِ اَڳ ۽ ٻيهر اُن جنگ کان پوءِ ٿوريءَ ڦيرڦار ڪرڻ سان سن 1945-1947ع ۾. اُنهيءَ آخري متن جي انگريزي ترجمي جو هيءُ سنڌي ترجمو اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

”گليلو“ هڪ تاريخي ڊرامو آهي. ان ۾ سترهين صديءَ جي جڳ مشهور سائنسدان ’گلِيلو گلِيليءَ‘ جي شاندار شخصيت ۽ علمي ڪارنامن، رومي ڪليسا جي مذهبي چريائپ ۽ علم دشمني، وقت جي حاڪمن ۽ امير طبقي جي ماڻهن جي خودپسندي، علم ناشناسي، بيقدري، هوس ۽ لالچ جي تصوير چٽيل آهي. ساڳئي وقت ان دؤر جي اٽليءَ جي عوامي زندگيءَ تي بہ ڀرپور روشني وڌي ويئي آهي.

گليلو گليلي سن 1564ع ۾ اٽليءَ جي شهر ’پيسا‘ ۾ ڄائو هو. هيءُ اُهو دؤر آهي، جڏهن علمي سجاڳي (Rénaissance) ۽ مذهبي اصلاح (Reformation) جهڙين تحريڪن سموري يورپ ۾ هڪ زبردست ذهني اٿل پٿل پيدا ڪري ڇڏي هئي: پراڻن قدرن جي زنجيرن جون ڪڙيون هڪ هڪ ٿي ٽٽي رهيون هيون ۽ وهمن، وسوسن ۽ انڌن عقيدن جا ڪوٽ، علم ۽ ڄاڻ جي تيز طوفانن لڳڻ ڪري، ڍڳي پري پٽ پئجي رهيا هئا. يوناني علم ۽ دانش ۽

---

(1) Mordecai Gorlik: "Theater Art", 1967

(2) Peter Brook: "The Epty Space", New York, 1969, P65.

اُنهيءَ تي عرب عالمن ۽ مفڪرن جي تشريحن، تنقيدن، تبصرن ۽ خود هنن جي ڪيل تجربن ۽ ڪوجنائن، قطب نما ۽ بارود جي ايجاد؛ راجربيڪن جي سائنسي تجربن؛ علم فلڪيات ۾ ڪاپرنيڪس ۽ رياضيءَ ۾ ڪلپر جي انقلابي مفروضن؛ ڪولمبس جي ساموندي سفرن ۽ نون نون ملڪن جي ڇانڊ، ڪاغذ ٺاهڻ جي هنر ۽ ڇاپي جي مشين جي ايجاد. فنون لطيفہ ۾ باڪمال استاد مائيڪل ائنجيلو، رافيل ۽ ليونارڊو ڊاونسي جي تصويري شاهڪارن - قديم علم ۽ عقيدي کي غلط ۽ باطل ثابت ڪري، اونداهي يورپ کي روشن ڪري ڇڏيو هو. ٻئي طرف جرمنيءَ ۾ مارٽن ليوٿر جي مذهبي تحريڪ رومي ڪليسا جي مذهبي تقدس جا چوڏا لاهي، اُن جي پرماريت کي اگهاڙو ڪري، ڪليسائيت جا بنياد ڏڪائيڇڏيا هئا. مطلب تہ ان دؤر ۾ هر ڳالهہ کي اکيون پوري قبول ڪرڻ ناممڪن ٿي پيو هو. هر ڳالهہ کي توري تڪي عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو پئي ويو ۽ عقيدي جي بدران شڪ، تحقيق ۽ تجربي کي وڏيڪ اهميت ڏني پئي وئي. پر ساڳئي وقت يورپ ۾ جاگيرداري ۽ بادشاهي نظام، جو صدين کان قائم هو، ۽ ان کي مسيحيت جي تقدس ۽ پوپ اعظم جي مضبوط ۽ وسيع پادريت ۽ اُن جي همہ گير تنظيم جي، جا حمايت ۽ پُشتي حاصل هئي، انهيءَ ڪري اُهو دور اُنهن آزادي پسند ۽ انسان دوست عالمن ۽ دانشورن جي لاءِ هڪ وڏي عذاب جو دؤر پڻ هو. جيڪي ذهني طور ۽ وس سارو عملي صورت ۾ پڻ اُن سچي جنوني ۽ مڪار، ايذا پسند ڏيل ۽ ڏهڪاءَ جو مقابلو ڪري رهيا هئا.

هڪ تمام ڊگهي اونداهي رات کان پوءِ يورپ ۾ سجاڳيءَ جي سج مس ڪَني ڪڍي هئي. پر ڪليسا جي رجعت پرست ٽولي انهيءَ سوجهري جي خلاف جهاد شروع ڪري ڇڏيو هو. هزارين ذهين، سچاڻ ۽ روشن ضمير انسان جهالت ۽ مذهبي ديوانگيءَ جو ٻڪ ٿي ويا. ڪيترن ئي عالمن ۽ سائنسدانن کي ڪافر ۽ ملحد، ديوانو ۽ پاڳل چئي باهہ ۾ ساڙيو ويو، ۽ ڪيترين ئي ذهين، باهمت ۽ حوصلہ مند عورتن کي ڏائڻ هُلائي، سنگسار ڪري ماريو ويو. فرانس جي مشهور فلسفي، رياضيدان ۽ سائنسدان پاسڪل (Pascal, 1623-1662) انهن حالتن جي تصوير هنن لفظن ۾ چٽي آهي. ”اوهين تصور ڪريو تہ اوهان جي اڳيان ڪيترائي انسان زنجيرن ۾ جڪڙيا بيٺا آهن. هُنن سيني تي موت جي سزا جو حڪم صادر ٿيل آهي. هُنن مان هر روز ڪن کي چڪي،

سندن ساٿين جي اڳيان موت جي سزا ڏني وڃي ٿي. هنن مان جيڪي پوئتي رهن ٿا ۽ جيڪي جيئرا آهن، تن ڪي پنهنجن انهن ساٿين جي تقدير ۾ پنهنجي تقدير صاف نظر اچي ٿي. هو هڪبئي ڏانهن ڏک ۽ نااميديءَ سان ڏسن ٿا ۽ پنهنجي واري جو انتظار ڪن ٿا. اِهو آهي اجوڪي انسانذات جي اصل حالت جو هڪ مثال."(3) اُنهيءَ دور جي سائنسدانن مان 'برونو' جو مثال موجود آهي. گيوردانو برونو (Giordano Bruno) گليلوَ جو همعصر اطالوي فيلسوف، سائنسدان ۽ پنهنجي وقت جو ذهين ترين مفڪر هو. هن پنهنجين تقريرن ۽ تحريرن ۾ ٻڌايو تہ ڪاپرنيڪس (1473ع-1543ع) جون سائنسي ڪوجنائون بلڪل درست آهن. برونو جي اُنهيءَ تصديق ڪي ڪليسا جي عالمن ۽ اثر ۽ اقتدار جي صاحبن دهريت، ڪفر ۽ ڪوڙ چئي، هن کي باھ ۾ ساڙڻ جو حڪم ڏنو ۽ اهڙيءَ ريت سچ چوڻ جي سزا ۾ برونو کي 17 فيبروري 1600ع تي روم شهر ۾ جيئري جلايو ويو.

اهڙي ئي عجيب دؤر ۾ جڏهن انسان پنهنجي بدبختيءَ جي چڪر ۾ ورتل هو ۽ نيڪي ۽ بديءَ جون قوتون پنهنجي پنهنجي اوج تي هيون، تڏهن سن 1592ع کان 1610 عيسويءَ تائين گليلو پيدوئا يونيورسٽيءَ ۾ عام رياضيءَ جو استاد مقرر ٿيل هو. اُنهيءَ ارڙهن سالن جي عرصي ۾ هن ڪيترين ئي سائنسي ڪوجنائون ڪيون. هن تجربا ڪري چرپر (حرڪت) ۽ تيز رفتاريءَ جا اوائلي اصول معلوم ڪيا ۽ ثابت ڪيو تہ مختلف وزن جون شيون جيڪڏهن ساڳي اوچائيءَ تان هيٺ ڪيرائبيون تہ هڪ ئي وقت، زمين تي ڪرنديون ۽ فاصلي مطابق انهن شين جي ڪِرڻ جي رفتار ۾ جيئن پوءِ تيئن تيزي ايندي رهندي. گليلو سڌاريل دوربيني، قطب نما ۽ ٿرماميٽر ايجاد ڪيا. جيتوڻيڪ سن 1608ع ۾ هالنڊ جي هڪ عينڪ ساز 'هانس لپرشي' ( Hans Lippershey)، هڪڙي حسن اتفاق سان، دوربيني ٺاهي چڪو هو، پر گليلو اُن اصول تي ڪم ڪري، هڪ اهڙي دوربيني ٺاهي، جنهن سان شيون هزار ڀيرا وڏيڪ وڏيون ۽ ٽيهوٽيون وڌيڪ قريب نظر ٿي آيون. هُن پوءِ اُنهيءَ دوربينيءَ جو رخ شمسي نظام جي مطالعي لاءِ آسمان ڏانهن ڦيرايو، جنهن سان تارا ۽ گرھ انساني اک جي وڌيڪ ويجهو ۽ وڌيڪ چٽا ۽ پڌرا ٿي پيا. گليلو سڀ کان

(3) بحوالہ: "Origin orf Culture" از P. Smith صفحو 363

پھرين اُن دوربينيءَ منجهان کيرڏارا (Milky Way) کي چٽائي ڏٺو، جنهن لاءِ عالمن توڙي عوام وٽ عجيب غريب نالا ۽ رڱيون خيالي ۽ ديومالائي سمجهاڻيون موجود هونديون هيون. گليلو جي دوربينيءَ ٻڌايو ته اهو ”نوح نبيءَ جي ٻيڙيءَ جو رستو“ نه پر تارن جو هڪ وڏو ميڙ آهي، جنهن ۾ هزارين لکين تارا ۽ تارن جا نظام موجود هئا. پنهنجي اُن دوربينيءَ سان هن چنڊ جو به مطالعو ڪيو ۽ ان جي ’غارن‘ کي ڏٺو، مشتري گرهه کي ڏٺو ۽ ان جي چئن چنڊن کي ڳولي لڌو. هن زهره گرهه کي ڏٺو ۽ ٻڌايو ته زمين وانگر اهو گرهه به سج جي چوڌاري ڦري ٿو. گليلو پنهنجي دوربينيءَ سان سج جو مشاهدو ڪري ڏٺو ته سج تي ’ڪارا داغ‘ آهن، جيڪي سدائين هڪ هنڌ نٿا ڏسجن ۽ اُنهن جي لاڳيتي مشاهدي کان پوءِ هن ٻڌايو ته سج به پنهنجي مدار تي ڦري ٿو، ۽ ان جي اها گردش 28 ڏينهن ۾ پوري ٿئي ٿي.

اهڙيءَ ريت، گليلو جي اُنهن سائنسي مشاهدن، تجربن ۽ کوجنائن انجيل مقدس جي فلڪي نظام بابت هر ڳالهه جي اِبٹن جا اُکيل ۽ نفي ڪئي، اُنهيءَ ڪري مسيحي دين جي علم باز دعويدارن ۽ اُن جي تقدس جي چوغن ۾ ويڙهجي ۽ اقتدار جي لٽ هٽ ۾ ڪٽي هلندڙن هن جي خلاف بدتميزيءَ جو هڪ ڀيانڪ طوفان اٿاري ڇڏيو. نيٺ سن 1615ع ۾ روم جي پوپ هُن کي پاڻ وٽ حاضر ٿي اُنهن مشاهدن ۽ کوجنائن بابت صفائي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو. اُتي پھرين ڪليسا جي عالمن گليلو جي مخالفت ۾ پنهنجا دليل ڏنا. پر گليلو جي جوابي دليلن سيني کي لاجواب ڪري ڇڏيو. انهيءَ علمي مناظري جو فيصلو هيءُ ٿيو، جو سائنس جي عالمن ڪاپرنيڪس ۽ ڪپلر جي ڪتابن تي بندش وڌي ويئي ۽ گليلو کي حڪم ڪيو ويو ته زمين جي چرپر ۽ ڦيري جي هو تعليم نه ڏئي ۽ ڪنهن به اهڙيءَ ڳالهه کي نه مڃي، جيڪا ديني تعليم جي خلاف هجي.

ڪليسا جي انهيءَ فيصلي گليلو کي ڏاڍو رنجايو. پر پابندين ۽ بندش هوندي به هن فلارينس جي شهر ۾ سج، چنڊ، زمين ۽ ٻين گرهن جي گردش جي موضوع تي ”دنيا جا ٻه عظيم نظام“ نالي ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن پنهنجن مشاهدن ۽ کوجنائن کي ورجايو ۽ انهن جي زوردار تصديق ڪئي. انهيءَ تي ڪليسا جي بزرگن کي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ هنن انهيءَ ڪتاب کي ضبط ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ گليلو کي، جنهن جي عمر ان وقت ستر ورهيه

هئي، روم جي احتسابي عدالت (Inquisition) ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڪيو ويو. اُتي ڪيترن ئي ڏينهن جي پڇا ڳاڇا ڪان پوءِ هن کي اهڙو تہ مجبور ڪيو ويو ۽ مختلف جسماني عذابن جو اهڙو تہ خوف ڏياريو ويو، جو هن لاچار ٿي چيو تہ ”آئونآڻ مچان ٿو، هاڻي اوهان جي هٿ وس آهيان ۽ اوهين جيڪي چوندؤ اهو ئي چوندس.“ انهيءَ تي ڪليسا جي طرفان هڪ ’توبهہ نامو‘ تيار ڪيو ويو، جيڪو گليلو احتسابي عدالت جي جلسي ۾ پڙهيو. ان مطابق گليلو پنهنجي سموري سائنسي تحقيق ۽ کوجنا کي باطل ڄاڻايو ۽ پنهنجن سيني علمي نظرين تان هٿ کڻي توبهہ تائب ٿيو.

گليلو پنهنجي باقي عمر جا ڏينهن پنهنجي گهر ۾ گذاريا، جتي مٿس چوڪسي رکڻ لاءِ ڪليسا جا پادري چاري ڪري ويهاريا ويا، تہ متان هو ڪو سائنسي مشاهدو يا تجربو نہ ڪري يا ڪو علمي ڪتاب نہ لکي. پر اُنهيءَ هوندي بہ ماٺ ميٺ ۾، رات جو لکي ڇپي، صرف چانڊوڪيءَ جي روشنيءَ تي، هُن پنهنجو آخري ڪتاب ”علمي مباحثا“ لکي پورو ڪيو ۽ اُن ڪوشش ۾ هن پنهنجي اکين جي روشني وڃائي ڇڏي ۽ هو نابينا ٿي پيو. پنهنجي گهر ۾ اٺ سال ايئن قيد ۾ رهڻ کان پوءِ 1642ع ۾ 78 سالن جي عمر ۾ هُن وفات ڪئي.

استاد گليلو جي عظيم الشان شخصيت جو بنياد سندس هن نظريي تي رکيل هو تہ وهم، وسوسا ۽ غير علمي عقيدا انسانذات لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيا آهن. ان جي ابتڙ علمي ۽ سائنسي کوجنائن جي وسيلي انسانذات کي ڪائنات جي ڳجهن کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ جو شعور حاصل ٿئي ٿو ۽ ان خوف ۽ خطري کان نجات ملي ٿي، جنهن جي اثر هيٺ صدين تائين انسان ذهني ۽ اخلاقي طرح ڇامڙا، لولا ۽ لنگڙا پئي رهيا آهن. تنهن ڪري اُن شعور ۽ ڄاڻ کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون، اُنهن جي راهہ ۾ رنڊڪون وجهڻ پوريءَ انسانذات تي ظلم ٿيندو. گليلو جو خيال هو تہ سائنسي کوجنائن ڪرڻ جي پوري آزادي هجڻ گهرجي ۽ اهڙيءَ طرح جيڪي نيون نيون ايجادون ٿين ٿيون، تن کي ڪنهن خاص طبقي يا گروهہ جي بدران انسانن جي عام ڀلائيءَ ۽ آسائش لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. سائنس جي اِنهيءَ سماجي ڪارج بابت گليلو جي اڏول عقيدي جو اظهار بريخت هنن لفظن ۾ ڪري ٿو، ”منهنجو چوڻ آهي تہ سائنس جو واحد مقصد هيءُ آهي تہ انساني زندگيءَ جي

ڏک ۽ سختي کي آسان بنايو وڃي، جيڪڏهن سائنسدان، خود - مفادي اقتدار جي صاحبن جي دٻاءَ ۾ اچي، علمُ محض علم خاطر وڌائيندا ۽ خوش ٿيا ويٺا رهندا، تہ اُن حالت ۾ سائنس پنگلي ۽ بي اثر بنجي سگهي ٿي، ۽ اوهان جون نيون مشينيون پوءِ رڳو هيٺَن کي چِيپاڻڻ جا نوان ذريعا ۽ نيون ترڪيبون بنجي وجود ۾ ايندِيون رهنديون ۽ اُنهن مان ٻيو ڪو انساني مفاد جو ڪارِج سِڌو ڪو نہ ٿي سگهندو. اِنهيءَ روءِ وقت گذرڻ سان ممڪن آهي تہ اوهين اُهو سِيڪجهہ ڳولهي سگهو ۽ لهي سگهو جيڪو ڳولهڻو ۽ لهڻو آهي، پر اوهان جو اُهو سڄو واڌارو اوهان کي انسان ذات کان دور نيئي سگهي ٿو، اُن جي ويجهو نٿو آڻي سگهي.“(2 - 161)

برٽالٽ بريخت هِن ڊرامي ۾ استاد گليلو جي تاريخي دؤر، سڄِي پس منظر ۽ هُن جي زندگيءَ ۽ ڪارنامن کي علامت طور استعمال ڪري اُنهن سائنسي ۽ سماجي مسئلن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي ويهين صديءَ جي ٻيءَ وڏيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي وقت، اُن جي پس منظر ۽ پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ سندس پنهنجي سڄي دور ۾ پيدا ٿيا هئا. ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ ۾، خاص طرح، هارائڻ ۽ کٽڻ ۽ جيت جو سڄو دارومدار انهن خطرناڪ جنگي هٿيارن تي هو، جن جي ايجاد سائنسدانن جي مدد کان سواءِ ممڪن نہ هئي. جرمنيءَ ۾ تہ اهڙا خطرناڪ جنگي هٿيار ٺهڻ لڳا هئا، جن جي استعمال سان ايترو تہ جاني ۽ مالي نقصان ٿي رهيو هو، جو انهن جي ٺاهيندڙ سائنسدانن کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ شرم ۽ پشيمانيءَ کان هنن جا ڪنڌ جهڪي ويا. سائنسي ايجادون انسانذات جي ڀلي ۽ آرام لاءِ استعمال ڪرڻ جي بدران مرڳو انسانذات کي نيست ۽ نابود ڪرڻ ۾ استعمال پئي ڪيون ويون. اُنهيءَ صورتحال ۾ ڪيترائي سائنسدان لڪ چوريءَ جرمنيءَ مان ڀڄي نڪتا ۽ ٻين ملڪن ۾ پناهہ وٺي معمولي زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا. انهن خطرناڪ ۽ موتمار جنگي هٿيارن جي ڊوڙ رڳو جرمنيءَ تائين محدود نہ هئي، پر جنگ ۾ شامل هر ملڪ پنهنجي حريف ملڪ کي نيست نابود ڪرڻ لاءِ انهيءَ ڊوڙ ۾ شريڪ ٿي ويو هو. نيٺ انهيءَ ڊوڙ ۾ آمريڪا ويهين صديءَ جو سڀ کان وڏيڪ خطرناڪ هٿيار، ائٽم بم، ٺاهي، سينيءَ کان گوءِ کٽي ويو.

بريخت هن ڊرامي جي 45-1947ع واري ترميمي مسودي متعلق پنهنجن اٽپورن نوٽن ۾ لکيو آهي تہ ”ياد رکڻ گهرجي تہ اسين ’گليلو جي زندگي‘

جو هيءُ ڊرامو اُن وقت ۾ اُن ملڪ ۾ اسٽيج ڪري رهيا هئاسون، جنهن ائٽم بم ايجاد ڪيو ۽ جنهن ان کي فوجي مقصد لاءِ استعمال ڪيو. ائٽمي طبعيات کي ڳجهو رکڻ لاءِ حد کان وڌيڪ خبرداري ڪئي ويئي هئي. جنهن ڏينهن ائٽم بم اڇلايو ويو هو، اِن ڏينهن آمريڪا ۾ جنهن بہ ماڻهوءَ کي اُن واقعي جي خبر ٿي پيئي، تنهن کان اُهو ڏينهن وسرڻ ڏاڍو مشڪل هو. اها خبر جڏهن لاس اينجلز جي شهر ۾ پهتي، تڏهن ماڻهن فوراً اِيئن بہ سمجهيو ٿي تہ خوفائتي جنگ جلدي ختم ٿي ويندي ۽ هنن جا پُٽ ۽ ڀائر واپس موٽي ايندا. پر اُنهيءَ سُک سان ٽمٽار ۽ خوشين ڀريل شهر ۾ غم ۽ الم جي هڪ وحشتناڪ لهر پڻ ڊوڙي ويئي هئي. مون پاڻ بس ڪنڊڪٽرن ۽ دڪانن تي شين وڪڻندڙ ڇوڪرين کي خوف ۽ هراس ۾ ٻڏل ڏٺو. اُها فتح هئي، پر اُن جي ڇوڏاري شڪست جو هڪ ڪڙو ذائقو بہ هو. اُنهيءَ کان پوءِ حڪمران سياستدانن ۽ فوج گڏجي قوت جي اُنهيءَ عظيم ذريعي کي ڳجهي رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي، جنهن تي دانشورن ۾ ڪاوڙ جي لهر ڊوڙي ويئي. تحقيق جي آزاديءَ کي ۽ ڪوجنائن جي معلومات جي ڏي وٺ ۾ سائنسدانن جي بين الاقوامي شراڪت کي اُنهن اقتدار پرستن ٻنجو ڏيئي ڇڏيو هو ۽ اُن لاءِ سندن هر قسم جي دليل دلائلن ۽ منطق ۾ ماڻهن کي ذرو بہ ڀروسو ۽ اعتبار نہ رهيو هو. طبعيات جا جڳ مشهور ماهر پوءِ حڪومت جي نوڪريءَ مان پنهنجي جان ڇڏائي ڀڄي ويا. هڪ مشهور معروف سائنسدان اهڙي هڪ گمنام نوڪري وڃي ڪئي، جتي هن کي طبعيات جا محض ابتدائي اصول سيکارڻا ٿي پيا، ۽ اهو اِن لاءِ ڪيائين تہ جيئن هُو، اُنهيءَ علم کي ٻاندي بڻائي رکڻ پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ وارن حاڪمن جي هٽ هيٺ ڪم ڪرڻ کان بچي سگهي. علم تي اقتدار جي قبضي واري اُن ماحول ۾ ڪا بہ نئين ڪوجنا يا ايجاد ڪرڻ هڪ وڏي بيعزتيءَ جي ڳالهہ هئي."

بريخت جي هِن ڊرامي جومرڪزي موضوع سچ جي لاءِ پرجوش عقيدت آهي. ڊرامي جو عظيم ڪردار، استاد گليلو، شروعات کان ئي سچ جي ڳولا ۾ آهي. هن جي ڪيترن ئي مڪالمن مان ان جي تصديق ٿئي ٿي. مثال طور:

"سچ وقت جي پيداوار آهي ۽ نہ سَندَ جي." (ص - 56). يا -

"اسين سائنس جا طالب آهيون.... اسان جو ڪم نہ آهي تہ پاڻ کان ٻيهي پڇون تہ سچ اسان کي ڪيڏانهن ٿو وٺي وڃي." (ص - 57). يا —

”جنهن کي سچ معلوم نہ آهي، رڳو هڪ احمق آهي. پر اُهو جيڪو سچ ڄاڻي ٿو ۽ اُن کي ڪوڙ ٿو سڏي، سو هڪ خطرناڪ رهزن آهي.“(ص:101)

گليلو سچ جو حامي آهي، هو سچ کي سڃاڻي ٿو، سچ جو پرچار ڪري ٿو. هو ذهن جي آزاديءَ ۽ اظهار جي آزاديءَ جو نقيب آهي. پر جڏهن مسيحي ڪليسا جي احتسابي عدالت هن کي اُنهيءَ کان منع ڪري ٿي، هن کي عذابن کان ڊيڄاري ٿي، تڏهن هو مصلحت کي ئي ضروري سمجهي ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ ان جو ڪارڻ گليلو جي وڏيءَ عمر هجڻ ڪري سندس جسماني ڪمزوري هجي. پر انهيءَ سخت امتحان مان گذرڻ کان پوءِ بہ ”چرپر (حرڪت) جي موضوع تي هن جي آخري ڪتاب لکڻ ۽ اُن لاءِ پنهنجي اکين جي نورَ وڃائي ڇڏڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ زندگيءَ جي ڪنهن ڏکيءَ کان ڏکيءَ نازڪ گهڙيءَ ۾ بہ هن جي پنهنجي مقصد کي ڪڏهن نہ وساريو. هڪ روايت مطابق احتسابي عدالت ۾ توبهہ نامي پڙهڻ کان پوءِ گليلو پنهنجي هڪ ساٿيءَ کي جيڪو هن جي پرسان بيٺو هو، ڪن ۾ چيو تہ ”ڌرتي اڃا بہ ڦري پئي.“ اهڙيءَ ريت سائنس جي بقا ۽ سلامتيءَ خاطر استاد گليلو سائنس دشمن ٽولي سان وقتي مصالحت ڪري هڪ نئين اخلاقيات کي پڻ جنم ڏنو. حقيقت ۾ گليلو جي دؤر ۾ هڪ نئين زماني جي شروعات ٿي چڪي هئي. بريخت گليلو جي زباني ڊرامي جي پهرئين ڏيک ۾ چورائي ٿو:

”آئونجڏهن جوان هوس تڏهن هڪ ٻيري بہ رازا ڏٺم تہ پنجن منٽن جي دليلبازيءَ کان پوءِ، هنن پٿر جي ڇپن کي مٽي پهچائڻ جو ڇڪ ڇڪان ۽ ڏڪ ڏڪان وارو هزار سالن جو پراڻو طريقو ڇڏي، هڪڙو نئون ۽ وڌيڪ ڪمائتو، پُلي ۽ بيرم وارو طريقو، ڪم آڻڻ شروع ڪري ڏنو. اُتي ۽ اُنهيءَ مهل مون سمجهيو تہ پراڻو زمانو پورو ٿيو ۽ نئون زمانون اسان وٽ اچي چڪو آهي.“(ص - 4)

انهيءَ ساڳئي ڏيک ۾ اڳتي هلي گليلو وري چوي ٿو:

”سچ پڇين تہ اسان جي دنيا ۾ نئين دؤر جو پهريون سج ايري چڪو آهي - اهڙو هڪ عظيم دؤر جنهن ۾ ٿلهو جيئڻ بہ ثواب آهي.“ (ص - 8)

گليلو سترهين صديءَ ۾ هڪ عقلي ۽ سائنسي دؤر جي چائنٽ تي بيٺو هو. چؤطرف ڏاڍ ۽ هٺ ڌرميءَ جي پابندين جي هوندي بہ هن انسانذات جي مستقبل کي روشن ۽ تابناڪ ڏٺو. اهڙيءَ حالت ۾ ڪليسا جي احتسابي

عدالت جي اڳيان مصلحت پريو جواب ڏيئي، هن سائنس جي روشن راهن کي جهالت، ڪٽرپڻي ۽ دقيانونسيت جي تاريڪيءَ ۾ ٻڏڻ کان بچائي ورتو.

سترهين صديءَ جي هن عظيم سائنسدان گليلو جي شاندار شخصيت، علمي ڪارنامن ۽ قربانين کي تمثيل طور استعمال ڪري، برٽالٽ بريخت ويهن صدينءَ جي اُنهن هر قسم جي مفاد پرست طاقتن کي پنهنجي تنقيد ۽ طنز جو نشانو بڻايو آهي، جن، سترهين صديءَ جي ڪليسائي حاڪمن وانگر سائنسدانن کي، يعني انهن جي عقل ۽ علم کي، پنهنجي مرضيءَ ۽ مفاد مطابق هلائڻ تي گهريو. گليلو احتسابي عدالت ۾ مصلحت کان ڪم وٺي، سائنس کي ڪليسا جي اقتدار مان ڪڍي بچائي ورتو. پر عجب تہ ويهينً صديءَ ۾ سائنسدانَ سامراجي چنبن مان پاڻ ڇڏائي نہ سگهيا ۽ هِن صديءَ ۾ فتح نيٺ سامراجي طاقت جي ئي ٿي. اُنهيءَ جي حڪم سان ۽ اُنهيءَ جي نظرداريءَ ۾ ائٽم کي ٽوڙڻ جو تجربو ڪامياب ٿيو، ۽ آخرڪار آمريڪا هن صديءَ جو اهو موتمار جنگي هٿيار ”ائٽم بم“ جپان جي ٻن شهرن هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي اڇلائي، تباهيءَ ۽ بربادي‎ءَ جو هڪ اهڙو نظارو ڏيکاريو، جنهن کي ڏسي، پوريءَ انسانذات کان خوف، ڏک ۽ ڪاوڙ وچان رڙ نڪري ويئي.

ويهين صديءَ جو اِهو عظيم اَلميو ئي آهي، جنهن کي بيان ڪرڻ لاءِ برٽالٽ بريخت ”گليلو“ ڊرامي کي علامت طور استعمال ڪيو آهي. هِن اَلميي جو شڪار اڄ بہ هر اُهو ملڪ ۽ هر اُهو سماج آهي، جتي زور ۽ مفاد پرستي علم ۽ اقتدار تي قابض آهي. اسين پاڻ بہ اڄ هِن اَلميي جا اُهڙا ئي شڪار آهيون، جهڙو استاد گليلو گليليءَ جو سترهين صديءَ وارو اطالوي يا سڄو يوروپي سماج هو. ويهين صديءَ جو اُهو خوف، ڏک ۽ ڪاوڙ ئي آهي، جيڪو تحرڪ ۾ اچي، تنگ نظريءَ، تعصب ۽ اقتدار جي انڌ کان انساني روح کي نجات ڏياري سگهندو، ۽ انسان جي دل اميد، خوشيءَ ۽ کهل جي سوجهري سان روشن ٿيندي، ۽ هو پنهنجي لاءِ هِن دنيا ۾ علم، انصاف ۽ محبت جي جنت تعمير ڪري سگهندو.

حيدرآباد -سنڌ

4-9-1977ع

# (1)

# پيدوئا يونيورسٽيءَ ۾ رياضيءَ جو استاد، گليلو گليلي، ڪاپرنيڪس جي نئين شمسي نظام کي ثابت ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو

عيسوي سن جي سورنهن سؤ نائين سال ۾
سائنس جي روشنيءَ جو شعاع ٿيو.
پيدوئا شهر جي هڪ ننڍڙي گهر ۾
گَليلو گَلِيليءَ ثابت ڪرڻ شروع ڪيو
ته سج بيٺو آهي ۽ ڌرتي هلي ٿي.

## پيدوئا ۾ گَلِيلو جي مطالعي جو مختصر ڪمرو

[صبح جي مهل آهي. گهر هلائيندڙ خادم جو پٽ، آئندري، کير جو گلاس ۽ مانيءَ جو روٽ آڻي ٿو. ]

گليلو[پُٺن تي پاٽي نائيندي، ڦونگارا ڪيندي، خوشدليءَ سان] : کير ميز تي رک - پر ڏس، متان منهنجو ڪو ڪتاب هيٺ مٿي ڪري ڇڏين!

اٿندري: امان چوي ٿي ته کير واري کي پيسا ڏيڻا آهن. نه ڏينداسين، ته هو پنهنجي گهر جي چوڌاري ڦرندو رهندو.

گليلو: اِيئن نه چئبو آهي، اَئندري! چئو ته ”پوءِ هو اسان جي چؤڌاري چڪر ڪاٽيندو رهندو.“

اٿندري: ٺيڪ آهي، گليلو سائين! جيڪڏهن پيسا نه ڏينداسين ته هو اسان جي چوڌاري چڪر ڪاٽيندو رهندو.

گليلو: يلا، هو پاڻ وارو بيلف قرض وٺڻ لاءِ ٻن ٽٻڪن جي وچ ۾ ڪهڙي قسم جي ليڪ وٺي اسان ڏانهن ايندو؟

اِئنڊري[مشڪندي] : ننڍي ۾ ننڍي.

گليلو: ٺيڪ. تو لاءِ اِج مون هڪڙي ٻي شيءِ رکي آهي. تارن جا چارٽ هٽائي، پٺيان ڏس.[اِئنڊري جھٽ جھٽ ۾ تارن جا چارٽ پري ڪري، بطليموس جي ارضي نظام جو هڪڙو وڏو ڪاٺ جو ماڊل ڪڍي ٿو.]

اِئنڊري: هيءُ ڇا آهي؟

گليلو: اِهو ڏيکاري ٿو تہ پراڻي دور جي ماڻهن جي چوڻ موجب تارا ڌرتيءَ جي چوڌاري ڪيئن ٿا ڦرن.

اِئنڊري: ڪيئن ٿا ڦرن؟

گليلو: ماڊل کي جانچي ڏس. منڍ کان وٺي ڪڻ، ها، ٻڌاءِ!

اِئنڊري: هيءُ وچ ۾ هڪڙو ننڍڙو پٿرو آهي.

گليلو: اِها ڌرتي آهي.

اِئنڊري: اُن جي چوڌاري گولا آهن — هڪڙن جي ٻاهران ٻيا.

گليلو: گولا نہ چئو! چرخ چئو! گنبذ چئو! آسمان چئو! گھڻا آهن؟

اِئنڊري: آٺ.

گليلو: اِهي بلوري آسمان آهن — بلوري گولاوان چرخ، ڇتين سميت!

اِئنڊري: ۽ اِنهن تي ڪينهن جھڙا ننڍا ننڍا گولا جَڙيل آهن.

گليلو: اِهي تارا آهن.

اِئنڊري: هتي ڇنڪيون بہ لڳل آهن. هنن تي تہ لفظ لکيل آهن!

گليلو: ڪھڙا لفظ؟

اِئنڊري: تارن جا نالا.

گليلو: پڙهي ٻڌاءِ.

اِئنڊري: سڀ کان هيٺيون گولو چنڊ آهي - اِهو اِن تي لکيو پيو آهي ۽ چنڊ کان مٿي سج آهي.

گليلو: هاڻي سج کي چور.

اِئيڊري: [سج کي چوري ٿو تہ اُن سان گڏ چرخ بہ چري ٿو]: ڳالھ تہ سٺي آهي، پر اسين تہ هِنن چرخن ۾ چوڌاري بند ٿيا پيا آهيون.

گليلو: [ٻت کي ٽوال سان سڪائيندي]: هائو، مون بہ جڏهن اِهو پھرين ڏٺو هو، تہ اِيئن محسوس ڪيو هو. ڪي ماڻهو اِهو ماڊل ڏسي، سچ پچ

ايئن محسوس ڪندا آهن.[نوال اَئنبريءَ ڪي اِچلائي ڏني تو تہ هو سندس پنا اگهي.] هي پتيون ۽ چرخ ۽ هيءَ گهٽ! پورا بہ هزار سال ماڻهن ايئن پئي مڃيو آهي تہ سجُ، چنڊُ ۽ آسمان جا ٻيا سڀ تارا سندن چوڌاري ڦرندا تا رهن. پوپ، وڏا وڏا پادري، بادشاهہ، عالمر، ڪپتان، واپاري، ماهيگير، هاري ناري ۽ مڪتبن جا اُستاد، خطابي - سڀ ايئن سمجهندا هئا تہ هن بلوري چرخ جي وچ ۾ هو بند ٿيا، گهُٽيا ويٺا آهن. پر هاڻي اَئنبري، اسين پولار ۾ آزاد اڳتي وڌي رهيا آهيون. ڇاڪاڻ تہ پراڻو زمانو گذري ويو، ۽ هيءُ نئون زمانو آهي. گذريل سڄي صدي ايئن پئي لڳو، ڄڻ ڪنهن طرح ڪا وڏي ڳالهہ ٿيڻ واري آهي، ۽ هي پورا سؤ سال ماڻهن جي دل ۾ اُن جو انتظار پئي رهيو آهي.

شهر تنگ آهن ۽ ماڻهن جا ذهن بہ تنگ آهن. هڪڙن ۾ پليگ ۽ ٻين ۾ ڀرمر، وسوسا ۽ تعصب، پر هاڻي اسين چئون ٿا تہ اڄ جيڪي آهي، سياڻي اِهو اِيئن نہ رهندو. ڇاڪاڻ تہ هر شيءِ چرپر ۾ آهي، اَئنبري. آئونسمجهان ٿو تہ پهرين اِها چرپر ۽ هلچل جهازن وسيلي شروع ٿي. ماڻهن پنهنجيءَ سانير ۾ رڳو ڪنارن ئي ڪنارن سان ٿاڦوڙا پئي هنيا ۽ تاريون پئي پاتيون: پوءِ اوچتو ئي اوچتو هو ڪنارا ڇڏي، پري اونهي ۾ نڪري ويا ۽ اڱهور سمنڊ لتاڙي اڳتي وڌي ويا.

پوءِ اسان جي پراڻي ڪنڊ ۾ افواهہ اُٿيا تہ 'ٻيا ڪنڊ بہ آهن!' ۽ جيئن ئي اسان جا جهاز اتان ٿِي آيا، تہ سيني ڪنڊن ۾ ڳالهہ هُلي ويئي تہ اجهاڳ ۽ دهشتناڪ سمنڊ ماڻهوءَ جي اڳيان ايئن آهن، جيئن ڍنڍون ۽ ڍورا! ۽ دل ۾ هڪ اَجهل خواهش اُڀري آئي تہ سيني شين جا، سيني ڳالهين جا، سبب جانچجن ۽ احوال معلوم ڪجن: پٿر ڪي ڇڏيون ٿا تہ ڇو ٿو هيٺ ڪري، ۽ هوا ۾ اڇليون ٿا تہ ڇو ٿو مٿي وڃي! اڄ اُهو ڪو ڏينهن ڪونهي، جڏهن ڪا نہ ڪا نئين ڳالهہ نتي معلوم ٿئي. سؤ سالن جا پوڙها بہ پنهنجا ٻوڙا ڪن سَرلا ڪيو، ننڍن کان پڇندا ٿا رهن تہ 'خبر ڏيو، آهي ڪا نئين ڳالهہ!'

اڳي ئي دنيا ۾ گهڻو ڪجهہ ليپي چڪو آهي، پر اجا بہ گهڻو ڪجهہ ليٽو آهي. اهڙيءَ طرح هر دور ۾ نين پيڙهين لاءِ نيون ڳالهيون ۽ نوان ڪم موجود آهن.

آئونجڏهن جوان هوس، تڏهن هڪ پيري پر رازا ڏنم تہ پنجن منٽن جي دليلبازيءَ کان پوءِ، هنن پٽر جي چپن کي مٽي پهچائڻ جو چڪ چکان ۽ ڏک ڏکان وارو هزارن سالن جو پراڻو طريقو ڇڏي، هڪڙو نئون ۽ وڏيڪ ڪمائتو، پُليءَ ۽ بيرم وارو، طريقو ڪم آڻڻ شروع ڪري ڏنو. اُتي ئي ۽ اُنهيءَ ئي مهل مون سمجهيو تہ پراڻو زمانو پورو ٿيو ۽ نئون زمانو اسان وٽ اچي چڪو آهي، جلد ئي بني نوع انسان کي پنهنجي هِن گهر بابت سچي حقيقت معلوم ٿي ويندي - يعني اُنهيءَ آسماني جسم بابت، هِن ڌرتيءَ بابت، جنهن تي هو آباد آهن. جو ڪجهہ پراڻن ڪتابن ۾ لکيل آهي، اُهو وڏيڪ کين مطمئن نٿو ڪري سگهي.

چاڪاڻ تہ جتي هزار سال فقط مجتا ۽ ويساهہ هو. اُتي هاڻي شڪ جاڳي چڪو هو. سڄي دنيا چوي ٿي: 'هائو، برابر اِهو ڪتابن ۾ لکيل آهي، پر هاڻي اچو تہ پاڻ پنهنجي سر بہ اُهو ڏسون!' وڏي ۾ وڏا مقدس سچ بہ اڄ جڏهن ٻڌجن ٿا، تڏهن ماڻهو هڪٻئي کي نونئيون پيا هڻن، جنهن شيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪو شڪ نہ هو، اُها هاڻي وڏي شڪ هيٺ آهي.

۽ اِنهيءَ ڪري وڏو طوفان اُٿي پيو آهي، جنهن جي زور تي بادشاهن ۽ مقدس پادرين جي سون ۽ چانديءَ سان پريل چوغن جا ڳرا پلاند مٿي کڄي ويا آهن ۽ هيٺان اُنهن جون ٻُنڊن جهڙيون سٽيون جنگهون ۽ ڪائين جهڙيون سڪل جنگهون ظاهر ٿي پيون آهن - جيڪي ڏسون ٿا تہ بنهہ اسان جي جنگهن جهڙيون آهن، 'آسمانن' ۾ ڏٺوسون تہ اُتي بہ ڪجهہ ڪو نہ هو.

پئي پاسي ڌرتيءَ تي وهندڙ پاڻي، نهرون ۽ آبشار اسان جا نوان نوان چرخا ۽ نيون نيون چڪيون پيا هلائين، ۽ بندرگاهن تي 'سِڙهن ۽ رسين تي ترندڙ محلن' ۾ پنج پنج سؤ هٿ گڏجي نئين نئين طريقي جا نوان نوان ڪم ڪري رهيا آهن.

منهنجي هيءَ اڳڪٿي آهي تہ، اسان جي جيئري، تارن جي علم جون ڳالهيون عام رستن تي ۽ بازارين ۾ عام ماڻهو، ايندي ويندي، هڪٻئي کي سڏي، بيهاري، هڪٻئي سان ڪندا رهندا وقت اچي رهيو آهي، جڏهن ڪورين ۽ موچين جا پٽ بہ اسڪول ۾ ويندا.

شهرن جا ماڻهو، جيڪي نين شين جي چاکڻ جو مزو وٺي چڪا آهن، سي جڏهن ٻڌندا تہ فلڪيات جي نئين علم موجب ڌرتي بيٺل نہ آهي پر آزاد، کُليل پولار ۾ هلندي رهي ٿي، تڏهن ڏاڍا خوش ٿيندا. اڄ تائين اِيئن پئي چيو ويو آهي تہ تارا اسان جي مٿان بلوري چرخ جي ڇت ۾ مضبوط جَڙيا پيا آهن تہ جيئن هيٺ ڪِري نہ پون. پر هاڻي اسان کي اُنهن جي ڪِرڻ جو ڊپ ڪونهي ۽ اسان اُنهن کي مٿي اُڏامڻ لاءِ بي انت پولار ۾ آزاد ڇڏي ڏنو آهي - بلڪل ايئن جيئن اسان جا جهاز اگهور سمنڊن ۾ آزاد ۽ پرپور رفتار سان هاڪاريندا اڳتي وڌندا ٿا رهن.

۽ اسان جي ڌرتي پوري مزي سان سج جي چوڌاري ڦرندي ۽ چڪر ڏيندي رهي ٿي، ۽ اُن سان گڏ اسان جا گرا گنجا، هاري ناري، موچي مهاڻا، واپاري، شهزادا ۽ خود اسان جو مقدس پوپ ۽ سندس وڏا وڏا پادري بہ اُن سان گڏ ڦرندا ٿا رهن. رات وچ ۾ ڪائنات جو مرڪز وڃائجي ويو، پر هئي ڏينهن سج ايرندي اُن جا ڪيئي مرڪز ليي پيا. هاڻي اُن جو هر هنڌ مرڪز آهي، ۽ جي ناهي تہ ڪٿي بہ ڪونهي، اوچتو ئي اوچتو اسان جي دنيا، حد ۽ حساب کان ٻاهر وڌي، وشال ٿي پيئي آهي.

اسان جا جهاز پري پري سمنڊن تي هاڪاريندا ٿا رهن، ۽ اسان جا تارا بي انت پولار ۾ اڳتي ۽ نت اڳتي وڌندا ٿا رهن. ايئن معلوم ٿو ٿئي ڄڻ تہ خود شطرنج جا بادشاهہ ۽ وزير سڄيءَ بساط تي گشت ڪرڻ لاءِ پنهنجن پنهنجن خانن مان قدم رنج فرمائي، ٻاهر نڪري چڪا آهن.

هُو، شاعر ڇا چيو آهي؟ 'او! صبح جا پهريان ساهہ سيبائيندڙ ڪرڻا...'.

اَئنڊري: 'او! ايرندڙ سج جا پهريان ساهہ سيبائيندڙ ڪرڻا!
'او نَون ۽ ڏورانهن ڪنارن جي هوا جي مست سڳنڌ!'

پر پهرين توهين کير پي ڇڏيو! نہ تہ اِجهي ٿا وري ماڻهو اچڻ شروع ڪن.

گليلو: ڪالهہ جيڪي تو کي ٻڌايو هوم، سو تو سمجهيو؟

اَئنبري: چا؟ هوءَ ڪاپرنيڪس جي ڳالھ، ۽ هُن جي گردش بابت؟
گليلو: هائو.
اَئنبري: نہ. اِها آئونڪيئن سمجهي سگهندس! اِها تہ ڏاڍي ڏکي ڳالھ آهي. آئوناچا يارنهن سالن جو ئي مس ٿيو آهيان.
گليلو: آئونخاص طرح تو کي ٿو چوان تہ تون اِها ڳالھ سمجھ. ۽ اِنهيءَ ڪري تہ آئونايترو ڪم ٿو ڪريان ۽ ڪير واري کي ڏيڻ بدران هيترا مهانگا ڪتاب ٿو وٺان - تہ جيئن تو جهڙا سجاڳ ۽ سهڻا جوان اِها ڳالھ سمجهي سگهن.
اَئنبري: پر آئونتہ اکئين ڏسان پيو تہ صبح جو سج جتي هو، سانجهيءَ مهل اُتي نہ پر ٻيءَ جاءِ تي بيٺو آهي. پوءِ آئونڪيئن چوان تہ اُهو هڪ هنڌ بيٺو آهي؟ سمجهان بہ تہ آخر ڇا سمجهان!
گليلو: تون ڏسين ٿو! ڇا ٿو ڏسين؟ تون ڪجھ نٿو ڏسين. تون رڳو اکيون ڦاڙي پيو نهارين. اکيون ڦاڙي نهارڻ کي ڏسڻ ڪو نہ چئبو آهي.[هو لوھ جي گينڊي کڻي، ڪوٺيءَ جي وچ تي رکي ٿو.] چڱو، سمجھ تہ هيءُ سج آهي. هاڻي ويهي رھ. [اَئنبري هڪڙيءَ ڪرسيءَ تي ويهي ٿو رهي. گليلو هن جي پٺيان تي بيهي ٿو.] هاڻي ٻڌاءِ، سج ڪٿي آهي؟ تنهنجي ساڄي پاسي آهي يا کاٻي پاسي؟
اَئنبري: کاٻي پاسي.
گليلو: اِهو هاڻي تنهنجي ساڄي پاسي ڪيئن ايندو؟
اَئنبري: توهين کڻي ان کي منهنجي ساڄي پاسي رکو - بس!
گليلو: ڇا، اِن جو رڳو اِهو ئي هڪ رستو آهي؟ [ڪرسيءَ سوڌو هُن کي مٿي کڻي، اڌ ڦيرو ڏياري، اُتي ئي رکي ٿو ڇڏيس.] هاڻي ٻڌاءِ، سج ڪٿي آهي؟
اَئنڊري: منهنجي ساڄي پاسي!
گليلو: ڀلا اِهو ڪجھ چُريو؟
اَئنڊري: نہ! بلڪل نہ!
گليلو: تہ پوءِ ڪير چُريو؟
اَئنڊري: آئونچُريس.
گليلو: [دانهن ڪري]: غلط، احمق! ڪرسي چري.

اَئنڊري: پر آئونبہ تہ اُن سان ئي گڏ ويس.

گليلو: برابر، تون اُن سان گڏ وئين. ايئن سمجهہ تہ هيءَ ڪرسي ڌرتي آهي ۽ تون اِن تي ويٺو آهين.

سينورا: (مائي) سارتي [بستري نيڪ ڪرڻ لاءِ اندر آئي آهي ۽ لقاءُ ڏسي رهي آهي] اي گليلي سائين! ڪجهہ خيال ڪريو! اِهو منهنجي پٽ کي ڇا پيا ڪريو؟

گليلو: مائي سارتي، ڏسڻ ٿو سيڪاريانس.

سينورا سارتي: ڏسڻ ٿا سيکاريوس! سو ڪرسيءَ سوڌو ڪوٺيءَ ۾ ڪٽي پيا ڦيرايوس!

اَئنڊري: اَمان، تون ماٺ ڪر. تون نٿي سمجهين.

سينورا سارتي: آئوننٿي سمجهان؟ پر تون سمجهين ٿو، هان؟ - گليلي سائين، هڪڙو جوان نينگر پڙهڻ آيو آهي. ڪپڙين لٽي نهيل آهي، ۽ سفارش جو بہ ڪو خط ساڻ اٿس. [اُهو هن کي ڏئي ٿي.] توهين تہ منهنجي اَئنڊريءَ کي سياڻي سيڪاريندا تہ بہ ۽ بہ پنج ٿا ٿين! توهان کان ٻڌي، هڪ جي ٻي تہ هونئين ئي ڪريو ويٺو آهي. هاڻي ڏسوس، ڪالهہ شام جو مون کي ويٺو آهي سمجهائڻ تہ ڌرتي ٿي سج جي چوڌاري ڦري! ڪاپرنيڪس نالي ڪو چڱو مڙس ڪٿي ٻڌو اٿس تہ اُنهي اِيئن ڏٺو آهي!

اَئنڊري: استاد گليلي، ڪاپرنيڪس اِيئن ثابت ڪين ڪيو آهي؟ توهين پاڻ امان کي ٻڌايو.

سينورا سارتي: ڇا! سو، توهين سچ پچ هيءَ بڪواس هِن کي سيڪاريو ٿا؟ تہ هيءُ سڄي اسڪول ۾ اِها بڪ بڪ ڪندو وتي! ۽ سياڻي پادري سڳورا ڊوڙندا مون وٽ اچن تہ جهل پنهنجي هن سياڻي پٽ کي، جو ڪفر ٿو بڪي! گليلي سائين، توهان کي ڪجهہ تہ خيال ڪرڻ گهرجي.

گليلو: اسان جيڪي ڪجهہ ڏٺو آهي ۽ جانچيو آهي - ۽ اسين، سينورا سارتي، اِن تي وڙهيا جهڙيا بہ ڏاڍا آهيون — اُن مان اَئنڊريءَ ۽ مون اهڙا ڪي سچ لڌا آهن، جيڪي دنيا کان لڪائي نٿا سگهون. سچ پچين تہ اسان جي دنيا ۾ نئين دور جو پهريون سج اُڀري چڪو آهي اهڙو هڪ عظيم دور، جنهن ۾ ٿلهو جيئڻ بہ ثواب آهي.

سينورا سارتي: چڱو چڱو! پر اميد تہ هن نئين دور ۾ اسين کير واري جا پيسا ڏيئي سگهنداسين [سفارش واري خط ڏانهن اشارو ڪندي،] سائين گليلي، هڪڙي سا مون تي مهرباني ڪجو ـــ ڏسجو متان اِنهيءَ ڪي بہ موٽائي ڇڏيو. مون کي کير جي پيسن جي ڏاڍي ڳڻتي آهي. [وڃي ٿي.]

گليلو [کلندي] : پهرين مون کي کير پيئڻ تہ ڏي! [اَئندريءَ کي:] تَنهن جي معنيٰ تہ ڪالهہ اسان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڳالهہ سمجهي هئي!

اَئندري: مون هن کي رڳو تپرس ۾ وجهڻ لاءِ اِها ساڻس ڳالهہ ڪئي هئي. پر مون کي اِها صحيح ڳالهہ ڪا نہ ٿي لڳي. آئونجڏهن ڪرسيءَ ۾ هوس، تڏهن توهان اُن کي رڳو گول ڦيرو ڏنو- پر هيئن نہ [پنهنجيءَ ٻانهن سان اُيو ڦيرو ڏيئي ڏيکاري ٿو.] ڇاڪاڻ تہ جي اِيئن ڪيو ها، تہ آئونڪِري پوان ها، ۽ اِها حقيقت آهي. توهان ڪرسيءَ کي اِيئن اونڌو ڇوڪين ڦيرايو؟ ڇاڪاڻ تہ پوءِ اِهو ثابت ٿئي ها تہ جي ڌرتي اِيئن ٿي ڦِري، تہ جيئن آئونڪرسيءَ تان ڪري پوان ها تيئن ڌرتيءَ تان بہ ڪري پوان ها. ڳالهہ اِها آهي!

گليلو: پر اُهو تہ تو کي ثابت ڪري ڏيکاريو هوم...

اَئندري: پر ڪالهہ رات، سوچيندي، مون اِيئن ڏٺو تہ جيڪڏهن سچ پچ ڌرتي اِيئن ٿِي ڦري، تہ رات جو تہ، مٿو هيٺ ٽنگون مٿي، آئونڌرتيءَ تي اونڌو ٽنگيو پيو هوندس. ۽ اِها حقيقت آهي.

گليلو: [ميز تان صوف کڻندي]: هاڻي ڏس، هيءَ ڌرتي آهي.

اَئندري: سائين گليلي، اهڙا مثال نہ وٺو. اِنهن سان توهين هر ڳالهہ ثابت ڪري ٿا وڃو.

گليلو [صوف واپس رکندي]: بلڪل صحيح.

اَئندري: توهين هوشيار آهيو، ۽ مثالن سان تہ سيڪجهہ ڪري ٿا سگهو. پر آئونتہ امڙ کي ڪرسيءَ ۾ ويهاري، اِيئن گهمائي نٿو سگهان، جيئن مون کي توهان گهمائي ڏيکاريو. اِنهيءَ ڪري، توهين پاڻ ڏسو نہ! تہ اِهو ڪهڙو نہ خراب مثال آهي! پلا، جي صوف ڌرتي آهي، تہ بہ ڇا؟ اِها ڪا ڳالهہ ڪانهي.

گليلو [کلي ٿو] : تون ڇاڻ نہ ٿو گهرين.

اِئنڊري: ۽ سائين وري صوف کڻو. آئونرات جو، متو هيٺ ٽنگون مٿي، اِيئن ٽنگجي چو نہ ٿو بيهان؟

گليلو: ٺيڪ، هيءَ ڏس ڌرتي آهي، ۽ هيءَ تون اُن تي بيٺو آهين. [ماچيس جي تيلي صوف ۾ ٽنبي ڏيکاريس ٿو.] ۽ هاڻي ڌرتي ڦري ٿي.

اِئنڊري: ۽ هاڻي آئون، متو هيٺ ٽنگون مٿي، اُبتو ٽنگيو بيٺو آهيان.

گليلو: سو ڪيئن؟ پهرين ڌيان سان ڏس. تنهنجو متو ڪٿي آهي؟

اِئنڊري: [صوف ڏانهن ڏانهن اشارو ڪندي]: هُتي. اِهو هيٺ.

گليلو: ڇا؟ [صوف کي ڦيرائي اڳئين وانگر جهلي ٿو.] تنهنجو متو جتي هو اُتي ڪونهي؟ تنهنجا پير سا ڳيا هيٺ پٽ تي ڪونهن؟ جڏهن صوف کي ڦيرايم، تڏهن تون هيئن تي پيو هئين ڇا؟ [ماچيس جي تيلي صوف مان ڪڍي، اُبتي اُن تي جهلي ڏيکاريس ٿو]

اِئنڊري: تہ پوءِ ڌرتيءَ کي ڦرندي آئونچو نہ ٿو محسوس ڪريان؟

گليلو: ڇاڪاڻ تہ تون پاڻ بہ ڌرتيءَ سان گڏ ٿو ڦرين - تون، ۽ تنهنجي چوڌاري جيڪا هوا آهي، اُها، ۽ جو ڪجهہ ڌرتيءَ جي گولي تي آهي اُهو سڀ.

اِئنڊري: ۽ اِيئن پيو لڳي، ڇو ٿو ڏسڻ ۾ اچي، تہ چڙ سج آهي، جو پيو هلي؟

گليلو [ماچيس جي تيليءَ ٽنبيل صوف کي وري ڦيرائي ٿو]: هاڻي هيٺ ڏس. ڇا ٿو ڏسين؟ ڌرتي. اِها سدائين اِيئن تون پنهنجن پيرن ۾ هيٺ ڏسين ٿو. ۽ جيستائين تنهنجو اُن سان واسطو آهي، تہ اِها بلڪل ڪا نہ ٿي چري، پر هاڻي، تون مٿي ڏس، هاڻي تنهنجي مٿان بتي آهي. پر هاڻي، جو آئونڌرتيءَ کي ڦيرايان ٿو، تہ تنهنجي مٿي جي مٿان هاڻي ڇا آهي - يعني مٿي، تُنهنجي مٿان؟

اَئنڊري [هيٺ نِمي، پنهنجو متو هيٺ ڪري ٿو ڏسي]: چُلهو.

گليلو: ۽ بتي ڪٿي آهي؟

اِئنڊري: هيٺ، بئي پاسي منهنجي پيرن جي هيٺان.

گليلو: بس ڳالهہ اِها آهي.

اِئنڊري: واهہ واهہ! هي ڏسي تہ هوءَ حيرت ۾ پئجي ويندي.

لِيُوڊووِڪو [مارسيلِي، دولتمند جوان، اندر اچي ٿو.]

گليلو: هيءَ جاءِ بس هڪ هَلَ هَلائو چؤواٽي وانگر آهي.

ليوڊو وِڪو: سائين، صبح مبارڪ! منهنجو نالو ليُوڊووڪو مارسيلِي آهي.

گليلو [سِفارشي خط پڙهندي]: تون هالنڊ ۾ رهيو آهين؟

ليوڊو وڪو: اُتي ئي، سائين گليلي، مون توهان جو نالو ٻڌو هو.

گليلو: هتي، ڪمپانا ضلعي ۾، تنهنجون اباڻيون جاگيرون آهن؟

ليوڊو وِڪو: منهنجي ماءُ جو چوڻ آهي تہ مان ٻاهر نڪري ڏسان وائسان تہ دنيا ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، وغيره.

گليلو: ۽ تو هالنڊ ۾ ٻڌو تہ، مثال طور، آئونهتي اٽليءَ ۾ ئي رهيو آهيان؟

ليوڊو وڪو: ۽ ڇاڪاڻ تہ منهنجي ماءُ جو چوڻ آهي تہ مان ڪجهہ سائنس جي دنيا کي بہ ڏسي وٺان.

گليلو: خانگي ٽيوشن، ڏهہ رپيا ماهوار.

ليدوو وڪو: ٺيڪ آهي، سائين.

گليلو: ڇا ۾ تنهنجي دلچسپي آهي؟

ليوڊو وڪو: گهوڙن ۾.

گليلو: هان!

ليوڊو وڪو: پڙهڻ ۾ آئون ايڏو تيز ناهيان، سائين گليلي.

گليلو: برابر، اِن حالت ۾ ماهوار پندرهن رپيا ٿيندا!

ليوڊو وڪو: بلڪل ٺيڪ آهي، سائين.

گليلو: آئون تو کي صبح جو سوير پاڙهيندس. تنهنجو اَئنڊري، اِهو نقصان ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ تو کي پوءِ پاڙهي نہ سگهبو. سمجهين ٿو نہ! تون في بہ تہ ڪو نہ ٿو ڏين.

ائنڊري: چڱو، آئونوڃان ٿو. پلا، صوف ڪٽي وڃان؟

گليلو: هائو.

[اَئنڊري وڃي ٿو.]

ليوڊو وڪو:سائين، مون سان توهان کي ڏاڍو مٿو هڻڻو پوندو. خاص طرح اِنهيءَ ڪري، جو هر ڳالهہ عام سمجهہ ۾ جيئن اچي ٿي، سائنس ۾ اُها وري ٻيءَ طرح جي هوندي آهي. مثال طور هوُ ڪِل جهڙو ٽيوب ئِي ته وٺون، جيڪو آمسٽرڊام ۾ اڄڪلهہ وڪامي رهيو آهي. مون اُن کي چڱيءَ طرح جانچي ڏٺو هو. ڇا هو؟ بس سائي چمڙي جي هڪ ڳوٿري هئي، جنهن ۾ بہ شيشا پيل هئا، هڪڙو هيئن -[هٿن جي اشاري سان پينل شيشي جو ڏس ڏئي ٿو] - ۽ هڪڙو هيئن —

[اُپٽيل شيشي جو ڏس ڏئي ٿو]. مون اُتي ٻڌو تہ هڪڙو شيشو شين کي وڏائي وڏو ڪري ڏيکاري ٿو ۽ ٻيو اُنهن کي گھٽائي ننڍو ڪري ٿو ڏيکاري. هر ڪو سمجھو ماڻهو اِهو ئي سوچيندو تہ اِهي ٻہ شيشا هڪ ئي ٽيوب ۾ گڏ هوندا تہ هڪٻئي جي ڪم کي ختم ڪري ڇڏيندا. پر نہ. هن ٽيوب مان ڪا شيءِ ڏسن ٿا تہ اُها پنجوڻي وڏي پيئي ڏسجي! اِها آهي، سائين، اوهان جي سائنس.

گليلو: ڇا ٿي پنجوڻي وڏي ڏسجي؟

ليوڊووڪو: ديول جي نيل، ڪبوتر، ڪا بہ شيءِ جيڪا پري آهي.

گليلو: تو پاڻ اِن مان ديول جي نيل ڏٺي آهي تہ وڏي ٿي ڏسجي؟

ليوڊووڪو: هائو، سائين.

گليلو: ۽ ٽيوب ۾ ٻہ شيشا هئا؟ [پني تي هڪڙو خاڪو ڪڍي ٿو.] ب ههڙو هو؟ [ليوڊو وڪو ڪنڌ ڌوڻي هائو ٿو ڪري.] هيءَ ڳالهہ ڪيتري وقت جي آهي؟

ليوڊو وڪو: آئونئنتو پانيان تہ پنجن ڇئن ڏينهن کان وڌيڪ ٿيا هئس. پوءِ تہ آئونهليو آيو آهيان، ڇا بہ هجي، پر بازار ۾ آئي کي گھٽا ڏينهن ڪو نہ ٿيا هئس.

گليلو [ڪجھہ دوستاني نموني]: ڀلا تون هرويرو طبعيات ڇو سکين؟ گھوڙا پالڻ ڇو نہ؟ [سينورا سارتي اندر داخل ٿئي ٿي - گليلو جي نظر مٿس نہ پئي آهي.]

ليوڊو وڪو: منهنجي ماءُ جو چوڻ آهي تہ ڪجھہ سائنس جي سکيا ضروري آهي. توهان کي خبر آهي تہ اڄڪلهہ هر ڪو اُتندي ويهندي، هر هنڌ، سائنس جي مڙيئي ڳالهہ ڪري ٿو.

گليلو: اِن کان تہ تون ڪا پراڻي مئل ٻولي يا دينيات جو علم ئي ڪٽي سگھين ٿو. اِهي سولا مضمون آهن. [سينورا سارتيءَ تي نظر پويس ٿي.] چڱو، بلڪل چڱو، تون اڱاري ڏينهن کان وٺي ايندو ڪج - صبح جو سوير.

[ليوڊو وڪو وڃي ٿو.]

گليلو: اِيئن مون ڏانهن نہ ڏس. هائو ڪئي اٿمانس.

سينورا سارتي: ڇاڪاڻ تہ مون تي نظر پئجي وِيَوَ. ٻاهر يونيورسٽيءَ جو ڪيوريٽر بيٺو آهي.

گليلو: اندر آٽينس. اِهو تہ وڏي شيءِ آهي. منهنجي پنج سؤ رپين جي وِٽس ڳالھ آهي. پوءِ تہ ٽيوشن ڏيڻ جي لوڙ ڪان بہ ڇٽي پئبو

[سينيورا سارتي ڪيوريٽر کي آڻي ٿي. گليلو ڪپڙا بدلائي چڪو آهي، ۽ پني تي شڪليون ڪڍي رهيو آهي.]

يلي آيا! آڏيو تہ ڪڍجو. اڏارو. [ڪيوريٽر، ڪُسندي، ڪيسي ۾ هٿ وجهي ٿو ۽ آڏيو ڪڍي ڏئيس ٿو. آڏيو وٺي، هو سارتيءَ کي ڏئي ٿو.] سارتي، اَئنبريءَ کي موڪلِ تہ ڊوڙ پائي، عينڪن واري ڪان بہ شيشا تہ وٺي اچي، هان هي وٺ، اُنهن جا خاڪا.

[سارتي ڪاغذ وٺي، ٻاهر وڃي ٿي.]

ڪيوريٽر: اوهان ڀڳهار وڌائي هڪ هزار رپيا ساليانو ڪرڻ لاءِ جيڪا درخواست ڪئي آهي، آئوناُن سلسلي ۾ آيو آهيان. افسوس، جو آئونيونيورسٽيءَ کي اوهان جي درخواست قبولڻ جي سفارش نٿو ڪري سگهان. اوهان کي خبر آهي تہ هن وقت يونيورسٽيءَ ۾ علم رياضيءَ جي ڊپارٽمينٽ جو مانُ ڪونهي. اِيئن بہ ناهي تہ اسان جي جمهوري حڪومت ڪو اُن جو پورو قدر ڪو نہ ٿي ڪري. پر اوهان ڄاڻو ٿا تہ علم رياضي نہ فلسفي جيترو ضروري آهي ۽ نہ دينيات جيترو مفيد ۽ ڪارائتو - جيتوڻيڪ اُن جي پرستارن کي اُن مان گهڻي خوشي حاصل ٿئي ٿي.

گليلو [ڪاغذن کي پڙهندي]: پر، خدا جا بندا، پنجن سوَن رپين ۾ منهنجو گذارو نٿو ٿي سگهي.

ڪيوريٽر: پر، استاد گليلي، اوهين هفتي ۾ ٻن ٻن ڪلاڪن جا رڳو بہ ليڪچر ڏيو ٿا. اوهين مشهور عالم آهيو. اوهان جو نالو ٻڌي گهڻا ئي شاگرد اوهان وٽ خانگي ٽيوشن لاءِ ايندا هوندا. اِيئن اوهين جيترا گهرو اوترا خانگي شاگرد رکي سگهو ٿا. اُنهن مان اوهان کي ڪافي پيسا ملي سگهن ٿا. اوهان وٽ خانگي شاگرد نہ آهن ڇا؟

گليلو: آهن، گهڻا ئي آهن. رڳو پيو پڙهايان ۽ پڙهايان. پر پنهنجي پڙهڻ جو وقت ڪٿان آڻيان؟ خدا جو سُنهن، مان سيکجھ تہ ڪو نہ ٿو ڄاڻان، جيئن فلسفي جا استاد سيڪجھ ڄاڻن ٿا. آئوناڄاڻ آهيان، ڪجھ نٿو سمجهان. مون کي پنهنجي علم جا خال پرڻا آهن. ۽ اهو ڪم يلا آئونڪهڙي وقت ڪريان؟ ڪوجنا ۽ تحقيق ڪڏهن ڪريان؟

سائين ڪوريٽر صاحب، منهنجي سائنس اڃا علم جي ٻُڪي آهي، ڇاڪاڻ تہ اسان وٽ اسان جي اعليٰ کان اعليٰ مسئلن جا جواب اڃا تائين رڳو مفروضا ئي مفروضا آهن. ۽ اُنهن مفروضن لاءِ هاڻي اسين ثابتيون ٿا گهرون. پر آئونا ڳتي ڪيئن وڌان، جڏهن سچو وقت ۽ ڳو چند رپين خاطر هِنن ٻي مغزن جي مٿي ۾ هيءُ وجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهان تہ پوءِ وِچوٽ ليڪون ٻي انت نقطي تي پاڻ ۾ گڏجي وڃن ٿيون؟

ڪوريٽر: اوهان کي ڪڏهن بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ جيتوٽيڪ ڪن بادشاهتن کان اسان جي جمهوري راڄ ۾ پيسا گهٽ ملن ٿا، پر هتي اسان وٽ علم جي تحقيق جي پوري آزادي آهي. هتي پيڊوئا ۾ اسين خود پروٽيسٽنٽن کي بہ پنهنجي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ڏيون ٿا. ڪين اسان جي ليڪچرن ٻڌڻ جي منع ڪانهي. اسين هنن کي فلسفي جي ڊاڪٽريءَ جون ڊگريون بہ ڏيون ٿا. اسان نہ رڳو استاد سِريمونِينيءَ کي مقدس ديني عدالت جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو - جيتوٽيڪ اسان جي اڳيان ثابت ڪيو ويو - استاد گليلي، ثابت ڪيو ويو - تہ هو ملحدانہ ڳالهيون ڪري ٿو - پر اسان پاڻ هن کي پگهار ۾ اضافو ڏنو. پري پري، هالنڊ تائين بہ، اِها ڳالهہ مشهور آهي تہ وينس جي جمهوري راڄ ۾ مقدس ديني عدالت جي هلندي ڪانهي، ۽ اِها ڳالهہ خاص ڪري اوهان لاءِ بيحد اهم هئڻ کپي، ڇاڪاڻ تہ اوهين فلڪياتي علم جا عالم آهيو، ۽ اوهان جي هِن سائنس گهڻي وقت کان ڪليسائي شريعت جي تعليمات جو احترام ڇڏي ڏنو آهي!

گليلو: اوهان جي ماڻهن هِتي ئي استاد بِرونو کي رومي حاڪمن جي حوالي ڪيو هو. ڇاڪاڻ تہ هن ڪاپرنيڪس جي تعليم تي ڏني تہ ڌرتي گول آهي.

ڪوريٽر: اِنهيءَ ڪري نہ تہ هن ڪاپرنيڪس جي تعليم تي ڏني، جيڪا بهرحال ڪُوڙي آهي، پر ڇاڪاڻ تہ هو وينس جو شهر واسي نہ هو، ۽ هو اسان وٽ ملازمت ۾ بہ ڪو نہ هو. اِنهيءَ ڪري، اوهين پنهنجي سلسلي ۾ هن ماڻهوءَ جي ڳالهہ نہ ڪريو، جنهن کي تہ پوءِ جيئري جلايو ويو هو. ڳالهہ نڪتي آهي، تہ اوهان کي سهڻي صلاح ٿا ڏيون تہ اوهين اهڙي ماڻهوءَ جو ايترو ڏاڍيان نالو بہ نہ وٺو، جنهن تي ڪليسا جو تعزيز هو

۽ فتوا نڪتل هئي تہ هو ملحد ۽ ڪافر هو. اِها ڳالهہ، استاد ڳليلي، هتي بہ ڪا نہ ڪبي، نہ، خود هتي بہ نہ.

گليلو: خيال جي آزاديءَ جي هيءَ ضمانت اوهان لاءِ وڏو فائديمند ڪاروبار ٿيو، هائو نہ! هتي هنڌ مقدس ديني عدالت جي خدائي فوج جو زور آهي، جا ماڻهن کي جيئري ساڙي ٿي - اِها ڳالهہ ٻڌائي، اوهين پنهنجي لاءِ سنا ۽ سستا استاد هٿ ڪريو ٿا. مقدس ديني عدالت جي خدائي فوج کان بچاءَ جي عيوض اوهين ماڻهن کي گهٽ پگهار ڏيئي، پنهنجي خزاني جي بچت ڪريو ٿا.

ڪوريٽر: اِها بي انصافي آهي، استاد گليلي، بي انصافي! اوهين پاڻ ئي چئو تہ اوهان کي تحقيق لاءِ پلا ايترو سارو جو وقت ملي، تہ اُن جو نيٺ اوهان کي ڪهڙو فائدو ٿيندو- جيڪڏهن مقدس ديني عدالت جي خدائي فوج جو هڪڙو جاهل ۽ جاهل پادري بہ اوهان جي خيال تي بندش وجهي ڇڏي؟ اوهان کي تہ خبر آهي، استاد گليلي، تہ جيئن ڪو گلاب جو گل ڪونهي جنهن ۾ ڪنڊا نہ هجن، ساڳيءَ طرح ڪو بہ بادشاهہ ڪونهي، جنهن وٽ پير ۽ پادري نہ هجن.

گليلو: ۽ تحقيق ڪرڻ لاءِ وقت نہ هجي، تہ تحقيق جي آزادي ڪهڙي ڪم جي؟ پلا هتي تحقيق جي نتيجن جو ڪهڙو ٿو حشر ٿئي؟ چڱو، اوهين ئي يونيورسٽيءَ جي سينيٽرن کي هي "ڪرندڙ جسمن جي قاعدن" تي منهنجي تحقيق جا نتيجا ڏيکاريو [پنهنجي هٿ لکيل ڪاغذن جي بنڊل ڏانهن اشارو ڪري ٿو]، ۽ پڇونِ تہ ڇا اِهي ڪجهہ زياده رپين جي لائق نہ آهن؟

ڪيوريٽر: استاد گليلي، اِهي تہ شمار کان وڌيڪ رپين جي لائق آهن.

گليلو: سائين منهنجا، رڳو پنج سؤ رپين جا، شمار کان وڌيڪ رپين جا نہ.

ڪوريٽر: رپيا ايتري جا لائق آهن، جيترو اُهي خريد ڪن ٿا. جيڪڏهن اوهان کي پيسا گهرجن، تہ اوهين ڀي ڪا شيءِ پيدا ڪريو. جو تہ جيڪو علم اوهين وڪڻو ٿا، اُن جي قيمت اُها ئي اوهين گهري سگهو ٿا، جيترو نفعو اُن جي خريدارن کي اُن مان ملي سگهي. مثالِ طور فلارينس ۾ استاد ڪولمبو جيڪو فلسفو وڪڻي رهيو آهي، اُن مان اُتان جو بادشاهہ ڏهہ هزار رپيا ساليانا ڪمائي رهيو آهي. اسين مڃون ٿا تہ اوهان جا "ڪرندڙ جسمن جا قاعدا" ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويا

آهن. ماڻهو پئرس ۾ ۽ پراگ ۾ اُنهن کي پيا واڪاڻين. پر جيڪي چڱا مڙس اُتي اُنهن جي واکاڻ تا ڪن، اُهي پيڊوئا يونيورسٽيءَ کي ڪا روڪڙ ٿوري تا ڏين، جنهن مان اوهان جا پگهار پرجي سگهن. استاد گليلي، اوهان اِهو رياضيءَ جو علم جيڪو ڪنيو آهي، سچ پڇو تہ ڏوهہ اُن جو آهي.

گليلو: مون سمجهيو. آزاد واپار، آزاد تحقيق، تحقيق جو آزاد واپار، اِيئن نہ؟

ڪيوريٽر: پر استاد گليليَ! هي ڇا ٿا چئو! معاف ڪجو، آئوناِهي اوهان جا مزاحي گفتا سمجهي نٿو سگهان. اسان جي جمهوري راڄ جي وڌندڙ واپار تي اِيئن اوهان کي ٽوڪون ڪرڻ نہ گهرجن. خود علمي تحقيق بابت آئون، جيڪو هيترا سال يونيورسٽيءَ ۾ ڪيوريٽر ٿي رهيو آهيان، اهڙين هلڪين ڳالهين بڌڻ لاءِ تيار ناهيان. [اِتي گليلو پنهنجي ميز تي پنهنجن ڪليل ڪتابن ۽ نوٽبڪن ڏانهن گهٽيءَ اُڪير سان ڏسي ٿو.] اوهان کي ٻاهرينءَ دنيا جي حالتن کي بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي، ڪيترن ملڪن ۾ اڄ تعليم قيد آهي ۽ اُن تي پهرا آهن - پهرا، جيڪي جهالت طرفان علم تي بيهاريل آهن. اُنهن ملڪن ۾ ماڻهن کي اِها بہ اجازت ڪانهي، جو هو سمجهن تہ پٿر هيٺ ڪيئن ٿو ڪري، اُن لاءِ بہ ڪين فقط اِيئن چوٽو آهي جيئن ڪڏهن ارسطوءَ چيو هو. پڙهيل ماڻهن جي اکين کي رڳو پڙهڻو آهي - اُهو جو ڪين پڙهڻ لاءِ ڏنو وڃي. ”ڪرندڙ جسمن جي قاعدن“ کي سمجهڻ مان ڪهڙو فائدو، جڏهن ضروري ۽ فائدي واري ڳالهہ اِها آهي تہ ماڻهو سڀ پيرن تي ڪرندا رهن. اِنهن حالتن کي ڏسندي هيءَ ڪيتري نہ خوش نصيبيءَ جي ڳالهہ آهي، جو اسان جو جمهوري راڄ اوهان جي هر خيال کي خوشيءَ سان قبولي ٿو، پوءِ اُهو ڪيترو بہ نئون ۽ ڇرڪائيندڙ ڇو نہ هجي. هتي اوهين تحقيق ڪري سگهو ٿا. ڪو بہ اوهان تي چوڪسي ڪو نہ ٿو رکي، ڪو بہ اوهان کي ڪو نہ ٿو دٻائي ۽ ستائي. اسان جي واپارين جي فلارينس جي واپارين سان ڇتا پيٽي آهي ۽ هنن کي، سٺي ڪپڙي جو قدر آهي، جيڪو اوهان جي ايجاد ڪيل آڏاٽي تان اُڻجي ڪين ملي ٿو. اسان جا وڏا وڏا ناميارا شهري اوهان جي اهڙين ڪم وارين ڳالهين ڪري شڪر گذار آهن، هو

اوهان وٽ اچن ٿا ۽ اوهان جي ڪيل ڪوجنائن ۽ ٺهيل اوزارن جي ڪم جو مشاهدو ڪن ٿا، ۽ اِهي سڀ شريف ۽ وڏا ماڻهو آهن، ۽ اُنهن جو وقت بيحد قيمتي آهي. تنهنڪري، استاد گليلي، واپار ڪي نيچ نہ سمجهو! ڪو بہ هتي اِيئن نہ چاهيندو تہ اوهان جي ڪم ۾ ڪو رخنو پوي يا اُن ۾ اوهان جي آڏو ڪي تڪليفون اچن ۽ ڪن ماڻهن جي اوهان جي ڪم ۾ ڪا دخل اندازي ٿئي. استاد گليلي، اوهان ڪي ميٺو پوندو تہ هتي اوهين گهڻو ڪم ڪري سگهو ٿا.

گليلو: ]بيزار ٿيندي]: هائو.

ڪيوريٽر: ۽ جي نفعي جي ڳالهہ آهي، تہ جيئن اڳي هڪڙو ننڍڙو سهڻو اصطرلاب ٺاهيو هئوَ، جنهن سان رياضيءَ جو اڻڄاڻ ماڻهو بہ [آڱرين تي ڳڻي ڏيکاري ٿو سڌيون ليڪون ڪڍي سگهي ٿو، موڙيءَ تي گڏيل وياج لهي سگهي ٿو، نقشا ۽ خاڪا الڳ الڳ پيمانن جا ٺاهي سگهي ٿو، ۽ توبن جي گولن جا وزن ڪٿي سگهي ٿو، - تيئن وري بہ اهڙي ڪا فرسٽ ڪلاس ڪمائتي شيءِ ڇو نٿا جهٽ ۾ ايجاد ڪري وٺو!]

گليلو: اُهو تہ هڪ رانديڪو هو!

ڪوريٽر: جنهن شيءِ جمهوريہ جي بزرگ ماڻهن کي بہ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي، ۽ جيڪا بازار ۾ روڪڙ تي هٿو هٿ وڪامي رهي آهي، اُن کي اوهين رانديڪو ٿا چئو! مون تہ ٻڌو آهي تہ جنرل اِستيفانو گرِيٽِي بہ اُن تان وڏن وڏن انگن جو پيو مُول ڪڍيو وڃي!

گليلو: واقعي اِهو تہ معجزو ٿيو! - بهرحال، منهنجا دوست، تو مون کي سوچ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ٺيڪ آهي، يار! جهڙيءَ شيءِ تو چئي آهي، اهڙي شايد هتي ئي منهنجي هٿ ۾ آهي. [هو ڪاغذ کڻي ٿو، جنهن تي خاڪو نڪتل آهي.]

ڪوريٽر: ڇا، اهڙي شيءَ اَٿوَ؟ تہ پوءِ واٺ اِها آهي [اُٿي بيهي ٿو.] استاد گليلي، اسان کي خبر آهي تہ اوهين عظيم شخص آهيو، واقعي عظيم، پر- جيڪڏهن اِنهي چوڻ جي مون کي اجازت هجي - اوهين ڪجهہ ضرورت کان وڌيڪ ناراض ۽ مايوس بہ آهيو.

گليلو: هائو، آئون ناراض آهيان، ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڪو عقل هجي، تہ اوهين اُن جو ٿي مون کي هوند معاوضو ڏيو. ڇاڪاڻ تہ آئون پاڻ سان

ناراض آهيان، اوهان سان نہ. پر اِيئن ڪرڻ بدران، اوهين مون کي اوهان سان ناراض ٿيڻ تي مجبور ٿا ڪريو. آئونمجان ٿو تہ اوهان وينس جي چڱن مڙسن اڳيان پاڻ کي ڪمائتي ثابت ڪرڻ ۾ مون کي دل جي وندر برابر ٿئي تي ۽ اوهان جا هٿيار، اوهان جا بندر ۽ اوهان جا بارودخانا وڌن ٿا. پر اوهين مون کي منهنجي دلپسند علم جي ميدان ۾ ڪم ڪرڻ جو ڪو وقت ئي ڪو نہ ٿا ڏيو - ۽ اُتي ئي منهنجي ذهن ۾ وڏا وڏا ۽ ڏورانهين ڪم جا خيال، سانوڻيءَ جي پريل ڪڪرن جيان، اُبري اچن ٿا. اوهين جڻ اُن ڍڳي جي منهن تي ڇڪو چاڙهي ٿا ڇڏيو، جيڪو اوهان جي اَن جي بارِ، اوهان کي ڳاهي ڏئي ٿو! آئونچائيتاليهن سالن جو ٿي ويو آهيان، پر جو ڪجهہ ڪري سگهيو آهيان، اُن ۾ اهڙي ڪا شيءِ ڪانهي جيڪا منهنجي دل کي خوش ڪري.

ڪوريٽر: تہ پوءِ مون کي وڌيڪ اوهان جو وقت ضايع ڪرڻ نہ کپي.

گليلو: مهرباني.

[ڪوريٽر وڃي ٿو. گليلو پاڻ کي ڪي گهڙيون اڪيلو ڏسي، ڪم شروع ڪري ٿو. پوءِ اَئندري ڊوڙندو اندر ٿو اچي.]

گليلو [ڪم ڪندي]: تو اِجا صوف ڇو نہ ڪاڌو آهي؟

ائندري: اِنهيءَ لاءِ تہ اَمڙ کي اُهو ڦيرائي ڏيکاريان.

گليلو: اَئندري، تو کي ڪجهہ ڇوٽو اٿم. پنهنجن خيالن جو ٻاهر ٻين ماڻهن سان ڪو ذڪر نہ ڪر.

ائندري: ڇو نہ ڪريان.

گليلو: اختياريءَ وارن منع ڪئي آهي.

ائندري: پر اسان جا خيال تہ سچا آهن؟

گليلو: پر هو منع ٿا ڪن. هِن ۾ هڪڙي ٻي بہ ڳالهہ آهي. اسين طبعي علم جا شاگرد پنهنجون ڳالهيون، جيڪي سچيون سمجهيون ٿا، اِجا ثابت ڪري نٿا سگهون. خود اِستاد وڏي، ڪاپرنيڪس، جي تعليم بہ اِجا ثابت ٿي نہ سگهي آهي. اُها اِجا تائين هڪ مفروضو آهي. چڱو، اِهي شيشا مون کي ڏي!

ائندري: آڌيو پورو نہ پيو، وڌيڪ پنهنجو ڪوٽ گروي رکي آيو آهيان.

گليلو: پوءِ تون سياري ۾ ڪوٽ کان سواءِ ڇا ڪندين؟

[ماٺ، جنهن ۾ گليلو، پني تي نڪتل خاڪي جي مٿان شيشا رکي، ڏسي ٿو.]

ائنڊري: مفروضو ڇا آهي؟

گليلو: جڏهن ڪا ڳالهہ مڃجي تہ هئڻ جهڙي يا ٿيڻ جهڙي آهي، پر اُن جي ثابت ڪرڻ لاءِ گهربل حقيقتون موجود نہ هجن، اُن ڳالهہ کي مفروضو چئبو. هوءَ سينورا فيلس، جيڪا گهٽيءَ ۾ سوناري جي دڪان وٽ ٻار ڪڇ ۾ کنيو بيٺي آهي، ٻار کي کير ڏارائي ٿي ۽ اُلٽو ان مان کير ڏهي ڪانہ ٿي - اِهو مفروضو آهي، پر سينورا فيلس وٽ وڃي، ڏسي، ثابت بہ ڪري سگهجي ٿو تہ سچ پچ اِها ڳالهہ ايئن آهي - تہ اِن مفروضي کي مفروضو نہ پر حقيقت چئبو. پر تارن جي سلسلي ۾ اسين بنهہ ڪينئن وانگر آهيون، جن جي اکين تي ڌنڌ ڇانيل هجي، ۽ اُهي تمام گهٽ ڏسي سگهندا هجن. پراڻيون تعليمون، جن کي هزار سالن کان مڃيو پئي ويو آهي، اڄ ڪِري پُڙي رهيون آهن. ڏسڻ ۾ اِهي وڏا محلات آهن، پر اِنهن ۾ ايترو بہ ڪاٺ نہ آهي، جيترو اُنهن ٿوڻين ۾ آهي. جيڪي اِنهن کي جهليو بيٺيون آهن. بس رڳو قاعدن جا ڍير آهن، جن مان سمجهہ ۾ ڪا هڪ اڌ ڳالهہ بہ مشڪل اچي ٿي. اُنهن جي مقابلي ۾ اسان جو هيءُ نئون مفروضو آهي، جنهن جا قاعدا ٿورا آهن، پر اُنهن مان گهڻو ڪجهہ سمجهي سگهجي ٿو.

ائنڊري: پر توهان مون کي تہ هر ڳالهہ ثابت ڪري ڏيکاري آهي.

گليلو: هائو، پر رڳو هيتري تہ ايئن ٿي سگهي ٿو. تو کي سمجهڻ گهرجي تہ هيءُ مفروضو ڏاڍو سٺو آهي، ۽ ڪا بہ ڳالهہ اِن جي خلاف ڪانهي.

ائنڊري: استاد گليلي، سائين، آئونعلم طبعيات جو شاگرد ٿيندس.

گليلو: ٿيءُ، ڀلي ٿي! - اسان جي هن ميدان ۾ حل ڪرڻ لاءِ ايترا تہ بيشمار سوال آهن، جو جيترا گهٽا اچي اِن ۾ ڪم ڪن اوترو چڱو.[هو وڃي، دريءَ کان ٿي بيهي ٿو، ۽ شيشن مان ڏسي ٿو. ڪجهہ خوش ٿيندي]: هي تہ ڏس، ائنڊري، هِن مان تہ ڏس!

ائنڊري: اي ڏٽي منهنجا! هر شيءِ ويجهي اچي ٿي آهي! هو ديول جو گنبذ ايڏو ويجهو! - اُن تي لڳل پتل جا اکر بہ پڙهڻ ۾ پيا اچن!

گليلو: اِن مان پاڻ پنج سؤ رپيا ڪمائيندا سين.

--

## (2)

# گليلو وينس جي جمهوريہ کي هڪ نئين کوجنا پيش ڪري ٿو

ڪو بہ ماڻهو سچو نيڪ ڪونهي:
عظيم گليلو پيٽ گذر چاهي ٿو.
اوهين اميد تہ رنج نہ ٿيندا،
هن جي دوربينيءَ جي ڳالهہ ئي اهڙي آهي.

## بندر جي پرسان وينس جو وڏو اسلح خانو

[سِنيٽرَ، ۽ انهن جو اڳواڻ، وينس جي جمهوري راج جو سربراهہ (ڊاج). هڪڙي پاسي، گليلو جو دوست ساگريڊو ۽ 15 سالن جي ورجينيا گليلو، جنهن جي هٿن ۾ بخمل جو ننڍو گاديلو آهي، جنهن تي اٽڪل ڀ فوٽ ڊگهي، ڪرمچي رنگ جي چمڙي سان ڍڪيل دوربيني رکيل آهي. پرسان تَلهي تي، گليلو، هن جي پنيان دوربينيءَ جي بيهارڻ جي گهوڙي، جنهن جي سنڀال لاءِ شيشہ گر فدرزوني بيٺو آهي.]

گليلو: حضور عالي، محترم سِنيٽر صاحبو! اوهان جي پيدوئا يونيورسٽيءَ ۾ علم رياضيءَ جي استاد ۽ هتي وينس ۾ اوهان جي وڏي اسلح خاني جي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾، مون هميشہ اِهو پنهنجو اولين فرض پئي تصور ڪيو آهي تہ نہ فقط آئونپنهنجي اعليٰ تدريسي ذميواري پوري ڪندو رهان، پر پنهنجي علمي کوجنائن وسيلي وينس جي جمهوريہ کي وڏا وڏا ۽ خاص فائدا پڻ مهيا ڪندو رهان. اڄ آئونانتهائي خوشيءَ ۽ پوريءَ نيازمنديءَ سان اوهان کي هڪ بلڪل نئون اوزار پيش ڪريان ٿو ۽ اُن جي افاديت ۽ استعمال جي اوهان جي اڳيان نمائش ڪريان ٿو. منهنجي اِن آلي جو نالو ڏور-ڏسٽي يا دوربيني آهي، جيڪو مون اوهان جي جڳ مشهور وڏي اسلح خاني ۾، اعليٰ ۾ اعليٰ مسيحي سائنس جي

اصولن مطابق ٺاهيو آهي، ۽ مون حقير پر تقصير، اوهان جي فرمانبردار غلام، جي پورن سترهن سالن جي لڳاتار محنت ۽ خاموش ۽ اورچ تحقيق جو ڦل آهي:

[گليلو ٿَلهي تان لهي اچي ٿو، ۽ ساگريڊو جي پرسان وڃي بيهي ٿو. تاڙيون وڄن ٿيون. گليلو جھُڪي، شڪر گذاري ڏيکاري ٿو.]

گليلو [سا گريڊو سان، آهستي]: رڳو وقت جو زيان!

ساگريڊو [آهستي]: ڪاسائيءَ جو قرض تہ لاهي سگهندين، منهنجا دوست!

گليلو: هائو. اِن مان هي بہ تہ پيسا ڪمائيندا. [وري جھُڪي ٿو.]

ڪوريٽر [ٿلهي تي چڙهي بيهي ٿو]: حضور عالي، محترم سِنيٽر صاحبو! هڪ ڀيرو وري بہ فنون جي عظيم ڪتاب ۾ شهرت جو هڪڙو صفحو وينس جي سونهري حرفن سان سينگاريو ويو آهي.[مختصر واهہ واهہ]هڪڙو دنيا جو نامور عالم اڄ اوهان کي، فقط اوهان کي، هڪڙو هٿئون هٿ وڪامڻ جهڙو ٽيوب پيش ڪري ٿو، جنهن کي اوهين جيتري تعداد ۾ چاهيو اوتري تعداد ۾ ٺهرائي سگهو ٿا ۽ جيئن اوهين چاهيو تيئن بازار ۾ آڻي سگهو ٿا.[وڏيڪ زورائتي واهہ واهہ]۽ اوهين سوچي سگهو ٿا تہ هيءَ ڪيڏي نہ وڏي ڳالهہ آهي، جو جنگ جي وقت دشمن اسان جي جهازن جو نمونو ۽ تعداد معلوم ڪري، اُن کان پورا ٻہ ڪلاڪ اڳ اسين، هِن آلي جي مدد سان، سندس جهازن جو نمونو ۽ تعداد معلوم ڪري ويندا سين، ۽ اِيئن دشمن جي طاقت جو اندازو لڳائي، ۽ توري تڪي، فيصلو ڪري سگهنداسين تہ بيهي لڙائي ڪرڻ ۾ يا هٽي پاڻ بچائڻ ۾ اسان جو فائدو ٿيندو. [تمام زورائتي واهہ واهہ.] ۽ هاڻي، حضور عاليٰ ۽ محترم سِنيٽر صاحبو، استاد گليلي اوهان کي عرض گذار آهي تہ اوهين سندس پنهنجو ايجاد ڪيل آلو، جيڪو عقل کان وڌ هن جي وجدان جي پيداوار آهي. هن جي سياڻيءَ ۽ سڀ وصفين سهڻيءَ ڌيءَ جي هٿان قبول ڪرڻ فرمايو.

[راڳ. ورجينيا وڏي اڳتي اچي ٿي، ادب سان جهڪي ٿي، ۽ ڪوريٽر کي دوربيني پيش ڪري ٿي، جيڪو اُها وٺي فدرزونيءَ جي هٿن ۾ ڏئي ٿو. فدرزوني اُن کي گهوڙيءَ تي رکي، هيڏانهن هوڏانهن چوري، ٺيڪ ڪري بيهاري ٿو. عاليجناب ڊاج ۽ سِنيٽر

ٿلهي تي چڙهي اچن ٿا ۽ واري واري سان جهُڪي، دوربينيءَ منجهان ڏسن ٿا.]

گليلو [آهستي]: مون کي ڊپ آهي تہ هِن کيل مان آئونمشڪل بچي نڪران. هي ماڻهو سمجهن ٿا تہ هيءَ هڪڙو سنو نفعو ڪمائينيڊڙ رانديڪو ڪين هٿ آيو آهي، پر هيءَ شيءِ ئي اور آهي. ڪالهہ رات مون اِن سان پهريون ڀيرو چنڊ کي چِٽائي ڏٺو آهي!

ساگريڊو: اُتي ڇا ڏٺئي؟

گليلو: چنڊ کي پنهنجي روشني ڪانهي.

ساگريڊو: ڇا؟

هڪڙو سِنيٽر: استاد گليلي، هِتان آئونسئنتا روزيتا جي قلعي جون پٿيون پيو ڏسان! - هُتي هُن ٻيڙي جي اڳيل تي هو منجهند جي ماني پيا کائين. تريل مڇي! منهنجو وات پيو پاڻي ٿئي.

گليلو: آئونتو کي چوان ٿو تہ فلڪيات گذريل هزارن سالن کان هڪ جاءِ تي بيٺي رهي آهي، ۽ هڪ قدم بہ اڳتي ڪا نہ وڌي آهي- ڇاڪاڻ تہ اسان وٽ دوربيني ڪا نہ هئي.

سِنيٽر: استاد گليلي!

ساگريڊو: هو تو سان پيا ڳالهائين.

سِنيٽر: هِن شيءِ سان سڄو ملڪ چِٽو پيو ڏسجي. آئونپنهنجين زالن کي حڪم ڪندس تہ اڄ کان سندن ڇت تي وهنجڻ بند.

گليلو: تو کي خبر آهي تہ ڪهڪشان ۾ ڇا آهي؟

ساگريڊو: نہ.

سِنيٽر: استاد گليلي، هيءَ شيءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏهين رپئين وڪڻي سگهجي ٿي.

[گليلو ادب وچان جهڪي ٿو.]

ورجينيا [ليوڊو وڪو کي پيءُ وٽ وٺي اچي ٿي]: بابا، ليوڊو وڪو توهان کي مبارڪ ڏيڻ ٿو گهري.

ليوڊو وڪو [منجهي سنجهي]: سائين، توهان کي مبارڪون هجن.

گليلو: مون اِن کي سڌاريو آهي.

ليوڊو وڪو: برابر، سائين. آئونڏسان ٿو تہ اوهان اِن جو پوش ڳاڙهو رکيو آهي، هالنڊ ۾ اهو سائو هو.

گليلو [ساگريڊو ڏانهن منهن ڪري]: مون پئي سوچيو تہ ڪيئن آئون هِن وسيلي فلڪيات جو نئون نظريو ثابت ڪري ٿو سگهان؟

ساگريڊو: سنپالي ڳالهاءِ.

ڪيوريٽر: استاد گليلي، اوهان جا پنج سؤ رپيا پڪا ٿيا.

گليلو [هن ڏانهن ڌيان نہ ڏيندي]: سچ پچ تہ آئونهن علم ات توائي ڳالهيون ٻڌي ٻڌي، بيزار ٿي پيو آهيان.

[عاليجناب ڊاج، ڪجهہ ٿُلهو ۽ ڪجهہ لڄارو شخص، گليليءَ وٽ هلي آيو آهي، ۽ ساڙس شانائتي نموني ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.]

ڪيوريٽر: استاد گليلي، عاليجناب ڊاج!

[ڊاج، گليليءَ جو هٿ وٺي، گرمجوشيءَ سان لوڏي ٿو.]

گليلو: برابر پنج سؤ! - حضور عالي، اوهين خوش آهيو؟

ڊاج: بدقسمتيءَ سان، اسان جي جمهوريہ ۾ اسان کي سدائين ڪو مِنهُن گهرجي، جنهن تي اسان جا سنيٽر اسان جي لائق عالمن کي ڪجهہ ڏيڻ تي راضي ٿين.

ڪيوريٽر: ۽ اِيئن نہ تہ، استاد گليلي، اوهان لاءِ ٻي ڪشش بہ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي!.

ڊاج [مشڪندي]: بهرحال، اسان کي مِنهُن گهرجي، ازخود اسان مان ڪجهہ نہ ٿيندو.

[ڊاج ۽ ڪيوريٽر گليلو کي سنيٽرن ڏانهن وٺي وڃن ٿا، جيڪي هن جي چوڌاري مڙي بيهن ٿا. ورجينيا ۽ ليوڊو وڪو چپ چاپ نڪري وڃن ٿا.]

ورجينيا: مون ٺيڪ ڪيو يا نہ؟

ليوڊو وڪو: منهنجي خيال ۾ سڀ ٺيڪ هو.

ورجينيا: تہ پوءِ تو کي ڇا ٿيو آهي؟

ليوڊو وڪو: نہ، ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي. شايد سائو پوش بہ اُهڙو ئي ٺيڪ ٿئي ها.

ورجينيا: آئونسمجهان ٿي تہ هو سيئي بابا جي ڪم مان خوش آهن.

ليوڊو وڪو: ۽ آئونسمجهان ٿو تہ مون ڪجهہ ڪجهہ سائنس کي سمجهڻ شروع ڪيو آهي.

## (3)

**10 جنوري، 1610ع: دوربينيءَ وسيلي گليلو آسمان ۾ اهڙو ڪرشمو ڏسي ٿو، جنهن سان ڪاپرنيڪس جو شمسي نظام ثابت ٿئي ٿو. سندس دوست سندس تحقيقات جي خطرناڪ نتيجن کان ڪيس واقف ڪن ٿا، پر هو ماڻهوءَ جي عقل ۾ پنهنجي ايمان جو کليو اعلان ڪري ٿو.**

جنوريءَ جي ڏهين تاريخ، سال سورهن سؤ ڏهه:
گليلو گليليءَ جي هٿان 'آسمان' ختم ٿيو.

## پيدوئا شهر ۾ گليلو گليليءَ جي ڪم جو ڪمرو

[رات، گليلو ۽ ساگريدو، ٿلهن وڏن ڪوٽن ۾ ويڙهيل، دوربينيءَ مٿان بيٺل.]

ساگريدو [دوربينيءَ منجهان ڏسندي، اڌ پاڻ سان ڳالهائيندي]: هِلال جي ڪَني تہ ڏندائين، هيٺ مٿي ۽ ڏنگي ڦڏي ڏسجي ٿي! اونداهي اڌ ۾، روشن ڪَنيءَ جي پرسان ڪيترا تہ روشن نشان آهن! ۽ اِهي هڪبئي کان پوءِ سڀ چٽا ظاهر ٿيندا پيا وڃن! اِتان روشنيءَ جا اُهاءَ وڌي وڌي، وڏي روشن اڌ سان مِلي، اُن سان هڪ ٿي وڃن ٿا!

گليلو: اونداهي آڌ ۾ اِنهن روشن نشانن کي تون ڪيئن سمجهائيندين؟

ساگريدو: پر اِيئن ٿي ڪيئن ٿو سگهي!

گليلو: پر، اِيئن آهي، اِهي جبل اٿيئي.

ساگريدو: جبل، ۽ چنڊ تي - هڪ تاريخ تي؟

گليلو: وڏا جبل. جن جون چوٽيون اُڀرندي سج جي شعاع پوڻ سان سَون وانگر چمڪي پون ٿيون، ۽ اُنهن جي آسپاس جبلن جون لاهيون اڃا رات جي اونده ۾ ڍڪيون پيون آهن. چوٽين تان اِها روشني تون هيٺ ماترين ۾ لهندي ۽ پکڙندي ڏسي سگهين ٿو.

ساگريدو: پر اِن سان تہ گذريل ٻن هزارن سالن جو سڄو فلڪيات جو علم رد ٿي وڃي ٿو.

گليلو: بس ڳالهه اجها اِيئن آهي. جيڪي تون ڏسين پيو، اُهو مون ڪان سواءِ، ٻئي ڪنهن به اڳ ڪو نه ڏٺو آهي. مون ڪان پوءِ ڏسڻ وارو ٻيو تون آهين.

ساگريڊو: چنڊ ڌرتي تي نٿو سگهي، جنهن تي جبل هجن ۽ ماٿريون هجن ۽ نه وري ڌرتيءَ ئي تارو ٿي سگهي ٿي.

گليلو: چنڊ ڌرتي ٿي سگهي ٿو، ۽ اُن تي ڌرتيءَ وانگر جبل ۽ ماٿريون به آهن، ۽ ڌرتي به تارو ٿي سگهي ٿي - هڪ رواجي آسماني جسم - هزارن اهڙن جسمن مان هڪ جسم. وري دوربينيءَ مان ڏس. چا، چنڊ جو اونده وارو پاڱو بلڪل اونداهو آهي؟

ساگريڊو: نه. هينئر، جو آئونڌيان سان ٿو ڏسانس، ته مون کي هِن اونده واري پاڱي تي به هڪ قسم جي اودي، چارُ جي رنگ جهڙي هلڪي روشني چانيل پيئي ڏسجي.

گليلو: اِها ڪهڙي قسم جي روشني ٿِي سگهي ٿِي؟

ساگريڊو: ؟

گليلو: اِها ڌرتيءَ جي روشني اٿيئي.

ساگريڊو: اِها ته عقل کان ٻاهر ڳالهه آهي. ڌرتي ڀلا ڪيئن ٿي چمڪي سگهي- جيڪا پڌري پٽ هڪ مئل جسم آهي، جنهن تي جبل آهن، ٻيلا آهن ۽ سمنڊ پيا لهرون هڻن.

گليلو: بلڪل ساڳيءَ طرح، جيئن چنڊ ٿو چمڪي. هِنن ٻنهي تارن کي سج کان روشني ٿي ملي - اِنهيءَ ڪري اِهي چمڪن ٿا. جيئن اسان لاءِ چنڊ آهي، تيئن چنڊ لاءِ اسين آهيون. ڪڏهن هو اسان کي هِلال جي شڪل ۾ ڏسي ٿو، ۽ ڪڏهن سَجو گول جهڙو، ۽ ڪڏهن اسان کي بنهه ڪو نه ٿو ڏسي.

ساگريڊو: تنهن جي معنيٰ ته چنڊ ۽ ڌرتيءَ ۾ ڪو فرق ڪونهي؟

گليلو: سو ته هاڻي ظاهر آهي ته ڪونهي.

ساگريڊو: اجا ڏهه سال نه گذريا آهن، جو روم ۾ هڪڙي ماڻهوءَ کي جيئري جلايو ويو هو. هن جو نالو گارڊينو برونو هو، ۽ هُن به اِها ساڳي ڳالهه ٿي ڪئي.

گليلو: هُن رڳو ڳالهه ٿي ڪئي، پر اسين هاڻي اُها اکين سان ڏسي ٿا سگهون. دوربينيءَ ۾ اک وجهي بيهه، ساگريڊو! جيڪي تون ڏسين پيو. اُن

جي معنيٰ آهي تہ آسمان ۽ ڌرتيءَ ۾ ڪو فرق ڪونهي. اڄ جنوريءَ جي ڏهين تاريخ ۽ سال سورهن سؤ ڏهہ عيسوي آهي - بني نوع انسانُ پنهنجي روزنامچي ۾ لکندو تہ "اڄوڪي ڏينهن تي آسمان ختم ٿيو."

ساگريڊو: اِها تہ ڏاڍي خطرناڪ ڳالهہ ٿي.

گليلو: مون اڃا هڪڙي ئي حقيقت بہ لڌي آهي. اُها شايد ان کان بہ وڌيڪ حيرتناڪ...

سينورا سارتي [اندر اچي ٿي]: سائين، ڪيوريٽر.

[ڪيوريٽر تکو تکو داخل ٿئي ٿو.]

ڪيوريٽر: هيئن آويلو اچڻ تي معافي ٿو گهران. اوهان سان خلاصو ڳالهائڻو اٿم - استاد گليلي.

گليلو: منهنجا عزيز دوست، جيڪي آئونڀڌي سگهان ٿو، سو منهنجو يار ساگريڊو بہ ٻڌي سگهي ٿو.

ڪوريٽر: پر جيڪي ٿيو آهي، اُهو اوهان کان سواءِ ٻيو ڪو نہ ٻڌي تہ چڱو. افسوس، جو ڳالهہ تمام نازڪ ۽ ٻنهہ ويساهہ کان ٻاهر آهي.

گليلو: منهنجو يار ساگريڊو منهنجي سنگ ۾ ويساهہ کان ٻاهر ڳالهين ٻڌڻ تي هريل آهي.

ڪيوريٽر: مون کي ڊپ آهي... مون کي ڊپ آهي... [دوربينيءَ ڏانهن اشارو ڪندي،] ها ها، اِها، اِها عجوبي شيءِ! اِنهيءَ کي اڳوپوءِ رستي تي اڇلائي ڇڏيو. اِها ڪَو بہ نہ لهي، بلڪل هڪ ٽڪو بہ نہ لهي.

ساگريڊو [جيڪو ڏاڍو حيران ۽ پريشان، هيڏي هوڏي هلي رهيو آهي]: اوهين ڇا ٿا چئو؟

ڪيوريٽر: اوهان کي خبر آهي تہ هيءَ اوهان جي کوجنا، جيڪا اوهين چئو ٿا تہ اوهان جي سترهن سالن جي محنت جو ڦل آهي، سا اڄ اٽليءَ جي گهٽين ۾ چند رپين ۾ عام جام وڪامي رهي آهي. ۽ وڏي ڳالهہ تہ اِها هالنڊ جي ٺهيل آهي، ۽ هتي پئي وڪامي! هِن مهل، بلڪل هِن گهڙيءَ هڪڙو ڊچ جهاز بندر تي پنج سؤ اهڙيون دوربينيون لاهي رهيو آهي!

گليلو: سچ پچ، ڪيوريٽر سائين!

ڪيوريٽر: استاد گليلي، آئونهيءَ اوهان جي خوشطبعي سمجهي نٿو سگهان.

ساگريڊو: اوهين ڇا لاءِ ٿا پريشان ٿيو؟ آئونٿو اوهان کي ٻڌايان تہ هِنن گذريل ٿورن ڏينهن ۾ استاد گليليءَ، هِن آلي جي مدد سان، ڪائنات متعلق اهڙيون انقلابي کوجنائون ڪيون آهن، جي دنيا کي ٿرٿلي ۾ وجهي ڇڏينديون.

گليلو [کلندي]: منهنجا محترم دوست، اوهين پاڻ هِن منجهان ڏسي سگهو ٿا.

ڪيوريٽر: ڇگو ڇگو، پر آئونٿو چوان تہ مون لاءِ اِها ئي کوجنا ڪافي آهي - مون، جنهن استاد گليليءَ جو پگهار اِنهيءَ ڳالهہ تي وڌرائي ٻيڻو ڪرايو! ۽ اُهو بہ خالص اتفاق ئي هو، جو ڪنهن سِنيٽر صاحب، جيئن هِن خسيس شيءِ کي ڏسندي سمجهيو ٿي تہ اِها ڏاڍي ڪا قيمتي شيءَ آهي ۽ فقط اسان جي جمهوريہ کي ئي اُن جي ٺاهڻ ۽ فروخت ڪرڻ جو اعزاز ملي رهيو آهي، ٺنهن بلڪل اُنهيءَ ئي مهل اُن مان ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڪنهن گهورڙئي کي اِهو پوپو بنهہ ڦلن مٺ تي وڪڻندي ڏسي نہ ورتو - هونئن نہ تہ اِن مان هر شيءِ وڏي سنوٽي وڏي ٿي ڏسجي - بس رڳو اُن جو مُنهن ڦيرائي، ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڪٽي ڪو ڏسي ها، تہ سڄو ڀانڊو ڪلي پوي ها!

[گليلو زور زور سان ٺهڪ ڏيئي کِلي ٿو.]

ساگريڊو: منهنجا محترم ڪيوريٽر سائين، آئونهن اوزار جو تجارتي نفعو تہ نہ ٿو ڪٿي سگهان، پر فلسفي لاءِ اِن جو ملهہ ايترو تہ ڪاٿي کان ٻاهر آهي، جو....

ڪيوريٽر: فلسفي لاءِ! استاد گليليءَ جو فلسفي سان ڇا؟ - هو تہ رياضيءَ جو عالم آهي. استاد گليلي، اوهان ڪنهن زماني ۾ شهر لاءِ بهترين پاڻيءَ جو پائيپ ٺاهيو هو، ۽ اوهان جي ٺاهيلِ آبپاشيءِ واري ڪَل بہ کهڙو نہ سٺو ڪم ڪري رهي آهي! ڪپڙي اُڻندڙ ڪوري بہ اوهان جي ايجاد ڪيل آڏائڻ جي ساراهہ مان نٿا ڍاپن. پوءِ اوهان هِن ڀيري، هيءُ ڇا ڪري وڌو! اوهان کان مون کي اِها اميد ڪا نہ هئي ...

گليلو: منهنجا دوست، ايترا بيزار نہ ٿيو. سامونڊي سفر اڄ بہ ڏاڍا ڏکيا، مهانگا، بي ڀروسي ۽ اٽانگا آهن. اسان لاءِ خالي آسمان ۾ ڪو بہ اهڙو ڀروسي جهڙو نشان پتو يا گهڙيال لڳل ڪونهي، جنهن جي مدد سان

اسين سلامتيءَ سان اگهور سمنڊ تي پنهنجا جهاز هاڪاري سگهون. هِن دوربينيءَ وسيلي، مون کي معلوم آهي تہ ڪي اهڙا تارا صاف ڏسي سگهجن ٿا، جيڪي متي پنهنجي مقرر تيل رستن تي هلندا رهن ٿا. تارن جا اهڙا نوان چارٽ تيار ڪري، جهاز رانيءَ جي آسانيءَ ۽ سلامتي لاءِ ڪم آڻي سگهجن ٿا. ۽ ايئن لکين بلڪ ڪروڙين رپيا بچائي سگهجن ٿا.

ڪيوريٽر: گهڻو ٺيڪ. گهڻو ٺيڪ. اڳي ئي اوهان کان گهڻو ڪجھ ٻڌو اٿم. منهنجي مهربانيءَ جو اوهان اِهو فائدو ورتو، جو مون کي شهر ۾ ڪلڻ هاب ڪري ڇڏيو اٿو. هر ڪو هاڻي اِيئن چوندو رهندو تہ آئوناهيان اُهو ڪيوريٽر، جنهن کي نڪي جي جاسوسي عينڪ ڏيکاري، آلو بنايو ويو آهي. اوهين ڀلي مون تي کلو - اوهان کي سبب بہ آهي، اوهان کي پنهنجا پنج سؤ رپيا جو ملي ويا! پر آئوناوهان کي ٻڌايان ٿو - ۽ هڪ ديانتدار ماڻهو اِيئن ڳالهائيندو آهي - تہ هِن دنيا کان آئونبيزار ٿي پيو آهيان.

[پٺيان زور سان در بند ڪري، ٻاهر نڪري وڃي ٿو.]

گليلو: ڪاوڙ ۾ تہ هيءَ پيار ڪرڻ جهڙو ٿي ٿو پوي. اِهو ٻُڌِيس! جنهن دنيا ۾ نفعي جو سودو ڪونهي، اُن کان هو بيزار آهي!

ساگريدو: ڇا، اِنهن هالنڊ جي اوزارن جي تو کي خبر هئي؟

گليلو: بلڪل، ڪَنين ٻڌل هئم. پر مونِ جيڪو هي اوزار پاڻ ناهيو آهي، اُهو هِنن سِنيٽي تجوڙي دارن لاءِ اُنهن کان ڀيڻو فائديمند آهي ... جي قرضن جا اَڳاڙي ڪندڙ بيلف منهنجي مٿان عزرائيل بنيا بيٺا هوندا، تہ آئونڪيئن ڪم ڪري سگهندس؟ ۽ ورجينيا بہ جلد ئي ڏاج گهرندي. هوءَ ايڏي سمجهو بہ ڪانهي. ۽ مون کي تہ ڪتاب بہ وٺڻا آهن - علم طبعيات جي ڪتابن کان سواءِ ٻيا بہ ۽ کاڌو بہ ڪجھ چڱيرو کائڻ گهران ٿو. آئونجڏهن کائيندو ويٺو آهيان، تڏهن وڏ ۾ وڏ منهنجي ذهن ۾ اُدما اٿندا آهن. سچ پچ تہ هيءَ ڪهڙو نہ ڪنو ۽ واهيات دور آهي! هو مون کي ايترو بہ نٿا ڏين، جيترو اُنهن کي ڏين ٿا، جيڪي سندن شراب جي ٻَنين تي بيٺل آهن! رياضيءَ تي ٻہ ليڪچر ڏيان ٿو، تڏهنٺيون چار پريون ڪاٿين جون گهر ۾ لهي سگهن. هاڻي سو هِنن کان پنج سؤ رپيا ڦريا اٿم، پر آئونتہ اجا بہ

قرضن ۾ ٻڏو پيو آهيان - ڪي قرض تہ ويهن سالن جا پراڻا اٿم. رڳو پنج سال فراغت جا هجنم ها، تہ سڀ ڳالهيون ثابت ڪري ڇڏيان ها.
- هاڻي اچ تہ تو کي هڪڙي ٻي شيءِ ڏيکاريان.

ساگريڊو [دوربينيءَ کي ويجهي وڃڻ کان ڪيٻائي ٿو]: گليلو ڀاءُ، مون کي تہ هاڻي خوف ٿو ٿئي!

گليلو: هاڻي تہ آئونتو کي تارن جي گئلڪسيءَ جو هڪڙو ڪير جهڙو اڇو، چلڪندڙ ڪڪر ٿو ڏيکاريان. ڏسي، ٻڌاءِ تہ اِهو ڇا جو ٺهيل آهي.

ساگريڊو: اِهي تہ تارا آهن، ڳڻڻ کان ٻاهر تارا!

گليلو: فقط 'اوريان' جي نکٽ ۾ پنج سؤ بيٺل تارا آهن. اِهي آهن اُهي گهڻيون دنيائون، بيون بيشمار دنيائون، ٻي انت پولار ڄا ڏورانهان تارا، جن جي گارڊينو ڳالهہ ٿي ڪئي. هُن اُهي دنيائون يا اُهي تارا ڏٺا ڪو نہ هئا، هُن رڳو اندازو لڳائي يا ڪٿ ڪري اُنهن جي ڳالهہ ٿي ڪئي.

ساگريڊو: پر جيڪڏهن ڌرتي تارو بہ آهي، تہ بہ اُن جو اِهو مطلب ڪو نہ ٿو نڪري تہ، جيئن ڪارپرنيڪس ٿي چيو، اُها سج جي چوڌاري پئي ڦري! آسمان ۾ اهڙو تارو ئي ڪونهي، جنهن جي چوڌاري پيو تارو ڦرندو هجي. رڳو هڪڙو چنڊ آهي، جو ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦري ٿو.

گليلو: ساگريڊو، آئونحيرت ۾ آهيان، ٽيون ڏينهن کان آئونحيرت ۾ آهيان. اِجهو هيءُ مُشتري آهي[ هو دوربينيءَ کي ڦيرائي مُشتريءَ تي بيهاري ٿو]:اِن جي پسگراداڻيءَ ۾ چار ننڍا تارا آهن، جيڪي تون فقط دوربينيءَ سان ڏسي سگهندين. سومر ڏينهن اُهي مون ڏٺا هئا، پر مون خاص خيال ڪو نہ ڪيو هو تہ اُهي ڪهڙي هنڌ هئا. ڪالهہ مون وري اُهي ڏٺا ۽ ايئن لڳم تہ اُهي چارئي ٻئي ٻئي هنڌ بيٺا هئا! اِها ڳالهہ مون نوٽ ڪئي. ۽ هينئر، جو اِنهن کي وري ڏسان ٿو، تہ سندن حالت وري ٻي آهي! پر هي ڇا آهي؟ پهرين مون چار ڏٺا هئا ۽ هاڻي؟ [عجب ۾ پرجي،] هي ڏس! هي ڏس!

ساگريڊو [دوربينيءَ مان ڏسندي]: آئونتہ ٽي پيو ڏسان.

گليلو: تہ چوٿون ڪٿي آهي؟ هي فلڪيات جون جدولون آهن. هي چارٽ آهن. اچ تہ حساب لڳائي ڏسون تہ اِنهن چئن ۾ آخر ڪهڙي چرپر اچي سگهي هوندي.

[هو ڏاڍي شوق سان حسابن ڪي لڳي وڃن ٿا. اسٽيج تي اوندهہ جو سمون پيدا ٿئي ٿو، پر گول افق تي مشتري ۽ ان جا اُپگرهہ اجا ڏسجن ٿا. اسٽيج تي وري جڏهن روشني ٿئي ٿي، تڏهن ڏسجي ٿو تہ گليلو ۽ ساگريڊو سياري جا ڊگها ڪوٽ پايو اجا اُتي ويٺا آهن.]

گليلو: بس ثابت ٿي ويو. اِن وچ ۾ چوٿون وڏي، مشتريءَ جي پوئتان اچي ويو هوندو، جتان اُهو ڏسجي نٿو سگهجي. اِهو اتيئي مثال هڪڙي تاريخ جو، جنهن جي چوڌاري ٻيو تارو ڦري رهيو آهي.

ساگريڊو: پري بلوري گولائين ڇت، جنهن تي مشتري جَڙيل آهي، اُها ڇت ڪيڏانهن ويئي؟

گليلو: هائو، اُها ڇت ڪيڏانهن ويئي؟ سوال آهي تہ جڏهن مشتريءَ جي چوڌاري ٻيا تارا ڦري سگهن ٿا ۽ اُن جي پوئتان بہ وڃي سگهن ٿا، تہ پوءِ مشتري ڪتي ڪنهن ڇت ۾ جَڙجي ڪيئن ٿو سگهي؟ مطلب تہ آسمان ۾ اهڙو ڪو ڇؤڪنو يا ڍانچو آهي ئي ڪو نہ. ڪائنات ۾ ڪتي ڪا ئي شيءِ ڪُتل ڪانهي. آئونچوان ٿو تہ اِهو وري هڪ ٻيو سچ آهي!

ساگريڊو: ڪجهہ ٿڌو ٿيءُ. ڪجهہ ڍرو ٿيءُ. تون ڏاڍو تکو ٿو سوچين.

گليلو: تکو ٿو سوچيان! اڙي ميان، سجاڳ ٿيءُ، اکيون پٽ! خبر اَٿئي تہ تو جيڪي هن مهل ڏٺو آهي، اُهو اڳ ڪنهن ڪو نہ ڏٺو هو! - برابر، هو صحيح هئا! هو صحيح هئا!

ساگريڊو: ڪير؟ ڪاپرنيڪس ۽ هن جا ساٿي؟

گليلو: ۽ اهڙا ٻيا سڀي دنيا هُننِ جي مخالف هئي، پر هو صحيح هئا. هيءَ ڳالهہ اَئنڊريا ٻڌي تہ چڱو! [خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نہ ماپندي، دروازي ڏانهن ڊوڙي وڃي ٿو ۽ زور سان سڏي ٿو.] سينورا سارتي! سينورا سارتي!!.

ساگريڊو: گليلو ياءُ! ڪجهہ پاڻ سنڀال. ڪجهہ ٿڌو هيءُ.

گليلو: ساگريڊو، خوش ٿيءُ! ٺهڪ ڏي! - سينورا سارتي!!

ساگريڊو: [دوربينيءَ جو منهن ڦيرائي ٿو ڇڏي]: اڙي سائين وڏا، ڇرين وانگر رڙيون ٿو ڪرين. ڪجهہ تہ سوچ ڏار.

گليلو: ۽ تون آهين، جو اجا مئل مڇيءَ وانگر ٽنگيو بيٺو آهين، جڏهن سچُ سچُ ٿي چڪو آهي!.

ساگريڊو: آئونمئل مڇيءَ وانگر تنگيو ڪو نہ بيٺو آهيان، پر آئونڊڄان ٿو تہ ڪٿي اِهو سچ پچ، سچُ نہ هجي!

گليلو: ڇا؟

ساگريڊو: تون بلڪل هوش ڪان نڪري ويو آهين ڇا؟ تو ڪان سچ پچ وسري ويو آهي ڇا تہ جو ڪجھ ڏسين پيو، سو جي سچ آهي، تہ اُن تي اعتبار ڪري، تون ڪهڙيءَ مصيبت ۾ پاڻ کي ڦاسائي رهيو آهين؟ ۽ تون آهين، جو رڙيون ڪيو، سڄيءَ دنيا کي پيو ٻڌائين تہ ڌرتي هڪ تارو آهي ۽ ڪائنات جو مرڪز نہ آهي!.

گليلو: هائو! هائو! ۽ ٻيو تہ سڄي هيڏي وڏي ۽ ويڪري، بي انت ڪائنات، جنهن ۾ بيشمار تارا آهن، سا اسان جي هِن ننڍڙيءَ پتڪڙيءَ ڌرتيءَ جي چوڌاري ڪا نہ ٿي ڦري. اِها ڳالھ سيني کي معلوم هجڻ گهرجي.

ساگريڊو: برابر، برابر. تَنهن جي معنيٰ تہ ڪائنات ۾ رڳو تارا ئي تارا آهن! - تہ پوءِ خدا ڪٿي آهي؟

گليلو: ڇا مطلب؟

ساگريڊو: خدا! خدا ڪٿي آهي؟

گليلو: [ڪاوڙ ۾]:هُتي ڪونهي! بلڪل ايئن جيئن ڪي متي وارا اُن کي هِتي ڌرتيءَ تي پيا ڳوليندا هجن، تہ هو ڪين اسان وٽ هِتي بہ ملي ڪو نہ سگهندو!.

ساگريڊو: تہ پوءِ خدا آهي ڪٿي؟

گليلو: آئونڪو شريعت جو عالم آهيان؟ آئونتہ هڪ رياضيدان آهيان.

ساگريڊو: سڀ ڪان پهرين تون هڪ ماڻهو آهين. آئونتوڪان ٿو پڇان: تنهنجي ڪائنات ۾ خدا ڪٿي آهي؟

گليلو: اسان جي اندر ۾، نہ تہ ڪٿي بہ نہ.

ساگريڊو: [رڙ ڪندي]: جيئن ملحد گارڊينو چيو هو؟

گليلو: جيئن ملحد گارڊينو چيو هو.

ساگريڊو: اِن ڪري تہ هن کي جيئري ساڙيو ويو هو! ڪي ڏھ سال اڳ!

گليلو: ڇاڪاڻ تہ هو ڪجھ ثابت ڪري نہ سگهيو. ڇاڪاڻ تہ هن رڳو ڳالھ ٿي ڪئي. — سينورا سارتي! سينورا سارتي!!

ساگريڊو: گليلو ڀاءُ، مون تو کي هميشہ هڪ سياڻو ماڻهو سمجهيو آهي. سترهن سال پيدوئا ۾ ۽ ٽي سال پيسا ۾ تون ڏاڍي ڌيان ۽ پوريءَ محنت سان بطليموس جو نظامِ ارضي پنهنجن شاگردن کي پڙهائيندو آيو آهين، جيڪو ڪليسائي شريعت مڃي ٿي، ۽ جنهن جي مقدس ڪتاب بہ تصديق ڪن ٿا. ڪاپرنيڪس وانگر، سڄو وقت تون اُن کي غلط سمجهندو رهئين، پر تہ بہ اُن کي اِيئن پاڙهيندو رهئين.

گليلو: ڇاڪاڻ تہ آئونڪجھ ثابت نٿي ڪري سگهيس.

ساگريڊو [ويسهہ ۾ ڳالهہ نہ آڻيندي]: ۽ تون ڀانئين ٿو تہ اِن جي ڪري وڏو فرق ٿو پوي!.

گليلو: تمام وڏو فرق پوي ٿو. هيڏانهن نهار، ساگريڊو! منهنجو انسان ذات ۾ ايمان آهي، تَنهن جي معنيٰ تہ منهنجو اُنهن جي عقل ۾ ايمان آهي. اِنهيءَ ايمان کان سواءِ آئونتہ هوند صبح جو پنهنجي ننڊ جي بستري تان بہ اٿڻ جي سگهہ نہ ساري سگهان!

ساگريڊو: تہ پوءِ بہ تو کي ڪجھ ٻڌايان ٿو. منهنجو اِن ۾ ايمان ڪونهي. چاليهہ سال مون بہ ماڻهن ۾ گذاريا آهن. پر مون منجهن رهي، جيڪي سکيو آهي، سو هيءُ آهي تہ هو عقل جي ڳالهہ مان ڪو نہ ڄاڻن. هنن کي پُڇڙ تاري جو ڀرندڙ پڇ ڏيکاريو، ڪنهن اوچتيءَ ڪاريءَ آفت جو سندن دل ۾ ڊپ ويجهو - پوءِ ڏسو تہ ڪيئن ٽا گهر ڇڏي، پيرين اُگهاڙا، ڊيهو پائي ڀڄن- هڪبئي جي مٿان ڳاهٽ ٿي، اڳين کي ٿيلهي، ڪيرائي، چيپائي، هر ڪو ڀهرين پاڻ بچائڻ جي پڄ پڄان کي لڳي ويندو. پر ڪا عام عقل جي ڳالهہ ڪين ڇؤ ۽ اُن لاءِ ڪين ڏهہ دليل بہ ڏيئي ٻڌايو، پر مجال آهي، جو مٿن ڪو اثر پوي. هتئون توهان جي اکين ۾ اکيون وجهيو بيٺا توهان تي کلندا.

گليلو: اِهو صحيح ناهي - اِهو الزام آهي. آئونسمجهي نٿو سگهان تہ تون ڪيئن اهڙيءَ هڪ بي بنياد ڳالهہ کي مڃين ٿو، ۽ پوءِ بہ سائنس سان تنهنجي محبت آهي. فقط مئلن تي ئي عقل جو اثر نہ ٿيندو آهي.

ساگريڊو: تون اِنهن جي خسيس چالاڪين کي ڪيئن ٿو عقل جو نالو ڏيئي سگهين؟

گليلو: آئونهنن جي چالاڪيءَ جي ڳالهه ڪا نہ ٿو ڪريان. مون کي اِها خبر آهي تہ ڪين ڪجهہ وڪٽو هوندو آهي تہ گڏهہ کي گهوڙو سڏيندا آهن، ۽ ڪجهہ ونٽو هوندو آهي تہ گهوڙي کي گڏهہ چوندا آهن. اِها برابر هنن جي چالاڪي آهي. پر هڪ پيرسن عورت سفر تي نڪرڻ کان اڳ جڏهن پنهنجي گڏهہ کي پنهنجن پوڙهن هٿن سان گاهہ جي مٺ وڌيڪ کٽي ڏئي ٿي، يا هڪ جهاز ران سفر تي نڪرڻ کان اڳ رستي جي مينهن واءَ ۽ ڳڙي جو خيال ڪري، گهربل ساز و سامان گڏ ڪري پاڻ سان کڻي ٿو، يا جڏهن ڪو ٻار ڏسي ٿو تہ مينهن ٿو وسي، تہ هڪدم پنهنجي مٿي جي ٽوپي ڇڪي مُنهن تي ٺيڪ ڪري ٿو رکي - منهنجون اميدون ماڻهن جي اِنهيءَ عام سمجهہ ۾ آهن. - هو سڀ عقل جو آواز ٻڌن ٿا هائو، منهنجو ايمانُ عقلَ ۾ سمجهہ جي اِنهيءَ نازڪ پر اَڻ ڳُس طاقت ۾ آهي، جنهن جي اثر ۽ آڌر هيٺ عام انسان رهن ٿا. گهڻو وقت هو اُن کان سواءِ هلي نٿا سگهن. ڪو بہ ماڻهو جيڪڏهن مون کي ڏسي تہ آئونهي پٿر [هو هٿ مان پٿر ڪيرائي فرش تي ڇڏي ٿو] هيٺن ڇڏيان ٿو، تہ هو هرگز ايئن نہ چوندو تہ 'اِهو هيٺ نٿو ڪري'. ڪو بہ ماڻهو اِيئن چئي نٿو سگهي. اِن قسم جي ثابتي ايتري تہ صاف ۽ پڌري آهي، جو اُن کي مڃڻ کان سواءِ ڪو چارو ئي ڪونهي. اڪثر ماڻهو هڪدم - ۽ آخرڪار سڀ - اُن کي قبول ڪن ٿا. سوچڻ ويچارڻُ بني نوع انسان جي دل جي هڪ تمام وڏي پسند ۽ بهترين خوشي آهي.

سينورا سارتي [اندر اچي ٿي]: استاد گليلي، توهان کي ڪجهہ گهرجي؟

گليلو: [جيڪو وري پنهنجي دوربينيءَ تي وڃي بيٺو آهي، ۽، وري وري، ڪجهہ لکي بہ پيو - ڏاڍي پاٻوهہ سان] هائو، ائنڊريءَ کي هيڏانهن موڪل.

سينورا سارتي: ائنڊري؟ هو ستو پيو آهي - ننڊ اٿس!

گليلو: اُٿاري نٿي سگهينس؟

سينورا سارتي: پر توهان جو ڪهڙو ڪم اٿس؟

گليلو: آئونهن کي ڪا شيءِ ڏيکارڻ گهران ٿو، جيڪا ڪيس ڏاڍي وڻندي. آئونچاهيان ٿو تہ هو هڪ اهڙي شيءِ اچي ڏسي، جيڪا دنيا جي شروع ٿيڻ کان وٺي اڄ تائين اسان کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڪا نہ ڏٺي آهي.

سينورا سارتي: وري ڪا شيءِ اِنهي نُولي مان ڏيڪاريندؤس؟
گيليلو: هائو، سينورا سارتي، هائو - بلڪل اِيئن .
سينورا سارتي: ۽ توهين سمجهو ٿا تہ آئوناِن لاءِ اڌ رات جو هُن کي ننڊ مان اٿاريندس! توهين ڪجھ هوش تہ ڌاريو، استاد گليلي! هو ڏاڍو اوجاڳيل آهي. پلي تہ ڪجھ ننڊ ڪري. ڇا بہ ٿي پوي، آئونهُن کي ڪا نہ اٿاريندس.
گليلو: ڇا بہ ٿي پوي؟
سينورا سارتي: ڇا بہ ٿي پوي.
گليلو: تہ پوءِ، سينورا سارتي، تون ئي اسان جي ڪجھ مدد ڪر. هي ڏس، هڪڙو اهڙو سوال اٿيو آهي، جيڪو اسان کي سمجھ ۾ نٿو اچي. شايد اِنهيءَ ڪري، جو اسان تمام گھڻا ڪتاب پڙهيا آهن، ۽ اسان جو مغز چرخ ٿي ويو آهي. هيءُ هڪڙو سنئون سڌو آسمانن بابت سوال آهي - آسمانن جي تارن بابت. سوال هيءُ آهي: ڇا، وڏي شيءِ ننڍي شيءِ جي چوڌاري ڦرندي يا ننڍي شيءِ وڏي شيءِ جي چوڌاري ڦرندي؟ تنهنجي سمجھ ڇا ٿي چوي؟
سينورا سارتي [دل ۾ شڪ جاڳيس ٿو]: استاد گليلي، توهان سان تہ ڪير بہ نٿو پڄي سگھي. ڇا، اِهو سچ پچ اوهان لاءِ ڏکيو سوال آهي، يا وري بہ اڳي وانگر مون سان مسخري ٿا ڪريو؟
گليلو: سچ پچ ڏکيو سوال آهي.
سينورا سارتي: تہ پوءِ اِن جو جواب سولو آهي. ڇا، آئونتوهان جي آڌو ماني آٽي رکندي آهيان، يا توهين منهنجي آڌو آٽي رکندا آهيو؟
گليلو: تون منهنجي آڌو آٽي رکندي آهين. ڪالھ تہ سڙيل ماني آٽي رکي هُيئي.
سينورا سارتي: ۽ چو پلا ماني سڙي ويئي هئي؟ ڇاڪاڻ تہ ماني پچائيندي، توهان لاءِ، وچ ۾، بوٽَ کڻي آئي هيس. آندا هئم، ڪين نہ؟
گليلو: هائو، برابر. مون توکي سڏي چيو هو.
سينورا سارتي: تہ بس - توهين پاڻ سمجهي سگھو ٿا. توهين پڙهيل آهيو، ۽ مون کي پگھار ڏيئي سگھو ٿا.
گليلو: برابر، برابر - مون سمجهيو. اِها تہ سولي ڳالھ آهي. سينورا سارتي، تنهنجي مهرباني.

[سينورا سارتي، خوش ٿيندي، ٻاهر نڪري وڃي ٿي.]

گليلو: ۽ ميان ساگريڊو ٿو چوي تہ اهڙا انسان سچ کي سمجهي نہ سگهندا! آئون تہ چوان تہ هي سچ لاءِ سڪن ٿا.

[صبح جي عبادت لاءِ ديول جو گهنڊ وڄي ٿو. ورجينيا، ڊگهي چوغي ۾، ٻريل شمعدان کنيو اندر اچي ٿي.]

ورجينيا: بابا، صبح مبارڪ.

گليلو: ڇو، تون سوير جاڳي پيئينءَ؟

ورجينيا: آئون صبح جي عبادت لاءِ سينورا سارتيءَ سان ديول ۾ ٿي وڃان. ليوڊو وڪو بہ ايندو. بابا، رات ڪيئن هئي؟

گليلو: بلڪل صاف هئي.

ورجينيا: آئونانِ منجهان ڏسان؟

گليلو: ڇو؟ [ورجينيا جواب نٿي ڏيئي سگهي.] هي ڪو رانديڪو ناهي.

ورجينيا: نہ، بابا.

گليلو: تنهن کان سواءِ دوربيني هڪ ناڪام ۽ خسيس شيءِ آهي - ترت ئي تون هر هنڌ اِيئن ٻڌنديئنءَ. گهٽين ۾ اِها ٽين روپئين وڪامي رهي آهي، ۽ هالنڊ ۾ اول ئي اِها ايجاد ٿي چڪي هئي.

ورجينيا: توهين اِن سان آسمانِ ۾ ڪي نيون شيون ڏسي نہ سگهيا آهيو؟

گليلو: تنهنجي ڪم جون اُهي نہ آهن. رڳو هڪڙي وڏي تاري جي کاٻي پاسي کان ڪي ٿورا ڌنڌليل نشان ڏٺا اٿئون. پر اِهي اجا ماڻهن کي نہ ٻڌائڻا آهن. [ڏيءَ جي پريان بيٺل ساگريڊو سان ڳالهائيندي،] منهنجي مرضي آهي تہ هِنن کي "ميڊيسيءَ جا تارا" ڪري سڏيون - فيلارينس جي رئيس اعظم، ميڊيسيءَ، جي نالي پٺيان. [وري ورجينيا سان ڳالهائيندي،] توکي ڏاڍي خوشي ٿيندي، ورجينيا، تہ پاڻ شايد هتان لڏي، فلارينس ۾ هلي رهنداسين. مون اوڏانهن خط لکيو آهي، جنهن ۾ گهريو اٿم تہ رئيس اعظمُ مون کي اُتان جي سرڪاري رياضي دان جي نوڪري ڏئي تہ ڏاڍو سٺو.

ورجينيا [خوشيءَ ۾ منهن ٻهڪيس ٿو]: سرڪاري رياضيدان! فلارينس جي درٻار ۾!

ساگريڊو: گليلو! تون!!

گليلو: منهنجا دوست، مون کي فراغت گهرجي. مون کي ثابتيون گهرجن، ۽ مون کي طعام کپن ۽ اِنهيءَ نوڪريءَ ۾ مون کي هر روز خانگي شاگردن جي مغز ۾ بطليموس جو ارضي نظام ڪو نہ پرٽو پوندو. مون کي وقت ملندو ... وقت، وقت، وقت! جنهن ۾ آئونپنهنجي علم جون نيون نيون ثابتيون هٿ ڪندس- ڇاڪاڻ تہ هينئر جيڪي ثابتيون مون وٽ آهن، اُهي ڪافي نہ آهن. اِهي اجا ڪجھ نہ آهن، اِهي اجا فقط معمولي انگ اکر آهن. اِنهن سان آئونسڄيءَ دنيا کي منهن ڏئي ڪين سگهنديس، اجا تائين اهڙي هڪڙي بہ ثابتي نہ ملي سگهي آهي تہ ڪو آسماني جسمُ سج جي چوڌاري بہ ڦري ٿو. پر آئونثابتيون لهندس، ثابتيون جيڪي سيني کي صحيح لڳنديون - سينورا سارتيءَ کان وٺي پوپ تائين، سيني کي. مون کي رڳو اِهو خوف آهي تہ متان فلارينس جي دربار مون کي پاڻ وٽ نہ گهرائي.

ورجينيا: ڇو نہ گهرائيندي، بابا؟ ضرور گهرائيندي. تڏهن اِهي توهان جا تارا ۽ اِهي توهان جون پيون ڳالهيون سڀ کهڙي ڪم جون ٿينديون!

گليلو: آئونوڏن ماڻهن کي لاچار ڪڏهن ڪو خط لکندو آهيان، [ساگريڊو کي هڪ خط ڏئي ٿو.] ڇا تو سمجهين، اِهو مون نيڪ لکيو آهي؟

ساگريڊو [گليلو جي خط جون پويون سٽون ڏاڍيان پڙهي ٿو]:'پر آئونٻي ڪا بہ ڳالھ ايتري دليان ڪو نہ ٿو گهران، جيتري اوهان جي ويجهو رهڻ جي خوش نصيبي ۽ عزت - اوهين، جيڪي اڀرندڙ سج مثال آهيو ۽ دنيا جي تاريخ جو هيءُ دور اوهان جي شعاع سان روشن ٿيٽو آهي.' — فلارينس جو رئيس اعظم تہ نون سالن جو آهي!

گليلو: تہ ڳالھ ائين آهي. آئونڏسان ٿو تہ تون منهنجي خط کي حد کان وڌيڪ نميل سمجهين ٿو. آئونوري اِنهيءَ وسوسي ۾ هئس تہ اِهو حالتن جي مناسبت سارو نميل آهي بہ يا نہ — جيڪڏهن رڳو اُن ۾ رسمي نوڙت هوندي، تہ ڪٿي اِيئن نہ سمجهيو وڃي تہ اِهو گهربل سچي پچي ادب ۽ عزت سان لکيل نہ آهي! اڄ جيڪو ارسطوءَ جي قديمي فلسفي جو حامي آهي ۽ اُن جي تفسير ۽ تبليغ ۾ ٿي لڳل رهي ٿو. اُهو ٿي ههڙي قسم جي خط ۾ پنهنجو ڪجھ مان رکي سگهي ٿو، پر آئوناِيئن ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ مون جهڙي ماڻهوءَ کي تہ

ڪا معقول جڳهہ اچ تڏهن ئي ملي سگهي ٿي، جڏهن پهرين هو پيٽ ڀر رِڙهي، ڪنهن جي قدمن ۾ وڃي پوي. ۽ توکي تہ خبر آهي تہ اهڙا ماڻهو منهنجي نظر ۾ هيچ هوندا آهن، جن جا مغز اِن لائق بہ نہ هجن، جو سندن پيٽ ئي ڀري سگهن.

[سينورا سارتي ۽ ورجينيا صبح جي عبادت لاءِ وڃڻ لاءِ وڃڻ اچي لنگهن ٿيون.]

ساگريڊو: گليلو، ياءُ منهنجا، تون فلارينس نہ وڃ!

گليلو: ڇو نہ وڃان؟

ساگريڊو: ڇاڪاڻ تہ پادرين جو اُتي قبضو آهي.

گليلو: فلارينس جي دربار ۾ وڏا ناميارا عالم رهن ٿا.

ساگريڊو: اُهي جي - حضوري آهن.

گليلو: آئونانهن کي ڳچين کان جهلي، گهلي، آڻي دوربينيءَ جي اڳيان بيهاريندس. خود پادري بہ تہ ماڻهو آهن، ساگريڊو! ثابتيءَ جي ڳالهہ تي هو بہ ڍِڳا ايندا. تو کي هيءَ ڳالهہ وسارڻ نہ گهرجي تہ ڪاپرنيڪس ڪانئن گهريو ٿي تہ هو رڳو سندس انگ اکر ۽ شڪليون ڏسي، ڪيس مڃين، پر آئونڪانئن اِهو نٿو گهران. آئونتہ کين چوان ٿو تہ پنهنجين اکين تي اعتبار ڪريو - ڏسو ۽ مڃيو! جڏهن سچ اهڙو هيٺو هجي، جو پنهنجو بچاءُ نہ ڪري سگهي، تڏهن اُن کي وڏي حملو ڪرڻ گهرجي. آئونکين زوريءَ جهلي، دوربينيءَ وٽ آڻي، چوندوسان. 'ڏسو، پنهنجن اکين سان ڏسو!'

ساگريڊو: گليلو: منهنجا دوست، آئونڏسان ٿو تہ تو هڪ ڏاڍي خطرناڪ رستي تي قدم رکيو آهي. اُها بيحد تباهي جي رات هوندي آهي، جڏهن ڪو ماڻهو سچ ڏسندو آهي، ۽ اهو خود فريبيءَ جو پهر هوندو آهي، جڏهن هو ماڻهن جي عقل تي اعتبار ڪندو آهي. ڪهڙي ماڻهوءَ لاءِ چئبو آهي تہ 'هو اکيون کولي اوڏانهن وڃي رهيو آهي'؟ اُن ماڻهوءَ لاءِ جنهن جو قدم يقيني موت ڏانهن ويندڙ رستي تي هوندو آهي. آخر جيڪي طاقت جا صاحب آهن، سي اُن ماڻهو کي ڇوٽ ڪيئن ڇڏيندا، جنهن سچ ڄاتو آهي، توڙي جو اهو سچ ڏورانهن تارن جي باري ۾ ئي ڇو نہ هجي! تون سمجهين ٿو تہ پوپ تنهنجي سچ تي ڪن ڏيندو، جڏهن تون کيس چوندين تہ هو غلط آهي! پر ياد رک، ڪنن هوندي بہ هو اِها ڳالهہ نہ ٻڌندو تہ هو غلط آهي. تون

پانئين ٿو تہ هو رڳو پنهنجيءَ ڊائريءَ ۾ لکي ڇڏيندو تہ 'ڏهين جنوريءَ 1610ع تي آسمان ختم ٿيو'؟ آخر ڪيئن ٿو تون پنهنجي ڪيسي ۾ سچ جو وڪر ڪٽي، هن جمهوري راڄ کي ڇڏڻ گهرين، ۽ پنهنجي هٿ ۾ دوربيني جهلي، تون ڇو ٿو سڌو وڃي پادرين ۽ بادشاهن جي پڪڙيل ڄار ۾ ڪِرڻ ٻاهين؟ پنهنجي علم ۾ تہ ڏاڍو سڄاڳ ۽ پختو آهين، پر ڪا ڳالهہ، جا تو کي تنهنجي مقصدن جي پورائيءَ لاءِ رڳو پري کان چڱي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، اُن تي هڪدم ٻارن وانگر ويسهہ ڪري ٿو ٻيهي رهين! تنهنجو ارسطوءَ تي اعتبار ڪونهي، پر فلارينس جي رئيس اعظم تي اعتبار رکين ٿو! ڪجهہ گهڙيون اڳي، جڏهن تو کي دوربينيءَ منجهان نهاريندي ڏٺم، ۽ تو اُهي نوان تارا ڏٺا، تڏهن مون اِيئن ڏٺو ڄڻ تون ڪاٺين جي ٻرندڙ مچ ۾ وچ تي بيٺو آهين، ۽ جڏهن تو چيو تہ تنهنجو ثابتيءَ ۾ ايمان آهي، تڏهن مون کي سڙندڙ ماس جي بوءِ محسوس ٿي. مون کي سائنس پياري آهي، پر منهنجا دوست، تون مون کي وڏيڪ پيارو آهين. گليلو، منهنجا عزيز يارَ، فلارينس نہ وڃ!

گليلو: جيڪڏهن هنن مون کي گهرايو، تہ آئونويندس.

[پردي تي هن جي خط جو پويون صفحو ڏسجي ٿو:]

'جڏهن آئونهنن نون تارن کي، جيڪي مون لڌا آهن، ميڊيسي خاندان جي عاليشان نالي سان نوازيان ٿو، تڏهن مون کي خبر آهي تہ ڪنهن دور ۾ ديوتائن ۽ سورمن جي عزت افزائيءَ طور سندن نالا آسماني تارن تي رکيا ويندا هئا، پر هيءَ جيڪا مون جرئت ڪئي آهي، سا اُن کان هڪ بلڪل نرالي ڳالهہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ميڊيسي خاندان جي جڳ سڃاتل نالن سان نسبت خود هِنن تارن جي لافاني شهرت جي ضمانت ثابت ٿيڻي آهي. آئون، بهرحال پاڻ کي اوهان جي نيازمند ۽ وفادار خادمن مان هڪ ادنيٰ ۽ معمولي خادم سمجهان ٿو، ۽ اِها پنهنجي وڏي ۾ وڏي عزت ۽ خوش قسمتي شمار ڪريان ٿو، جو اوهان جي هڪ ادنيٰ رعيتيءَ طرر مون کي جنم نصيب ٿيو آهي.

پر آئونپي ڪا بہ ڳالهہ ايتري دليان ڪو نہ ٿو گهران، جيتري اوهان جي ويجهو رهڻ جي عزت ۽ خوش نصيبي - اوهين، جيڪي اڀرندڙ سج مثال آهيو ۽ دنيا جي تاريخ جو هيءُ دور اوهان جي شعاع سان روشن ٿيڻو آهي. -گليلو گليلي.

# (4)

## گليلو وينس جي جمهوريہ کي ڇڏي فلارينس جي شاهي دربار ۾ پهچي ٿو. هن جون دوربينيءَ وسيلي ڪيل کوجنائون اتان جي عالمن وٽ قبول نٿيون پون

پراڻي شيءَ چوي ٿي: جيئن آئون هاڻي آهيان،
هميشہ آئونائين رهي آهيان ۽ رهنديس.
نئين شيءَ چوي ٿي: جي تنهنجو باقي ڪم ڪونهي،
تہ تو کي ختم ٿيڻ گهرجي.

## فلارينس ۾ گليلو جو گهر

[سينورا سارتي گليلو جي مطالعي واري ڪمري کي مهمانن لاءِ تيار ڪري رهي آهي. سندس پٽ، اَئندري، وينو آهي ۽ تارن جي چارٽن کي صاف ڪري رهيو آهي.]

سينورا سارتي: جڏهن کان هن سياڳي فلارينس شهر ۾ آيا آهيون، رڳيون سلاميون ۽ صفايون پئي ڪيون اٿئون، ۽ بيٺي بيٺي چپ پئي چٽيا اٿئون سڄو شهر واڪڙ واڪڙ ڪندو پئي آيو آهي، ۽ هر ڪو اِنهيءَ نُولي منجھ منهن هٽندو واپس پڳو پئي ويو آهي، ۽ پنيان فرش کي ٻهاريندي ٻهاريندي منهنجا تہ هٿ پيا سور ڪن. ۽ اِن مان ڪو سود؟ هڪڙي ڪوڙي پائي بہ نہ. جيڪڏهن هِنن گُجهن کي ڦولهڻ مان ڪو فائدو هجي ها، تہ اسان جا پادري سڳورا پهرين اُنهن کي ڦولهين ها. پورا چار سال تہ آئونبہ وڏي پادري اعليٰ حضرت فلپو جي نوڪريءَ ۾ هيس. هُن جو ڪتب خانو ئي ايڏو هو، جو سڄو تہ ڪڏهن مون کان ڇنڊجي ئي نہ سگهيو. سڄو چمڙي جي جلدن وارن ڪتابن سان فرش کان وٺي ڇت تائين ڏٽيو پيو هوندو هو. هڪڙو بہ اُن ۾ دنيائي ڳالهين جو ڪو ڪتاب رکيل ڪو نہ هو. ۽ اعليٰ حضرت کي ويهڪ جي جاءِ تي ڪُڪرا پئجي ويا هئا ـــ سڄو ڏينهن ڪتابن تي اونڌو ٿيو

پيو هوندو هو. ڇا، اهڙي ماڻهوءَ کي اِنهن ڳالهين جي خبر نه پوي ها؟ ۽ اڄ به هي جيڪي هيترا وڏا وڏا ماڻهو هن شيطاني ٽيوب مان ڏسڻ لاءِ ايندا، اِيئن اچايو اُن مان ڏسي ڏسي واپس هليا ويندا- ۽ سياڻي ساڳيو مون کي کير واري وٽ پيسن لاءِ لڄي ٿيڻو پوندو. مون هِن کي اڳ ئي صلاح ڏني هئي ته هِنن وڏن ماڻهن لاءِ پهرين پيٽ پوري کائڻ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي، - سنا سنا، سٺيا، چسڪي وارا ۽ خوشبودار، قسمين قسمين طعام، جيئن ڏسندي وات پاڻي ٿي وڃين - ۽ پوءِ هنن کي اِنهي نُولي مان ڏسڻ ڏجي، ته ڪجهه ڏسي به سگهن. پر نه! [گليلو جي نقل ٿي ڪري]: ”مون وٽ هنن لاءِ گهٽو ئي پيو ڪجهه آهي"!

[هيٺ در تي ٺڪ ٺڪ جو آواز.]

سينورا سارتي [دريءَ جي ڳڙکيءَ مان ڏسندي]:ڏٺي پناهه ۾ رکي. پهرين رئيس اعظم پهچي ويو! ۽ گليلو اڃا يونيورسٽيءَ ۾ ويٺو آهي! [هوءَ تڪڙ تڪڙ ۾ ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ٿي، ۽ در کولي، رئيس اعظم، فاسمو ڊي ميڊيسيءَ، کي اندر اچڻ ڏئي ٿي. رئيس اعظم سان سندس پيشڪار ۽ به بيگمون گڏ آهن.]

قاسمو: آئوندوربيني ڏسڻ گهران ٿو.

پيشڪار: اعليٰ حضرت ڪجهه ترسن، جيئن استاد گليلي ۽ بيا سندس ساٿي يونيورسٽيءَ مان هتي پهچن. [سينورا سارتيءَ کي]: استاد گليليءَ خواهش ڏيکاري آهي ته فلڪيات جا ماهر اچي، سندس نون لڌن ميڊيسي تارن جو مشاهدو ڪن.

قاسمو: هو دوربينيءَ کي نتا مڃين، بنهه نتا مڃين، ڪٿي آهي اِها دوربيني؟

سينورا سارتي: مٿي، هُن جي مطالعي واري ڪمري ۾.

[ڇوڪرو ڪنڌ ڌوڻي ٿو، ۽ ڏاڪڻ ڏانهن نهاري پڪ ڪري ٿو، ۽ سينورا سارتيءَ جي ڪنڌ جي اشاري تي ڏاڪڻ تان تڪڙ تڪڙ ۾ چڙهي، مٿي وڃي ٿو.]

پيشڪار [جيڪو ڏاڍو پوڙهو آهي]:اعليٰ حضرت! [سينورا سارتيءَ کي]: مٿي هلڻ ضروري آهي؟ آئونرڳو انهيءَ ڪري آيو آهيان، جو اعليٰ حضرت جو استاد بيخوش هو.

سينورا سارتي: ننڍڙي رئيس اعظم کي ڪا تڪليف ڪا نہ ٿيندي. ڪيس ڪو نقصان ڪو نہ رسندو. منهنجو پنهنجو ڇوڪرو مٿي آهي.

قاسمو [مٿي ڏاڪڻ پوري ڪري، اندر داخل ٿيندي]:شام مبارڪ! [ٻيئي ڇوڪرا، پوري رسمي آداب سان، هڪٻئي کي جهڪي سلام ڪن ٿا. ماٺ. پوءِ ائنڊري وري پنهنجي ڪم کي لڳي وڃي ٿو.]

ائنڊري [بلڪل پنهنجي استاد وانگر]:اسان جون اکيون اڪثر دروازي ۾ لڳيون رهن ٿيون.

قاسمو: گهڻا ماڻهو ٿا اچن؟

ائنڊري: ٽولن ۾ اچن ٿا، ڊوڙندا اچن ٿا، حيرت ۾ وات ڦاٽيو وڃين- پر سمجهن ڪجهہ ڪين ٿا.

قاسمو: هون ... يلا اها آهي ......! [دوربينيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو.]

ائنڊري: هائو. اِها آهي. پر استاد جو حڪم آهي تہ اِن کي ڪو بہ هٿ نہ لائي.

قاسمو: ۽ هو ڇا آهي؟ [بطليموس جي ارضي نظام جي ڪاٺ جي نهيل ماڊل ڏانهن اشارو ڪندي.]

ائنڊري: اِهو بطليموس جو نظام آهي.

قاسمو: اِهو ڏيکاري ٿو تہ ڪيئن سج ڦري ٿو، هائو نہ؟

ائنڊري: هائو، هو ايئن چون ٿا.

قاسمو [ڪرسيءَ تي ويهي ٿو ۽ ماڊل ڪٽي پنهنجي هنج ۾ رکي ٿو]:منهنجي استاد کي زڪام ٿي پيو هو. سو آئونسويل ئي واندو ٿي، هليو آيو آهيان. هيءَ تہ ڏاڍي سٺي جاءِ آهي.

ائنڊري: [بي آرام، هيڏانهن هوڏانهن بي سبب هلي ٿو، ڌارئين ڇوڪري ڏانهن بي اعتباريءَ سان نهاري ٿو. نيٺ، پاڻ کي جهلي نٿوسگهي، ۽ ڇارٽن جي پنيان رکيل ڪاٺ جو ٻيو ماڊل ٻاهر ڪڍي ٿو اچي. اُن تي ڪاپرنيڪس جي شمسي نظام جو نمونو ڏيکاريل آهي]:پر، سچ پچ اهو هيئن آهي.

قاسمو: ڇا هيئن آهي؟

ائنڊري [قاسمو جي ماڊلِ ڏانهن اشارو ڪندي]: هو سمجهن ٿا تہ اُهو اِيئن آهي، پر اصل ۾ اهو جيئن هيءُ [پنهنجي ماڊل ڏانهن اشارو ڪري،] آهي تيئن آهي. ڌرتي سج جي چوڌاري ڦري ٿي، هي ڏس!

قاسمو: سچ پچ تون اِيئن سمجهين ٿو؟

اَئنڊري: بلڪل، پڪ ئي پڪ. اِهو ثابت ٿي چڪو آهي.

قاسمو: سچ پچ؟ مون کي خبر نہ آهي تہ هي ڇو ننڍا هِن بزرگ سان مون کي هاٿي ملڻ ڏين! ڪالهہ رات جيِ مانيءَ تي هو اُتي هو.

اَئنڊري: ڀانئجي ٿو تہ هو اِها ڳالهہ ئي نٿا مڃين، هائو نہ؟

قاسمو: اِيئن نہ آهي، هو ڳالهہ مڃين ٿا.

اَئنڊري [اوچتو، هن جي هنج ۾ پيل ماڊل ڏانهن اشارو ڪندي]: اِهو هيڏانهن مون کي ڏي. تو کي تہ رڳو اِنهي جو بہ پتو ڪونهي.

قاسمو: تون ڀن کي ڇا ڪندين؟

اَئنڊري: مون کي ڏي هيڏانهن. اِهو ڪو ننڍين ٻارن جو رانديڪو آهي ڇا؟

قاسمو: تو کي ڏيڻ ڪان مون کي انڪار ڪونهي، پر تو کي ڪجهہ فضيلت سکڻ کپي.

اَئنڊري: تون ڄٽ، بي عقل آهين. تون ڪجهہ فضيلت سک. اِهو مون کي ڏي، نہ تہ پڇتائيندين.

اَئنڊري: آئونتو تو کي سيڪاريان تہ ماڊل ڪيئن ڪٽبو آهي. ڇڏي ڏي!

قاسمو: هاڻي تہ هي پڇي پيو! تون منهنجي ٻانهن ٿو موڙين!

اَئنڊري: هاڻي ڏسون ٿا تہ ڪير صحيح آهي ۽ ڪير غلط. چئو تہ اِها ڦري ٿي، نہ تہ هڻي مڪ، مِٽي تي ڳوڙهو ڪري ڇڏيندوسانءِ!

قاسمو: ڪڏهن بہ نہ. اُوهہ! تون تہ ڪو باندر آهين! آئونتو کي ماٺهپو سيڪاريندس.

اَئنڊري: باندر؟ آئونباندر آهيان!

[هو چپ چاپ پاڻ ۾ وڙهندا رهن ٿا.]

[هيٺ، گليلو ۽ يونيورسٽيءَ جا ڪي ٻيا پروفيسر اندر اچن ٿا.]

[اُنهن جي پٺيان فدرزوني اندر داخل ٿئي ٿو.]

پيشڪار: مغزز حضرات، ڪجهہ ناچاقائيءَ سبب اعليٰ حضرت جو استاد، سُوري صاحب، اعليٰ حضرت سان گڏ اچي نہ سگهيو آهي.

ديني عالم: اميد تہ ڪا خطري جي ڳالهہ ڪانهي.

پيشڪار: بلڪل نہ. بلڪل نہ.

گليلو [نراس ٿيندي]: اعليٰ حضرت ڪو نہ اچي سگهيو؟

پيشڪار: اعليٰ حضرت مٿي ماڙيءَ تي آهي. پر مهرباني ڪري، وڌيڪ نہ ترسو. دربار کي استاد گليليءَ جي هن غير معمولي آلي متعلق،

اسان جي لائق يونيورسٽيءَ جي راءِ ٻڌڻ جو ۽ خاص طرح هُن جي حيرتناڪ نون تارن جي جاچڻ جو تمام گهڻو انتظار آهي.

[هو مٽي وڃن ٿا.]

[چوڪرن ڏاڪڻ هيٺان آواز ٻڌي، وڄڻ بند ڪيو آهي، ۽ هو چپ چاپ فرش تي ويٺا آهن.]

قاسمو: اِجهي، هو اچي ويا، مون کي اُتار.

[جهٽ جهٽ ۾ هو اُتي ڪڙا ٿين ٿا.]

گڏيل آواز[جيئن گهڻا حضرات ڏاڪڻ تان چڙهندا اچن ٿا]: نه، نه، سڀ ڳالهه بلڪل ٺيڪ آهي. - طبي ماهرن چيو آهي ته پراڻي شهر ۾ جيڪي بيماريءَ جا ڪيس ٿيا آهن، سي ڪنهن به صورت ۾ پليگ جا ڪيس نه آهن. اڄڪلهه جيڪا ٿڌ آهي، اُن ۾ پليگ جو پٽ جمي برف تي ويندو. — اهڙين حالتن ۾ سڀ کان خراب ڳالهه ٿيندي آهي اجايو هراس. - نه، ٻيو ڪجهه ڪونهي. رڳو هن موسم ۾ هر سال جيڪا ٿڌ ۽ زڪام جي بيماري ٿيندي آهي، اُها پکڙي پيئي آهي. - ڪنهن به شڪ جي گنجائش ڪانهي - سڀ ڳالهه بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهي.

[ڏاڪڻ کان مٿي، خوش خيرعافيت کان پوءِ.]

گليلو: اعليٰ حضرت، اوهان جي اڳيان اوهان جي يونيورسٽيءَ جي معزز استاد کي پنهنجي نين کوجنائن کان واقف ڪندي، مون کي بيحد خوشي ٿي ٿئي.

[قاسمو سيني پاسن ڏانهن ڪنڌ جهُڪائي، پوري رسمي آداب سان، هن اعزاز جو اعتراف ٿو ڪري. - ائنڊريءَ ڏانهن پڻ اِيئن جهڪي ٿو.]

ديني عالم: [فرش تي پيگل بطليموس جو ماڊل ڏسندي]: هتي ڪا شيءِ ڏسجي ٿي ته پيجي پيئي آهي.

[قاسمو جهٽ ۾ هيٺ نوڙي، ماڊل کڻي، فضيلت سان ائنڊريءَ کي ڏئي ٿو. اِن وچ ۾ گليلو چپ چاپ ٻيو ماڊل کڻي پاسي ڪري ٿو ڇڏي، جيئن ڪنهن جي نظر اُن تي نه پوي.]

گليلو [دوربينيءَ وٽ بيهي]: جيئن اعليٰ حضرت کي پڪ معلوم آهي، گذريل ڪجهه عرصي کان اسين فلڪيات جا عالم پنهنجن انگن اکرن ۽ حساب ڪتاب ۾ گهڻي مشڪلات محسوس ڪري رهيا

آهيون. اُن لاءِ اسين هڪ تمام پراڻو نظام ڪم آڻيون ٿا، جيڪو فلسفي سان تہ ڏسجي ٿو تہ ٺهڪي بيهي ٿو، پر افسوس جو حقيقتن سان نٿو ٺهڪي اچي. هِن پراڻي نظام مطابق، جنهن کي بطليموسي نظام چئون ٿا، تارن جِي چرپر تمام منجهيل ۽ اڻانگي سمجهي وڃي ٿي. مثال طور 'زُهري' باري ۾ سمجهيو وڃي ٿو تہ هِن قسم جي دائري ۾ اِهو گرهہ ڦري ٿو. [بليڪ بورڊ تي وڏي گول دائري تي هڪ اسپرنگ جي مُندبين وانگر ڦرندڙ ننڍو دائرو ڪڍي ڏيکاري ٿو، جيڪو بطليموسي نظام موجب زُهري جي گردش جو دائرو آهي.] پر تارن جي اهڙين منجهيل چُرپُرن کي مڃڻ کان پوءِ بہ، اسين سندن صحيح جڳهن جو پورو پتو ٿا لڳائي سگهون. جن جاين تي اسان جي حساب موجب اُنهن کي هئڻ گهرجي، اُتي اُهي اڪثر ڪو نہ ٿا ڏسجن. تنهن کان سواءِ تارن جي اهڙي چرپر بہ ڏٺي ويئي آهي، جنهن لاءِ بطليموسي نظام ۾ ڪا سمجهاڻي موجود ڪانهي. اهڙي ئي قسم جي چرپر مُشتريءَ جي چوڌاري اُن جي ننڍڙن تارن جي مون کي ڏسڻ ۾ آئي آهي، جيڪي تازو مون ڳولي لڌا آهن. هاڻي اسان جا معزز استاد جيڪڏهن مهرباني ڪن تہ هِن دوربينيءَ منجهان عام تارن جو مشاهدو، مُشتريءَ جي هِنن منهنجن نون لڌل تارن جي مشاهدي سان شروع ڪري سگهن ٿا، جن کي مون 'ميڊيسي تارا' سڏيو آهي.

اَئنڊري [دوربينيءَ جي اڳيان پيل اسٽول ڏانهن اشارو ڪندي] مهرباني فرمائي هِتي ويهي ڏسو.

فيلسوف: تنهنجي مهرباني، منهنجا ٻچا! منهنجو خيال آهي تہ ڳالهہ ايتري سِڌي سادي ڪانهي. استاد گليلي، اوهان جي مشهور اوزار منجهان اسين بيهي ڏسون، تنهن کان پهرين خوشيءَ جي ڳالهہ ٿيندي، جيڪڏهن هڪڙو مناظرو ڪيو وڃي. موضوع: ڇا، اهڙن تارن جو وجود ممڪن آهي؟

رياضيءَ جو عالم: ها، باقاعدي هڪڙو رسمي مناظرو.

گليلو: مون تي سوچيو تہ اوهين رڳو دوربينيءَ منجهان ڏسي، اِن جي پاڻ تسلي ڪري سگهو ٿا.

ائنڊري: هِن منجهان، هِن منجهان

رياضيءَ جو عالم: برابر، برابر، پر هيءُ تہ پڪ اوهان کي معلوم آهي تہ قديم عالمن مطابق اهڙن تارن جو وجود ممڪن ئي ڪونهي، جيڪي ڌرتيءَ کان سواءِ ڪنهن ٻئي مرڪز جي چوڌاري ڦرندا هجن، ۽ نہ وري اِهڙا ئي ڪي تارا ٿي سگهن ٿا، جن کي آسمانن ۾ ڪا نہ ڪا بيهڻ جي جاءِ يا ٽيڪ نہ هجي.

گليلو: هائو.

فيلسوف: ۽ اهڙن تارن جي وجود جي امڪان کان علاوه، جنهن بابت اسان جي رياضيءَ جي معزز استاد [رياضيءَ جي عالم ڏانهن پوري ادب سان ڪنڌ نمائي ٿو] کي شڪ آهي، آئونپاڻ ڏاڍي تواضع سان، هڪ فيلسوف جي حيثيت ۾ هڪڙو سوال عرض رکندس تہ ڇا، اهڙن تارن جو وجود ضروري بہ آهي؟ آرسٽاٽيلس ڊِوائيني يُونيوَ رسم....

گليلو: ڇو نہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا هلون؟ منهنجو ساٿي، استاد فڊرزوني، لاطيني ٻولي نٿو سمجهي.

فيلسوف:هِن جو اسان جي ڳالهہ کي سمجهڻ يا نہ سمجهڻ ايترو اهم آهي ڇا؟

گليلو: هائو.

فيلسوف: معاف ڪندا. مون ٿي سمجهيو تہ هيءُ اوهان جو شيشہ گَر آهي!

ائنڊري: استاد فڊرزوني هڪ شيشہ گَر آهي ۽ هڪ عالِم آهي.

فيلسوف:مهرباني تنهنجي، منهنجا ٻچا، جيڪڏهن استاد فڊرزوني زور ڀري ٿو تہ....

گليلو: آئونزور ڀريان ٿو.

فيلسوف: دليل جي نزاڪت اُها نہ رهندي، پر هيءُ اوهان جو گهر آهي. مقدس ارسطوءَ جي ڪائنات، جنهن ۾ غيب جي پيداوار، الاهي موسيقيءَ جا خالق دائرا ۽ بلوري چرخ، ۽ اُن جي آسماني جسمن جي وڏندڙ دائرن ۾ رواني، ۽ سج جي دائري جو ترڇو محور، ۽ اُپگرهن جي خاڪن جا راز، ۽ ڏکڻ اڌ گول ۾ ڏارن جا ميڙ ۽ جهڳٽا، خدائي پناهہ ۾ بيٺل ڪرهء ارض ۽ جامع فلڪياتي عالَم جي ڪامل ترتيب ۽ تعمير - اِهو سڄو تصورُ حسن ۽ توازن جو هڪ اهڙو روحاني سُڪون بخشيندڙ نظام پيش ڪري ٿو، جو اُن کي ڊاهڻ جو خيال تہ ڇا، پر اُن جي رڳو ٿوري لَڏڻ جو شڪ بہ دل کي لرزائي ٿو ڇڏي.

گليلو: هاڻي پلا ڇا خيال آهي، جيڪڏهن اعليٰ حضرت جن اِهي ناممڪن ۽ غير ضروري تارا پاڻ پنهنجن اکين سان هِن دوربينيءَ منجهان ڏسن، ته اُن ۾ ڪو حرج آهي؟

رياضيءَ جو عالم: اُن جو هڪڙو نرم جواب ته هيءُ به ٿي سگهي ٿو ته اوهان جي دوربيني، جيڪا اهڙي ڪا شيءِ ڏيکاري ٿي، جيڪا وجود ۾ ئي ڪانهي، سا خود ڪيئن هڪ اعتبار جوڳي دوربيني سڏي سگهبي؟

گليلو: اوهان جو ڇا مطلب آهي؟

رياضيءَ جو عالم: اِن ڪاِن وڌيڪ مفيد هيءَ ڳالهه ٿيندي، استاد گليلي، ته اوهين اسان کي اُهي سبب ٻڌايو، جيڪي اوهان کي اِنهيءَ مفروضي قائم ڪرڻ تي آماده ڪن ٿا ته اڻ بدلجندڙ آسمانن جي سڀ کان اوچن ايوانن ۾ تارا ڪليل پولار ۾ آزاد ڦري سگهن ٿا.

فيلسوف: سبب، استاد گليلي، سبب.

گليلو: سبب؟ جڏهن خود تارن تي هڪ نگاهه، ۽ اُن تي منهنجي سمجهاڻيءَ سان، قدرت جي اِن سچي ڪرشمي جو ذاتي تجربو ۽ مشاهدو ٿي سگهي ٿو! سائين منهنجا، هيءُ مناظرو عقل جي ڏيوالي جو مظاهرو ٿيندو ٿو وڃي.

رياضيءَ جو عالم: جيڪڏهن هيءَ خاطري هجي ته اوهين پاڻ کي وڌيڪ جوش ۾ نه وجهندا، ته هوند هيءَ ڳالهه به اشاري طور چئي سگهجي ٿي ته جو ڪجهه اوهان جي دوربينيءَ ۾ آهي جو ڪجهه آسمانن ۾ آهي، اُهي ٻيئي ساڳي ڳالهه نه، پر به جدا جدا ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون.

فيلسوف: اِهو خيال اِن کان وڌيڪ نرم ۽ واضح نموني بيان ٿِي ئي نٿو سگهي.

فدرزوني: اوهين سمجهو ٿا ته اِهي ميڊيسي تارا اسان دوربينيءَ جي شيشن تي پينٽ ڪري ڇڏيا آهن!

گليلو: ڇا، اوهين مون تي ٺوڳي جو الزام هڻي رهيا آهيو؟

فيلسوف: پر اسين اِيئن ڪيئن ٿا ڪري سگهون؟ سو به اعليٰ حضرت جي موجودگيءَ ۾!

رياضيءَ جو عالم: اوهان جو اوزار - اُن کي اوهان جو اولاد چئجي يا اوهان جو شاگرد - بهرحال وڏيءَ عقلمنديءَ سان ٺهيل آهي. اِن ۾ ڪو شڪ ڪونهي.

فيلسوف: ۽ اسان کي بلڪل خاطري آهي، استاد گليلي، تہ نڪي اوهين ۽ نہ وري ڪو بيو اهڙي ڪا جرئت ڪري سگهندو، جو اسان جي حڪمران گهراڻي جو جڳ سجاتل نالو اهڙن تارن تي رکي، جن جو وجود هر قسم جي شڪ کان بالاتر نہ هجي.

]هو سيئي اعليٰ حضرت رئيس اعظم ڏانهن ڪنڌ جهُڪائين ٿا.]

قاسمو [ڪنڌ ڦيرائي، بيگمن ڏانهن ڏسي ٿو]: ڇا، منهنجا تارا ٺيڪ نہ آهن ڇا؟

وڏيءَ عمر واري بيگم [اعليٰ حضرت کي]: تارا تہ هر طرح ٺيڪ آهن، اعليٰ حضرت! هي معزز عالم رڳو هي پيا پڇن ۽ پڪ ڪن تہ تارا سچ پچ ۾ واقعي موجود آهن يا نہ!

[ٿوري ماٺ.]

ننڍيءَ عمر واري بيگم: چون ٿا تہ اِنهي اوزار منجهان آسمان ۾ 'شڪاريءَ' جي ڪمان جو زهہ بہ ڏسي سگهجي ٿو!

فڊرزوني: هائو، ۽ 'ڏاند' جون تہ سڀ شيون ڏسجي سگهجن ٿيون.

گليلو: يلا، معزز حضرات، هاڻي اِن منجهان ڏسندؤ، يا نہ؟

فيلسوف: بلڪل، پڪ ئي پڪ.

رياضيءَ جو عالم: بلڪل.

[ماٺ. اوچتو، اَئنڊري پٺي ورائي، ڪاٺيءَ وانگر اُيو ٿي، سڄو ڪمرو لتاڙي، ٻئي پاسي ٿو وڃي بيهي. سندس ماءُ ڊوڙي جهليس ٿي.]

سينورا سارتي: تو کي ڇا ٿي ويو؟

ائنڊري: هي سڀ احمق آهن[زوريءَ پاڻ ڇڏائي، ڊوڙ پائي، نڪري وڃي ٿو.]

فيلسوف: افسوس آهي هن ٻار تي.

پيشڪار: اعليٰ حضرت، معزز حضرات، اوهان جي ياد دهاني ڪرڻي اٿم تہ عالي دربار جو هفتيوار رقص پوري مُني ڪلاڪ کان پوءِ شروع ٿيڻ وارو آهي.

رياضيءَ جو عالم: ڳالهہ لڪائجي ڇو؟ ترت يا دير سان، مطلب تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن، استاد گليليءَ کي حقيقتون ظاهر ڪرڻيون پونديون. سندس مشتريءَ جا اُپگره ضرور بلوري گنبذن کي ٽوڙي ٻاهر نڪرڻا آهن. ڳالهہ سنئين سڌي پيئي آهي.

فدرزوني: اوهان کي عجب تہ لڳندو، پر بلوري گنبذ آهن ئي ڪين.
فيلسوف: اڙي ڏٽيءَ جا بندا، معموليءَ کان معمولي اسڪولي ڪتاب بہ تو کي ٻڌائيندو تہ بلوري گنبذ آهن.
فدرزوني: تہ پوءِ نوان اسڪول ڪتاب ٺهندا.
فيلسوف: اعليٰ حضرت! منهنجا لائق رفيق ۽ آئونپاڻ مقدس ارسطوءَ جي سَند کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي سَند نٽا قبول ڪري سگهون.
گليلو [تقريباً بيزار ٿيندي]: معزز صاحبؤ، ارسطوءَ جي سَند ۾ ايمان هڪ ڳالهہ آهي؛ حقيقتون، ڪليل حقيقتون، ٻي ڳالهہ آهن. اوهين ٿا چئو تہ ارسطوءَ جي چوڻ موجب هُتي مٿي بلوري گنبذ يا چرخ آهن، تنهن ڪري ڪي گردشون يا چُرپُريون واقع ٿي نٿيون سگهن، ڇاڪاڻ تہ اِيئن ڪرڻ ۾ تارن کي اُهي گنبذ ٽوڙڻا پوندا. پر جيڪڏهن اُنهن چُرپُرين يا گردشن جي اکين سان تصديق ٿي وڃي تہ پوءِ؟ پوءِ شايد اوهان کي مڃڻو پوي تہ اُهي بلوري گنبذ بنهہ موجود ئي ڪونهن، معزز حضرات آئوناوهان کي نهايت نماٽائيءَ سان عرض ٿو ڪريان تہ اوهين پنهنجين اکين تي اعتبار ڪريو.
رياضيءَ جو عالم: منهنجا عزيز گليلو، اِها ڳالهہ اوهان کي ڀلي ڪٽي قديم دور جي لڳي، پر آئونٻين ڳالهين سان گڏ، اِرسطوءَ کي پڙهڻ جو عادي آهيان، ۽ اوهان کي خاطري ٿو ڏيان تہ اُتي آئونپنهنجين اکين تي اعتبار رکان ٿو.
گليلو: آئونانهيءَ ڏسڻ تي هِري ويو آهيان تہ سيني علمن جا استاد هر قسم جي حقيقت تي پنهنجون اکيون بند ڪري ٿا ڇڏين، ۽ اِيئن هلن ٿا ڄڻ ڪجهہ ٿيئي ئي ڪو نہ ٿو، ۽ نہ ٿِي ٿو سگهي. آئونپنهنجا مشاهدا پيش ڪريان ٿو، ۽ هو اُنهن تي بيٺا کِلن. آئونپنهنجي دوربيني سندن حوالي ڪريان ٿو، تہ جيئن پنهنجي اکين سان پاڻ ڏسي تسلي ڪن، ۽ هو مون کي ارسطوءَ جا قول پڙهي پيا ٻڌائين. پر اُن ماڻهوءَ وٽ تہ دوربيني ڪا نہ هئي!
رياضيءَ جو عالم: بلڪل ڪا نہ هُيس. بلڪل ڪا نہ هُيس.
فيلسوف [ڳالهہ کي ويڙهيندي، پوري اعتماد سان]: جيڪڏهن ارسطوءَ کي اِيئن مٽيءَ ۾ لويو ويندو، جنهن کي نہ فقط قديم وقت جي سڄي،

علمي دنيا پر خود مقدس ڪليسا جا سڀ پادري سڳورا ناقابل ترديد سَند طور تسليم ڪن ٿا، تہ پوءِ، گهٽ ۾ گهٽ مون ڪي اِيئن سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هِن مباحثي ڪي جاري رکڻ فضول آهي. آئونبيڪار بحث نہ ڪندو آهيان. گهڻو ٿيو!

گليلو: سچ وقت جي پيداوار آهي ۽ نہ سَند جي. اسين بيحد اڻڄاڻ آهيون. اچو تہ پنهنجي اڻڄاڻائيءَ کي ذرو ذرو ڪري گهٽايون. ڇو هِن وقت ايتري عقلمند بنجڻ جي ڪوشش ڪريو. جڏهن ڪوشش ڪري اسين پنهنجي بي عقليءَ کي ڪجهہ گهٽائي سگهون ٿا. اِها منهنجِي هڪ ويسهہ ۾ نہ اچڻ جهڙي خوش نصيبي هئي، جو مون کي هڪڙو نئون اوزار هٿ اچي ويو، جنهن جي وسيلي ڪائنات جي هڪ ننڍڙي ڪُنڊ ڪجهہ وڌيڪ صاف ڏسي سگهجي ٿي. گهڻي نہ - پر ٿورڙي. اچو تہ اُن جو فائدو وٺون."

فيلسوف: اعليٰ حضرت، معزز خواتين ۽ حضرات، آئونهينئر پاڻ کان پڇي رهيو آهيان، تہ هيءَ سڄي ڳالهہ اسان کي نيٺ ڪيڏانهن وٺي ويندي!

گليلو: منهنجو خيال آهي تہ اسين سائنس جا طالب آهيون، اُن حالت ۾ اسان جو ڪم نہ آهي تہ پاڻ کان بيهي پڇون تہ سچُ اسان کي ڪيڏانهن ٿو وٺي وڃي.

فيلسوف [سخت ڪاوڙ ۾]: استاد گليلي، سچُ اسان کي بلڪل اوڙاهہ ۾ نيئي سگهي ٿو.

گليلو: اعليٰ حضرت، جيئن هيءَ رات آهي، تيئن هھڙين راتين تي، اٽليءَ ۾ هر هنڌ، دوربينيون ڦرنديون، آسمانن ڏانهن اُپيون ٿينديون رهن ٿيون. مشتريءَ جي چندبن سان ملڪہِ کير مکڻ سستو ڪو نہ ٿي پوندو، پر اِهي چنڊ اڳي ڪڏهن ڏٺا نہ ويا آهن، ۽ اِهي متي موجود آهن. اِن مان هڪُ عام ماڻهو اِهو نتيجو ڪڍي ٿو تہ ڏسڻ لاءِ پيون بہ ڪيتريون ئي شيون موجود هونديون، رڳو سندس پنهنجي اکين کولڻ جي دير آهي. اوهان جو فرض آهي تہ هُن جي اِنهيءَ اميد جي تصديق ڪريو. اِها ڪا ٻن چئن ڏورانهن تارن جي چُرپُر جي ڳالهہ ڪانهي؛ جنهن سڄي اٽليءَ جي ماڻهن کي چرڪائي ڇڏيو آهي، پر اصل ۾ وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اِها خبر جيڪا عام پکڙي ويئي آهي

تہ ماڻهن جا ڪي عقيدا ۽ رايا، جيڪي اڄ تائين سمجهيا ويندا هئا تہ غلط نتا تي سگهن، اُهي هاڻي ڍهي ڍير تي رهيا آهن، اُن خبر عام ماڻهن جا ڪن ڪڙا ڪري ڇڏيا آهن تہ اهڙا عقيدا ۽ رايا تہ ٻيا بہ گهٽيئي تي سگهن ٿا. معزز حضرات، اسان کي مدي خارج ۽ مرندڙ تعليمات کي بچائڻ نہ گهرجي.

فدرزوني: استادن جي حيثيت ۾، اوهان کي تہ پاڻ اُنهن جي خاتمي کي ويجهي آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي.

فيلسوف: آئونچاهيندس تہ اوهان جو ماڻهو سائنسي مذاڪري ۾ پنهنجي ٽنگ اڙائڻ جي ڪوشش نہ ڪري.

گليلو: اعليٰ حضرت، وينس جي وڏي اسلح خاني ۾ پنهنجي ڪم جي دوران، آئونخاڪ نويسن، رازن، اوزار ٺاهيندڙن ۽ ٻين ڪيترن ئي پورهيتن، هنرمندن ۽ ڪاسبين سان لاڳاپي ۾ آيو هوس. هِنن ماڻهن مون کي ڪيترائي نوان رستا شين ٺاهڻ جا ۽ ڪم ڪرڻ جا ٻڌايا ۽ ڏيکاريا، اُهي اَڻ پڙهيل هئا، پر اُنهن پنهنجن پنجن حواسن تي اعتبار تي رکيو، ۽ اڪثر حالتن ۾ هُنن کي اِن ڳالهہ جو خيال ڪو نہ تي رهيو تہ سندن اهڙا تجربا ۽ مشاهدا ڪين ڪيڏانهن وٺي تي ويا، ۽ ......

فيلسوف: ”اوهو!“

گليلو: بلڪل اسان جي اُنهن جهازرانن وانگر، جيڪي سؤ ورهيہ اڳ اسان جن ڪنارن تان لنگر ڪٽي، اجهاڳ سمنڊ جي سفر تي نڪري پيا هئا، ۽ اِهو خيال ڪونہ ڪيو هئائون تہ اُهو سفر ڪهڙن ڪهڙن ڪنارن ڏانهن ڪين وٺي ويندو. اِيئن سمجهجي ٿو تہ اڄ اُنهيءَ اعليٰ تجسس کي لهڻ لاءِ، جنهن قديم يونان کي حقيقي عظمت بخشي هئي، اسان کي وري ڪن ’جهاز ساز گودين‘ ۾ وڃڻو پوندو.

فيلسوف: جو ڪجهہ اسان اڄ هتي ٻڌو آهي، اُن ڪان پوءِ واقعي منهنجي دل ۾ ڪو شڪ ڪو نہ ٿو رهي تہ استاد گليليءَ کي سندس شائقَ ۽ ثناخوان! جهازن جي گودين ۾ ئي ملي سگهندا.

پيشڪار: اعليٰ حضرت، مون کي ڊپ آهي تہ هيءَ غير معمولي سبق آموز گفتگو ڪجهہ وڌي، ڊگهي تي پيئي آهي. اعليٰ حضرت کي درباري رقص ڪان پهريائين ڪا گهڙي آرام فرمائڻ گهرجي.

[اشاري ملڻ سان رئيس اعظم گليلو طرف جهڪي ٿو. درٻاري تيز تيز نڪري وڃڻ شروع ڪن ٿا.]

سينورا سارتي [رئيس اعظم جي اڳيان اچي، کيس پيسٽرين جي پليٽ پيش ڪري ٿي]: هڪڙو بسڪوٽ، اعليٰ حضرت!

[وڏيءَ عمر واري بيگم اڳيان ٿي، رئيس اعظم کي ٻاهر وٺي وڃي ٿي.]

گليلو [هُنن جي پوئتان ڊوڙندي]: پر معزز صاحبؤ، اوهان کي سچ پچ منهنجي آلي منجهان رڳو ڏسڻ تہ گهربو هو!

پيشڪار: استاد گليلي، خاطري رکو: اعليٰ حضرت، بهرحال اوهان جي دعوائن متعلق روم ۾ مقدس پوپ جي ڪاليج جي فلڪياتي علم جي استاد، ڪرسٽافر ڪلي وِئس، کان ضرور رايو وٺندو، جيڪو هن وقت دنيا ۾ في الحقيقت فلَڪيات جو وڏي ۾ وڏو ماهر آهي.

# (5)

# پليگ جي بہ پرواهہ نہ ڪندي، گليلو پنهنجي تحقيقات کي جاري رکي ٿو

__ الف __

## فلارينس ۾ گليلو جي مطالعي جو ڪمرو

[صبح جو سوير. گليلو دوربينيءَ تي ويٺو، نوٽ وٺي رهيو آهي. ورجينيا، سفر جو ٿيلهو کنيو، اندر اچي ٿي.]

دليلو: ورجينيا، ڪجهہ ٿيو آهي ڇا؟

ورجينيا: ڪانوينٽ بند ٿي ويو. اسان کي سڌو گهر موڪليو اٿن. شهر جي آرسيٽري محلي ۾ پليگ جا پنج ڪيس ٿيا آهن.

گليلو: [سڏ ٿو ڪري] سارتي!

ورجينيا: اڄ صبح کان مارڪيٽ وارو رستو بند ڪيو ويو آهي. چون ٿا تہ اولڊ ٽائون ۾ بہ موت واقع ٿيا آهن.

گليلو: هُنَ پيري وري بہ پڇاڙيءَ تائين هر ڳالهہ مخفي رکيائون.

سينورا سارتي [اندر اچي ٿي]: تون هتي ڇا پيئي ڪرين؟

ورجينيا: پليگ پيئي آهي.

سينورا سارتي: يا خدا! سامان تہ ٻڌان. [متي تي هٿ ڏيئي، ويهي ٿي رهي.]

گليلو: ڪو بہ سامان نہ ٻڌ. ورجينيا ۽ اَئنڊريءَ کي وٺي وڃ. آئونپنهنجا ڪاغذ ٿو گڏ ڪريان.

[هو ڊوڙي ميز وٽ وڃي ٿو، ۽ تڪڙ تڪڙ ۾ ڪاغذ ميڙي گڏ ٿو ڪري. سينورا سارتي اَئنڊريءَ جي پٺيءَ تي ڪوٽ ٿي رکي، جيڪو ڊوڙندو اندر آيو آهي، ۽ پوءِ ڪجهہ ڪاڌو ۽ بستري جو سامان گڏ ڪري ٿي. سپاهي داخل ٿئي ٿو.]

سپاهي: هن نُگريءَ بيماريءَ ڪري، اعليٰ حضرت جن شهر ڇڏي بولونا روانا ٿي ويا آهن. پر سخت حڪم ڏيئي ويا آهن تہ استاد گليليءَ کي بہ سواريءَ جو بندوبست ڪري ڏجي تہ شهر مان نڪري، ڪنهن سلامتيءَ واري هنڌ پهچي سگهن - ٻن منٽن ۾ گاڏي اوهان جي در تي پهچي ويندي.

سينورا سارتي [ورجينيا ۽ اَئنڊريءَ کي]: وڃو، تڪا وڃو! هان، هي پاڻ سان ڪنيو وڃو!

اَئنڊري: پر ڇو؟ جي نہ ٻڌائيندينءَ، تہ آئونڪو نہ ويندس.

سينورا سارتي: منهنجا پٽ! پليگ پيئي آهي.

ورجينيا: اسين بابا لاءِ ترسنداسين.

سينورا سارتي: استاد گليلي، توهين تيار آهيو؟

گليلو [جيڪو دوربينيءَ کي ميز پوش ۾ پيو ويڙهي]: ورجينيا ۽ اَئنڊريءَ کي تون گاڏيءَ ۾ چاڙهہ. آئوناجهو ٿو اچان.

ورجينيا: نہ، اسين اوهان کان سواءِ نہ وينداسين، توهين جيڪڏهن ڪتاب ٻڌڻ شروع ڪندا، تہ ڪڏهن بہ تيار نہ ٿي سگهندا.

سينورا سارتي: گاڏي پهچي ويئي.

گليلو: ڪجهہ ڏاهي ٿيءُ ورجينيا! جيڪڏهن تون گاڏيءَ ۾ نہ چڙهندينءَ، تہ گاڏيءَ وارو هليو ويندو. پليگ ڪا معمولي ڳالهہ ڪانهي.

ورجينيا [ڪاوڙ ڏيکاري ٿي – جيئن سينورا سارتي ڪيس ۽ اَئنڊريءَ کي اڳيان ڪيو، ٻاهر وڃي ٿي وڃي]: بابا کي تون ڪتابن ڻاهڻ ۾ مدد ڪر، نہ تہ هو ڪڏهن بہ ڪين نڪرندو.

سينورا سارتي [ڏاڪڻ جي در تي پهچي، سڏي ٿي]: استاد گليلي، ڪوچوان نٿو ترسي!

گليلو: سينورا سارتي، آئوننٿو سمجهان تہ مون کي گهر ڇڏڻ گهرجي. سڀ شيءِ هتي بگڙي پيئي آهي. مون کي هڪ بہ راتيون هتي رهڻ گهرجن، نہ تہ گذريل ٽن مهينن ۾ جيڪي نوٽ ورتا اٿم، سي سڀ بيڪار ٿي ويندا ۽ سمورا ڪاغذ اجلائي ڇڏڻا پوندم. ۽ هيءَ بيماري بہ تہ هر هنڌ پکڙي پيئي آهي!.

سينورا سارتي: استاد گليلي، فوراً هيٺ اچو، توهان جو مغز تہ خراب ڪو نہ ٿي ويو آهي!

گليلو: تون وقت نہ وڃاءِ. ورجينيا ۾ ائنڊريءَ کي وٺي هلي وڃ. آئون بہ توهان جي پويان اچان ٿو.

سينورا سارتي: هڪ ڪلاڪ کان پوءِ تہ ڪنهن کي شهر مان نڪرڻ بہ ڪو نہ ڏيندا. توهان کي هڪدم هلڻ گهرجي. [ڪن لائي ٻڌي ٿِي.] گاڏي تي وڃي پيئي! ڊوڙي بيهاريانس!

[وڃي ٿي.]

[گليلو اڳتي پوئتي هلي ٿو. سينورا سارتي موٽي ٿي اچي - منهن لٿل، پريشان، هٿين خالي.]

گليلو: تون اجا ڇو بيٺي آهين؟ گاڏي ٻارن کي کڻي هلي ويندي.

سينورا سارتي: هو ويا هليا. ورجينيا کي زوريءَ اندر جهلي ويٺا. بولونا ۾ ڪو نہ ڪو ٻارن جي سار سنڀال لهندو. پر هتي توهان جو کاڌو ڪير پچائيندو؟

گليلو: تون چري ٿي پيئي آهين. کاڌي پچائڻ لاءِ شهر ۾ رهي پوڻ....! [پنهنجا ڪاغذ کڻي ٿو.]اِيئن نہ سمجھ تہ آئونڪو بيوقوف آهيان. سينورا سارتي! آئونهتي پنهنجن 'مشاهدن' کي ڇڏي نٿو سگهان. منهنجا ڏاڍا طاقتور دشمن آهن، ۽ مون کي پنهنجن نظرين لاءِ ثابتيون هٿ ڪرڻيون آهن.

سينورا سارتي:توهين ڇو ٿا مون کان معافي گهرو! پر اِها سمجھ پري ڳالھ ڪانهي.

# فيلارينس ۾ گليلو جي گهر جي ٻاهران

[گليلو گهران ٻاهر نڪري ٿو ۽ گهٽيءَ ۾ پري ڏسي ٿو. ٻه راهبائون اچي لنگهن ٿيون.]

گليلو [هنن سان ڳالهائي ٿو]: منهنجون ڀينرون، مون کي ڏس ڏيئي سگهنديون ته آئون ٿورو کير ڪٿان وٺان؟ اڄ صبح جو کير واري مائي اسان وٽ ڪا نه آئي، ۽ منهنجي خادمه ٻاهر نڪري ويئي آهي.

هڪڙي راهبه: دوڪان هاڻي رڳو شهر جي هيٺئين پاسي کليل آهن.

ٻي راهبه: اوهين هُتان نڪتا آهيو؟ [گليلو ڪنڌ سان هائوڪار ڪري ٿو.] هِن ئي گهٽيءَ مان!

[ٻيئي راهبائون پنهنجيءَ ڇاتيءَ تي صليب ٺاهين ٿيون، بيبي مريم کي سڏين ٿيون ۽ تکيون تکيون وڏي وڃن ٿيون. هڪڙو ماڻهو اچي لنگهي ٿو.]

گليلو [هُن سان ڳالهائي ٿو]: تون اُهو نانوائيءَ ته نه آهين، جيڪو اسان کي سفيد نانَ ڏيئي ويندو آهين؟ [ماڻهو ڪنڌ سان هائو ڪري ٿو.] تو منهنجي خادمه ته ڪانه ڏٺي؟ هوءَ شايد ڪالهه شام جو ڪيڏانهن نڪري ويئي آهي. اڄ صبح جو هوءَ گهر ۾ ڪا نه هئي.

[ماڻهو ڪنڌ سان ناڪار ٿو ڪري.]

[سامهين پاسي واري دري کلي ٿي، ۽ ان مان هڪ عورت جهاتي پائي ٻاهر ڏسي ٿي.]

عورت [دانهن ڪري]: ڀڄو اِتان! اِنهي پاسي پليگ آئي آهي.

[ماڻهو خوف ۾ ورنجي، ڀڄي ٿو.]

گليلو: تو کي ڪا منهنجي خادمه جي خبر آهي؟

عورت: تنهنجي خادمه گهٽي ۾ اڳتي ويندي، ڪري پيئي هئي. هُن کي اڳي ئي خبر هئي. اِنهيءَ ڪري ته ٻاهر نڪتي هئي. ٻين جو ڪنهن کي خيال ئي ڪو نه ٿو پوي! [هوءَ زور سان دري بند ڪري ٿي ڇڏي.]

[ ڪي ٻار پريان گهٽيءَ مان ايندا ڏسجن ٿا. هو گليلو کي ڏسن ٿا ۽ رڙيون ڪري ڀڄن ٿا. گليلو موٽي ٿو، ۽ ٻه سپاهي مٿي کان پيرن تائين زرهه ۾ ڍڪيل، ڊوڙندا ڏانهس اچن ٿا.]

سپاهي: مونِي گهر وچ! هڪدم مونِي اندر وڃ!

[هو پنهنجن ڊگهن نيزن جي ڇهنبن سان گليلو کي ڌڪاري، اندر ڪن تا، هُن کي اندر ڪري، ٻاهران ڪڙو ڏيئي، در بند ڪري ڇڏين تا.]

گليلو [دريءَ منجهان منهن ڪڍي]: اوهين مون کي ڪجهہ ٻڌائي سگهندا تہ منهنجي خادمہ جي ڪهڙي حالت آهي؟

سپاهي: اهڙا سڀ ڪيس ٻاهر ٻيلي ۾ ڪٽي ويا آهن.

عورت [وري دريءَ مان منهن ڪڍي ٿي]: گهٽيءَ جو اهو سڄو پاسو پليگ ۾ ورتل آهي. اِن کي اِتان بند ڇو نٿا ڪري ڇڏيو؟

[سپاهي ٻنهي پاسن کان رسي ٻڌي، گهٽيءَ کي بند ڪري ٿا ڇڏين.]

عورت: پر هاڻي تہ اسان جي گهر ۾ بہ ڪو ڪونہ اچي سگهندو!اسان کي بند ڪري ڇڏڻ جي ضرورت ڪانهي، هتي هر ڪو چڱو ڀلو آهي. اِيئن نہ ڪريو! اِيئن نہ ڪريو!! منهنجي ڳالهہ ٻڌو!!! منهنجو مڙس ٻاهر شهر ۾ آهي. هاڻي هو اسان وٽ واپس ڪيئن اچي سگهندو؟ اڙي مار پئيوَ! ڪا نَڪاڻ پئيوَ!!

[اَندران روئندي، رڙيون ڪندي ٻُڌجي ٿي. سپاهي هليا وڃن ٿا. ٻيءَ دريءَ مان هڪ ٻڍي عورت منهن ڪڍي ٿي.]

گليلو: هوڏانهن ڪا باهہ لڳل ٿي ڏسجي!

ٻڍي عورت: جتي پليگ جو شڪ هوندو اٿن، اُتي باهہ ڪا نہ وسائيندا آهن. سواءِ پليگ جي ٻيءَ ڪنهن ڳالهہ جو ڪو خيال ئي ڪنهن کي ڪونهي.

گليلو: اِهي آهن ئي اهڙا! اهڙو ئي اِنهن جو سڄو حڪومت جو نمونو آهي. بس، اسان کي اِيئن ڪَٽي الڳ ڪري ٿا ڇڏين، جيئن اَنجير جي وڻ جي ڪا ٽاري ڪپي اڇلائي ڇڏبي آهي، جنهن کي جيت اچي وٺندو آهي ۽ اُها ميوو جهلي نہ سگهندي آهي.

ٻڍي عورت: تو کي اِيئن چوڻ نہ گهرجي. هو بہ لاچار آهن.

گليلو: تون گهر ۾ اڪيلي آهين ڇا؟

ٻڍي عورت: هائو. پر منهنجي پٽ ٻاهران مون کي چٺي موڪلي آهي. ڌڻي جو شڪر، جو ڪالهہ شام جو هُن کي ڪا خبر پيئي تہ هيڏي هِن پاسي ڪو پليگ ۾ مري ويو هو. تنهن ڪري هو گهر بہ ڪو نہ آيو. ڪالهہ رات هن پاسي ٻارنهن ڪيس ٿيا هئا.

گليلو: آئونپاڻ کي ڏوهہ ٿو ڏيان، جو پنهنجي خادمہ کي وقت سر موڪلي نہ ڇڏيم. مون کي تہ ضروري ڪم هو، پر هُن کي تہ پوئتي رهڻ جو ڪو سبب ڪو نہ هو.

ٻڍي عورت: هاڻي، اسين پاڻ بہ تہ وڃي نٿا سگهون. اسان کي ڪير پاڻ وٽ اچڻ ڏيندو؟ تون پاڻ کي ايترو نہ لوءِ. مون هُن کي ڏٺو هو. هوءَ اڄ صبح جو سوير، اٽڪل ستين وڳي ٻاهر نڪتي هئي. هوءَ بيمار هئي، ڇو تہ جڏهن هن مون کي ماني وٺڻ لاءِ در کان ٻاهر ايندي ڏٺو، تڏهن هوءَ مون کان پڇي پري ٿي ويئي. شايد هُن نٿي چاهيو تہ هو ڪو تنهنجو گهرپوري ڇڏين. پر هو تہ هر شيءِ معلوم ڪري وٺن ٿا.

[گڙگڙ گرڙ گرڙ جو آواز ٻڌجي ٿو.]

گليلو: اِهو ڇا آهي؟

ٻڍي عورت: اِهي گوڙ ڪن ٿا تہ جيئن آسمان جا ڪڪر جن ۾ پليگ جو ٻج آهي. سي ٽڙي پکڙي، هٽي وڃن.

[گليلو زور سان کِلي ٿو.]

۽ تون پيو کِلين!

[هڪڙو ماڻهو گهٽيءَ مان پريان اچي ٿو ۽ اُن کي رسيءَ سان بند ڏسي ٿو.]

گليلو: اڙي ادا! آئونهتي بند ٿيو پيو آهيان، ۽ گهر ۾ ڪجهہ بہ کائڻ لاءِ ڪينهيم.

[هُن جو آواز ٻڌندي ئي ماڻهو ڀڄي وڃي ٿو.]

گليلو: پر، اڙي! اڙي! ميان! تون اسان کي اِيئن بک ۾ مرندي ڏسي، ڪيئن ٿو ڀڄي وڃين!

ٻڍي عورت: شايد اسان لاءِ ڪجهہ آڻيندا. نہ تہ، آئونتنهنجي در جي ٻاهران ڪير جو پيالو رکي ويندس - شل تو کي مون مان ڊپ نہ ٿئي — پر سو بہ سڄ لٿي، اوندهہ کان پوءِ.

گليلو: او! او! ڪو تہ من اسان کي ٻڌي!

[اوچتو رسيءَ وٽ اَئنڊري اچي بيهي ٿو. هن جي ڳلن تي ڳوڙهن جا نشان ڏسجن ٿا.]

گليلو: اَئنڊري! تون هتي ڪيئن پهتين؟

اَئنڊري: آئونهتي سوير آيو هوس. مون ٺڪ ٺڪ ڪئي، پر توهان در نہ کوليو. ماڻهن مون کي ٻڌايو تہ.....

گليلو: گاڏيءَ ۾ تون ڪو نہ وئين ڇا؟

اَئنڊري: ويو هوس، پر رستي تي ڪنهن طرح ٽپ ڏيئي لهي پيس.ورجينيا هلي ويئي. آئوناندر نٿو اچي سگهان ڇا؟

ٻڍي عورت: نہ، اندر نٿو اچي سگهين، تون اُرسيلَن مرڪز ۾ وڃ. تنهنجي ماءُ اُتي هوندي.

اَئنڊري: آئوناُتان ئي آيو آهيان. پر هُنن ساڻس مون کي ملڻ نہ ڏنو. هوءَ ڏاڍي بيمار آهي.

گليلو: تون ايترو سڄو پنڌ ڪري آيو آهين؟ ٽي ڏينهن ٿيا آهن اوهان کي هتان وئي!

اَئنڊري: مون کي هتي اچڻ ۾ ايترا ئي ڏينهن لڳا آهن، توهين مون تي ڪاوڙجو نہ، واٽ تي هڪ ڀيرو مون کي جهلي بہ وڌو هئائون.

گليلو [بيوسيءَ کان] تون هاڻي روءُ نہ. هيڏانهن ڏس. مون انهي وچ ۾ ڪيتريون ئي نيون شيون لڌيون آهن. تو کي ٻڌايان؟ [اَئنڊري سڏڪا بند ڪري، ڪنڌ سان هائو ڪري ٿو.] هاڻي ڌيان سان ٻڌ، نہ تہ سمجهي ڪين سگهندي. ياد اٿيئي جڏهن مون تو کي زُهري جو گرهہ ڏيکاريو هو؟ تون ايڏانهن اِنهي گوڙ تي ڪن نہ ڏي - اِهو ڪجهہ ڪونهي. سو، تو کي ياد آهي؟ هاڻي تو کي خبر آهي تہ مون ڇا ڏٺو آهي؟ بس، اُهو تہ چنڊ جهڙو آهي! مون اُن کي اڌ گول جي شڪل ۾ ڏٺو آهي ۽ هِلال جي شڪل ۾ ڏٺو آهي، هاڻ تون ڇا ٿو چوين؟ آئونتو کي اِهو سيڪجهہ هڪڙي بال ۽ ميڻ بتيءَ جي مدد سان ڏيکاري سگهان ٿو. اِن مان ثابت ٿئي ٿو تہ اِنهيءَ گرهہ کي بہ پنهنجي روشني ڪانهي. ۽ اِهو بہ سڄ جي چوڌاري ڦري ٿو - بلڪل هڪڙي سادي گول دائري ۾ آهي نہ اِها عجب جهڙي ڳالهہ؟

اَئنڊري [سڏڪا ڀريندي] : هائو ، ۽ اِها حقيقت بہ آهي.

گليلو [آهستي]: مون هُن کي هتي ڪو نہ روڪيو هو، اَئنڊري!

[اَئنڊري چپ آهي.]

گليلو: پر، آئون جي هتي نہ ترسان ها، تہ ٻڙابر اِيئن ڪو نہ ٿئي ها

اَئنڊري: يلا، هاڻ تہ هو توهان تي اعتبار ڪندا؟

گليلو: مون سڀ پنهنجيون ثابتيون گڏ ڪري رکيون آهن. تو ڪي ٻڌايان ٿو تہ جڏهن هيءَ ڳالهہ ختم ٿي ويندي، تڏهن آئونروم ويندس ۽ اُتي وجي ڪين ڏيکاريندس.
[گهٽيءَ مان پريان ٻہ منهن ڍڪيل ماڻهو اچن ٿا. ڪنوائين وانگر اُنهن کي ڊگها لڪڙا آهن، جن جي پڇڙي ۾ باڙديون لٽڪيل آهن. هو، درين منجهان، پهرين ٻڍيءَ مائيءَ کي ۽ پوءِ گليلو کي، ڊڃي ڊڃي، ماني ڪڍي ڏين ٿا.]

ٻڍي عورت: ۽ هُتي، پريان، ٽن ٻارن سان هڪڙي ماءُ اَتوَ. اُنهن کي بہ ڪجهہ ڪڍي ڏيو.

گليلو: پر مون وٽ پيئڻ لاءِ ڪجهہ ڪونهي. گهر ۾ پاڻيءَ جي ڦڙي ڪانهي.
[ٻيئي ماڻهو ڪُلها ساهيندي، پنهنجي لاپرواهي ڏيکارين ٿا.] سياڻي اوهين وري ايندؤ؟

هڪڙو ماڻهو [گهٽيل آواز ۾، ڇو تہ منهن تي ڪپڙو ويڙهيل اٿس]: اڄ ڪنهن کي خبر تہ سياڻي ڇا ٿيندو؟

گليلو: جيڪڏهن سياڻي اوهين اچو، تہ مون لاءِ هڪڙو ننڍڙو ڪتاب آڻي سگهندؤ؟ مون کي پنهنجي ڪم لاءِ اُهو کپي.

ماڻهو [ٺلهي نموني کِلي ٿو]: ڄڻ ڪتاب ُ هاڻي ڪا وڏي ڳالهہ آهي! شڪر ڪر، جي ڪا ماني بہ ملئي.

گليلو: پر اِهو ڇوڪرو، منهنجو شاگرد، سياڻي هِن مهل هِتي هوندو، ۽ منهنجي لاءِ اُهو ڪتاب اوهان کي ڏيندو. - اُهو هڪڙو نقشو آهي، اَئنڊري، جنهن تي عطارد جي ڦيري جو وقت ڄاڻايل آهي - اُهو مون کان ڪٿي هيٺ مٿي ٿي ويو آهي — تون اسڪول مان مون لاءِ ڪٿي ايندي؟
[اِنهي وچ ۾ ٻيئي ماڻهو هليا وڃن ٿا.]

اَئنڊري: بلڪل، استاد گليلي، آئون توهان لاءِ اُهو ضرور ڪٿي ايندس.

[گليلو دريءَ مان هٽي اندر ٿئي ٿو. سامهونءَ واري گهر مان ٻڍي مائي ٻاهر نڪري ٿي ۽ گليلو جي در وٽ کير جو پيالو آڻي رکي ٿي.]

# 1616ع: روم ۾ مقدس پوپ جي ڪاليج جو تحقيقاتي ادارو گليلو جي ڪوجنائن جي تصديق ڪري ٿو

حالتون سچ پچ بيحد عمدي صورت اختيار ڪن ٿيون
جڏهن ڄاڻو ماڻهو ڄاڻڻ لاءِ هيٺانهين وڃن ٿا
اسان کي اعلان ڪندي ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي —
علم جي تحصيل ڪان فارغ ٿيل ۽ دستاربند عالم، ڪِلي وِئس، گليلو جي ڪوجنائن جي پٺيرائي ڪئي!

## روم ۾ مقدس پوپ جي ڪاليج جو وڏو هال

[رات آهي. ڪليسا جي اعليٰ بزرگ، وڏا پادري ۽ عالم — ٽولن جي صورت ۾ هڪڙي پاسي گليلو بيٺو آهي — اڪيلو. وڏو ڪل خوشيءَ جو وايو منڊل آهي. ڏيک شروع ٿئي ٿو. اُن ڪان اڳ وڏا وڏا لاڳيتا ٽهڪ ٻڌجن ٿا. ]

ٿلهو وڏو پادري [مزي سان، نڪتل پيٽ کي هٿن ۾ جهليندي]: آلا، حد ٿي ويئي! پلا ڪو اهڙي بہ ڳالھ ٻڌائي، جنهن تي ڪنهن کي ويسهہ نہ اچي!

هڪڙو عالم: مثال طور، اوهان کي ڪاڏي ڪان ڏاڍي چڙ آهي، يا حضرت!

ٿلهو وڏو پادري: اِنهي تي ويسهہ ڪري ويندا! انهي تي ويسهہ ڪري ويندا! ماڻهن کي رڳو معقول ڳالھ تي ويسهہ نٿو اچي. مثال طور شيطان آهي — اِنهيءَ تي شڪ ڪندا. پر ڌرتي لاٽوءَ وانگر گٽر ۾ ڦري پيئي — اِنهيءَ تي ويسهہ ڪيو وڃن! ڏٺيءَ جي ڪا پلائي ٿئين!

هڪڙو راهب (سانگ ڪندي): مون کي تہ ڦيري ٿي اچي، ڌرتي ڪجھ حد ڪان گهٽي ڦري رهي آهي. پروفيسر، هيڏانهن ٿي تہ توتي ٽيڪ ڏيئي پاڻ جهليان.

[لُڏي لُڏي، ڪرڻ جو مِنهن ٿو ڪري، ۽ هڪڙي عالم جي ڪلهي کي وجي ٿو جهلي.]

پهريون عالم [کيل ۾ شامل ٿيندي]: هائو، ويچاري اسان جي پوڙهي ڌرتي ماتا. اڄ وري گهڻو پيتو اٿس.

ٽلهو وڏو پادري: ڇڏيو، ڇڏيو! آئون ته مرڳو ڪِران ٿو. ڇڏيو! آئون ٿو چوان، ڪا ٻي ڳالهه ڪريو!

ٻيو عالم: 'زهره' ته اڳي ئي ونجي ٻيٺي ٿي پيئي آهي. آئون ته اُن جي پٺيءَ جو رڳو هڪڙو اڌ ڏسي ٿو سگهان! بچايو! بچايو!

[پادرين جي هڪڙي ٽولي ڳڙ ٿئي ٿي. ڪلندي، هو اهڙو ناٽڪ ڪن ٿا، ڄڻ ڪنهن طوفان ۾ ورتل جهاز مان هو هيٺ سمنڊ ۾ ڪرڻ کان پاڻُ بچائي رهيا هجن.]

هڪڙو ٻيو راهب: خدا خير ڪري، ڪٿي اُڇلجي چنڊ تي نه وڃي پئون. يائرو، چون ٿا ته اُن جي جبلن جون چوٽيون ڏاڍيون ڇهنباريون آهن!

پهريون عالم: پير پنهنجا پختا ڪري بيهو!

پهريون راحب: ۽ هيٺ نه نهاريو. منهنجو ته مٿو ٿو ڦري.

ٽلهو وڏو پادري [سعيو ڪري زور سان ڳالهائي ٿو، ته جيئن گليلو ٻڌي]: ناممڪن! مقدس پوپ جي ڪاليج ۾ ۽ ڪنهن جو مٿو ڦري!

[وڏا ٽهڪ.]

[پٺئين در کان، ڪاليج جا ٻه فلڪياتي ماهر داخل ٿين ٿا.]

[ماٺ ٿي وڃي ٿي.]

هڪڙو راهب: اڃا اوهين پيا جانچ ڪريو؟ هيءَ ته خواري ٿي!

پهريون فلڪياتي ماهر [ڪاوڙ مان]: اسين جانچ ڪو نه ڪريون!

ٻيو فلڪياتي ماهر: هيءَ ڳالهه اسان کي ڪٿي پهچائيندي؟ ڪلي وٺس کي آئون ته سمجهي نٿو سگهان... گذريل پنجاهه سالن ۾ جيڪي دعوائون ٿيون آهن، سي سڀ جيڪڏهن ايئن سچيون سمجهي قبول ڪجن ها! 1572ع جي سال ۾، سڀ کان مٿئين آسمان ۾، يعني ائين آسمان ۾، جنهن ۾ بيٺل تارا جڙيل آهن، هڪ نئون تارن جو جهڳٽو چمڪندي ڏسجي ٿو – پنهنجي سيني پاڙيسري تارن کان وڏو ۽ وڌيڪ روشن - ۽ ارڙهين مهينا ئي نٿا گذرن، ته اُهو وري هليو ٿو وڃي ۽ موٽي غيب ۾ گم ٿي وڃي ٿو! اسين پڇي سگهون ٿا ته جي اِيئن آهي، ته پوءِ آسمانن جي ازلي معياد ۽ لافاني دائميت جو ڇا ٿيندو؟

فيلسوف: ڏسجي اِيئن ٿو ته جي هنن جو وس پڄي ته اسان جي هيءَ سڄي ڪائنات ڍاهي ڍير ڪري ڇڏين!

ٻهريون فلڪياتي ماهر: هائو. نيٺ اسين ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون؟ پنج سال پوءِ هو ڊڄ، ٽڪو بروهو، هڪڙي پڇڙ تاري جو رستو ڪڍي ٿو، اسان کي ٻڌائي! اُهو چنڊ ڪان مٿان نڪتو ۽ بلوري گنبذن کي، جيڪي چرندڙ نکٽن جا نهرا ۽ مضبوط چرخ آهن، هڪ هڪ ڪري ٽوڙيندو، اڳتي وڌندو ويو! اُن آڏو ڪا رڪاوٽ ڪا نہ آئي، ۽ نہ اُن جي روشنيءَ کي ٽئي ڪتي ڪا جهل ٿي! پوءِ ڀلا اسين هِنن کان پڇون ته هي سڀ چرخ ڪيڏانهن ويا؟

فيلسوف: نہ نہ، اِهو ته سوال ئي ڪو نہ ٿو اُٿي. ڪرسٽافر ڪلي وئس، اٽليءَ جو ۽ سڄيءَ ڪليسا جو وڏي ۾ وڏو فلڪياتي عالم، اهڙيءَ هڪ واهيات ڳالھ جي رکو جانچنا بہ ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟

ٿلهو وڏو پادري: خدا پناھ ڏئي! اِها ته وڏي خواري ٿي.

ٻهريون فلڪياتي ماهر: پر هو اِها جانچنا ڪري رهيو آهي! هو هُتي اندر ويٺو آهي، ۽ بيٺو اُنهيءَ شيطاني آلي منجهان ڏسي!

ٻيو فلڪياتي ماهر: ڳالھ منڍ کان ئي ڦِٽي آهي! هيءَ سڄي خرابي شروع ئي تڏهن ٿي، جڏهن اسان اُن ملحد ۽ ڪافر ڪاپرنيڪس جي ليکن ۽ جدولن منجهان آسماني جسمن بابت هر شيءِ جا حساب لڳائڻ شروع ڪري ڏنا هئا ــ شمشي سال جي ڊيگهہ، سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ جون تاريخون، سالن جا سال اڳواٽ آسماني جسمن جا گهر ۽ هنڌ.

هڪڙو راهب: آئون اوهان کان ٿو پڇان ته بهتر ڳالھ ڪهڙي آهي: جنتريءَ ۾ ڏيکاريل تاريخ کان ٽي ڏينهن پوءِ گرهڻ ڏسجي، يا هميشہ لاءِ ماڻهو الاهي نجات کان محروم ٿي وڃي؟

هڪڙو تمام سنهون راهب [ڪليل انجيل کنيو، اڳتي وڏي اچي ٿو ــ آگر ان جي هڪڙي فقري تي زور سان ڪُتل اٿس]: هي ڏسو! مقدس انجيل ۾ ڇا فرمايل آهي! ــ 'سج، گبيان جبل مٿان خاموش بيهي رھ، ۽ تون اي چنڊ، آجيلان جي ماتريءَ تي بيهي رھ!' هاڻي، سج ڪيئن خاموش بيهندو، جيڪڏهن هو چرندو ئي ڪو نہ هوندو! جيئن اهي ملحد چون ٿا! ڇا، مقدس انجيل ڪوڙو آهي؟

پهريون فلڪياتي ماهر: نہ - ۽ انهيءَ ڪري اسين مرڳو هتان هليا ٿا وڃون.
ٻيو فلڪياتي ماهر: ڪي مظهر اهڙا بہ آهن، جيڪي اسان فلڪيات جي عالمن کي مشڪلات ۾ وجهي ٿا ڇڏين، پر ماڻهوءَ لاءِ هر شيءِ کي سمجهڻ ضروري بہ آهي ڇا؟

[ٻيئي وڃن ٿا.]

تمام سنهون راهب: خدا جي خاص خلقيل انسان جي گهر کي هو هڪڙي رولو تاري سان وچي ٿا برابر ڪن! ماڻهن، حيوانن، ٻوٽن ۽ خود ڌرتيءَ کي چؤ ڪنيو ٻڌي، هو هڪڙي رٿ ۾ وجهي، وني ٿا اُن کي هڪڙي خالي آسمان منجهان گول چڪر ۾ ڊيڪائين. ڌرتي ۽ آسمان هُنن لاءِ موجود ئي ڪينهن. ڌرتي موجود ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ اُها آسمان ۾ هڪڙو تارو آهي، ۽ آسمان موجود ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ اُهو ڌرتين جو ٿهيل آهي. مٿئينءَ ۽ هيٺينءَ دنيا ۾ هِن ڪان پوءِ ڪو فرق ڪونهي، نہ وري دائمي ۽ عارضيءَ ۾ يا فانيءَ ۽ لافانيءَ ۾. اِها اسان کي خبر آهي تہ اسين ختم ٿي ويندا سين. پر آسمان بہ ختم ٿي ويندا — اُهو هاڻي اسان کي هي ٿا ٻڌائين. سج آهي، چنڊ آهي ۽ تارا آهن، ۽ اسين ڌرتيءَ تي رهون ٿا — اِهو اسان کي ٻڌايو ويو آهي، ۽ اِيئن لکيل بہ آهي. پر هاڻي هنن جي چوڻ مطابق ڌرتي پڻ هڪ تارو آهي. ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي، رڳو تارا آهن! اچا تہ اسان جي جيئري اُهو ڏينهن ايندو، جڏهن هي چوندا تہ ماڻهو بہ نہ آهن، حيوان بہ نہ آهن، مرڳو ماڻهو حيوان آهن، ۽ هتي رڳو حيوان ئي حيوان آهن.

پهريون عالم [گليلو کي]: استاد گليلو، اوهان ڪجهہ فرش تي ڪيرايو آهي.
گليلو [جيڪو مٿين ڳالهہ هلندي، ڪيسي مان پنهنجو پٿر ڪڍي، اُن سان ڪجهہ وقت راند ڪندي، اُن کي ڇاڻي ٻجهي هيٺ ڪيرائي ٿو، ۽ پوءِ نوڙي ان کي ڪٽندي]: نہ سائين، نہ. اِهو مون ڪان ڪري پيو هو.
ٿلهو وڏو پادري [پٺ ورائي]: بي ادب، بدمعاش.

[هڪڙو تمام پوڙهو ڪارڊينل (وڏي رتبي وارو پادري) هڪڙي راهب جي ڪلهي تي ٽيڪ ڏيو، اندر اچي ٿو. هر ڪو ادب وچانهين، هن کي جاءِ ڏئي ٿو.]

تمام پوڙهو ڪارڊينل: اچا اِهي اندر ويٺا آهن؟ ههڙيءَ هڪ خسيس ڳالهہ جي فيصلي ۾ ايڏي دير؟ اِنهي ڪلي وئس کي پنهنجي فلڪياتي علم

جي ڪجھ تہ خبر هئڻ گهرجي. مون ٻڌو آهي تہ اِهو گليلي، جو پاڻ کي استاد ٿو سڏائي، انسان ذات کي ڪائنات جي وچ مان اُتاري، پري ڪنهن ڪنڊ ۾ اڇلي ڇڏڻ ٿو چاهي؟ اِهو تہ انسان ذات جو ظاهر ظهور دشمن ٿيو. هن سان هلت بہ اُها ئي ڪرڻ کپي. انسان سڄيءَ مخلوقات جو چٽ آهي، هو خدا جي سڀ کان اعليٰ ۽ محبوب تخليق آهي — اِهو تہ هر ڪو ٻار بہ ڄاڻي ٿو. پوءِ هو پنهنجي اهڙي بي مثل معجزي، اهڙي پنهنجي اعليٰ ترين شاهڪار کي ڪيئن هڪڙي ڏورانهين ۽ سدائين رُلڻي ننڍڙي ستاري تي اڇلائي ڦٽي ڪندو؟ ڇا، هو پنهنجي مقدس پٽ کي اهڙي ڪنهن دور دراز اوجهڙ واري هنڌ ڪڏهن موڪلي بہ ها؟ افسوس، جو اسان وٽ اڄ اهڙا گمراهہ ۽ قلب جا ڪارا ماڻهو بہ ٿي سگهن ٿا، جيڪي پنهنجن رياضيءَ جي انگن اکرن ۽ شيطاني جدولن تي اعتبار ڪيو ههڙيون اونڌيون ڳالهيون پيا ڪن؟ ڪهڙو سچو مؤمن ۽ خدا جو بندو اهڙو ڪو ٿي سگهي ٿو، جو سندن اِنهي ڳالهہ تي اعتبار ڪندو؟

تلهو وڏو پادري [ڪروڌ ڀريل آواز ۾]: اهڙو خدا جو ٻندو اسان وٽ ويٺو آهي.

تمام پوڙهو ڪارڊينل [گليلو کي]: سو تون آهين اُهو ماڻهو؟ منهنجي پوري نظر ڪا نہ ٿي پئجي سگهي، پر جيڪا ڪجھ نظر اٿم، ان مان ڏسي سگهان ٿو تہ تون بلڪل ان ماڻهوءَ جهڙو ٿو لڳين، جنهن کي اسان ڪجھ وقت اڳي هتي جيئري ساڙيو هو. ان جو نالو ڇا هو؟

راهب: يا حضرت، توهين پاڻ کي گهڻو جوش ۾ نہ آڻيو. توهان لاءِ ڊاڪٽر...

تمام پوڙهو ڪارڊينل [ڳالهہ کي وچ ۾ ڪٽي، راهب جي ڪلهي تان هٿ پري ڪري]: تون ڌرتيءَ کي ذليل ڪرڻ گهرين ٿو، جيتوڻيڪ تون ان تي رهين ٿو ۽ اُن جو ڪائين پين ٿو، ۽ ان مان سيڪجھ حاصل ڪرين ٿو! تون پنهنجي آکيري ۾ وٺيون لاهڻ گهرين ٿو! پر ڇا بہ ٿي پوي، آئون ائين ڪرڻ ڪين ڏيندس. [هو راهب کي ڌڪي پري ڪري ٿو، ۽ ڏاڍي شان ۾ ٻرجي، اڳتي پوئتي هلي ٿو.] آئون ڪو جهڙو تهڙو مخلوق ناهيان، جيڪو جهڙي تهڙي ڪنهن ننڍڙي تاري تي رهي سگهان، جيڪو ڪٿي ڪنهن ٿوريءَ مدت لاءِ ڦرندو رهندو هجي. آئون

محڪمِ ذرتي تي بيٺل آهيان ۽ پنهنجا قدم ڄمائي ان تي هلي رهيو آهيان، اُها هڪ جاءِ تي اڏول بيٺل آهي، اُها ڪائنات جو مرڪز آهي، آئون مرڪز تي بيٺل آهيان ۽ منهنجي خالق اڪبر جون اکيون مون ۾ ۽ فقط مون ۾ کُتل آهن. منهنجي چوڌاري اَٽ آسمان آهن، جيڪي بلوري چرخ آهن، ۽ اُهي ڦرن پيا، جن جي گنبذن ۾ منهنجي مهربان مالڪ سهڻا تارا ۽ وڏو تابناڪ سج جَڙي بيهاريا آهن، تہ اهي منهنجي چوڌاري هرشيءِ کي روشن ڪندا رهن، ۽ خود مون کي بہ روشن ڪندا رهن تہ جيئن خُداوند تعاليٰ مون کي ڏسندو رهي. ۽ اهڙيءَ طرح ظاهر ظهور، ۽ اُن جو ڪو جواب ڪونهي، هر ڳالهہ جو مون تي داروُمدار آهي — مون انسان تي، جيڪو خدا جو لاجواب شاهڪار آهي، سڄيءَ تخليق جو مرڪز، خود خدا جو عڪس لافاني ۽ . . .

[هو هُبڇي ويهي رهي ٿو.]

راهب: يا حضرت، توهان پاڻ کي حد کان وڌيڪ تڪليف ڏني آهي. [اُن گهڙيءَ، پريون در کلي ٿو ۽ عظيم ڪلي وئس پنهنجن فلڪياتي مشيرن کي پٺيان ڪري، اندر اچي ٿو. تڪو تڪو ۽ خاموش، هال مان لنگهي، اڳتي هليو وڃي ٿو — نہ ساڄي ٿو نهاري، نہ کابي، ۽ جيئن ئي نڪري ٻاهر ٿيڻ تي آهي تہ هڪڙي راهب سان ڳالهائي ٿو.]

ڪلي وئس: هو سچو آهي.

[ايئن هو هال مان ٻاهر نڪري ٿو وڃي. فلڪيات جا عالم بہ هن جي پوئتان نڪري ٻاهر وڃن ٿا. پريون دّرجتان ڪلي وئس نڪتو هو، ايئن کُليو پيو آهي. تمام پوڙهو ڪارڊينل هوش ۾ اچي ٿو.]

تمام پوڙهو ڪارڊينل: اِهو ڇا هو؟ يلا، هو فيصلي تي پهتو؟

[ڪيس حقيقت ٻڌائڻ جي ڪنهن کي همت ڪا نہ ٿي ٿئي.]

[پوڙهي کي هٿ ڏيئي اٿارين ٿا، سيني جا هوش خطا آهن، ۽ حيرانيءَ ۾ هڪ هڪ تي، هال مان ٻاهر نڪرن ٿا. هڪڙو ننڍڙو راهب، جيڪو ڪلي وئس جي جانچ ڪميشن سان گڏ هو، گليلو جي پرسان اچي بيهي ٿو.]

ننڍڙو راهب [ڪن ۾، ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي]: استاد گليلي، پادري سڳوري، حضرت ڪلي وئس، جانچ ڪميشن کي پڇاڙيءَ ۾ چيو تہ 'هاڻي پلي تہ مقدس شريعت جا عالم سوچين تہ سندن آسماني چرخ

ڪيئن تا وري ڳنڍجي سگهن!‘ توهان کي مبارڪ آهي، توهان ڪئيو. [هليو ٿو وڃي.]

گليلو [هن کي جهلڻ جي ڪوشش ٿو ڪري]: مون نہ، پر اُن ڪئيو آهي – عام سمجهہ ڪئيو آهي. ماڻهوءَ جي عقل ڪئيو آهي.

[ننڍڙو راهب اڳ ئي نڪري ويو آهي. گليلو پڻ وڃي ٿو. در تي هن کي هڪڙو ڊگهي قد وارو پادري، جيڪو مقدس ڪليسا جو محتسب آهي، گڏجي ٿو. اُن سان هڪڙو فلڪيات جو عالم ساڻ آهي. گليلو ڪنڌ نمائي سلام ڪري ٿو. ٻاهر نڪرڻ کان اڳ هو دربان کان پٽڪو ڪري ڪجهہ پڇي ٿو.]

دربان [پٽڪي سان جواب ڏيندي]: حضرت سائين، ڪارڊينل محتسب.
[فلڪيات جو عالم، ڪارڊينل محتسب کي وٺي، اندر دوربينيءَ وٽ وڃي بيهاري ٿو.]

--

# (7)

# پر مقدس عدالت ڪاپرنيڪس جي تعليمات ڪي گهلي، ڪنهڙي ۾ آٽي بيهاري ٿي (5-مارچ 1616ع)

جڏهن استاد گليلو روم ۾ هو،
هڪڙو ڪارڊينل هن کي گهر وٺي ويو
جنهن هن کي مهمان طور خوب کارايو ۽ پيياريو
۽ موٽ ۾ هن کان هڪڙي ننڍڙي ڳالهه پڇي ورتي.

## روم ۾ ڪارڊينل بيلارمين جو گهر

[رقص جاري آهي. چبوتري ۾، جتي ٻه ڪليسائي واقع نگار (ڪلارڪ) ويٺا، شطرنج جي راند ٻه پيا ڪن، ۽ مهمانن متعلق نوٽ ٻه پيا لکن – اُتي منهن تي نقاب پهريل ٻه ٽي خاتون ۽ ٻه ٽي مرد استاد گليلو جي آجيان ڪن ٿا. هو پنهنجي ڌيءُ ورجينيا ۽ ان جي مڱيندي، ليوڊو وڪو مارسيليءَ، سان گڏ اندر اچي ٿو.]

ورجينيا: آئون ٻئي ڪنهن سان ٻه رقص ڪو نہ ڪنديس، ليوڊو وڪو!

ليوڊو وڪو: تنهنجي فراڪ جي ڪلهي وارو بٽڻ کلي پيو آهي.

گليلو:

رنج نہ ٿي، منهنجي ڌيءُ، جي اتفاق سان
ڪنهن جون لالچ پريل نظرون تو ڏانهن ڇڪجي وڃن.
پياسي اکيون جن کي ڪا ڊنل ڪنواري ڏسي ٿي وٺي،
اهي ان جي دل جي ڌڙڪ پروڙي وڃن ٿيون.
پر ساده دل سونهن پري نينگري
اُن پنهنجي ياڳ تي وري ٻه ناز ڪري ٿي.

ورجينيا: بابا منهنجي دل تي هٿ رکي ڏسو.

گليلو [هن جي دل تي هٿ رکي ٿو]: اها دڪ دڪ پيئي ڪري.

ورجينيا: شل مان سهڻي ڏسڻ ۾ اچان!

گليلو: بلڪل. نہ تہ ماڻهو جهٽ ۾ وري عجب ۾ پئجي ويندا تہ واقعي ڌرتي ڦري بہ ٿي يا نہ.

ليوڊو وڪو: پر، اُها ڦري ئي ڪٿي ٿي! [گليلو کِلي ٿو.] سڄي روم ۾ توهان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو ڪو ذڪر ئي ڪونهي. پر اڄ شام کان پوءِ، سائين منهنجا، شهر ۾ رڳو توهان جي ڌيءُ جي ڳالهہ هوندي.

گليلو: چون ٿا تہ روم جي بسنت رُت ۾ هر ڪا شيءِ خودبخود سهڻي ڏسبي آهي. آئون پاڻ بہ تہ ڪجهہ ڪجهہ، يوسف جهڙو سهڻو لڳندو هوندس، جيتوڻيڪ ٿورو پيٽ نڪتل اٿم! [ٻن نوجوان ڪلارڪن کي،]آئون سمجهان ٿو تہ مون کي ڪارڊينل سان ملڻ لاءِ هتي بيهڻو آهي. [نوجوان جوڙي کي،] اوهين وڃو، وڃي موج ڪريو!

[رقص ۾ شامل ٿيڻ کان اڳ، ورجينيا ڊوڙندي، موٽي اچي ٿي.]

ورجينيا: بابا، ٽِرئوفولو چونڪ تي، آرائشگاهہ واري، چئن عورتن کي ڇڏي، پهرين منهنجا وار ٺاهيا. هڪدم توهان جو نالو ٻڌي، مون کي سجاڻي ويو! [وڃي ٿي.]

گليلو [ڪلارڪن کي، جيڪي شطرنج پيا کيڏن]: اوهين شطرنج اجا بہ اِنهيءَ پراڻيءَ طرز تي پيا کيڏو؟ نہ تہ، اها ننڍي، تمام ننڍي چال آهي. اڄڪلهہ ماڻهو وڏن وڏن مُهرن سان کيڏن ٿا ۽ وڏي وڏي چال هلن ٿا — سڄيءَ بساط تي پنهنجا مُهرا ڦيرائين ٿا. بادشاهہ هيئن [ڪري ڏيکاري ٿو:] ۽ وزير هيئن، ۽ سوار هيئن ۽ هيئن. اِن سان گهڻو ميدان ملي ٿو وڃي، ۽ اوهين پنهنجي راند جون وڏيون وڏيون رٿائون بيهاري سگهو ٿا.

هڪڙو ڪلارڪ: اهڙي وڏي راند اسان جي ننڍڙي پگهار سان نٿي ٺهڪي اچي — توهان کي خبر آهي! اسين رڳو ههڙي ۽ ههڙي چال هلي سگهون ٿا. [هو سڌي سنئين ننڍي ننڍي چال هلي ڏيکاري ٿو.]

گليلو: ڳالهہ اِن جي ابتڙ آهي، منهنجا دوست. ڳالهہ اِن جي بلڪل ابتڙ آهي. جيڪو وڏيون وکون ڪڍندو، اُن کي وڏا بوٽ ملندا. ماڻهوءَ کي وقت جي وک سان وک ملائي هلڻ گهرجي، سائين لوڪو! ڪناري کي ڇهڻي نہ پئجي، ڪڏهن ڪڏهن هاڪاري ٻيڙا وچ سمنڊ ۾ بہ وڃڻ گهرجن.

[تمام پوڙهو ڪارڊينل، جيڪو اڳئين ڏيک ۾ نظر آيو هو، پنهنجي راهب سان گڏ اسٽيج تان لنگهندي ڏسجي ٿو. هن جي نظر گليلو تي پوي ٿي، اڳتي وڌي وڃي ٿو، اڌ دليو، مُنهن ورائي هن کي ڪيڪاري ٿو. ”گليلو ويهي ٿو، رقص جي هال مان جوان ڇوڪرن جي ڳائڻ جو آواز ٻڌجي ٿو، جيڪي فلارينس جي رئيس اعظم جي مرحوم پيءُ، لورينزو دِي ميڊيسيءَ، جو ”زندگيءَ جي بي ثباتيءَ“ تي چيل مشهور نظم پيا ڳائين:]

’ آئون ، جنهن اونهاري جا گلاب ڪُمائجندي ڏٺا آهن،
۽ اُنهن جون زرد ۽ گهنجيل پتيون هيٺ ڪريل ڏٺيون آهن
پُسيل ٺڏي پَٽ تي، آئون حقيقت کي ڄاڻان ٿو:
هاءِ! جوانيءَ جو گل ڪيڏو نه اُڏرڻو گل آهي! ‘

گليلو: روم. — ڪيڏا نه وڏا جشن پيا ٿين!

پهريون ڪلارڪ: پليگ جي سالن ڪان پوءِ هيءُ پهريون جشن آهي. اڄ شام جو هتي اٽليءَ جا سڀ وڏا خاندان آيل آهن. اورسيني، ولِيني، نيوڪولي، سولدريني، ڪُئيني، ليچي، اِيٽس، ڪولمبيني . . .

ٻيو ڪلارڪ [وچ ۾ روڪيس ٿو]: مقدس حضرت ڪارڊينل بيلارمين ۽ باربريني. [ڪارڊينل بيلارمين ۽ ڪارڊينل باربريني داخل ٿين ٿا. ٻنهي جي هٿن ۾ ڪاٺين تي پنهنجي پنهنجي مُنهن جي اڳيان جهليل نقاب — هڪڙي جي اڳيان گهٽي جو ۽ ٻئي جي اڳيان ڪبوتر جو — ڏسجي ٿو.]

باربريني [پنهنجي ڏَسٽيءَ آڱر سان گليلو ڏانهن اشارو ڪري]: ’سج پڻ ايري ٿو، ۽ سج لهي وڃي ٿو، ۽ تکو تکو پنهنجيءَ انهيءَ جاءِ تي رسي ٿو جتان اُهو ايريو هو‘ — اِيئن چيل آهي انجيل مقدس جي باب ’واعظن جا واعظ‘ ۾ ۽ گليلو ڇا ٿو چوي؟

گليلو: جڏهن آئون هيڏو هوس، يا حضرت [هو پنهنجي هٿ سان اشارو ڪري ڏيکاري ٿو،] تڏهن آئون جهاز تي بيٺو هوس ۽ مون رڙ ڪري چيو هو: ڪنارو پري ڊوڙندو ٿو وڃي! اڄ آئون ڄاڻان ٿو ته ڪنارو بيٺو هو ۽ جهاز پري ڊوڙندو ٿي ويو.

باربريني: عقلمنديءَ جو جواب آهي، عقلمنديءَ جو جواب آهي. بيلارمِين، جو ڪجهه ماڻهو ڏسي ٿو، مثلاً نِکٽ جيڪي ڦرندي ٿا ڏسجن، اُهو

لازمي نہ آهي تہ سچ هجي، جهاز ۾ ڪناري جي مثال کي خيال ۾ رکجي. پر جيڪو سچ آهي، يعني هيءُ تہ ڌرتي ڦري ٿي، سو ڏسجي نٿو سگهجي! واقعي عقلمنديءَ جو جواب آهي پر سندس مشتريءَ جا چنڊ اسان جي فلڪيات جي عالمن لاءِ واقعي ڏکيو مسئلو پيش ٿا ڪن. بدقسمتيءَ سان، مون پڻ ڪنهن زماني ۾ ڪجهہ ڪجهہ فلڪيات کي پڙهيو آهي، بيلارمين. هِن جي اِها ڳالهہ ماٿوءَ کي اِيئن چنبڙي ٿي پوي، جهڙي پير جي ڏنگهري.

بيلارمين: پاڻ کي پلي وقت سان گڏ هلڻ کپي، باربريني، جيڪڏهن فلڪيات جي نون نظرين جي بنياد وارا تارن جا چارٽ اسان جي خلاصين کي جهاز رانيءَ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا، تہ اچو تہ اُهي چارٽ ڪم آڻيون. اسان کي تہ رڳي اُها تعليم نٿي وڻي، جيڪا مقدس انجيل جي ترديد ڪري ٿي. [هو رقص جي هال ڏانهن هٿ لوڏي ڪنهن جي آجيان ٿو ڪري.]

گليلو: مقدس انجيل. — 'جيڪو اَن لڪائي رکندو، ماڻهو اُن کي پِٽيندا.' مان 'پهاڪا.'

باربيني: 'ڏاها ماڻهو علم سنڀالي رکندا آهن.' باب 'پهاڪا.'

گليلو: 'جتي ڍڳا نہ آهن، اُتي آهرُ بہ صاف آهي، پر ڍڳي جي وَهڻ سان ئي تہ فصل ٿين ٿا.'

باربريني: 'جنهن جي هٿ ۾ پنهنجو روح آهي، اُهو بهتر آهي اُن کان جيڪو پين سان وڙهي، ڪو شهرُ ٿو وڃي هٿ ڪري.'

گليلو: 'پر ٽُٽل روح گهرُ ڦٽائي ٿو ڇڏي.' [ماٺ] 'ڇا، سچ ڏاڍيان دانهن نٿو ڪري؟'

باربريني: 'ڪڏهن اِيئن ٿيو آهي، جو ماڻهو ٽانڊن تي هلي، ۽ هُن جا پير نہ سڙن؟' دوست گليلو، روم ۾ اوهان جو اچڻ مبارڪ. اوهين هن شهر جو اصل ڄاڻو ٿا! روايت آهي تہ ڪِن ٻن ننڍڙن ڇوڪرن هڪڙيءَ بگهياڙيءَ جو کير ڏاتو ۽ بگهياڙيءَ اُنهن جي سنڀال لڌي — بس، اُن ڏينهن کان روم جا سڀ 'ٻار' پيا بگهياڙيءَ جي اُن کير جو تاوان ادا ڪن. پر بگهياڙي بہ موت ۾ سيني کي سهنج ۽ سلامتي ڏئي ٿي — آسماني بہ ۽ هيٺ ڌرتيءَ تي بہ — منهنجي دوست بيلارمين سان،

جيڪو هڪ وڏو عالم اهي، علمي گفتگو بہ، ۽ ٽن چئن جڳ مشهور، حسن جي راڻي جي صحبت بہ. اهي اوهين ڏسڻ چاهيو ٿا، تہ اوهان کي ڏيکاريان!

[هو گليلو کي پنئين پاسي وٺي وڃي ٿو تہ جيئن هو رقص جو هال پوريءَ ريت ڏسي سگهي. گليلو هُن جي پٺيان بي دليو گهلبو پيو وڃي.]

باربريني: نہ هِن کي اِهي نہ گهرجن. بلڪ هِن کي علمي گفتگو کپي. ٺيڪ، ٺيڪ. دوست گليلو، اوهان کي پڪ آهي تہ اوهين فلڪيات جا علم رکو چاهيو ٿا تہ اوهان جو فلڪيات جو علم وڏي، ۽ اُن کان سواءِ ٻي اوهان جي ڪا مرضي ڪانهي! [هو هن کي موناٽي چبوتري ۾ وٺي ٿو وڃي.] اوهين گول دائرن، بيضوي دائرن، هڪ ساريڪين رفتارن ۽ آسماني جسمن جي سڌيءَ ساديءَ چرپر جي سوالن بابت ئي من ۾ سوچيو ٿا. پر سمجهو تہ خداوند قدوس جي مرضي تارن کي هِيئن ڦيرائڻ جي هجي ها تہ پوءِ؟ [پنهنجي آڱر کي گهٽ وڌ رفتار سان هوا ۾ هيٺ مٿي، هيڏانهن هوڏانهن هلائي، ڏاڍو منجهيل گُسُ ڪڍي ڏيکاري ٿو.]

گليلو: يا حضرت، جيڪڏهن خداوند قدوس ڪائنات اِيئن ٺاهي ها، [هو باربرينيءَ جو 'گسُ' وري هوا ۾ ڪڍي ٿو ڏيکاري] تہ هو اسان جا مغز بہ ايئن ٺاهي ها، [هو ساڳيو اِنگڙ ونگڙ گسُ وري ڪڍي ڏيکاري ٿو] — تہ جيئن اُهي تسليم ڪري سگهن ها تہ اُهي ئي گس ممڪن ۾ ممڪن سڌا سادا گس هئا. - آئون عقل کي ميجان ٿو.

باربريني: آئون عقل کي ناڪافي ٿو سمجهان. — اِتي هيءُ چُپ آهي. اِتي هو فضيلت کان ڪم وٺندي، مون کي هيئن نٿو چوي تہ 'تون ناڪافي آهين' [هو کلي ٿو، ۽ چبوتري جي پٺينءَ پٽ ڏانهن وڏي وڃي ٿو.]

بيلارمين: عقل، منهنجا دوست، گهڻو پري ڪو نہ ٿو وڃي سگهي، چوڌاري، سواءِ ڏنگائيءَ، گناهہ ۽ ڪمزوريءَ جي ٻيو ڪجهہ بہ ڪو نہ ٿو ڏسجي. سچ ڪٿي آهي؟

گليلو [ڪاوڙ ۾] : آئون عقل کي ميجان ٿو.

باربريني [ڪلارڪن کي]: اِنهيءَ جي لکڻ جي ضرورت ڪانهي. هيءَ هڪ دوستن جي وچ ۾ علمي گفتو آهي.

بيلارمين: اوهين ويچار ڪريو ته مقدس ڪليسا جي پهرين مقدس اگواڻن ڪي، ۽ اُنهن کان پوءِ اينڌڙ اُهڙن ڪيترن بين ڪي، هِن دنيا ۾ توري سمجهه پيداڪرڻ لاءِ ڇا ڇا نه فڪر ڪرڻو پيو ۽ ڇا ڇا نه سَهڻو پيو — ڪيڏي نه ڏک جهڙي هيءَ ڳالهه آهي! اوهين خيال ته ڪريو ته پهراڙيءَ ۾ زميندار ڪيڏيءَ بي ترسيءَ سان پنهنجين جاگيرن ۾ پنهنجن اڌ اُگهاڙن هارين کي ماري ماري اَڌ مئو ڪن ٿا، ۽ وري اُنهن ماڻهن جي بي عقلي به ڏسو، جيڪي موٽ ۾ اُنهن ئي زميندارن جا پير چمن ٿا!

گليلو: سچ پچ ته دل جلي ٿي. آئون جڏهن هيڏانهن پئي آيس، ته رستي تي مون ڏٺو ته.....

بيلارمين: اِنهن واقعن ۽ حقيقتن جي ذميداري اسان اُن اعليٰ هستيءَ تي ڇڏي ڏني آهي — ڇو ته زندگي اِنهن ڳالهين سان پري پيئيءَ آهي، ۽ اسين اِن راز کي سمجهي نه ٿا سگهون. اسين رڳو هيئن ٿا چئون ته اِنهن ڳالهين جو دارومدار نيتن تي آهي، ۽ هيءُ سيڪجهه قدرت جي هڪ اعليٰ رٿا مطابق واقع ٿي رهيو آهي. اسين اِيئن به ڪو نه ٿا چئون ته اِنهيءَ سوچ ۽ ايمان سان اسان جي دِلين کي ڪو پورو سڪون مليو آهي، پر هيڏانهن اوهين آهيو، جي اُن قادر مطلعق کي پيا ڏوهه ڏيو ته هُن کي پورو پتو ڪونهي ته تارا ڪيئن پيا هلن چلن، جڻ اُن سوال کي اِوهين پاڻ بلڪل چڱيءَ طرح سمجهو ٿا! ڇا اِها ڏاهپ جي ڳالهه آهي!

گليلو [سمجهاڻي ڏيڻ لاءِ تيار ٿيندي]: آئون ته مقدس ڪليسا جو سپوت آهيان.

باربريني: هيءُ سمجهاڻڻ ڪان پري آهي. پوريءَ معصوميت سان هيءُ خدا کي فلڪيات جي علم ۾ بلڪل ئي اڻڄاڻ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. اوهين ڇا ٿا سمجهو ته مقدس انجيل جي ڪتابن ٺاهڻ کان پهريائين خداوند قدوس فلڪيات جو پورو مطالعو نه ڪيو هو؟ اڙي منهنجا محترم عزيز دوست....

بيلارمين: اوهان کي هيءَ ڳالهه وڌيڪ ممڪن نه ٿي لڳي ته خداوند پنهنجيءَ تخليق متعلق گهٽو ڄاڻي ٿو، ۽ خود تخليق پنهنجي متعلق ايترو نٿي ڄاڻي؟

گليلو: پر معزز صاحبو، اهو بہ تہ ممڪن آهي تہ، ماڻهو نہ رڳو تارن جي چرپر کي غلط سمجهي سگهي ٿو، پر خود مقدس انجيل کي بہ غلط سمجهي سگهجي ٿو.

بيلارمين: پر مقدس انجيل جو سمجهڻ ۽ اُن جو تفسير ڪرڻ تہ بهرحال مقدس ڪليسا جي شريعت عاليہ جي عالمن سڳورن جو ڪم آهي.

[گليلو خاموش آهي.]

بيلارمين: هاڻي ڏنئي نہ! تون هاڻي چُپ آهين. [هو ڪلارڪن کي اشارو ڪري ٿو.] استاد گليلي، اڄ رات مقدس ڪليسا جي صدر دفتر تسليم ڪيو آهي تہ ڪاپرنيڪس جي تعليم، جنهن مطابق سج ڪائنات جو مرڪز آهي ۽ اُهو بيٺل آهي، ۽ ڌرتي ڪائنات جو مرڪز نہ آهي ۽ اُها هلي پيئي، هڪ فضول، احمقانہ ۽ ملحدانہ تعليم آهي. مون تي اِهو فرض رکيل آهي تہ آئون اوهان کي اِن فيصلي کان آگاهہ ڪريان.

[پهرئين ڪلارڪ کي]: اِهو وري پڙهي ٻڌاءِ.

پهريون ڪلارڪ حضرت سائين ڪارڊينل بيلارمين مٿي ذڪر ڪيل گليلو گليليءَ کي: 'مقدس ڪليسا جي صدر دفتر فيصلو ڪيو آهي تہ ڪاپرنيڪس جي تعليم، جنهن مطابق سج ڪائنات جو مرڪز آهي ۽ اُهو بيٺل آهي، ۽ ڌرتي ڪائنات جو مرڪز نہ آهي ۽ اُها هلي پيئي، هڪ فضول، احمقانہ ۽ ملحدانہ تعليم آهي. مون تي اهو فرض رکيل آهي تہ آئون اوهان کي اِن فيصلي کان آگاهہ ڪريان.'

گليلو: اِن جو ڇا مطلب ٿيو؟

[رقص واري هال مان ڇوڪرن جي آواز ۾ نظم جو هڪڙو بند ڳائجندي ٻڌجي ٿو]:

'آئون چوان ٿو: دلڪش موسم تيز اُڏامندي ٿي وڃي،
سو، گلاب چني وٺ ـــ اڃا مئي جو مهينو باقي آهي.

[باربريني ۽ بيلارمين گليلو کي راڳ جي پوري ٿيڻ تائين چپ ڪري ويهڻ جو اشارو ڪن ٿا. هو ڏاڍيءَ اُڪير سان ويهي راڳ ٻڌن ٿا.]

گليلو: پر حقيقتون؟ مون سمجهيو هو تہ مقدس روم جي ڪاليج جي فلڪيات جي عالمن منهنجا مشاهدا قبول ڪيا هئا.

بيلارمين: ۽ پوري اطمينان جو اظهار ڪيو هئائون، ۽ اِها اوهان لاءِ وڏي ۾ وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي.

گليلو: ۽ مشتريءَ جا اُپگره ۽ زهره جون ڪلائون . . .

بيلارمين: مقدس ڪليسا جي صدر دفتر اِنهن تفصيلي فروعات ڪي خيال ۾ آڻڻ ڪان سواءِ اِهو فيصلو ڪيو آهي.

گليلو: تنهن جي معنيٰ تہ سموري وڌيڪ سائنسي تحقيق . . . .

بيلارمين: پوريءَ طرح هلندي رهندي، استاد گليلي ۽ مقدس ڪليسا جي اِنهيءَ نظريي جي عين مطابق تہ اسين اصل سچ ڪي سڃاڻي نٿا سگهون، پر اسان ڪي تحقيقَ جاري رکڻ گهرجي. [هو پري ڪان رقص جي هال ۾ ڪنهن مهمان ڪي وري ڪيڪاري ٿو.] اوهان ڪي اِها بہ آزادي آهي تہ خود هِن تعليم جي بہ، رياضيءَ جي هڪ مفروضي طور، تشريح ڪندا رهو. سائنس، استاد گليلي، مقدس ڪليسا جي خدائي تبليغ جي هڪ بلڪل جائز ۽ محبوب شاخ آهي، اسان مان ڪنهن هڪ جو بہ هيءُ خيال ڪونهي تہ اوهين ڪو مقدس ڪليسا جي اختيار اعليٰ ڪي ڊاهڻ ٿا گهرو.

گليلو [ڪاوڙ مان]: اختيار جو ناجائز استعمال ٿي اُن ڪي ڪمزور بنائي ٿو ۽ نيٺ اُن ڪي ڊاهي ٿو.

باربريني: سچ پچ؟ [هو، زور سان کلندي، هن جي پٺي ٺپري ٿو. پوءِ هو جُوهه وجهي، هُن ڪي ڏسي ٿو، ۽ ڪجهه همدرديءَ جي نوع سان هُن ڪي چوي ٿو]: دوست گليلو، ٻار ڪي وهنجاريندي پاڻيءَ سان گڏ ٻار ڪي بہ اڇلائي نہ ڇڏبو آهي. اسين بہ ايئن ڪرڻ نٿا گهرون. اوهان ڪي بہ اِيئن ڪرڻ نہ گهرجي. اوهان ڪي اسان جي گهرج آهي، اُن ڪان وڌيڪ اسان ڪي اوهان جي گهرج آهي.

بيلارمين: منهنجي دلي خواهش آهي تہ اسين اٽليءَ جي عظيم ترين رياضي دان ڪي مقدس ڪليسا جي صدر دفتر جي سربراهه جي خدمت ۾ پيش ڪريون، جنهن جي دل ۾ اوهان لاءِ وڏي تعظيم ۽ وڏو احترام آهي.

باربريني [گليلو جي ٻي ٻانهن جهلندي]: جنهن تي هيءُ بدلجي وري غريبڙو گهيٽڙو ٿي پوي ٿو! — منهنجا دوست، اِهو بهتر ٿئي ها، جيڪڏهن اوهين بہ هتي ڪاليج جي استادن جي روايتي چوغي ۾ ڍڪجي اَچو

ها، منهنجو پوش ئي آهي، جيڪو اڄ مون کي هتي ڪجھ وڏيڪ آزاديءَ سان هلڻ ڏئي ٿو. هِن ئي پوش ۾ آئون اوهانجي ڪَن ۾ چئي سگهان ٿو: 'جيڪڏهن خدا ڪونهي، تہ ماڻهوءَ کي اُهو ايجاد ڪرڻو پوندو' پر اسان کي تہ پوش آهن: ويچاري گليليءَ کي ڪوئي پوش ڪونهي. [هو گليلو کي وچ ۾ ڪري، پاڻ سان گڏ، رقص جي هال ۾ وٺي وڃن ٿا.]

پهريون ڪلارڪ: پوريون جملو ٻڌي سگھئين؟

ٻيو ڪلارڪ: نہ [تکو تکو لکندا رهن ٿا.] تو اُهي لفظ لکيا، جڏهن هن چيو هو تہ هو عقل کي مڃي ٿو؟

[ڪارڊينل محتسب اچي ٿو.]

محتسب: گفتگو ٿي؟

پهريون ڪلارڪ [مشيني انداز سان]: پهريائين استاد گليلي پنهنجي ڌيءَ سان اندر آيو. اڄ هوءَ ليوڊو وڪو سان گڏ مڱي ... [محتسب بي صبريءَ وچان اِتي هن کي ڪَٽي ٿو.] استاد گليليءَ پوءِ اسان کي شطرنج کيڏڻ جو نئون طريقو سيکاريو، جنهن ۾ رواتي قاعدن جي ابتڙ، هُن، وڏي وڏي چال هلي، سڄيءَ بساط تي مهرا ڦيرائي ڏيکاريا...

محتسب [هن کي بس ڪرڻ جو اشارو ڪري ٿو]: ڪاپي ڪِٿي آهي؟ [هڪڙو ڪلارڪ هن کي ڪاپي ڏئي ٿو، ۽ هو ويهي اُها پڙهي ٿو. ٻہ جوان عورتون، مُنهن تي پوش پاتل، اسٽيج تان اچي لنگهن ٿيون. اُهي، ويندي ويندي، ڪارڊينل جي اڳيان جهڪي آداب بجا آڻين ٿيون.]

هڪڙي جوان عورت: اِهو ڪير آهي؟

ٻي: ڪارڊينل محتسب.

[هو کِک کِک ڪنديون هليون وڃن ٿيون. اِتي ورجينيا، هيڏانهن هوڏانهن ڪنهن شيءِ کي ڳوليندي، داخل ٿئي ٿي.]

محتسب [پنهنجيءَ ڪنڌ مان]: ڇا آهي، منهنجي ڌيءُ؟

ورجينيا: [ڇرڪ پري ٿي، ڇاڪاڻ تہ هُن کي ڪو نہ ڏٺو هئائين]: او، حضرت سائين!

[ڪنڌ مٿي ڪڻڻ کان سواءِ، محتسب پنهنجو ساڄو هٿ ڏگھيري ٿو. هوءَ ويجهو اچي ٿي، نوڙي ٿي ۽ هُن جي مُنڊيءَ کي چُمي ٿي.]

محتسب: بهترين رات آهي. مگڻي جي مبارڪ. تنهنجو گهوٽ چڱي خاندان مان آهي. هاڻي، اوهين اسان وٽ روم ۾ رهندا؟

ورجينيا: يا حضرت، شروع ۾ نہ. شاديءَ لاءِ تياري ڪرڻي آهي.

محتسب: ها. — سو تون پنهنجي پيءُ سان فلارينس ويندينءَ. اِهو ٺيڪ ٿيندو. آئون سمجهان ٿو تہ تنهنجي پيءُ کي تنهنجي ضرورت آهي. رياضيءَ جو علم ڪو دلچسپ ساٿي بہ ڪونهي. ڪيئن، هائو نہ؟ اهڙي ماحول ۾ ڪنهن انسان جي گڏ هجڻ سان وڏو فرق ٿو پوي. تنهنجي پيءُ جهڙو عالم ۽ فاضل ماڻهو تہ آسانيءَ سان تارن جي دنيا ۾ پاڻ کي گم ڪري ويهندو هوندو - ۽ تارن جي دنيا تہ ڏاڍي وڏي دنيا آهي.

ورجينيا [وڏو ساهہ کڻندي]: توهين ڏاڍا مهربان آهيو، يا حضرت، سچ پچ تہ مون کي اهڙين ڳالهين جي ڪا خبر ڪانهي.

محتسب: واقعي؟ [هو کِلي ٿو.] ماهيگير جي گهر ۾ مڇي ڪا نہ ڪائين، هان؟ تنهنجي پيءُ کي تہ عجب لڳندو، جڏهن ٻڌندو تہ تو کي مون فلڪيات جي علم جون ڳالهيون ٻڌايون آهن. [ڪاپيءَ جا پنا ورائيندي، ] آئون هتي ڏسان ٿو تہ اسان جا نون خيالن وارا خود سمجهن ٿا تہ اِسان جي پياريءَ ڌرتيءَ کي، جو شروع ڪان ايتري اهميت مليل آهي، اُن ۾ گهڻو وڏاءُ ڏنل آهي، ۽ اُن کي گهٽجڻ گهرجي. قديم عالم، بطليموس، جي ڏينهن، ڪان وٺي اڄ ڏينهن تائين تسليم ٿيل آهي تہ سڄيءَ ڪائنات جي ويڪر — يعني هن سڄيءَ اَنن بلوري چرخن جي ڪائنات جي، جنهن جي پوريِ وِچ تي ڌرتي بيٺل آهي. — خود اسان جي ڌرتيءَ جي ويهن هزارن قُطُرن جيتري آهي. هيءُ ڪيڏو نہ وڏو پولار آهي! پر اسان جي نون خيالن وارن لاءِ اِهو بہ اجا ننڍو آهي. هو چون ٿا تہ پولار اِن ڪان گهڻو، تمام گهڻو، بلڪ اعتبار ڪان وڌيڪ گهڻو، وڏو آهي. ۽ ڌرتيءَ ۽ سج جي وِچ وارو مفاصلو، جيڪو هنئن تمام وڏو سمجهيو ٿي ويو، سو، هنن جي چوڻ موجب، ڌرتيءَ ۽ بلڪل ٻاهرئين انين بلوري چرخ ۾ جَڙيلِ تارن تائين واري بي انت مفاصلي جي ڀيٽ ۾ ايترو ننڍو آهي، جو اُهو ڇڻ ڪنهن شمار ۾ ئي آڻي نٿو سگهجي! ڪيئن؟ آهن نہ اِهي اسان جا نون خيالن وارا پنهنجي وس ڪان مٿي ڦوڪجڻ وارا ڦوڪٹا!

[ورجينيا ڪلي ٿي. محتسب بہ ڪلي ٿو.]

محتسب: سچ پچ تہ مقدس ڪليسا جي صدر دفتر جا علماء حضرات ڪائنات جيِ هِن نئين تصوير تي بنھہ هراسجي ويا آهن، جنهن جيِ پيٽ ۾ اڄ تائين اُن جي تسليم ٿيل تصوير ايتري تہ ننڍي آهي، جو اُها تائٽ ڪري هوند ڪن سهڻين ڪنوارين ڇوڪرين جي ڳچين ۾ ٻڌي ڇڏجي! مقدس ڪليسا جا علماء حضرات اِنهيءَ ڪري پريشان آهن، جو جيڪڏهن ڪائنات ۾ ايڏا بي انت مفاصلا ٿيا، تہ ننڍا وڏا پادري، ويندي بشپ ۽ ڪارڊينل بہ، ڪٿي گمراهہ ٿي، وڃائجي نہ وڃن! خود مقدس پوپ بہ ممڪن آهي تہ خداوند قدوس جي نظر ڪان ٿڙڪي وڃي. هائو، ڳالهہ ڏاڍي مزيدار آهي، پر مون کي خوشي آهي تہ تون، منهنجي مؤمن ڌيءُ، پنهنجي پيءُ جي سايي ۾ صحيح سلامت هوندينءَ، جنهن کي اسين سڀ تمام گهڻيِ عزت ڏيون ٿا. تو ڪو مرشد سڳورو ورتو آهي، منهنجا ٻچا! ڪير آهي اُهو ڏٺيءَ جو پيارو؟

ورجينيا: حضرت سائين ڪرسٽا فورَس، اُرسلا شريف جو.

محتسب: ها، ها! برابر! مون کي خوشي آهي، جو تون پنهنجي پيءُ وٽ هوندينءَ. هن کي تنهنجي ضرورت رهندي. تون اِها ڳالهہ سمجهي نہ سگهندينءَ، پر اِها ڳالهہ اِيئن آهي. تون ايتري ننڍي نوجوان آهين، بلڪ ايتري تازي تواني آهين، ۽ تنهنجو پيءُ سچ پچ تہ وڏو ماڻهو آهي. ڪڏهن ڪڏهن، تمام وڏو ماڻهو ٿيڻ بہ نقصانڪار ٿئي ٿو. دراصل ڪو بہ ماڻهو ايڏو وڏو نٿو ٿي سگهي. جنهن کي دعا جي ضرورت نہ ٿئي. پر آئون تو کي اجايو ترسايو بيٺو آهيان، منهنجا ٻچا، وڌيڪ ترسندينءَ تہ تنهنجو مڱيندو مون تي رشڪ ڪندو، ۽ شايد تنهنجيِ پيءُ کي بہ مون سان حسد ٿي پوي — ڇو تہ مون تو کي تارن بابت اُهي ڳالهيون ٻڌايون آهن، جيڪي ممڪن آهي تہ پراڻيون ۽ بيڪار ٿي ويل هجن. هاڻي تون ڊوڙي وڃي رقص ۾ شامل ٿيءُ، پر پنهنجي مرشد سڳوري، حضرت سائين ڪرسٽا فورس آف اُرسلا شريف کي منهنجا ضرور دعا سلام ڏج.

[ورجينيا ڪجهہ وڌيڪ نِوڙي، ڪُرنش ڪري ٿي، ۽ تکي تکي هلي وڃي ٿي.]

# (8)

## گفتگو

گليلو ڏاڍو مُنجهيو ويٺو هو، تہ
هڪڙو نوجوان راهب وٽس آيو.
هيءُ راهب غريب مائٽن جو پار هو، -
۽ هُنن سائنس بابت گفتگو ڪئي.
روم ۾ فلارينس جي سفير جي محل ۾

[گليلو ننڍڙي راهب جي ڳالهہ ٻڌي ٿو، جنهن مقدس روم جي ڪاليجي مباحثي کان پوءِ پوپ جي فلڪياتي عالمن جو فيصلو هُن کي ڪن ۾ ٻڌايو هو.]

گليلو: ڳالهاءِ ڳالهاءِ، تو کي جيڪا پاڪر پاتل آهي، اُن ۾ جيڪي تون چاهين سو چئي سگهين ٿو.

ننڍڙو راهب: استاد گليلي، مون رياضيءَ جو علم پڙهيو آهي.

گليلو: علم جي تحصيل ۾ اِهو تو کي مدد ڪري سگهي ٿو، بشرطيڪ اُن مان تون رڳو اِهو سکي سگهين تہ ٻہ پيرا ٻہ هر حالت ۾ چار ٿيندا آهن.

ننڍڙو راهب: استاد گليلي، گذريل ٽي راتيون آئون سمهي نہ سگهيو آهيان. آئونسمجهي نٿو سگهان تہ مشتريءَ جا جيڪي اُپگرهہ مون ڏٺا آهن ۽ پوءِ جيڪو مقدس ڪليسا جي صدر دفتر جو فرمان جاري ٿيو آهي – تن ٻن ڳالهين کي پنهنجي ذهنم ڪيئن گڏي ويهاريان، جو هِن مونجهہ ۽ بي آراميءَ کان نجات ملي سگهيم. نيٺ فيصلو ڪيم تہ صبح جي عبادت ڪري، توهان وٽ اچي حاضر ٿيان ۽ توهان کي پنهنجي ڳالهہ ٻڌايان.

گليلو: مون کي هي ٻڌائڻ لاءِ تہ مشتريءَ کي اُپگرهہ آهن ئي ڪين؟

ننڍڙو راهب: نہ. آئون هاڻي اُن فرمان جي حڪمت کي سمجهي سگهيو آهيان. اُن مان مون تي هيءَ ڳالهہ ظاهر ٿي آهي تہ ضابطي کان ٻاهر ۽ حد کان وڌيڪ تحقيق ۾ انسان ذات لاءِ وڏا خطرا لڪل آهن. اِنهيءَ ڪري مون فلڪيات جي علم جي تحصيل ڇڏي ڏني آهي. بهرحال، منهنجو پوءِ بہ فرض آهي تہ آئون توهان کي اُهي سبب ٻڌايان، جيڪي

خود هڪ فلڪيات جي عالم کي به فلڪيات جي خاص هِن تعليم ۾ حد کان وڌيڪ تحقيق ڪرڻ کان روڪي سگهن ٿا.

گليلو: آئون تو کي ٻڌائي سگهان ٿو ته آئون اُنهن سببن کان اڳي ئي واقف آهيان.

ننڍڙو راهب: آئون توهان جي تلخيءَ کي سمجهي سگهان ٿو. توهين اُنهن غير معمولي طاقتن ۽ اختيارن جو سوچي رهيا آهيو، جيڪي مقدس ڪليسا وٽ آهن ۽ اُهي هوءَ استعمال به ڪري سگهي ٿي.

گليلو: مثال طور، ايذارسانيءَ جا اوزار ـــ اِيئن نه؟

ننڍڙو راهب: پر آئون ٻيا سبب بيان ڪندس. مون کي هڪ گهڙي پنهنجي متعلق ڳالهائڻ ڏيو. آئون ٻهراڙيءَ جي هڪ هاريءَ جو پٽ آهيان ۽ اُن ئي حيثيت ۾ اُتي پلجي وڏو ٿيو آهيان. هو ڏاڍا سادا سودا ماڻهو آهن. هو پنهنجن فصلن بابت سڀ ڪجهه ڄاڻن ٿا، پر اُن کان سواءِ ٻي اُنهن کي تمام ٿوري خبر آهي. آئون دوربينيءَ ۾ هِتي جڏهن زهره جون ڪلائون ڏسان ٿو، تڏهن مون کي منهنجا مائٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي ڪمپانا ضلعي جي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ پنهنجي ڪِرائين گهرن ۾ ويٺا آهن ـــ منهنجي ياءَ پيڻ سان گڏ، ۽ چلهه تي ويٺا ڍوڍو مانيءَ جو ڪائين. اُنهن جي مٿان ڏسان ٿو ته ڇپر جا ڇپر ۽ ورا اڻ ڳڻين سالن کان دونهانئجي، ڪارا ٿي ويا آهن، ۽ آئون اُنهن جا پورهئي ۾ ڳنل هٿ ۽ سُڪي ٺوٺ ٿي ويل پير ۽ اُنهن جي مُنهن جون هڙٻانون ۽ نرڙ جا گهنج ۽ اُپريل نسون ڏسان ٿو. هو شاهوڪار نه آهن، پر سندن ڏکي مسڪين زندگيءَ ۾ به هڪ قسم جي اَچاتل رٿا ۽ ترتيب آهي. ٻهرين ته هُنن جا ٺهيل ٺڪيل اُهي ڪم آهن ـــ گهر جي ٻهاريءَ کان وٺي، زمين جي پوکيءَ راهيءَ ۽ قرض پڪي جي ڏي وٺ تائين ـــ جيڪي ڪين ڪرڻا پون ٿا. مٿن جيڪي قدرتي ڪوپ ۽ انساني آفتون اچن ٿيون، مثلاً ٻوڏيون، سوڪَ، ماڪَڙ، چوريون چڪاريون، مارڪُٽ ـــ اُنهن ۾ به ڏسجي ٿو ته ڄڻ هڪ قسم جو ڪو سلسلو ۽ باقاعدگي آهي، جنهن سان اُهي مٿن نازل ٿين ٿيون. منهنجي پيءَ جي پُٺ ڪُبي ٿي وڃي ٿي، سا به اوچتو ڪڏهن هڪ ئي مهل نه، پر سال بسال ڪم ۾ ڳهندي ڳهندي، هر جي پنيان هلندي هلندي ۽ بار

جون پريون ڊوئينديون ڊوئينديون، اِيئن ٿئي ٿو - بلڪل اِيئن جيئن منهنجي غريب ماءُ هڪ جي پٺيان ٻيو ٻار ڄڻيندي ڄڻيندي، ۽ بابا سان ٻنيءَ ۾ ۽ گهر ۾ اڪيلي ڪم ۾ آجهڙندي آجهڙندي، آهستي آهستي، پر جهٽ ۾، هڪ جوان عورت مان، ماءُ مان ۽ هڪ ڏٺل وائٺل ماٺهوءَ مان ڦري، هڪ جيئرو جاڳندو لاش بنجي پوي ٿي. پر پوءِ بہ هو ڪم ڪندا رهن ٿا، ڄڻين ٿا، نپائين ٿا، هلندا چلندا ۽ کائيندا پيئندا رهن ٿا، سو ڇو تہ هو هڪ دستور جا پائبند آهن - ۽ هنن کي هڪ سلسلي جو، هڪ ضرورت جو احساس آهي، جيڪو هنن کي پنهنجيءَ زمين کي ڏسندي مليو آهي، جيڪا کين فصل ڏئي ٿي، وڻن کي ڏسندي مليو آهي، جيڪي هر سال گوُنچ ڪڍن ٿا، ساوا پن پهرين ٿا ۽ ميوا جهلين ٿا، ۽ اُهو احساس کين پنهنجي ڳوٺ جي ننڍڙيءَ ديول کي ڏسندي مليو آهي. هُنن کي ٻڌايو ويو آهي، ۽ کين پڪ آهي، تہ خدا جي نگاهہ مٿن آهي - جيڪا ڏاڍي پاٻوهہ سان بلڪ وڏي اُلڪي سان کين ڏسي رهي آهي - ۽ هيءَ سڄي ڪائنات سندن چوڌاري جيڪا ٺاهي ويئي آهي، سا اِنهيءَ ڪري تہ هو پاڻ جيڪي اُن جا ويس ڌاري آهن سي اُن ۾ پنهنجو پنهنجو، تورو يا گهٽو، ننڍو يا وڏو، مليل ڪم پورو ڪري سگهن. منهنجا هي سادا سباجها ماٺهو جڏهن مون کان ٻڌندا تہ هو سچ پچ هڪڙي ننڍڙي پٿر يا پٿر تي ويٺا آهن، جيڪو سدائين خالي پولار ۾ هڪڙي ٻئي تاري جي چوڌاري ڦرندو رهي ٿو، ۽ اهڙا ٻيا ڪيئي پٿر آهن جي اِيئن پولار ۾ ڦرندا ٿا رهن، ۽ سندن هي پٿرُ، جنهن تي هو ويٺا آهن، سو اُنهن ٻن پٿرن جي ڀيٽ ۾ هڪڙو خسيس ۽ بي وزنو پٿر آهي - تہ پوءِ هيءُ سندن جبل جيڏو صبر ۽ سندن سڄي دک ۽ پيڙا جي هيءَ خاموش تسليمي، اڄ ڇو ضروري آهن. يا ٺيڪ آهن؟ پوءِ مقدس ڪتاب ۾ ڪهڙي صداقت رهي، جيڪو هر شيءِ جي سمجهاڻي ڏئي ٿو، ۽ جنهن پورهئي جي، دک سهڻ جِي بک ڪڍڻ جي ۽ توڪل تي رهڻ جي ۽ قناعت سان گذارڻ جي ضرورت ۽ وڏائي بيان ڪئي آهي، ۽ جيڪو هاڻي جهٽ ۾ پنهنجيءَ ڳالهہ ۾ ايترو اوُٺو ثابت ٿي پيو آهي؟ نہ نہ، هرگز نہ. آئون سندن اکين ۾ ڏسان ٿو تہ اُهي خوف ۾ ڦاٿل ٿيون. آئون ڏسان ٿو تہ

چلهہ تي ويني ويني، سندن هٿن مان گرِبهہ ڪري پيا آهن. آئون ڏسان ٿو تہ هو پاڻ کي ڪيئن نہ ننگِي ويل ۽ قُرجي ويل، بنهہ ڪمزور ۽ بيوس جِيوَ سمجهن ٿا. !'سو، اسان تي ڪنهن جي نگاهہ ڪانهي' — اِيئن هو سُسيل ۽ هيسيل حيوان بنجي چون ٿا. 'اسان کي پنهنجي سنڀال پاڻ لهڻي آهي — اسين، جيڪي اٽجاڻ، اڄ پوڙها ۽ ڳري ڪاٿيون ٿي ويا آهيون! هن ڏکئي، ننڍڙي، رواجي پٿرائين تاري تي، جيڪو آزاد ڪونهي ۽ جنهن جي چوڌاري ڪو بہ ٻيو تارو ڪو نہ ٿو ڦري، اسان جي لاءِ ڪو بہ خاص ڪم ڪونهي، جو اسان کي ڪرڻو آهي! تہ پوءِ اسان جي دک درد جي ڪا بہ معنيٰ ڪانهي، اسان جي بُکن سهڻ جو مطلب رڳو پيٽ ڀرجي نہ سگهڻُ آهي ۽ اُن ۾ اسان جي صبر ۽ سهڻ جي ڪا آزمائش ڪانهي، اسان جو پورهيو رڳو ٽلهي هڻ هٽان ۽ چڪ چڪانَ جي ڳالهہ آهي - ۽ اُن ۾ اسان جو ڪو شانُ، ڪا وڏائي ۽ ڪو ثواب ڪونهي!، - اِنهيءَ ڪري، استاد گليلي، منهنجا محترم سائين، توهين سمجهي سگهو ٿا تہ مقدس ڪليسا جي اُن فرمان ۾ آئون ڇو ٿو چوان تہ مون کي صحيح پدرانہ شفقت ۽ عظيم روحاني نيڪيءَ ۽ رحمدليءَ جو اظهار ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟

گليلو: روحاني نيڪي؟ تنهنجو مطلب شايد هيءُ آهي تہ پوئتي ڪجهہ ڪو نہ بچيو آهي، شراب پيئجي ويو، هنن جا چپ اِيئن ئي خشڪ رهجي ويا، تنهن ڪري پلي تہ مقدس پيءُ جي چادر جو پَلئُ چمي پنهنجو روح خوش ڪن! ۽ پوئتي ڇو ڪجهہ نہ بچيو آهي؟ ڇو هِن ملڪ ۾ جيڪا بہ جوڙجڪ ۽ سِنا ڏسون ٿا، سا رڳو هڪ اهڙي ڪِبٽ جي سنا ۽ جوڙجڪ آهي، جيڪو خالي آهي، ۽ ٻي ڳالهہ جيڪا بچي آهي سا رڳي پورهيو ڪري ڪري مري وڃڻ جي ضرورت وڃي بچي آهي؟ ۽ سو بہ چوڌاري پلن پڪن فصلن ۽ مٺن رسيل ميون سان جهنجهيل وٽن ۽ وٽن سان ڀريل ڇهچ ساون باغن جي وچ ۾ ! تنهنجي ڪمپانا ضلعي جا هاري خونخوار جنگين جا خرچ ڀرين ٿا، جيڪي مانيٽي امن جي بادشاهہ يسوع مسيح جو عيوضي، اسپين ۽ جرمنيءَ ۾، اڄ بہ وڙهي رهيو آهي. نيٺ بہ هو ڌرتيءَ کي ڪائنات جو مرڪز ڇو ٿو بنائڻ ۽ سڏائڻ چاهي؟ اِنهيءَ لاءِ تہ سندس پنهنجي بادشاهت جي مقدس گادي

ڌرتيءَ جو مرڪز بني رهي. بس اِنهيءَ لاءِ. پيو ڪو اُن جو سبب ڪونهي. تون برابر صحيح آهين. هِن ڳالهه جو گرهن ۽ تارن سان ڪو واسطو ڪونهي. اِن جو واسطو ڪمپانا ضلعي جيِ هارين سان آهي. تہ پوءِ منهنجي سامهون قدرتي نظام جي سٽا ۽ رٿا ۽ اُن جي حسن ۽ پوري سلسلي جي ڳالهه نہ ڪر – جنهن جو زمانن کان بيان ۽ ساراهہ ڪري ڪري، اُن کي اوهان پري – ڪان – چمڪندڙ سونو پَٽ چاڙهي ڇڏيو آهي. تو کي خبر آهي تہ سِپ ڪيئن موتي پيدا ڪندي آهي؟ هوءَ جڏهن ڪنهن موتمار بيماريءَ جو شڪار ٿيندي آهي، تڏهن پنهنجي پيٽ ۾ پئجي ويل ڪنهن ڌارينءَ شيءِ – مثلاً واريءَ جي ڪنهن داڻي – کي پنهنجيءَ موتيءَ جهڙيءَ رس سان بيهي ڍڪيندي آهي، تان جو اُن کي ڍڪيندي ڍڪيندي، يعني پنهنجي اُن دفاعي عمل ۾ ڳهندي ڳهندي، نيٺ هوءَ مري ويندي آهي. اهڙا موتي پَون جهنم ۾. مون کي صحتمند سِپ گهرجي. نيڪي، منهنجا دوست، عذاب سانِ شامل ڪانهي. جيڪڏهن تنهنجا ماڻهو خوشحال ۽ سکيا هجن ها، تہ اُنهن ۾ اُهي نيڪيون وڌي سگهن ها، جيڪي سک ۽ خوشحاليءَ سان شامل آهن. پر هاڻي، تو پنهنجن ماڻهن جي جن نيڪين جو ايڏيءَ اُڪير سان بيان ڪيو، اُهي بيمار ۽ ڏکن ۾ ڏتل ماڻهن ۽ ڦَريل ۽ ٻُهاريل زمين مان پيدا ٿيندڙ نيڪيون آهن، ۽ اُنهن کي آئون رد تو ڪريان. اڙي ميان، منهنجا نوان پاڻي ڪڍڻ جا پمپ تنهنجي اِنهيءَ غلامن کي ڍِڳن وانگر هڪليندڙ روحاني انسنائي تعليم کان وڌيڪ معجزا ڏيکاري سگهن ٿا. – ياد رکو: ’ڦَردار بنجو، ۽ وڌو ويجهو‘. چاڪاڻ تہ اوهان جون زمينون ٽڪجي پيون آهن ۽ جنگيون اوهان کي لُٽي، چٽ ڪري رهيون آهن. هاڻي تون ئي چئو تہ آئون تنهنجن ماڻهن کي ڪيئن ڪوڙ هٽي ہڏايانِ؟

ننڍڙو راهب [وڏي اُدمي ۾ پرجي]: تمام اعليٰ ڪارڻ آهن، جيڪي اسان کي چپ رهڻ تي مجبور ڪن ٿا – يعني، اسان جي بدنصيب ماڻهن جو ذهني آرام ۽ روحاني سُڪون.

گليلو: تون ڏسڻ چاهيندين، جيڪو سيليني شراب جو ڪوڪو ڪارڊينل بيلارمين جو ڪوچوان اڄ صبح جو هت مون کي ڏيئي ويو آهي؟

تنهنجن، چا چوان، نيڪ بخت مائٽن جي ذهني آرام ڪي نہ ڦٽائڻ لاءِ، منهنجا دوست، اختياريءَ وارا مون کي شراب پيش ڪن ٿا، جيڪو تنهنجا مائٽ، ڳَهي ڳَهي، پنهنجي پگهر جي پورهئي سان، هُنن لاءِ چڪائين ٿا ـ تنهنجا مائٽ، جن لاءِ هو چون ٿا تہ اُهي خدا پنهنجي هِمشڪل خلقيا آهن. جيڪڏهن آئون خاموش ٿي ويهڻ لاءِ تيار هجان، تہ پڪ ئي پڪ اُن جا خسيس مُر خسيس ڪارڻ بہ ٿي سگهن ٿا، يعني آرامُ، سُک، ۽ تڪليف ۽ ايذاءَ کان نجات، وغيره.

ننڍڙو راهب: استاد گليلي، آئون هڪ پادري آهيان.

گليلو: تون طبعيات جو عالم پڻ آهين. ۽ تون ڏسين ٿو تہ زهره جون ڪلائون ٿين ٿيون. هاڻي هُتان ڏس! [دريءَ کان اشارو ڪري ڏيکاريس ٿو.] اِهو ڏسين ٿو وڻ جي پرسان، ڪوهہ وٽ پگِل پرئاپوس جو بُت؟ اِهو باغن جو، پکين جو ۽ جانورن جو خدا ميجي ٿو ـــ ڏسڻ ۾ ئي ڇتڪي هٽ جو نهيل آهي، اُگهاڙو ئي اگهاڙو، لُنگ ڪڍيو بيٺو آهي، چون ٿا تہ اِنهي 'خدا' کي بہ ٻہ هزار ورهيہ ڇائي ٿيا آهن! ايترا تہ اِن ڪوڙ بہ نہ هنيا هوندا ـــ چڱو، پر آئون بہ تہ ڪليسا جو اُمتي آهيان. هاڻي ٻُڌ. تو شاعر هوريس جون 'آٽ سِٽون' پڙهيون آهن؟ مون هُن کي بنهہ اڳهرو پئي پڙهيو ـــ هن جي پڙهڻ سان طبيعت بحال ٿي وڃي ٿي. [هٽ ڊگهيري، ننڍڙو ڪتاب ڪڍي ٿو.] هن هڪڙو اُهڙو ئي پرئاپوس جو بُت باغ ۾ ڏنو هو، پوءِ اُن جي ئي واتان هڪڙي سِٽ ٻڌي هئائين. اُن جو پهريون بند هيءُ آهي:

'هڪڙي اَنجير جي وڻ جو بُنڍ، بيڪار ڪاٺ جو ٽڪر ـــ
'اُهو اَئون هوس، پوءِ واڍو آيو، بہ خيال هئس،
'۽ سوچيائين تہ پرپاپوس ٿاهيان يا اسٽول!
'نيٺ فيصلو ڪيائين تہ خدا (پرپاپوس) ٿو ٺاهيان....'

تون چا ٿو سمجهين تہ هوريس اِن شعر ۾ اِتي 'اسٽول' جي بدران 'ميز' جو لفظ آڻي ها تہ شعر ٺهي سگهيس ٿي؟ تہ مٺا سائين، جيڪڏهن منهنجي ڪائنات ۾ زهره پنهنجي ڪلائن کان سواءِ ظاهر ٿئي، تہ منهنجي حسن جو شعور بہ اِيئن ڦتجي پوي ٿو. هيءُ هيڏو اسان جي اکين اڳيان جيڪو وڏي ۾ وڏو ڪارخانو هلي رهيو آهي،

يعني هيڏي ساري پولار ۾ هيءُ فلڪياتي ڪارخانو، اُن جي ڪل پرزن جو جيڪڏهن مطالعو نہ ڪنداسين، تہ پوءِ نديءَ مان پمپ رستي پاڻي ڪڍڻ جي ڪا مشين ڪيئن ٺاهي سگهنداسين. ڪليسا جي ڪنهن ڪارڊينل جي مرضي رکڻ لاءِ ٽِڪُنڊي جي ڪنڊن جو جوڙ بدلائي نٿو سگهجي. آزاد هلندڙ جسمن جي چرپر جا گَس آئون ايئن تہ ڪو نہ ڪڍي سگهندس، جو اُنهن مان ٻُهارن تي چڙهي هلندڙ ڏائڻين جا گَس معلوم ٿي سگهن!

ننڍڙو راهب: توهين پلا هيءُ نٿا مڃي سگهو تہ سچ — جيڪڏهن اُهو سچ آهي — اسان ڪان سواءِ بہ فتحيات ٿيندو؟

گليلو: نہ، نہ نہ. سچ جي فتح فقط اوتري آهي جيتري اسان جي فتح آهي، عقل جي فتح معنيٰ معقول ماڻهن جي فتح. تون پنهنجي ڪمپانا ضلعي جي هارين جي اِيئن ٿو ڳالهہ ڪرين، چڻ اُهي ٿلهو ڀتين جو اوراڱو آهن! اِيئن نيٺ بہ ڪيئن ٿو ڪو سمجهي سگهي تہ ٽڪنڊي جي ڪنڊن جو جوڙ اُنهن جي ضرورت جي آڏو اچي ٿو سگهي، يا ذهني آرام ڪي ڦٽائي ٿو سگهي. اِيئن سو برابر آهي تہ جيڪڏهن هو پاڻ چُرندا بہ ڪو نہ ۽ سوچڻ ئي شروع نہ ڪندا، تہ خود آبپاشيءَ جون بهترين رٿائون بہ ڪين ڪو فائدو ڪو نہ ڏيئي سگهنديون. آئونتنهنجي ماڻهن جو خدائي صبر ڏسي سگهان ٿو، پر مون کي ٻڌاءِ تہ اُنهن جو خدائي غصو ڪٿي آهي؟

ننڍڙو راهب: هو ٿڪجي پيا آهن.

گليلو: [هٿ اکر لکيل ڪاغذن جو بنڊل اچلائي ڏئيس ٿو]: منهنجا عزيز، تون طبعيات جو عالم آهين نہ؟ اِنهن ڪاغذن مان تون سمنڊ جي وير ۽ آلڙ جا سبب معلوم ڪري سگهندين، پر تون اِنهن کي پڙهين متان! سمجهيئي نہ! — اڙي، تون تہ اِنهن کي پڙهڻ ۾ لڳي وئين! تہ پوءِ، برابر، تون طبعياتي عالم آهين ۽ ڄاڻڻ گهرين ٿو.

[ننڍڙو راهب ڪاغذن ۾ گم ٿي ويو آهي.]

گليلو: علم جي وڻ جو هڪ صوف! هيءُ اِتي ئي اُن کي ياد ڪرڻ ويهي رهيو آهي. هيءُ ازلي نياڱو آهي — هيراڪ آهي — جهلبس تہ بہ پي ويندو، ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ ڏهہ پُرهہ ڪنهن اونداهيءَ

چُر ۾ وجي ويهان، جتي روشنيءَ جو ڪرڻو بہ پهچي نہ سگهي - ۽ اُتي ڪوجنا ڪريان تہ اِها ڇا آهي — يعني روشني ڇا آهي ۽ مون سان وڏي ويڌن هيءَ آهي تہ جڏهن ڪا شيءِ ڇاڻندو آهيان، تڏهن اُها ٻڌائيندو آهيان. هڪ عاشق وانگر، هڪ نشئيءَ وانگر، هڪ جاسوس وانگر. علم جي ڇڪ واقعي ڪجھ نہ آهي، پر گناھ آهي، ۽ وڏيءَ برباديءَ ڏانهن ڇڪجي وڃي ٿي. پر پوءِ بہ ڪيترو وقت آئون ، تون ۽ تنهنجا مائٽ چُلھ تي ويٺا رڙيون ڪنداسين؟ - اڄ منهنجو سوال اِهو آهي.

ننڍڙو راهب [ڪاغذن ۾ هڪڙي فقري ڏانهن اشارو ڪندي]: آئون هيءُ جملو سمجهي نٿو سگهان.

گليلو: آئون تو ڪي سمجهايان ٿو. آئون تو ڪي سمجهايان ٿو.

--

## (9)

## جڏهن نئين پوپ جي تاجپوشي ٿئي ٿي، جيڪو پاڻ بہ رياضيءَ جو عالم آهي، تڏهن اٺن سالن جي ماٺ کان پوءِ، استاد گليلو، همٿ ڪري، منع ٿيل موضوع يعني سج جي داغن تي پنهنجي تحقيق شروع ڪري ٿو

پورا اٺ سال، مُنهن ۾ زبانِ هوندي بہ
- ۽ هن کي معلوم هو — اُن جي هن ڳالهہ نہ ڪئي. پوءِ هن جي حرص جهل نہ ڏني.
۽ استاد گليليءَ اُٿي، پنهنجيءَ قسمت کي للڪاريو.

## فيلارينس ۾ گليلو جو گهر

[گليلو جا شاگرد، فدرزوني، ننڍڙو راهب ۽ اَئندري سارتي، جيڪو هاڻي وڏي جوان ٿيو آهي، استاد جي عملي ليڪچر ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا ويٺا آهن. گليلو بيٺو، ڪو ڪتاب پڙهي رهيو آهي. ورجينيا ۽ سينورا سارتي شاديءَ جا ڪپڙا سبي رهيون آهن]:

ورجينيا: شاديءَ جا ڪپڙا سڀڻ بہ مزيدار ڪم آهي. هيءَ چادر وڏيءَ ڊائننگ ٽيبل لاءِ آهي — ليوڊو وڪو دعوتن ڪرڻ جو شوقين آهي. هيءَ بلڪل صاف سٺي هئڻ کپي، هن جي ماءُ تہ ڌاڳو ڌاڳو ڏسي ٿي. باقي بابا جي ڪتابن تي هوءَ سخت چڙيل آهي. حضرت سائين ڪرسٽافورس وانگر.

سينورا سارتي: هِن ويچاري تہ سالن کان ڪو نئون ڪتاب ڪو نہ لکيو آهي.

ورجينيا: آئون ڀانيان ٿي تہ بابا هاڻي سمجهي ويو آهي تہ شروع ۾ پاڻ غلط هو. روم ۾ مقدس ڪليسا جي هڪڙي وڏي بزرگ مون کي ڪيترائي انهي علم جون ڳالهيون سمجهايون هيون. آسمانن جا مفاصلا ڏاڍا ڊگها آهن ۽ اُنهن جون ڳالهيون بہ تمام وڏيون آهن.

اَئندري [بلئڪ بورڊ تي ڏينهن جي سبق جا نوٽ لکندي]: 'خميس ڏينهن، ٽيهري، ترندڙ جسم'. وري بہ برف، پاڻيءَ ڀريل برتن، ساهمي، لوهہ جي سئي، ارسطو.

[هو سڀ شيون آڏي رکي ٿو، ٻيا پنهنجن ڪتابن تي اِيئن لکن ٿا، جيئن هو ڪين چوي ٿو. فِلپو مُيوسَس، پڪيءَ عمر جو هڪ عالم اندر اچي ٿو — هو ڪجهہ بتال لڳي ٿو.]

ميوسس: مهرباني ڪري استاد گليليءَ کي چئو تہ مون سان ملن، ايئن مون کي ٻڌڻ کان سواءِ ڏوهي نہ بنائين.

سينورا سارتي: پر هو تو سان هرگز هرگز نہ ملندو.

ميوسس: مائي وڏي، خدا جي واسطي مهرباني ڪر، هيءَ ثواب ڪٽ، تون هڪ ڀيرو وري ڪين چؤ! مون کي ساڻن ضروري ڳالهائڻو آهي.

ورجينيا [ڏاڪڻ تائين وڃي ٿي]: بابا!

گليلو : ڇا آهي؟

ورجينيا: فلپو ميوسَس.

گليلو [تڪڙو اٿندي، ڏاڪڻ جي منهن تي وڃي بيهي ٿو. سندس شاگرد پٺيان اٿس]: تون ڇا ٿو گهرين؟

ميوسس: استاد گليلي، آئون توهان کي درخواست ٿو ڪريان تہ مون کي ڇڏيو تہ توهان کي پنهنجي ڪتاب جي اُنهن ٽڪرن جي سمجهاڻي پيش ڪريان، جن ۾ ڌرتيءَ جي ڦيري بابت ڪاپرنيڪس جي تعليم جو رد ظاهر ٿئي ٿو. مون....

گليلو: ڇا ٿو تون سمجهائڻ جي ڪوشش ڪرين؟ تون مقدس ڪليسا جي سال 1616ع جي فرمان سان متفق آهين. تو کي اُن جو پورو حق آهي. تون برابر هتي رياضيءَ جو علم سکيو آهين، پر اُن ڪري تو تي اسان جو هرو ڀرو حق ڪونهي، جو تنهنجي واتان اسين ٻڌون تہ ٻہ ٻيرا ٻہ چار آهن! دراصل تو کي اِن جو پورو حق آهي، جو چوين تہ هيءُ پٿر [هو پنهنجي کيسي مان هڪڙو ننڍڙو پٿر ڪڍي، فرش تي ڇڏي ٿو،] هينئر ڇت ڏانهن اُڏامي ويو.

ميوسس: استاد گليلي، آءٌ ...

گليلو: پنهنجي لاچار جو ذڪر نہ ڪر! مون کي تہ پليگ بہ پنهنجي تحقيقات کان روڪي نہ سگهي.

ميوسس: استاد گليلي، پليگ تہ سڀ کان وڏي مصيبت ڪانهي.

گليلو: آئون تو کي ٿو چوان تہ اُهو جنهن کي سچ معلوم نہ آهي، رڳو هڪ احمق آهي. پر اُهو جيڪو سچ ڄاڻي ٿو ۽ اُن کي ڪوڙ ٿو سڏي، سو هڪ خطرناڪ رهزن آهي. تون هليو وڃ هتان مون وٽان!

ميوسس [ڪنڌ هيٺ، چپن ۾]: توهين صحيح آهيو، [هليو وڃي ٿو.]
[گليلو پنهنجي مطالعي واري ڪمري ڏانهن واپس وڃي ٿو.]
فدرزوني: افسوس، مصيبت سچ پچ اِها آهي. پنهنجي مُنهن هي ڪو وڏي پايي جو ماڻهو نہ آهي، جيڪڏهن توهان جو شاگرد نہ هجي ها تہ ڪير پڇيس بہ ڪو نہ ها. پر هاڻي واقعي ماڻهو چوندا تہ گليلي جو ڪجھ سيکاري ٿو سو هِن ٻڌو، ۽ هيءُ مجي ٿو تہ اُهو سڀ ڪوڙ آهي.
سينورا سارتي: مون کي هن ماڻهوءَ جو ڏاڍو ڏک آهي.
ورجينيا: بابا هِن جو تمام گهڻو خيال رکندو هو.
سينورا سارتي: ورجينيا، مون کي تنهنجي شاديءَ جو خيال آهي. تون اڃا ننڍي آهين. تو کي ماءُ بہ ڪانهي. ۽ تنهنجو پيءُ اِهو رڳو پاڻيءَ تي برف جا ٽُڪرا پيو لوڙهي. هونئن بہ تنهنجي شادي بابت ڪا ڳالھ هن کي چئي بہ تون ڇا ڪندينءَ. سڄو ڏينهن وٺندو، اُن تي ويچار ڪرڻ ۾ ۽ پوءِ مانيءَ ڪائيندي، جڏهن ننڍا نيٽا ساڻس گڏ ميز تي ويٺا هوندا، تڏهن هو اهڙي ڪا ڇرڪائيندڙ ڳُلي ڳالھ ڪري ڇڏيندو، جنهن ۾ پاڻيءَ جو حجاب ڪو نہ هوندو — حجاب تہ هن کي هونئن بہ ڪڏهن ڪو نہ هوندو آهي. ۽ آئون هن جي اِنهن عادتن کي ڪجھ سمجهندي بہ ڪا نہ آهيان. پر مون کي جيڪو خيال آهي سو هيءُ آهي تہ آئيندو تنهنجو ڇا ٿيندو. مون کي اِنهن ڳالهين جي ڄاڻ ڪانهي، آئون هڪ اٽپڙهيل پورهيت زال آهيان، پرآئون ايترو سمجهان ٿي تہ شاديءَ جهڙي وڏي معاملي ۾ اکيون پوري، اِيئن بي اُلڪائيءَ سان، ٽپي نہ پئبو آهي. منهنجي صلاح آهي تہ تون يونيورسٽيءَ جي ڪنهن چڱي فلڪياتي استاد وٽ وڃ، جيڪو سٺو نجومي هجي، ۽ اُنهن کان پنهنجي جنم پتري ڪڍائي ڇڏ، تہ تو کي خبر پوي تہ اڳتي تنهنجي حياتيءَ ۾ ڇا ٿيندو؟. ڇو، تون ڇا ٿي پيئي کلين؟
ورجينيا: ڇاڪاڻ تہ آئون هڪڙي وڻان اڳي ئي تي آئي آهيان.
سينورا سارتي [ڄاڻڻ لاءِ اُتي آهي]: پوءِ اُن ڇا چيو!
ورجينيا: ٽي مهينا مون کي خبردار رهڻ کپي، ڇاڪاڻ تہ سج سرطان جي خاني ۾ هوندو، پر اُن کان پوءِ منهنجو ستارو اوچو آهي، ۽ سڀ ڪارا بادل

لهي ويندا. جيڪڏهن مشتريءَ کي نظر ۾ رکيم تہ جيڏانهن بہ چاهينديس تيڏانهن سفر ڪري سگهنديس – ڇاڪاڻ تہ منهنجو جنم سرطان جي نکٽ ۾ آهي.

سينورا سارتي: ۽ ليوڊو وڪو؟

ورجينيا: هن جو 'اسد' ۾ آهي. [تورو هيڪي.] هن جي طبع هَوسي آهي. [ماٺ.] پيرن جو اِهو آواز آئون سڃاڻان ٿي. استاد گَفُون، يونيورسٽيءَ جي ريڪٽر جو آهي.

[استاد گفون، روم جي يونيورسٽيءَ جو ريڪٽر (سربراه) اچي ٿو.]

گفون: مون رڳو هيءُ هڪڙو ڪتاب آندو آهي، جيڪو شايد تنهنجي پيءُ کي پسند پوي. پر خدا جي واسطي استاد گليليءَ کي تڪليف نہ ڏيو. منهنجي وس ۾ ٻيو ڪجهہ ڪونهي، پر آئون هميشہ محسوس ڪندو آهيان تہ هن عظيم شخص جو هڪڙو منٽ ضايع ڪرڻ معنيٰ سڄيءَ اٽليءَ جو هڪڙو منٽ ضايع ڪرڻ. آئون هيءُ ڪتاب، جيئن ويڙهيل آهي، تيئن، اوهان وٽ ڇڏي، چپ چاپ، پير پيرن تي رکي، هليو ٿو وڃان.

[هو وڃي ٿو. ورجينيا ڪتاب فدرزونيءَ کي ڏئي ٿي.]

گليلو: اِهو ڇا تي آهي؟

فدرزوني: مون کي خبر ڪانهي. [ڪتاب جو نالو پڙهي ٿو.] 'دي مئڪيُوليش اِن سول.'

اَئندري: سج جي داغن متعلق؟ وري هڪڙو ٻيو!

[فدرزوني رنج مان ڪتاب هن کي ڏئي ٿو.]

اَئندري: انتساب ٻڌو! 'طبعيات جي وڏي ۾ وڏي زنده استاد، گليلو گليليءَ، جي نالي.'

[گليلو هڪدم وري پنهنجي ڪتاب جي پڙهڻ ۾ لڳي ويو آهي.]

اَئندري: مون هالنڊ جي عالم، فئبريڪَس، جو هِن مضمون تي ڪتاب اڳي ئي پڙهيو آهي. هُن جو رايو آهي تہ ڌرتيءَ ۽ سج جي وچ ۾ تارن جا ڪٽڪ اچي لنگهن ٿا. تڏهن اسان کي هِتان اُهي سج جا داغ معلوم ٿين ٿا.

ننڍڙو راهب: اِها ڳالهہ اهڙي ڪَسي نٿي لڳي، ڪيئن ٿا ڀانيو، استاد گليلي؟

[گليلو جواب نٿو ڏئي.]

اَئنڊري: پئرس ۽ پراگ ۾ هُنن جو رايو آهي تہ اِهي سج تان اٿندڙ ٻاڦ جا ڪڪر آهن.

فڊرزوني: هُون!

اَئنڊري: فڊرزونيءَ کي اِن ۾ شڪ آهي.

فڊرزوني: مهرباني ڪري، مون کي وچ ۾ نہ آڻيو. مون رڳو 'هون'ڪيو — بس. آئون فقط شيشہ گر آهيان. آئون شيشا لسايان ٿو، ۽ توهين اُنهن منجهان ڏسو ٿا ۽ آسمانن کي تپاسيو ٿا، ۽ توهين جيڪي ڏسو ٿا، سي داغ نہ پر 'مئڪيولِس' آهن. آئون ڪنهن شيءَ ۾ ڪيئن شڪ ڪندس؟ ڪيترا ڀيرا مون اوهان کي ٻڌايو آهي تہ آئون ڪتاب پڙهي نٿو سگهان — اِهي سڀ لاطيني ٻوليءَ ۾ آهن.

[ڪاوڙ ۾ ٻانهون ڇنڊي ٿو ۽ هٿ لوڏي ٿو. ساهمِيءَ جو پُڙ فرش تي ڪري پوي ٿو. گليلو اڳتي وڌي ٿو ۽ چپ چاپ اُهو کڻي مٿي رکي ٿو.]

ننڍڙو راهب: شڪ ۾ مزو آهي. آئون عجب ۾ آهيان تہ ڇو؟

اَئنڊري: گذريل ٻہ هفتا، جڏهن ٻہ ڏينهن جو آسمان صاف هو ۽ اُس نڪتل هئي، تڏهن آئون مٿي چڙهي، ڇت جي هيٺان ننڍيل گُجهہ ۾ اندر وڃي پئي ويٺو آهيان، ۽ اُتي پٽين جي هڪڙي سنهڙي چيرَ مان روشنيءَ جي هڪڙي سنهڙي ڪرڻي کي هيٺ ڪرندي پئي ڏٺو اٿم. اِنهيءَ طرح اسين ڪاغذ جي چادر تي سج جو ابتو عڪس وٺي سگهون ٿا. مون اِيئن اُن عڪس ۾ هڪڙو داغ ڏٺو، جيڪو مَک جيڏو هو، ۽ اُهو اُن تان اِيئن لنگهي ويو جيئن ڪا ڪڪري ڇڊِي جهُڙ ۾ زمين تي ترندڙ ڀاڃي وانگر لنگهي ويندي آهي. سج جي اُن عڪس ۾ اُهو داغ ڪا گهڙي ترسي بہ بيٺو هو. استاد گليلي، پاڻ اِنهن داغن جي تپاس ڇو نٿا ڪريون؟

گليلو: ڇاڪاڻ تہ پاڻ ترندڙ جسمن تي پيا ڪم ڪريون.

اَئنڊري: امڙ وٽ نوڪرا خطن سان ڀرجي ويا آهن. سڄو يورپ پڇائون پيو ڪري تہ توهان جو اِن باري ۾ رايو ڇا آهي. توهان جو نالو ايترو پکڙي ويو آهي، جو توهين هاڻي خاموش ويهي نٿا سگهو.

گليلو: روم منهنجي نالي کي ايترو وڌڻ ۾ پڪڙڻ اِنهيءَ ڪري ڏنو آهي، جو آئون خاموش آهيان.

فدرزوني: پر هاٽي توهين وڌيڪ خاموش ويهي نٿا سگهو.

گليلو: آئون پاڻ کي سيخ تي چاڙهائي، ڪباب وانگر ڪاٺين جي مچ تي پچرائي بہ نٿو سگهان.

اَئنڊري: توهين سمجهو ٿا تہ هن معاملي ۾ اِهي داغ بہ ڪو خلم پاريندا.

گليلو: [ڪو جواب نہ ٿو ڏئي.]

اَئنڊري: چڱو، چڱو. پاڻ لاءِ هي برف جا ڳنڊا ئي بس آهن، اِهي توهان لاءِ ڪو آزار ڪو نہ بنيا.

گليلو: صحيح – اِج تہ پنهنجيءَ ڳالهہ کي وٺون، اَئنڊري!

اَئنڊري: جيستائين ترڻ جي وصف جو معاملو آهي، تہ پاڻ هي مفروضو ٿا قائمڪريون تہ ترڻ ۾ جسم جي شڪل جو ڪو واسطو ڪونهي، اُن ۾ جيڪا اهم ڳالهہ آهي سا هيءَ تہ جسم پاڻيءَ کان هلڪو آهي، يا ڳرو.

گليلو: ارسطو ڇا ٿو چوي؟

ننڍڙو راهب: 'ڊِسڪَس لُئَنَس پلَئٽيڪ...'

گليلو: ترجمو ڪر، ترجمو ڪَر!

ننڍڙو راهب: 'هڪ موڪرو تراڪڙو برف جو ڳنڊو پاڻيءَ ۾ تري سگهي ٿو، پر لوهہ جي سئي ٻڏي وڃي ٿي.'

گليلو: ارسطوءَ جي چوڻ موجب برف ڇو نٿي ٻڏي؟

ننڍڙو راهب: ڇاڪاڻ تہ اُها موڪري ۽ تراڪڙي آهي، ۽ اِنهيءَ ڪري پاڻيءَ کي چيري يا ٽوڙي نٿي سگهي.

گليلو: ٺيڪ. [هو برف جو هڪڙو ڳنڊو کڻي ٿو ۽ پاڻيءَ جي برتن ۾ وجهي ٿو.] هاٽي آئون زور ڏيئي، برف کي برتن جي تري ۾ رکان ٿو. پوءِ اُن تان هٿ جو زور کڻي ٿو وٺان، تہ ڇا ٿو ٿئي؟

ننڍڙو راهب: اِها وري پاڻيءَ تي متي اُبري ٿي اچي.

گليلو: صحيح تَنهن جي معنيٰ ، فلگانزو، تہ اِها متي اُبري اچڻ لاءِ پاڻيءَ کي ٽوڙي سگهي ٿي!

ننڍڙو راهب: پر اِها آخر اچي ڇو ٿي؟ اِها پاڻيءَ کان ڳري آهي، ڇو تہ اِها پاڻيءَ جي گهاٽي صورت آهي.

گليلو: پر جيڪڏهن اِها پاڻيءَ جي چڊي صورت هجي ها ته؟
اَئنڊري: اِها ضروري پاڻيءَ کان هلڪي ٿئي ٿي، ۽ آهي به، نه ته اصل ڪا نه تري سگهي ها.
گليلو: آها!
اَئنڊري: جيئن لوهه جي سُئي تري نٿي سگهي. هر اُها شيءِ جيڪا پاڻيءَ کان هلڪي آهي، اُها تري ٿي، ۽ هر اُها شيءِ جيڪا ڳري آهي، سا ٻُڏي ٿي. ڳالهه ثابت ٿي ويئي!
گليلو: اَئنڊري، تو کي ڌيان سان سمجهڻ جي عادت ڊارڻ گهرجي. ٽاچني مون کي ڏي. ڪاغذ به ڏي. لوهه پاڻي کان ڳرو آهي يا نه؟
اَئنڊري: هائو.
[گليلو ٽاچني ڪاغذ تي رکي ٿو، ۽ پوءِ نرمائيءَ سان ڪاغذ تان ٽاچنيءَ کي ريڙهي، پاڻيءَ تي چڊي ٿو ڏئي، ٿوري ماٺ.]
گليلو: ڇا ٿيو آهي؟
فيڊرزوني: اڙي! سُئي پيئي تري! ويچارو ارسطو سڳورو! هن کي ڪنهن آزمايو ئي ڪونهي. [هو زور سان کلن ٿا.]
گليلو: سائنس جي مسڪينيءَ جو هڪڙو سبب خام خياليءَ جي تونگري به آهي. سائنس جو مقصد اِهو نه آهي ته لامحدود ڏاهپ تائين پهچ جو دروازو کُلي، پر رڳو هيترو آهي ته لامحدود جهالت جي ڪا حد مقرر ٿئي. — هاڻي پنهنجا نوٽ لکو.
ورجينيا: اِهو ڇا آهي؟
سينورا سارتي: جڏهن به هو کلندا آهن، تڏهن مون کي ٿوري ڏڪڻي وٺي ويندي آهي. الائي هو اڄ ڇا تي پيا کلن!
ورجينيا: بابا چوي ٿو ته ديني عالمن وٽ گهنڊ آهن، ۽ طبعيات جي عالمن وٽ ٽهڪ آهن.
سينورا سارتي: پر آئون شڪر ٿي ڪريان ته هاڻي، گهٽ ۾ گهٽ، پنهنجي دوربينيءَ سان هو ايترو گهٽو ڪو نه ٿو ڏسي.
ورجينيا: هاڻي هو رڳو پاڻيءَ ۾ برف جا ٽڪرا پيو وجهي، اِن مان گهٽو ڪو نقصان پئجي نٿو سگهي.
سينورا سارتي: آئون ڪيئن ٿي چئي سگهان!

[ليوبڊو وڪو سفر جي ڪپڙن ۾ اندر اچي ٿو، جنهن جي پٺيان سامان سان نوڪر آهي. ورجينيا ڊوڙي ونس وجي ٿي ۽ ياڪر پائيس ٿي.]

ورجينيا: ڇو نہ پنهنجي اچڻ جو مون ڏانهن خط لکيئي؟

ليوبڊو وڪو: آئون هتي ويجهو پنهنجا انگورن جا باغ ڏسڻ آيو هوس، سو تو وٽ اچڻ کان پاڻُ روڪي نہ سگهيس.

گليلو [جڻ پري کان ڏسي نٿو سگهي]: اِهو ڪير آهي؟

ورجينيا: ليوبڊو وڪو.

ننڍڙو راهب: توهين هِن کي نٿا ڏسيٰ سگهو ڇا؟

گليلو: هائو. هائو، ليوبڊو وڪو. [هُن ڏانهن وڌي وڃي ٿو.] گهوڙن جو ڪهڙو حال آهي؟

ليوبڊو وڪو: ٺيڪ آهن، محترم سائين.

گليلو: سارتي، پاڻ خوشي ملهائيندا سين. هُن سسليءَ جي جهوني شراب ڀر جڳ پري ڪٽي اچ!

[سينورا سارتي، اَئنڊريءَ سان گڏجي، ٻاهر وڃي ٿي.]

ليوبڊو وڪو [ورجينيا کي]: تون هَيڊي پيئي ڏسجين! ڀهراڙيءَ ۾ رهندينءَ تہ ٺيڪ ٿي ويندينءَ. اَمان سيپٽمبر ۾ تنهنجي اچڻ جي راهہ پيئي ڏسي.

ورجينيا: ترس — آئون تو کي پنهنجي شاديءَ جو وڳو ڏيکاريان. [هوءَ ڊوڙي ٻاهر وڃي ٿي.]

گليلو: ويهہ.

ليوبڊو وڪو: مون ٻڌو آهي، سائين، تہ توهان جي ليڪچرن ٻڌڻ لاءِ توهان وٽ يونيورسٽيءَ ۾ هزار کان بہ وڌ شاگرد اچن ٿا. اڄڪلهہ توهين ڪهڙي ڪم ۾ مصروف آهيو؟

گليلو: ڏينهِن پٺيان ڏينهن پيا لنگهن، ڳالهہ ساڳي اُها ئي پيئي ٿئي. تون روم مان پيو اچين؟

ليوبڊو وڪو: هائو. — متان مون کان ڳالهہ وسري وڃي: سج جي داغن بابت جيڪو نئون شور ڊچن وني شروع ڪيو آهي، اُن جي سلسلي ۾ اوهان جيڪا دانائي ۽ خود روڪ ڏيکاري آهي، اُن تي اَمان اوهان کي مبارڪون ڏنيون آهن.

گليلو [خشڪ جواب طور]: سندس مهرباني.

[سينورا سارتي ۽ اَئندري شراب جو جڳ ۽ گلاسَ آڻين ٿا. سيئي ميز جي چوڌاري گڏ ٿي ويهن ٿا.]

ليوڊو وڪو: روم کي فيبروريءَ جي گفتگو جو موضوع اڳي ئي ملي ويو ٿو ڏسجي. حضرت سائين ڪرسٽافر ڪلي وئس پنهنجو انديشو ظاهر ڪيو آهي تہ اُهو اڳوڻو سج جي چوڌاري ڦرتيءَ جي چڪر وارو گوڙ اِنهيءَ سج جي داغن واريءَ ڳالهہ تي وري نئين سر نہ شروع ٿي وڃي!

اَئندري: اِها ڪا پريشانيءَ جي ڳالهہ ڪانهي.

گليلو: منهنجي آئنده ممڪن گناهن کان سواءِ، مقدس شهر ۾ ٻيا ڪهڙا افواهہ هئا؟

ليوڊو وڪو: توهان کي تہ خبر هوندي تہ حضور اقدس پوپ موت جي بستري تي آهي!

ننيڙو راهب: او!

گليلو: هن جي جانشين لاءِ ڪنهن جو نالو پيو ڪڇجي؟

ليوڊو وڪو: اڪثر ماڻهو ڪارڊينل باربرينيءَ جو نالو پيا وٺن.

گليلو: باربريني!

اَئندري: استاد گليلي باربرينيءَ کي سڃاڻندو آهي.

ننيڙو راهب: ڪارڊينل باربريني رياضيءَ جو عالم آهي.

فدرزوني: پاپائي تخت تي هڪ سائنسدان!

گليلو: هائو، هن دور ۾ هنن کي باربرينيءَ جهڙا ماڻهو کپن، جن ڪجهہ رياضيءَ جو علم پڙهيو هجي. ڳالهين وڌڻ شروع ڪيو آهي، فدرزوني! ممڪن آهي تہ پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي اُهو ڏينهن اچي، جڏهن اسين ٻہ ۽ ٻہ چار چئون تہ اسان کي چورن وانگر لڱڻون ورائي پنيان ڏسڻو نہ پوي، تہ ڪنهن اسان کي ٻڌي تہ نہ ورتو. [ليوڊو وڪو کي]: مون کي هيءَ شراب ڏاڍو وڻي ٿو، ليوڊو وڪو! تنهنجو ڇا خيال آهي؟

ليوڊو وڪو: سٺو آهي.

گليلو: انگورن جو باغ بہ منهنجو ڏٺل آهي. اُن جي زمين جي لاهي اُڀڪيرائين ۽ پٿرائين آهي، اُن جا انگور لڳ ڀڳ نيرا آهن. اُن جو شراب مون کي ڏاڍو وڻي ٿو.

ليوڊو وڪو: هائو.

گليلو: اُن ۾ ٽوري کا ڪڙاڻ آهي. ۽ اُهو لڳ ڀڳ مٺو آهي. پر اها 'لڳ ڀڳ' ماڻهوءَ کي وسارڻ نہ گھرجي. — ائنڊري. اهي شيون هاڻي ڪٺي هڪ پاسي ڪر — برف. برتن ۽ ٽاچني. — مون کي بدن جا سک ۽ خوشيون وڻن ٿيون. مون کي انهن ڊچڻ خسيس ماڻهن تي خار ايندا آهن. جيڪي اِنهن کي انسان جون 'ننڍڙيون ڪمزوريون' سڏيندا آهن. آئون چوان ٿو تہ خوشي زندگيءَجي حاصلات ۽ سک ان جو ثمر آهي.

ننڍڙو راهب: توهين هاڻي ڇا ٿا ڪرڻ گھرو؟

فدرزوني: اسين وري 'سج جي چوڏاري ڌرتيءَ' وارو گوڙ اُٿاري. ڳالھ شروع ٿا ڪرڻ گھرون.

اَئنڊري [جهونگاريندي]:
انجيل، منهنجا پيارا، چوي ٿو تہ ڌرتي بيٺي آهي
۽ هر ڪو علم سان ڀريل عالم اِها ڳالھ ثابت پيو ڪري:
پوپ سڳورو بہ ان کي ڪنڌ کا جهليو بيٺو آهي. —
پر ڌرتي، جا آهي، پيارا، سا پوءِ بہ پيئي ڦري!

[اَئنڊري، فدرزوني ۽ ننڍڙو راهب ڊوڙي، تجرباتي ميز کي صاف ڪن ٿا.]

اَئنڊري: ممڪن آهي تہ اسان کي خبر پوي تہ خود سج ڪنهن ٻئي جسم جي چوڏاري ڦري ٿو. ڪيئن ٿو ڀانئين، مارسيلي؟

ليوڊو وڪو: اوهين سڀ ايترا جذباتي ڇو ٿيا آهيو؟

سينورا سارتي: گليلي سائين، وري تہ اِنهي شيطاني ٽيوب سان توهين ساڳي ڳالھ شروع ڪو نہ ٿا ڪريو؟

گليلو: هاڻي مون سمجهيو تہ ڇو تنهنجي ماءُ تو کي مون ڏانهن موڪليو آهي. باربريني اچي رهيو آهي. علم جو ذوق هاڻي عام ٿيندو ۽ علمي تحقيق عالمن جي دلي مسرت جو سبب بنبي، ڪلي وئس صحيح آهي، هي سج جا داغ مون لاءِ وڏي شيءِ آهن. ڪيئن، هاڻي منهنجو شراب تو کي وڻي ٿو، ليوڊو وڪو؟

ليوڊو وڪو: اِهو تہ مون اوهان کي ٻڌايو آهي.

گليلو: تو کي سچ پچ اِهو وڻي ٿو؟

ليوڊو وڪو [خشڪ نموني]: وڻي ٿو.

گليلو: پلا هيترو ڪري سگهندين، جو ڪنهن جو ڏنڊو تو کي نہ وڻندو هجي، ۽ پوءِ بہ هن جو شراب پي سگهين يا هن جي ڏيءُ سان شادي ڪري سگهين! منهنجي فلڪيات جو منهنجي ڏيءُ سان ڪهڙو واسطو آهي؟ زهره جي ڪلائن ڪري هُن جا چُنڙ تہ نہ ٿا بدلجن!

سينورا سارتي: ايترا ڪچا لفظ نہ ڳالهايو. آئون ورجينيا کي وٺي ٿي اچان.

ليوڊو وڪو [هن کي روڪي ٿو] : اسان جهڙن خاندانن ۾ شاديون رڳو جنسياتي خيال کان نہ ڪيون ويندِيون آهن.

گليلو: اٺن سالن تائين منهنجي ڏيءُ سان تو کي شادي ڪرڻ کان اِنهيءَ ڪري روڪيو ويتا هئا ڇا، جو ايترو وقت هُنن منهنجي آزمائش ٿي ورتي؟

ليوڊو وڪو: منهنجي زال کي اسان جي ڳوٺ جي ديول ۾ پنهنجي ديتداري بہ تہ ڏيکارڻي آهي.

گليلو: تُنهنجو مطلب آهي تہ اوهان جا هاري اوهان کي ايرئي ڏيڻ کان اڳ اوهان کان اهو شرط وٺندا تہ تنهنجي زال ديول ۾ وڃي ٿي يا نہ؟

ليوڊو وڪو: ڳالهہ ڪجهہ ڪجهہ اِيئن بہ آهي.

گليلو: اَئندري، فلگانزو، اوهين وڃي پتل جو رفليڪٽر ۽ پردو ڪٽي اچو. اسين سج جي تصوير اُن تي جهٽيندَاسين، تہ جيئن اسان جون اکيون سج جي سڌي شعاع جي تيک کان بچي سگهن — اِهو تنهنجو لاڏل رستو آهي، اَئندري.

[اَئندري ۽ ننڍڙو راهب رفليڪٽر ۽ پردو ڪٽڻ وڃن ٿا.]

ليوڊو وڪو: روم ۾ اوهان اُن وقت لکي ڏنو هو تہ اوهين وڏيڪ اِنهي 'سج جي چوڏاري ڦرتيءَ' واري معاملي ۾ هٿ نہ وجهندا.

گليلو: اوهو! اُن وقت! تڏهن اسان وٽ هڪ رجعت پسند پوپ هو.

سينورا سارتي: هو! پر حضور اقدس اجا مئو تہ ڪونهي!

گليلو: لڳ ڀڳ، لڳ ڀڳ. — پردي تي گراف پيپر هڻو. اسين پوريءَ ترتيب ۾ رٿا سان ڪم ڪنداسين ۽ پوءِ هُنن جي خطن جا جواب ڏينداسين. هائو نہ، اَئندري؟

سينورا سارتي: 'لڳ ڀڳ'، 'لڳ ڀڳ'. پنجاهه پيرا هيءُ شخص وري وري برف جا ڳنڍا توري ٿو، پر جڏهن ڪنهن شيءِ لاءِ سندس پيٽ لوس لوس ڪري ٿو، تڏهن اکيون پوري اُها ڳهو چڙهي!

[پردو لڳايو ويو آهي.]

ليوڊو وڪو: استاد گليلي، جيڪڏهن مقدس پوپ مئو به سهي، ته به نئون پوپ جيڪو سندس جاءِ تي ايندو، اُهو به هنن ڳالهين ۾ ضرور ملڪ جي اعليٰ خاندانن جي راءِ جو خيال رکندو. علم لاءِ هن جي دل ۾ ڪيترو به ڪٽي احترام هجي، پر هِي خاندانَ، خود سندس ڪيترو احترام ڪن ٿا، اُن جو خيال هو پهرين رکندو.

ننڍڙو راهب: خدا هيءَ طبعي دنيا ٺاهي آهي، ليوڊو وڪو: خدا ماڻهوءَ جو دماغ ٺاهيو آهي، خدا ضرور طبعيات جي علم جي موڪل به ڏيندو.

سينورا سارتي: استادگليلو، هاڻي توهان کي آئون ڪجهه چوان ٿي. مون پنهنجي پٽ کي هنن 'تجربن'، 'مفروضن' ۽ 'مشاهدن' ۾ ڦاسي، ڪفر ۾ غرق ٿيندي ڏٺو آهي، ۽ آئون ڪجهه نه ڪري سگهي آهيان. توهين اختياريءَ وارن جي مخالف ٿي بيٺا آهيو ۽ هنن هڪ ڀيرو توهان کي چتاءُ به ڏنو آهي. ڪيترا وڏا وڏا ڪارڊينل توهان کي اهڙيءَ نرمائيءَ سان سمجهائي چڪا آهن، جيئن ڪو بيهي ڪنهن بيمار جانور سان نرمائي ڪندو آهي. ڪجهه وقت اُن جو اثر ٿيو، پر ٻه مهينا اڳ، 'مقدس خوشخبريءَ' جي عيد سڳوريءَ کان سگهو ئي پوءِ، مون توهان کي وري اِنهن ساڳين 'مشاهدن' ۾ پاڻ کي اڙائيندي ڏسي ورتو — پٽ جي هيٺان ڳجهڻ ۾! مون توهان کي ڪجهه نه چيو، پر آئون سڄي ڳالهه سمجهي ويس. مون ڊوڙي وڃي حضرت يوسف جو ڏيو ٻاريو هو ته مَن اُهو منهنجي دعا ٻڌي. جڏهن توهين مون سان پنهنجي مُنهن ڳالهايو ٿا، تڏهن هوش جون ڳالهيون ٿا ڪريو ۽ چئو ٿا ته توهين پاڻ سمجهو ٿا ته ڳالهه خطرناڪ آهي ۽ توهان کي پاڻ تي ضابطو رکڻ کپي. پر ٻه ڏينهن اِنهن شيطاني اوزارن سان تجربا ٿا ڪريو، ته اهڙا ئي اڳي وانگر چريا ٿِي ٿا پئو! پر جيڪڏهن مان هڪڙي ملحد سان اِيئن پاڻ کي شامل رکي، پنهنجي دائمي نجا ت کان پاڻ کي محروم ٿي ڪريان ته اِها سچ پچ به ته منهنجي پنهنجي

ڳالهه آهي، پر توهان کي اِهو هرگز حق ڪونهي، جو پنهنجن اِنهن وڏن ڳرن پيرن سان پنهنجي ڏيءَ جي خوشيءَ کي اِيئن لتاڙي ناس ڪري ڇڏيو.

گليلو [تيسي ۾]: دوربيني ڪٽي اچو.

ليوڊو وڪو: گائسَپَ، منهنجو سامان واپس گاڏيءَ ۾ وجهه.

[نوڪر وڃي ٿو.]

سينورا سارتي: هيءُ صدمو هوءَ سهي ڪا نه سگهندي. توهين پاڻ ڪيس ٻڌائجو.

[هوءَ جڳ هٿ ۾ کنيو، تکي تکي هلي وڃي ٿي.]

ليوڊو وڪو: آئون ڏسان ٿو تہ توهان پنهنجي ڪم جون تياريون اڳي ئي ڪري ڇڏيون آهن، استاد گليلي، منهنجي ماءُ ۽ آئون سال جا نَوَ مهينا ٻهراڙيءَ ۾ پنهنجين زمينن تي گذاريندا آهيون. اسين اوهان کي پڪ ٿا ڏيون تہ مشتريءَ جي اُپگرهن تي اوهان جا لکيل مضمون اسان جي هارين جي دلين تي ڪو بہ اثر ڪو نہ ٿا ڪن. پنهنجين ٻنين تي هنن کي ايڏو تہ ڳرو پورهيو ڪرڻو پوي ٿو، جو اهڙين ڳالهين تي ڪين سوچڻ جي نہ سگهہ ٿي رهي نہ سُرت. البت جڏهن هو ٻڌندا تہ ڪليسا جي مقدس عقيدن تي اهڙا واهيات حملا ٿيندا رهن ٿا ۽ اُن تي ڪنهن کي ڪا سزا ڪا نہ ٿي ملي، تڏهن هو ضرور عجب ۾ پوندا ۽ پريشان ٿيندا. اوهان کي هيءُ ڳالهہ ڪڏهن بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ هي ويچارا حيوانن جهڙا ڳوٺ هر ڳالهہ ۾ مُنجهي پون ٿا. هو سچ پچ حيوان ئي آهن. مشڪل اُنهن جي حالت اوهان جي خيال ۾ اچي ٿي سگهي. سمجهو تہ هو ڪو افواهہ ٿا ٻڌن تہ ڪنهن پاسي هڪ صوف جي وڻ ۾ ناسپاتيون ڄمي پيون آهن، تہ هڪدم پنهنجي ٻنين کي اُتي ڇڏي، نڪري پوندا. چوڏاري اِها ڳالهہ ٻين کي ٻڌائڻ ۽ پوءِ وينا ڏينهن جا ڏينهن اُن تي 'خدا جي شان' ۽ 'الله جي قدرت' جا ڳڻ ڳائيندا.

گليلو [دلچسپيءَ سان ڳالهہ ٻڌندي]: هان، اِيئن ڪندا؟

ليوڊو وڪو: اصل حيوان آهن، حيوان. جڏهن اسان وٽ ڪنهن رواجي ڳالهہ جي شڪايت ڪٽي ايندا آهن، تہ منهنجي ماءُ مجبور ٿي، هُنن جي اڳيان هڪڙي ڪُتي کي جهلائي، ٻيهي لنيون هٽائيندي آهي، اِهو ئي

طريقو آهي، جنهن سان هو اِها ڳالهہ سمجهي سگهندا آهن تہ تميز، ادب ۽ تهذيب ڪهڙيءَ بلا جا نالا آهن. اوهين، استاد گليلي، ڪڏهن ڪڏهن گهوڙي گاڏيءَ ۾ ويندي، مڪائيءَ جا پڪل ڪيت ڏسندا آهيو، اوهين بي خياليءَ سان اسان جا زيتون ۽ اسان جو پنير ۽ مکڻ کائيندا آهيو، سچ پچ تہ اوهان کي اِن جو ڪو اندازو ئي ڪو نہ ٿيندو هوندو تہ اِنهن شين جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪيتري تڪليف وٺڻي ٿي پوي.

گليلو: نوجوان، آئون پنهنجا زيتون بي خياليءَ سان ڪو نہ کائيندو آهيان. [ڪاوڙ ۾،] تون منهنجو وقت ضايع ٿو ڪرين. [مٿي سڏ ڪري ٿو]: پردو هٽ ڪيُوَ؟

اَئنڊري: هائو. اچو ٿا؟

گليلو: هنن کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ رڳو ڪتن کي ئي جهلي، لنيون ڪا نہ هٽندا آهيو! ڪيئن مارسيلي!

ليوڊو وڪو: استاد گليلي، توهان جي ذهن جي تيزيءَ تي واقعي حيرت ٿي وٺي، ۽ خود اوهان تي قياس بہ ٿئي ٿو!

ننڍڙو راهب [ٽپرس ۾ پئجي]: هيءُ توهان کي دڙڪا ٿو ڏئي!

گليلو: هائو. من آئون بہ ڪڏهن هُن جي هارين جي مغز ۾ ڪي ٻيا خيال پيدا ڪري سگهان. ۽ هُن جي نوڪرن ۽ هن جي چوڪيدارن جي مغز ۾ بہ.

فڊرزوني: سو وري ڪيئن ڪري سگهندا؟ اُنهن مان تہ ڪو بہ لاطيني پڙهي ڪو نہ ڄاڻي.

گليلو: آئون گهٽڻ لاءِ عوام جي ٻوليءَ ۾ لکي سگهان ٿو، بجاءِ هِن جي، جو ٿورن لاءِ لاطينيءَ ۾ لکان. هِنن نون خيالن لاءِ اسان کي اُهي ماڻهو کپن، جيڪي پنهنجن هٿن سان پورهيو ڪن ٿا. اُنهن کان سواءِ ٻيا ڪير ٿا سگهن، جيڪي شين جي اصل معلوم ڪرڻ جي چاهنا رکندا هجن؟ جيڪي مانيِ رڳو پنهنجي ميز تي ئي ڏسن ٿا، سي اِهو ڄاڻڻ ڪيئن چاهيندا تہ اُها پچي ڪيئن ٿي، اُهو تُولو تہ اُن لاءِ خدا جو ئي ٿورو مڃڻ چاهيندو - ۽ نہ نانوائيءَ جو، پر اُهي جيڪي مانِي پچائين ٿا، سي ئي سمجهندا تہ ڪا بہ شيءِ، جيسين اُن کي ڪي نتو چورجي ڪا نہ ٿي چُري. فلگانزو، تنهنجي ڀيڻ، جيڪا زيتونن جي گهاڻي تي ويهي ٿي، حيران ڪا نہ ٿيندي، بلڪ شايد کِلي ڏيندي،

جڏهن ڪيس ٻڌائبو تہ سج ڪو اسان جو چمڪندڙ زرهہ پاتل چوڪيدار ڪونهي، پر دراصل هو هڪ وڏو چڪرو آهي، جيڪو اسان جي ڌرتيءَ کي چوري ٿو ۽ اُنهيءَ ڪري اسان جي ڌرتي ڦِري ٿي.

ليوڊو وڪو: اوهين هميشہ پنهنجن دلپسند خيالن جي نشي ۾ مست رهندا. ورجينيا کي چوندا تہ مون کي معاف ڪري، آئون سمجهان ٿو تہ هاڻي بهتر آهي تہ ڪيس ڏسڻ کان سواءِ هليو وڃان.

گليلو: ڏاجو تو لاءِ اسان وٽ هر وقت موجود آهي.

ليوڊو وڪو: الوداع [وڃي ٿو.]

اَئندري: ٻلي آئين – سيني مارسيلين کي اسان جا سلام ڏج!

فڊرزوني: جيڪي ڌرتيءَ کي حڪم ڪن ٿا تہ ڦِري نہ ۽ بيٺي رهي، تہ جيئن سندن محل سلامت بيٺا رهن ۽ ڊهي پٽ تي نہ اچي پون.

اَئندري: ۽ سينيسيز کي ۽ ولينيز کي.

فڊرزوني: سرويليز کي.

اَئندري: ليچيز کي.

فڊرزوني: پيري ليونيز کي.

اَئندري: جيڪي پوپ جا پير رڳو انهيءَ ڪري چمڻ لاءِ تيار آهن، تہ اُنهن سان هو عوام کي لتاڙيندو رهي.

ننڍڙو راهب [مشاهدي جي سامان وٽ]: نئون پوپ روشني پاتل هستي هوندو.

گليلو: بهرحال، هاڻي، اسين سج جي هِنن داغن جو مشاهدو شروع ڪريون ٿا، جن ۾ اسان جي دلچسپي آهي – پر هيءُ ڪم پنهنجي ذميداريءَ تي ڪٽون ٿا، نئين پوپ جي گهڻي آسري تي نہ.

اَئندري [وچ ۾ ڳالهائيندي]: پر پوري اعتماد سان تہ استاد فئبريڪَس جا ٻڌايل تارن جا پاڇولا ۽ پراگ ۽ پئرس جا مشهور ڪيل سج جي ٻاڦ جا ڪڪر هٽائي ڇڏينداسين، ۽ اسين سج جي محوري ڦيريڪي ثابت ڪنداسين.

گليلو: ڪجهہ اعتماد سان، اَئندري! پوري اعتماد سان نہ. منهنجي نيت اِها نہ آهي تہ ثابت ڪريان تہ جو ڪجهہ مون هيستائين پئي چيو آهي، سو هرويرو صحيح آهي، پر اِها آهي تہ ڏسون ۽ جانچيون تہ آئون صحيح

بہ آهيان، يا مرڳو ئي غلط آهيان. آئون چوان ٿو تہ جيڪو مشاهدو ڪرڻ بيهي ٿو، اُن کي اڳي ئي ڪا خاص شيءِ ڏسڻ يا لهڻ جي دل ۾ آس رکڻ نہ گهرجي. ممڪن آهي تہ اُهي ڪڪر هجن، ممڪن آهي تہ اُهي داغ هجن. پر اِن کان اڳي، جو چئون تہ داغ آهن — جيڪا ڳالهہ اسان کي پنهنجي خيال کان اڄ نيڪ لڳي ٿي — اسان کي اڳوپوءِ هي بہ فرض ڪرڻ کپي تہ اُهي مڇين جا پُڇڙ آهن! هائو، اسين هر ڳالهہ تپاسينداسين — هڪ پيرو وري تپاسينداسين ۽ اسين هڪ هڪ وک ديوَ وانگر ڪوهہ جي نہ پر ماڪوڙيءَ وانگر وار وار جي وٿيءَ واري کٽنداسين. ۽ جيڪي اسين اڄ ڏينداسين، اُن کي سڀاڻي پنهنجي ڪاتي مان لاهي ڇڏينداسين — ڇو تہ متان غلط هجي - ۽ اُهو وري پنهنجي رڪارڊ تي فقط تڏهن چاڙهينداسين، جڏهن اُهو اسان کي ٻيهر اُيئن ڏسڻ ۾ اچي. ۽ اسان جيڪي ڏسڻ چاهيو، اُهو ئي جيڪڏهن اسان ڏٺو، تہ اُن تي اسين ٻٽو شڪ ڪنداسين. اهڙيءَ طرح اڄ اسين سج جا مشاهدا شروع ڪريون ٿا، اِنهيءَ مفروضي سان ۽ اِهو ثابت ڪرڻ لاءِ تہ ڌرتي هڪ هنڌ بيٺي آهي.

ان ۾ جيڪڏهن ناڪام ٿياسين، پوريءَ طرح ۽ مڪمل نراسائيءَ جي حد تائين — ايتري قدر جو اُن ۾ اسان کي جيڪي نقصان پيا، تن جي پورائي ڪرڻ اسان لاءِ بنهہ ناممڪن ٿي پوي- تڏهن، ۽ فقط تڏهن، اسين پاڻ کان پڇڻ شروع ڪنداسين تہ ڇا، اسين بهرحال هِن ڳالهہ ۾ صحيح تہ نہ هئاسين تہ ڌرتي ڦري ٿي! [اک ٻِڪندي،] ۽ پوءِ جيڪڏهن سڀ ٻيون ڳالهيون، سواءِ هِن هڪ ڳالهہ جي، سج پچ هوائي ۽ بي بنياد ثابت ٿين ٿيون، تہ اُن حالت ۾ اسين اُنهن ماٺهن جي ڪنهن بہ اِن قسم جي ڳالهہ کي ڪو وزن ڪو نہ ڏينداسين، جيڪي مشاهدو نہ ٿا ڪن پر ڳالهائيندا ضرور رهن ٿا. هاڻي دوربينيءَ تان ڪپڙو هٽايو، ۽ ڦيرائي اُن جو منهن سج ڏانهن ڪريو.

[هو پِتل وارو رفليڪٽر ٺاهي بيهاري ٿو.]

ننڍڙو راهب: مون کي خبر هئي تہ توهان پنهنجو ڪم اڳي ئي شروع ڪري چڏيو آهي. مون کي اِها خبر تڏهن پيئي، جڏهن توهان مارسيلي صاحب کي سجاڻ ڪان انڪار ڪيو.

[چپ چاپ، هو پنهنجا مشاهدا شروع ڪن ٿا، جڏهن سج جو ہرندڙ عڪس پردي تي ڏسجي ٿو، تڏهن ورجينيا، پنهنجي شاديءَ جي جوڙي ۾ ملبوس، ڊوڙندي ٿي اچي.]

ورجينيا: توهان هن کي موٽائي ڇڏيو، بابا!

[هوءَ بيهوش ٿي وڃي ٿي. اَئندري ۽ ننڍڙو راهب ڊوڙي وٽس وڃن ٿا.]

گليلو: مون کي سچ معلوم ڪرڻو آهي.

# (10)

## پوءِ جا ڏهہ سال، گليلو جي تعليم ماڻهن ۾ پکڙجي تي. پترن وارا، ڪتابڙن وارا، ڪتاڪار ۽ ڳائڻا هر هنڌ نوان خيال ڪنيو هلن تا ۽ ورهائيندا وتن تا. 1632ع ۾، ساليانيي ڪارنيوال جي موقعي تي، اٽليءَ جي گهڻن شهرن ۾، فلڪيات جي ڳالهين کي هنرمندن ۽ ڪاريگرن جي عام جلسن ۽ جلوسن ۾ نمائش جو موضوع بنايو ويو

سال 1632ع ۾ اپريل فُول جي ڏينهن تي،
سائنس جي ڳالهين جو چؤبول هو،
ماڻهن اُهي گليليءَ کان سکيون هيون:
اُهي هو پنهنجي خوشيءَ سان ڪنيو گهمندا رهيا.

## هڪڙي مارڪيٽ ۾

[گشتي بازيگرن جو هڪڙو اَڌ ٻکيو جوڙو، هڪڙي پنجن سالن جِي ڇوڪري ٻانهن کان وٺيو ۽ هڪڙو ٻالڪ هنج ۾ کنيو، مارڪيٽ جي چؤنڪ ۾ اچي ٿو، جتي ماڻهن جو انبوهہ، جن مان گهڻن جي مُنهن تي پوش پاتل آهن، ڪارنيوال جي جلوس ڏسڻ لاءِ گڏ ٿيو بيٺو آهي. ٻنهي بازيگرن کي مٿن تي هڙون آهن، ۽ هڪڙو دهل ۽ ٻيا ڪيترا قسمين قسمين برتن ساڻ اٿن.]

بازيگرن مان هڪڙو [جيڪو ڪتاڪار آهي، دهل تي ڏونڪا هڻندي]:

”مانَ وارا شهر واسيؤ، پينرون ۽ ڀائرؤ! ڪارنيوال جو جلوس پهچي، اُن کان اڳ، اسين اوهان کي فلارينس مان آندل هڪڙو نئون ۽ تازو راڳ ٻڌايون تا، جيڪو سڄي اٽليءَ جي سِري ۾ عام جام پيو ڳائجي ۽ وڄائجي. اسان اِهو راڳ ڏاڍو ڏکيو ۽ ڏاڍو مهانگو آندو آهي. ان کي چا تا سڏين! [دهل تي ڏونڪن جي ٻٽڪار ڪري ٿو.] معزز نگرواسيؤ، پينرون ۽ ڀائرؤ! ٻڌو ’سرڪاري عالم ۽ استاد گليلو گليليءَ جي خوفناڪ تعليم ۽ سندس خطرناڪ خيال عرف آئيندي جو اُلڪو.“

[هو ڳائي ٿو]:
جڏهن جوڙڻهار هيڏي وڏي جوڙ جوڙي بس ڪئي،
تڏهن سج کي چيائين: 'منهنجي حڪم سان
ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦرندو رهہ! تہ ڌرتي روشن رهي'-
جيئن رئيس جي نندڙي نوڪرياڻي بتي کڻي هلندي آهي.
ڇاڪاڻ تہ ڌرتيءَ جي اِها مرضي هئي تہ هر ڪا نندي شيءِ
پاڻان وڏيءَ شيءِ جي چوڌاري اِيئن ڦرندي رهي.
پوءِ شين پنهنجي پنهنجي وس آهر ڦرڻ شروع ڪيو —
ننڍين شين وڏين شين جي چوڌاري،
جيئن آسمان ۾ آهي ڌرتيءَ تي بہ ايئن،
۽ پوپ جي چوڌاري ڪارڊينل ڦرن ٿا،
۽ ڪارڊينلن جي چوڌاري بشپ ڦرن ٿا،
۽ بشپن جي چوڌاري سيڪرٽري ڦرن ٿا،
۽ سيڪرٽرين جي چوڌاري ماجسٽر ڦرن ٿا،
۽ ماجسٽرن جي چوڌاري ڪاريگر ڦرن ٿا،
۽ ڪاريگرن جي چوڌاري نوڪر ڦرن ٿا،
۽ نوڪرن جي چوڌاري ڪتا، ڪڪڙ ۽ فقير ڦرن ٿا.
۽ اِها اَتوَ، منهنجا عزيزو، بزرگو، اُها وڏي سٺا ۽ جوڙَ — قادر جي قدرت، جيئن حضرتَ علماء سڳورا چوندا آهن، حاڪمن جي حاڪمن جو وڏو قانون بلڪ قانونن جو قانون — پر پوءِ، منهنجا پيارا غريب ڀائرو، ڇا ٿيو؟ -
[هو ڳائي ٿو]:
پوءِ ڊاڪٽر گليلي اُٿي کڙو ٿيو
(۽ انجيل کي پري ڪري، دوربيني کڻيائين،
۽ سرشتيءَ تي هڪ نگاهہ وڌائين.)
'بيهي رهہ!' سج کي چيائين،
ڇاڪاڻ تہ هاڻي خلق جو خلقڻهارُ
پوئتي ڦيرو ڏيندو-
هاڻي مالڪياڻيءَ کي حڪم مڃڻو پوندو

اِوهين سيبئي جيڪي ڌرتيءَ تي ڌڪي گذاريو ٿا،
اُٿو! هڪدم پنهنجون ستل همٿون جاڳايو،
۽ لائق ڊاڪٽر گليُولَس کان سکو،
۽ ڌرتيءَ جي سک جي الف بي ڪانئس پڙهو:
فقط اوهان جي فرمانبرداري اوهان کي اِن کان روڪي ٿي. پر ڪير آهي، جو پنهنجو رئيس ۽ مالڪ پاڻ بنجڻ نه گهرندو؟

ڪٿاڪار: معزز شهرواسيؤ، اچو، اچو، ڏسو گليلو گليليءَ جي هيءَ هڪڙي وڏي ڪوجنا، هيءُ هن جو لڏل وڏو ڪرشمو: ڌرتي ٿي سج جي چوڌاري ڦري! ڌرتي ٿي سج جي چوڌاري ڦري! —

- اِنهي پادرين ۽ پادرين جي مالڪن، ڌرتيءَ جي ڏٽين، جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي...

[دهل جو زور سان دسُ وڄائي ٿو. مائي ۽ سندس ڇوڪري اڳتي وڌي اچن ٿيون. مائيءَ کي سج جي نشان طور هڪڙو لَڪَڙ جي ڪاري جو ڇتاٽو ٺهيل وڏو گولو آهي، جنهن کي چوڌاري ڳاڙهو ڪپڙو ڍڪيل آهي، ۽ هوءَ اُن ۾ ويهي رهي ٿي، ۽ ڇوڪريءَ جي مٿي تي، ڌرتيءَ جي نشان طور، هڪڙو گول ڪدو رکيل آهي، ۽ هوءَ ڦِرندي، مائيءَ جي چوڌاري چڪر ڏئي ٿي. ايتري ۾ پنئين پاسي کان دهلن جا ٺاهوڙ وڄندي، ويجهي ايندي ٻڌجن ٿا.]

هڪڙو ٿلهو آواز [زور سان]: جلوس اچي ويو!!

[ٻه ماٺهو ڦاٽل ڪپڙن ۾، هڪڙي ننڍڙي گاڏي ڇڪيندا اچن ٿا. اُن ۾ هڪڙو خسيس ۽ ڪِل جهڙو تخت رکيل آهي، جنهن تي 'فلارِينسجو رئيس اعظم' ڏيکاريل آهي ته وينٺو دوربينيءَ مان ڏسي — اُن جي مٿي تي پاني مان ٺهيل ڇٽ آهي ۽ بت تي ڳوڻ جا ڪپڙا پاتل اٿس - ۽ تخت جي مٿان هڪڙو بورڊ ڏسجي ٿو، جنهن تي لکيل آهي: 'اجايون نقصان جون ڳالهيون پيو ڳولي!' اُن کان پوءِ چار مُنهن تي پوش پاتل ماڻهو اچن ٿا، جن جي هٿن ۾ هڪڙي وڏي شاهي ڇٽي آهي. هو بيهن ٿا ۽ هڪڙي ڪارڊينل جو بوتو هوا ۾ اڇلائين ٿا. وري هڪڙي پاسي هڪڙو بنهه ننڍڙو ڇامڙو ڏسجي ٿو، جنهن جي هٿ ۾ بورڊ آهي، جنهن تي لکيل آهي: 'نئون دور'، انبوهه ۾ هڪڙو 'پنگلو فقير'

پنهنجين گھوڙين تي گھڏي گھڏي، پاڻ کي متي ڪري، پَٽ تي زور سان لت هڻي، نچي ٿو، تان جو 'ڏڪ ڪائي'،ڪري پوي ٿو. هاٿي هڪڙو ماڻهوءَ جي قد کان گھٽو وڏو 'بوتو'. استاد گليلو گليليءَ جو، اچي ٿو، جو عام پبلڪ اڳيان جهڪي سلام ڪري ٿو ۽ اُنهن جو سلام وٺي ٿو. اُن جي اڳيان هڪڙو پار هڪڙو تمام وڏو 'انجيل'، جيڪو کليل آهي، کنيو اچي ٿو، ۽ اُن جا پنيل صفحا ڏسجي ٿو تہ ٿلهي وڏي منڌيئڙي سان کَنيا ۽ تَرڪيا پيا آهن.]

ڪٿاڪار: عزيزو، بزرگو! هيءُ آهي گليلو گليلي – انجيل کي پڙهڻ ۽ ٺيڪ ڪرڻ وارو.

[انبوهہ مان يڪو وڏو ٽهڪ اُٿي ٿو.]

# (11)

## 1633ع ۾ مقدس ڪليسا جي ديني عدالت جڳ مشهور عالم ڪي روم ۾ گهرائي ٿي

اونهايون ساڙين ٿيون، چوٽيون برف آهن،
گهٽين ۾ گوڙ ۽ عدالتن ۾ مات آهي.

## فلارينس ۾ ميديسي محل جو ورانڊو ۽ ڊاڪٽ

[گليلو ۽ سندس ڌيءُ رئيس اعظم سان ملڻ لاءِ ترسيا بيٺا آهن.]

ورجينيا: ڪافي دير ٿي آهي.

گليلو: هائو.

ورجينيا: اُهو ساڳيو ماڻهو وري آيو آهي – جيڪو هيستائين اسان جو پيڇو ڪندو پيئي آيو.

[هوءَ هڪڙي ماڻهو ڏانهن اشارو ڪري ٿي، جيڪو ڏانهن نهارڻ کان سواءِ پري کان لنگهي وڃي ٿو.]

گليلو [جنهن جي نظر خراب ٿي چڪي آهي]: آئون اِنهيءَ کي ڪو نہ سڃاڻان.

ورجينيا: پر آئون هن کي گذريل ڪجهہ ڏينهن کان ڏسندي پيئي اچان. مون کي تہ هن کان ڊپ ٿو ٿئي.

گليلو: اجائي ڳالهہ. اسين فلارينس ۾ آهيون، ڪارسيڪا جي رهزنن جي وچ ۾ تہ نہ آهيون.

ورجينيا: اِجهو ريڪٽر گفون پيو اچي.

گليلو: اِنهي ماڻهوءَ کان وري آئون ٿو ڊڄان. احمق مون کي پورو ڪلاڪ ڳالهين ۾ بيهاري ڇڏيندو.

[ڊاڪٽ لهندي، يونيورسٽيءَ جو ريڪٽر، گفون اچي ٿو، هن جي جڏهن گليلو تي اک پوي ٿي تہ هيسجي وڃي ٿو، ۽ مُنهن ٻئي پاسي ڪري، هِنن ٻنهي جي پاسي کان، ڪنهن سلام ڪلام کان سواءِ لنگهي وڃي ٿو.]

گليلو: هن کي ڇا ٿي ويو؟ منهنجون اکيون اڄ وري پيون سور ڪن. هِن اسان کي ڪيڪاريو يا ڪيڪاريو بہ ڪون؟

ورجينيا: ڏيان بہ ڪو نہ ڏنائين — ڪيڪر تہ پري ٿي. — توهان جي ڪتاب ۾ ڇا آهي، بابا! اِيئن تہ نہ آهي تہ هي اُن کي ملحدانو سمجهن ٿا!

گليلو: تون ديولين ۾ ڏاڍو گهڻو ٿي وڃين، ورجينيا. هر روز ايترو سوير اٿڻ ۽ صبح جي عبادت ۾ شامل ٿيڻ — ايتري اوجاڳي ۾ فڪر تنهنجي مُنهن جو رنگ ئي بدلائي ڇڏيو آهي. تو کي منهنجي ڏاڍي ڳڻتي آهي. تون مون لاءِ دعائون گهرندي آهين، هائو نہ؟

ورجينيا: اِهو ڪاريگر 'واني' پيو اچي، لوهہ وارو، جنهن لاءِ توهان لوهہ رجائڻ جو وڏو ڪوٺارو ٺاهيو هو. هُن اسان ڏانهن پکي موڪليا هئا. اچي تہ هن جا ٿورا مڃڻ نہ وسارجو.

[هڪڙو ماڻهو ڏاکڻ تان لهندو اچي ٿو.]

واني: استاد گليلي، مون توهان ڏانهن پکي موڪليا هئا. ڪجهہ وڻيا؟

گليلو: پکي ڏاڍا مزيدار هئا، ماسٽر واني! تنهنجي وڏي مهرباني.

واني: مٿي هُنن توهان جي باري ۾ پئي ڳالهايو. هي ڪتابڙا، جيڪي انجيل جي خلاف تازو نڪتا آهن ۽ هر هنڌ پيا وڪجن، اُنهن لاءِ هو توهان کي ذميدار سمجهن ٿا.

گليلو: مون کي ڪتابڙن جي ڪا بہ خبر ڪانهي. انجيل ۽ 'هومر' تہ آئونبيحد چاهہ سان پڙهندو آهيان.

واني: نہ بہ پڙهندا هجو، تہ بہ آئون توهان کي خاطري ڏيڻ ٿو گهران تہ اسين ڪاريگر ۽ هٽ پورهيت ماڻهو توهان جي پاسي آهيون. آئون اهڙو ڪو ڏاهو ماڻهو ناهيان جنهن کي تارن جي هلچل جي ڪا گهڻي خبر هجي، پر منهنجي نظر ۾ توهين اُهي انسان آهيو، جيڪي نين شين جي سکڻ ۽ سيکارڻ جي آزديءَ لاءِ وڙهو ٿا. هو جرمنيءَ جو ٺهيل مشيني هَرُ ئي ڪٽي وٺو، جنهن جي سڄي ڳالهہ توهان مون کي ڪالهہ ويهي سمجهائي هئي. رڳو گذريل سال ۾ ئي لنڊن ۾ پوک بابت پنج ڪتاب نڪري چڪا آهن. اسان کي هتي فقط هڪڙو ڪتاب هالنڊ جي آبپاشيءَ جي ترقي جهڙو نهي مليٰ، تہ بہ شڪر ڪريون، اِهي ساڳيا ماڻهو جيڪي توهان جي راهہ ۾ پيا رنڊڪون وجهن، سي رڳو

بولانا جي ڊاڪٽرن کي مردا وڍڻ نٿا ڏين تہ هو ڪا انساني فائدي لاءِ طبي تحقيق ڪري سگهن.

گليلو: تنهنجي راءِ ۾ وڏو وزن آهي، ڪاريگر واني.

واني: شل اِيئن هجي! توهان کي خبر آهي تہ آمسٽرڊام ۾ ۽ لنڊن ۾ پيسن جا دوڪان آهن؟ ۽ واپار جا بہ اسڪول آهن؟ ۽ اخبارون باقاعدي نڪرن ٿيون، جن ۾ تازيون خبرون ڇپجن ٿيون. هِتي تہ اسان کي پيسي ڪمائڻ جي بہ آزادي ڪانهي. هو لوهي ڪارخانن جي برخلاف آهن، ڇاڪاڻ جو چون ٿا تہ اُنهن ۾ گهڻا مزور هڪ هنڌ گڏ ٿيندا ۽ اُن ڪري بداخلاقي ۽ گوڙ وڌندو! اسان جو تہ سچ پچ توهان جهڙن ماڻهن سان ئي گذارو ٿي سگهي ٿو، استاد سائين. جيڪڏهن هو توهان جي خلاف ڪنهن بہ قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪن تہ مهرباني ڪري ياد رکندا تہ سڄيءَ واپاري ۽ سڄيءَ هنري دنيا ۾ توهان جا دوست ۽ ساٿي ويٺا آهن. توهان جي حمايت ۾ بالائي اٽليءَ جا سمورا شهر اُٿي بيهندا، استاد گليلي.

گليلو: منهنجي ڄاڻ ۾، ڪو بہ مون کي نقصان رسائڻ جي نيت ڪا نہ ٿو رکي.

واني: نہ ٿو رکي؟

گليلو: نہ ٿو رکي.

واني: منهنجي راءِ آهي تہ توهين وينس ۾ سکيا رهندا. اُتي ايترا خطرناڪ ڪارا جبا ڪونهن. اُتان توهين پنهنجي جنگ جاري رکي سگهندا. مون وٽ گاڏي ۽ گهوڙا تيار بيٺا آهن، استاد گليلي! رڳو توهين فيصلو ڪريو.

گليلو: آئون پاڻ کي پناهگير بنائڻ نٿو گهران. مون کي پنهنجي گهر جو سک عزيز آهي.

واني: برابر. پر جو ڪجهہ مون هُتي مٿي ڏٺو آهي، اُن مان سمجهان ٿو تہ توهان کي وڌيڪ دير ڪرڻ نہ گهرجي. هِنن جي ڳالهين مان مون اِهو سمجهيو تہ هو وڌيڪ اوهان جو فلارينس ۾ رهڻ پسند نٿا ڪن.

گليلو: اجائي ڳالهہ، رئيس اعظم منهنجو شاگرد آهي. تَنهن کان سواءِ خود پوپ بہ هنن کي ڪنهن اهڙيءَ حرڪت جي اجازت نہ ڏيندو، جنهن سان هو مون کي ڦاسائڻ چاهيندا هجن.

واني: آئون ڏسان ٿو تہ توهين پنهنجا دوست ۽ دشمن پورا سڃاڻي نٿا سگهو، استاد گليلي.

گليلو: آئون زور وارن ۽ بي زورن جو فرق ڄاڻان ٿو.

[هو تکو هليو وڃي ٿو.]

واني: چڱو، سائين! شل توهان جو بخت سڻائو هجي!

[وڃي ٿو]:

گليلو: [ورجينيا وٽ موٽي اچي ٿو ]: جيڪو ٿو اُتي، سو ٿو مون کي پنهنجن مسئلن حل ڪرڻ لاءِ پڳ ٻڌائي، اڳيان ڪري - ۽ سو بہ خاص ڪري اُتي جتي منهنجي جوکم جي ڳالهہ آهي. مون سرشتيءَ جي قاعدن بابت هڪڙو ڪتاب لکيو آهي، بس. اُن کي ڪو ڪيئن ٿو سمجهي ۽ ڪو ڪيئن ٿو ڪم آڻي، اُن ۾ منهنجو ڪهڙو واسطو؟

ورجينيا [ڏاڍيان]: ماڻهن کي رڳو اِها خبر پوي تہ گذريل ڪارنيوال ۾ هر هنڌ جيڪي ٿيو، اُن جي توهين ڪيتري نہ ننڌا ڪري چڪا آهيو!

گليلو: هائو. هيءَ بہ اُها ڳالهہ آهي تہ رڇ کي ماکي چٽايو. ۽ پوءِ هو، جي بکيو آهي تہ اوهان جي ٻانهن ئي پٽي ويندو.

ورجنيا [آهستي] : رئيس اعظم توهان کي اڄ پاڻ هتي گهرايو هو، يا.....؟

گليلو: نہ، آئون پاڻ آيو آهيان. پر هو ڪتاب ونڻ چاهي ٿو. اُن جا پيسا بہ ڏنا اٿس. تُون هُن عملدار کي چئُ ۽ شڪايت ڪرينس، تہ هِنن ايترو چو اسان کي ترسائي ڇڏيو آهي.

ورجينيا [عملدار سان ڳالهائڻ لاءِ وڏي وڃي ٿي. اُهو ساڳيو پيچو کندڙ ماڻهو سندس پٺيان وڃي ٿو]: مِنسيُو صاحب، اعليٰ حضرت کي اطلاع آهي تہ منهنجو پيءُ ساڻن ڳالهائڻ گهري ٿو؟

عملدار: مون کي ڪهڙي خبر؟

ورجينيا: اِهو ڪو جواب ڪونهي.

عملدار: تہ پوءِ؟

ورجينيا: اوهان جو فرض آهي تہ فضيلت سان ڳالهايو.

[عملدار اڌي پُٺي ورائي، پيچي کندڙ ماڻهوءَ ڏانهن ڏسندي، اُٻاسي ڏئي ٿو.] ورجينيا [موٽي اچي ٿي]: هُو چوي ٿو تہ رئيس اعظم اڃا ڪم ۾ آهي.

گليلو: مون ٻڌو تہ تو هن سان ڪجهہ 'فضيلت' جي ڳالهہ پئي ڪئي.
اِهو ڇا هو؟

ورجينيا: مون هن جي فضيلت ڀرئي جواب لاءِ سندس شڪريو تي ادا ڪيو. بس اِها ڳالهہ هئي بابا. توهين ڪتاب هتي ڇڏي نتا هلي سگهو؟ توهين پنهنجو وقت تا رڳو هتي وڃايو.

گليلو: آئون پاڻ ڪان هاڻي سوال ڀڇي رهيو آهيان تہ منهنجي وقت جو آخر ملهہ بہ ڪهڙو آهي. ڇو نہ ساگريڊو جي دعوت قبول ڪري، ٿورن هفتن لاءِ پيدوئا هليو وڃان! منهنجي صحت بہ ٺيڪ ڪانهي.

ورجينيا: توهين پنهنجي ڪتابن ڪان سواءِ رهي ڪين سگهندا.

گليلو: آئون سسليءَ جي شراب جا ہہ چار 'دنگ بہ پاڻ سان گاڏيءَ ۾ کڻي ويندس.

ورجينيا: توهين هميشہ اِيئن چوندا آهيون تہ توهان جي صحت سفر جي تڪليف سهي ڪين سگهندي. هونئن دربار ڪي توهين ٿن مهينن جو پگهار بہ لهڻو تا. اُهو هو توهان ڏانهن اُتي ٿورو ئي موڪليندا!

گليلو: اِيئن برابر آهي.
[ڪارڊينل محتسب ڏاڪڻ تان لهندو هيٺ اچي ٿو.]

ورجينيا: ڪارڊينل محتسب!
[لنگهندي، هو گليلو جي اڳيان نمندو، سلام ڪندو وڃي ٿو.]

ورجينيا: بابا، ڪارڊينل محتسب هِتي فلارينس ۾ ڇا ٿو ڪري؟

گليلو: مون کي خبر ناهي. اهڙي تہ بي رُخيءَ جي روش بہ ڪا نہ ڏيکاريائين. جڏهن آئون فلارينس ۾ آيو هوس، ۽ هيترا سال خاموش رهيو آهيان، سو اول ئي مون ڇاتو تي تہ آئون ڇا ڪري رهيو آهيان. هُنن مون کي ايتري اوچي پَد تي رکيو، هيترو سڄو وقت پئي ساراهيو آهي، جو هاڻي هو مجبور آهن تہ آئون جيئن آهيان تيئن مون کي قبول ڪن ۽ برداشت ڪن.

عملدار [پڪاري ٿو]: اعليٰ حضرت، رئيس اعظم!
[قاسمو دي ميڊيسي ڏاڪڻ تان لهندي، اچي ٿو. گليلو وڏي ونس وڃي ٿو. قاسمو هُن کي ڏسي، بيهي رهي ٿو، ۽ ڪجهہ ڪِڪو ڪو ٿئي ٿو.]

گليلو: آئون اعليٰ حضرت کي ٻن وڏن فلڪياتي نظامن متعلق پنهنجا مضمون ڏيکارڻ چاهيان ٿو.

قاسمو: ها ها، ها ها! توهان جون اکيون ڪيئن آهن؟

گليلو: پوريون ٺيڪ نہ آهن، اعليٰ حضرت، جيڪڏهن اعليٰ حضرت اجازت ڏين تہ آئون پنهنجو ڪتاب....

قاسمو: توهان جي اکين جي حالت ڏسي، مون کي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي. سچ پچ مون کي ڏک ٿو ٿئي. اِن مان پائنجي ٿو تہ توهين پنهنجي اُن بهترين دوربينيءَ مان ڪجهہ حد کان وڌيڪ ڏسڻ ۾ لڳا رهو ٿا. هائو نہ؟

[هو، گليلو کان ڪتاب وٺڻ کان سواءِ، اڳتي وڌي وڃي ٿو.]

گليلو: هُن منهنجو ڪتاب نہ ورتو، هان؟

ورجينيا: بابا، مون کي خوف ٿو ٿئي.

گليلو [پريل ۽ اَڏول آواز سان]: من کي پنهنجي وس رک. ڊِڄ نہ هتان هاڻي گهر کو نہ هلنداسين، پر ڪاريگر وولپي، شيشہ گر، وٽ وينداسين. هن سان منهنجو بندوبست ٺيل آهي تہ سندس دروازي سان لڳو لڳ، ساقي خاني جي اڳڻ ۾، شراب جي خالي مٽڪن سان ڀريل هڪڙي گاڏي سدائين تيار هوندي، جنهن ۾ پاڻ چڙهي، شهر ڇڏي هليا ٿا هلون!

ورجينيا: توهان کي خبر هئي.

گليلو: هيڏانهن هوڏانهن نہ نهار.

[هو نڪري وڃڻ چاهين ٿا.]

هڪڙو اعليٰ عملدار [ڏاڪڻ تان لهندو اچي ٿو]: استاد گليلي، آئون پنهنجو فرض ٿو سمجهان تہ اوهان کي اطلاع ڏيان تہ فلارينس جي دربار مقدس ديني عدالت جي گهُر کي وڌيڪ هٽائي نٿي سگهي. اوهان کي هاڻي اُن مقدس ڪورٽ جي اڳيان پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ لاءِ روم وڃڻو پوندو. مقدس عدالت جي گاڏي اوهان کي اوڏانهن کڻي وڃڻ لاءِ ٻاهر تيار بيٺي آهي، استاد گليلي.

# (12)

## پوپ

## پوپ جي محل ۾ هڪ ڪمرو

[پوپ، اربن اٺون، اگوٽو ڪارڊينل باربريني، ڪارڊينل محتسب سان ڳالهائي رهيو آهي، ۽ ساڳئي وقت سندس مقدس رتبي جي خاص پوشاڪ پڻ ڪيس ڍڪائجي رهي آهي. ٻاهران گهڻن ماڻهن جي پيرن جا آواز پيا ٻڌجن.]

**پوپ [تمام ڏاڍيان]:** نہ! نہ! نہ!

محتسب: يا حضرت، هتي سيني علمن جا ڊاڪٽر، سيني مقدس فرقن جا اڳواڻ ۽ سموريءَ پادري برادريءَ جا عيوضي، خدا جي ڪلام ۾، جيئن اهو مقدس ڪتابن ۾ آيل آهي، پنهنجي پاڪ ۽ صاف بلڪ ٻاراڻين دلين جهڙي معصوم ايمان سان، اچي گڏ ٿيا آهن، رڳو اِنهيءَ لاءِ تہ توهان سڳورن جي پاڪ زبان مان هو پنهنجي ايمان جي تصديق ٻڌن. ڇا، حضرت جن اُنهن کي اِيئن چئي موٽائي ڇڏيندا تہ اِڄ کان پوءِ مقدس ڪتاب سچا نٿا سمجهي سگهجن؟

پوپ: آئون رياضيءَ جي حسابن ۽ جدولن کي ناس ڪري ڇڏڻ جي اجازت نہ ڏيندس. نہ! هرگز نہ!

محتسب: اِهو تہ هو مفڪر ۽ ملحد پاڻ چون ٿا تہ سندن دلين ۾ ڪو شڪ ۽ انڪار ڪونهي، پر رڳو اِهي رياضي حساب ۽ جدلون آهن، سي آهن! پر دراصل، مقدس حضرتا، سوال اِنهن حسابن ۽ جدولن جو ناهي. اڄ دنيا ۾ هڪ خوفناڪ بي آرامي پکڙيل آهي. ۽ اِها سندن دلين جي بي آرامي ئي آهي، جيڪا هي بدبخت هن خاموش، اڏول ڌرتيءَ تي مڙهڻ گهرن ٿا. هو وات ڦاڙي چون ٿا تہ 'انگ اکر اسان کي مجبور ٿا ڪن.' پر اِهي انگ اکر ڪٿان ٿا اچن؟ اِهي انگ اکر اچن ٿا شڪ مان، شڪ پريل ذهن مان — جيئن هر ڪو ڄاڻي ٿو. اِهي ماڻهو هر ڳالهہ ۾ شڪ ڪن ٿا. ڇا اسين انساني معاشرو شڪ جي بنياد تي اڏڻ گهرون ٿا. ۽ هاڻي اُن لاءِ ايمان جا بنياد اسان

ڪي نہ گهرجن؟ 'تون منهنجو آقا آهين، پر مون کي شڪ آهي تہ اِها ڳالهہ ٺيڪ بہ آهي يا نہ!' 'اِهو هُن جو گهر آهي ۽ هوءَ هُن جي زال آهي، پر آئون نٿو چئي سگهان تہ اِهي ٻچو منهنجا نہ آهن!' ساڳئي وقت، فن لاءِ توهان سڳورن جو جيڪو اعليٰ ذوق آهي، جنهن جي طفيل، اسين شڪر گذار آهيون، جو هيترا حسين ذخيرا ۽ تاريخي نوادرات اسان وٽ گڏ ٿي سگهيا آهن، اُن تي اِهي ماڻهو نٺوليون ڪن ٿا. ۽ اُن جي خلاف روم جي پٿين تي هنن گستاخِ توهان سڳورن جي بي حرمتيءَ جون ڳالهيون لکي ڇڏيون آهن ـــ مثلاً: 'جيڪي شيون ملعون وحشين جي لٽ ڪان روم ۾ بچي ويون، سي هاڻي مقدس وحشي پيا ميڙين!' ۽ ٻاهرَ جي ڪهڙي حالت آهي؟ خداوند قدوس جي رضا تي راضي رهڻ جي هيءَ ڳالهہ آهي، پر توهان سڳورن کي پاڻ خبر آهي تہ سڄي مقدس ڪليسا جي دنيا اڄ وڏين مشڪلاتن ۾ گهيريل آهي. اسپين ۾ توهان سڳورن جي اختيار ڪيل پاليسي ماڻهن کي سمجهہ ۾ نٿي اچي، جو انهن ۾ اها اونهي نظر ڪانهي ۽ هو اُتان جي شهنشاهہ ۽ اسان جي تعلقات جي خاتمي کي سنو نٽا سمجهن. گذريل پندرهن سالن کان جرمنيءَ جو ملڪ هڪ پورو قتل گاهہ بڻيل آهي، جتي ماڻهو چپن سان انجيل جون آيتون پڙهندا، هڪٻئي کي ڪاسائين وانگر ڪُهي رهيا آهن. ۽ هاڻي، جڏهن پليگ، جنگ ۽ ديني بغاوت جنهن کي هو 'اصلاح' سڏين ٿا، مسيحيت کي باقي آٽي ڪن خاص ايراضين ۾ محدود ڪيو آهي، تڏهن اِهو افواهہ اٿيو آهي، ۽ سڄي يورپ ۾ پکڙجي ويو آهي، تہ توهان سڳورن سُئيڊن ۾ باغي ليوٿر جي پوئلڳ جماعت سان ناهہ ڪيو آهي تہ جيئن اُتان جو ڪئٿولڪ شهنشاهہ ڪمزور ٿئي ۽ هيڏانهن هي رياضي دان ڪِيڙا پنهنجون دوربينيون ڪنيو آسمان ڏانهن اِيبون ڪيو بيٺا آهن، ۽ دنيا کي وڏي وات پيا ٻڌائين تہ هتي بہ ـــ يعني فلڪياتي علم جي هڪڙي ميدان ۾ بہ جتي توهان سڳورن سان همسريءَ جي اڄا ڪنهن بہ دعوا ڪا نہ ڪئي هئي ـــ توهين سڳورا بي خبر آهيو، غلط آهيو. هونئن تہ سيڪو ئي سوچي سگهي ٿو تہ هن هڪڙي گمنام علم ۾ اڄ ايتري اوچتي دلچسپي آخر ڇو پيدا ٿي پيئي آهي! آخر ماڻهوءَ ويچاري جو اِن ۾ ڇا ٿو وڃي تہ آسمان جو هي چرخو ڪيئن ٿو ڦري! پر افسوس، جو سڄيءَ اٽليءَ ۾ اڄ ڪو بہ هڪڙو ماڻهو اهڙو ڪونهي ـــ ويندي گهوڙن جي سَيسن تائين ـــ جيڪو هِن فلارينس جي هڪڙي بي

ايمان ۽ بداعمال شخص جي ڳالهه تي لڳي، زهره جي ڪلائن بابت باندرن وانگر چرچر ۽ ڪبرين وانگر ٽرٽر نه ته ڪري. پر اِتي ئي هي گستاخ، زبان دراز، بس ڪن ته به چڱو، اِنهن مان ڪو هڪڙو به اهڙو ڪونهي، جو اڳتي وڌي، اُنهن غيب جي ڳالهين ۽ قدرت جي عميق اسرارن بابت نٿو سوچي، جن ڪي سيني علم جي اعليٰ ماهرن ۽ خداوند قدوس جي ڏڍيل سڳورن شخصن ۽ مقدس هستين اڳي ئي انساني علم جي دائري کان مٿي ۽ هن ويچاري محدود عقل جي مسڪين ماڻهوءَ جي ڄاڻ کان ٻاهر ثابت ڪري ڇڏيو آهي. آخر ڳالهه ڪٿي وڃي دنگ ڪندي، جيڪڏهن هي ماڻهو، جيڪي پنهنجي نفس پليت جي آڏو ايترا هيٺا آهن، ۽ هر ڳالهه ۾ حد کان نڪري وڃڻ لاءِ تيار بيٺا آهن، سي رڳو پنهنجي عقل تي ياڙي بيهن ۽ اُن ڪي ئي سچ جي آخري ۽ واحد ڪسوٽي سمجهي ويهن؟ ۽ هاڻي ته هو انجيل مقدس جي قول تي شڪ ڪن ٿا ته سچ، هلندي هُلندي، گبيان پهاڙ تي، خدا وند قدوس جي چوڻ تي ڪو بيهي رهيو هو! اُن کان پوءِ هو مردود پنهنجا ذليل شڪ سچي انجيل سڳوري تي رکندا. چاڪاڻ ته هو سمنڊ تي جهاز هلائيندا تا رهن - ۽ اُن تي مون کي ڪو اعتراض ڪونهي - هو پنهنجو سچو ايمان خدا جي بدران پتل جي ٿهيل هڪڙي ڪين جهڙي گولي تي رکن ٿا، جنهن کي اصطرلاب ٿا چون! اِهو گليلو جڏهن جوان هو تڏهن به مشينين بابت پيو لکندو هو. اِهي ماڻهو مشينين وسيلي معجزا ڪرڻ چاهينتا. معجزا به ڪهڙي قسم جا؟ هنن کي بهرحال خدا جي ته گهرج آهي ڪا نه، تنهن ڪري سندن معجزا به ته اهڙا هوندا. مثال طور، چون ٿا ته آتال ۽ پاتال باقي نه رهندا – يعني مٿينءَ دنيا ۽ هيٺينءَ دنيا ۾ هو فرق ئي تسليم نٿا ڪن. هُنن کي اُنهن جي گهرج ئي ڪانهي! ارسطو، جيڪو هُنن جي نگاهه ۾ هونئن هر طرح مري چڪو آهي، تَنهن چيو آهي - ۽ اِها ڳالهه هُن جِي هي ماڻهو هر موقعي تي ٻڌائيندو رهندا آهن — ته 'جڏهن ڪوريءَ جو نڙو ازخود ڪپڙو اُڻندو ۽ سُرَندو ازخود وڄندو، تڏهن شاهه ڪاريگرن کي شاگردن جي ۽ وڏي ڳالهه ته حاڪمن کي نوڪرن جي ضرورت ڪا نه رهندي.' ۽ هي سمجهن ٿا ته ايستائين هاڻي هي پهچي به چڪا آهن. هيءُ ظالم شخص جڏهن پنهنجا فلڪياتي حساب ۽ ڪتاب لاطيني ٻوليءَ ۾ نه پر مڇي مارينڌڙن ۽ رڍن چارينڌڙن جي ٻوليءَ ۾ لکي ٿو، تڏهن خوب چاڻي ٿو ته هو ڇا ڪري رهيو آهي.

پوپ: اِها هُن جي بدذوقي آهي، آئون هُن کي اِها ڳالهه چوندس.

محتسب: اهڙن ماڻهن کي هو نلهو چوري، اُيو ٿو ڪري. ڪاريگرن ۽ واپارين کي وري فائدن ۽ سهوليتن جون رشوتون ٿو آڇي. هوڏانهن بالائي اٽليءَ جي ساموندي بندرگاهن جا ماڻهو جيئن پوءِ تيئن وڏيڪ پنهنجن جهازن لاءِ گليلو جي فلڪياتي چارٽن جي خريد ڪرڻ تي زور رکن ٿا. اُنهن کي ته بهرحال چارٽن ڏيڻ کان انڪار به ڪري ڪين سگهبو. چاڪاڻ ته اِن ۾ سڀني جي مالي مفادن جي ڳالهه آهي.

پوپ: پر اِهي فلڪياتي چارٽ هُن جي اُن ملحدانه تعليم جي ئي ڳالهين تي ٻيٺل آهن. جيڪڏهن هُن جي تعليم جون اُهي ڳالهيون اسين رد ٿا ڪريون، ته تارن جي اُها چرپر ئي اسان لاءِ ممڪن نه رهندي، جنهن تي اِهي چارٽ ايترو مفيد ڪم ڏين ٿا. هن جي تعليم کي رد ڪجي ۽ هن جا فلڪياتي چارٽ قبول ڪجن، اِيئن ڪيئن ڪري سگهبو!

محتسب: چو نه؟ ٻيو اسان وٽ رستو ئي ڪهڙو آهي؟

پوپ: اِهي پيرن جا آواز مون کي ڏاڍو پريشان ڪن ٿا. معاف ڪجو، آئون ته رڳو اِهي آواز ٻيو ٻڌان.

محتسب: يا حضرت، اِهي شايد توهان کي ڪافي ڪجهه ٻڌائين ٿا، ۽ اُهو توهان کي آئون نٿو ٻڌائي سگهان. ڇا، اِهي سڀ ماڻهو هتان دل ۾ شڪ کڻي هليا وڃن!

پوپ: پر نيٺ به ته هيءُ ماڻهو هِن دور جو وڏي ۾ وڏو طبعياتي عالم آهي، سڄي اٽليءَ جو فخر آهي — ڪو جهڙو تهڙو بي دماغو ماڻهو ته ڪونهي. هِن جا به دوست ۽ ساٿي آهن. هوڏانهن ورسائيلس جو جمهوري راڄ آهي. هوڏانهن وائنا جي شاهي دربار آهي. اِهي سيئي مقدس ڪليسا جي باري ۾ ڇا سوچيندا ۽ ڇا چوندا؟ - رڳي سڙيل، مدي خارج خود خيالن جي ڪڏ! آئون ٿو چوان ته هِن ماڻهوءَ کي هٿ نه لايو!

محتسب: عملي صورت ۾ ڳالهه هٿ ۾ کڻبي ته هِن جي حالت ۾ اسان کي گهڻو پري وڃڻو ئي ڪو نه پوندو. هو هڪ دنيائي ماڻهو آهي. ٿوري ئي زور تي جهُڪي پوندو.

پوپ: مون کي خبر آهي ته جيترين دنيا جون خوشيون هو چاهي ٿو، اوترين ٻيو ڪو ڪونه ٿو چاهي، هو سوچيندو ئي دنيا ئي خوشيءَ ۽ فائدي جي خيال کان آهي. پراڻي شراب ۽ ڪنهن سٺي خيال کان انڪار ته هُن سکيو ئي ڪونهي. ۽ آئون جسماني حقيقتن جي ترديد ۽

تذليل نتو گهران، نہ مون کي اهڙا کي بي سود جنگي نعرا ئي گهرجن، جيئن: 'هيڏانهن کليسا، هوڏانهن عقل!' وغيره. مون هُن کي ڪتاب شايع ڪرڻ جي اجازت ڏني هئي، اِنهيءَ شرط سان تہ اُن جي پڇاڙيءَ ۾، نتيجي طور، هو اِيئن چوي تہ حق جي آخري ضمانت سائنس وٽ نہ پر مذهب وٽ آهي. ۽ هُن اِيئن ڪيو آهي.

محتسب: پر ڪيئن؟ هُن جي ڪتاب ۾ هڪڙو احمق ماڻهو، جيڪو ظاهر ظهور ارسطوءَ جي خيالن جي ترجماني ڪري ٿو، هڪڙي هوشمند ماڻهوءَ سان گفتگو ڪري ٿو، جيڪو ظاهر ظهور گليلو جا خيال پيش ڪري ٿو، ۽ پوءِ يا حضرت، نتيجي طور، ايمان جي تصديق وارو اِهو توهان جو فرمايل گفتو ڪير ٿو چوي؟

پوپ: اِها ڳالهہ وري ڪهڙي ٿي؟ بهرحال ڪير ٿو اسان جي پاران اِهي لفظ چوي؟

محتسب: هوشمند ماڻهو نہ.

پوپ: اِها واقعي هڪ زيادتي آهي. — هي وراندن ۾ پيرن جو دَنجڪو منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي. سڄي دنيا هيڏانهن ليٽي پيئي آهي ڇا؟

محتسب: سڄي دنيا نہ، پر اُن جو بهترين حصو.

[توري ماٺ. پوپ هاڻي پنهنجي سڄي مقدس پاڪر ڍڪي چڪو آهي.]

پوپ: گهٽي ۾ گهٽي ڳالهہ جيڪا ڪري سگهجي ٿي، سا هيءَ تہ هن کي اَذيت رسانيءَ جا اوزار ڏيکاريا وڃن.

محتسب: اِها ڳالهہ ڪافي ٿيندي، يا حضرت، استاد گليلو اوزارن کي سڃاڻڻ جو ماهر آهي.

# (13)

## 22 جون 1633ع تي، گلِيلو گليلي، مقدس ديني عدالت جي اڳيان، ڌرتيءَ جي چرپر بابت پنهنجيءَ ڳالهه کان ڦري ٿو وڃي

تاريخ 22 جُون، سال سورنهن سؤ ٽيٽيهه
- توهان لاءِ ۽ مون لاءِ هڪ تمام وڏي تاريخ.
اِهو ئي سيني ڏينهن مان هڪ ڏينهن هو،
جڏهن عقل جو دور شروع ٿي سگهيو ٿي.

## روم ۾ فلارينس جي سفير جي محل ۾

[گليلو جا شاگرد خبرن جي اوسيڙي ۾ ويٺا آهن. ننڍڙو راهب ۽ فيڊرزوني شطرنج جي راند، وڏن دائن سان، نئين نموني، کيڏي رهيا آهن. ڪنڊ ۾ ورجينيا، گوڏن ڀر ويهي، دعا گهري رهي آهي.]

ننڍڙو راهب: پوپ هن کي پاڻ وٽ ڪو نه سڏيو. وڌيڪ علمي گفتگو ڪا نه ٿي.

فيڊرزوني: هُن جو آخري ڀروسو اُن تي هو. ڪيئي سال اڳ، جڏهن هو اڃا ڪارڊينل باربريني هو، تڏهن هن جيڪي روم ۾ چيو هو، سو برابر ٺيڪ نڪتو: 'تون اسان کي گهرجين.' هاڻي هو برابر هُنن وٽ آهي.

اَئنڊري: هو ڊاهي ناس ڪري ڇڏيندس. هاڻي هُن جو ڪتاب 'مباحثا' ڪڏهن پورو ڪو نه ٿيندو.

فيڊرزوني [ڊنل نگاهن سان ڏانهس ڏسي ٿو]: تون اِيئن ٿو سمجهين؟

اَئنڊري: ڇاڪاڻ ته هو پنهنجيءَ ڳالهه تان ڪڏهن ڪين ڦرندو.
[ٿوري ماٺ.]

ننڍڙو راهب: ماڻهو جڏهن راتين جو اکيون پٽيو ستا پيا هوندا آهن، تڏهن هنن کي عجيب غريب خيال ايندا آهن. مثال طور، ڪالهه رات، آئون

سوچيندو رهيس تہ هُن کي وينس جهڙو جمهوري راڄ اصل ڇڏڻ نہ گهربو هو.

اَئنبري: اُتي تہ هو ڪو ڪتاب لکي نٿي سگهيو.

فيدرزوني: ۽ هتي فلارينس ۾ وري هو ڪو ڪتاب شايع نٿو ڪري سگهي.

[توري مات.]

[ننڍڙو راهب: مون اِهو پڻ عجب پئي ڪاڏو تہ هو ونس رڳو اُهو ننڍڙو پٿر بہ رهڻ ڇڏيندا يا نہ. جيڪو هو سدائين آخري داءَ طور پاڻ سان ڪٽندو آهي.

فيدرزوني: جيڏانهن هو ڪيس وٺي پيا وڃن، اوڏانهن هر ڪنهن کي خالي هٿين ويٺو آهي.

اَئنبري [دانهن ڪندي]: ايتري هنن کي همت ئي ڪا نہ ٿيندي، پر جيڪڏهن هو اِيئن ڪن بہ، تہ بہ هو پنهنجيءَ ڳالهہ تان ڪڏهن ڪِرِ نہ ڦرندو. 'اُهو جنهن کي سچ معلوم ناهي فقط هڪ احمق آهي، پر اُهو جيڪو سچ ڄاڻي ٿو ۽ اُن کي ڪوڙ ٿو سڏي سو هڪ خطرناڪ رهزن آهي.'

فيدرزوني: آئون پاڻ نٿو سڄهان تہ هو ڪو ڦرندو، ۽ جيڪڏهن اِيئن ڪيائين، تہ آئون تہ شايد جِي بہ نہ سگهان، پر زور نيٺ بہ هُنن جي پاسي آهي.

اَئنبري: هر ڪا شيءِ زور سان تہ نٿي هلائي سگهجي.

فيدرزوني: شايد نٿي هلائي سگهجي.

ننڍڙو راهب: [آهستي]: هو ٽيو ڏينهن جيل ۾ رهيو آهي. ڪالهہ سندس سخت آڏي پچا هئي. ۽ اڄ بہ اُها هلڻي آهي. [ڏاڍيان، ڇاڪاڻ تہ اَئنبري ٻڌڻ جي ڪري رهيو آهي]: مقدس ڪليسا جي اڳيئين فيصلي کان ٻہ ڏينهن پوءِ آئون ڪيس هِتي مليو هوس ۽ اسين هُن جاءِ تي ويٺا هئاسين، تڏهن هُن اشارو ڪري، ٻاهر باغ ۾، وڻ جي پرسان، ڪوهہ وٽ، سورج گهڙيءَ لڳ، پرئاپوس جو ننڍڙو بت مون کي ڏيکاريو هو — او هُو، اوهين هاڻي بہ هتان ڏسي سگهو ٿا - ۽ پوءِ هن پنهنجي ڪمر کي هوريس جي شعر سان ڀيٽيو هو، جنهن ۾ ڪو بہ لفظ ڦري يا هيٺ مٿي ٿي نٿي سگهيو. هُن پنهنجي حسن جي شعور جي ڳالهہ ڪئي هئي، جنهن کان مجبور ٿي، هو سچ جي ڳولا ۾ مصروف رهيو ٿي. ۽ پوءِ هُن هڪڙو اصول بيان ڪيو هو: 'سچ ۽ سونهن ڳوليو، سچ ۽ سونهن سڃاڻو، سچ ۽ سونهن بچايو!' ۽ هو اُن اصول تي اٽل هو.

اَئنڊري [ننڍڙي راهب کي]: تو هِن کي اِهو ٻڌايو آهي تہ اُن پيري مقدس روم جي ڪاليج ۾ جڏهن هو سندس دوربينيءَ کي تپاسي رهيا هئا، تڏهن ڪيئن نہ هو بي پرواهہ ۽ اڏول بنيو بيٺو هو — ڪُڪين تي ٻيئي هٿ رکيو ۽ پيٽ ڪڍيو. هنن کي ايئن ڏسي رهيو هو، جڻ ڄٽ هئا، ۽ ڇا ٻيئي چيائين هنن کي؟ - 'پنهنجي عقل کي استعمال ڪريو، عالم حضرات، پنهنجي عقل کي استعمال ڪريو!' [گليلو جي نقلَ ڪندي، کلي ٿو.]

[توري ماٺ.]

اَئنڊري [ورجينيا بابت ڳالهائيندي]: هوءَ ٻيئي دعا گهري تہ شل هو ڦري وڃي!

فڊررزوني: هِن کي ڇڏي ڏي. جڏهن کان هُنن هِن کان پڇا ڪئي آهي، تڏهن کان هيءَ ڄڻ اڌ چري ٿي پيئي آهي. هُنن هِن جي مرشد سڳوري کي فلارينس مان گهرائي ورتو آهي.

[فلارينس ۾ رئيس اعظم جي محل وارو ساڳيو اُهو شڪي ماڻهو اندر اچي ٿو.]

شڪي ماڻهو: استاد گليلو اجهو ٿو هتي پهچي. هُن لاءِ شايد بستري جي ضرورت پوي.

فڊررزوني: هو ڇُٽو آهي ڇا؟

شڪي ماڻهو: اِيئن سمجهيو وڃي ٿو تہ مقدس ديني عدالت جي پنجين بجي واريءَ نشست ۾ استاد گليلو پنهنجي تعليم جي ترديد جو اعلان ڪندو. اُن مهل سينٽ مارڪ جي وڏيءَ ديول جو گهنڊ وڄندو، ۽ سندس ترديدنامو سرعام پڙهي ٻڌايو ويندو.

اَئنڊري: آئون نٿو اِها ڳالهہ مڃان.

شڪي ماڻهو: گهٽين ۾ انبوهہ ماڻهن جا ڪٺا ٿي ويندا، اِنهيءَ ڪري استاد گليلو کي محل جي پٺئين دروازي کان باغ منجهان آڻي، هتي وٺي اچبو.

[نڪري وڃي ٿو.]

اَئنڊري [اوڇتو رڙ ڪندي]: چنڊ هڪ ڌرتي آهي ۽ اُن ۾ پنهنجي روشني ڪانهي. نہ وري زهره کي پنهنجي روشني آهي، اُهو تارو بہ ڌرتيءَ

وانگر سج جي چوڌاري ڦري ٿو. ۽ مشتري جيڪو بيٺل تارن جي علائقي ۾ آهي ۽ ڪنهن بہ آسماني گنبذ ۾ جَڙيل نہ آهي، اُن جي چوڌاري چار چنڊ ڦرن ٿا. ۽ سج ڪائنات جو مرڪز آهي ۽ پنهنجيءَ جڳهہ تي اَڏول آهي ۽ ڌُرتي پُري ڪو نہ ٿو، ۽ ڌرتي مرڪز ناهي ۽ اڏول ناهي. ۽ اِهو سيڪجهہ هُن اسان کي ڏيکاريو ۽ سمجهايو آهي.

ننڍڙو راهب: ۽ جو اڳي ئي ڏٺل آهي، اُن کي زور سان تہ اڻ ڏٺو ڪري نٿو سگهجي.

[توري ماٺ.]

فدرزوني: [ٻاهر باغ ۾ سورج گهڙيءَ ڏانهن ڏسي ٿو]: پنج وڳا آهن.

[ورجينيا ڏاڍيان دعائون گهري ٿي.]

اَئنبري: آئون وڌيڪ نٿو سهي سگهان. گهوڙا گهوڙا، هو سچ کي ماري رهيا آهن!

[هو پنهنجن ڪنن کي بند ڪري ٿو. ننڍڙو راهب بہ اُيئن ڪري ٿو. پر گهنڊ نٿو وڄي. توريءَ ماٺ ڪان پوءِ، جڏهن ورجينيا جي دعائن جي پڙ پڙ ٻڌجي ٿي، فدرزوني ڪنڌ سان نهڪارَ ڪري ٿو. ٻيا ڪنن تان هٿ لاهي هيٺ ڪن ٿا.]

فدرزوني:[گهُٽيل آواز ۾]: ڪجهہ بہ ڪونهي. پنج لڳي ٽي منٽ ٿي ويا آهن.

اَئنبري: هو مُنهن ڏيئي رهيو آهي.

ننڍڙو راهب: ڳالهہ تان نٿو هٽي.

فدرزوني: نہ! واهہ واهہ! اسين کهڙا نہ ڀاڳ وارا آهيون!

[هو هڪبئي کي ڀاڪر پائين ٿا. هو ڏاڍا خوش آهن.]

اَئنبري: ڏٺُوَ! زورُ ڪجهہ نہ ڪري سگهيو. زور ناڪام ٿيو. اِنهيءَ ڪري، اڄ بي سمجهيءَ جو قلعو فتح ٿيو، اُهو اَجيت ناهي. اِنهيءَ ڪري، اڄ ماڻهوءَ کي موت جي ڊپُ ماري نہ سگهيو.

فدرزوني: هاڻي، سچ پچ، سائنس جو دور شروع ٿيو. هيءَ ئي اُن جي جنم جي گهڙي آهي. ۽ سوچيو تہ سهي، جيڪڏهن هو ڦري وڃي ها تہ!

ننڍڙو راهب: مون اِيئن ڪو نہ چيو هو. پر آئوندپ ۾ ورتجي ويو هوس.افسوس.... منهنجو ايمان ڪيڏو نہ هيٺو آهي!

اَئنبري: پر مون کي تہ خبر هئي!

فدبرزوني: اِهو ايئن ٿئي ها، جڏهن سڄ اپريو پر ايرڻ سان وري رات ٿي ويئي.
اَئنڊري: چڻ جبل چوي: 'آئون جبل نہ، پر سمنڊ آهيان.'
ننڍڙو راهب [گوڏي پر ڪري، دانهن ڪندي]: او خدا! تنهنجا لک احسان!
اَئنڊري: پر اڄ تہ هر ڪا شيءِ بدلجي ويئي! ماڻهوءَ، ايڏايل ماڻهوءَ، پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪنيو آهي، ۽ چوي ٿو: 'آئون جِي سگهان ٿو. ايڏو فائدو ٿئي ٿو، ايترو فرق پوي ٿو، جڏهن رڳو هڪڙو ماڻهو، ڪوڙ جي اڳيان اٿي بيهي ٿو، ۽ ڇاتي ڪڍي چوي ٿو: 'نہ، تون سچ ناهين، تون ڪوڙ آهين!'
[عين هِن گهڙيءَ سينٽ مارڪ جي ديول جو گهنڊ وڄي ٿو. سڀيئي بت بڻجي وڃن ٿا.]
ورجينيا [اُٿي بيهي ٿي]: سينٽ مارڪ جو گهنڊ! هو دوزخي نہ ٿيو! هو دوزخي نہ ٿيو!
[ٻاهران، گهٽيءَ مان، پڙهي واري جو آواز ٻڌجي ٿو، جيڪو گليلو جي ترديد جو اعلان پڙهي ٿو.]
پڙهي واري جو آواز: 'آئون، فلارينس يونيورسٽيءَ جو گليلو گليلي، علم رياضي ۽ طبعيات جو استاد، رد ٿو ڪريان، جو ڪجهہ مون سيکاريو آهي، يعني هيءَ تہ ڌرتي ڪائنات جو مرڪز ناهي ۽ هڪ هنڌ بيٺل ناهي، پر سج مرڪز آهي ۽ هڪ هنڌ بيٺل آهي. آئون سچيءَ دل ۽ سچي ايمان سان اِهي سڀيئي ڪوڙ ۽ سڀيئي ڪفر جون ڳالهيون رد ٿو ڪريان، اُنهن ڪان نفرت ٿو ڪريان ۽ اُنهن تي لعنت ٿو وجهان، ۽ پڻ اهڙن ٻين سڀني ڪوڙن ۽ ڪفر جي ڳالهين ۽ راين ڪي جهنم ۾ ٿو وجهان، جيڪي مقدس ڪليسا جي مقدس شريعت جي ابتڙ آهن.'
[اسٽيج تي اونڌهہ ٿي وڃي ٿي.]
[وري جڏهن روشني اچي ٿي، تہ گهنڊ جا ٺڪاءَ اڃا ٻڌجي رهيا آهن، ۽ پوءِ اُهي بند ٿي وڃن ٿا.]
[ورجينيا هلي ويل آهي. گليلو جا شاگرد اڃا اُٿي بيٺا آهن.]
فدبرزوني: ۽ هُن ڪنهن ڪي اُن جي پورهئي جو پورو اجورو بہ ڪڏهن ڪو نہ ڏنو، هُو نہ ڪڏهن ڪو ڪپڙن جو نئون وڳو وٺي سگهيو، ۽ نہ پنهنجو ڪو ڪتاب ئي ڇپائي سگهيو. هر ڪنهن پئي ٻاتون ڪاڏيون ڇو؟ ڇي، 'سائنس لاءِ ٿا جيئون!'

اَئندري [ڏاڍيان]: بدنصيب آ اُهو ملڪ، جنهن ۾ ڪو سورمو ڪونهي!

[گليلو اندر اچي ٿو – ڪيس هن ڪي بنهه ڏاهي وڏو آهي، هو سڄاٽپ کان ٻاهر ٿو لڳي. هن ائندريءَ جو پويون جملو ٻڌي ورتو آهي. هن گهڙيءَ لاءِ هو در تي ڪنهن لاءِ هيڪي بيهي ٿو ته من ڪو ڪيس ڪيڪاري ۽ گڏجي. جڏهن ڪو به ڪيس نٿو گڏجي – چاڪاڻ ته سندس سڀ شاگرد ڪانئس هٽي پري ٿي وڃن ٿا – تڏهن هو هليو وڃي ٿو، آهستي آهستي، تيز ڪائيندو – چاڪاڻ ته هن جي نظر جهڪي ٿي ويل آهي. هو نيٺ سامهون هڪ اسٽول ڏسي ٿو، ۽ اُن تي ويهي رهي ٿو.]

اَئندري: آئون ته هِن ڪي ڏسي به نٿو سگهان. هِن کي هتان نڪري وڃڻ گهرجي.

فڊرزوني: ڌيرج ڪر.

اَئندري [گليلو ۾ اکيون کُپائيندي، چيڪاٽ ڪري ٿو]: شراب جي ڪَلي! گانگٽ کائُو! پنهنجي ڪونٽري کَل بچائي آئين؟

[خار ڪائيندي، هو ويهي رهي ٿو.] منهنجي ته دل تي ڪچي ٽِئي.

گليلو [سُڪونَ سان]: هِن کي پاڻيءَ جو گلاس ڏيو.

[ننڍڙو راهب ٻاهر وڃي ٿو ۽ ائندريءَ لاءِ پاڻيءَ جو گلاس آڻي ٿو. ٻيا گليلو ڏانهن ڪو ڌيان ڪو نه ٿا ڏين. هو اسٽول تي ويٺو سيڪجهه ٻڌي رهيو آهي. پري پري کان پڙهي واري جو آواز اچي رهيو آهي. ]

اَئندري: آئون پاڻيهي هلي سگهان ٿو. رڳو ٽورو مون کي سهارو ڏيو.

[هو در تائين هن کي سهارو ڏين ٿا. اِتي گليلو ڳالهائڻ شروع ڪري ٿو.]

گليلو: نه، بدنصيب آ اُهو ملڪ، جنهن کي سورمن جي گهرج رهي ٿي.

[پردي تي لکيل مضمون، جو پڙهي سگهجي ٿو]:

خاطريءَ سان نٿو چئي سگهجي ته جيڪڏهن ڪو گهوڙو ٻن يا ٽن پُرهن تان ڪِري، ته اُن جون ٽنگون ڀڃي پونديون يا نه، پر ڪُتي کي ته پڪ ئي پڪ ڪجهه نه ٿيندو. ٻليءَ کي ته پنجن سٽن پُرهن تان ڪرندي به ڪجهه نه ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪو مڪڙ ڪنهن مُناري تان يا ڪا ڪولِي چنڊ تان ڪري پوندي، ته اُنهن کي به ته ڪجهه ڪو نه ٿيندو. ۽ جيئن اِهي ننڍا ننڍا جانور وڏن وڏن جانورن کان نسبتاً وڌيڪ ڏاڍا ۽

نِرجا آهن، اهڙيءَ طرح ننديا ہوتا ٻہ وڏن وڏن ہوتن جي پيٽ ۾ وڏيڪ سولائيءَ سان جِي سگهن ٿا، هڪڙو ٻڙ جو وڻ سؤ ڏيڍ سؤ پُرهہ اوچو، پنهنجو نسبتاً اوڏيون ڊگهيون شاخون جهلي ئي نہ سگهندو. اِنهيءَ ڪري قدرت ڪڏهن ٻہ هڪ گهوڙو ويهن گهوڙن جيتري قد جو، يا ڪو ديوَ جهڙو ماڻهو عام ماڻهوءَ کان ڏهوڻي قد جو نٿي ٺاهي ۽ هلائي سگهِي، سواءِ هِن جي، جو اُن حالت ۾ اُنهن جا عضوا، ۽ خاص طرح، اُنهن جا هڏا اصلوڪيءَ نسبت کان تمام گهڻا ڏاڍا ۽ مضبوط ڪيا وڃن. — اِنهيءَ ڪري، اِهو عام ويچار تہ وڏيون ۽ ننديون مشينون، پنهنجي نند وڏائيءَ جي نسبت سان، هڪجهڙيون بااثر ۽ ڪمائتيون آهن، ظاهر ظهور هڪ غلط ويچار آهي.

**-گليلو، "علمي مباحثا"**

--

# (14)

## 1633-1642ع ۾ گليلو گليلي، فلارينس جي پرسان، ٻهراڙيءَ جي هڪڙي گهر ۾، مرڻ گهڙيءَ تائين مقدس ديني عدالت جو قيدي ٿي رهي ٿو. سندس ڪتاب: 'مباحثا'.

سال سورهن سؤ ٽيٽيهين کان وٺي
سال سورهن سؤ ٻائيتاليهين تائين،
گليلو گليلي پنهنجي مرڻ جي ڏينهن تائين،
مقدس ڪليسا جو قيدي ٿي گذاري ٿو.

## هڪ وڏي ڪوٺي، جتي ميز، چمڙي جي ڪرسي ۽ ذرتيءَ جو گولو رکيل آهي

[گليلو گليلي هاڻي پوڙهو ٿي ويو آهي ۽ اکين کان ٻه اڌو گابرو ويهي ويو آهي – هن ڪي ڪاٺ جي گولي سان هڪ ڪاٺ جي مُڙيل ريل تي ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان، تجربن ڪرڻ ۾ رُڌل ڏسجي ٿو. ٻيءَ، سامهين واريءَ، ڪوٺيءَ ۾ هڪڙو راهب هن جي مٿان چوڪسيءَ تي ويٺو آهي. در تي نڪ نڪ ٿئي ٿي. راهب در کولي ٿو، ۽ هڪڙو هاري ٻه ڪنييل آڙيون ڪنيو اندر اچي ٿو. ورجينيا رڌڻي مان ٻاهر نڪري اچي ٿي، هوءَ هاڻي اٽڪل چاليهن ورهين جي آهي.]

هاري: مون کي هي ڏيڻ لاءِ موڪليو اٿن.

ورجينيا: هي ڪنهن ڏنيون آهن؟ مون ته ڪين گهرايون آهن.

هاري: هڪڙو ڪو هتان اچي لانگهائو ٿيو، سو هي توهان لاءِ ڏيئي ويو – نالو پڇيومانس ته نه ٻڌايئين. [وڃي ٿو.]

[ورجينيا عجب ۾ آڙين ڏانهن ڏسي ٿي. راهب ڪانئس وٺي، شڪي نگاهه سان اُهي جانچي ڏسي ٿو. پوءِ، خاطري ڪري، هو موٽائي اُهي هن کي ڏئي ٿو، ۽ هوءَ اُهي ٻچين کان وٺيو، لڙڪائيندي، گليلو وٽ وڏي ڪوٺيءَ ۾ وڃي ٿي.]

ورجينيا: ڪنهن پلي ماڻهوءَ، هتان لنگهندي، هيءَ سوڪڙي اسان ڏانهن موڪلي آهي.

گليلو: ڇا آهي؟

ورجينيا: ڏسي نٿا سگهو؟

گليلو: نہ. [وڏي اڳتي وڃي ٿو.] آڙيون، موڪليندڙ جو نالو انهن تي لکيل آهي؟

ورجينيا: نہ.

گليلو [هڪڙي آڙي هن جي هٿ مان وٺي ٿو]: ڳري آهي. ٿورو ذرو اِن جو آئون هينئر ئي ڪٽي ڪائين ٿ ـن.

ورجينيا: توهان کي ايتري جلد تہ بک ڪا نہ لڳي هوندي، اجا هينئر ماني ڪائي ويٺا آهيون. پر توهان جي اکين کي ڇا ٿي ويو آهي؟ توهين هي تہ پري کان، پنهنجي ميز وٽان بہ، ڏسي سگهو ٿا.

گليلو: تون پاڇولي ۾ بيٺي هئينءَ نہ.

ورجينيا: آئون پاڇولي ۾ ڪا نہ بيٺي آهيان.
[هوءَ آڙيون کڻي ٻاهر وڃي ٿي.]

گليلو: اِنهن کي مکڻ ۾ صوفن ۽ ڦودني سان رڌج.

ورجينيا [راهب کي]: اسان کي اکين جو ڊاڪٽر آٿائڻ گهرجي. بابا هي آڙيون پنهنجي ميز وٽان ڏسي نہ سگهيو!

راهب: ڦهريائين مون کي ٻشپ ڪارپولا کان موڪل وٺڻي پوندي. پر وري هُن پاڻ لکڻ شروع ڪيو آهي ڇا؟

ورجينيا: نہ. هو پنهنجو ڪتاب مون کان لکائيندو آهي، تو کي اِها خبر بہ آهي. تو وٽ 131 ـ هون ۽ 132-هون صفحا آهن، آخري صفحا اِهي هئا جيڪي لکايا اٿس.

راهب: پر وري بہ ـ لومڙ پوڙهو تہ بہ اٿڪلي!

ورجنيا: پر هو قانونن جي خلاف تہ ڪجهہ ڪو نہ ٿو ڪري. هُن جو پڇتاءُ بلڪل سچو آهي. آئون پاڻ بہ هُن تي نظر رکندي آهيان. [هوءَ آڙيون راهب کي ڏئي ٿي.] رڌڻي ۾ هنن کي چئو تہ هنن جا جيرا صوف ۽ بصر ۾ ترين [هوءَ مرڪي، وڏيءَ ڪونيءَ ۾ وڃي ٿي.] ۽ هاڻي اسان کي اِنهن اکين جو ڪجهہ بلو ڪرڻو پوندو. اِنهي ڳولي کي رکو، ۽ وڏي ٻشپ لاءِ پنهنجي هفتيوار خط جون بہ ٽي ٻيون سٽون لکايوم.

گليلو: آئون اڄ سچ پچ ٺيڪ ناهيان. ڪجهه 'هوريس' جي شعر مان مون کي پڙهي ٻڌاءِ.

ورجينيا: بشپ ڪارپولا جا اسان تي هونئن گهڻا ٿورا آهن – اڃا ڪالهه ٻه ڪيتريون پاڄيون موڪليون اٿس. اڳئين هفتي چيائين پئي ته ڪارڊينل ڪانئس هر هر پڇي ٿو ته اُن جا قول ۾ سوال. جيڪي سندس هٿان هو توهان ڏانهن موڪليندو آهي. سي توهان کي ڪيتري قدر وڻن ٿا. [هوءَ نوٽبڪ جهلي، لکڻ لاءِ تيار ٿي ويهي ٿي.]

گليلو : آئون ڪيستائين آيو هوس؟

ورجينيا: پئرا گراف چوٿين: 'جيتري قدر وينس جي اسلح خاني ۾ بدامنيءَ متعلق مقدس ڪليسا جي روش جو سوال آهي، ته ڪارڊينل اِسپوليٽيءَ رسن ۾ نوڙين وٽيندڙ باغي مزورن جي سلسلي ۾ جيڪو مؤقف ورتو آهي، آئون اُن سان بلڪل متفق آهيان....'

گليلو: هائو. [لکائي ٿو.] ... ڪارڊينل اسپوليٽيءَ رسن ۾ نوڙين وٽيندڙ باغي مزورن جي سلسلي ۾ جيڪو مؤقف ورتو آهي، آئون ان سان بلڪل متفق آهيان. يعني هيءَ ته اِها ڳالهه بهتر آهي ته مسيحي برادرانه محبت طور منجهانئن هر هڪ کي روزانو اٽي لپ ۾ ڪير ڍڪ مفت ڏنو وڃي، بجاءِ اِن جي جو هنن کي سندن رسن ۾ نوڙين وٽڻ جو مُلهه وڌائي ڏجي، جيئن هو گستاخ ٿي، گهُر ڪن ٿا. اِنهيءَ خالص رحمدليءَ جي موقف مان وڏو فائدو هيءُ به ٿيندو، ته هنن جي نفس ۾ لالچ جي عادت زور نه وٺندي، بلڪ اُن جي بجاءِ هنن جو پنهنجي مقدس دين ۾ ايمان وڌندو ۽ پختو ٿيندو ۽ هُنن جي آخرت موچاري ٿيندي. حضرت پال، شال سندس تقدس هميشه قائم رهي، فرمايو آهي ته 'خداوند قدوس جي نالي ۾ خيرات ڏيندڙَ ۽ وٺندڙَ ٻنهي کي وڌائي ٿو.' اِهو ڪيئن ٿو لڳي؟

ورجينيا: اِهو بهترين مضمون ٿيندو، بابا!

گليلو: تون نٿي سمجهين ته اِن ۾ ڪا طنز ڏسي سگهن ٿا.

ورجينيا: نه، حضرت ڪارڊينل هيءُ پڙهي، ڏاڍو خوش ٿيندو. هو ڏاڍو هڪ ڏاهو ماڻهو آهي.

گليلو: مون کي تنهنجي فيصلي تي ڀروسو آهي. ٻي ڪهڙي ڳالهه آهي؟

ورجينيا: ٻيو هڪڙو سهڻو 'قول' آهي تہ 'جڏهن آئون ڪمزور آهيان، تڏهن ئي آئون طاقتمند آهيان.'

گليلو: اِن تي مون کي ڪجهہ چوڻو ڪونهي.

ورجينيا: پر ڇو نہ؟

گليلو: ٻي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ .

ورجينيا: 'ءِ يسوع مسيح جو پيار سچائڻ، جيڪو سچائڻ کان مٿي آهي.' انجيل شريف جي آيت سڳوري 3-19.

گليلوَ: آئون انجيل شريف جي اِن آيت سڳوريءَ لاءِ خاص طرح، توهان عظيم بزرگن جو شڪر گذار آهيان، يا حضرت! هِن آيت سڳوريءَ جي پڙهڻ کان پوءِ هِن توهان جي دعاگو بندي کي وري مقدس انجيل جي هڪ تفسير ڪبير جو هڪڙو اهڙو ئي الهامي فقرو ياد آيو، جو ڪجهہ هن ريت آهي [يادگيريءَ مان چوي ٿو]: 'اُهو جنهن سان خداوند قدوس پاڻ پنهنجي لافاني ڪلام وسيلي مخاطب آهي. سو گهڻن شڪن شبهن ۽ سوالن جي بار کان ڇٽل رهي ٿو.' يا حضرت، مون کي معاف فرمائيندا، جيڪڏهن هِن موقعي تي ڪجهہ پنهنجي متعلق عرض ڪريان. اجا تائين مون کي معتوب سمجهيو وڃي ٿو تہ مون هڪ ٻيري فلڪياتي جسمن بابت پنهنجو هڪڙو ڪتاب عام بازار جي ٻوليءَ ۾ لکيو هو. توهان بزرگن کان مون کي ڳالهہ لڪائڻي ڪانهي، تہ اُن ۾ منهنجي هرگز اِها نيت نہ هئي ۽ نہ ئي ڪا مرضي هئي تہ دينيات جهڙن اعليٰ، الهامي ۽ اهم موضوعن تي ڪتاب لکجن تہ اُهي بہ ڪورين ۽ موچين جي ٻوليءَ ۾ لکيا وڃن. ڪليسائي عبادت لاطيني ٻوليءَ ۾ ادا ٿئي ٿي. اُن جي بچاءَ ۾ عام طرح هيءُ دليل ڏنو وڃي ٿو تہ هيءَ ٻولي هر هنڌ استعمال ۾ آهي ۽ اُن وسيلي مقدس انجيل جي تلاوت مومنن کي يورپ ۾ توڙي يورپ کان ٻاهر جتي ڪٿي ساڳيءَ هڪڙيءَ صورت ۾ هڪڙي انداز ۾ ٻڌڻ جو شرف نصيب ٿئي ٿو. پر منهنجي نظر ۾ اِهو دليل بہ ڪافي نہ آهي، ڇو تہ ڪم از ڪم جيڪي منڪر آهن - ۽ منڪرن جو تہ ڪٿي بہ ڪال ڪونهي - اُهي وري اِن تي ٽوڪون ڪن ٿا، تہ 'پوءِ تہ مقدس انجيل جي مضمون کي ڪو سمجهي ئي ڪو نہ سگهندو.' اِنهيءَ ڪري دينيات جي عظيم موضوعن لاءِ لاطيني ٻوليءَ جي استعمال

جو دراصل سبب ئي اِهو آهي ته دين اطهر جا اهڙا ڪي عميق ۽ ڳوڙها مسئلا اِيئن ڪنهن هلڪيءَ ٻوليءَ ۾ بيان نه ٿي وڃن، جو هر ڪو ٽِٽي ٽوپٽي اُنهن مان پنهنجون پنهنجون ننديون ننديون ۽ ظاهري ٻاراڻيون معنائون پيو ڪڍي، ۽ اُنهن جي اصلي ۽ حقيقي مطلب جا املهه موتي، جيڪي اِن عظيم تعليم جي بي انت بحر جي پاتال ۾ لڪا پيا آهن، اُهي ڪنهن کي هٿ ئي نه اچي سگهن. ۽ هوڏانهن وري جڏهن مقدس ڪليسا جا پادري سڳورا، جيڪي به اُنهن ئي ساڳين عام ماڻهن جو اولاد آهن، انجيل شريف جون اِهي آيتون، لاطيني ٻوليءَ ۾، پنهنجي پنهنجي مڪاني لهجي ۽ ڏَنَگ سان، مومنن ۽ متقين جي جماعتن اڳيان اُٿي بيهي، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پڙهن ٿا. تڏهن هڪ ته هِن خدائي ڪلام جي ٻوليءَ جي مقدس عظمت سبب ۽ ٻيو خاص طرح اُها اُنهن جي سمجهڻ کان مٿي هئڻ ڪري، هنن جو بنيادي عقيدو ۽ ايمان پنهنجي اصلي ۽ خالص صورت ۾ قائم رهي ٿو ۽ وڌيڪ پختو ٿئي ٿو - ۽ ايئن مقدس ڪليسا جي غلبي ۽ فتحيابيءَ جو ڏؤنڪو، آسمانن کان علاوه، هِن اسان جي ڌرتيءَ تي پوري زور سان ۽ وڏي آب تاب سان وڄي ٿو، جيڪا سڄيءَ ڪائنات جو پورو پورو مرڪز آهي. — نه نه، اهو ڪاٽي ڇڏ.

ورجينيا: اِهو سڀ ڪاٽي ڇڏيان؟

گليلو: ”’ڪورين ۽ موچين جي ٻولين ۾ لکيا وڃن‘ کان پوءِ سڄو ڪاٽي ڇڏ.“

[در تي ٺڪو ٿئي ٿو. ورجينيا سامهينءَ ڪوٺيءَ ۾ وڃي ٿي. راهب در کولي ٿو. در تي اَئندري سارتي آهي. هُن جو هينئر عمر جي وچين دور ۾ پير آهي.]

اَئندري: شام مبارڪ. آئون سائنس جي وڌيڪ تحقيق جي سلسلي ۾ هالنڊ وڃي رهيو آهيان، ۽ ترت ئي اٽلي ڇڏڻ وارو آهيان. مون کي هالنڊ مان چوائي موڪليو اٿن ته ايندي ايندي هِن سان ملندو اچان، ته جيئن هِن جي ڪا خبر چار کين ڏيئي سگهان.

ورجينيا: خبر ناهي، هو تو سان ملندو يا نه! تون اسان وٽ وري ڪڏهن آيو به ناهين.

اَئندري: تون ڀلي هن کان پڇ.

[گليلو آواز سجاتو آهي. آواز ٻڌي، هو بنهہ بت بنجي وڃي ٿو.
ورجينيا وٽس اندر وڃي ٿي.]

گليلو [اکيون بند ڪري]: اَئندري آهي؟

ورجينيا: هائو، موٽائي موڪليانس!

گليلو [ٿوريءَ ماٺ ڪانپوءِ]: اندر وٺي اچينس.

[ورجينيا اَئندريءَ کي اندر وٺي اچي ٿي.]

ورجنيا: [راهب کي]: هِن مان نقصان ڪونهي. هيءُ ڪنهن وقت هِن جو شاگرد هو. اِنهيءَ ڪري هاڻي هيءُ هِن جو دشمن آهي.

گليلو: ورجينيا، اسان کي ڇڏ تہ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪريون.

ورجينيا: آئون بہ ٻڌان تہ ڪهڙيون خبرون آنديون اٿس. [هوءَ ويهي رهي ٿي.]

اَئندري [رڪائيءَ سان]: اوهين ڪيئن آهيو؟

گليلو: ويجهو اچ. هاڻي تون ڇا پيو ڪرين؟ پنهنجي ڪم جي ڪا ڳالهہ ٻڌاءِ. ٻڌو اٿم تہ آبپاشيءَ جي وسيلن تي تحقيق پيو ڪرين!

اَئندري: آمسٽردام جي استاد فئبريڪس مون تي ڪم رکيو آهي تہ اوهان جي صحت پرسي ڪيو اچان.

گليلو: منهنجي صحت ٺيڪ آهي. هنن جو منهنجي هر ڳالهہ تي گهڻو ڌيان آهي.

اَئندري: ڏاڍو سٺو، آئون اُتي اوهان جي صحت ٺيڪ هجڻ جي خبر ڏيندس.

گليلو: فئبريڪس ٻڌي، خوش ٿيندو. ۽ تون هن کي ٻڌائج تہ آئون بهرحال سکيو گذاريان ٿو. پوريءَ طرح توبهہ تائب ٿيڻ سان مون پنهنجن بزرگن جو ايترو راضپو حاصل ڪري ورتو آهي، جو هنن مون کي، جائز حدن اندر ۽ مقدس ڪليسا جي نظر هيٺ، سائنسي تحقيق جي ڪم جي موڪل پڻ ڏيئي ڇڏي آهي.

اَئندري: هائو. اسان پڻ ٻڌو آهي تہ ڪليسا اوهان کان مطمئن آهي. اوهين پوريءَ طرح جو پيش پيا آهيو، اُن جو هُنن تي ڪافي اثر ٿيو آهي. اُن سان هيءَ ڳالهہ بہ ٿي آهي - ۽ اُها بہ اختياريءَ وارن پنهنجي وڏيڪ اطمينان جو سبب سمجهي آهي — تہ اوهان جي پيش پوڻ کان پوءِ اٽليءَ ۾ ڪو بہ وڌيڪ اهڙو ڪتاب ڪو نہ شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ ڪي نوان خيال آيل هجن.

گليلو [ٻاهر ڪن ڏيندي، ڪجھ ڏاڍيان]: افسوس، جو ڪيترا اهڙا ملڪ آهن، جن مقدس ڪليسا جي پناهہ نہ ورتي آهي. مون کي ڊپ آهي تہ اِهي مردود نئين تعليم اُتي خوب پيئي پکڙندي هوندي.

اَئنڊري:اُتي پڻ، اوهان جي ترديد سبب، سائنس جي تعليم کي ڪافي ڌڪ رسيو آهي، ۽ اِن صورتحال تي پڻ ڪليسا کي خوشي ٿي هوندي.

گليلو: سچ پچ؟ [ٿوري ماٺ] ڊيڪارٽس جي قلم مان بہ ڪجھ پڌرو نہ ٿيو آهي؟ پئرس مان بہ ڪجھ نہ؟

اَئنڊري: نہ. ڪجھ نہ. اوهان جي ترديد جو ٻڌي، ڊيڪارٽس 'روشنيءَ' بابت پنهنجو ڪتاب ميز جي خاني ۾ بند ڪري ڇڏيو.

[گهڻي ماٺ.]

گليلو: هاڻي آئون پنهنجن ڪن دوستن بابت ڄاڻڻ گهران ٿو، جن جا قدم مون اِنهيءَ غلط راهہ تي وڌا هئا. ڪيئن، اُنهن منهنجي ترديد مان ڪو سبق سکيو!

اَئنڊري: آئون ڪو سائنسي تحقيق جو ڪم ڪري سگهان، اُن لاءِ هالنڊ وڃي رهيو آهيان. جيڪو ڪم 'مشتري' پاڻ نٿو ڪري سگهي، سو اُن جا 'چنڊ' بہ اُتي نٿا ڪري سگهن.

گليلو: مون سمجهيو.

اَئنڊري: فدرزوني ميلان ۾ ڪنهن دڪان تي اُهو ئي شيشا پيو گسائي.

گليلو [ڪلي ٿو]: هو لاطيني زبان جو ڪو نہ ٿو ڄاڻي!

[ٿوري ماٺ.]

اَئنڊري: اسان جي ننڍڙي راهب، فلگانزو، تحقيق کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ موٽي وڃي ڪليسا جي هنج ۾ پناهہ ورتي اٿس.

گليلو: هائو.

[ٿوري ماٺ.]

گليلو: هتي منهنجا بزرگ منهنجي روحاني صحت جي اصلاح جو گهڻو آسرو ۽ اُلڪو رکن ٿا. آئون سندن اميدن کان وڌيڪ سڌري رهيو آهيان.

اَئنڊري: آهہ!

ورجينيا: ڌڻيءَ جو شڪر آهي.

گليلو [کھرائيءَ سان]: وڃ. وڃي آڙين جي خبر وٺ، ورجينيا.

[ورجنيا ڪاوڙ ڏيکاريندي، ٻاھر وڃي ٿي. جيئن ھوءَ پاسي مان لنگھي ٿي، تہ راھب ساڻس ڳالھائي ٿو.]

راھب: منھنجو اِن ماڻھوءَ تي اعتبار ڪونھي.

ورجينيا: ھو بي ضرر آھي. ھو جيڪي ڳالھائين ٿا، سو تون ٻڌڻ چاھين تہ ٻڌي سگھين ٿو. [ٻاھر ويندي، ] اڄ پاڻ وٽ ٻڪريءَ جي کير جو ڪجھ تازو پنير آيل آھي.

[راھب ھُن کي ٻاھر ويندي ڏسي ٿو.]

اَئنڊري: مون کي سڄي رات سفر ڪرڻو آھي تہ جيئن سڀاڻي صبح جو سرحد پار ڪري سگھان. ھاڻي موڪل ڏيوم!

گليلو: سارتي، خبر ناھي تہ تون ڇو آئين. ڇا، مون کي پريشان ڪرڻ؟ جڏھن کان وٺي ھتي آيو آھيان، تڏھن کان آئون ڏاڍي احتياط سان ھتي رھان ٿو، ۽ ڏاڍي احتياط سان سوچيان ٿو. پر اِن ھوندي بہ ڪي گناھ جا ڪم مون کان ٿيندا رھن ٿا.

اَئنڊري: استاد گليلي، آئون توھان جي جذبات کي ڏکوئڻ ڪو نہ آيو آھيان.

گليلو: باربرينيءَ اُن کي 'خارش' سڏيو ھو. ھو پاڻ بہ اُن کان بنھ ڇٽل ڪونھي. آئون ، بھرحال، وري ڪجھ لکي رھيو آھيان.

اَئنڊري: اوھ!

گليلو: مون 'مباحثا' لکي پورا ڪيا آھن.

اَئنڊري: ڇا؟ 'سائنس جي ٻن شعبن متعلق مباحثا: ڪَل — برزائين تعليم ۽ ڪرندڙ جسمن جا قانونَ'؟ ۽ سو بہ ھِتي؟

گليلو: ھا، ھو ھتي مون کي پنا ۽ قلم ڏين ٿا. منھنجا ھي بزرگ چريا نہ آھن. ھنن کي خبر آھي تہ خراب عادتون جيڪي گھر ڪري وينديون آھن، سي کي ڏينھنڪ ڇڏي نٿيون وڃن. اُنھن جي خراب نتيجن کان البت ھو مون کي بچايو وينا آھن، ڇاڪاڻ تہ جيڪي بہ صفحا لکان ٿو اھي مون کان روز وٺيو پاڻ وٽ قلف ۾ بند ڪريو ڇڏين ٿا.

اَئنڊري: او منھنجا خدا!

گليلو: تو ڪجھ چيو ڇا؟

اَئنڊري: ھو توھان کان اِيئن پاڻي پيا ولوڙائين! ھو اِھو قلم ۽ ڪاغذ رکو توھان کي پريائڻ لاءِ ڏين ٿا! اھڙين حالتن ۾، توھان کان لکڻ ڪيئن ٿو پڄي؟

گليلو: اوھہ آئون پنهنجين عادتن جو غلام آهيان.

اَئندري: هي ڪيڏو ظلم آهي! 'علمي مباحثا'، ۽ راهبن جي هٿن ۾ ! ۽ آمسٽرڊام ۽ لنڊن پراڳ اُنهن لاءِ پيا واجهائين!

گليلو: آئون فئبريڪس جا ٽڏا شوڪارا ٻڌي سگهان ٿو. جيڪي هو پاڻ آمسٽرڊام ۾، خيريت ۽ عافيت سان ويٺو، هِن منهنجي حال تي پريندو هوندو.

اَئندري: سائنس جون ٻه نيون شاخون اِيئن ئي ختم ٿي ويون!

گليلو: بهرحال فئبريڪَس ۽ ٻيا هيءُ ٻڌي خوش ٿيندا تہ مون پنهنجي من جي رهيل ٿوري گهڻي سڪونَ کي داءُ تي رکي، خود پنهنجي پاڻ کان بہ لڪائي، هڪڙو اُنهن جو نقل ناهي، پاڻ وٽ بچائي رکيو آهي — گذريل ڇهہ مهينا چانڊوڪيءَ جون راتيون، اوجاڳو ڪري، پنهنجي ٿڪل جسم تي پنهنجي بي ترس ارادي جي ڇهبڪن جا وسڪارا ڪندي، آئون اِهو ڪم اِيئن ڪري سگهيو آهيان.

اَئندري: اُهو ڪٿي آهي؟

گليلو: 'جيڪڏهن تنهنجي پنهنجي اک تو کي ڏکوئي، تہ اُن کي پٽي ٻاهر اُڇلي ڇڏ!' جنهن بہ اِهي لفظ لکيا، تنهن مون کان وڌيڪ سک کي سڃاتو هو. آئون سمجهان ٿو تہ آئون جو هيءَ ڪاپي ڪدي تو کي ڏيان ٿو، اِها منهنجي وڏي بيوقوفي آهي، پر ڇا ڪريان، جو مون ڪڏهن بہ سائنسي ڪم کان پاڻ کي مٿي نہ سمجهيو آهي، تنهن ڪري ٺيڪ آهي، تون ئي منهنجي هيءَ گناهہ جي پري ڪٽي، وڃي هنن جي اڳيان رک. اِهو نقل هُتي هُن گولي ۾ بند رکيو اٿيئي. جيڪڏهن اِن کي هالنڊ ڏانهن نيڻ جو خطرو تون کڻين ٿو، تہ پوءِ تو کي اُن جي پوري ذميداري پنهنجي سر تي کڻڻي پوندي. اُن حالت ۾، جيڪڏهن اهڙي ڪا ضرورت پيش آئي، تہ تو کي اِيئن چوڻو پوندو تہ پيسن تي هٿ آيو هو، جتي اُن جو اصل مسودو رکيل آهي.

[اَئندري وڃي، گولي ڏانهن وڃي ٿو، ۽ اُن سان مسودو ڪڍي، پنهنجي حوالي ڪري ٿو.]

اَئندري: واھ ! واھ! 'مباحثا'! استاد گليليءَ جا 'مباحثا'!

[هو اُن جا پنا تڪا تڪا ورائي ڏسي ٿو.]

اَئنڊري [پڙهي ٿو]: 'منهنجي مراد آهي تہ آئون هڪ تمام پراڻي موضوع، يعني چُرپُر يا حرڪت، تي هڪ بلڪل نئينءَ سائنس جو بنياد رکان. تجربن وسيلي مون اِن جون ڪي خاصيتون لڌيون آهن، جن کي ڄاڻڻ بيحد فائديمند ثابت ٿيندو!'.

گليلو: ڪجهہ تہ مون کي فراغت ۾ ڪرڻو هو.

اَئنڊري: هڻ سان علم طبعيات جي هڪ نئين سائنس جنم وٺندي.

گليلو: ڪوٽ جي اندر لڪائي رکينس.

اَئنڊري: ۽ اسان سمجهيو هو تہ توهين غدار ٿي ويا آهيو! خاص ڪري مون ئي توهان جي خلاف سيني کان وڌيڪ بڪ پئي ڪئي!

گليلو: ۽ اوهين صحيح بہ هئا. مون اوهان کي سائنس سيکاري، ۽ مون ئي سچ کان انڪار ڪيو.

اَئنڊري: پر هِن سان سيڪجهہ بدلجي ويو، سيڪجهہ بدلجي ويو.

گليلو: هائو.

اَئنڊري: توهان سچ کي لڪايو. دشمن کان خود اخلاقيات جي ميدان ۾ بہ توهين اسان کان هزار سال اڳتي وڌي ويا.

گليلو: اِهو وري سمجهاءِ، اَئنڊري.

اَئنڊري: هڪ عام رستي ويندڙ ماڻهوءَ وانگر، اسان ٿي چيو تہ 'هي مرڻ مري ويندو پر پنهنجيءَ ڳالهہ تان ڪو نہ ڦرندو.' — توهين موٽي آيا، ۽ چَيُوَ تہ 'آئون ڦري برابر ويس، پر آئون جيئرو رهندس.' 'توهان جا هٿ گندا آهن'، اسان چيو. — توهان لوڙڻو ورائي، جواب ڏنو: 'گندا هجن تہ پولو ڪونهي، پر شل خالي نہ هجن.'

گليلو: 'گندا هجن، پر خالي نہ هجن،'. ڳالهہ تہ سچي آهي. اِيئن ٿو لڳي، ڄڻ مون اِهي لفظ چيا آهن. هئڻ بہ اِيئن کپي. نئين سائنس، نئين اخلاقيات.

اَئنڊري: سيني ماڻهن کان وڌيڪ مون کي معلوم هجڻ کپندو هو. آئون يارنهن سالن جو هوس، جڏهن توهان ٻئي ماڻهوءَ جي دوربيني وينس جي سينيٽ کي وڪي هئي. ۽ مون اکئين ڏٺو هو تہ توهان اُن اوزار مان ڪيڏو نہ عظيم ۽ لافاني ڪم ورتو هو. توهان جي دوستن توهان تي خار پئي کاڌا جڏهن توهين فلارينس ۾ هڪ ٻار جي آڏو وچي

جهڪيا هئا، پر اِن سان سائنس جو چاهہ ۽ ناماچار عام ماڻهن ۾ چوڏس پکڙجي ويو. توهين سدائين اسان جي سورمن تي کلندا هئا. توهان تي چيو: ’جيڪي ماڻهو عذاب سهن ٿا، اُهي مون کي نٿا وڻن.‘ ’نياڳ يا ڪا اوچتي آفت ڪوتاهہ بينيءَ جو ئي نتيجو ٿئي ٿي.‘ ۽ ’رڪاوٽن کي خيال ۾ رکبو تہ ڏسي سگهجي ٿو تہ ٻن ٽٻڪن جي وچ ۾ ننڍي ۾ ننڍي ليڪ سڌي نہ پر ور وڪڙ هوندي آهي.‘

گليلو: اِهي ڳالهيون مون کي ياد آهن.

اَئندري: پوءِ 1633ع ۾، جڏهن توهان کي پنهنجي تعليم جي هڪڙيءَ ڳالهہ تان ڦرڻ نيڪ نظر آيو، تڏهن مون کي سمجهڻ گهربو هو تہ توهين رڳو هڪڙي سياسي مشڪل مان جند ڇڏائڻ لاءِ هڪ قدم پوئتي هٽي رهيا آهيو تہ جيئن سائنس جي پنهنجي سچي پچي ڪم کي وڌيڪ آسانيءَ سان پورو ڪري سگهو.

گليلو: جيڪو هيءُ هو تہ ...

اَئندري: ڇُرُپُر، جيڪا سينيءَ مشينين جي ماءُ آهي، تنهن جون خاصيتون معلوم ڪيون وڃن، جنهن وسيلي اسان جي ڌرتي انسانن جي رهڻ لاءِ ايتري وڻندڙ ۽ سکدائڪ ٿي پوندي، جو هو پرانهين بهشت جو خيال ئي ڇڏي ڏيندا.

گليلو: واهہ واهہ!

اَئندري: ” اِنهيءَ طرح توهان کي هڪڙي اهڙي سائنس جي ڪتاب لکڻ جو وجهہ ملي سگهيو، جيڪو فقط توهين ئي لکي ٿي سگهيا. جيڪڏهن توهين ٻرندڙ آڙاهہ جي رنگ رتول شعلن ۾ گهڙيءَ لاءِ ويڙهجي، هميشہ لاءِ ڀسم تي وڃو ها، تہ اُها ٻين جي فتح ٿئي ها.“

گليلو: ”هينئر بہ اُهي فاتح آهن. ڪو بہ اهڙو سائنس جو ڪتاب ڪونهي، جيڪو فقط هڪڙو ماڻهو لکي سگهي ٿو ۽ ٻيو ڪو نہ ٿو لکي سگهي.“

اَئندري: ”پوءِ توهين ڇو ڦري ويا؟“

گليلو: ”آئون اِنهيءَ ڪري ڦرِيُس، جو جسماني ايذاءَ کان آئون ڊڄي ويس.“

اَئندري: ”نہ نہ! ائين نہ هوندو!“

گليلو: ”هُنن مون کي ڇيچلائڻ جا هٿيار ڏيکاريا هئا.“

اَئنبري: ”تَنهن جي معنيٰ تہ توهان جي اڳيان ڪا بہ اڳ رٿيل ڳالهہ ڪانہ هئي؟“

گليلو: ”ڪا بہ نہ.“

[توري ماٺ.]

اَئنبري [ڏاڍيان]:”سائنس جو فقط هڪڙو فرمان آهي: سائنس وڌايو، سائنس عام ڪريو!“

گليلو: ”۽ اِهو مون پورو ڪيو آهي. تنهن ڪري آئون تو ڪي وٺان ٿو! پيارا ائنبري، سائنس جي راهہ ۾ منهنجا ساٿي ۽ ٿڳيءَ ۾ مون سان اڏ پائيوار دوست! تون مڇي تہ ڪائيندو آهين نہ؟ مون وٽ مڇي آهي. مڇيءَ ۾ ڏپ ڪانهي. مون ۾ ڏپ آهي. پر آئون اها وري سستي بہ وڪڻان ٿو. تون سمجهو خريدار آهين. آهہ! هِنن ڪتابن جي اجهل چڪَ! هي مقدس ڪتاب! وات تا پاٽي تين ۽ ڳاريون بہ گل تي لڳن تيون. شل اسان جا هي ڳالهہ ڳالهہ تي گهپي ۽ نگوڙ ڪرڻ وارا ماٺهو، هي ڳالهين لاءِ بنائڻ ۽ ناهڻ وارا ماٺهو، هي موت جي خوف ۾ مرندڙ ماٺهو هميشہ خوش هجن، هر هنڌ ۽ هميشہ خير ۽ سلامتيءَ سان زنده هجن!“

اَئنبري: ”موت جو خوف بہ هڪ انساني خاصيت آهي. انساني ڪمزورين سان سائنس جو ڪجهہ نہ وڃي.“

گليلو: ”نہ! منهنجا پيارا سارتي، اِيئن نہ آهي. آئون پنهنجي هن اڻ لائقيءَ جي حالت ۾ بہ توکي عام سائنس متعلق ڪجهہ نصيحت ڏيڻ جهڙو آهيان، جنهن سان تو پاڻ کي وابستہ ڪيو آهي.“

[توري ماٺ.]

گليلو [استاد وانگر، ٻانهون پيٽ تي ٻڌندي]: فراغت جي گهڙين ۾، جيڪي مون کي منهنجي هن حالت ۾ ڪافي ملن ٿيون، مون پنهنجي ڪيس تي وري وري سوچيو آهي، ۽ ويچار ڪيو اٿم تہ سائنس جي دنيا، جنهن جو رهواسي آئون پاڻ کي هاڻي نٿو سمجهان، هِن معامليِ ۾ پنهنجو ڪهڙو فيصلو ڏيندي. هڪڙو اُنّ جو واپاري بہ، سهانگي اُنّ خريد ڪري مهانگي وڪڻڻ جي خيال کان علاوه، هيءُ لازمي طرح چاهيندو هوندو تہ سندس اُنّ جي واپار ۾ ڪا رڪاوٽ آڏو نہ اچي ۽

هو آزاديءَ سان پنهنجو واپار ڪندو رهي. اِنهيءَ خيال کان آئون سمجهان ٿو تہ سائنس جي ڪم ۾ هڪ خاص قسم جي همت ۽ حوصلي جي ضرورت پيش اچي ٿي. سائنس جو واسطو علم سان آهي، جيڪو شڪ ۽ تجسس جي وسيلي سان حاصل ٿئي ٿو. هر ڪنهن ماڻهوءَ کي هر ڪنهن شيءِ بابت علم مهيا ٿي سگهي، اِن لاءِ سائنس چاهي ٿي تہ سيني ماڻهن کي علم جي پياس هجي ۽ هو چپ چاپ ۽ ويساهہ وسوڙا نہ پر بي ويساها ۽ پڇ پڇ ڪندڙ هجن. پر حقيقت هيءَ آهي تہ بادشاهہ ۽ حاڪم، زميندار ۽ شاهوڪار، پير ۽ پادري ماڻهن جي گهڻي وڏي حصي کي دائمي طرح پرم ۽ سنسي جي هوشربا ڌنڌ ۾ ۽ چند ڪارج کان نڪتل ۽ بي معنيٰ لفظن ۽ جملن جي نشي ڏيندڙ ڌُن ۾ ايترو تہ گهيريل ۽ گهيرائيل رکن ٿا، جو اُنهن جي علم جي پياس ۽ پڇ پڇ جي خاصيت جيڪڏهن بنهہ ختم نہ تہ بہ لڳ ڀڳ پوريءَ طرح لٽجي ۽ پورجي، بي سُرت ۽ نڪمي ضرورت ٿي وڃي ٿي. ماڻهن جا انبوهہ بيحد دکي گذارين ٿا ۽ سندن دک ايترا پراڻا آهن جيترا هي جبل، ۽ منبر توڙي مصلي تان سدائين کين ٻڌايو ٿو وڃي تہ سندن دک ايترا اڏول ۽ امٽ آهن جيترا هي جبل.
اسان هن دک ڀريل، نراس ۽ چپن سبيل ماحول ۾ شڪ (تجسس) جي هٿيار کي چنڊي ڦوڪي، نئون ڪري، آڻي ماڻهن جي سامهون رکيو، ۽ هُنن اسان کان اسان جي اُها دوربيني ڦري، اُن جو مُنهن هڪدم ورائي، ڪٽي پنهنجن آقائن ڏانهن ڪيو، جيڪي کين ايذائين ٿا ۽ آزارين ٿا. اُهي ظالم، زورآور ۽ خود غرض لالچي شخص، جيڪي هميشہ سائنس جو ڦل پوري جو پورو پنهنجي ڪم آڻيندا ٿي رهيا، تن هاڻي ڏٺو تہ سائنس جي اک ساڳئي وقت اُن هزارين سال پراڻي پر بنهہ هٿرادو دک ۽ عذاب کي پڻ صاف صاف ڏسي رهي آهي ۽ کولي پڌرو ڪري رهي آهي، جيڪو ايئن ٿي ڏسڻ ۾ آيو تہ فقط تڏهن ختم ٿيندو، جڏهن هو پاڻ ختم ٿيندا. اِن تي هِنن اسان کي خوف ۽ لالچ جي هٿيارن سان مارڻ گهريو، جيڪي ڪمزورن لاءِ سدائين موتمار هٿيار ثابت ٿيا آهن. پر ڇا، اسين ماڻهن جي بي شمار انبوهن سان بيوفائي ڪري، ۽ ساڳئي وقت سائنسدان رهي سگهياسين ٿي! تارن

جي هلچل جا رستا تہ ڪجھ صاف ٿي چڪا آهن، پر ماڻهن جي گهڻي اڪثريت اجا پنهنجن آقائن جي هلچل جي رستن کي سمجهي ۽ سڃاڻي نہ سگهي آهي. شڪ (تجسس) جي وسيلي آسمانن جي پيمائش جي امڪان جي جنگ تہ فتح ٿي چڪي آهي، پر روم جي گهر ڌڄاڻين جي انڌي ۽ ڪير لاءِ جنگ، جيئن اڳي تئين هاڻي بہ ايمان ۽ اعتقاد جي چڪر ۾ هار ڪائيندي ٿي رهي. منهنجا پيارا سارتي، سائنس هنن ٻنهي جنگين سان واسطو رکي ٿي. انساني سماج، جيڪو زمانن کان هلندڙ هن وسوسن جي هوشربا ڌُنڌ ۽ مدي خارج لفظن جي نشي ڏيندڙ ڌُن ۾ ڦاٿڙجندو رهي ٿو - ۽ اِنهيءَ جهالت ۽ بي خبريءَ جي گهگهہ اونداهيءَ ۾ پنهنجون قوتون جاڳائي ۽ وڌائي نٿو سگهي ـــ سو فطرت جي اُنهن قوتن کي بہ وڌائي ۽ پنهنجي سک ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪم آڻي نہ سگهندو، جيڪي تون هڪ سائنسدان جي حيثيت ۾ ڳولي، ظاهر ڪري، اُن جي حوالي سان رهيو آهين. اوهين سائنسدان ڪهڙي مقصد جي لاءِ ڪم ٿا ڪريو؟ منهنجو چوڻ آهي تہ سائنس جو واحد مقصد هيءُ آهي تہ انساني زندگيءَ جي ڏک ۽ سختي کي آسان بنايو وڃي. جيڪڏهن سائنسدان، خود ـــ مفادي اقتدار جي صاحبن جي دٻاءُ ۾ اچي، علمُ محض علم خاطر وڌائيندا ۽ خوش ٿيا ويٺا رهن، تہ اُن حالت ۾ سائنس پنگلي ۽ بي اثر بنجي سگهي ٿي، ۽ اوهان جون نيون مشينيون پوءِ رڳو هيٺن کي چيپاڻ جا نوان ذريعا ۽ نيون ترڪيبون بنجي وجود ۾ ايندڙيون رهنديون ۽ اُنهن مان ٻيو ڪو انساني مفاد جو ڪارج سِڌ ڪو نہ ٿي سگهندو. اِنهيءَ روءِ، وقت گذرڻ سان، ممڪن آهي تہ اوهين اُهو سيڪجھ ڳولي سگهو ۽ لهي سگهو جيڪو ڳولڻو ۽ لهڻو آهي، پر اوهان جو اهو سڄو واڌارو اوهان کي انسان ذات کان دور نيئي سگهي ٿو، ان جي ويجهو نٿو آڻي سگهي. ۽ پوءِ اوهان ۽ هِنن جي وچ ۾ جيڪو خال آهي، سو ڪنهن وقت ايترو تہ ويڪرو ۽ ايڏو تہ اونهو بنجي سگهي ٿو، جو اوهان جو پنهنجي ڪنهن نئينءَ حاصلات تي خوشيءَ جو واڪو، پڙاڏو بنجي، سڄيءَ خلق خدا جي روحاني پيڙا جي دردناڪ صورت ۾ خود اوهان کي پاڻ ٻڌڻو پوندو. ـــ مون کي، هڪ

سائنسدان جي حيثيت ۾، هڪڙو بي مثال موقعو مليو هو. منهنجي ڏينهن ۾ فلڪيات جو علم وڏي ۾ مقبول بنجي، عام بازارين ۾ پهچي چڪو هو. هِنن تمام غير معمولي حالتن ۾ هڪڙي ماڻهوءَ جو اڏول ارادو ۾ پختو عمل سچيءَ دنيا کي ڏوڏي سگهي ها. ڪاش، آئون رڳو مڙس ٿي مقابلو ڪريان ها. ڪاش، فطرت جي سائنسدانن پاڻ لاءِ هِپوڪريٽَس (بقراط) جي ايجاد ڪيل طب جي ڊاڪٽرن واري قسم جهڙو ڪو قَسم ايجاد ڪيو هجي ها ـــ تہ 'اسين پنهنجو سمورو علم انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم آڻينداسين.' هِن وقت جيڪي حالتون آهن، اُنهن ۾ وڌ ۾ وڌ اميد اها ئي رکي سگهجي ٿي تہ هڪڙو ايجادي ڄامڙن جو نسل پيدا ٿيندو رهي، جيڪي پيسَن تي وڪجي، سدائين ڪم ۾ جُتيا رهن. بهرحال، سارتي، مون کي هاڻي پڪ ٿي آهي تہ آئون ڪڏهن بہ ڪنهن سچي پچي خطري هيٺ ڪونہ هوس. ڪي سال تہ آئون ايترو ئي طاقتور هوس، جيترا خود اسان جا حاڪم پاڻ هئا. افسوس، صد افسوس! مون پنهنجو علم اختيار جي صاحبن جي حوالي ڪري ڇڏيو، تہ جيئن سندن پنهنجن مقصدن لاءِ ڪين ٺيڪ لڳي تيئن اُهو ڪم آڻين، نہ ڪم آڻين يا غلم ڪم آڻين. [ورجينيا ٿالهي ڪٽي اندر اچي ٿي ۽ ماٺ ڪري بيهي رهي ٿي.] مون پنهنجي پيشي سان غداري ڪئي آهي. اُهو ماڻهو، جنهن اُهو ڪجهہ ڪيو آهي، جو مون ڪيو آهي، سو سائنس جي ميدان ۾ قبولڻ جهڙو بلڪ برداشت ڪرڻ جهڙو بہ نٿو ٿي سگهي.

ورجينيا: توهين مومنن جي جماعت ۾ قبول پئجي چڪا آهيو، بابا!

[هوءَ وڏي اچي ٿي ۽ ٿالهي ميز تي رکي ٿي.]

گليلو: ٺيڪ ـــ هاڻي مون کي کائڻ گهرجي.

[اَئنڊري هُن ڏانهن پنهنجو هٿ ڊگهيري ٿو. گليلو هن جي هٿ ڏي ڏسي ٿو، پر نٿو وٺيس.]

گليلو: هاڻي تون پاڻ هڪ استاد آهين. ڇا، مون جهڙي جي هٿ وٺڻ جي تون حامي ڀري سگهين ٿو؟ [هو وڏي ميز ڏانهن وڃي ٿو.] ڪو هتان اچي لنگهيو هو ۽ هي آڙيون مون ڏانهن موڪليندو ويو. مون کي اجا ڪاڏي ۾ مزو ٿو اچي.

اَئنڊري: سو توهين اِن راءِ جا ناهيو تہ هڪ نئين دور جو سج اُڀريو آهي؟

گليلو: آئون اِنهيءَ راءِ جو آهيان. پر جڏهن تون جرمنيءَ مان لنگهين، تڏهن خيال رکج. — سچ کي پنهنجي ڪوٽ جي اندران لڪائي رکج.

اَئنڊري [وچڙ تي دل نٽي ٿئيس.] : جنهن پلمانس جي باري ۾ اسين ڳالهائي رهيا آهيون، تنهن متعلق توهان جي راءِ الائي ڇو اِيئن آهي! آئون توهان کي اِن جو ڪهڙو جواب ڏيئي ٿو سگهان! پر آئون نٿو مڃي سگهان تہ اِن باري ۾ توهان جو رايو آخري حرف ٿيندو.

گليلو: "تنهنجون گهڻيون مهربانيون، پيارا! [هو ڪائڻ شروع ڪري ٿو.]

ورجينيا [اَئنڊريءَ کي ٻاهر اماڻيندي]: اسين پنهنجن اڳين واقفڪارن جي پاڻ وٽ اچڻ تي خوش ناهيون. هُنن جي اچڻ تي بابا جو مَنُ مُنجهي پوي ٿو."

[اَئنڊري وڃي ٿو. ورجينيا موٽي اچي ٿي.]

گليلو: تون ڇا ٿي سمجهين، ورجينيا! هي آڙيون ڪنهن موڪليون هونديون.؟

ورجينيا: اَئنڊريءَ ڪو نہ موڪليون هونديون.

گليلو: شايد هُن نہ موڪليون هجن. اڄ رات ڪيئن آهي؟

ورجينيا [دريءَ مان ٻاهر ڏسندي]: صاف آهي، بابا.

--

# (15)

# 1637ع گليلو جو ڪتاب 'مباحثا' اٽليءَ جون حدون پار ڪري ٻاهر وڃي ٿو

عظيم ڪتاب سرحدون پار ڪري اڳتي نڪري ويو –
۽، پيارا پائرو، اِها ڳالهه اِتي پوري ٿي.
پر اميد اٿئون ته اوهين ضرور ياد رکندا
ته اُهو ۽ اسين وري به پوئتي رهجي وياسون.

اوهين شل هاڻي سائنس جي روشنيءَ کي سنڀاليو،
اُن کي ٻاريو ۽ اُن جو صحيح استعمال ڪريو، -
اِيئن نه ٿئي، جو اُها شعلو بنجي هيٺ ڪري
۽ اسان سيني کي ساڙي رک ڪري ڇڏي.

## اٽليءَ جو هڪ ننڍو سرحدي ڳوٺ

[صبح جو سوير، سرحد جي چؤنڪيءَ وٽ، ٻار راند پيا ڪن. اَئنڊري پنهنجن ڪاغذن جي چڪاس لاءِ ترسيو ويٺو آهي – هُن جي پرسان ڪوچوان ڏسجي ٿو. هو پاڻ هڪ ننڍيءَ پيتيءَ تي ويٺو، گليلو جو هٿ اکر لکيل مسودو پڙهي رهيو آهي. سرحد جي لنگهه وٽ اندرئين پاسي، هن جي سواريءَ جي گاڏي بيٺل آهي.]

ٻارَ [ڳائيندي]:

ميري، ننڍڙي مِيري، ڳُٽيءَ ۾ ويني هئي،
هن وٽ هڪڙو لَنڊو گلابيڪوٽ هو،
ڪوٽ ميرو ۽ ڇَتين لڳل هو،
پر جڏهن جاڙي ڏڪائيندڙ سياري مُنهن ڪڍيو،
تڏهن ميريءَ اُهو ڪوٽ ڪڍي پٺيءَ تي پاتو –
اُهو لنڊو هو، چيتن لڳل هو، پر قاتل ته ڪو نه هو؟

سرحد جو محافظ: تون اٽلي ڇا لاءِ ٿو ڇڏين؟

اَئنبري: آئونھڪ استاد آهيان.

سرحد جو محافظ [منشيءَ کي]: ملڪ ڇڏڻ جو سبب لک: استاد آهي. آئونتنھنجو سامان جانچيندس. [سامان جانچيس ٿو.]

ٻيون ڇوڪرو [اَئنبريءَ کي]: تو کي اِتي ويھڻ نہ کپي. [هو جهوپڙيءَ ڏانھن اشارو ڪري ٿو، جنھن جي ٻاهران اَئنبري ويٺو آهي.]

اِن ۾ اندر ڏائڻ رهي ٿي.

ٻيو ڇوڪرو: پوڙهي مرينا ڏائڻ ڪانهي.

پهريون ڇوڪرو: چپ ڪر، نہ تہ ٻانهن مروٽي ڇڏيندوسئين!

ٽيون ڇوڪرو: مرينا ڏائڻ آهي. هوءَ روز رات جو مٿي اڏامندي آهي.

پهريون ڇوڪرو: جي ڏائڻ ناهي، تہ سڄي ڳوٺ ۾ ڇو رڳو کير لپ بہ ڪٿي ڪا نہ ٿي مليس؟

ٻيو ڇوڪرو: هوءَ ڪيئن اُڏامي سگهندي؟ کيرُ بہ اُڏامي نہ سگهندو.

[اَئنبريءَ کي]: ماڻهو ڪو اُڏامي سگهندو؟

پهريون ڇوڪرو [ٻئي ڇوڪري بابت ڳالهائيندي]: اِهو گِيسپ آهي. ڪجھ ڪو نہ ڄاڻي، ڇاڪاڻ تہ اسڪول ڪو نہ وڃي، ڇاڪاڻ تہ پائڻ لاءِ ڪا سڄي پتلون بہ ڪانهيس.

سرحد جو محافظ: اِهو ڪهڙو ڪتاب آهي؟

اَئنبري [مٿي نهارڻ ڪان سواءِ]: اِهو عظيم فيلسوف ارسطوءَ جو لکيل آهي.

سرحدي محافظ [شڪي خيال ڪان]: اُهو وري ڪيرُ آهي؟ ڪو ڏاميچ ماڻهو تہ ڪونهي؟

اَئنبري: هو، سوين سال ٿيا، جو مري ويو آهي.

[اَئنبريءَ کي تنگ ڪرڻ لاءِ ڇوڪرا، ڪوڙ پڙهائي هُن وانگر ڪتاب پڙهڻ جو ڏيکاءُ ڪندا، ٺپَ ڏيندا، هن جي ڇوڏاري ڳول ڦرن ٿا.]

سرحد جو محافظ [منشيءَ کي]: ڏس تہ اِن ۾ ڪا دين جي ڳالھ تہ ڪانهي.

منشي [پنا اٿلائيندي]: مون کي تہ ڪا شيءِ هِن ۾ ڏسڻ ۾ ڪا نہ ٿي اچي.

سرحد جو محافظ: ايتريءَ ڦولھ ڦولهان جي ضرورت بہ ڪهڙي آهي؟ ڪير آهي، جو اهڙيون خطرناڪ شيون اِيئن کُليون کُلايون کنيو پيو ويندو! [اَئنبريءَ کي]: تون ڪاغذن تي اسان کي صحي ڏي تہ تنهنجي سامان جي تلاشي ورتي ويئي.

[اَئندري اُتي بيهي ٿو، ۽، ٽورو نٽائيندي، ۽ ڪتاب پڙهندي، محافظ سان گڏ اندر چونڪيءَ ۾ وڃي ٿو.]

ٽيون ڇوڪرو [پيتيءَ ڏانهن اشارو ڪندي، منشيءَ کي]: هوڏانهن ڏس، ٻيون بہ شيون اٿس.

منشي: اِها ڪتان آئي؟ پهرين تہ اِتي ڪا نہ هئي!

ٽيون ڇوڪرو: جِنَ اِها اِتي رکي ويا آهن. پيتي ٿي ڏسجي.

ٻيو ڇوڪرو: نہ، اِها اِنهي مسافر جي آهي.

ٽيون ڇوڪرو: آئونتہ ايڏانهن اصل ڪو نہ ويندس. ڏائڻ ڪوچوان جي پوڙهن گهوڙن تي جادو ڪري ڇڏيو آهي. مون رات ڪُڙهہ جي ڇت تي رڙهي، ہر گهل مان اندر ڏٺو، جيڪو پر سال مينهن واءَ ڪري اِن ۾ تي پيو هو، تہ اِنهن مرضيل گهوڙن ماٺهن وانگر پئي ڪنگهيو.

منشي [ جيڪو اِن وچ ۾ وڏي پيتيءَ تائين پهتو آهي، ڇرڪي پوئتي هٽي ٿو]: جِنن جي ڳالهہ آهي! ڏٽي منهنجا خير ڪر! اسين بہ هر شيءِ ڪا ٽوري ئي جانچينداسين. اِيئن جي جانچيون تہ اسان جي تہ جَڙهہ ئي نڪري وڃي.

[اَئندري، ڪير جو پيالو هٿ ۾ ڪنيو، موٽيو اچي ٿو، هو وري پيتيءَ تي ويهي ٿو رهي ۽ پڙهڻ کي لڳي وڃي ٿو.]

سرحد جو محافظ [هن جي پٺيان ڪاغذ ڪنيو اچي ٿو]: گاڏيءَ ۾ گهوڙا ٻڌو! سامان اندر رکو! [منشيءَ کي]: سيڪجهہ ٺيڪ ٺاڪ آهي؟

منشي: سڀ ٺيڪ ٺاڪآهي.

ٻيو ڇوڪرو [اَئندريءَ کي]: تون پڙهيل آهين. تون اسان کي ٻڌاءِ — ماٺهو ڪو مٿي اُڏامي سگهندو؟

اَئندري: ٽورو ترس.

سرحد جو محافظ: توهين وڃي سگهو ٿا.

[ڪوچوان سامان ٺاهي، گاڏيءَ ۾ اندر رکي ٿو. ائندري پيتي کڻي، هلڻ جي ڪري ٿو.]

سرحد جو محافظ: بيهہ! اِها ڪهڙي پيتي آهي؟

اَئندري [وري ڪتاب پڙهڻ ۾ لڳي وڃي ٿو]: اِن ۾ ڪتاب آهن.

پهريون ڇوڪرو: ڏائڻ اِن تي جادو ڪري ڇڏيو آهي.

سرحد جو محافظ: بيوقوف. پيتيءَ تي جادو ڪيئن ڪندي؟
ٽيون ڇوڪرو: ڪري سگهي ٿي، جِن جو هٿ ۾ اٿس!
سرحد جو محافظ [ڪِلي ٿو]: اِها ڳالهہ هتي ڪا نہ هلندي. [منشيءَ کي]: کول اِنهي کي! [پيتي کُلي ٿي.]
سرحد جو محافظ [ڪاوڙ ۾ نراسائيءَ سان]: گهڻا آهن اِن ۾ ؟
اَئنڊري: ڇوٽيهہ.
سرحد جو محافظ [منشيءَ کي]: گهڻي دير لڳنديئي اِنهن کي ڏسڻ ۾؟ منشي [جنهن پيتيءَ کي مٿاڇرو ڦولهڻ شروع ڪري ڏنو آهي]: سڀ ڇپيل آهن. اڄ نيرن ڇُٽي. هوڏانهن ٻئي ڪوچوان وٽ وري، ڪڏهن ويندس، جيڪو ايتري ٽول ٽئڪس ڪايو ويٺو آهي - هُن جو گهر نيلام ڪري تہ اُها وصول ڪرڻي آهي. هاڻي هيترا هي ڪتاب جو ويهي هڪ هڪ ڪري ڏسان، اُتي تہ منهنجو سڄو ڏينهن پورو ٿي ويندو!
سرحد جو محافظ: هائو، هائو. پاڻ کي اُها وصولي بہ تہ اڄ ئي ڪرڻي آهي. [ڪتابن کي پير جي ڇوڪن سان هيٺ مٿي ڪري ٿو.] سچ پچ، هِنن ۾ ڇا ڇا نہ پريل هوندو! [ڪوچوان کي]: هاڻي چڙهہ مٿي! هڪل گهوڙن کي! پچ تہ ڪو ڏسيئي نہ!
[اَئنڊري، پيتي ڪٽي، ڪوچوان سان گڏ، سرحد اُڪري، پار ٿئي ٿو. ٻئي پاسي پهچي، گليلو جو مسودو پنهنجي سفري ٿيلهي ۾ رکي ٿو.]
ٽيون ڇوڪرو[اَئنڊريءَ جي پوئتي ڇڏيل پيالي ڏانهن اشارو ڪندي]: اِهو ڏسو! اِهو ڏسو!
پهريون ڇوڪرو: ۽ پيتي گم! ڏٺو! جِنُ هو نہ!
اَئنڊري [پٺ ورائي]: نہ. مون اِهو اِتي ڇڏيو هو. اوهان کي پنهنجو اکيون تہ کولڻ گهرجن. مون ڪير جا ۽ پيالي ٻنهي جا پيسا ڏيئي ڇڏيا هئا. ڪير پي، پيالو اِتي ڇڏي ڏنم. اِتي اوهان کي ڪم ايندو. اِن ۾ جن جي ڪهڙي ڳالهہ ٿي؟ - هائو، گِيسَپ! مون تنهنجي سوال جو جواب

ڏنو ئي ڪونہ! ڪو بہ ماڻهو ڪڏهن ٻُهاري تي چڙهي، متي اُڏامي ڪو نہ سگهندو. اُن تي ڪيس ضرور ڪا مشين لڳائڻي پوندي. پر اهڙي ڪا مشين اڃا ٺهي ڪانهي. شايد اهڙي مشين ڪڏهن ٺهي نہ بہ سگهي، ڇاڪاڻ تہ ماڻهو هوا کان تمام گهڻو ڳرو آهي. پر خاطريءَ سان ڪجهہ چئي بہ نٿو سگهجي. اسين اڃا ايترو گهڻو ڄاڻون بہ ڪو نہ ٿا. گِيسپ! سچ پچ تہ اسين اڃا رڳو پهرئين ڏاڪي تي پهتا آهيون. شروعات ڪئي اَٿئون. اڃا سڄو سفر پيو آهي.

# مکريءَ جا مضمون

ڊاڪٽر جي. ايم. مکري

ترتيب، ترجمو ۽ پيش لفظ

محمد ابراهيم جويو

# پيش لفظ

محترم عزيزم ڊاڪٽر جي. ايم. محڪريءَ جو سنڌ سان تعارف پاڪستان کان ڪجھ اڳ جو آهي، مون کي بهرحال سندن واقفيت جو شرف پاڪستان کان پوءِ نصيب ٿيو ۽ اُن لاءِ آءٌ پنهنجي بزرگ دوست- گُڻَ، ڳَتِ ۽ ڏُنَ جي ڳولائوءَ- محمد عثمان ڏيپلائي مرحوم، جو شڪر گذار آهيان. غالباً، پنجاھ جي ڏهاڪي جي شروع ۾ هڪ موقعي تي آءٌ اُن لائق صد احترام پنهنجي ساٿِي، ڏيپلائي مرحوم، سان گڏجي، ڊاڪٽر صاحب جي جاءِ تي، پاڪستان گورنمينٽ آفيسرس ڪوارٽرس، گارڊن نارٿ، ڪراچيءَ ۾ ويو هوس ۽ سندن ڪمال محبت ۽ اخلاص جي ورتاءُ سان گڏ سندن وسيع علم ۽ آزاد خياليءَ کان بيحد متاثر ٿي موٽيو هوس. - ۽ اُن کان پوءِ اڄ تائين منهنجو ساڻن نياز منديءَ ۽ عقيدت جو سڀنڌ جيئن پوءِ تيئن وڌندو ۽ پختو ٿيندو پئي آيو آهي. پاڻ اصل بئنگلور، انڊيا، جا آهن ۽ انهيءَ ڪري بعضي پنهنجو ادبي نالو 'بئنگلوري' بہ لکندا رهيا آهن.

سندن مضمونن جي هِن سنڌي مجموعي لاءِ ٻن اکرن لکڻ لاءِ نياپو موڪليو مانِ، تہ موٽ ۾ هيءُ هڪڙو پُرلطف مختصر خط ڏياري موڪليائون:

"منهنجا پيارا جويو جي،

دوست مظهر يوسف کان ٻُڌي، دل ڏاڍي خوش ٿي تہ اوهين منهنجي چاليهارو کن، 'ٽُڪرن ٽوٽن' جو پنهنجو مُلهائتو ترجمو پريس ۾ ڪتابي اشاعت لاءِ موڪلي رهيا آهيو. ڇا، منهنجا لفظ 'اوهان جي ڏاڍي مهرباني!' منهنجي احسانمنديءَ جي جذبي جو پورو اظهار ڪري سگهندا! سچ تہ هيءَ مون لاءِ ۽ مظهر لاءِ حيرت جي ڳالھ آهي تہ سڀ کان وڏيڪ جويو منهنجي اِنهن 'روڙيل رَنڊن' جو ايترو قدر ڪري! پنهنجي فوٽي جي نِڳينِو، هِن گڏ موڪليان ٿو، ۽ ڏاڍي خوشي ٿينديم تہ ڪتاب ۾ هيءُ منهنجي تصوير بہ ڇپجي، تہ سنڌي، منهنجا هم وطن ۽ هم قوم ڀائر ڀينرون، ڏسن تہ ڏسڻ ۾ آئون ڪهڙو هوس! منهنجي پيءُ کان سواءِ منهنجي مائٽن مون تي 'غلام محي الدين محڪري' نالو رکيو هو. اُن کي مون ننڍو ڪري،

پاڻ کي 'جي. ايم. محڪري' سڏيو، پر اُن مان منهنجو هاڻي مطلب پنهنجو ادبي نالو 'گلاب-موتيا مِهڪ' آهي' اميد اٿم تہ اِهو منهنجو نالو اوهان کي پورو دنيوي نالو لڳندو! مون پوريءَ طرح معلوم ڪيو آهي تہ ڪنهن بہ عرب پنهنجي نالي کي ڪڏهن بہ 'غلام' جي اڳياڙي ڪا نہ ڏني. جيتوڻيڪ لفظ 'غلام' خالص عربي لفظ آهي، ۽ وڻن خريديل ٻانهي ۽ مرد لاءِ مخصوص آهي. آئون سمجهان ٿو تہ لفظ 'غلام' اُنهن ماڻهن جي ذهنيت جي ئي عڪاسي ڪري ٿو، جيڪي پنهنجي اياڻن ۽ بيوس معصومن جي پيشانيءَ تي ڳولي ڳولي اِها مُهر داغي ٿا ڇڏين. - توڙي جو وڻن ڄمي، اُنهن کو سندن ايڏو وڏو ڏوهہ بہ ڪو نہ ٿي ڪيو! ڪنهن بہ عرب کي پاڻ تي يا پنهنجي اولاد تي اِن نالي رکڻ لاءِ چئو، تہ اوهان کي اُنهن جو غضبناڪ ردعمل اُنهيءَ ئي مهل معلوم ٿي ويندو. اِنهيءَ سبب ڪان ڏسجي ٿو تہ عربَ پاڪستان ۽ اِنڊيا جي مسلمانن کي 'رفيق' بہ سڏين ٿا، پر اوهين جواب ۾ اَنهن کي 'رفيق' سڏيو نہ، تہ هو اوهان کي اُتي ئي هوند ڪچو ڪائي ڇڏين! 'رفيق' مان، مون ٻڌو آهي تہ سندن مطلب 'ماڻهو' نہ پر......... هوندو آهي." (هِن ۾، اصل لفظن جي جاءِ تي، خالَ راقم جا ڇڏيل آهن.)

ڊاڪٽر محترم جي نالي جي صفاتي حصي - Mehkri - جي ڳالهہ بہ هڪ سمجهاڻي گهري ٿي. سندن مضمونن جي سنڌي ترجمن جي اخباري اشاعت ۾، سچو وقت مون پاڻ اِن سندن ادبي نالي 'گلاب-موتيا مِهڪ' (مِهڪ بمعنيٰ 'سُرهاڻ') جي نسبت سان سندن نالو 'مِهڪري' پئي ڪم آندو ۽ ڇپايو آهي. پر سندن مضمونن جي هِن مجموعي ۾ سندن دستوري آزاد فڪر ۽ اُن جي بي خوف اظهار جي نسبت 'محَڪ/ مِحَڪ' (بمعنيٰ 'ڪسوٽي'، 'پئمانو') سان ڪندي، سندن سڃاڻپ 'محَڪري' جي نالي سان ڪرائڻ جي جرئت ڪئي اٿم - سندن عالي ظرف ۽ ڪشاده دليءَ ۾ اميد رکندي، تہ هيءَ منهنجي حجّت پاڻ مون کي معاف ڪندا.

ڊاڪٽر مَحڪري واقعي پاڻ وٽ هڪ ڪسوٽي، هڪ سڃاڻپ، هڪُ پيمانو رکن ٿا - ڪري ۽ کوٽي جو، روشني ۽ تاريڪيءَ جو، سچ ۽ ڪوڙ جو، ۽ اِن خيال کان پاڻ اسان لاءِ هڪ ڀڪندڙ روشن مشعل آهن. نہ رڳو روشني ڏيڻُ ۽ روشني پکيڙڻ پنهنجي زندگيءَ جو پاڻ مقصد سمجهن ٿا، پر اُهو مقصد هو پورو ڪندا رهيا آهن،

ڪندا رهن ٿا ۽ ڪندا رهندا. - اوستائين جيستائين، چؤڦير پنهنجي انساني دنيا ۾ پاڻ تاريڪي ۽ جهالت ڏسندا، اوندهہ ڏسندا - 'اوهامن ۾ ميجتا' جي اوندهہ.

آءُ، راقم، هاڻي اِن ڪان وڌيڪ اوهان مهربان پڙهندڙن ۽ محترم عزيز ڊاڪٽر مَحڪريءَ جي حڪمت ڀريل مضمونن جي وچ ۾ روڪ بڻجي بيهڻ نٿو گهران، ۽ اِن اميد ۽ اعتماد سان تہ اوهين سندن هِن 'مَحَڪِ زرِيّن' بلڪ 'مَحَڪِ زرايمان' ڪي توجهہ سان پڙهندا ۽ اُن مان پورو اندازو ڪندا، ۽ وڌيڪ سنڌ ۽ هند جي عظيم بلڪ بي بدل فارسي شاعر، حضرت ابوالفيض 'فيضي' جي هيٺين سونَ ۾ تُرڻ جهڙي ڳالهہ اوهان جي گوش گذار ڪرڻ سان، اوهان ڪان اجازت ٿو وٺان- يار زنده صحبت باقي!

مـــــرد بايـــــد ڪ زبـــــان آئينـــــہ دل ســـــازد،
خـــواه ڪـــافر بـــود و خواهـــ مســـلمان گـــردد.

مڪـــنش بـــاور اگـــر بـــاتو فلاطـــون گويـــد،
آنچـــہ بـــر عقـــلِ تـــو ثابـــت نـــہ ببرهـــان گـــردد.

ســـــر بزانـــــو بنهـــــو دل بتگـــــاپوي درآر،
گـــوي شرطســـت ڪ در عرصـــہ بچـــو گـــان گـــردد.

۽ اِها ئي ڳالهہ، ۽ بلڪل اِيئن ئي، ڊاڪٽر مَحڪري هِنن پنهنجن مضمونن ۾ اسان کي ٻڌائي ٿو.

_ **محمد ابراهيم جويو**

**حيدرآباد سنڌ**
**16- جون، 1985ع**

”... جي مشوري سان، جنهن لاءِ اڄ ڏينهن تائين شڪر گذار آهيان، مون پنهنجو وقت ڏارين ٻولين مان ترجمي ۾ صرف ڪيو، ۽ هينئر ٻه آئون اِن ڪي هڪ نوجوان ليکڪ لاءِ پنهنجي ٻوليءَ جي روح کي وڌيڪ گهرائيءَ سان ۽ وڌيڪ تخليقي طور سمجهڻ جو بهترين رستو سمجهان ٿو...“

”هر ڌارين ٻولي پهريائين پنهنجين وڏ ۾ وڏ نِجي خصوصيتن جي صورتن ۾ اُنهن جي آڏو جيڪي اُن جو نقل ڪرڻ چاهين ٿا، مشڪلاتون پيش ڪري ٿي، ۽ اِنهيءَ ڪري اُها اظهار جون اُهي قوتون طلبي ٿي، جيڪي ٻيءَ طرح خودبخود ڪڏهن بہ نروار ٿي نہ سگهنديون: ۽ ڌارينءَ ٻوليءَ کان اُن جي اِيئن وڏ ۾ وڏ مخفي جوهر حاصل ڪرڻ لاءِ هيءَ جاکوڙ ۽ اُن جوهر کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ اَنهيءَ ئي ملائمت سان ڍالڻ جي ڪوشش - ذاتي طور، هِن ڪم ۾ منهنجي خصوصي فني تمنا اِها هوندي هئي، ۽ چاڪاڻ تہ هِن خاموش ۽ دراصل بي قدرائين ڪم گهڻو صبر ۽ وڏي اورچائي گهُري ٿي- جيڪي اوصاف اسڪولي دؤر ۾ مون پنهنجي سهل پسنديءَ ۾ طبع جي ارڏائيءَ سبب خاطر ۾ نہ آندا هئا، اِن ڪري اُهو ڪم خاص طرح مون کي ڏاڍو پيارو ۽ دلنواز ٿي لڳو، اِنهيءَ لاءِ بہ، جو فن جي اعليٰ ترين خزانن کي اِيئن منتقل ڪرڻ واري هِن نيازمنديءَ جي ڪم ۾ مون پنهنجي زندگيءَ کي پهريون ڀيرو هڪ سچي پچي ڪارائتي ڪم ۾ مصروف ڏٺو هو. ۽ اُهو ئي منهنجي نظر ۾ سچي منهنجي وجود جو جواز بہ هو.“

]Stefan Zweig: “The World of Yesterday,” P. 119[

”ڪائي مُرڪ اکين ۾ اِيئن چمڪ پيدا ڪندي آهي، جيئن سج جا پهريان تررورا هرڻ جي اکين ۾ پيدا ڪندا آهن. اُها مُرڪ مون پنهنجي بزرگ دوست ڊاڪٽر مهڪريءَ جي اکين ۾ ڏٺي آهي.

هڪ ڀيري هُن مون کي چيو، ”شاعر! تاريخ جو نئون دور شروع ٿي چڪو آهي.“

”ڊاڪٽر صاحب! ڪهڙو نئون دور؟“ مون حيرت مان هُن کان پڇيو.

”بابا، قبل از مسيح ۽ بعد از مسيح کان پوءِ تارا مسيح جو دور“، هن جواب ڏنو. هُن جي اکين ۾ ساڳي مُرڪ هئي، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي.

پر مون هُن جي اکين ۾ ٻي مُرڪ به ڏٺي آهي، جا آئيني وانگر هُن جو اَندرُ پسائيندي آهي. هو بنگلور مان هجرت ڪري آيو آهي. جنهن وقت به هُن کي بنگلور جي ياد شدت سان ايندي آهي، تنهن وقت هو پنهنجي مضمون جي مٿان پنهنجو فرضي نالو ”بنگلور مهڪري“ لکندو آهي. اُن وقت هُن جي اکين ۾ مُرڪ ائين چمڪندي آهي، جيئن وارياسي جي ننهڻ اُس ۾ سج جا تررورا هرڻ جي اکين ۾ چمڪندا آهن ۽ هو ڪنهن ترائيءَ لاءِ واجهائيندڙ هجي.“

[شيخ اياز: ”آتم ڪهاڻي“، ص 175
سُڳنڌ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، 1985]

# ڪير سفيد ڪيئن ٿو ٿئي

ءِ اِيئن هڪڙو هيو نواب صاحب هو - بلڪل اهڙو نواب صاحب، جهڙا سڀ نواب صاحب ٿيندا آهن.

بلڪل ڳالهه اِيئن هئي. هو صبح جو ننڊ مان اُٿندو هو ته پَرجي اُٿندو هو. سيني کي خبر هئي ته ڇو!

پوءِ هڪڙي حاذق حڪيم کيس ڏس ڏنو ته جڏهن به هو دير سان اُٿي، تڏهن هُن کي کير جو هڪڙو پريل پيالو پي ڇڏڻ گهرجي- اُن مان هُن کي وڏو فائدو ٿيندو.

هو ڳالهه سمجهي ويو، ءِ حڪم ڏنائين ته سڀهڻ ڪان پوءِ، هو جڏهن اُٿي، ته کير جو پيالو بنهه تيار هُن جي ڇپن تي هئڻ کپي.

هڪڙي ڏينهن کير وارو پنهنجي روز روز جي سچائيءَ کان اهڙو بيزار ٿي پيو، جو فيصلو ڪيائين ته نواب صاحب جي پيالي مان چوٿون حصو هن کي لاهي رکڻ کپي.

جڏهن نواب صاحب کي اِن جي سُڌس پيئي، تڏهن هُن پوليس کي گهرايو ءِ معاملو اُن جي حوالي ڪري ڇڏيو.

پوليس واري کير واري سان اِيئن سَٽل ڪيو ته جيڪڏهن هُن کي سندس چوٿون حصو ملي، ته ڳالهه جيئن دستوري طرح هلي رهي هئي، تيئن يلي هلندي رهي.

نواب صاحب کي اِها ڳالهه ڪا نه وڻي، سو هُن پنهنجي اَئنٽي ڪَرپشن (رشوت نوڙ) عملي کي گهرايو ءِ حڪم ڪيائين ته قانون جي نظام کي تحرڪ ۾ اچڻ گهرجي.

اَئنٽي ڪرپشن جي بَندي کي اِها ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ويني ته هو کير جي پنهنجي چوٿين حصي کان پاڻ کي محروم ڇو رکي.

ڳالهه جي اِنهيءَ نئين سَٽل نواب صاحب جي حصي کي هيڪاري گهٽائي ڇڏيو.

جنهن تي نواب صاحب چيو ته "قانون جو دستوري نظام نيڪ نه هو، بلڪل نيڪ نه هو." ءِ اِيئن چئي، هُن اُنهن کي سڏايو، جيڪي هونئين ئي اَڻ- سڏيا هليا ايندا آهن.

اَڻ – سڏئي همراهه اچڻ سان ڪير واري ڪي حڪم ڪيو ته ڪير جو باقي چوٿون حصو ’خاڪي تنبوءَ‘ ۾ پهچڻ گهرجي، ۽ اُن جي توري پر گهاٽي سٽيي مَلائي، جيڪا ئي اصلي شيءِ هئي، سا ’اَمور خاص‘ جي مقصدن لاءِ ڪيس پهچائي وڃي.

اَڻ- سڏئي پوءِ ملائيءَ جون ٻه آڱريون پِري، نواب صاحب جي چپن تي لائي ڇڏيون- ڇو ته نواب صاحب سڄيءَ رات جي قومي تعمير جي ڪم ڪار ۾ ٿڪجي، جو ستو هو، سو اجا سج چڙهئي سوڙو ڪونگهرا هڻي رهيو هو.

جڏهن نواب صاحب اُٿي پنهنجي اُجايل چپن سان لڳل خالي پيالو ڏٺو، تڏهن ڳالهه ڪي سمجهڻ لاءِ هُن اَڻ-سڏئي ڪي پاڻ وٽ گهرايو.

”سمجهڻ؟ ڳالهه ڪي سمجهڻ! ڪهڙو سمجهڻ؟“ اَڻ-سڏئي واڪو ڪيو.

”ايڏي قومي تعمير جي گهٽي ۾ سخت ڪم ڪان پوءِ اوهان ئي ته تازي تواني ٿيڻ لاءِ سڄو ڪير جو پيالو يڪساهيءَ پي ڇڏيو! پوءِ به ڳالهه ڪي اجا سمجهڻ تا گهرو!“

”مون ته اجا ڪير ڪو نه پيتو آهي! ڪيئن، پي ڇڏيو اٿم؟“ نواب صاحب پڇيو.

”پنهنجن چپن تي هٿ لائي ڏسو، نواب صاحب! اوهان ڪي سچ جو پتو پئجي ويندو!“

”۽ اِن مان اوهان ڪي اِهو به پتو پوندو ته ڪير سفيد ڪيئن ٿو ٿئي!“

”پوءِ ته مون ڪي اِها به خبر پيئي ته اوهين اِن ڪي ڇا تا سڏيو!“

”اوهين اِن ڪي سفيد ڪوڙ سڏيندا آهيو. هائو نه؟“

---

# اخلاق کان خالي دانشور

پهرين ڳالهه تہ اُهي سڀ جيڪي اهڙن ڏنڌن ۾ لڳل آهن، جن کي عرف عام ۾ ذهني يا دانشورا نہ ڏنڌا چئجي ٿو، مثلاً قانون، ڊاڪٽري، تعليم ۽ اهڙا ٻيا ڌنڌا، سِي سڀئي لازمي طرح کي پاڻ بہ ذهين يا دانشور نہ آهن.

اُهو اِنهيءَ ڪري، جو ذهن يا دانشوري ڪن ٿورن خاص ڌنڌن تائين ئي محدود ڪانهي.

ذهن سڄيءَ انسان ذات جو عام ورثو آهي - ۽ اُن ۾ ڪنهن هِن يا هُن خاص ڳالهه جو سوال ڪونهي.

اِنهيءَ ڪري سڄي انسان ذات- سڀ پاءُ اَٽي ڪائيندڙ ــ ذهين آهن، ۽ فقط پنهنجي ذهن جي مدد سان هُنن سيني شين کي، ۽ ننڍن وڏن جانورن کي، پنهنجي قبضي هيٺ آندو آهي.

اِنهيءَ ڪري ڪو بہ گروهہ يا ٽولو اِنساني ذهن جي خاص هڪ هٽيءَ جي دعويٰ نٿو ڪري سگهي.

ٻي ڳالهه تہ ڪم از ڪم ڪي ڏنڌا جيڪي ذهني يا 'دانشورانہ ڏنڌا' سمجهيا وڃن ٿا، ڪجهہ گهٽ، ڪجهہ وڌ، خون چوس ڏنڌا آهن. - اِنهيءَ معنيٰ ۾ تہ اُهي ٻين بنيادي پيداواري ڏنڌن، مثلاً زراعت جي ڏنڌي تي وڌن ٿا، جيڪو خوراڪ اُپائي ٿو، جنهن ڪان سواءِ ذهن چند ڪلاڪن ۾ ئي ڪڪ پن ٿي وڃي ٿو. ــ اِن ڳالهه جو فوراً تجربو بہ ڪري سگهجي ٿو!.

هي ڪجهہ گهٽ ڪجهہ وڌ خون چوس ڏنڌا، سمجهيو وڃي ٿو تہ جنهن شيءِ کي 'خيال' يا 'فڪر' چيو وڃي ٿو، اُهو ٿا تخليق ڪن، پر گهٽي قدر اُهو فڪر گهٽ ۽ مونجهارو وڌيڪ هوندو آهي، اُن ڪان وڌيڪ اُهو مُنجهيل فڪر هوندو آهي، ۽ اُن ڪان بہ وڌيڪ اُهو منجهائيندڙ فڪرُ هوندو آهي.

هيءُ راڪاسُ، هيءُ منجهائيندڙ فڪرُ، اسان جي سانيڙ ۾ ئي، ذميدار رهيو آهي، پربت جيڏي انساني ڏک لاءِ، پيڙا لاءِ، پاڙان اُکڙجن لاءِ ۽ رڳو نراسائيءَ لاءِ- ۽ اُن سڀ ڪان بچاءُ تي سگهيو ٿي، اُهو سڀ ڪجهہ ٽري سگهيو ٿي.

جيئن ڳرن سالن پٺيان ڳرا سال گذرندا ٿا وڃن، تيئن هانءُ پوسائيندڙ ڳالهه صاف ٿيندي ٿي وڃي، ته سرسبز ۽ شاداب نخلستان، جيڪي منجهائيندڙ فڪر جي ڪيميائي جادوءَ ناهي آڏو رکيا هئا، سي جيئن پوءِ تئين بي ترس حقيقت جي تپيندڙ بيابان ۾ ٺلهيءَ رڃ جا نشان ثابت ٿي رهيا آهن.

۽ دانشور وٺشياڻون، جن بنيادي جمهوريت، مقبوض جمهوريت ۽ اهڙين ٻين هوائي ڦرموٽين سان نشن ۾ چُور بالادستن جي اُپامندڙ وجودن کي مطلق لازواليءَ جي خوابن سان پري چڙيو هو، اهي هاڻي وري مون کي اُنهيءَ ساڳيءَ لازواليءَ جي پڪ ڏيئي رهيون آهن.

اُنهن جو ناچ برابر مختلف آهي، پر اُهو سڀ لِڦيءَ ڪري، جو پٽاپٽي بين باز (Pied Piper) جي صورت ۾ جيڪو سُرُ آئون وڄائي رهيو آهيان، سو مختلف آهي ۽ گهورَ به آئون ئي پيو ورهايان- پوءِ ڪيسي ڪنهن جي مان به اُها نڪرندي هجي.

پاڻ ڪي ڪنهن طرح مون پڪ ڏيئي چڏي آهي ته آئون ۽ فقط آئون عالَم کي فوري تباهيءَ کان بچائي سگهان ٿو. اُن ڳالهه جو پڙاڏو آءٌ اُنهن ڪُوئن جي چاتين ۾ پڏان پيو، جيڪي منهنجي سُر تي پيا نچن- خالص گهورَ خاطر ئي سهي.

هئملن (Hamlin) جي ڪلاسيڪي پٽاپٽي بين باز وانگر، آئون به چاڻان ٿو ته مون سان ڪُوئن جا سڀ قسم گڏ آهن، ٿلها به ۽ سنهان به، جوان به ۽ پوڙها به، سنوان به ۽ خاص طرح ڏسڻ ۾ سنوان ايندڙ چريا به، جيڪي هِن موت جي ناچ جي تار کي قائم رکڻ ۾ ڏاڍا ڪمائتا آهن.

چاڪاڻ ته موت جو ناچ ته اِهو آهي.

هر پٽاپٽي بين باز جي لازمي مِشن (Mission) اِها هوندي آهي ته هو خودفريبيءَ جي غم آڳين موسيقيءَ جي مدد سان ڪُوئن کي سندن تباهيءَ ڏانهن وٺي وڃي — تقدير جي اِها تقاضا آهي.

اِن ۾، مان ڏسان ٿو ته دانشور ڪُوئا، هميشه جيئن، اڄ به ڏاڍا ڪمائتا آهن - اِنهيءَ ڪري، جو مجموعي ڳالهه موجب، هو هڪڙي اُنهيءَ ڳري بار کان آجا آهن، جنهن کي اخلاق ٿو چئجي.

# چيا، ڪٿولي جو موت نہ ڪپي!

”نيپولين انگريزن سان واٽرلو ۾ وڙهندي مارجي ويو“ - هي اخبارن ۾ تاريخ جي صفحن جو ڪهڙو نہ عاليشان سِرو ٿي سگهيو ٿي!

بلڪل اهڙو جهڙو هيءُ سِرو: ”ٽيپو سلطان انگريزن سان ميسور جي چوٿينءَ جنگ ۾ وڙهندي مارجي ويو“.

پر، افسوس، ايئن نہ ٿيو.

هو ’قسمت جو ڏٺي‘، جيئن نيپولين پاڻ کي سڏيندو هو، اُنهيءَ طريقي سان فرانس کي امر بڻائي نہ سگهيو، جيئن ميسور جي سلطان ميسور کي امر بڻايو. ڇو تہ نيپولين جي اِها قسمت نہ هئي، اُن جي بدران هُن ’قسمت جي ڏٺيءَ‘ کي موت جي ڪٿولي تي، پري پري، ذري گهٽ اڻ ڀڏل سينٽ هيلين جي ٻيٽ تي، پاسا ورائيندي، ساهہ ڏيٺو هو — اِهڙي موت جي ڪٿولي تي، جيڪو سورمائي شهادت جي قوت ۾ شان کان خالي هو.

اِهڙيءَ ئي طرح موت جي ڪٿولي تي دکي، رواجي موت سقراط کي بہ گهٽي قدر شهيدي شان ۾ رتبي کان محروم ڪري ڇڏي ها.

۽ دنيا هن جو سدا — پڪاريندڙ سڏ نہ ٻڌي، نسَت ۾ گگدام رهجي وڃي ها، جيڪو هن پنهنجي جلاد کي ڏنو هو، ”ڪٿي آ زهر جو پيالو، جو تو وٽ تيار آهي، ۽ جي نہ آهي، تہ جلد تيار ڪري وٺ، ڇو تہ ويندڙ حياتيءَ جون ٿوريون گهڙيون بچائي، گهٽو ڪجهہ ورائي ڪين سگهبو.“

مسيح پڻ ڪٿولي جي موت کان پاڻُ بچائي ورتو ۽ هو صليب کي صليب بڻائي ويو - سدا حيات زندگيءَ جي علامت.

منصور حلاج پنهنجي ڦاسي ڏيندڙ جلاد جي رسيءَ کي چُمي ڏيئي، پنهنجي پري بيٺل ’ڪٿولي جي موت‘ کان بازي کسي ويو.

رواجي، خسيس، ڪٿولي جي موت سان صوفي سرمد پاڻ بہ تہ معمولي ماڻهو بڻجي وڃي ها. پر دنيا کان موڪلائيندي، هو غير معمولي انسان بنجي ويو - سندس قاتلن جو مٿس هيءُ ڪيڏو نہ وڏو احسان هو!

”هڪ ئي ڌڪ هڻي، منهنجو ڪنڌ ڪپي ڇڏيو!“ ڪڏهن - نہ - مرندڙ قرت العين، صبح ازل، پنهنجي جلادن کي هدايت ڪئي، جيڪي پاڻ بہ روئي رهيا هئا ۽ ماتم ڪري رهيا هئا. ” هڪ ئي ڌڪ سان هيءُ ڪنڌ ڪپيو، تہ اوهان جو ڪم آسان ٿي سگهي.“

چا، جيڪڏهن سيزر موت جي ڪنولي تي چڙي مري ها ۽ سُتي سُتي چُنا پئجي وڃنس ها، تہ دنيا جي شاعرن مان عمر خيام جهڙو شاعر ڪو هيءَ ڳالھ چئي سگهي ها! - ”مان ڪڏهن ڪو رت جهڙو ڳاڙهو گلاب ڪتي ٽڙيل ڏسندو آهيان، تہ سوچيندو آهيان تہ هِتي هِن منيءَ جي هيٺان ضرور ڪو رت ۾ وهنتل سيزر پوريل هوندو!“

۽، چا، ڪو مارڪ اَئنٽوني بہ ڪڏهن چئي سگهيو ٿي، ”او سورهيَن جا سردار سيزر، تنهنجو مڙھ اُنهيءَ عظيم ترين شخص جو آهي، جو وقت جي سيلاب ۾ هڪڙو ئي ڪڏهن ڪو موجود هوندو آهي... اڄ منهنجي پيشنگوئي آهي تہ ماڻهن تي ڪا ڪُمهري نازل ٿيندي... اونداهي طوفان ۽ خانہ جنگيءَ ۾ هو وڃي ويندا... چوطرف بربادي ۽ رت هوندي، ۽ ساھ مُٽ ۾ جهليندڙ مصيبت ايتري تہ عام ٿيندي، جو مائون جڏهن پنهنجا زرھ پاتل پٽ جنگ جي مُنهن ۾ ويندي ڏسنديون تہ رڳو ويهي ڪلنديون، قياس ۽ ڏک جي دٻاءَ ڪان ساھ گهُٽجي ويندن، ۽ سيزر جو روح هِن سر زمين تي انتقام جي گردش بنجي هلندو ۽ بي خوف تحڪمانہ آواز ۾ پڪاريندو 'نہ ڇڏيو!' ۽ پوءِ جنگ جا ڪتا ڇُڙي پوندا... ۽ هن ذليل عمل جي ڌرتيءَ تي بدبوءِ پکڙندي، ۽ ڪِنا ٿيندڙ جيئرا انساني لاش پورجڻ لاءِ ڪنجهندا ۽ پڪاريندا رهندا.“

جيڪڏهن سيزر ڪنولي جو موت مري ها، تہ بروٽس، جنهن ئي سڀ ڪان وڌ بي ترس ڌڪ هن کي هنيو هو، نيٺ پنهنجي ترار جي نوڪ تي پاڻ کي اڇلائيندي، دانهن ڪري، چوي ها چا، ”او جوليئس سيزر، تون اُهو ئي اَجيت آهين، تنهنجو روح آزاد آهي ۽ پنهنجي دشمنن کي للڪاري رهيو آهي؟“

نہ، هرگز نہ.

تاريخ ۾ هميشہ اهڙا ڪرشمہ ساز شخص ٿيا آهن، جن هڪ پاسي پنهنجن جوڌاسن، بروٽسن، اِندرجيتن ۽ اهڙن ڀين کي ڇڏي ڏنو آهي، تہ ٻيل هو پنهنجن روحن جي ڪارٽ سان ازلي ذلت جي ايوان ۾ پنهنجي لاءِ پختي ڪا جاءِ ٺاهين، ۽ ٻئي پاسي خودياوريءَ جي بنياد تي يا خالص 'ذاتي عمل' جي معجزي سان هُنن پاڻ کي ڪنولي جي عام ۽ حقير موت ڪان بچائي ورتو آهي.

اُهي ئي جيئرا آهن. جُڳن تائين. جُڳن ڪان مٿي.

----

# ڪينسر جو علاج ٿي ويو

ڪينسر جو نہ رڳو علاج ٿي سگھي ٿو.
اُن جو علاج ٿي بہ ويو.
پوريءَ طرح.
رڳو ’ڪجھ فائدو‘ نہ.
اُن جي اُٿلڻ جو بہ خوف ڪونهي.
سڌو سادو صاف علاج.
هائو، صاف علاج.
عجب تہ اِهو آهي - عجبن جهڙو عجب.
بلڪل سڌو صاف علاج.
حيرت تہ اِها آهي.

هاڻي سيني تي ڳالھ کُلي آهي تہ اِها ئي اُن جي بنھ اصلي سادي صورت هئي، جيڪا اُن جي علاج جي آڏو رڪاوٽ هئي.

ويد ڏن ونتريءَ جي ڏينهن ڪان وٺي، حڪيم ۽ طبيب سڀ ايئن پئي سمجهندا آيا تہ اُن جو علاج ڏکيو هو، ۽ اُن ڪان پيا ڏڄندا هئا.

قدرتي ڳالھ آهي تہ ڊپ ۾ ڪنهن ڪان ڪجھ نٿو ٿي سگھي.

جڏهن اوهين شروع ئي اِنهيءَ ويچار سان ڪندا تہ ڪا ڳالھ ڏکي آهي، تہ اُها تہ ضرور ڏکي ئي ثابت ٿيندي. اِن ۾ پوءِ عجب ڇو ٿيڻ کپي.

انهيءَ ڪري هر ڳالھ جو مدار نقطي نگاھ تي آهي، بس.

جُڳ گذري ويا، ماڻهن خود ڌرتيءَ ۽ سج بابت عام سمجھ وارو نقطي نگاھ پئي رکيو ۽ قبوليو.

هر روز هُنن سج کي اوڀر ڪان اڀرندي ۽ اولھ ڪان لهندي ئي ڏٺو.

ايئن، هُنن جا سڀ مذهب ۽ سڀ هُنن جا فلسفا اِنهيءَ خيال تي بيٺل هئا ۽ دنيا پئي هلي.

دنيا جو ڪاروبار بہ هميشہ جيان هلندو ئي رهيو. جڏهن گليلو چيو تہ ڌرتي آهي، جا سج جي چوڌاري ڦري ٿي، تہ هُن ڇڻ نشي جي گوري ڪائي ٿي ڳالهايو.

اِها ڳالهہ بيشمار لکن ڪروڙن ماڻهن جي جُڳن کان ڪيل مشاهدي جي ابتڙ هئي. ۽ جڏهن هن 'ثابت ڪري ڏيکاريو' تہ ڌرتي سج جي چوڌاري ڦري ٿي ۽ نہ سج ڌرتيءَ جي چوڌاري، تڏهن بہ سندس دور واريءَ وڏيءَ ويڪريءَ دنيا جي روزانيءَ ڪارڪرت ۾ گهڻو فرق ڪو نہ آيو.

پر، وري بہ، چيو وڃي ٿو تہ اُن ڳالهہ ماڻهوءَ جي سوچ ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو هو.

ڪيئن؟

هِتي تہ بهرحال نہ. بلڪل نہ.

ڇا بہ هجي، پر اُن سڄيءَ ڳالهہ مان ثابت ٿيو تہ جڏهن نقطي نگاهہ بدلجي ٿو، تہ گهڻو ڪجهہ بدلجيو وڃي. ساڳي ڳالهہ ڪينسر جي علاج جي بہ آهي.

جڏهن نقطو نگاهہ اِهو هو تہ ڪينسر جو علاج سولو ڪونهي، تڏهن هر قسم جو علاج، مثلاً، ڪيمياوي علاج، جراحت، ريڊيائي شعاعن جو علاج وغيره وغيره وڏ ۾ وڏ تہ بہ رڳيون انڌيون منڌيون ڪوششون هيون.

پوءِ فقط تڏهن جڏهن اِهو مفروضو قائم ٿيو تہ ڪينسر جو علاج سڌو سادو ۽ صاف آهي، تہ هڪدم ڪاميابيءَ جو دروازو کلي پيو.

اِها سچ پچ بہ تہ دروازي کلڻ جي ڳالهہ آهي.

اِن سڄي ڪم جي مجرائي اسان کي ملڻ گهرجي ۽ نہ ڪنهن ٻئي کي.

اسان ڪينسر جي ڇڏائڻ جو وڏ ۾ وڏ هڪ ٽڪ ۽ سولو علاج ڳولي لڌو آهي.

اسين ڪينسر کي مريض مان ڇڏايون ٿا.

ڪينسر ڇُٽيو وڃي، ۽ ڏاڍي سگهاري ۽ وڏي حياتي ماڻي ٿو، ۽ سچو وقت پنهنجي لائق حڪيم کي دعائون پيو ڪري- رڳو مريض مريو ٿو وڃي. ٻين پئي مريض کي ڪينسر مان ڇڏائڻ جو سوچيو. سچ پچ اِها هُنن جي اُبتي ڪوشش هئي.

اسان جي ڪاميابي ۽ هُنن جي شڪست بلڪل اٽل ۽ قدرتي ڳالهہ هئي.

# وسارڻ ڪپيس! پر وساري سگهندي؟

’توانائي‘.
’مڪان‘.
’زمان‘.

هيءَ ٽـ- مورتي سامهون رکندي، آلفريڊ ڪورزسڪِي پنهنجي هڪڙي نئين تعليم پيش ڪئي آهي، جيڪا آمريڪي يونيورسٽين ۾ ’عمومي معنويات‘ جيءَ نالي سان پاڙهي پيئي وڃي، جنهن جي هڪڙي عام فهم تشريح هاياڪاوا جي ڪتاب ’لفظن جو ظلم‘ ۾ شايع ڪئي ويئي آهي.

هُن اصل ۾ پولنڊ ملڪ جي رهاڪو انجنيئر- فيلسوف ڪورزسڪيءَ جو خيال آهي تہ سڀ ٻوٽا ”توانائي-گِير“ شيون آهن.

اُن جو مطلب تہ ڪليل توانائي جيڪا آڪسيجن، نائٽروجن، پوٽيشم، سوڊئم وغيره جي صورت ۾ موجود آهي، اُن کي سڀ ٻوٽا، ننڍا توڙي وڏا، نئينءَ حيات بخش صورت ۾ بدلائي، پاڻ وٽ بند ڪن ٿا.

اِنهيءَ ڪري، هن جو چوڻ آهي تہ ٻوٽا ’توانائي-گِير‘ آهن.

۽ سڀ ساهوارا، هن جي چوڻ موجب، جيڪي خوردبينيءَ سان مس ڏسجن ٿا، توڙي وڏا وڏا هاتي ۽ مانگرمڇ وغيره ’مڪان‘ سان وابستہ آهن يعني اُهي پنهنجي لاءِ ’جُوءِ‘ يا ’نَرُ‘ مقرر ڪن ٿا.

۽ ماڻهو، ۽ فقط ماڻهو، ڪورزسڪيءَ جي چوڻ موجب، سڄيءَ مخلوقات ۾ فقط ماڻهو ئي آهي، جو ’زمان-گِير‘ آهي.

فقط ماڻهو ئي ’وقت کي سانڍي ٿو.‘

هو ۽ فقط هو ئي آهي، جنهن لاءِ ماضي، حال ۽ مستقبل هڪ ئي لاڳيتي ۽ اٽوٽ شيءَ آهي.

ٻيا سڀ ساهوارا، اُهو سڀ ڪجهہ وساري ڇڏين ٿا، جو ڪجهہ اُنهن جي وڏن سان ٿيو يا اُنهن کي پيش آيو.

هو فقط حال ۾ ئي رهن ٿا.

هو فقط حال سان ئي نياهين ٿا.

هنن لاءِ فقط حال ئي آهي، جو حال آهي.

جيڪڏهن، اوهين ڪنهن ڏڳي ڪي سون جي ٿهيل ۽ جواهرن سان جَڙيل تخت تي ويهاريندا، تہ اُها سچي هڪ بي معنيٰ ڳالهہ آهي، نہ رڳو ڏڳي جي پونيرن لاءِ پر خود اُن ڏڳي لاءِ بہ – چاڪاڻ تہ ڪي بہ ساهوارا، سواءِ ماڻهوءَ جي، 'زمان-گِير' نہ آهن. اُنهن ڪي يادگيريءَ يا حافظي جي ڪا ساڃهہ ڪانهي، جيڪو دنيا ۾ سچ پچ تہ هڪ اهڙو ڪرشمو آهي، جنهن تي سوچڻ سان عقل چرخ ٿي وڃي ٿو.

واقعي ماڻهو حافظي وارو جانور آهي. بلڪ ماڻهو حافظو آهي، ۽ حافظو ماڻهو.

پنهنجي حافظي کي وڌيڪ طاقتور ڪرڻ لاءِ، هُن لکڻ ايجاد ڪيو، ۽ اُڪر، ڊرائنگ، مجسمہ سازي، فوٽو گرافي، فلمسازي، ۽ ٽيپ رڪارڊنگ ۽ وي. سي. آر جا هنر ۽ تربيتون ايجاد ڪيون.

۽ جيتريون هن جي حافظي جون ڳالهيون پوريون ۽ صاف، اوترو وڌيڪ موقعو مليو ٿو ماڻهوءَ جي ذهن کي اُنهن ڳالهين کي ڪم آڻڻ جو ۽ جيئن پوءِ تيئن وڏن ڪان وڏن عجائبات جي تخليق ڪرڻ جو.

حافظو دروازو آهي سڄي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل جو. حافظي جي رڳو عارضي ناڪامي بہ امتحان ۾ شاگرد جي زندگيءَ جي تباهيءَ جو سبب بڻجي وڃي ٿي.

ڊاڪٽر جو چوڻ آهي تہ پيريءَ، نستائيءَ يا صدمي ڪان حافظي جي دائمي ناڪامي بہ هڪ بيماري آهي، جنهن کي 'ويسر' يا 'حافظي جو زيان' ٿو چئجي.

ٻئي طرف، نفسياتي معالج چون ٿا تہ گهريءَ ننڊ جي جهاڳ ۾ مريض کي اهڙيون ڳالهيون بہ ياد اچي سگهن ٿيون، جيڪي آپريشن ٽيبل تي پوريءَ بيهوشيءَ جي حالت ۾ هن کي پيش آيل هجن.

روحانيت جا صاحب چون ٿا تہ قتل جي يا خودڪشيءَ جي ياد، ڪوٺين جي ڀتين تي نقش ٿي وڃي ٿي، جتي اُهو سانحو واقع ٿئي ٿو.

طبيعيات جا صاحب قياس عالم اِهو قياس بہ پيش ڪن ٿا تہ مسيح جو جبل تي ڏنل خطبو اسان لاءِ ٻڌڻ ناممڪن ڪونهي، جيڪو اُنهن پهاڙن تي نقش ٿيل آهي، جن اُن کي پهرين ٻڌو هو.

جيڪڏهن ايترو واڌارو اچي وڃي، ته اسين سيزر جا بروٽس کي چيل آخرين لفظ به ٻڌي سگهون ٿا، ”بروٽس، تون به؟... ته سيزر، ڪري پئُ!“ - جن لفظن کان پوءِ، شيڪسپيئر جي چوڻ مطابق، ”انهيءَ ئي چوغي ۾ پنهنجو مُنهن ڍڪي، عظيم سيزر ڪِري پيو. هيءُ ڇا ته ’ڪرڻ‘ هو، او منهنجا ديس واسيؤ، جڏهن آءٌ، توهين ۽ سڀ دنيا سڀ ڪِري پياسين، ۽ فقط رت ۾ رڱيل ڊوهه اسان جي مٿان ڦري رهيو هو.“

جيڪڏهن سائنس جي اهڙي ايجاد عمل ۾ اچي وڃي، ته اسين ڪليسا جو گهنڊ رات جو هڪ وڄائيندي به ٻڌي سگهون ٿا، اُهو گهنڊ جيڪو مئڪبيٿ (Macbeth) ٻُڌو هو، جڏهن هو ڊنڪن (Duncan) کي خون ڪرڻ پئي ويو ۽ چوندو ويو، ”ڊنڪن، تون اِهو نه ٻڌج، اِهو تنهنجي موت جو گهنڊ آهي! ”اسين اُن خونيءَ کي خون ڪرڻ کان پوءِ هي به چوندي ٻڌي سگهنداسون،“ منهنجو خيال آهي ته مان هڪڙو آواز ٻڌان پيو، جو چوي پيو: ’مئڪبيٿ، تنهنجي ننڊ ويئي‘ مئڪبيٿ ننڊ جو خون ڪري ڇڏيو.‘“

۽ اسين جيئريءَ جاڳنديءَ ليڊي مئڪبيٿ کي به، جيئن هوءَ پنهنجن هٿن تي رت جا ڦڙا ڏسي ٿي، رڙيون ڪندي ٻڌي سگهنداسين، ”لهي وڃو، لهي وڃو، منهنجي هٿن تان لهي وڃو!“

پر رت جا ڇِٽا هن جي هٿن تان ڪو نه لهندا. بلڪ اُهي ڦاٽندا، رتُ ڦاٽندو، خون ڦاٽندو.

پوءِ ڇا ڪرڻ کپيس؟

خون وسارڻ کپس! پر وساري به سگهندي؟

— —

# ننڊ، ڊاڪٽر صاحبؤ، ننڊ!

’ننڊ‘، ڊاڪٽر صاحبؤ، ’ننڊ.‘

ڊاڪٽر صاحبؤ، اوهين طبيب آهيو، اوهين جراح آهيو، پنهنجي پيشي جا ماهر آهيو. اوهين ڄاڻو ٿا ته بستري تي پيل بيمار بابت ڀيريون سوال نه ته ٻه ڀيرين سوالن مان هڪڙو سوال اوهين جيڪو پڇندا آهيو، سو هيءُ هوندو آهي ته ’هِن ننڊ سُٺي ڪئي آهي؟‘

۽ جيڪڏهن اوهان کي ٻڌائبو آهي ته بيمار ننڊ سُٺي نه ڪئي آهي، ته اوهين اُن جو تدارڪ ڪندا آهيو، ته هن کي ننڊ اچي - ننڊ جيڪا قدرت طرفان شفا جو مرهم آهي.

پر هڪ پاسي ته اوهين بيمار جي ننڊ جو تدارڪ ڪريو ٿا، ته ٻئي پاسي اوهان کي خبر آهي ته رات جو اوهان جي هيٺئين مددگار عملي جي هٿان اوهان جي سِولِ اسپتال ۾ ڇا ٿو ٿئي - جڏهن اوهين پاڻ حقي ننڊ ۾ آرام ڪرڻ لاءِ پنهنجن وارڊن مان ٻاهر نڪري ٿا وڃو.!

جيڪڏهن اوهين اِهو معلوم ڪرڻ گهرو ٿا، ۽ اوهين رڳو ملاقاتي ت - و - م، يعني تمام وڏن ماڻهن، جي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجن وارڊن جو فقط ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڏيک ويک رکڻ نٿا گهرو، ته پوءِ اوهين هڪڙي ڳالهه ڪريو.

پنهنجن ڪن بيمارن وٽ ڪي ٿورا ڪئسيٽ ٽيپ رڪارڊر رکي ڇڏيو، ته پل اوهان کي ۽ دنيا کي ٻڌائڻ لاءِ اُهو سڄو دوزخ جو شور، هو رڪارڊ ڪري وٺن، جيڪو اوهان جا هي هيٺئين مددگار عملي جا ماڻهو رات جو اُتي مچائين ٿا.

ڪو گندو لفظ اهڙو ڪونهي، ڪا رڙ، ڪا ڇڙٻ، ڪو دڙڪو اهڙو ڪو نه ٿا ڇڏين، جيڪو هي اوهان جي هيٺئين مددگار عملي جا ماڻهو هڪٻين تي نٿا آزمائين ۽ بيمارن جي مُنهن ۾ اڇلائي نٿا هڻن: اُن ۾ شريف گهريلو زالن ۽ ڇوڪرين جي موجودگي ٻه هنن سنگدل بدفضيلتن تي ڪو اثر ڪو نه ٿي ڪري، جيڪي وارڊن ۾ بيمار پيون هونديون آهن.

اوهان کي خبر آهي، ڊاڪٽر صاحبؤ، ۽ اوهان مان ڪي تہ ملڪ کان ٻاهر تربيت بہ وٺي آيا آهيو ۽ اُتي اوهان ڏٺو بہ آهي، تہ اسپتالن جي وارڊن ۾ خود ڏينهن جو بہ ڪيتري نہ مڪمل ماٺ هوندي آهي.

ڊاڪٽر ۽ سرجن بہ چپن ۾ ڳالهائيندا آهن، ۽ اُنهن مان ڪو بہ پنهنجن وارڊن ۾ ربڙ جي تري وارن بوٽن کان سواءِ اندر ڪو نہ ايندو آهي.

۽ هتي اوهين، جيڪي اهڙن اعليٰ استادن جا شاگرد آهيو، جن ميڊيڪل دنيا ۾ چوڦير پنهنجا نالا روشن ڪيا آهن، سي پاڻيءَ جي پرواهہ نٿا ڪريو تہ اوهان جي بيمارن جو اوهان جي پرپٺ ڪهڙو ٿو حال ٿئي. !

۽ اوهان جا طبي سماجي ڪارڪن، جن جو سڌو سنئون فرض اِهو آهي، تہ ڏسن تہ بيمارن کي اسپتال ۾ پورو آرام ملي ٿو يا نہ، سي پاڻ ئي رات جو اسپتال مان سڄو وقت غائب رهن ٿا.

۽ ڏينهن جي وقت اوهان جي وارڊن ۾ هر ڪا شيءِ ٺيڪ ٺاڪ ٿيو وڃي!

ڊاڪٽر صاحبؤ، جيڪڏهن اوهان جي ننڊ اوهان لاءِ ايتري اهم آهي، تہ ڇا، اوهان جي بيمارن لاءِ اُنهن جي ننڊ اُن کان وڌيڪ اهم نہ آهي، جيڪي موت ۽ حياتيءَ جي وچ ۾ لوڏا کائيندا ٿا رهن. اوهين اِنهيءَ مسئلي جو سماجي طور ايترو خيال ڇو نہ ٿا ڪريو، جيترو اُن جو طبي خيال پنهنجي دوائن رستي ڪريو ٿا.

اوهان کي ڪرڻو رڳو هيءُ آهي تہ رڪارڊ ٿيل ٽيپ گڏ ڪري هڪُ ٻيرو سپ ٻڌو، ۽ جي پڪ ٿي وڃيوَ تہ رات جو وارڊن ۾ جنسي دوزخ جو شور متل رهي ٿو، تہ اوهان کي ضرور اهڙا سخت قدم کڻڻ کپن، جن سان اسپتال ۾ ماٺ جي جنت قائم رهي، جيڪا اُتي قائم رهڻ ئي گهرجي - جيڪڏهن اسپتال کي اسپتال ٿي رهڻو آهي - يعني بيمارن جو شفا خانو، ۽ نہ اُنهن لاءِ آزار ۽ اوجاڳي جي جاءِ.

’ننڊ‘، ڊاڪٽر صاحبؤ، ’ننڊ‘ اوهان جي بيمارن کي اِها ئي گهرجي، ۽ اِها ئي اوهان جي بيمارن کي نصيب ڪا نہ ٿي ٿئي. ۽ اِها اوهين پاڻ تہ خوب ڪريو ٿا. اِها اوهين هنن کي بہ ڪرائي سگهو ٿا. هنن کي ’ننڊ‘ ڪرايو، ڊاڪٽر صاحبؤ ’ننڊ‘.

# پريس جي آزادي

اسان جا ڪي صحافي پريس جي آزاديءَ جي اصطلاح ڪي غلط سمجهڻ جي فن جا پڪا ماهر آهن.

پر ڪي اسان جا ٿورا صحافي پريس جي آزاديءَ جي اصطلاح کي صحيح سمجهڻ جي فن جا بہ پڪا ماهر آهن.

پريس جي آزاديءَ جي قسمت جو فيصلو هاڻي اِنهيءَ ڳالھ تي آهي، تہ اُنهن مان ڪير ٿو بازي کٽي.

ٽيليفون ۽ تار رستي جيڪو سوال بحث هيٺ آهي، سو هيءُ آهي:

(1) ڇا، پريس جي آزادي شروع بہ هڪڙي سوال سان ٿئي ٿي ۽ ختم بہ اُن ئي سوال سان ٿئي ٿي تہ صحافين جي پگهارن جا اسڪيل وڌايا وڃن ۽ اُنهن لاءِ ويج (پگهار) بورڊ قائم ڪيا وڃن؟

(2) ڇا، پريس جي آزادي شروع بہ اِتان ٿئي ٿي ۽ ختم بہ اُتي ٿئي ٿي تہ صحافين کي سرڪار وٽان گهٽ اگهن تي پلاٽ ملن؟

(3) ڇا، پريس جي آزادي شروع ۽ ختم اِن تي ئي ٿئي ٿي تہ ايڊيٽرن کي ولايت مان موٽرن گهرائڻ جون پرمٽون ملن؟

(4) ڇا، پريس جي آزادي شروع ٿوڙي ختم اِتي ئي ٿئي ٿي تہ صحافين کي ۽ سندن ويجهن ۽ پر انهن مائٽن کي ريل گاڏين ۽ هوائي جهازن جي ٽڪيٽن تي ڇوٽ ڏني وڃي، جيئن هو ٿوري خرچ تي، يا مرڳو ئي مفت ۾ سفر ڪري سگهن؟

يا

(1) پريس جي آزاديءَ جي هڪ ئي معنيٰ آهي تہ هر شهري قانوناً آزاد آهي، تہ پنهنجي مرضيءَ سان پاڻ ڪتاب ۽ پترا رکي، ڇاپي ۽ پڌرا ڪري، ۽ هُن جو حق آهي تہ مٿس بدناموسيءَ، الزام تراشي يا ٻيءَ ڪنهن ڳالھ جو ڪو ڪيس هلي، تہ ڪنهن خاص پريس حڪم نامي (آرڊيننس) هيٺ نہ پر ملڪ جي عام قانون هيٺ هلي، ۽ ٻيو تہ ڪنهن بہ ڳالھ جي ڇاپڻ ۽ پڌري ڪرڻ لاءِ هن کي سرڪار کان موڪل وٺڻي نہ پوي.

” حڪومت آزاد پريس کان سواءِ، يا آزاد پريس حڪومت کان سواءِ- اِنهن مان مون کي پوئين صورت پسند آهي“:

اِهو ٿامس جيفرسن جو قول آهي.

۽ آمريڪا ۾، جتي وڏ ۾ وڏ پريس جي آزادي آهي، آمريڪي سماج برباد ڪو نہ ٿيو آهي، ٽڪرا ٽڪرا ڪو نہ ٿيو آهي، اُن جو وجود ختم ڪو نہ ٿيو آهي.

اُتي جي ڪا بہ حڪومت صحافين کان مرعوب ڪا نہ ٿي آهي.

اُتي جيڪڏهن پريس جا رپورٽر سرڪاري رازن جي قانونن جي ڀڃڪڙي ڪن ٿا تہ اُنهن تي اِيئن ئي رواجي طرح ڪيس هلن ٿا، جيئن ساڳئي ڏوهہ ۾ ڪنهن عام شهريءَ تي هلڻ گهرجن.

آمريڪا جي آئين ۾ پهرين ترميم ڇڏي، بنهہ ٻي ترميم اِها ڪئي ويئي هئي تہ آمريڪا جي شهريءَ کي اظهار جي آزاديءَ جي ضمانت ڏني وڃي، پريس جي آزادي جنهن جو فقط هڪڙو ۽ فقط هڪڙو حصو آهي.

معموليءَ کان معمولي آمريڪي يا انگريز پريس رپورٽر جي اڳيان ڪيترن ئي نالي جي جمهوري ملڪن جا رپورٽر پاڻ کي بيوس ۽ مجبور محسوس ڪن ٿا، جڏهن هو ڏسن ٿا تہ ڪيئن ڪين هڪ آزاد شهريءَ جي بنيادي حق کان محروم رکيو وڃي ٿو، تہ جيئن هو ڏسن يا ٻڌن تيئن ئي خبر ڏين.

پر وڏي ڏک جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ هو سولائيءَ سان نڱجي، ڌڄي ۽ لالچ ۾ اچي، لئين لڳل ڪتي جي حالت کي پهچي وڃن ٿا، ۽ اِهو سڀ اِنهي ڪري، جو هو اڪثر پنهنجي اعليٰ مقصد جي تقدس کي وساري ڇڏين ٿا.

هو وساري ويهن ٿا اُهي لفظ جيڪي ڪئسيس، سيزر بابت چيا هئا:

”ويچارو غريب، هو بگهڙ هوند اصل نہ ٻڌجي ها، جيڪڏهن اسين پاڻ رڍون نہ ٻڌجون ها.“

۽ رڍون، ٿلهيون دنبيون رڍون، سدائين ڪُسجڻ جي ڪم جون هونديون آهن.

۽ سڀ کان افسوسناڪ ڪوس هِنن جي اخلاق جو ڪوس آهي.

--

# جديد لانڊري بمقابل مقدس لنگوٽي

ٻه هڪ اهڙو ماڻهو به هو، جنهن جي مغز ۾ گهڻا ترقي پسند خيال هئا.

هر روز صبح جو سج اُڀرڻ سان هن جي مغز ۾ هڪڙو نئون خيال جنم وٺندو هو، ٻه شام جو سج لهڻ سان هن جي مغز ۾ اهو ترقي پسند خيال مري ويندو هو.

ايئن، گهڻي وقت گذرڻ سان، هن کي ايئن ڏسڻ ۾ آيو ته هن جو مغز خيالن جو هڪ وڏو قبرستان بڻجي ويو آهي (جو ته فقط هو پاڻ ئي پنهنجي مغز کي ايئن تپاسي سگهيو ٿي).

هڪڙي ڏينهن هو پنهنجن خيالن جي هِن سؤ في صدي موت جي انگ تي اهڙو ته منجهي پيو، جو هن پڪو ارادو ڪيو ته ڪيس اُن لاءِ ڪجهه ڪرڻ کپي.

اِنهيءَ ڪري هن قسم کاڌو ته ٻئي ڏينهن صبح جو هن کي جيڪو پهريون خيال آيو، اُن تي هو عمل ڪندو ٻه پوءِ جمر- روڪ جا هو اهڙا ته جديد کان جديد طريقا استعمال ڪندو، جو هُن جي مغز ۾ ٻئي ڏينهن صبح جو ڪو نئون خيال ڄمي ئي نه سگهي.

اتفاق اهڙو ٿيو، جو ٻئي ڏينهن صبح جو پهريون خيال جيڪو هن کي آيو، سو هيءَ هو ته ڪيس پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪڙو جديد ڪپڙن ڌوئڻ جو ڪارخانو يعني جديد لانڊري، شروع ڪرڻ گهرجي.

اِنهيءَ ڪري پنهنجي اُڌمي کي نه رڳو جيئري رکڻ پر ٽپندي ڪڏندي ڏسڻ لاءِ، هُن سڀ پنهنجا گڏ ڪيل پئسا سيڙائي، گهربل قسم جون جديد ۾ جديد مشينون خريد ڪيون، ٻه ايئن هن جي ڳوٺ ۾، ڏسندي ڏسندي، هڪڙو فرسٽ ڪلاس ڪپڙن ڌوئڻ جو ڪارخانو لڳي ويو.

هِن معاملي ۾ هنجي آڏو ٻي هر ڳالهه بهترين صورت ۾ پيش ايندي رهي، سواءِ بلڪل هڪ معمولي ڳالهه جي، جيڪا هُن جي سڄي ڪاروبار ۾ رنڊڪ بڻجي رهي هئي.

۽ اُها ڳالهه هيءَ هئي ته هُن جي ڪارخاني ۾ ڪو ڪم، ڪو ڪاروبار، آيو ئي ڪو نه ٿي.

ڪو ڪم، ڪو ڪاروبار - اِن جي معنيٰ ته ’ڪو به ڪم‘، ’ڪو به ڪاروبار‘.

ڏينهن، هفتا ۽ مهينا گذري ويا، پر ڪپڙن ڌوئڻ جو ڪارخانو جيئن جو تيئن بيڪار بيٺو رهيو: اُن وٽ ڪو به ڪپڙو ڌوپجڻ لاءِ ڪو نه آيو.

پوءِ هُن جي مغز ۾ هڪڙو بيو خيال جمي پيو، ۽ اُهو هيءُ ته هن ڪي مارڪيٽ جي جاچ پڙتال ڪرائڻ گهرجي ته هن کي ڪاروبار آخر ڇو نه ٿي مليو!

مارڪيٽ جي تحقيقاتي ٽيم هن ڪان ڏاڍي وڏي رقم ڇڏائي، ڇو جو تحقيق جي ڪم لاءِ ڪين اُن جي گهرج هئي، ۽ نيٺ ٺاهي جوڙي هُن جي اڳيان رپورٽ آڻي پيش ڪيائون.

هنن جي تحقيق اِنهيءَ نتيجي تي پهتي هئي ته ڪپڙن ڌوئڻ جي ڪارخاني جي مالڪ پنهنجو ڪارخانو اهڙي ڳوٺ ۾ لڳايو هو، جيڪو ساڌو حضرات جو ڳڙهه هو، جن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي سر بنهه ننگا — پربت جهڙو دگران ساڌو هو.

۽ هِنن ساڌن پنهنجين مقدس لنگوٽين کي خودڪار طريقي سان پاڻ ئي ڌوئي ٿي ڇڏيو. — بوقت ضرورت - مقدس غسل ڪندي، انهيءَ وڏيڪ مقدس نديءَ ۾ جيڪا سندن پرسان وهي رهي هئي: ۽ اِنهيءَ ڪري اُنهن کي ڪنهن جديد ، دنيوي خودڪار مشين جي ڪا ضرورت ئي ڪا نه هئي.

تنهن جي معنيٰ ته مقدس ۽ غير مقدس، يعني پاڪ ۽ ناپاڪ، ديني ۽ دنيوي، يعني لنگوٽيءَ ۽ لانڊريءَ، جي وچ ۾ ڪو به سُ - بنڌ، ڪو به قدر مشترڪ، ڪو نه هو- رياضيءَ جو هيءُ مسئلو بس ايئن حل ٿيو!

--

# برائي جيڪا ماڻهو ڪن ٿا

”برائي جيڪا ماڻهو ڪن ٿا، اها سندن مرڻ ڪان پوءِ بہ رهي ٿي، چڱائي اڪثر ساڻن گڏ دفن ٿيو وڃي“ - هي لفظ شيڪسپيئر پنهنجي هڪڙي ناٽڪ ۾ هڪڙي ڪردار ڪان چوَرايا آهن.

اُن وقت پڪ ئي پڪ هو، برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي صاحبلوڪن ۽ ڪانئن پوءِ برٽش انڊين ايمپاير جي صاحبلوڪن بابت سوچي رهيو هوندو!

برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وارن ۽ ڪانئن پوءِ برٽش انڊين ايمپاير وارن ڪان جيڪا برائي سرزد ٿي، اُها هيءَ هئي تہ اسان لاءِ هِتي هُنن پريس جا اُهي قانون نافذ ڪيا، جن جي هو اُتي پنهنجي انگلنڊ ۾ رڳو ڳالهہ بہ نہ ٿي ڪري سگهيا.

اسين، جيڪي دعوا ٿا ڪريون تہ برٽش ’غلاميءَ‘ مان آزاد ٿيا آهيون، سي پنهنجي اُن ’آزاديءَ‘ ڪان پوءِ نہ رڳو اُهي پريس جا قانون پاڻ وٽ رکيو ويٺا آهيون، پر اُنهن ۾ اسان تمام وڏا اضافا بہ ڪيا آهن.

مثال طور، ڪو بہ انگريز - پوءِ هن پاڻ ڪي برٽش ايمپاير جي طاقت جي بنهہ چوٽيءَ تي ويهي ڪيڏو بہ ڪٽي سامراجي ’رابن هوڊ‘ سمجهيو هجي - ايئن سوچي بہ نٿي سگهيو، ۽ نہ اهڙي همت ئي ٿي سگهيس ٿي، تہ اهڙو ڪو قانون جاري ڪري جنهن موجب پريس جي هڪ اڻچاڻ ڪان اڻچاڻ ۽ بلڪل اڻ پڙهيل پيپرڪٽر ڪي بہ اُن پريس ۾ ڪنهن ڇپيل مواد جي ذُوهہ جو ذميوار سمجهيو وڃي، جيڪو سرڪار جي ڪنهن عملدار جي نظر ۾ ’باغيانہ‘ مواد هجي.

ڪو بہ انگريز، پوءِ هو ڪيڏو بہ ڪٽي ڪروڌي ۽ غصي بازي هجي ها، اهڙي ڪنهن قانون جي نافذ ڪرڻ بابت هرگز سوچي نٿي سگهيو تہ جنهن ماڻهوءَ وٽ ڪي ڇاپي جي ٽائيپ جا داڻا هجن، تہ اُهو انهيءَ الزام ۾ جهلجي سگهيو ٿي، تہ هن وٽ ’ڇاپڻ جا وسيلا‘ موجود هئا!

اسان جو پريس آرڊيننس ويسهہ ۾ نہ ايندڙ ۽ ’عقل کي عاجز ڪندڙ‘ اهڙين ڳالهين سان ڀريو پيو آهي.

اهڙيءَ طرح، ٻين معاملن ۾ بہ جيڪا بندش يا رنڊڪ برٽش سرڪار جي ڏينهن ۾ اسان جي مرضيءَ تي يا اسان جي آزاديءَ تي پيل هئي، اها نہ رڳو اسان جيئن جو تيئن، اُن جي اصلوڪيءَ ۽ سالم صورت ۾ قائم رکي آهي، پر اُن کي پنهنجي طرفان گهٽو ڪجهہ وڌايو بلڪ 'سڌاريو' آهي!

هر سياسي پارٽيءَ، جيڪا هيلتائين اقتدار ۾ آئي آهي، اُنهن غير جمهوري ڪارن قانونن کي اوچي آواز ۽ صاف لفظن ۾ نِنديو آهي، ۽ پوريءَ طرح پاڪباز بڻجي واعدو ڪيو آهي تہ اقتدار ۾ اچڻ سان پهريون ڪم هوءَ ڪارن قانونن کي ختم ڪرڻ جو ڪندي.

۽ اُنهيءَ ئي گهڙيءَ، جڏهن اُها اقتدار ۾ آئي آهي، اُن اُهي ساڳيا ڪارا قانون پوريءَ خبرداريءَ سان نہ رڳو جاري رکيا آهن، پر انهن کي ڪاري ڪان وڌيڪ ڪارو ۽ وڌ ڪاري ڪان وڌ ڪان بہ وڌيڪ ڪارو بڻايو آهي.

ڇا، اسين ايئن چئي سگهون ٿا تہ ڪنهن بہ طرح، ڪنهن بہ طرح، اسين جيترا 14 آگسٽ 1947ع کان اڳ آزاد هئاسون، اُن کان اڄ وڌيڪ آزاد آهيون. - فرد جي آزاديءَ جي صورت ۾، انساني سهپ ۽ رواداريءَ جي صورت ۾ سماجي ديانتداريءَ ۽ اخلاق جي صورت ۾؟

ڇا، عملي طرح، اسان پنهنجو سڄو انساني تعليم ۽ تربيت جو سرشتو نابود نہ ڪري ڇڏيو آهي؟

ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن کي اسان ڇهيو آهي ۽ اُها بگڙي بدشڪل نہ بڻجي ويئي آهي؟

ڇا، اسان وٽ قانون جي حڪومت بدلجي، خاص قانون جي حڪومت ڪا نہ ٿي ويئي آهي، ۽ قاعدو قِري ڪروڌ ۽ انتظام بدلجي انتشار نہ ٿي ويو آهي؟

# ڳ ٽ ب

هيءَ آهي ڳ ٽ ب.
ٻيو ڪجهه نه.
بس، ڳ ٽ ب.
هيءَ نه ڄا آهي، نه ڄ ع ا ۽ نه ڄ ع ب، ۽ نه پ ق ا.

برابر، هيءَ پڙهي نٿي سگهجي- اُچاري نٿي سگهجي. ڇو ته هن ۾ سڀ حرف صحيح آهن ۽ ڪو به حرف علت ڪونهي: نه نه، هيءَ ڪا گار به ڪانهي.

انگريزيءَ ۾ اهڙا گندا لفظ چئن حرفن جا هوندا آهن. اسان وٽ ته اِهي ٻن، ٽن، حرفن جا ئي ٿين ٿا. پر هيءَ ڪا اهڙي نه- حرفي گٽل ڳالهه به ڪانهي.

ان جي بلڪل ويجهي برابر آهي- ڪو هٽ ٻن جو بلڪ هڪ ٻن آڱرن يا ٻنهه ڪو ننهن اڌ جو ويڇو ٿي سگهي ٿو.

"ته پوءِ هيءَ ڇا آهي؟"

ڇا آهي؟ اِهو اوهين ٿا پڇو!

ڇا، پنهنجي ڪنڌ تي سوار اوهين ڪا شيءَ ڪا نه ٿا ڏسو! ٽورو هٽ سوري، هينيرو ڪرنگهي تي ته آٽيو! ڪيئن، اوهين اِتي ڪا ڳ ٽ ب محسوس ڪريو ٿا! ڇا، اڃا به اوهين پڇو ٿا؟

اڙي ميان معصومؤ، اِها اَٿو ڳ ٽ ب - ڳاٽي ٽوڙ بجيٽ. پلا، اوهين محصول پرينڊڙ نه آهيو ڇا! ته پوءِ ته اِها اوهان جو ڳاٽو نه پڇندي، ته ٻئي ڪنهن جو پڇندي!

ڇون ٿا ته جمهوريت نالو آهي جاگيرداريءَ ۽ سرمايه داريءَ جي خلاف بغاوت جو- يعني ملڪيت داريءَ جي خلاف بغاوت جو. پوءِ جتي مقدس ملڪيت ايتري مضبوط هوندي. اُتي اُن جو اِهو فرض ته اول آهي، ته پاڻ کي اُڪرڻ ۽ پاڙان پٽجڻ کان بچائي! ۽ ملڪيت وٽ جمهوريت کان بچڻ جو رستو اِهو ئي ته آهي، ته اُن کي هُش هُش ڪري، جهُڪائي، نڪ ۾ نوڙي ۽ پُنيءَ تي پلاڻ وجهي، ڪِنجهندي هلڻ جيترو بار لڏي ڇڏيس!

ڪنهن جي پٺي يا ڳاٽو اِيئن ئي تہ ٽوڙبو آهي!

پوءِ جمهوريتِ هوندي شتر بامهار وانگر مهار جي ٻيءَ پڇڙيءَ ڪي پهچڻ ۾ پوري- ۽ تيتر اُن جي پٺيءَ جو ڪرنگهو ڀڳو نہ، تہ بہ سنئون سڌو ٿي، پيٽ سان پڪ لڳو رهندو- تان جو سياري جي مستيءَ ۾ عليل اُٺُ جت ڪي ڪنڌ ۾ چڪ هڻي، ڪيرائي، گوڏن هيٺان ڏيئي، مهار جون ٻيئي پڇڙيون ملائي ڇڏيندو آهي!

مهارداريءَ وانگر ملڪيت داريءَ جي سلامتي بہ فاصلي تي آهي- مهار جي ٻن پڇڙين جي فاصلي تي- يعني ملڪيت، مُلڪَ ۽ ملتَ ٽنهي جو مالڪ، جنِ جي سلامتي ۽ بچاءُ هن جو پهريون فرض: ۽ تيسين محصول پريندڙ مسڪينَ اُهي ئي ڪائين ميڙڻ ۽ پاٽي پرڻ ۾ پورا - ڍَوَ جا ٽِٽ ۽ بُک جا چَڪ، سُک ۽ سورَ، هوند ۽ اڻهوند جا فاصلا... فاصلا... فاصلا...

۽ اُنهن جي وچ ۾ هيءَ نڪ جي نوڙي - هيءَ ڳ ٽ ب - ڳاٽي ٽوڙ بجٽ: پر 'بجيٽ' انگريزي لفظ آهي. اوهين چاهيون تہ پلي اِن کي 'بلا' بہ چئو!

--

# پاڪستان ۾ پنگلن لاءِ موٽرون

اخبارن ۾ اعلان ٿيو هو تہ پنگلن ماڻهن کي اجازت ڏني ويندي تہ هو پنهنجي استعمال لاءِ خاص موٽرون ٻاهران درآمد ڪن: اُنهن تي ڪائنٽ ڪسٽم ڊيوٽي يعني درآمدي محصول ڪو نہ ورتو ويندو. اُن لاءِ ڪين صلاح ڏني ويئي هئي تہ هو اِنهي قسم جي درآمدي پرمٽ يعني اجازت نامي لاءِ درخواستون ڪن.

اُنهن مان ڪن ڪراچيءَ مان بہ درخواستون موڪليون. جن کي هاڻي چيو ويو آهي تہ درخواست ڪندڙن جي حيثيت ۾، هو راولپنڊيءَ ۾ هڪڙي ميڊيڪل بورڊ جي سامهون پاڻ کي پيش ڪن.

اِنهيءَ کي چئبو آهي – ”منهنجو ٿو وڃي ساهہ ۽ تو کي لڳو آ چرچو.“

پنگلا ماڻهو ويچارا اڪثر پنهنجن گهرن ۾ ئي اٿڻ ويهڻ کان هلاڪ هوندا آهن.

ڪنهن جي سهاري کان سواءِ هو ٻاهر تہ ٻنهہ چُري ئي نہ سگهندا آهن.

هنن کي سهوليت جيڪا ملي سا تہ ملي، پر مرڳو هنن کي هدايت ٿي ٿئي تہ هلو، هلي، راولپنڊيءَ پاڻ کي بورڊ وٽ پيش ڪيو، تہ اوهان جي تپاس ٿئي، تہ اوهين سچ پنگلا آهيو يا نہ، جڻ هي پنگلا نہ آهن، ڪي ڪسرتي پلٽيباز جوان آهن!

جنهن کي ڪو ٿورو بہ هوش هوندو.- بشرطيڪ هو هڪ سنگدل حيوان نہ آهي- اُهو اِنهيءَ ڳالهہ کان هرگز بي خبر نٿو رهي سگهي تہ راولپنڊيءَ جي مسافري هڪڙي پنگلي ماڻهوءَ لاءِ سهڻ کان ٻاهر عذاب ثابت ٿِي سگهي ٿي.

پهرين تہ هُن کي هِتان هڪڙو خِدمتگار پاڻ سان وٺي وڃڻو پوندو، ٻيو تہ هن کي خبر نہ آهي تہ ڪيترو وقت اُتي ڪنهن هوٽل ۾ رهڻو پوي، ۽ پوءِ هُن کي پنهنجو پاڻُ اهڙن ڪن مراقبي ۾ ويٺل مقدس شخصن وَٽ پيش ڪرڻو پوندو، جيڪي فيصلو ڪندا تہ هو موٽر جي پرمٽ جو حقدار آهي يا نہ، ۽ آخر ۾ هن کي وري اُهو ساڳيو سفر جو عذاب سهي، واپس موٽي، گهر ۾ اچي مرڻو بہ آهي.

قومي نقطي نگاهه کان ڏسجي، ته هيءَ جيڪڏهن اذيت پسندي نه، ته به بيپرواهيءَ ۽ حماقت جي حد ته ضرورت آهي.

چا، ايئن نٿو ٿي سگهي ته پنگلي ماڻهوءَ جي شهر جا ٻه يا ٽي ڊاڪٽر مقرر ڪيا وڃن ته هو ڪيس تپاسي، هُن جي پنگلائيءَ جي تصديق يا ترديد ڪن!

پوءِ، هيءُ پنگلن ماڻهن سان ايڏو جديد قسم جو سياسي چرچو چا لاءِ؟

چا، خود هُنن جي پنگلائي هُنن لاءِ گهٽ عذاب آهي! اُن ۾ هيءُ اضافو چا لاءِ؟ هُنن تان هيءَ ٺٺول چا جي؟ هُنن ڪي هتان ايتري پنڌ تي راولپنڊيءَ گهرائڻ متن ٺٺول نه آهي ته ٻيو چا آهي؟

نوڪر شاهيت ڪي ذليل ٿي، ايتريءَ بي حسيءَ ۽ بداعماليت جي حد تائين پهچڻ نه گهرجي.

او، 'صحت' جي وزارت جي البيلي خاتون، ڪجهه عقل ڪر، ههڙا جگر خراش چرچا ته نه ڪر!

--

# ٻيو ڪو احمق شهنشاهه نٿو ٿي سگهي

۽ اِيئن هڪڙو ملڪ هو، جنهن جو هڪڙو شهنشاهه هو.

هِن شهنشاهه پنهنجي سموريءَ ڪوشش سان هيءَ ڳالهه هُلائي ڇڏي هئي ته هو سيني حڪمرانن ۾ ڏاهي کان ڏاهو حڪمران هو.

معصوم ٻارن جا درسي ڪتاب اِنهيءَ خبر سان ڀريا پيا هئا ته هُنن جو شهنشاهه وڏو ڏات ڌڻي هو.

سئنيمائن ۾ اوچتو اوچتو پردي تي سلائيڊ سامهون اچي بيهندي هئي، جنهن تي لکيل هوندو هو، ”اسان جو شهنشاهه ڏاهپ ۾ اڄ جو افلاطون آهي.“

ديس کان ٻاهر پرديس ۾ به ڳالهه ديس جي نه، ۽ ديس جي ماڻهن جي به نه، پر رڳو شهنشاهه ۽ هُن جي عقل جي ٿي هُلي.

ايتري ۾ به سيلاني شهنشاهت ۾ سير لاءِ آيا، ۽ اچي ڏٺائون ته سواءِ محصولن، ڦيٽاڙي، نراسائيءَ ۽ اوندهه جي، ملڪ ۾ ۽ ماڻهن وٽ ٻيو ڪجهه ڪو نه هو- پر تڏهن به ويچارا ڀاڳ-ڦٽا ماڻهو ڪٽن تي پيل بيمارن جيان مُنهن تي زورائتي کِل ۽ اکين مان ڳوڙها وهائيندي، سيلانين جي آجيان ڪري رهيا هئا، ۽ ڏاڍيان ڏاڍيان اُنهن کي ٻڌائي رهيا هئا ته ”اسان جو شهنشاهه- ڌڻي هُن کي سلامت رکي- وقت جو بقراط آهي.“

سيلاني جڏهن ڪجهه پنهنجي مُنهن اڪيلا ٿيا، تڏهن منجهانئن هڪڙي هيڏانهن هوڏانهن نهاري، ٻئي کي چيو ته ”يَار، ڳالهه ته ٻُڌ، شهنشاهه ته احمق آهي!“

پوءِ اُنهيءَ گهڙيءَ هو جهلجي پيا ۽ هڪڙي ٽي بٽڻ پاتل پوليس واري، جيڪو اُنهن جي پٺيان لِڪو بيٺو هو، هنن کي وٺي آٽي ڪورٽ جي اڳيان بيهاريو.

”پر اسان ايئن ته ڪو نه ٿي چيو ته ’اوهان جو شهنشاهه احمق آهي‘!“ هنن بچاءَ ۾ دليل ڏنو.

وڏو سرڪاري وڪيل ٽپي ٻاهه ٿي ويو، ”ٻيو ڪو احمق شهنشاهه نٿو ٿي سگهي!“ هن ڏند ڪُرٽيندي، زورائتي رڙ ڪئي.

# تعجوب...... تعجوب ...... تعجوب!

۾ ايئن پڙهيل بدمعاشن جي هڪڙي ٽوليءَ جو هڪڙو اڳرو شخص هو، جن جي سڄي جيئڻ جو مدار ئي ان تي هو ته هو پنهنجن پوئلڳن کي جنوني، مَسَهُو ۽ اجاڻ رکندا هئا.

هن لعنتي ٽولي جي هن اڳري شخص جي من ۾ هڪ ڏينهن هڪڙو اهڙو حرامپائيءَ جو ريچڪ اٿيو، جو سامهون چپ چاپ بيٺل پت جي هڪڙي ڪاري سوراخ ۾ ڪٽي پنهنجي ڏسٽي آڱر وڌائين. اُنهيءَ ڪاري سوراخ ۾ هڪڙو ڪو هوڏِي وڇون هو، جو جڻ اهڙيءَ ئي ڪنهن آڱر جي تاڙ ۾ ويٺو هو.

جڏهن لعنتي پڙهيل ٽولي جي اُن اڳري شخص جي آڱر سوراخ ۾ ڪجھ اندر ٿي، ته پٽر دل وڇونءَ ڇا ڪيو، جو وراڪو ڏيندي، پوري زور سان اُن ۾ اهڙو ڏنگ هڻي ڪڍيائين، جو الله ڏئي ٻانهون سهي.

جيئن باهه مان آڱر ٻاهرِ ڪڍي وٺبي آهي، تيئن لعنتي پڙهيل ٽولي جي هِن اڳري شخص پنهنجي آڱر اُتان ٻاهر ڪڍي ورتي.

۾ سور پي، پنهنجي هنئين ڦاڙ چيخ، اندر ئي اندر ۾ ڳهي ويو، ڇو ته سندس ئيِ ٽولي جا ٻيا ماڻهو اُن وقت اُتي هن جي پرسان بيٺا هئا.

اُنهيءَ ڪري، سور ڪان زورائتي چيخ ڪرڻ بدران، "تعجوب، تعجوب، تعجوب" جي ڊگهي رڙ هن جي وات مان نڪري ويئي.

هن جي پرسان بيٺل بدمعاشن سمجهيو ته هو ڇوي پيو، "تعجب! تعجب! تعجب!".

اِنهيءَ ڪري، ٻُڪيُن اکين ۾ چمڪ آٽي، هو هُن ڪان پڇڻ لڳا، "اهڙي کهڙي تعجب جي ڳالھ آهي!"

اُنهن نگن ۾ پنڌارين جي اُن لعنتي ٽولي جو اُهو اڳرو شخص به پنهنجي نالي سان هو، سو هُن اُنهن پنهنجن جوڙيوالن سان سچي ڪا نه ڪئي ته کو وڇونءَ ڪيس ڏنگيو هو!

ڇاڪاڻ ته سچ ڳالهائڻ اُنهن جي روايتي ڏنيبازيءَ ۽ منظم بدمعاشيءَ جي طئي ٿيل اخلاقي ضابطي جي خلاف ڳالھ هئي.

اُنهيءَ ڪري، سچو سُور پي، ”تعجوب.... تعجوب..... تعجوب“ جي رڙاٽ ۾ هو رڳو اُنهن کي هيترو چئي سگهيو ”سوراخ ۾ آڱر وجهي ڏسو، سوراخ ۾ آڱر وجهي ڏسو!“

اُن تي هن جي نائب بدمعاش، وڏي شوق سان هڪدم پنهنجي آڱر ڪٽي سوراخ ۾ وڌي.

سوراخ ۾ ويٺل وڇونءَ بہ اُن اڻ ڪوٺيل مهمان جي ستت آجيان ڪندي، پوري شوق سان فوري طور هڪ عدد اهڙو ڏنگ وهائي ڪڍيس، جو سڄي بت مان چرڙاٽ نڪري ويس.

بدمعاش ٽولي جي نائب بدمعاش پنهنجي اڱواڻ جيتري بہ دير ڪا نہ ڪئي- بنهہ بجليءَ جي تيزيءَ سان آڱر ڪڍي ورتائين. هُن جي وات مان بہ اُهائي، ”تعجوب، تعجوب.... واقعي، تعجوب....“ جي رڙ مٿان رڙ پئي نڪتي.

”چا، واقعي اهڙي ڪا تعجب جي ڳالهہ آهي؟“ هنن جي اضافي نائب بدمعاش پڇيو.

”بي ڳالهہ نہ پڇو!“ نائب بدمعاش رڙ ڪئي، ”بس تعجوب، تعجوب.....“

ائين سوچيندي تہ ضرور اهڙي ڪا عجب جهڙي ڳالهہ آهي، هن اضافي نائب بدمعاش بہ پنهنجي آڱر ڪٽي سوراخ ۾ وڌي.

تاريخ هڪدم پاڻ کي دهرايو ۽ هڪ ئي ”تعجوب....“ جي دهشتناڪ رڙ سان هن پنهنجي ڏنگيل آڱر پوئتي ڇڪي ورتي.

اهڙيءَ طرح هيءُ سچو ٽيٽ مڪڙن جو سست دماغ ٽولو ڏنگجي، وڃي پورو ٿيو. پر اُنهن مان ڪنهن هڪڙي بہ ٻئي کي پنهنجي اُن ’تعجوب‘ جي ’تعجوب‘ ڪان وڌيڪ ڀيو ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو!

پر ڏنگن جي زهريلي سور ڪان هو سڀ ايترا پئي هيٺ مٿي ٿيا، جو سوراخ ۾ اندر ويٺل وڇونءَ جو منهن کِل ۾ سچو ٻڏو پيو هو!

--

# گهوڙي جي شرط ماٺهوءَ تي

خبر ۾ اِها ڪا خبر وڏي خبر ڪانهي، تہ توهان غلط گهوڙي تي شرط رکي.

اهڙيون ڳالهيون پراڻيون ڳالهيون آهن.

اڪثر، اڪثر، اسين غلط گهوڙن تي شرطون رکندا آهيون- ڇو تہ ڏسڻ ۾ اُهي غلط گهوڙا لڳندا ئي نہ آهن.

ڏسڻ ۾ اُهي غلط گهوڙا لڳندا ئي نہ آهن.

ڏسڻ ۾ اُهي صحيح گهوڙا لڳندا آهن.

توهان ڪي اهڙو ماڻهو ڪو سُجهي، جيڪو گهوڙي ڪي غلط گهوڙو سمجهي بہ، اُن تي شرط رکي؟

نہ، توهان ڪي اهڙو ماڻهو ڪو نہ سُجهندو.

جي گهوڙن جي نسل جو ڪو پارکو بہ اسان کي ٻڌائيندو تہ جنهن گهوڙي تي اسين شرط ٿا رکون، اُهو غلط گهوڙو آهي، تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ اسان کي اُهو گهوڙو بلڪل صحيح گهوڙو لڳندو.

تڏهن ئي تہ اسين اُن تي شرط رِکون ٿا، ۽ پوءِ پڇتايون ٿا- ۽ بيحد پڇتايون ٿا، اَنُودي ڪڏهن ڪري ٿا پئون ۽ اُهي نتيجا ڏسون ٿا، جيڪي اسان جي اولاد جي اولاد کي پيو ڀُڳتا پون ٿا- ايندڙ جُڳن تائين.

ڪڏهن تہ اسان جي شرط وارو گهوڙو پاڻ ئي اسان کي ٻڌائي ۽ چِتائي ڇڏيندو آهِي- پوريءَ سچائيءَ ۽ ڏاڍيءَ صفائيءَ سان.

اُهو جڻ اسان کي اول ئي چئي ڇڏيندو آهي تہ ’مون تي شرط رکندا تہ ڪڏهن ڪرندا‘.

پر ٻين گهوڙن ڊوڙائيندڙن جي ٻَپين تي، جن جي ڪَٽڻ جو مدار ئي اوهان جي هارائڻ تي هُوندو آهي،

۽ چاڪاڻ تہ اُهو فيصلو وري بہ اوهان جو پنهنجو ئي فيصلو سوندو آهي، اوهين ٻين گهوڙن ڊوڙائيندڙن کي ڪو ڏوهہ بہ ڪو نہ ڏيئي سگهندا آهيو، جن ڪنهن طرح اوهان کي غلط گهوڙي جو ڏس ڏيئي، پڪ ڪري ڇڏي هئي تہ اوهين اُن تي ئي شرط ٻڌندا.

اوهين پوءِ اهڙا تہ مُنهن جا پَڪا ٿي ويندا آهيو. جو اوهان ۾ اُها همٿ بہ نہ رهندي آهي، جو ڪٿي چئو تہ 'افسوس آهي، اسان غلط گهوڙي تي شرط هنئي!'

پر، اوهين اِيئن چئو بہ ڪٿي، تہ بہ اُن چوڻ سان پوءِ ڇا ٿو ٿي سگهي!

ٻيا گهوڙا ڊوڙائيندڙ، جن ڪنهن طرح اوهان ڪان ايئن غلط گهوڙي تي شرط هڻائِي، اُهي تہ اوهان کي اُلو بڻائي، سڀ ڪٺي ويا، ۽ اوهين اُتي ئي وات ڦاڙيو، سڄيءَ دنيا لاءِ سبق بڻيا بيٺا رهيا! ۽ اُهو سڀ رڳو اِنهيءَ ڪري ٿيو، جو اوهان غلط گهوڙي تي شرط ٻڌي، ۽ سچ پچ تہ صحيح گهوڙي سان زيادتي ڪيوَ، جو اُن تي شرط نہ ٻڌيوَ.

بس، سنئين سڌي منطقي ڳالهہ اِها آهي.

پر اُن ڪان بہ وڏو آزار اوهان لاءِ تڏهن اُٿندو آهي، جڏهن غلط گهوڙو اوهان لاءِ فيصلو ڪندو آهي تہ اُن تي اوهين نہ پر اوهان تي اُهو شرط رکي!

"ڪهڙي نالائق تو کي چيو تہ تون اسان تي شرط رک!"

"مون پاڻ."

"پر گهوڙا هوندا آهن تہ اُنهن تي شرطون رکجن.... ۽ هيءَ ڳالهہ اُن جي اُبتڙ!"

"هائو، هِتي سڀ ڳالهہ اُبتڙ آهي."

"پر، تہ بہ ٻڌاءِ تہ سهي، تنهنجا ارادا ڪهڙا آهن؟" "ٻين گهوڙن جي ارادن کان اُبتڙ."

"اُن جي معنيٰ؟"

"اُن جي معنيٰ اِها تہ آءٌ اوهان تي شرط رکان- پوئتي هلڻ جي شرط!"

"پوئتي هلڻ جي شرط!؟"

"هائو، پوئتي هلڻ جي- پوئتي کان پوئتي هلڻ جي." "تون ڏاڍو ڪو عجيب گهوڙو ٿو لڳين!"

"اُهو تہ آئون آهيان، سو تہ آئون آهيان. ۽ توهان کي بہ تہ پوئتي هلڻ جو شوق آهي نہ؟"

"پر بہ، ڇا جي ڪري تون اسان تي اِها شرط ٿو رکين؟"

”ڇا جي ڪري؟ اول ته اوهان پاڻ ئي غلط گهوڙي تي شرط رکي هئي نه؟“

”ڪهڙي گهوڙي تي؟ اُن جو نالو ڇا هو؟“

”اُن جو نالو اوهين ڄاڻو ٿا - ’نفرت‘!“

”۽ تنهنجو ڀلا نالو ڇا آهي؟“

”منهنجو نالو آهي — ’قسمت‘!“

--

# حبشي حلوو

]هڪڙي سادي سودي آکاڻي، جيڪا شفيع بٺنکر ليکڪ کي نئين ڪري ٻڌائي[

گهڻا گهڻا ڏينهن اڳ، هڪڙي ملڪ جا ماڻهو پنهنجو بادشاهه ڏاڍي سولي، سڌي، نموني ۾ چونڊيندا هئا.

جڏهن به هنن جو بادشاهه مرندو هو، ته ٻاهران جيڪو پهريون ماڻهو سندن شهر جي دروازي مان لنگهي اندر ايندو هو، اُن کي هو پنهنجو بادشاهه بنائي ڇڏيندا هئا ۽ جيسين اُهو جيئرو هوندو هو، تيسين اُن جي حڪمن جي هو پوري پوري تابعداري ڪندا هئا.

اُنهيءَ طرح، هو عام چونڊن، محلاتي سازشن ۽ جاءِ نشينيءَ جي جهنجهٽن کان سدائين ڇٽا پيا هوندا هئا.

هڪڙي ڏينهن، سندن بادشاهه سلامت جي فوت ٿي وڃڻ تي، جيڪو پهريون ماڻهو سندن شهر جي دروازي مان لنگهي اندر وڙن آيو، اُهو هڪڙو ڪو بکيو پينڙاڻ هو، جنهن جي سڄيءَ عمر جي سڌَ هئي ته هڪ دفعو پيٽ ڀري ڪڏهن حبشي حلوو کائي ڍؤ ڪري.

"حضور بادشاهه سلامت جن پنهنجو وڏو وزير ڪنهن کي مقرر ڪرڻ پسند فرمائيندا؟" تعظيمي سجدا بجا آڻيندي، هن کان پڇيو ويو.

"منهنجو وڏو وزير اهو بڻبو، جيڪو بهترين حبشي حلوو ٺاهي ڄاڻندو."

"۽ عالم پناهه، حضور جا ٻيا وزير؟"

"اُهي به حبشي حلوي جي ٺاهڻ جا ڪاريگر هئڻ کپن."

"حضور، ٻين معاملن بابت به ڪو حڪم آهي؟"

"نه، مان هڪ ئي ڳالهه ٿو ڄاڻان ته حبشي حلوو سڀ ڪجهه آهي."

"بجا ارشاد، ٻڌو سون ۽ مڃيوسون، بس ايئن ئي ٿيندو"، هنن چيو.

۽ پوءِ شاهي دربار جا سڀيئي نؤرتن ۽ اُنهن جا نائب ۽ نائبن جا نائب ۽ اُنهن جا ننڍا نائب مڙيئي حبشي حلوي جا ماهر حلوائي اچي گڏ ٿيا.

۽ ڳالهه سڄي ملڪ ۾ هلي ويئي.

پوءِ جيڪو تيڪو ۽ سيئي، جيڪي هر قسم جو پيو حلوو کائي ڪڪ ٿي پيا هئا ۽ حلوو هنن کي پاڻءَ ڪو نہ ٿي پيو ۽ حلوي جي نالي ٻڌڻ سان هنن کي اوڪارا ٿي آيا، اُهي بہ ٽپ ڏيئي حبشي حلوي جي گاڏي ۾ چڙهي وينا ۽ اُن جي عالمي اوصافن جا گيت ڳائڻ، نعرا هڻڻ ۽ هوڪا ڏيڻ لڳا.

جنهن بہ ڪجهہ تيڻ چاهيو ٿي، تنهن هڪڙي هٿ ۾ حبشي حلوو ٿي کنيو ۽ ٻئي هٿ ۾ اُن جي صفت ۾ ساراهہ جا پترا ۽ ڪاغذ ٿي جهليا، ۽ اڳتي ٿي آيو.

اخبارن جو ڪو ايڊيٽوريل يعني ادارتي نوٽ تيسين پورو نہ ٿي ٿيو، جيسين اُن ۾ حبشي حلوي جي خوبين جو ذڪر نٿي ٿيو. اديب، ليکڪ ۽ ريس ڪورس جا رپورٽر گهوڙي سوارن تي ۽ خود گهوڙن تي حبشي حلوي جي پوريءَ خوراڪ جا اثر بيان ڪرڻ لڳا. سئنيمائن ۾ فلمي آڪاٽيون ۽ انهن جا پلاٽ حبشي حلوي جي رنگ، ذائقي، سرهاڻ ۽ هاضمي جي هلڪاڻ تي رٿجڻ ۽ بيان ٿيڻ لڳا.

”چو تہ اسين بہ وڏي وچ ۾ بيهون ۽ انبوهہ جا اڳواڻ بڻجون!“ دانشورن سوچيو، جن کي ڪالهہ تائين حبشي حلوي جي بي مثل مٺاڻ جي ڳالهہ ٻڌڻ سان آت ٿي آيا.

اِيئن، ”هو ڏسو - هي هي آسمان جا تارا بہ تہ حبشي حلوي جا ٿهيل آهن!“ فلڪيات جي ماهرن رڙ ڪئي.

”اسان جي هن ڌرتيءَ جو ڳپ بہ حبشي حلوي جو جڙيل آهي“، ارضيات جي عالمن اعلان ڪيو.

”ڪيميا جو اثر حبشي حلوي جي ملاوٽ ڪان سواءِ بي معنيٰ شيءِ آهي“، علم ڪيميا جي ڄاڻن چيو.

اقتصاديات جي عالمن ظاهر ڪيو تہ ”جڏهن حبشي حلوي جي در آمد بر آمد ۾ توازن پيدا ٿيندو، تڏهن حلوانيا ۾ خوشحاليءَ جو دور ايندو ۽ هر ڪنهن کي پيٽ ڀري حلوي کائڻ ۽ شڪر ڪرڻ جو موقعو ملندو.“

حياتيات جي عالمن پڌرائي ڪئي تہ ”حبشي حلوو ئي حياتياتي جوهر جو اصل مادو آهي.“

”سڀ ڪان مجرب ۽ يڪ ٽڪ علاج ٽي - بي، ڪئنسر ۽ ذيابيطس جو حبشي حلوو آهي“، شاهي طبيب پڙهو گهمايو.

پوئتي نہ پوندي ۽ هار نہ مڃيندي، شاهي جراح هوڪو ڏياريو تہ ”هر قسم جي جراحت (آپريشن) کان پوءِ پيدا ٿيندڙ هر تڪليف، ايذاءَ ۽ خرابيءَ جو آزمايل بچاءُ حبشي حلوو آهي ۽ ٻيو تہ حبشي حلوي جي آڏو هاٽوڪا سيڪ برقي ۽ ريڊيائي علاج جا طريقا بي اثر ۽ بيڪار ثابت ٿي چڪا آهن“.

”حبشي حلوو اکين جي ڪڪري کي ۽ پڻ ڪاري پاٽيءَ کي ايئن ٿو ڳاري ڇڏي، جهڙو جادو!“ اکين جي ماهر سرجن اعلان ڪيو.

”گهر؟ هائو، دلپسند ۽ آرامده گهر - سيمنٽ ۾ اوترو ئي حبشي حلوو ملائي اوساري ڪٽڻ سان جهٽ پٽ سستو اڏي سگهجي ٿو“، ماهر عمارت سازن اِها پڌرائي ڪئي.

۽ وسري ويل فنڪار ۽ مصور، جيڪي پاڻ کي بدلائي خوش رقم ڪاتب بڻجي پيا هئا، تن ’حبشي حلوي‘ جي ٻن لفظن جي صورت کي ڦيرائي گهيرائي، اُنهن جي اهڙي تہ انگڙ ونگڙ، حبشي طرز جي نقش نگاري ڪئي، جو خود حبشي حلوي کان بہ وڌيڪ اُهي فنڪار پاڻ سيني جي ڏيان جا مرڪز بڻجي پيا.

فيلسوفن جي قلم مان، جيڪي بدلجي حلويسوف ٿي پيا هئا، سوين مضمون، ڪتاب ۽ ڪتابچا نڪرڻ شروع ٿي ويا ۽ نڪرندا رهيا.

”نظريي اضافت جو جامع - دائرائي اصول فقط تڏهن پوريءَ طرح سمجهي سگهبو، جڏهن حبشي حلوي جي ڇڄي ڏار ٿيل ذرات جي آزاد ۽ اجهل عملي ڪيفيت جو بغور مطالعو ڪبو!“ حلوانيا جا اعليٰ ماهر طبيعات چوڻ لڳا.

”رنگين فوٽو گرافن جي رنگ ۾ چمڪاٽ آڻڻ لاءِ حبشي حلوو بهترين ڪم ڏئي ٿو“، فوٽو گرافرن پنهنجي تجربي جي ڳالهہ ٻڌائي.

”حبشي حلوي کان ٿي - ويءَ ۽ سئنيما ۾ حسن آرائيءَ ۽ حسن افزائيءَ جو بهترين ڪم وٺي سگهجي ٿو“، حسن سازيءَ جي ماهرن تجربي جي بنياد تي اِها پنهنجي ماهرانہ راءِ ڏني.

”انسان ذات لکن سالن جي جاڪوڙ کان پوءِ نيٺ حبشي حلوي جي صورت ۾ ٿوڙهہ تي وارن ڄمڻ جو علاج ڳولي لڌو آهي“، سڪيءَ پاڪيءَ سان متن ڪوڙيندڙن ۽ جديد ماهر گيسوڪارن پنهنجي ڄاڻ ۽ مهارت جي شهرت لاءِ پترا ۽ هئنڊبل ورهايا.

ٿورن لفظن ۾ هيئن چئجي ته انساني زندگيءَ، انساني فڪر، انساني کوجنا ۽ ايجاد جو ڪو هڪڙو به اهڙو پاسو ڪو نه هو، جنهن ۾ حبشي حلوي جي عمل، دخل، هاڪ ۽ ڌاڪ موجود نه هئي.

۽ اُن سڀ لاءِ ظاهر هو ته حلوانيا جا رهواسي پنهنجي بادشاهه سلامت جا شڪر گذار هئا، جنهن ڪين حبشي حلوي جي دور سان اِيئن روشناس ڪرايو هو.

۽ هوڏانهن عاليجاهه حضور بادشاهه سلامت هو، جنهن پنهنجي ڳالهه ڪا ڪانه ٿي ڪئي، پر سڄي ساراهه حبشي حلوي جي پئي ڪئي ۽ چيو ٿي ته حبشي حلوي جي پلاين ۽ فضيلتن جي آڏو هو پاڻ هڪ ڪمزور، فاني شخص، ڪجهه به ڪين هو. ”حبشي حلوو سيني انساني دکن جو علاج آهي!“ هن ڏاڍيءَ نمرتا سان اعلان ڪيو، جنهن تي بادشاهه سلامت جي حق ۾ وڏيڪ نعرا لڳا.

پر جڏهن حلوانيا ۾ هتيار ٺاهيندڙ ڪارخانن ۾ آزمائش طور باضابطي اُڏامندڙ ڏور - مار توبن ۽ نيم ضابطي توڙي بنهه بي ضابطي ڏور - مار اُڏامندڙ توبن جي ٺاهڻ ۾ حبشي حلوي جو استعمال ڪيو ويو، ته پاڙي واري بادشاهه جون پوريءَ طرح وايون بتال ٿي ويون ۽ هو پنهنجي سلامتي خطري ۾ محسوس ڪرڻ لڳو ۽ وڌيڪ ڪا خطرناڪ دير پئجي وڃي ۽ مهل هٿان نڪري وڃي، تنهن کان اڳ هن ”اڳرائي بچاءَ جي بهترين صورت آهي“ واري آزمايل اصول تي عمل ڪندي هڪدم حلوانيا تي حملو شروع ڪري ڏنو.

حلوانيا جا ماڻهو پنهنجي بارود، بمن، گولن، ٽئنڪن ۽ توبن ۾ حبشي حلوو پري، ڏاڍي بهادريءَ سان وڙهيا. پر دشمن ڪنهن طرح سندن شاهي محلات جي ٻاهرئين در تائين پهچي ويو.

”بادشاهه سلامت!“ ڪنهن حلوانيائيءَ ڊپ ۾ پرجندي رڙ ڪئي، پر وري به ڏاڍي ادب سان هٿ ٻڌي عرض ڪيو:

”جان جي امان ٿو گهران حضور، پر دشمن شاهي محلات جي ٻاهرئين در تائين پهچي ويو آهي!“

”دشمن کي ته جيڪو سبق آئون هاڻي سيکاريندس، سو پاڻ ته هو ڪڏهن نه وساريندو، پر سڄي دنيا تاقيامت ياد ڪندي!“ بادشاهه سلامت پنهنجو ڳدائيءَ جر ڪشتو، جيڪو حبشي حلوي سان پريل هو، پنهنجي هٿ ۾ جهلي، غائبانه دشمن تي اُلاريندي، بيحدر زور سان رڙ ڪئي.

”ڪهڙو عبرتناڪ سبق حضور جن دشمن ڪي سيکارڻ ٿا گهرن؟ هاٿي تہ هو محلات جي اندرئين دروازيٰ تي اچي پڳو آهي!“ حبشي حلوي جي شاهہ ڪاريگر ۽ قابل صنعتڪار، وڏي وزير، بادشاهہ سلامت جي اڳيان جُهڪي، زمين بوس ٿيندي، پڇيو.

”ٻڌو، اوهين سيئي جيڪي هتي حاضر آهيو!“ حضور سلامت تمام وڏي دانهن ڪندي چيو - سندس آواز ۾ ايترو تہ چوهہ ۽ زور هو، جو محلات جون سيئي پٿيون سچ پچ تہ ڪجهہ ڪجهہ لڏي ويون. ”ٻڌو، اوهين سيئي جيڪي هتي حاضر آهيو! هاٿي، جوُ هو اسان جو غلط، نالائق دشمن، جنهن سان اسين بي انداز نفرت ٿا ڪريون، اُتي پهچي چڪو آهي، جتان هن جو موٽڻ محال آهي ۽ پاڻ ئي اندر اچي اسان جي وڪڙ ۾ ڦاٿو آهي، اُن تي آئون، جيڪو حلوانيا جو چونڊيل ۽ ڏٺيل بادشاهہ آهيان، ڪو رحم نہ ڪندس ۽ نہ هن کي معاف ڪندس ۽ جيڪا وڏي طاقت، بي انداز قوت، همت، بي مثل هيبت ۽ حشمت مون کي حبشي حلوي کان ملي آهي ۽ ملي رهي آهي، اُن سان، ۽ پنهنجي خالص آزاد ضمير جي اجيت آواز جي مدد سان، ۽ حلوانيا جا جيڪي مون تي فرض ۽ جوابداريون عائد ٿيل آهن، ۽ جيڪي ذميداريون ۽ بار مون ڪي پنهنجي وفادار ۽ فرمانبردار ماڻهن طرفان سونپيل آهن، اُنهن جي تعميلِ ۽ اُنهن جي پوري ادائگي ڪندي، هاٿي آئون مجبور آهيان تہ آئون پنهنجو اُهو غير معمولي، اصلوڪو ۽ مطلق شاهي اختيار استعمال ڪريان ۽ اُن کي پرپور ۽ پوزو پورو ڪم ۾ آڻيان - جو تہ اُهو اَجهل ۽ اڻ موٽ ۽ اصلوڪو شاهي اختيار جيڪو خالصاً ۽ مطلقاً ۽ سدِيءَ طرح حبشي حلوي کان مون کي مليل آهي، اَهڙن ئي هنگامي موقعن ۽ وقتن تي استعمال ۾ آڻي ٿو سگهجي – يعني بلڪل اڄ، بلڪ هن گهڙيءَ ۽ هاڻي، جڏهن حلوانيا پنهنجي اُنهيءَ انتهائي نازڪ ۽ بلڪل هڪ نئينءَ ۽ اڻ ٻڌل ۽ اڻ ڏٺل صورتحال سان دوچار آهي، جو سندس دشمن جنهن کي ڪاوڙ جو ڪو بہ سبب ڪو نہ هو...“

”پر حضور جي سر بخت جو خير آ، حضور جو اُهو غير معمولي، اصلوڪو، شاهي اختيار آهي ڪهڙو، سو تہ ٻڌائين!“ درٻارين مان حلوانيا جي حبشي حلوي پسند بادشاهہ کان ڪنهن هِن ڏکئي سوال جي پڇڻ جي گستاخي ڪئي.

# جمهوريت کي ڪيئن مارجي

”جمهوريت کي ڪيئن مارجي“ - هڪ اهڙو موضوع آهي، جو جن تاريخ ۾ جمهوريت کي ماري ماري وري ماريو آهي، اُنهن اِن جو، يعني اِن موضوع جو، پورو پورو مطالعو ڪيو آهي.

قديم تاريخ ۾ مئسيڊونيا جي بادشاهه فلپ (سڪندراعظم جي پيءُ) ۽ اُن کان پوءِ روم جي ڏاڍي مڙس جوليس سيزر ايئن ڪيو هو.

فلپ اِن ۾ آسانيءَ سان ڪامياب ٿيو، انهيءَ ڪري جو شهري يونانين جي پيٽ ۾ هو سچ پچ ايئن هو، جيئن ڊيموستنيز ڏاهي هن لاءِ چيو هو: يعني ڏنو وائنو جهنگلي، مڙني اوچن ويچارن ۽ اعليٰ قدرن کان خالي - جيڪي اٿينس جي شهر واسين کي پيارا هئا.

اٿينس جي شهر کي اڳي ئي اسپارٽا وارن حملو ڪري، هيسائي، ترين پر ويهاري ڇڏيو هو. سو هِن جهنگلي ڏيڄي جي اڳيان پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ پڇي پور پور ٿي پيو.

۽ جيتوڻيڪ پوءِ هُن جو پٽ، سڪندر، اعظم ئي اِن ڪري ٿيو، جو هُن اُن ساڳئي اٿينس جي هڪ معزز رهواسيءَ، پنهنجي عزيز استاد ارسطوءَ کان اٿينس جي ئي تهذيب جو سبق حاصل ڪيو ۽ ايئن نه فقط پاڻ مهذب بڻيو پر اُن دور جي سڄيءَ ڄاتل دنيا ۾ اُن تهذيب جو هو مشعل بردار بڻيو، پر غريب اٿينس کي هُن جي جهنگلي پيءُ اهڙا ته موتمار ڌڪ هنيا هئا، جو اُن جي سڄي جمهوريت تاريخ جي قتل دڙي هيٺ دٻجي دفن ٿي ويئي.

”رومن جمهوريت کي ڪيئن مارجي ۽ زمين ۾ پورجي“ - اِهو روم جي ڏاڍي مڙس جوليس سيزر جو به پهريون مقصد هو - جڏهن ته اُن ساڳيءَ جمهوريت ئي ڪيس اُها فوج ظفر موج ٺاهي جوڙي، هٿ ۾ ڏني هئي. جنهن سان هن فرانس ۽ انگلنڊ فتح ڪيا هئا ۽ جنهن کان سواءِ هو، وڏي هام هڻي، هرگز اِها دعويٰ نٿي ڪري سگهيو ته ”آيس، ڏٺم ۽ فتح ڪيم!“

۽ جيتوڻيڪ سيزر کان اڳ سندس پيشرو فوجي جنرل - موريو، پامپي، سولا - اُهڙا ئي نامور جنرل هئا، جهڙو هو پاڻ هو، پر اُهي شهنشاهه جيڪي ڪانئس پوءِ سندس جانشين ٿيا ۽ سندس نالي سيزر جي پٺيان سيزر سڏيا، اُهي سيزر ته هئا، پر جوليس سيزر نه بڻجي سگهيا.

۽ رومن شهنشاهيت روم کي اهڙو تہ نپوڙي نستو ڪري ڇڏيو ۽ اُن تي اُها تہ زبون حالي آندي، جو ڪنور اَٽيلا، جيڪو وحشي هوڻ (Hun) قوم جو حملہ آور هو، روم کي تباهہ ڪرڻ ڪان پوءِ جڏهن واپس موٽيو، تڏهن هو ڇاتي ٺوڪي دعويٰ ڪندو ويو تہ ”روم جو ڪو هڪ پٿر، ڪو هڪ مجسمو بہ جتي هو، اُتي اڄ ڪونهي!“

هيءُ اُهو ساڳيو روم هو، جنهن پنهنجي جمهوريت جي ڏينهن ۾ خونخوار هانيبال جي ڪٽڪ ۽ اُن جي مست هاٿين جو رڪ جي ديوار بڻجي مقابلو ڪيو هو ۽ بجاءِ اِن جي، جو هو روم کي اَڪ جي ماڪيءَ وانگر لاهي ڪائي وڃي، جيئن هن چاهيو تي ۽ دعويٰ ڪئي هئي، آخر ۾ جمهوري رومن عوام جي هٿان هار کائي، پنهنجي سڄي لشڪر سميت روم جي گهٽين ۾ ڪُسجي فنا ٿي ويو.

۽ هوڏانهن نيپولين جيسين فرانس جي جمهوريت جي شان لاءِ وڙهندو رهيو، تيسين هو ايڏو تہ اجيت هو، جو انگلنڊ جي بيمار وزيراعظم وليم پٽ جڏهن هن جي هڪڙيءَ سوڀ جي خبر ٻڌي، تڏهن پنهنجن مصاحبن کي چيائين، ”اِهو يورپ جو نقشو هاٽي ويڙهي رکو - اِهو ڪجهہ عرصي لاءِ هاڻي ڪنهن ڪم جو ڪونهي.“

اُنهي ’ڪجهہ عرصي‘ جي وچ ۾ نيپولين، جيڪو جمهوريہ فرانس جو سربراهہ اول هو، تنهن پنهنجن هٿن سان پاڻ فرانس جو ڇٽ ڪٽي پنهنجي مٿي تي رکيو (جيتوڻيڪ اُن تاجپوشيءَ جي رسم لاءِ هن روم جي پاپا اعظم کي بہ دعوت ڏني هئي)، ۽ اعلان ڪيو تہ هو فرانس جو شهنشاهہ هو.

”ڇا؟“ استاد بيٿوون دانهن ڪئي، جيڪو اُن دور جي راڳ جو بي مثل بادشاهہ هو ۽ جنهن ’جمهوريت جي علمبردار‘، ’بي مثل‘ نيپولين جي شان ۾ پنهنجو هڪڙو عظيم سازينو قريب قريب تاهي تيار ڪيو هو - ”ڇا؟ ههڙو خسيس ماڻهو؟!“ ۽ ايئن چئي، هن پنهنجو اُهو سازينو پوءِ، اُن ’محض شهنشاهہ‘ ڏانهن منسوب ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيو.

۽ جيئن ئي نيپولين ائين ’محض شهنشاهہ‘ بڻيو، تيئن هو مات ڪري نہ ويٺو - پنهنجن عزيزن مان جنهن تنهن کي بادشاهہ بڻائيندو ويو، هڪڙي کي ڪنهن ملڪ جو، ٻئي کي ڪنهن ٻئي ملڪ جو، تان جو پنهنجي سلهہ ۾ ورتل پٽ کي روم جو بادشاهہ بڻايائين - ۽ نيٺ ويلنگٽن جي هٿان پاڻ ئي پنهنجي

’واٽرلو‘ تائين پهچي ويو - ويلنگٽن، جيڪو جمهوريہ انگلستان جو خادم هو، جنهن جمهوريہ، نيپولين کي پوءِ قيد ڪري سينٽ هيلينا ٻيٽ تي بند ڪري ويهاري ڇڏيو، جتي هو پنهنجي ماضيءَ بابت سودائون پچائيندو رهيو، ڇو تہ پنهنجو مستقبل هُن هميشہ لاءِ پنهنجن هٿن مان پاڻ وڃائي ڇڏيو هو.

۽ فرانس کي نيپولين کان پوءِ يورپ جي فتح ڪيل سيني ملڪن تان هٿ ڪڻڻو پيو ۽ وري بہ جمهوريہ ئي بڻجڻو پيو، ۽ پوءِ ئي هو خود پنهنجي آزادي ۽ خودمختياري بچائي سگهيو.

”انگلنڊ جو بادشاهہ شاهي ڪري ٿو، پر حڪمراني نہ، آمريڪا جو پريزيڊنٽ حڪمراني ڪري ٿو، پر شاهي نہ، فرانس جو پريزيڊنٽ نہ حڪمراني ٿو ڪري، نہ شاهي، پر هندستان جو وائسراءِ حڪمراني بہ ڪري ٿو ۽ شاهي بہ“ - اِهي سياست جا ڏاهپ ڀريا گفتا اوهان ضرور پڙهيا هوندا.

’جمهوريت کي ڪيئن مارجي‘ — هيءُ خيال اُنهن ماڻهن جي دل ۾ اُڀرندو آهي، جيڪي سمجهندا آهن تہ اِن جي، يعني جمهوريت جي، بري حالت آهي ۽ اِن جو بچڻ محال آهي.

سيزر اِن مان تنگ ٿي پيو، ڇاڪاڻ تہ هن سمجهيو تہ روم جو ٽڏهوڪو (جمهوري) نظام حڪومت جيئن پوءِ تيئن هيٺ ٿيندو ٿي ويو ۽ اُن ۾ اُهو جهلو نہ رهيو هو، جو اُهو ايڏي وسيع رومن شهنشاهيت کي يڪجاءِ جهلي ۽ قائم رکي سگهي، جيڪا ايڏي وڏي شهنشاهيت هُن سمجهيو ٿي تہ هُن ئي ڪٽي روم کي ڏني هئي.

سيزرَ، ڏاهو ٿڻجي، سوچيو ٿي تہ جيئن جهاز جو ذميوار ڪپتان هر حالت ۾ هوندو آهي، تيئن رياست جي سيني آخري فيصلن لاءِ پڻ هڪڙو، واحد شخص ذميوار هئڻ گهرجي.

معلوم ايئن ٿو ٿئي تہ جوليس سيزر کي ذاتي ڪو حرص يا ڪا لالچ ڪا نہ هئي، جنهن جي سندس سياسي رقيب، ڪيسيس، مٿس تهمت ٿي هڻئين، نہ وري هُن جو پنهنجي ڪنهن شاهي گهراڻي جي قائم ڪرڻ جو ڪو مقصد هو، جيئن صديون پوءِ نيپولين بوناپارٽ پنهنجي زال، جوسيفين، کي طلاق ڏيئي ثابت ڪيو تہ هُن جو اهو مقصد هو، ڇو تہ جوسيفين مان هن کي ڪو اولاد ڪو نہ هو ۽ هُن کي ’وارث‘ جي گهرج هئي جيڪو ڪانئس پوءِ سندس تخت تي ويهي سگهي.

سيزر جي نظر ۾ رڳي ڳالهه هيءَ هئي تہ پراڻو جمهوريہ نظام پراڻو ٿي چڪو هو - بس: اُن کي ختم ڪري، اُن جي جاءِ تي هڪ نئون نظام قائم ڪرڻو هو ۽ ايئن ڪرڻ ضروري هو.

اِنهيءَ ڪري (پر وري بہ) هُن اقتدار کي پاڻ تي زوريءَ ڊوهي پنهنجن هٿن ۾ ڪٺڻ بدران، ڪليو ڪلايو سينيٽ کي چيو، ”مون کي اوهين شهنشاهہ بڻايو ۽ پوءِ ئي مون وٽ اُهو اختيار ۽ اُها طاقت هوندي. جن سان آئون اوهان جي مشڪل حالات کي منهن ڏيئي سگهندس.“

رومن سينيٽ جي ’اڇين ڏاڙهين‘ جي اکين آڏو، جيئن سيزر حقارت سان اُنهن کي سڏيندو هو، ۽ جيڪي هُن جي فتوحات ۽ ڪمالات کان هڪ طرف ۽ ٻئي طرف پنهنجي آئيني اختيارات جي بار ۽ پنهنجي نااهليءَ جي احساس هيٺ هيسيا ويٺا هوندا هئا تہ سيزر کي ڪيئن منهن ڏين ۽ قبضي ۾ رکن، منجهانئن ئي هڪڙي ميمبر، ڪيسيس، ذاتي سببن ڪري ۽ ٻئي، بروٽس، ’اجتماعي فائدي خاطر‘، ٻين چند صلاحين سان گڏ، سيزر کي اُتي ٿڏي تي خون ڪري ڇڏيو - اُنهن سيني غلطيءَ وچان ايئن ٿي سمجهيو تہ هڪڙي اقتدار جي هَوَسيءَ سيزر کي ايئن ميدان تان هٽائي ڇڏڻ سان هو پنهنجي جمهوريہ روم جي نظام کي بچائي سگهندا.

پر سيزر جي خون جي نتيجي ۾ جيڪا روم ۾ گهرو لڙائي شروع ٿي، اُن کان پوءِ اُتي اُها ساڳي ’شهنشاهيت‘ قائم ٿي، جنهن کان بچڻ لاءِ سيزر کي خون ڪيو ويو هو، ۽ جوليس سيزر جي نالي سان رومن شان ۽ عظمت جي وابستہ هئڻ سبب جيڪي بہ پوءِ رومن جا شهنشاهہ بڻيا اُنهن سيني پاڻ کي ’سيزر‘ ئي سڏايو.

اِهڙيءَ طرح اسين ڏسون ٿا تہ سيزر روم جي ڀلائيءَ خاطر جمهوريت کي هٽائڻ گهريو ٿي، ۽ هن جي دوست، بروٽس، پڻ اُنهيءَ ساڳيءَ ’روم جي ڀلائيءَ‘ خاطر سيزر کي هٽائڻ ٿي گهريو: ٻنهي جوليس سيزر ۽ بروٽس جي دلي نيت، بهرحال، فقط ۽ فقط ’روم جي ڀلائي‘ ئي هئي. ٻيئي ساڳئي حب الوطنيءَ جي جذبي سان سرشار ٿي ڏٺا ۽ ٻنهي جو محرڪ ساڳيو اُهو حب الوطنيءَ جو امنگ هو.

انهيءَ ڪري، جيڪڏهن شيڪسپيئر جي لفظن ۾، مقتول سيزر جو مڙهہ ”اُنهيءَ شخص جو مڙهہ هو، جيڪو زماني جي دورن ۾ هڪ عظيم ترين

شخص هو“، ته هن جي قاتل بروٽس جو مڙهه به حقيقي طور وڏي احترام جي لائق هو، جنهن، گهڙيءَ گهڙيءَ دير ڪان پوءِ ئي سهي، پر آخر اِها ڳالهه دل جي گهراين سان پروڙي ورتي هئي ته جوليس سيزر موت ڪان پوءِ به اُهو ئي عظيم ۽ طاقتور هو ۽ هن جو روح هن جي دشمن جي هانءَ ڪاٽڻ لاءِ اجا به آزاد گهمي رهيو هو، ۽ انهيءَ پروڙ جي ايندي ئي، بروٽس خودڪشي ڪري پنهنجو انت آندو، ۽ پڇاڙيءَ جا لفظ جيڪي هُن جي زبان تي هئا، سي هُن سيزر کي ئي مخاطب ٿي چيا هئا،” اِو سيزر! مون کي معاف ڪج! جنهن پوري ارادي سان مان پاڻ کي ماريان ٿو، اُن جي اڌ جيترو ارادو به مون کي تنهنجي مارڻ جو ڪو نه هو.“

ايئن بروٽس جو مڙهه ڏسندي، آگسٽس جيڪو هن جو مخالف هو ۽ جوليس سيزر جو سؤٽ هو ۽ هاڻي پاڻ ئي ’سيزر‘ ٿيو هو، تنهن چيو، ”اچو ته هِن ۾ جيڪو گڻ هو اُن موجب هِن جو احترام ڪريون ۽ اُن مطابق هِن کي ڪفنايون دفنايون. اڄ رات هِن جو مڙهه وطن جي هڪ غيرتمند سپاهيءَ وانگر منهنجي تنبوءَ ۾ رهندو.“

۽ اهڙيءَ ريت بروٽس جي دفن ٿيڻ سان رومن عواميت ۽ رومن جمهوريت گويا پوري جي پوري دفن ٿي ويئي.

۽ سيزريت، رومن فوجشاهيءَ جي آڌار ۽ ٽيڪي تي، روم ۾ حڪمراني به ڪندي رهي ۽ شاهي به، تان جو ترت ئي، هوُڻ اٽيلا آيو ۽ رومن مشعل کي هڪ ئي ڦوڪ سان اُجهائي ويو. جيڪا هونئن ئي پنهنجي اصلي شعلي مان گهٽجي ٽمڪندڙ لاٽ وڃي ٿي هئي: اٽيلا هڪ ئي وار سان سڄو روم ڍاهي ڍير ڪري ويو، جتي هانيبال پنهنجي متي پڇائڻ سان به ڪجهه نه ڪري سگهيو هو.- ڇو ته هانيبال ۽ رومي جبل جي وچ ۾ روم جي جمهوريت ڍال مثل بيٺل هئي ۽ تاريخ ۾ ايئن ئي اسين ڏسون ٿا ته جڏهن به ۽ جتي به جمهوريت کي ڍاهي پي ڪا حڪومت قائم ٿي آهي - پوءِ اُن ۾ ڪنهن جون نيتون کهڙيون به سٺيون هيون - آخر نتيجو اُن ’مرگ بر جمهور‘ جو جيڪو نڪري ٿو، سو لازمي طور جمهوريت جي اُنهن مارينڌڙن جي نيتن ۽ ارادن جي اُبتڙ ئي نڪري ٿو.

ڇاڪاڻ ته جمهوريت انسانن جي آزاد ارادي ۽ آزاد راءِ جو اظهار آهي، جيڪي ٻيو ڇا به هجن، پر گونگا جانور هرگز نه آهن ۽ جيڪو به ۽ جنهن به

شڪل جو قدم اُنهن کي جانورن جي درجي تي پهچائڻ لاءِ ڪجي ٿو، اُن ۾ جمهوريت جو زوال ۽ اُن جي بربادي ئي هوندي آهي.

جمهوريت کي مارڻ لاءِ اول اول انساني فطرت کان مايوس ۽ اُن جي اظهار تي بي صبر ٿيڻو پوي ٿو ۽ انسانن کي انساني درجي تان هيٺ لاهي جانور بڻائڻ جو فيصلو ڪرڻو پوي ٿو.

جمهوريت کي ختم ڪرڻ لاءِ اول اول عوام کي محسوس ڪرائڻو آهي تہ هُنن لاءِ اميد ۽ بهتريءَ جي ڪا واٽ آهي تہ اِها آهي تہ هو پهريائين پنهنجين آزادين تان دستبردار ٿين.

جمهوريت کي ختم ڪرڻ لاءِ جمهور کي پنهنجي جمهور هجڻ کان جاهل رکڻ کپي، هُنن کي اِها سمڪ اصل نہ ڏجي تہ هو ئي پنهنجي سڄي سماجي بنياد ۽ سياسي عمارت جون سِرون ۽ اُنهن جي پيڙهہ جا پٿر آهن.

جمهوريت کي اتڪل سان ختم ڪرڻ لاءِ عوام جي ذهنن کي اُهڙن مسئلن تي مرڪوز ڪري، يعني ڪُپائي، ڇڏجي، جيڪي هُنن لاءِ 'هاٽي' ۽ 'هِتي' جي ڪنهن بہ سڏي ۽ سنئين ڪم جا نہ هجن.

جمهوريت کي مارڻ لاءِ ماڻهن کي ايئن محسوس ڪرڻ سيکارجي تہ سندن تقدير يعني سندن آئيندو هرگز هرگز سندن هٿن ۾ ڪونهي.

جمهوريت کي ختم ڪرڻ لاءِ جمهور ۾، يعني ماڻهن ۾، انفراديت کي ڪڏهن بہ اُسرڻ نہ ڏجي ۽ منجهن اُبرندڙ اڳواٽيءَ کي ٻوساٽي ڇڏجي يا مُلهہ خريد ڪري ڇڏجي، يا ٻيئي ڳالهيون ڪري ڇڏڻ کپن، يعني اُن کي ٻوساٽي بہ ڇڏجي ۽ خريد بہ ڪري ڇڏجي.

جمهوريت کي ختم ڪرڻ لاءِ جمهوريت جي نالي کي پهريائين خوب اُڇالجي ۽ غوغائجي ۽ جيڪو بہ اقدام ڪجي، اُن سان جمهوريت جو نالو ڳنڍيو ڇڏجي، تہ جيئن عوام ڪڪ تي ۽ خار کائي، دانهن ڪري چوي تہ "جيڪڏهن جمهوريت اِها آهي تہ پوي جهنم ۾، اسان کي ڪا نہ کپي!" ۽ پوءِ جڏهن اِهو مسئلو ايئن حل ٿي وڃي، تہ 'صاف ضمير' سان علي الاعلان جمهوريت کي ماري ڇڏڻ کپي - چي، "عوام اُن مان بيزار هو ۽ اِها سندن ئي پنهنجي مفاد جي ڳالهہ هئي تہ جمهوريت مان سندن جند ڇڏائي وڃي!"

جمهوريت کي ختم ڪرڻ لاءِ سيني ويڪو دانشورن کان جمهوريت جا عيب ڪولائڻ ۽ بيان ڪرائڻ کپن.

جمهوريت ڪي مارڻ لاءِ ابلاغي ذريعن ڪي مارڻ نہ گهرجي، پر اُنهن جي همت افزائي ڪجي تہ اهي خودڪشي ڪن - نام نهاد خود - روڪ جي ساهہ - جهل وسيلي، جنهن جي استعماليِ هو 'پنهنجن هٿن سان پاڻ ڪريو ' جي اصول تي پاڻ ڪن.

جمهوريت ڪي مارڻ لاءِ ڏائڻ جي ڪُني" تيار ڪرڻ ڪپي ۽ جيئن اُها رڌجندي رهي، تيئن اُن جي مٿان هيءُ منتر لاڳيتو پڙهبو رهجي، "نيڪ بد آهي، بد نيڪ آهي......"

جمهوريت ڪي مارڻ لاءِ جيئن مئڪبيٿ، ڊنڪن ڪي مارڻ لاءِ ويندي، جڏهن ديول جو گهنڊ ٻڌو هو تہ پنهنجي منهن چيو هئائين، "ڊنڪن، اِهو نہ ٻڌجان! اِهو نہ ٻڌجان! اِهو تنهنجي موت جو گهنڊ آهي!" - بلڪل تيئن ڪجي.

جمهوريت ڪي مارڻ لاءِ ڏندڪٿائي، مابعدالطبعياتي وسيلن ڪي ٻاهر ڪڍي اڇجي، ۽ 'واهيات، ناشدني ۽ ڏاميچ' شين ڪي اُيارجي ۽ عدم-انسانيت جي اڏيءَ تي، جنهن تي نيڪيءَ جو چمڙا پوش تيل هجي، جمهوريت ڪي ڪُهي ڇڏجي.

جمهوريت ڪي سولي ۾ سولي طريقي سان مارڻ لاءِ، خود 'جمهوري' همراهن کان وڌيڪ ڪارگر ٻيو ڪير بہ ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ اُنهن ڪي اهڙي عمل جا رستا ۽ نمونا خوب معلوم هوندا آهن، ۽ هُنن ڪي ڪرٽو رڳو هي پوندو آهي تہ هو جمهوريت جو احترام ڇڏي ڏيندا آهن ۽ پنهنجي قول ۽ فعل سان ٻين ڪي بہ اُن جي احترام کان باز رکندا آهن.

جڏهن فرعون پنهنجي فرعونيت جا محافظ تي بيهن ٿا، جڏهن قارون پنهنجي قارونيت جو پنهنجي دولت سان بچاءُ ڪن ٿا ۽ جڏهن اَمير پنهنجي امارت جو بچاءُ جمهور ۽ جمهوريت جي حقارت سان ڪن ٿا، تڏهن سياسي حيوانن ۾ جمهور ۽ جمهوريت پسند سياستدان ئي هڪڙي اهڙي انساني جنس آهن، جيڪي، بيٺي بيٺي، پنهنجي پيرن هيٺان گاهہ ڄمائي ڇڏيندا آهن، بلڪ اُن کان بہ وڌيڪ، هو جنهن لامر تي ويٺل هوندا آهن، اڪثر اُن لامر ڪي پنهنجي ئي هٿن سان پاڻ ڪپي ڇڏيندا آهن.

نہ رڳو اِهو، پر ڪيترائي اهڙا جمهوريت پسند هوندا اهن، جيڪي ٻين جمهوريت پسندن جا دشمن تي پوندا آهن ۽ موقعو ملندو اٿن تہ رات وچ ۾ ڦري پاڻ فرعون تي پوندا آهن.

جنهن طريقي سان سڄي آمريڪي قوم لرزش ۾ اچي ويئي هئي، بلڪ ايئن ٿي معلوم ٿيو، ڄڻ اوچتي ڪا پيڙا، ڪو خطرو، ڪا اُداسائي هئي، جنهن ۾ اُها وڪوڙجي ويئي هئي ۽ ڳالهہ ڪهڙي هئي؟ فقط هيءَ تہ سندن پريزيڊنٽ، نڪسن، پنهنجي معيار تان ڪري، اُهي پرايا ٽيپ ٻڌا هئا، جن جي ٻڌڻ جو نہ ڪيس اختيار هو ۽ نہ اجازت ۽ ايئن هو آمريڪي ٽئڪس پرينڊڙ ووٽر جي ذاتي نويڪلائيءَ ۾ دخل اندازيءَ جي حڪومتي بدعت جو ذميدار بڻيو هو- بس اِن تان آمريڪي قوم جو ايڏو غصو ۽ ايڏو اجهل تحريڪ ثبوت هو، سندن اُن ڪل-وقتي سجاڳيءَ، حوصلي ۽ بلندهمتيءَ جو، جنهن سان هنن پنهنجي آزاديءَ، حريت ۽ جمهوريت جو تحفظ ٿي ڪيو.

ساڳيءَ طرح، پروفيومو واري معاملي ۾ جڏهن انگلنڊ جي هڪ فاحش، ڪرسٽين ڪيلر، پڌر پيئي، اُتان جي هڪ فليڊ مارشل لاءِ 'تمغي مردانگيءَ' جو اعلان ڪيو، تہ برطانوي عوام اُن تي پنهنجي سرڪار خلاف ايترو تہ مشتعل ٿيو ۽ ڪاوڙجي اٿيو، جو سندن وزيراعظم ڦڪائيءَ ڪان استعفا ڏيئي، سدائينءَ لاءِ سياست کي ڇڏي، گوشہ نشين ٿي ويهڻ تي مجبور ٿي ويو.

اِن مان ظاهر آهي تہ اُهي ماڻهو ڪيئن پنهنجي جمهوريت کي زندهہ رکڻ چاهين ٿا ۽ زندهہ رکن ٿا.

جيڪي جمهوريت کي ماريندا آهن، اُنهن کي اهڙين شين ۽ اهڙين ڳالهين جي ڳڻتي يا پرواهہ ڪا نہ هوندي آهي.

اُنهن لاءِ ٻي ڪا بہ شيءِ اهم ڪانهي هوندي آهي، سواءِ پنهنجن فائدن جي، جيڪي هو اُنهيءَ تنگ نگاهيءَ مان وٺندا آهن، جيڪا سندن هن مت ۾ موجود هوندي آهي تہ "هر ڪو پنهنجي لاءِ، شيطان سڀ جي آخر ۾".

پر شيطان، جو ٿيو ئي شيطان، سو سڀ جي آخر ۾ رهي، ڪٿي تو بس ڪري ويهي؟

سچ پچ تہ جمهوريت جڏهن مري ٿي، اُن ڪان پوءِ ٻيو ڪو بہ ڪو نہ ٿو بچي، ماڻهو ۽ ماڻهوءَ جو ماڻهپو پهرين اُن سان گڏ مري ٿو.

# زنجيرن تي زنجير

پاڪستان ۾ اهڙو ڪو بہ سمجهدار ماڻهو ڪونهي، جيڪو عجب ۽ افسوس ۾ ورتل نہ هجي، تہ پاڪستان سان هيءَ نيٺ ڪهڙي ويڌن تي ويئي، ڪنهن ڪئي، ۽ گذريل 33 سالن کان هيءُ ملڪ سياسي ڏيڻ ۾ ڪيئن ڦاٿل رهيو آهي.

پاڪستان جي گورنرن جنرلن ۽ پريزيڊنٽن خود هن سلسلي ۾ ڪڏهن پنهنجي چنتا ڪي لڪائڻ جي ڪوشش ڪا نہ ڪئي آهي، ۽ هو سدائين پنهنجي اِنهيءَ دلي خواهش جو اظهار ڪندا آيا آهن تہ ملڪ ۾ ڪڏهن ڪو بهتر ڏينهن جو سج اڀري.

انهن مان گورنر جنرل غلام محمد تہ سڀ کان زياده صاف گوئيءَ کان ڪم وٺندي، چئي ڏنو تہ هن کي ڏسڻ ۾ ٿي آيو تہ قوم تي اُداسيءَ جو هڪڙو گهاٽو ڪڪر ڇانيل هو! پر افسوس، جو اُن لاءِ ڪڏهن بہ انهن مان ڪنهن کي جديد ڊاڪٽري تشخيص جي طريقي جي اختيار ڪرڻ جي همت ڪا نہ ٿي.

تاريخ جي وچين اونداهي دور ۾ بيماريءَ جي تشخيص جو طريقو هيءُ هوندو هو، جو جيڪڏهن ملڪ جي ڪا جيئندي ٻچندي شهزادي بيمار ٿي پوندي هئي، تہ اُها محل جي بنهہ ڪنهن اندرئين ڪمري ۾ وڃي ويهندي هئي ۽ هُن جي بيماريءَ جي تشخيص ڪرڻ وارو طبيب - ڇاڪاڻ تہ شاهي طبيب هو، ٻاهر بادشاهہ سلامت جي حضور ۾ گوڏا کوڙيو ويٺو هوندو هو.

طبيب ۽ بيمار شهزاديءَ جي وچ ۾ رڳو هڪڙو نفيس پَٽ جو ڌاڳو هوندو هو، جنهن جي هڪڙي پڇڙي شهزاديءَ جي ڪرائيءَ ۾ ٻڌل هوندي هئي ۽ ٻيءَ پڇڙيءَ تي آڱر رکي طبيب ٻڌائيندو هو تہ بيمار جي نبض جي ڪهڙي حالت هئي ۽ بيماريءَ بابت اُها ڇا ٻڌائي رهي هئي.

هڪڙي اول درجي جي مرحوم ڊاڪٽر کان ٻڌل ڳالهہ آهي تہ جڏهن هو 1895ع ۾ انگلنڊ جي هڪڙي ڪاليج ۾ ڊاڪٽري پڙهندو هو، تڏهن اتي سندن هڪڙي استاد محترم کين جديد تشخيص جي سکيا ڪيئن ڏني هئي!

هن جي زباني ڳالهہ آهي، ”منهنجا پيارا نوجوانو“، استاد اسان کي چوندو هو، ”جي انگلنڊ جي راڻي بہ بيمار ٿي پوي تہ بہ پهرين چڪاس.... ڇو تہ

متان ڪا.........“ اهو آهي فرق، وچين اونداهي ۽ جديد روشنيءَ جي دور جي طبي تشخيص جي طريقن جي وچ ۾.

ساڳيءَ طرح جيڪڏهن اسين واقعي جديد زماني ۾ رهون ٿا (جيڪا به، افسوس، ڪي ماڻهو اڄ ڳالهه قبول نٿا ڪن)، ته سياسي تشخيص ڪي به اهڙو ئي جديد ٽيٽو پوندو جهڙو طبي تشخيص ڪي.

پاڪستان ڪي ڪهڙي بيماري لڳل آهي؟

هڪڙيءَ تشخيص موجب، ’سياسي تڳڙم‘ جِي، جنهن ڪي عام فهم ٻوليءَ ۾ ’سياسي ٺڳي‘ به چئبو آهي. ڪهڙي قسم جي سياسي ٺڳي؟ بس، هڪڙي مثال سان اها پوري سمجهه ۾ اچي سگهندي.

آمريڪا ۾ هڪڙو شيدي هو، جنهن پنهنجي ڦٽل نَهَوَر زمين ڪي، جنهن مان ڪجهه به پيدا ڪو نه ٿيندو هو، سالن جي محنت ڪري، پنهنجي پگهر جو پاڻي، بلڪ پنهنجو رت ڏيئي، آباد ڪيو ۽ اُها نيٺ ڦري بلڪل هڪ باغ بڻجي پيئي.

۽ جڏهن اُن جو طرح طرح جي ميون ۽ ڀاڄين جو پهريون فصل لٿو، تڏهن ڏاڍيءَ خوشيءَ ۾ پرجي اُهو ڏيکارڻ لاءِ هو پنهنجي پادريءَ ڪي دعوت ڏيئي اُتي وٺي ويو.

”سائين، هي وڏا وڏا، تازا تازا پٽاٽا ٿيا آهن، سي ڏسو!“

”ابا، شڪر ڪر! مقدس پيءُ پورهئي ۾ توسان گڏ هو.“ پادريءَ ورندي ڏني.

”۽ بابا، هي رس ڀريل سهٽيون نارنگيون ڏسو!“

”ابا، شڪر ڪر! مقدس پيءُ پورهئي ۾ توسان گڏ هو.“

”۽ حضرت بابا، هي چمڪندڙ ڳردار ڊاک جا ڀريل ڇڳا ڏسو!“

”ابا، شڪر ڪر! مقدس پيءُ پورهئي ۾ توسان گڏ هو.“

”۽ هي مٺ جيڏا هنداڻا ڏسو!“

”ابا، شڪر ڪر! مقدس پيءُ پورهئي ۾ توسان گڏ هو.“

۽ جڏهن نماڻي پورهيت، ادب گذار شيديءَ، پادريءَ ڪي پنهنجي باغ جا وڏا وڏا، سُرها سُرها صوف ڏيکاريا، تڏهن پادريءَ سڳوري، جو اُها ئي هن ڪي شڪر جي تلقين ڪئي ۽ ”مقدس پيءُ پورهئي ۾ توسان گڏ هو.“ جو رڪارڊ وڄايو، تڏهن (آخر ڳالهه جي حد هوندي آهي.....) شيديءَ جي منهن

مان لفظن اُبڙڪو ڪاڏو، ”حضرت سائين جڏهن مقدس پيءُ هِن زمين جو اڪيلو مالڪ هو، تڏهن اِن جي حالت اوهين ڏسو ها!“

هاڻي اسين پاڪستان جي ڳالهه ڏانهن اچون ٿا. هر ڪنهن کي اها خبر آهي ته سڄي هندستان جي مسلمانن چاهيو ٿي ته پاڪستان وجود ۾ اچي.

خاص طرح 1940ع کان 1947ع تائين، هندستان ۾ ايترا ته فرقيوارانه فساد عمل ۾ آيا، جو پاڪستان جي بانيءَ پنهنجي تقريرن، تحريرن ۽ پريس ملاقاتن ۾ وري وري اعلان ڪيو ته جيستائين پاڪستان قبوليو نه ويو آهي، تيسين اُهي هنگاما بند ٿيڻا نه هئا.

اِن مان پوريءَ طرح ثابت ٿيو ته پاڪستان، هندستان جي مسلمانن جي انساني خواهشن، انساني ڪوششن ۽ انساني تڪليفن جي وسيلي ئي وجود ۾ آيو ۽ اُنهن ۾ ٽراونڪور جا چار في صد مسلمان به، اوڙيسا جا ٻه فيصد مسلمان به ۽ مئسور جا ڇهه فيصد مسلمان به شامل هئا. جن سڀني مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ پاڪستان لاءِ ووٽ ڏنا، جنهن لاءِ واعدو هو ته اُهو هندستان جي مسلمانن جو وطن ٿيندو.

هندستان جي مسلمانن جو وطن پاڪستان - هيءُ واعدو هندستان جي مسلمانن سان سال 1940ع کان 5 آگسٽ 1947ع تائين بي شمار موقعن تي ڪيو ويو.

اُن ئي سڳوري ڏينهن تي، پهريون ڀيرو، انهن کي اِهو ٻڌايو ويو ته ڪين پنهنجي پنهنجي ملڪ سان وفادار ٿي رهڻو هو، جو ” ڪو به ملڪ غدارن کي برداشت ڪري نٿو سگهي.“

هي سمورا بيان، جي مٿي ڏنا ويا، اڄ به اُنهن ڏينهن جي ڇپيل رڪارڊن ۾ ڏسي سگهجن ٿا، ۽ اُتي اِهي وري پڙهڻ گهرجن ۽ پڪ ڪرڻ گهرجي ته پاڪستان سان جيڪا ويڌن آهي، اُن جا بجائتا سبب ڇا آهن؟.

پوءِ 11 آگسٽ 1947ع تي، پاڪستان جي بانيءَ هڪڙي تقرير ڪئي، جيڪا ڪنهن به نموني مروڙجي ۽ غلط طرح سمجهي نٿي سگهجي، جنهن ۾ هن پوريءَ وضاحت سان ۽ پوريءَ پختگيءَ سان واعدو ڪيو ته پاڪستان ۾ دنيوي طور هڪ جديد جمهوري نظام حڪومت قائم ٿيندو، جنهن ۾ هر هڪ ۽ سڀني شهر واسين جا حق، سندن عقيدي ۽ ايمان جي فرق جي باوجود، ڪلي طور هڪ جيترا ۽ هڪ جهڙا هوندا.

هنن ٻن تاريخن جي وچ واري دور ۾، يعني 1940ع ۽ 1947ع جي وچ ۾، پاڪستان جي بانيءَ پوري زور ۽ اٽل انداز سان اعلان ڪيو - ۽ هڪ ڀيرو نه، ٻه ڀيرا نه، پر ڪي چوڏهن ڀيرا - ته "پاڪستان ۾ مولائيت يا ملائيت جو راڄ، يعني ٿيو ڪرسي (ملاشاهي) قائم نه ٿيندي."

اِنهيءَ طرح، گهڻ ۾ گهڻ اُهي جيڪي نئين نهيل پاڪستان جا رهواسي هئا، اُنهن جي دل ۾ اِهو امنگ هو ته سڄي هندستان جي 95 فيصد مسلمان اڪثريت وارن صوبن کان وٺي ٻه فيصد مسلمان اقليت وارن صوبن جي مسلمانن جي ڪوشش سان، هندستان کان الڳ ڪري بيهاريل پاڪستان ۾، اُنهن جي پنهنجي جمهوريت هوندي، جنهن ۾ هو جمهوريت جا عالم آشڪار فائدا وٺندا ۽ اُن جون چاتل سچاتل رعايتون ماڻيندا.

هنن کي خبر هئي ته اُهو سڀ ڪجھ، يعني اُها سڄي نعمت هنن کي انساني جدوجهد، انساني خواهش، انساني ڪوشش ۽ انساني تڪليف ۽ قربانيءَ سان حاصل ٿي هئي.

ڪو هڪڙو ملائڪ به اُنهن سيني انساني قتلامن ۾، جيڪي لڳاتار ٿيندا ٿي رهيا، ڪڏهن خون ٿيندي يا خون وهائيندي ڏٺو يا ٻڌو ڪو نه ويو.

انسان ئي هئا جن جهد ڪيو، انسان ئي هئا جن ڏک سٺا ۽ انسان ئي هئا جن پنهنجو مقصد حاصل ڪيو ۽ انسان ئي هئا جن تانگهيو ٿي ته هو اُن زمين جا وارث ٿيندا، ڏٽي ٿيندا ۽ حاڪم ٿيندا، جيڪا سندن ڪوشش سان برصغير کانِ ڪورجي الڳ قائم ٿي بيني هئي.

۽ اُهي سيئي انسان، هندو، مسلمان، عيسائي، پارسي، هندستان توڙي پاڪستان جا، ايامن جا ايام، پنهنجن ابن ڏاڏن کان، مذهب جي ڪامل شيدائي هئڻ سبب، دل جي پوري حضور سان، پنهنجي خدا کي نه رڳو هن ڌرتيءَ جو، نه رڳو سڄي نظام شمشيءَ جو، پر هيترن سارن ڳاٽاٽي کان ٻاهر افلاڪي نظامن ۽ اربين ڪربين تارن سان جهنجهيل هن سڄيءَ ڪائنات جو مالڪ مڃيندا ٿي رهيا ۽ مڃيندا ئي رهن ٿا.

ڪائنات جي هنن بي انت وسعتن ۾ هُنن کي خاص اهڙيءَ ڪنهن خاطريءَ جي ضرورت ڪا نه هئي ته خدا برابر هِن اسان جي ڌرتيءَ جي مختصر ڌرڙي جي ڪنهن هڪ جاءِ يا خاص اُن جي ڪنهن هڪ ٽڪري جو مالڪ هو.

ملن کي ٻين به گهڻن رستن سان خاموش رکيو ويو ۽ ساڳئي وقت، خاص طرح لاهور جي مشهور 'بئلٽ باڪس ڪاٽ' يعني ووٽن جي پيتين جي

تالاشڪنيءَ کان پوءِ اُنهن ماڻهن جا حوصلا بہ پست ٿي ويا، جيڪي پاڪستان ۾ جمهوريت جي قائم ٿيڻ جون دل ۾ اميدون رکيو ويٺا هئا.

۽ اُن ۾ ڳالهہ جو واڌارو هيءُ ٿيو، جو رٿيل چونڊون هٽايون ويون ۽ وزيراعظم پورا پندرهن پورٽ فوليا ڇڪي خاص پنهنجي قلمدان وزارت جي گوڏي هيٺ رکي ڇڏيا ۽ باقي وزيرن کي سڄو وقت سندس منهن ۾ ڏسڻ ۽ 'ٻڌوسون ۽ مڃيوسون' جي اسم وفاداري اُچارڻ لاءِ ويهاري ڇڏيو.

ان 'اعظم وزير اول' جي من ۾ ملڪ جي مستقبل جون ڪهڙيون رٿائون هيون، اُهي معلوم نہ ٿي سگهيون، جو اُنهن جو هن ڪو رڪارڊ ڪو نہ ڇڏيو هو. پر ڏنو ويو تہ حالتن کي هو ايتريقدر ابتر ۽ منجهيل ڇڏي ويو، جو سندس قتل کان پوءِ جڏهن سياستدان گورنر جنرل پنهنجي اوچيءَ گاديءَ تان لهي اچي وزيراعظم ٿيو، تڏهن هُن پاڻ کي ايتري تہ خرخسي ۾ ورتل محسوس ڪيو، جو هو بنهہ وائڙو پئي لڳو ۽ پاٽان تار پاٽيءَ مان غوطو ڪائي نڪتل ماڻهوءَ وانگر سندس حواس ساڻ ڪو نہ هئا، ۽ ايئن نوڪر شاهيءَ جي هڪ فرد کي جيڪو پڙڪو ڏيئي وڃي گورنر جنرل بڻيو هو، هن کي پاڻهن مان جهلي وزيراعظميءَ تان لاهي پري ڦٽي ڪرڻ جو وجهہ ملي ويو.

پاڪستان جي هوشمند ماڻهن لاءِ هيءُ ڳالهہ آسماني ڌماڪي کان گهٽ ڊيڄاريندڙ ڳالهہ ڪا نہ هئي، اُن سان سندن دل جون سڀ آئيني واڌاري جون اُميدون مٽيءَ سان گڏ مٽي ٿي ويون، ۽ جنرل اسڪندرِ مرزا لاءِ مارشل لا کي نافذ ڪرڻ جي راهہ نڪري آئي. اُن کان پوءِ 'ضرورت جي قانون' جنرل ايوب کي سهارو ڏنو ۽ اسڪندر مرزا کي ڪلهو هٽي، پري هٽائي، پاڻ اقتدار جي گاديءَ تي سوار ٿي ويهي رهيو.

جنرل ايوب جي ڪار گذارين مان ايئن محسوس ڪيو ويو ۽ معلوم ٿيو تہ هُن صاحب پاڪستاني سرزمين جي رهواسين کي انگريزن کان اڳ وارا ڏينهن اکئين ڏيکارڻ تي گهريا ۽ ڏيکاري بہ ڇڏيا.

پر جمهوريت جو جيڪو ڪارٽون هن بنيادي جمهوريت عرف 'بيسڪ ڊيموڪريسي' عرف 'بي – ڊيءَ' جي شڪل ۾ عالم آشڪار ڪيو، تنهن کليو کلايو اِها ڳالهہ ظاهر ڪئي ۽ ڏيکاري ڇڏي تہ ماڻهن کي آبرومنديءَ سان آزاد رهڻ جي موقعي ۽ بي روڪ جمهوريت جي حق کان سڪائڻو هجي تہ ڪيئن سڪائجي.

پوءِ، وچ ۾، هڪ موقعي تي، ايوب خان جا دشمن بيمار ٿي پيا! اُن صورت ۾، توڙي هن جي يعني صدر جي موت جي صورت ۾ به، پاڪستان جي تڏهوڪي رائج آئين مطابق، قومي اسيمبليءَ جي پريزيڊنٽ کي رياست جي عارضي يا عبوري سربراهه طور حڪومت جو ڪم هلائڻو هو.

۽ جي ايئن ٿئي ها، ته به پاڪستانين کي ڪجهه تسلي ٿئي ها، ته مشڪل ۽ نازڪ حالت ۾ ئي سهي، سندن پنهنجي چونڊيل شهرين مان به ڪو هڪڙو رياست جو سربراهه ٿي سگهيو ٿي، ۽ اِنهيءَ طرح، پاڪستان جو اُهو آئين پلي ڪٿي ڪيترين به عجوبائي ڳالهين سان ڀريل هو، پاڪستان ۾ جمهوريت جو وري به ڪو نه ڪو جز يا نشان موجود ضرور هو.

سو هڪ موقعي تي، اتفاق سان، جڏهن ايوب جا دشمن بيمار ٿي پيا، تڏهن قومي اسيمبليءَ جي پريزيڊنٽ کي رياست جي عارضي صدر بڻائڻ بدران، هن کي مرڳو هوائي جهاز ۾ وجهي زوريءَ مڪي شريف جي زيارت لاءِ موڪليو ويو، ته عُمري جا ديني فرض بجا آڻي، ثواب دارين حاصل ڪري! (صدين جي جهونيءَ تاريخ ۾ هيءَ سچ پچ ته پهريون موقعو هوندو، جڏهن ڪنهن شخص کي سندس پنهنجي مرضيءَ کان سواءِ بلڪ ان جي بنهه برخلاف هوائي جهاز ۾ چاڙهي، حج تي موڪليو ويو هجي.)

جيڪڏهن هن موقعي تي جڏهن آئيني طور حقدار پريزيڊنٽ ملڪ کان ايئن ٻاهر هو، نُگريءَ بيماريءَ ۾ ورتل ايوب خان اتفاق سان مري پوي ها ۽ 'تخت' خالي ڪيو وڃي ها، ته ملڪ جي ۽ ملڪ جي آئين جي ڪهڙي نئين صورتحال پيدا ٿي پوي ها - اُن ۾ پنهنجي پنهنجي طور هر ڪو اندازو لڳائي سگهي ٿو...

ان حالت ۾ شايد اُن هوائي جهاز ۾ ويٺل، زور اڳيان زاري ڪندڙ، حاجي سڳوري جي منزل اجان اڳيري، مغرب طرف، ڪنهن ٻئي هنڌ هجي ها، بشرطيڪ اُن حالت ۾ پنهنجي آئيني جانشينيءَ جي فرض ادائيءَ لاءِ اجا به هو پوئتي موٽڻ جو ارادو يا ڪو خيال ڏيکاري ها.

بهرحال هن واقعي مان سيني پاڪستانين هيءُ سبق ورتو ۽ ڪين خاطري ٿي ويئي ته ايوب اُنهيءَ اقدام سان جمهوريت لاءِ ڪا پنهنجي پيشه ورانه بيزاري ۽ بڇان ٿي ڏيکاري، ۽ هو پاڻ يعني پاڪستان جو جمهور پنهنجي سر ان سلسلي ۾ ڪجهه به ڪرڻ کان لاچار هو.

آخرڪار، جڏهن وڏي مخالفت جي طوفان کان پوءِ ايوب کي تخت تان لهڻو پيو، تڏهن به هن ويندي ويندي، جمهوريت لاءِ پنهنجي حقارت جو اظهار

ايئن ڪيو، جو رياست جو اقتدار ماڻهن جي چونڊيل عيوضيءَ يعني اسيمبليءَ جي پريزيڊنٽ جي هٿ ۾ ڏيڻ بدران ٻئي هڪ پاڻ جهڙي عملدار جي حوالي ڪندو ويو، جيڪو پڻ هُن وانگر مارشل لا جي رٿ تي سوار ٿي، اقتدار جي تخت تي اچي براجمان ٿيو.

جڏهن يحيٰ خان جو ٻيو، ملڪ جي پڇي ۽ اڌ ٽيڻ ڪان پوءِ صدارتي ڪرسيءَ کي ڇڏڻ جو وقت آيو، تڏهن هن کي واقعي مجبور ٿي، اقتدار باقي رهيل پاڪستان جي هڪ عام جي چونڊيل عيوضيءَ کي ڏيڻو پيو.

۽ پوءِ سڄي ملڪ جي جمهوريت دوست حلقن اُن شخص کي پنهنجي اجهل اميدن جو مرڪز بڻايو ته هو ملڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ ۽ استحڪام جي ڪم کي اُن نقطي ڪان هٿ ۾ ڪٽندو، جتي پاڪستان جي بانيءَ اُن کي ڇڏيو هو.

سو، جيڪڏهن 'ماڻهو رڳو مانيءَ لاءِ ڪو نه ٿو جيئي' ۽ جيڪڏهن 'آبرومندي ۽ عزت ئي سڄيءَ اسان جي ڳالهه جا موضوع آهن'، ته پوءِ اسين ڏسي ٿا سگهون ته ملڪ جي سياسي تاريخ ۾ هي سمورا سال اهڙو ڪو ڪارنامو نظر ڪو نه ٿو اچي، جنهن تي بجا طور ڪو ناز يا فخر ڪري سگهجي.

جيڪڏهن هڪڙي شخص جمهوريت کي ماريو، ته ٻيو ان کي قبرستان ڪٽي ويو، ٽئين اُن جي قبر کوٽي، چوٿين اُن کي دفن ڪيو ۽ پنجين اُن تي بيهي ختمو پڙهيو.

هن سڄي ڏکي کيل ۾ اوهين ۽ ٻيا اڪثر پاڪستاني محسوس ڪندا رهيا ته اسان سان ڪيل واعدا، اسان جون اميدون ۽ اسان جا اوچا خيال — ته اسين جمهوري نظام حڪومت ۽ جمهوري نظام زندگيءَ ۾ رهنداسون- سڀ سڀ ڪيڏانهن ويا؟ ۽ ڏسندي ڏسندي، شهريت جي دنيا ۾ اسان جي حيثيت اُها وڃي رهي، جو 'نه اُٿ رهياسون نه پڪي'، ۽ رڳو پڇندا ئي رهياسين: 'چا، اسان جو سودو هيءُ هو؟' ۽ ان جو جواب پڙاڏو بڻجي، سو ئي اسان جي ڪنن تي پوندو رهيو- 'چا، اسان جو سودو هيءُ هو!'

اوهين پاڻ ئي ڏسو، ڏيان سان، سنجيدگيءَ سان، ذاتي جذبات کي ڇڏي، انصافي انصاف سان، ته ڪهڙي هيءَ سڄي اسان جي پاڪستان جي تاريخ رهي آهي!

چا، اِها رڳو زنجيرن تي زنجيرن جي ڪهاڻي ڪانهي! زنجيرن تي زنجير ۽ اُنهن زنجيرن تي ٻيا زنجير؟ ڪو آئين اجا پاس ئي مس ٿيو آهي، آئين

اجا موجود ئي آهي، خود اسيمبلي اُها ئي هلي رهي آهي، تہ آرڊيننسن تي آرڊيننس آهن، جي سدائين ڳڙن جي مينهن وانگر وسي رهيا آهن.

جيڪڏهن ملڪ تي حڪمراني آرڊيننسن وسيلي ٿيڻي هئي، تہ آئين جي ڪهڙي ضرورت هئي، اسيمبليءَ جي ڪهڙي ضرورت هئي ۽ ايوان بالا ۽ ايوان زيرين، ميمبرن، سينيٽرن ۽ جمهوريت، جي هيڏي بہ ساز سامان ۽ چڪ مڪ جي ڪهڙي ضرورت هئي - سواءِ هن جي تہ جمهوريت کي جهانِ جي هڪ ڪُڪرمي، وڏواند ۽ لوٽي رن ڪري پيش ڪرڻو هو، تہ جيئن ماڻهو اُن تي ڪلن ۽ اُن سان نفرت ڪن!

۽ هنن آرڊيننس جو معجزو وري هي آهي تہ اُهي سدا حيات آهن — حالانڪ جمهوريت ۾ (سا بہ لاچاريءَ جي حالتن ۾) انهن جي زندگيءَ جي مدت فقط ڇهہ مهينا هوندي آهي! هتي جيسين ڪا موجود حڪومت آرڊيننس پاس ڪندي رهندي، تيسين اُن جي جانشينيءَ جي دعويدار حڪومت (نامر نهاد مخالف ڌر) مون سان، اوهان سان، واعدن تي واعدا ڪندي رهندي تہ اقتدار سنڀاليندي ئي پهريون ڪم جيڪو هوءَ ڪندي، سو انهن 'نفرت انگيز آرڊيننس' کي رد ڪرڻ هوندو!

۽ اقتدار جون واڳون وٺندي ئي، اُهي ساڳيا 'نفرت انگيز' آرڊيننس اُن آرڊيننس دشمن حڪومت لاءِ پورا پورا مقوي ۽ روح کي راحت ڏيندڙ لقما بڻجي ويندا ۽ اُهي ڪٿي ٿورا ثابت نہ ٿي پون ۽ پاڻ کي هيڪلو محسوس نہ ڪن، بہ چار وڌيڪ ۽ پوءِ انهن ڪان وڌيڪ ۽ اجا انهن ڪان وڌيڪ پاس ٿيندا رهندا ۽ اڳين آرڊيننسن سان گڏجي موج ڪرڻ لاءِ اُنهن سان رلائي ڇڏبا تہ جيئن ڏڻ وڌندو رهي.

هيستائين تہ ڪو بہ آرڊيننس رد ڪو نہ ٿيو آهي - جنهن مان ثابت ٿيندو پئي آيو آهي تہ هر ڪا جانشين حڪومت پنهنجي پيشرو حڪومت جي هر آرڊيننس سان نہ رڳو متفق پر ان جي ولديت ۾ بہ پاڻ کي حصيدار پئي رکيو آهي.

هن نسل بنسل شجرائي سلسلي جي مثال طور، هڪ سڀ کان بدترين آرڊيننس يعني پريس آرڊيننس، کي پيش ڪري سگهجي ٿو، جنهن مان هيءَ ڳالهہ بہ ظاهر ٿيندي تہ محڪوم خلق حاڪمن جي نفرت ۽ خوف جو ڪيترقدر نہ دائمي نشانو رهي، ۽ انهن جي هٿان ڪيئن نہ اُن کي زنجيرن تي زنجير پهرايا وڃن ٿا.

جيڪڏهن 'ميو نہ ميو' ڪتابي سلسلي جي مصنف، مسٽر رپلي، کي اُن جي خبر پوي، تہ ضرور اسان جي پريس آرڊيننس کي پنهنجي ان سلسلي ۾ شامل ڪري ڇڏيندو. جنهن جو اعتبار ۾ نہ اچڻ جهڙو هڪڙو قلم هيءُ بہ آهي تہ پريس جو مالڪ ڪجهہ ڇاپي، ان جي سزا ۾ اُن جو جلد بند بہ جيل ۾ وڃي سگهي ٿو!

زنجيرن تي زنجير - افسوس اِها انهن ماڻهن جي اڄ تقدير بڻيل آهي، جي آزاديءَ لاءِ وڙهيا، جن آزادي ڪٽي، ۽ ڪنڻ سان ٿي اها وڃائي ويهي رهيا.

--

# يهوداه (Judas) صليب تي ڪيئن چڙهيو؟

”پر اُهو تنهنجو مسيح ڪٿي آهي؟“

”مون کي ڪهڙي خبر؟ مون تہ اُهو اوهان کي ڏيکاريو. منهنجو ڪم اُتي پورو ٿيو.“

”هائو، تو هن کي ڳل تي چمي ڏيئي، اسان کي ڏيکاريو تہ هو اُهو آهي. پر ايئن ڪندي، تو هن جي ڪن ۾ ضرور اهڙي ڪا ڳالهہ ڪئي آهي! نہ تہ هو ايئن ڪيئن گم ٿي وڃي ها! هاڻ هو اسان کي ڳولي بہ تون ڏي –“.

”پر، اِهو ڪو قانون ڪونهي. پنهنجي شيءِ قابو ڪريو. ڏوهہ ڪنهن کي نہ ڏيو! مون اوهان کي اُهو ڏيکاريو، منهنجو سؤدو اوهان سان پورو ٿيو. هاڻي، هو جو گم ٿي ويو آهي، تہ اُن ۾ منهنجو ڇا؟ منهنجي سؤدي پوري ٿيڻ کان پوءِ هو گم ٿيو آهي - اُن کان اڳ نہ.“

”اِها ئي تہ تنهنجي چالاڪي آهي! ۽ هو گم بہ تہ اِيئن ٿيو آهي! تو اسان کان گِنيون ورتيون تہ پنهنجي گودڙي پوشن ۾ تون اسان کي اهو ڏيکاريندين. پيسن وٺڻ کان پوءِ تو هڪڙي ڪنهن گودڙي پوش کي وِڃي چمي ڏني تہ اُهو مسيح هو، جنهن جي اسان کي ڳولا هئي. پوءِ اسان اُهو ماٺهو جهليو، جيڪو تو چيو تہ مسيح آهي، ۽ هن تي ڪيس هلرائي، فتوا ڏيارائي، نيئي هن کي بند ڪيوسين ۽ هاڻي ڇا هي؟ ڏس! لاڪ اَپ خالي پيو آهي! ۽ اسان جي رومن سپاهين کي اُتي هو ڏسڻ ۾ ڪو نہ ٿو اچي. مسيح اتان گم ٿي ويو! هاڻ، اسان کي ٻڌاءِ تہ هو ڪيڏانهن ويو؟ تو هن کي چمي ڏيندي ۽ اسان کي ڏيکاريندي، هن سان ڪن ۾ جيڪا ڳالهہ ڪئي، اُها ڪهڙي ڳالهہ هئي؟ اُها اسان کي ٻڌاءِ ۽ پنهنجو رستو وٺ!“

”مون هن جي ڳل کي چمندي، هن سان ڪا بہ ڳالهہ ڪا نہ ڪئي!“

”اِها آڪاٽي ٻارن کي ٻڌاءِ! اِها اُنهن کي وٽندي ۽ چوندئي تہ ٻيون بہ اهڙيون ٻڌاءِ! هاڻ، سر جو خير گهرين تہ ڏوهہ مڃ!“

”مان اوهان کي ٻڌائي بہ ڇا ٿو سگهان؟ مون کي ڪا خبر ڪانهي. هو جي گم ٿي ويو آهي تہ مان اُن لاءِ ڪيئن ذميوار ٿيس؟“

رڳو اوهين پہ ئي نہ آهيو، جيڪي اسان سان اهڙي چالاڪي ٿا ڪريو. اوهان کان اڳ گهڻن ئي اسان سان اهڙيون چالاڪيون ڪيون آهن. پر سي

اجايون. تون بہ تہ هِن سچيءَ چالاڪيءَ ۾ هن جو جوڙيوال آهين! تو کي خبر ڪا نہ هئي تہ مسيح غيبي ماڻهو هو؟ تنهنجي مراد ٿي هئي اسان مان پئسا ڪڍڻ. اُهي پوءِ اوهان سيني پاڻ ۾ ورهائي ڪنيا! اسان کي سچي خبر آهي ۽ تو کي بہ اجها ٿي خبر پوي! هو هتي هن لاڪ اپ ۾ هو. تون پاڻ ڏس، لاڪ اپ خالي آهي ۽ هو هتان گم ٿي ويو! چڱو، هاڻ، تون ئي اِتي وڃي ويهہ! هل، ٿيءُ اندر! ڪجهہ تو کي بہ خبر پوي تہ لاڪ اپ ڇا آهي.... هاڻي ٻڌاءِ، ڪن ۾ هن کي تو ڇا چيو؟ ڪيڏانهن ڀڄائي ڇڏيئيس؟ نہ تہ اڳو پوءِ تو کي ئي ڇڪي ٿا اُتي هلون، جتي سيزر جي نائب، پلاٽس، جي حڪم تي هن کي وٺي ٿي وياسون.

”ڇا، صليب تي! مون کي! او وو....... مسيح، مسيح، مسيح! تون ڪيڏانهن هليو وئين؟ ڪٿي گم ٿي وئين! ڪيئن گم ٿي وئين! هتي مون کي ڪٿي جهليو اٿن! اڄ تنهنجي بدران اڄ ۾، بک ۾، مان پيو مران! او مسيح، تون ڪٿي آهين؟ صليب تي ٽنگڻ لاءِ مون کي ٿا وٺيو وڃن! هو اچن پيا...... اچن پيا! هنن جي پيرن جا کڙڪا پيو ٻڌان. او مسيح! مان تہ هاڻي چريو ٿي پوندس!“

”پهرين تون اسان کي ٻڌاءِ تہ مسيح ڪٿي آهي؟ پوءِ ڀلي چريو ٿيءُ! هاڻي وري هيءَ ٻي تو اسان سان چالاڪي ڪرين! پر وڌيڪ تنهنجي چالاڪي اسان وٽ ڪا نہ هلندي. ٻڌاءِ اسان کي، مسيح ڪٿي آهي؟ نہ تہ ڪڻ اِها صليب، جيڪا هن تي ڪئين، ٿيءُ اڳيان! هو تہ ڀڄي ويو، پر تون اسان کان ڪو نہ ڀڄندين. اِهي ڇپن ۾ پٽڪاٽ ڪرڻ ڇڏي ڏي. وڌيڪ رڙيون نہ ڪر. اِهي ننڊيءَ جا ٺاهہ هاڻي ڪم نہ ايندئي.“

”پر، جي هو لاڪ اَپ مان نڪري، ماڻهن جي دلين ۾ گم ٿي ويو آهي، ۽ اُتي وڃي ويٺو آهي، تہ اُن ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ! آئون تہ ڪو نہ آهيان.“

”هان ن ن ....... سيزر جي دشمن کي ڀڄائيئي ۽ تون سيزر جو دشمن ناهين! ڀلا ٺَئي چالاڪ! صليب تي ڀلا ڪنهن کي چاڙهيون؟ صليب کي تہ خالي رهڻو ڪونهي. هو نہ، تہ تون! ڪنهن کي تہ صليب تي ضرور چڙهڻو آهي. مسيح کي نہ تہ يهوداهہ کي، سبب ڀل ٻيا ئي هجن. ڳالهہ جي اِنهي وٽ ۾ صليب جو ڇا؟ سوال آهي تہ ڪير ٿو ڪنهن کي صليب تي چاڙهي! ۽ هاڻي وَرَ ۾ تون آهين.....“

# جمهوريت بہ هڪ ذهنيت آهي

پَرهَترائيءَ (Sadism) ۽ آتم هَترائيءَ (Masochism) وانگر لوڪ شاهي يا جمهوريت بہ هڪ ذهنيت آهي. جيڪو ماڻهو پرهترائيءَ جو شڪار هوندو آهي، اُهو ٻين (ماڻهن) کي ايذاءُ ڏيندي ۽ چيچلائيندي خوشي محسوس ڪندو آهي.

ڪي نفسيات جا ماهر چون ٿا تہ ڪي ڇوڪرا، جو ڏسبو آهي تہ گهرن ۾، ۽ گهٽين ۾ ڪتن ۽ ٻلين کي پسرائيندا ۽ ايذائيندا رهندا آهن، اُنهن ۾ اهي اُنهيءَ پرهترائيءَ جا نشان هوندا آهن ۽ هو ڪڏهن ڪڏهن هڪٻئي کي بہ اُنهيءَ پرهترائيءَ جي اثر هيٺ ئي ستائيندا ۽ چيچلائيندا آهن.

جڏهن اُنهن مان ڪو هڪڙو ان ۾ حد لنگهي ويندو آهي، تہ اُن کي بُلِي (Bully) يا دڙٻاٽي چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اُهو وقت اندر سڌري نہ سگهيو، تہ وڏو هڪ خطرو بڻجي پوندو آهي.

۽ جيڪڏهن حالتون هُن لاءِ وڌيڪ سازگار هونديون تہ هو تاريخ جو وڏو قهار بڻجي سگهي ٿو ۽ وقتي اُن جو رخ بہ بدلائي سگهي ٿو.

جڏهن تيمور کي چيو ويو تہ پنهنجي فتوحات ۾ هن گهٽ ۾ گهٽ پنجنيهہ لک مسلمان ماريا هئا، تہ هن کي ايترو ارمان ٿيو، جو پڇتاءُ ڪندي هن قسم کنيو تہ هاڻي هو پنجنيهہ لک ڪافرن کي ماريندو! ۽ هن پوءِ فوراً چين تي حملي جون تياريون ڪيون، پر جلد ئي پاڻ مري پيو.

ساڳيءَ طرح چنگيز کي پنهنجن حملن ۾ بستين، ڳوٺن، شهرن ۽ سيبتائن کي نابود ڪندي، بيحد خوشي ٿيندي هئي ۽ مسلم تهذيب جو جيڪو هن حال بڻايو هو، سو پنهنجي دائيت جي خيال کان ڏاڍو هڪ هولناڪ نقصان هو.

تاريخ نويس ٻڌائين ٿا تہ بغداد جي گهٽين جون ڪَسيون عالمن ۽ فاضلن، اديبن ۽ سائنسدانن ۽ ٻين اهڙن تهذيب جي خادم شخصن جي رت سان پرجي پئي وهيون.

جڏهن چنگيز خان جو هڪڙو پٽ هڪڙي شهر کي گهيرو ڪندي، مارجي ويو تہ هو غصي ۾ اهڙو تپي باهہ ٿي ويو، جو ڪنهن هڪڙي ڪير پياڪ

ٻار ڪي بہ هن اُتي جيئرو نہ ڇڏيو ۽ شهر ڪي ڍهرائي پٽ ڪرائي ڇڏيائين - جڻ تہ شهر جي بچاءَ ڪندڙ ماڻهن هن جي پٽ جو ناحق خون ڪيو هو ۽ انهن ڪي پنهنجن گهرن ۽ پنهنجن ٻارن ٻچن جي بچاءُ ڪرڻ جو ڪو حق ئي ڪونہ هو.!

ساڳيءَ طرح، جڏهن نيپولين جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي صغير ٻالڪ جي مورت ڏٺي، جيڪا سندس ڏسڻ لاءِ ٻار جي ماءُ ڏانهس موڪلي هئي، تڏهن هُن جا ڳوڙها ٽمي پيا ۽ دانهن ڪري چيائين تہ "ڪٽي ويجو هِن ڪي هِتان! ههڙيءُ ڪچڙيءَ وهيءَ ۾ هِن لاءِ جنگ جي ميدان ڪي هيئن ڏسڻ ٺيڪ ناهي." (جڻ اُها مُورت مُورت نہ هئي، پر سندس جيئرو جاڳندو ٻار پاڻ هو.)

سيني پَرَهَترو ماڻهن جي اِها روش هوندي آهي. جڏهن اُهي ٻين ڪي ڏکوئيندا ۽ ايذاءُ ڏيندا آهن ۽ انهن ڪي موت ۽ بربادي‌ءَ جو نشانو بڻائيندا آهن، تڏهن هنن جي اندر ۾ ڪو بہ انساني احساس موجود ڪو نہ هوندو آهي.

پر جڏهن خود مٿن ٿوري بہ ڪا تڪليف يا ڪين ٿورو بہ ڪو ايذاءُ ايندو آهي، تڏهن هو - بادشاهہ هجن يا حجام هجن - پر ايئن سمجهندا آهن، جڻ ڪو سڄو آسمان مٿن ڪري پيو آهي.

هڪڙي ڪنهن پرهترو حجام تي هڪڙي ڪنهن بادشاهہ جو ڏاڍو اعتبار ۽ اعتماد ويهي ويو.

جڏهن بہ بادشاهہ هن کان پنهنجي ملڪ جي صورتحال بابت پڇندو هو، جيڪا ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي ويئي، تہ حجام ڏاڍيءَ چترائيءَ سان بادشاهہ کي چوندو هو تہ "سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي، حضور!"

"پر منهنجا وزير تہ شڪايت ٿا ڪن تہ حالتون ٺيڪ نہ آهن؟" بادشاهہ چوندو هو.

"حضور اعليٰ، حضور جا وزير حضور کي خوامخواهہ پريشان ٿا ڪن. ملڪ ۾ کير ۽ ماکيءَ جون نديون پيون وهن، ماڻهو آرام ۾ آهن ۽ خوش آهن ۽ حضور کي ڏينهن رات دعائون پيا ڪن ۽ حضور جي طاقت ۽ حشمت جي خوف کان حضور جي دشمنن جي ننڊ حرام آهي ۽ حضور جي جاهہ ۽ جلال جي رعب تاب ۾ هو ڏڪي رهيا آهن."

هيءُ ٻڌي، بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ اُن پرهترو ڪُوڙي کي هُو سون جِي انعام ۾ ڏيئي ڇڏيندو هو. جيڪا هو ڏاڍي ڏيان سان پاڻ وٽ گڏ ڪندو ويندو هو، تان جو گڏ ٿيندي ٿيندي، هن وٽ ڪڪڙ جي آني جيترو

سون گڏ ٿي ويو ۽ هو اُن سون جي آني جي هر رات، لوڪ سُتي، اُٿي، پوڄا ڪندو هو.

”ملڪ تباهيءَ جي ڪڙهہ تي پهچي ويو آهي ۽ بادشاهہ سلامت هن پرهترو حجام تي پاڙيو ويٺو آهي ۽ ٻڌي ٿو تہ بہ رڳو هن ڪي - مهرباني ڪري ڪا اسان ڪي وات ڏيکار تہ ڇا ڪرڻ کپي؟“ ڪن وطن دوست ماڻهن هڪڙي ڏاهي پيرسن وزير سان صلاح ڪئي. جيڪو پاسو ڏيئي پري تي وڃي ويهي رهيو هو.

”هڪڙي ڪنهن هاتڪ چور کي مون ڏانهن موڪلي ڏيو!“ ڏاهي شخص انهن کي چيو ۽ پوءِ جڏهن هاتڪ چور هن وٽ آيو، تڏهن پاسيرو ويهاري، هن جي ڪن ۾ ڦوڪ ڏنائين – ”اِنهي پرهترو حجام جو اِهو سونو آنو ڪٽي ’هڪ ٻہ – ٽي‘ ڪري ڇڏ!“ ۽ اُن رات جيئن ئي پرهترو حجام ڏٺو تہ سونو آنو، جنهن ۾ سندس ساهہ هو، وٽس ڪو نہ هو، تہ هو ڇتو ٿي پيو ۽ سڄي جو سڄو پنهنجي آپي کان ٻاهر نڪري آيو ۽ وٺي بادشاهہ سلامت جي خوابگاهہ ڏانهن ڊوڙ پاتائين ۽ اُتي بيهي رڙيون ڪرڻ لڳو: ”حضور، حضور، حضور، دشمن دروازي تي پهچي ويو! ماڻهو بک ۾ پاهہ پيا ٿين! ملڪ کي وبا وڃڙي ويئي آهي! ننڍو وڏو، زالين مردين، هر ڪو توکي پيو پٽي!“

”اڙي، پر اڄ صبح جو ئي تہ مون کي تو پڪ ڏني هئي تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي!“ بادشاهہ سلامت حيرت ۾ پئجي ۽ خوف ۾ بتال ٿي، هن کي چيو.

”سڀ ڪجهہ ٺيڪ هو، حضور، سڀ ڪجهہ ٺيڪ هو - منهنجو سونو آنو مون وٽ موجود هو. پر بنهہ هاڻي مون ڏٺو تہ اهو مون وٽ ڪونهي....“ پرهترو حجام ڳالهہ جو اِنو ڪڍيو - بلڪل ڪنهن تڪي تڪي هيٺ تري ڏانهن وڌندڙ ملڪ جي ڪنهن سياڻي سٽوپري عملدار وانگر، ڇو تہ ’حاشا وڪلا‘ سڀ ڪجهہ ٺيڪ هو - اوستائين جيستائين سندس پنهنجو ’سونو آنو‘ سلامت هو، پر اُن کان هڪ منٽ بہ پوءِ نہ.

ساڳيءَ طرح آتم هَترائي (Masochism) بہ هڪ ذهنيت آهي - پاڻ کي ايذائڻ جي ۽ اِن مان لطف وٺڻ ۽ مزي ماڻڻ جي، اڪثر زالن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اُهي فطرتاً آتم هترو هونديون آهن. اُنهن جي اهڙن سَوَن مثالن مان هڪڙي مثال طور هيءَ ڳالهہ اوهان جي بہ ٻڌل هوندي تہ هڪڙي مهاراڻي صاحبہ هوندي هئي، جيڪا پنهنجي صلح پسند ۽ نرم دل بادشاهہ سلامت جي

شريفاڻيءَ روش ۾ عزت پريءَ هلت جو قدر ڪو نه سڃاڻندي هئي. هن جو خاوند حيران هوندو هو ته ايئن ڇو هو ۽ ڳالهه جي 'ڇا ۽ ڇو' کي سمجهڻ لاءِ هن نيت هڪ ڏاهي پيرسن کان صلاح وٺڻ جو فيصلو ڪيو.

پوءِ اُن ڏاهي پير مرد جي صلاح مطابق ۾ هن سان گڏجي، بادشاهه سلامت ڇمڙا پوش ڪري پنهنجي محلات جي ٻاهران پت جي اوٽ ۾ رات جو ويهي رهيو ۽ هُن جي حيرت جي حد ڪا نه رهي، جڏهن دير دير سان، لوڪ ستي، هن ڏٺو ته هن جي راڻي صاحبه، ڳوناٺيءَ ڪنهن عورت جو ويس پائي، مٿي تي ڪُنيءَ جو طباخ رکي، محل جي هڪڙي چور دروازي مان نڪري، پير پير ۾ ڏيندي، ٻاهر ڏٺي مُٺي هڪڙي ڪاري ڪلوٽي شيديءَ جي ٻُهري ۾ گهڙي ويئي، جنهن نه ڪئي هم نه تم. ڪٺندي ڏڳهو چم جو هڪ ڇهبڪ ٻيهي راڻي صاحبه کي سنڌ لڳو ۽ هٽي هن جي پَٽ جهڙيءَ نرم ۽ نازڪ پُٺيءَ تي ٻَنا ڪري ڇڏيائين - ڇو ته هن کي وٺس اُيندي ايندي ڪجهه دير ٿي ويئي هئي يا ڪو ٻيو سبب هو جنهن تان هو مٿس ناراض هو!

بادشاهه سلامت تي وڌيڪ دهشت تڏهن طاري ٿي، جڏهن ڇهبڪ جي هر سٽڪي تي مهاراڻي صاحبه جي ڪومل ڇپن مان هُن اهڙا ڪُٽڪار نڪرندي ٻڌا جهڙا پُنن تي ٿڌڙن نڪرندي ماڻهوءَ جي منهن مان نڪرندا آهن.

"بادشاهه سلامت،" ڏاهي پير مرد بادشاهه سلامت جي ڪن تي منهن رکي چيو، "حضور جن پاڻ ڏسي سگهن ٿا ته راڻي صاحبه آتم هترو آهي ۽ حضور جن، جو راڻي صاحبه جي ٻت تان پَٽ جي تاندورن سان هوا کي هڪلي پيا پري ڪندا هئا، سو اُن مان ته راڻي صاحبه جي ٻت جا آڪڙ پاڻ چڙهندا پيا هئا ۽ راڻي صاحبه بجاءِ خوش ٿيڻ جي، حضور مان وڌيڪ بيزار پيئي ٿيندي هئي! راڻي صاحبه لاءِ سُرور ۽ راحت ته اِن ۾ آهي، جيڪي بادشاهه سلامت اڄ پاڻ اکئين ڏٺو!"

پر هِن سلسلي جي حقيقت هيءَ به آهي ته عام طرح ۾ گهٽي قدر پرسترو خود آتم هترو به ٿئي ٿو ۽ آتم هترو خود پرهترو به. تاريخ جي ڪتابن ۾ سدا ياد رهندڙ روسي جنرل ۽ شهنشاهه جوليس سيزر لاءِ بيان ٿيل آهي ته هو 'هر مڙس جي زال' به هو ته 'هر زال جو مڙس' به هو. اِها هُن جي شهرت هن جي جيئري ئي عام اُتيل هئي ۽ ڪيس اِن جي خبر به هئي ۽ اُن جي هُن کي پرواهه به ڪا نه هئي.

اِهو ئي هنِ لاءِ ڪافي هو تہ هن رومن شهنشاهت جي سرحدن ۾ توسيع ڪئي هئي ۽ اُن ۾ هن جرمنيءَ ۽ فرانس جهڙا ملڪ بہ شامل ڪيا هئا ۽ هن جي نالي جي هر ڪنهن جي دل تي ڌاڪ ويٺل هئي، سواءِ ڪليوپيٽرا جي، جنهن کي معلوم ايئن تو ٿئي، تہ اهڙين هستين کي آگر جي اشاري سان اُٿارڻ ويهارڻ جو پورو علم هو بلڪ اُن لاءِ هن وٽ فن ۽ مصلحت جي بي مثل مهارت موجود هئي.

هر زماني جي ۽ هر ملڪ جي پرهترو - آتم هترو حاڪمن ۽ عملدارن لاءِ چيو ويو آهي تہ ”جيڪو بادشاهہ سلامت جي پير جو ٺڏو شاهي حاجب کي صبح جو لڳندو، اُهو هڪڙي ڪان ٻئي کي ۽ ٻئي ڪان ٽئين کي، ٿيندي ٿيندي، شام تائين وچي اصطبل جي گاميءَ کي پنيان ٺڪاءُ ٿيندو“ - بذريعي ’سلسلہ هاي واجبہ‘ (اِن اصطلاح جي معنيٰ جيڪا بہ هجي يا نہ هجي، اُن معنيٰ جي عين مطابقت سان).

”پاڻ کان هيٺئين کي لت ۽ پاڻ کان مٿئين جي چُمر چَٽ“ - نظامت جي سنجڻ ۾ ڪاميابيءَ جو گُر اهو آهي: هيءَ ڳالهہ اهڙي هڪڙي پرهترڪ - آتم هترڪ ڪاريگريءَ جي ماهر جي بيان ڪيل آهي، جيڪو پنهنجن پڌرن اوصافن ۽ سٺيي ۽ چلڪيدار حُليي مان ظاهر هو تہ اُن گُر جو ئي مفاديل ۽ نوازيل هو.

هاڻي، هن پرهترڪ - آتم هترڪ ذهنيت جي سڀ کان وڌ عجيب غريب ڳالهہ هيءَ آهي تہ نہ رڳو فرد ۽ رڳو خود - مفادي گروهن جا ڪي ٽورا ماٺهو، پر سڄي جون سڄيون قومون هن پرهترائيءَ - واڌو- آتم هترائيءَ جي مرض جون شڪار ٿي سگهن ٿيون.

هن برصغير ۾ هڪڙيءَ رياست جو هڪڙو راجا هوندو هو، جنهن جو محبوب مشغلو هيءُ هوندو هو تہ اهو پنهنجن ماڻهن کي بڪيو، اُجيو، ڏکيو ۽ ذلت ۽ خواريءَ ۾ مبتلا رکي، اُنهن جي اُن اذيتناڪيءَ مان بيحد مسرور ۽ محظوظ ٿيندو هو. هو پنهنجيءَ ٽئڪس پريندڙ رعايا مان ڪن کي جهلي، هڪڙيءَ اونهيءَ کڏ ۾ اُنهن کي مٿان لٽڪارائيندو هو، جنهن هيٺ ڏينهن جا بکايل چيتا ويٺا هوندا هئا. جيڪي ايئن پنهنجي شڪار کي مٿان لٽڪندو ڏسي، اُنهن کي ڇني پَٽي کائڻ لاءِ وني انهن تي مٿي ڇال ڏيندا هئا.

ان دور جي مشهور اخبار ’رياست‘ جي ايڊيٽر پنهنجي اخبار جي صفحن ۾ تفصيل سان ۽ مسٽر ڪي - ايل - گابا، پنهنجي انگريزي ڪتاب

'هزهائينس آرپئٽالاجي آف پرنسز' ("اعليٰ حضرت عرف شهزادن جي علت") ۾ نموني طور، هندستان جي اهڙن 1947ع کان اڳ جي اعليٰ حضرتن يعني تڏهوڪن ڏيهي رياستن جي راجائن مهاراجائن جي اهڙن پرهترڪ طبعي لاڙن جو ڏاڍن دل لوڏيندڙ لفظن ۾ بيان ڪيو آهي.

۽ اُهي ئي ساڳيا اعليٰ حضرت، اُنهن ئي ساڳين ڏينهن ۾، اُتي اُن ئي ساڳئي هندستان ۾، پنهنجي انگريز آقا جي هڪ معمولي عملدار جي رڳو اک جي اشاري تي، جيڪو 'ريزيڊنٽ ايجنٽ' جي لقب سان سندن ڪنڌ تي سوار ٿيو ويٺو هوندو هو، پاڻ کي ذلت جي اونهي کان اونهي تهہ تائين ڪيرائڻ کان بہ ڪين روڪيندا هئا، بلڪ ايئن ڪرڻ ۾ هو پنهنجو فخر ۽ شان سمجهندا هئا - ۽ اِيئن پنهنجي آقا طرفان وٺن ويهاريل اُن دڙباني چاڪر جي پيرن کي چمڻ لاءِ هردم تيار هجڻ جي ثبوت طور، هو پاڻ کي 'فرزند سلطنت انگليسيہ' سڏائيندا هئا ۽ اُن پنهنجي سعادت - فرزندگيءَ تي ڪين وڏو ناز هوندو هو.

هڪ ڀيري جڏهن اهڙي هڪڙي انگريزن جي ريزيڊنٽ ايجنٽ هڪڙي اهڙي راجا (يا - مهاراجا؟) کي چيو تہ "مائي باپ انگريز بهادر جي سرڪار عاليہ تو کان جيڪڏهن پنهنجي رياست واپس وٺي تہ پوءِ.....؟" تڏهن، لازمي آداب بجا آڻيندي، اُن جو جواب ڏنو تہ "نہ، اوهين ايئن نٽا ڪري سگهو!"

"چو نٽا ڪري سگهون؟" ريزيڊنٽ ڪاوڙ ۾ پرجي چيو.

"ڇاڪاڻ تہ منهنجي رياست اوهان مون کي خيرات طور ڏني آهي. ماٺهو پنهنجي خيرات ڪنهن کان واپس ٿورو ئي وٺندا آهن!" اِهو هو ذليل جواب پنهنجي آڏو گوڏن ڀَر ڪريل رعيت جي اُن مغرور راجا جو.

"هر دڙباني ڪانئر هوندو آهي" - اِن حقيقت جو پورو پورو عملي مثال، سچ پچ تہ 1857ع کان 1947ع تائين برصغير جي اهڙن اڪثر اعليٰ حضرتن جي نوي سالن جي حڪمرانيءَ دوران، قدم قدم تي، دنيا جي آڏو ظاهر ٿيندو رهندو هو.

۽ پوءِ جڏهن جمهوريت جو اجهل طوفان اُٿيو ۽ قومي آزاديءَ جو اٿل سيلاب اڳتي وڌيو، تڏهن هِنن پرهترو - آتم هترو دڙباني ڪانئرن جون قطارن پٺيان قطارون سندن سامراجي آقائن جي فيصلن سميت، واريءَ جي ڀتين وانگر ڀور ڀور ٿِيو ۽ ڪکن پنن وانگر اُڏامي، تاريخ جي پولار ۾ ايئن گم ٿي ويون، ڄڻ اُنهن جو وجود هئڻ لاءِ هِتي ڪڏهن هو ئي ڪو نہ.

ھھڙي پرھترائي - واڌو - آتم ھترائي، ھھڙو دڙياتي ڪانئرپٽو، رڳو ڪو 'موروثي شھزادن' تائين محدود ڪونھي، نہ، ھرگز نہ. ڪنھن بہ طرح رڳي موروثي شھزادا ان علت يا لعنت جا موروثي ملامتي نہ آھن.

ڪو بہ طاقت ۾ آيل صاحب جڏھن طاقت جي نشي ۾ اچي ٿو، تہ اُھو نشو اُن ۾ چريائي بلڪ چِتائي پيدا ڪري ٿو ۽ چريائيءَ يا چِتائيءَ ۾ باقي اُن جي ڪھڙي ڳالھہ ھوش واري يا وزنائتي رھي سگھندي؟ - ڪڏھن رھي سگھندي ۽ ڪيئن رھي سگھندي؟.

فقط ۽ فقط جمھوري ذھنيت ئي آھي، جيڪا پاڻ وٽ اھڙي ھوش ۽ اھڙي وزن يا ھڪَڪَرائيءَ جي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.

۽ اُن جو، يعني جمھوري ذھنيت جو اثرائتو اظھار سياسي دائري ۾ ڪڏھن ممڪن ٿي ئي نٿو سگھي، جيڪڏھن پھريائين اُھا شخصي ۽ سماجي دائري ۾ موجود نہ آھي.

سڀ کان اول ۽ سڀ کان مٿي، جمھوريت ھڪ ذھنيت آھي - من جي ھڪ ڪيفيت، روح جو ھڪ لاڙو - زندگيءَ جي روش ۽ زندگيءَ ڏانھن نگاھہ جو ھڪ رخ يا ھڪ نقطو — 'جيئو ۽ جيئڻ ڏيو' جي دلي تمنا، ھڪ اھا تمنا ۽ دلي رضا، جيڪا ماڻھن جي اڪثريت زندگيءَ جي ھڪ رستي يا طريقي طور پنھنجي لاءِ سھل ۽ مفيد سمجھي قبول ڪري ٿي.

جمھوري ذھنيت ھڪ پختو منفي ارادو آھي، پنھنجي خاص طرز زندگيءَ کي واحد طرز زندگي سمجھي ٻين جي مٿان عائد نہ ڪرڻ جو.

اُھا ھڪ اڏول ۽ اٽل فيصلو آھي، زندگيءَ جي راھہ تي گڏجي ھلندي، ٻين جي پيرن کي نہ چيڀاٽڻ جو، ۽ نہ ٻين کي پنھنجي پيرن کي چِپڻ جي اجازت ڏيڻ جو - چا بہ ھجي ۽ چا بہ ٿي پوي.

اُھا پرھترائيءَ ۽ آتم ھترائيءَ جي پوري وچ تي بيٺل، خودشناس ۽ خلق شناس، محڪم ۽ پروقار انفراديت آھي.

جيڪڏھن يورپ کي گذريل ٽن ھزار سالن کان وٺي، سياست جو ھڪ ۽ فقط ھڪ، تجربيگاھہ سمجھي سگھجي، جتي سماج ۽ سياست جي ھر صورت ۽ ھر قسم جي آزمائش ٿي آھي - وحشي پڻي يا حيوانيت کان وٺي، بربريت، قبائليت، نراجيت، ملوڪيت، جاگيريت، خواصيت، اُمراگردي، شاھوڪارشاھي، ويندي انبوھہ شاھيءَ تائين (جو تہ فرينچ انقلاب جي اوائلي

ڏينهن ۾ ايئن ئي هو). ۽ فسطائيت - اِنهن سڀني صورتن جي جتي آزمائش عمل ۾ آئي، آهي ۽ اُهي سڀئي ناڪام، غلط ۽ مدي خارج ثابت ٿي چڪيون آهن. اُتي ئي سماجي ۽ سياسي زندگيءَ جي اُها صورت - جيڪا پڻ سڀئي تسليم ڪن ٿا تہ اڻپوري ۽ نامڪملِ آهي ۽ اِنهيءَ ڪري وڌندڙ ۽ اُسرندڙ بہ آهي - جنهن کي جمهوريت ٿو چئجي، اُها ئي زندگيءَ جي انفرادي توڙي اجتماعي گذاري جي اهڙي هڪ صورت آهي، جا ڏسجي ايئن ٿو تہ نہ پرهترڪ آهي ۽ نہ آتم هترڪ.

اُن ۾ هڪ نقص يا بہ نقص نہ آهن.

اُن ۾ گهڻا نقص آهن.

پر اُن ۾ اهڙا تہ اندروني خود اصلاح جا طريقا موجود آهن، جيڪي اُن جي ساخت جا لازمي جزا يا عنصر آهن، جو چرچل جهڙو سخت گير ماڻهو، جيڪو، وس پهچندي، پنهنجي آخري عمر تائين، اُن جي ڏارا ڪي پنهنجي زوال پذير برطانوي شهنشاهيت ڪي سيراب ڪرڻ ڪان روڪيندو رهيو، تنهن جو قول آهي تہ "جمهوريت جي سڀني خرابين جو علاج هڪ ئي آهي: وڌيڪ جمهوريت، اڃا وڌيڪ جمهوريت."

جمهوريت جي اعليٰ خوبيءَ جو بيان اِن کان بهتر ڪنهن ڪيو ئي ڪونهي ۽ نہ شايد ڪو ٿيندو.

جمهوري ذهنيت لاءِ عقيدت ۽ اُن ۾ انساني اعتماد جو اظهار اِن کان بهتر ٻيو ٿي نٿو سگهي.

--

# جمهوريت جا ست جنم

لوڪ ڪٿا جي ہليءَ وانگر جمهوريت جا ست جنم ٿين ٿا. شايد اُن ڪان بہ وڌيڪ.

اِهو سڀ انهيءَ ڪري جو، جيئن ابرهام لنڪن چيو آهي، جمهوريت ’ماڻهن لاءِ، ماڻهن پاران، ماڻهن جِي‘ حڪومت آهي.

پر يوناني ڏندڪٿائي سورمي ’ايڪلس‘ وانگر، جنهن کي بت تي ڪٿي بہ، سواءِ پير جي ڪڙيءَ جي، ڌڪ لڳندو هو تہ ڪجھ ڪو نہ ٿيندو هوس، جمهوريت جي بہ هڪڙي ڏڪندڙ ڪڙي آهي. اُن ڏڪندڙ ڪڙيءَ سڄيءَ دنيا ۾ جمهوريت کي ورِي ورِي پٺي هيٺو ڪيو ۽ نقصان رسايو آهي. جمهوريت جي اُها ڏڪندڙ ڪڙي - اُن جي اِها ئي ڪمزوري چئجي - هيءَ آهي تہ فقط جمهوري طرز حڪومت جي سايي ۾ ئي غير جمهوري ماڻهو رهي سگهن ٿا، نہ فقط رهي سگهن ٿا، پر وڌي ويجهي بہ سگهن ٿا.

ڪا بہ غير جمهوري حڪومت پنهنجي انڪار ڪندڙن يا مخالفن کي برداشت نہ ڪندي آهي. هڪ ڀيري، ڪٿان جو ڪو فيلسوف هوندو هو، جنهن لاءِ مشهور هو تہ هُن کي جمهوريت ڪان چڙ هوندي هئي، اُن ڏانهن هڪڙي ڏيهو، ڪم طاقت بادشاھ پنهنجو هڪڙو غلام موڪليو تہ حڪومت جي ضابطي جو ڪو گُر هن ڪان پڇي اچي. فيلسوف ڇا ڪيو، جو غلام کي ساڻ ڪري، ترار هٿ ۾ کڻي، هڪڙي باغ ۾ ويو ۽ اُتي گلن جي هڪڙي ٻاري مٿان بيهي، ترار جي هڪ ئي ڌڪ سان وڏا وڏا گل ڪپي ڇڏيائين، جيڪي خوش خوش، پنهنجو سهٽيون چوٽيون ٻين گلن ڪان مٿي ڪنيو، هوا ۾ لڏي رهيا هئا، ۽ پوءِ پنهنجي علم، ۽ دانش جي هوا ۾ ڦوڪجي، غلام کي ڇڙٻ ڏيندي چيائين: ”وڃ، وڃي پنهنجي بادشاھ کي سلام چئو ۽ جيڪي اکئين ڏٺئي سو وڃي هن کي ٻڌاءِ!“

بادشاھ کي ايترو تہ عقل هو - سو ڇا ڪيائين، جو جيڪي بہ ماڻهو سندس بادشاهيءَ ۾ پنهنجا سِر اوچا ڪيو يا ڪنڌ ڊگهيريو، ڪجھ اڳيري ٿيڻ يا اڳيان اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، تن جا فورن ڪنڌ ڪپائي ڇڏيائين ۽ اُن ڪان پوءِ هو مزي سان ۽ پوريءَ چپ چپات ۾ حڪومت ڪرڻ لڳو.

مطلب تہ ڪا بہ چڙواڳ حاڪميت، ڪو بہ ڏاڍ يا استبداد ۽ ڪا بہ آپيشاهي پنهنجي اندروني دشمنن ڪي برداشت نہ ٿي ڪري، پر جمهوريت، چاڪاڻ تہ آهي ئي رهائيءَ جي هڪ راهہ ۽ آزادگيءَ جو هڪ سرشتو، اُن جو اهو ايمان آهي ۽ اُن جي دل ۾ اها اُميد رهي ٿي تہ سندس مخالف سندس نعمتن کي سڃاڻندا ۽ انهن جو قدر ڪندا ۽ اِنهيءَ ڪري اُها هر حال ۾ ڪين موقعو ڏئي ٿي تہ جيڪڏهن هو چاهين تہ  پلي ڪيس ”آزمائي پڪ ڪن، وڏيڪ آزمائين ۽ وڌيڪ پڪ ڪن!“.

جمهوريت جي معنيٰ ئي آهي، تنهنجي، منهنجي ۽ سڀ جي آزادي - ذاتي آزادي ۽ گڏيل آزادي - چاڪاڻ تہ تون ۽ آءٌ ۽ اسين سڀيئي جڏهن لوڻ چپٽي بہ خريد ڪريون ٿا تہ ٽئڪس ڏيون ٿا، ماچيس جي ڪا تيلي وٺون ٿا، چانورن جو ڪو داڻو، رڳي واريءَ جي ڪا مُٺ خريد ڪريون ٿا، تہ اُن لاءِ بہ پنهنجي حصي جي ٽئڪس ڏيون ٿا.

اڳين ڏينهن ۾ اسين ٽئڪسون ’ڏيندا‘ ڪو نہ هئاسون، پر بادشاهہ، ظالم، فاتح ٻين ماڻهن جا ملڪ فتح ڪندا هئا ۽ اُنهن کان زوريءَ زمينون ڪسيندا هئا ۽ گذارڻ لاءِ اُنهن کي پنهنجين ئي اُنهن زمينن کي آباد ڪرڻ تڏهن ڏيندا هئا، جڏهن اُنهن کان زوريءَ هو ٽئڪسون ’وٺندا‘ بلڪ ’ڦريندا‘ هئا - چاڪاڻ تہ جو ڪجهہ هو اسان کان ايئن ’ڦريندا‘ هئا ان جي عيوض ۾ هو پنهنجي طرفان اسان کي نہ ڪائي سهوليت ڏيندا هئا نہ اسان جي ڪا ڀلائي ڪندا هئا.

هو جيڪڏهن پنهنجي دشمنن کان اسان جو بچاءُ بہ ڪندا هئا، تہ اُهو بہ ايئن هوندو هو، جڻ هنن پنهنجي کير ڏيندڙ مال جو يا آنن لاهيندڙ ڪڪڙين جو ٻين جانورن کان بچاءُ ٿي ڪيو. هو اسان جو بچاءُ اسان جي خاطر ڪو نہ ڪندا هئا، اُهو بہ هو پنهنجي خاطر، پنهنجي فائدي ۽ پنهنجي دٻدٻي خاطر ڪندا هئا.

اُن جي مقابلي ۾، جمهوريت ۾، اسين عام ماڻهو جيڪي پنهنجي پنهنجي منهن الڳ الڳ ڪمن ۾ رڌل رهون ٿا، تن جي گڏيل سهوليت ۽ فائدي لاءِ، سک ۽ سلامتيءَ لاءِ، اسان جي جمهوري حڪومت، شعوري طور ۽ رٿائتي نموني، وڏي پيماني تي ۽ ڏاڍن الجهيل جديد طريقن سان اسان جي واپاري جنسن جي ڏي وٺ، ڪڻڪ آٽڻ ۽ مٿاسٽا، صحت ۽ تعليم، امن امان ۽ صلح

سلامتيءَ جا اِيئن بندوبست رکي ٿي، جڻ هوءَ اسان جي زرخريد خادم آهي - جيئن واقعي آهي بہ ۽ اُن کي ايئن هئڻ بہ گهرجي.

اِنهيءَ ڪري قائداعظم ڪراچيءَ جي خالقڏني هال ۾ 15 ڊسمبر 1947ع تي حڪومت جي عملدارن کي جيڪي 'پبلڪ سرونٽس' (عام جا خادم) سڏجن ٿا ۽ سڏائين ٿا، خطاب ڪندي، سڌو سنئون ۽ ڏاڍن زوردارن لفظن ۾ ياد ڏياريو هو تہ "اوهين خادم لوڪ آهيو، نہ صاحب لوڪ!" ۽ اِهو اِنهيءَ ڪري جو هو پگهاردار هئا ۽ جيڪي پگهار اُنهن کي مليا ٿي، سي عام (ماڻهن) جي ڪمائيءَ مان ۽ اُنهن جي ڪيسي مان مليا ٿي.

مطلب تہ جمهوريت ۾ جتي پڪيءَ ملازمت ۾ ويٺل عملدار آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي سونپيل ڪم جا ماهر ليکجن ٿا ۽ جن کي هر هر تبديل نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ تہ ڪين خاص تربيت مليل آهي ۽ سندن تجربي ۽ ڄاڻ سبب سماج کي سندن لاڳيتي ضرورت رهي ٿي. اُتي عوام جا چونڊيل عيوضي بہ آهن، جيڪي جمهوري طرز حڪومت جا قانون ۽ دستور ٺاهين ٿا ۽ پڻ عوام پاران سندن پگهاردار ملازمن تي ضابطو رکن ٿا ۽ پاڻ ڪنهن سوچيل سمجهيل ۽ آزمايل اصول هيٺ وقفي وقفي ڪان پوءِ نئين سر چونڊجن ٿا ۽ بدلجن ٿا - اُهي ملازم توڙي عيوضي، سڀ عوام جا خادم آهن ۽ هرگز هرگز عوام جا مالڪ، ڌڻي يا آقا نہ آهن.

هن ڳالهہ جو سڌو سنئون ۽ صاف مثال تڏهن ملي ٿو، جڏهن اسين هڪ پاسي ملڪ برطانيا جي هڪ ڳوٺ جي حڪومتي نظام ۽ ٻئي پاسي پنهنجي بلڪ سڄي برصغير هند و پاڪ جي هڪ ڳوٺ جي طرز حڪومت جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪريون ٿا.

پاڪ-هند جي ڳوٺ ۾ ڳوٺاڻو راڄ يا ڳوٺاڻي حڪومت تقريباً موروثي - واڏو - جاتي يا قبائلي بنيادن تي هلندڙ هئي (۽ اڄ بہ اڪثر ايئن ئي هلندڙ آهي). ڳوٺ جا ڪي بزرگ - ڇاڪاڻ تہ اُهي اوچيءَ جات جا هئا، يا وڏيڪ شاهوڪار هئا ۽ اِنهيءَ ڪري وڏيڪ عزت ۽ مان وارا شمار ٿي ٿيا، اُنهن مان پنجن جي پنچات ٿي ٺهي ۽ اُهي اُن جا تاحيات 'پنچ' هئا ۽ اڪثر اُنهن جي جاءِ سندن اولاد مان ڪنهن اچي ٿي والاري. (ڪن ڪن هنڌن تي وڏيرپ، 'چئن چڱن مڙسن' يا جرڳائي قسم جي ڳوٺاڻي راڄ جا بنياد بہ اهڙا ئي نسل ۽ دولت جي بنياد تي موروثي صورت جا هئا - پڳ ٻڌڻ يا ٻڌائڻ جو رواج اِن جي علامت بلڪ سَندَ طور اسان وٽ اڃان بہ موجود آهي.)

پر انگلنڊ جي ننڍي ڳوٺ ۾ جتي ’پئنچ‘ يا ’چڱا مڙس‘ ڪٽي ٿي ٿي هجن، پر اُهي سال بسال نوان چونڊيا ٿي ويا ۽ چونڊجن ٿا - اُنهن ٿن مان هڪڙو ’شيرف‘ (Sheriff) ٿي سڏيو.

هاڻي، سمجهو ته اُتي ڳوٺاڻيءَ ڪائونسل تي ٽي ميمبر چونڊجي آيا آهن - هڪڙو نڪلسن، ٻيو جانسن ۽ ٽيون پيٽرسن ۽ انهن مان شيرف آهي پيٽرسن.

هاڻي، فرض ڪيو ته ڳوٺ جي ماڻهن، جي اُنهن کي چونڊيو، تن جي اُنهيءَ ٿوري يا احسان جي بدلي ۾ هي ٽي اُنهن جا چڱا مڙس فيصلو ڪن ٿا ته پٽاڻن جي في سير ڳوٺاڻي ٽئڪس ۾ پنجن ’پينسن‘ جي ڪمي ڪري ڇڏجي - جيڪي سندن ڳوٺ ۾ وڪري لاءِ ٻاهران ٿي آيا.

چا، اوهين ائين ٿا سمجهو ته اِنهيءَ ٽئڪس جي تخفيف يا لاٿ سبب ڳوٺاڻا پنهنجي ڳوٺ جي گڏيل ڀلائيءَ جي ٻين ڳالهين جي سلسلي ۾ پنهنجي چوڪسي گهٽائي ڇڏيندا يا اُنهن پنهنجن هڪ سال لاءِ چونڊيل ٽن چڱن مڙسن جي ٻئي ڪم ڪار ۽ انتظام جي باري ۾ پنهنجن ڪنن ۾ ڪپهه وجهي ويهندا يا پنهنجون اکيون پوري ڇڏيندا!.

نه، بلڪل نه.

’مئڪ‘، هڪڙو ڪو اُنهن مان ميخاني ۾ ٻئي کي ٺونٺ هڻي يا رستي تي سڏ ڪري چوندو، ”مئڪ، ڳالهه مڙيئي ڪجهه اٿئي، ڪا اٽڪل مڙيئي ڪٽي آهي!“

”چا ٿو چوين، ٽام؟ چا ٿو چوين؟“

’مئڪ‘، هنن يارن پٽاڻن تان پنج پينس ٽئڪس لاٿي آهي، پر ڏسجان، هي ڪنڊ تي وري ڏهه پينس وڌائي ڇڏيندئي! سچا ڏهه پينس ڪنڊ تي، مئڪ!“

۽ پوءِ هي، جن اُنهن ٽن کي چونڊي پنهنجو چڱو مڙس بڻايو، سي اُها واڌو ٽئڪس لڳندي ته ڀ ڏيندا، يعني ڪنڊ تي واڌو ڏهن پينسن جي ٽئڪس، پر هو پنهنجي واري لاءِ ترسيا ويٺا هوندا، سچ پچ ته اکيون کوليو، ڪن سرلا ڪيو، ترسيا ويٺا هوندا ۽ جڏهن ٻئي سال چونڊن جو وقت آيو، تڏهن اِهي ٽا وڃن پنهنجي گهر اُهي ٽي ’چڱا مڙس‘، جن پنجِ پينس پٽاڻن تان ٽئڪس لاهي ڪنڊ تي ڏهه پينس ٽئڪس چاڙهي ڇڏي هئي! اُهي ٻئي واري وري چونڊجي سگهن، سا ڳالهه ڪا نه ٿيندي.

انگلنڊ جي ڳوٺ ۽ اسان جي ڳوٺ جي وچ ۾ ٻيو فرق: اُتي انگلنڊ ۾ لارڊن (نوابن، جاگيردارن، وڏيرن) جي زوال سان گڏوگڏ جيڪو اُنهن جي بادشاهه هينري ستين جي (1485ع ۾) تخت نشينيءَ سان شروع ٿيو، انگلنڊ جي شهري تاجر طبقي جو عروج بہ شروع ٿيو، جنهن پورو پختو زور اُن جي پٽ هينري اٺين جي راڄ47-1509 ع) ۾ ورتو.

پر هتي هند-پاڪ جي ڳوٺن ۾، ويندي، ماضي قريب تائين، ايئن ڪو نہ ٿيو (بلڪ اسانِ وٽ تہ اڄ بہ ايئن ڪونهي). هتي ڳوناٽيون پنچائتون، راڄ يا برادريون هرگز اُهي مثالي جمهوريتون ڪين هيون، جيئن پروپيگنڊائي مفادن لاءِ اُنهن کي مشهور ڪيو پئي ويو آهي. ڇو تہ هتي زميندار ۽ جاگيردار، وڏيرا ۽ سردار، نواب ۽ صوبيدار، سڄن سارن ڳوٺن جا مالڪ هئا، جي هو ڪيترن هنڌن تي خريد فروخت بہ ڪري ٿي سگهيا. ۽ پوءِ جڏهن جديد زماني جي پارليماني يا ووٽن واري جمهوريت اڏو گابرو شڪلِ ۾ هتي رائج ٿي ۽ سا بہ ’مٿان ڪان هيٺ‘ يعني ’راجا ڪان رعيت‘ تائين، تڏهن اُن جي نتيجي ۾ ڳوٺاڻن جا ’ووٽ‘ اُنهن ئي زميندار ۽ جاگيردارن، اُنهن ئي ’ڇڳن مڙسن‘ ۽ ’پئنچن‘ جي اِيئن قبضي ۾ اچي ويا، جيئن اُنهن جا پنهنجا رڍن، ٻڪرين ۽ ڍڳن ڍورن جا ڌاريل ڌڻ.

برطانوي ڳوٺ جي جمهوري راڄ ۽ هند - پاڪ جي ڳوناٽي پئنچاتي (وڏيراٽي، ’ڇئن ڇڳن‘ جي يا جرگائي) راڄ ۾ مکيہ ۽ اهم فرق اِهو آهي.

برطانوي ڳوٺ جو هڪ هڪ ڳوناٽو پنهنجي ووٽ جي پوري پوري قيمت ڄاڻي ٿو. هن وٽ ووٽ ئي هڪ اهڙو هٿيار آهي، جنهن جي وسيلي هو پرامن نموني اڳين چونڊيل شخصن کي ڊوڙائي ڪڍي ٿو ۽ ڇڏي ۽ اُنهن جي جاءِ تي هو ٻين اهڙن پنهنجن عيوضين کي چونڊي ٿو، جن کي هو پنهنجن خدمتگار عيوضين طور ٻئي سال لاءِ آزمائڻ گهري ٿو.

۽ چونڊ لاءِ ڳوٺ يا تڪ جي ووٽرن جو بنيادي خيال يا امنگ اُتي هڪ ئي هوندو آهي، يعني ڳوٺ يا تڪ جا مخصوص فائدا جيڪي چونڊ لاءِ بيٺل هڪ اميدوار کي نہ پر ٻئي اميدوار کي ووٽ ڏيڻ سان حاصل ٿي سگهن ٿا ۽ جيڪڏهن سڄو سال يعني ٻين چونڊن تائين اُهي فائدا حاصل نہ ٿي سگهيا، تہ اِڳ چونڊيل عيوضيءَ يا عيوضين جي وڏيڪ ڪاميابيءَ جي اميدن کي وري بہ اُن ساڳيءَ بئلٽ باڪس يعني ووٽ جي پيٽيءَ ۾ دفن ٿيڻو هو.

اِها آهي ڌرتيءَ مان چانور ۽ ڌرتيءَ مان اُپريل جمهوريت، جنهن جا ست جنم آهن، ڇو ته اُن جون پاڙون پاتال ۾ کُتل آهن.

اِها ڳوٺ جي سدا سائي سَتابي ۽ صاف سُرهي، عوامي مت ۽ مريادا مان اتيل جمهوريت آهي، جيڪا اُتان اٿي، اُپري ۽ وڌي، ملڪ جي سچي حڪومتي چرخي ۾ اُن جي عملداري مانداڻن کي سنڀالڻ ۽ هلائڻ لاءِ، اهڙو ئي چوڪس ۽ باخبر، مٿي پارليامينٽ هائوس تائين وڃي پهچي ٿي.

هِتي، سچ پچ به ته هزارين ڪوهن تان ۽ اسان جي سامراجي حاڪمن وٽان، مٿان يعني لنڊن جي برطانوي هائوس آف پارليامينٽ جي رعبدار فرمان سان جمهوري ادارا مرڪزي ۽ صوبائي اسيمبلين کان وٺي ضلعي ۽ تعلقي جي بورڊن تائين قائم ٿيا ۽ اُنهن سڀنيءَ جو مالڪ ۽ مختار ۽ حاڪم اعليٰ برطانوي گورنر جنرل هو، جنهن کي 'وائسراءِ' (نائب بادشاهه) به سڏيندا هئا ۽ جيڪو اُن ڏورانهين، رعبدار، اسان جي اعليٰ برطانوي پارليامينٽ جو پگهاردار ملازم هو (جيتوڻيڪ هن جو اُهو پگهار اسان کان 'ورتل' ٽئڪس مان هندستان جي خزاني کي ئي پرٽو پوندو هو) ۽ اُنهن مٿان کان مرحمت ڪيل يا مڙهيل جمهوري ادارن جي ٺاهڻ ڍاهڻ توڙي هلائڻ نه هلائڻ جون چاٻيون به ان جي يا ان جي ڀين ننڍن حڪم جي ٻندن، حاڪمن ۽ عملدارن جي ئي هٿ ۾ هونديون هيون ۽ اُنهن اعليٰ حاڪمن کان عطا ٿيل جمهوريت ۽ اُن جي جمهوري ادارن لاءِ خود ووٽ جو حق به اسان وٽ هتي اسان جي بالغ آباديءَ جي سڀني ماڻهن کي نه پر فقط ڏهن کان پندرهن في سيڪڙو ماڻهن کي مس مليل هوندو هو ۽ اِها صورتحال برصغير ۾ 1947ع تائين اِيئن قائم هئي.

۽ چاڪاڻ ته اُن برطانيه جي مقرر ڪيل گورنر جنرل جو پگهار هندستان جي خزاني کي پرٽو پوندو هو، مهاتما گانڌيءَ اُنهن ڏينهن جي وائسراءِ لارڊ ريڊنگ کي هڪڙو خط لکيو، جنهن ۾ هن کي چيائين ته "دهليءَ جي انگ اکر آفيس مان نڪتل هڪ رپورٽ مطابق هڪ هندستاني شهريءَ جي سراسري روزاني آمدني به پئسا ]اُن وقت جي هڪ آني جو اڌ[ آهي ۽ لنڊن جي هڪ اعليٰ سرڪاري پڌرنامي ۾ ٻڌايل آهي ته تنهنجو پنهنجو ماهانو پگهار چاليهه هزار رپيا آهي، چا، اهو اسين معلوم ڪري سگهون ٿا ته جيڪو مالڪ روزانو فقط ٽڪو ڪمائي، سو پنهنجي ڪنهن نوڪر جو چاليهه هزار في ماهه پگهار ڀري سگهي ٿو؟"

ساڳئي مهاتما گانڌي، 23 سال پوءِ 1947ع ۾، آزاد هندستان جي پهرئين گورنر جنرل لارڊ مائونٽ بيٽن جي، هينئن تاريخي لفظن سان آجيان ڪئي، ”ڪالهه تائين لارڊ مائونٽ بيٽن هندستان جو حڪمران هو. اڄ هندستان جي خادم طور اسين هن جي آجيان ڪريون ٿا. اڄ اهو عهدو هن کي هندستان جي ماڻهن پاڻ ڏنو آهي.“ (مطلب تہ جي هو چاهين تہ سياڻي هو اُن کي لاهي بہ سگهن ٿا.)

ان ڪان گهڻو اڳ 1918ع ۾ پاڪستان جي بانيءَ بہ اهڙي بلڪ اُن ڪان بہ زوردار نموني ٽئڪس ڏيندڙ 'هندستاني شهريءَ جي حق' جو علانيہ اعلان ڪيو هو. ٿيو هيئن هو، جو ان زماني ۾ جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جرمنيءَ جي شڪست ڪان پوءِ برطانوي اوج جو سڄيءَ دنيا تي ڏاڪو ويٺل هو، (غلام ملڪ هندستان جي تہ ڳالهہ ئي ڪهڙي!)، تڏهن سوال اٿيو تہ بمبئيءَ جي ميونسپل ڪارپوريشن طرفان، بمبئيءَ جي گورنر، لارڊ ويلنگڊن، کي، رٽائر ٿيڻ جي موقعي تي الوداعي پارٽي ڏني وڃي ۽ قدر افزائيءَ جو خطبو پيش ڪيو وڃي. ان موقعي تي قائداعظم وڏي حوصلي ۽ سياسي جرئتمنديءَ جو مظاهرو ڪندي، ان نهراءَ جي خلاف هلچل هلائي، جنهن ۾ ڪيترائي سندس وطن دوست ساٿي، هندو ۽ مسلمان، بہ واقعي ساڻس شامل هئا.

هتي هيءَ ڳالهہ بہ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ۽ خاص طرح جديد سياسي جمهوريت جي ارتقا ۾ اِن ڳالهہ جي بنيادي اهميت آهي، تہ پاڪستان جو باني ۽ هندستان جو 'باپو' مهاتما گانڌي ٻئي تاجر طبقي جا فرد هئا ۽ ٻنهيءَ جي برادرين جو مفاد، دلچسپي ۽ واسطو پوريءَ طرح وڻج واپار سان هو.

۽ تاريخ جي هر دور ۾ ۽ هر هنڌ واپاري برادريءَ کي ئي ڏٺو ويو آهي تہ سماج جي سڀني ۽ سيرن طبقن ۾ اُها ئي انساني زندگيءَ جي ذاتي توڙي سماجي ۽ سياسي دائرن ۾ جمهوري ذهنيت ۽ جمهوري نظام ڏانهن زياده مائل رهي آهي ۽ انهن جي تعمير ۽ ارتقا ۾ بہ اڪثر هِن ئي برادريءَ اڳواڻيءَ جو رول ادا ڪيو آهي. قديم يوناني تاريخ جي اٿينس ۽ ٻين شهري جمهوريتن ۽ ان ڪان بہ اڳ هتي اسان وٽ موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي شهري رياستن ۾ ۽ تاريخ جي مذهبي انقلابن جي سلسلي ۾ بداعمال ۽ منافق مذهبي پيشوا طبقي جي محروم فردن ۽ گروهن سان گڏجي ۽ فرينچ انقلاب جي ابتدا توڙي ان جي ترقيءَ ۾ ۽ ان ڪان اڳ انگلنڊ جي ٽيوڊر شاهيءَ ڪان پوءِ اتان جي صنعتي

انقلاب جي تحريڪ ۾ ۽ بنهہ هاڻي تائين جيئن اسان جي بنهہ اکين اڳيان ايران جي هلندڙ عظيم اسلامي جمهوري انقلاب ۾ ٿيو ـ مطلب تہ انساني تاريخ جي سڄي هيتري ساري انقلاب آفرين عرصي ۾ واپاري برادرين جو اِنهيءَ ئي قسم جو جمهوريت پسند، جمهوريت ساز ۽ جمهوريت نواز ڪردار رهيو آهي.

ساڳيءَ طرح هندستان ۾ بہ آزادگي پسند جمهوريت جي مطالبي، مختلف ماڻهن ۽ ننڍين ننڍين حلقن مان اٿي، مٿي ايري، نيٺ تاجر طبقن ۽ واپاري ۽ صنعتي برادرين جي هٿن ۾ اچي ۽ انهن جي حمايت ۽ سرپرستيءَ ۾ پنهنجا تنظيمي ۽ عمل آفرين اثر ڏيکاريا.

ايئن، برصغير ۾ جمهوري امنگ ۽ مطالبي جا بنياد، ظاهري طور ئي، جو تاجر برادريءَ ۽ واپاري طبقي جي مرڪزن مان اٿيل ۽ انهن جي مفادن سان وابستہ ٿي ڏٺا ۽ چاڪاڻ تہ ڪانگريس ۾ بااثر ۽ عملي سياسي گروهہ جي تشڪيل ۽ تنظيم بہ خود واپاري طبقي يا انهن جي ترجمان سياستڪارن مان ئي ٿيل هئي، اِنهيءَ ڪري ڪانگريس هڪ منزل تي پوري اعتماد سان ۽ بيڌڙڪ اعلان ڪري سگهي تہ طاقت ۾ اچڻ سان هوءَ ملڪ مان زميندراي سرشتو فوراً ختم ڪري ڇڏيندي، چاڪاڻ تہ اُن سرشتي جي ئي آڌار تي - جيئن ڏيهي رياستن جي نوابن، راجائن ۽ مهاراجائن جي ئي آڌار تي، جيڪي سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وڏا زميندار ئي هئا - هندستان ۾ برطانوي سامراج پنهنجو اقتدار شروع ۾ بہ قائم ڪري سگهيو هو ۽ پوءِ بہ قائم ڪيو ويٺو هو.

اُن جي برعڪس ليگ جي تشڪيل ۽ تنظيم ايئن هئي، جو ان ۾ اثرائتي طاقت ۽ عملي زور رئيسن، نوابن ۽ وڏن زميندارن جي هٿن ۾ هو ۽ نہ واپاري برادرين ۽ تجارت ۽ صنعت ڏانهن مائل حلقن يا مفادن جي هٿن ۾ - چاڪاڻ تہ سياسي طور اهڙا ڪي بہ فعال ۽ طاقتور واپاري ۽ صنعتي مفاد يا حلقا ليگ ۾ موجود ڪو نہ هئا.

ليگ جي زميندار لاءِ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي معنيٰ اُها ئي هئي، جيڪا بادشاهہ 'جان' (1216-1199ع) ڪان برطانوي لارڊن ٿي گهري تہ ڪنهن طرح انگلنڊ تي حڪومت ڪرڻ لاءِ 'هائوس آف لارڊس' قائم هجي، جنهن ۾ هو يا هنن جا 'لارڊزادا' موروثي طور موجود هجن! هنن ڪي اِها خبر ڪا نہ هئي تہ ڪو 1947ع جو سال بہ ايندو ۽ هڪ عوامي ماڻهو، ڪاسائيءَ جو پٽ، لائڊ جارج، بہ وزيراعظم ٿيندو ۽ سندن 'پونگڙن' جي موروثي نشست

گاهه يعني 'هائوس آف لارڊس' کي پري کان بيهي دڙڪو ئي هڪ ڏيندو، "هائوس آف 'عوام' جي آڏو پيش پئو! نه ته پنهنجا هترادو 'لارڊ' ٺهرائي، هائوس آف 'لارڊس' کي ايئن پري ڇڏيندس، جيئن انگلنڊ جي ڪارخانن ۾ 'انگلنڊ ۾ ٺهيل' اکر جون چنڪي لڳل تجارتي شيون ٺهي، مارڪيٽن ۾ وڪري لاءِ وڃي رهيون آهن!"

ساڳيءَ طرح، ليگ جي زميندارن لاءِ، وجود ۾ ايندڙ پاڪستان توڙي هندستان جي يو - پيءَ ۾، جمهوريت جي جيڪڏهن ڪا معنيٰ هئي ته هڪ هئي - زميندارن جي بي روڪ ۽ بي ٽوڪ طاقت - بس ٻيو ڪجهه به نه.

يو - پي جي مسلمان زميندارن ۽ ڪانگريس جي وچ ۾ هليل ڳالهين ٻولهين جي ڇپيل ۽ شايع ٿيل رڪارڊ مان صاف ظاهر آهي ته جيڪڏهن ڪانگريس ساڻن رڳو اهو واعدو ڪري ها ته هوءَ يو - پيءَ ۾ زميندايءَ جو خاتمو نه آڻيندي، ته هو پاڪستان سان نه، پر هندستان سان گڏ رهڻ لاءِ تيار هئا ۽ اِهو رڳو تجارت - واڻو - صنعتڪاريءَ ڏانهن مائل ڪانگريس جو اهڙي واعدي ڪرڻ کان صاف انڪار هو، جو اُنهن يو - پي جي مسلمان زميندارن پوءِ پاڪستان لاءِ ووٽ ڪيو ۽ جڏهن پاڪستان ٺهيو، تڏهن هو هيڏانهن لڏي آيا ۽ هتي کين يو - پيءَ ۽ هندستان جي ٻين ڀاڱن ۾ ڇڏيل زميندارين جا معاوضا زمينن توڙي نقديءَ جي صورت ۾ مليا.

۽ هِتان جا مڪاني زميندار ۽ جاگيردار، جن کي هندو واپارين جي هتان نڪري وڃڻ سبب اُنهن جي وسيع قرضن مان ڇوٽڪارو مليو، سي به اِن ڳالهه جي اجازت ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا ته سندن عوام جي مغز ۾ هِتي جمهوريت جي ڪا هوا پرجي وڃي ۽ هو اُن جي ڪنهن اثر ۾ اچي وڃن ۽ سندن من وڏي وڃي!

۽ مسلمان واپاري ٽولا جيڪي هندستان مان لڏي پاڪستان ۾ آيا ۽ جن کي هتي سڀ ڪجهه مليو، پر هڪ ڳالهه جا نه ملي سا هئي وطن جي سرزمين ۾ پختي پاڙ، تن کي جمهوريت جو شوق نه پهرين هو نه هاڻي آهي. هتي اچڻ سان کين محفوظ تجارت جا انبار ۽ ٽئڪس کان تقريباً آجي صنعت جا اٽميا ۽ اڻ گهريا موقعا مليا ۽ هُنن پنهنجيون هڪ - هٽيون ۽ صنعتي طائفا قائم ڪيا ۽ اُن پنهنجي 'ڪاروباري جنت' جي سهنج ۽ سُرور ۾ ايترا ته محو هئا، جو اُن ڪيفيت مان نڪري جمهوريت جي چڪر ۾ هو اچڻ لاءِ تيار نه هئا،

جيڪا هونئن نہ تہ سماج جي ڪاروباري، تاجر ۽ صنعتڪار برادرين ڪي گهُرڻي پوندي آهي ۽ جنهن لاءِ انهن ڪي پنهنجي ئي مفاد جي حفاظت ۽ فروغ لاءِ، سياسي جدوجهد ڪرڻي پوندي آهي.

اوير پاڪستان جي وچڙ سان، جتان جي خلق سڄي پاڪستان ۾ اڪثريتي خلق هئڻ سان گڏ، زميدناري پوسٽ ڪان چِتل ۽ غير تاجر، غريب، گوناٽي ۽ انهيءَ ڪري جمهوريت ڏانهن مائل خلق هئي ۽ هتي اسان وٽ نالي ۽ نعري ماتر زميداري سڌارن ڪان پوءِ، جن سان زميندارن جي طاقت ڪي ڦندڪ بہ ڪا نہ لڳي، هتان جي زميندارن ۽ ٻاهران آيل ۽ پنهنجيءَ ۾ ورتل تاجر برادريءَ جي وچ ۾ جنهن پوري سمجهوتي ۽ ڪامل صلح جا تعلقات موجود ڏسجن ٿا، اُن صورتحال ۾ ملڪ جي خواب لهندڙ آدرشين جي ذهن ۾ وري وري جاڳندڙ غريب جمهوريت هتي اسان وٽ هر هر پئي ٽيڙ ڪاڏا آهن ۽ وري وري چڪرائجي پئي اُها ڪري آهي ۽ ناڪام ٿي آهي.

۽ اُن سان گڏ (ڪنهن شايد ڄاتو بہ نہ آهي)، سڄيءَ خلق جو حوصلو ۽ اخلاقي جرئت جا اوصاف بہ پئي ڏَڪيا ۽ ڪِريا آهن ۽ عوام ڪي اِها ڄاڻ ئي ڪا نہ ٿي پوي تہ ملڪ جي طاقتور زميداري مفاد ۽ وطن سان نہ ڳنڍيل هڪ - هٽي تجارت ۽ صنعت جي مفادن جي وچ ۾ موجود سمجهوتي ۽ رفاقت مان نيٺ بہ ڪين ڇا فائدو ملندو ۽ ملڪ جو ڪهڙو ڪلياڻ ٿيندو!

اِها پڻ عجيب حقيقت آهي (ڇو تہ ٻئي هنڌ دنيا ۾ شايد ڪٿي بہ ايئن ڪونهي) تہ پاڪستان ۾ جاگير شاهيءَ هٽي تجارتي مفاد ڪي ۽ تجارتي مفاد هٽي صنعتي مفاد ڪي جاءِ ڪا نہ ڏني- جيئن ترقي ڪيل دنيا ۾ هميشہ ۽ هر هنڌ ايئن ٿيو آهي، پر هتي اِهي ٽيئي مفاد، هندو ڌرم جي ٽمورتيءَ وانگر، هڪ ئي قطار ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيو بيٺا آهن، بلڪ اُهي گڏوگڏ هڪ ئي خاندان ۾ موجود ڏسجن ٿا. هتي اسين وڏو زميندار ڏسون ٿا، جنهن ڪي ٻهراڙيءَ ۾ هزارين ايڪڙ زمين آهي، جيڪو ضلعي جي شهر ۾ ڪپڙي جي مل جو مالڪ آهي، وڏي شهر ۾ سئنيما جو ڌڻي آهي، ٻئنڪن ۾ ۽ ڪنهن اعليٰ هوٽل جي موڙيءَ ۾ حصا سيڙايل اٿس ۽ ان سان گڏ پنهنجي اخبار اٿس، جيڪا جيئن هو چاهي ۽ چوي تيئن لکي ٿي ۽ هن جي حڪومتي سرپرستن جي شهرت ۽ پذيرائي ڪري ٿي!

۽ ڪاملتاً ۽ خالصتاً دنيا ڪي ڏيکارڻ لاءِ، سڄو وقت مهڙ ۾ جمهوريت جو ڏيکاءُ بہ قائم رهندو آيو ۽ جيئن انگريزيءَ ۾ چئبو آهي تہ 'ماٿو پئي آيا،

ماڻهو پئي ويا‘ ۽ پهاڪي وارو ’چشمو‘ هو سو وهندو رهيو- تئين هتي الڳ الڳ حالتن ۾ ڪيتريون ئي ’جمهوري‘ چونڊون ٿيون، پر مهانڊا اُهي ئي، ۽ ساڳين ساڳين مفادن جا حامي هر ڀيري ’چونڊجي‘ اسان جي سامهون ايندا رهيا. سياسي ٽپا بہ سندن بدلبا رهيا، پر صوبائي ۽ مرڪزي اسيمبلين ۾ ماڻهو اڪثر اُهي ئي ساڳيا ڏند ڪديو، اسان ڏانهن ڏسندا رهيا ۽ ڪلندا رهيا!

ڪنهن بہ عام قسم جي ماڻهوءَ ڪي يا گروپ ڪي وڌيڪ عرصو اقتدار ۾ رهڻ جي مهلت ملي نہ سگهي، جنهن ۾ اُن جو يا اُنهن جو ڪو من وڏي سگهي.

اِنهيءَ معنيٰ ۾، بلڪل ٺيڪ طرح چئي سگهجي ٿو تہ پاڪستان ۾ ڪڏهن ڪا جمهوريت هئي ئي ڪا نہ ۽ اِنهيءَ ڪري اُن جي ’ورڻ‘ يا ’بحال ٿيڻ‘ جو ڪو سوال ئي شايد ڪو نہ ٿو اُٿي.

اُن ڪي هتي جنم وٺڻو آهي - جديد ترين صورت ۾ ۽ جديد ترين طريقن سان پوءِ اسان وٽ بہ اسان جي اُن سچليءَ جمهوريت جا ’ست جنم‘ هوندا.

اُن لاءِ مقدس ۽ حيات آفرين جدوجهد جو سچو بار انهن ٿورن شعور رکندڙن، سوچيندڙن ۽ آدرشي انسانن ڪي ئي پنهنجن ڪلهن تي کڻڻو آهي، جيڪي هميشہ کان ۽ سدائين ’گهٽن‘ لاءِ وڙهندا ۽ سختيون سهندا رهيا آهن.

اُنهن جو اِهو جدوجهد اڄ سڀ کان زياده اهم ۽ سڀ کان زياده بروقتو ۽ سيگهائتو آهي، ڇو تہ دنيا، جنهن ۾ رهندي ۽ جنهن سان گڏ، هُنن ڪي اڳتي وڌڻو آهي، ان جي ڀيرن جي آگرين جي ڇيرن مان گاهہ ڦٽي ڪو نہ نڪتو آهي، جو چئجي تہ ڪنهن چانبڙ گپ ۾ اُها ڀير گپايو هڪ هنڌ بيٺي آهي. وڏي ۾ وڏيءَ اهميت واري حقيقت هيءَ آهي تہ پاڪستان هڪ هنڌ بيهي رهڻ جي پوزيشن ۾ ئي ڪونهي. ٻين ملڪن وانگر پاڪستان بہ جي هلندو ۽ وڌندو نہ رهيو، تہ اُهو وڌيڪ وقت بيهي بہ ڪو نہ سگهندو.

--

# جادوءَ جا عجيب ڪم

ڪير ٿو چوي ته جادو سڄو پرم ۽ سنسو آهي؟

ڪير ٿو چوي ته جادو عجب جهڙا ڪم نٿو ڪري؟ ۽ ڪنهن کي خبر ناهي ته جادو سڄو لفظن ۾، لفظن ۾ ۽ لفظن ئي ۾ آهي ۽ جيڪڏهن جادو سڄو لفظن ۾، لفظن ۾، ۽ لفظن ۾، ئي آهي، ته پوءِ ڪير آهي، جنهن کي لفظن جي طاقت جي خبر نه هجي؟

۽ جيڪڏهن ڪو به اهڙو ڪونهي، ڇاڪاڻ ته ڪو به لفظن جي طاقت کان انڪار نٿو ڪري سگهي، ته پوءِ ڪيئن ٿو ڪير چئي سگهي ته جادو عجب جهڙا ڪم نٿو ڪري؟

ڪنهن کي اها خبر ناهي ته جيڪڏهن ڪو ڊاڪٽر ڪي ٿورا به خوفنائتا لفظ ڪنهن کي ٻڌائي ٿو، ته هو سڄو ڪنبي ٿو وڃي ۽ سڄي پنهنجي حياتي خطري ۾ ٿو سمجهي؟

۽ ڪنهن کي خبر ناهي ته ڊاڪٽر جيڪڏهن ڪي ٿورا به اميد ڀريا لفظ ڪنهن بيمار کي ٻڌائي ٿو، ته هيڪر ته هو جِي ٿو اُٿي ۽ پاڻ کي بهتر پيو سمجهي؟

اهڙو ڪو جيئرو جاڳندو هوشمند ماڻهو آهي، جيڪو لفظن جي زبردست، اجهل ۽ قدرتي طاقت کان انڪار ڪري سگهي؟

ڇا، بائيبل مقدس ۾ ايئن آيل ناهي ته 'ابتدا ۾ هو ته لفظ هو؟' اِنهيءَ ڪري ڪير اهڙو ٿي سگهي ٿو، جيڪو چوي ته هُن لفظن جي - ۽ انهيءَ ڪري جادوءَ جي - طاقت کي پوريءَ طرح سمجهيو آهي يا ان جو هو پورو ڪاٿو به ڪري سگهيو آهي؟

اِنهيءَ ڪري، انساني دنيا ۾ لفظن جي جادوءَ کان وڌيڪ به ڪا حقيقت ٿي سگهي ٿي! ڇا، سڄي تاريخ جادوءَ جي طاقت جي - مطلب ته لفظن جي طاقت جي - هڪ رعبدار بلڪ هيبتناڪ حقيقت نه آهي؟

ڇا، رڳو هڪڙي فيلسوف جي چند لفظن ته 'انسان آزاد ڄائو، پر افسوس جو هو هر هنڌ زنجيرن ۾ جڪڙجي ويو!' — فرانس جو انقلاب ڪو نه آندو هو؟

چاءِ، ٻئي هڪڙي فيلسوف جي چند لفظن تہ ”دنيا جا مزدورو، اُٿو! پنهنجن زنجيرن کان سواءِ ٻيو اوهين ڇا وڃائيندا؟“ - فرانس جي انقلاب کان بہ وڏيڪ هڪ وڏو انقلاب ڪو نہ آندو؟

ان کان اڳ سر تريءَ تي رکي، سرَ — ٻها تي گهمنڊڙ هڪ قومي سرويچ جي هنن لفظن، ”جي هيءَ غداري آهي، تہ اي هموطنو! اچو تہ غداريءَ کي توڙ تائين پهچايون!“ - هن جي وطن ۾ اهو ڌماڪو پيدا ڪو نہ ڪيو هو، جنهن جو آواز سڄيءَ دنيا ٻڌو هو!

اُن کان اڳ، گهڻو گهڻو اڳ، ڪارٿيج جي بندر کي ناس ڪرڻ لاءِ جيڪو قديم روم جو مدمقابل ۽ مخالف هو، هڪڙي رومن سينيٽر، آئِپس ڪارنيلس سپيو، هر روز ۽ هر وقت، هر موقعي تي ۽ هر ڳالهہ ۾، ڏنوٽي لائي ڏني هئي ۽ اٿندي ويهندي، سُتي ويٺي، هلندي چلندي، هو چوندو رهيو، چوندو رهيو، چوندو رهيو - جڻ هن کي ٻي ڪا ڳالهہ ئي ڪا نہ ٿي سُجهي - ۽ هو چوندو رهيو، چوندو رهيو ۽ چوندو رهيو، ”ديلو دواستو ڪارٿيجو، ديلو دواستو ڪارٿيجو - ڪارٿيج کي ناس ڪريو، ڪارٿيج کي ناس ڪريو، ڪارٿيج کي ناس ڪريو!“ - ۽ ايئن هن کي چوندي، چوندي ۽ چوندي چوندي، پورا ويهہ سال ٿي ويا - ۽ پوءِ رومن لوڪ، سيئي ڳالهہ کي سمجهي، هڪ ٿي، گڏجي، اَجهل طوفان وانگر اُٿيا ۽ ڪارٿيج کي اهڙو سڄي جو سڄو ۽ پورو ناس ڪيائون، جو ان جو رڳو پٽ، اُن جو رڳو نشان يا ڪو دڙو بہ دنيا جي تختي تان ڪو نہ ٿي لڌو - تاں جو فقط هاڻي، ڪي ٿورا سال ٿيا آهن، جو هوائي جهازن جي جانچ پڙتال سان اُن جي کنڊرن جو پتو پئجي سگهيو آهي.

اُن ائِپس ڪارنيليس سپيو وٽ ٻيو ڇا هو، سواءِ اُن ڏنوٽيءَ جي، سواءِ اُن آواز جي — ”ديلو دواستو ڪارٿيجو، ديلو دواستو ڪارٿيجو - ڪارٿيج کي ناس ڪريو، ڪارٿيج کي ناس ڪريو!“ ۽ اهو آواز هر رومن مرد، عورت ۽ ٻار ٻڌو ۽ پنهنجو ڪيو ۽ پوءِ هنن سمجهيو ۽ محسوس ڪيو تہ جڏهن اُنهن مان هر هڪ جي زبان مان اِهو آواز ٿي اٿيو، تڏهن اُهو بدلجي هنن جي وجود جو ارادو ۽ هنن جي اتحاد ۽ طاقت جو آواز بڻجي ٿي پيو ۽ پوءِ اُن سندن ارادي ۽ آواز، هُنن جي ذهن ۾ اُهو اٽل ڀروسو پيدا ڪيو، جو ناممڪن ڦري اُنهن کي ممڪن ڏسجڻ لڳو ۽ ڪارٿيج کي ڪيرائڻ ۾ جيڪي اُنهن جي آڏو رڪاوٽون هيون، سي سڀ ڪک پن ٿي ويون ۽ نيٺ اُهو ساڳيو ڪارٿيج جيڪو ڪين ايڏو اَجيت

۽ اڏول تي لڳو، سو سندن هٿان، پوري جو پورو ۽ سچي جو سچو، هميشہ لاءِ ناس تي ويو.

ايڏي وڏي پيماني تي لفظن جي هن ڏنوٽيءَ دنيا جي اڳيان اِها حقيقت ثابت ڪئي تہ جڏهن عوام جو وسيع تعداد ڪا شيءِ يا ڪي حالتون يا ڪنهن صورتحال جو وجود نٿو چاهي، تڏهن اُهي ان جي خلاف ايئن لڳاتار ۽ سڀ گڏجي، بي خوف ۽ اٽل نموني ۾ ڏنوندا رهندا، تہ هو اُن شيءِ اُنهن حالتن يا اُن صورتحال جي خاتمي لاءِ پنهنجي پاڻ ۾ اُها طاقت ۽ اُهو ارادو پيدا ڪري سگهندا، جو ڪٿي ڇا بہ هجي ۽ ڇا بہ تي پوي، هو هر ممڪن بند کي ڀڃي وجهندا ۽ هر ممڪن مشڪلات مٿان سوڀ حاصل ڪري ئي دم ڪٽندا.

هنن کي ٻيو ڪجهہ بہ نہ، ڪجهہ بہ نہ، ڪجهہ بہ ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪرڻو آهي، سواءِ هن جي تہ هو پنهنجي ارادي کي مضبوط ڪن ۽ دلگهُريءَ تبديليءَ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ پنهنجي سگهہ ۽ صلاحيت کي وڌائيندا، وڌائيندا ۽ وڌائيندا رهن.

ڪيئي صديون پوءِ، آئرلنڊ جي ماڻهن بہ انگريزن کان آزادي وٺڻ لاءِ اهڙو ئي طريقو اختيار ڪيو هو. خاص طرح، 1910ع کان پوءِ، هر هنڌ، هر ڳالهہ ۾، هر موقعي تي، سبب بي سبب، برطانوي پارليامينٽ جي اندر توڙي ان کان ٻاهر، هو سالن جا سال، رڳو 'آئرلنڊ جو مسئلو'، 'آئرلنڊ جو مسئلو'، 'آئرلنڊ جو مسئلو' اُٿاريندا رهيا - ايتري تہ زور ۽ ايتريءَ تہ اورچائيءَ سان، جو ايئن پئي محسوس ٿيو، چڻ ڪين ڪا سؤدا هئي، ڪا ديوانگي هئي، يا ڪنهن قسم جو ڪو عام پاڳلپڻو هو، جنهن ۾ هو وٺجي ويا هئا.

پر ڇا بہ هو، ڪين ڪنهن ڪيئن بہ ٿي سمجهيو ۽ ڇو ٿي سمجهيو، پر آئرلنڊ جا ماڻهو اهڙيءَ ڪنهن بہ ڳالهہ جي پرواهہ ڪئي بغير، اُهو پنهنجو هڪڙو زوراڻو منتر اُچاريندا ئي رهيا، اُچاريندا ئي رهيا ۽ ان ۾ هنن ڪڏهن بہ ۽ ڪهڙيءَ حالت ۾ بہ ڪوتاهي ڪا نہ ڪئي - ۽ ايڏي انگلنڊ جي فيل مست طاقت سندن اُنهن لفظن جي هيبتاڪ ۽ هوڏي منتر آڏو مجبور ۽ بيوس ٿي ويئي.

ڇاڪاڻ تہ ڪير هو، جو ماڻهن کي، فردن کي، ٽولي کي، راڄن کي ۽ نيٺ سڄي، عوام کي ۽ سڄيءَ خلق کي ڳالهائڻ کان، ڳالهائڻ کان ۽ هر حال ۾ ڳالهائڻ کان روڪي ٿي سگهيو، جڏهن انهن وٽ انگلنڊ جي اُن ارڏيءَ ۽ جُنگ

طاقت جي خلاف، سواءِ اُن ڳالهائڻ جي، سواءِ پنهنجي اُن زبان جي، سواءِ پنهنجن لفظن ۽ پنهنجن خيالن جي اُن طاقت جي باقي ٻيو ڪجهه بچيو بہ ڪو نہ هو.

۽ اُهي هٿيار بہ ڪي هٿيار هئا! لفظن جي طاقت، امنگ ۽ جذبي جي طاقت، خيالن جي طاقت - تہ هي جيڪي حالتون آئرلنڊ ۾ هيون سي ايئن نہ هجن - اِهي هٿيار! سچ پچ اِنهن جهڙا هٿيار ڪي ٻيا هٿيار بہ ٿي سگهيا ٿي! هي خيال، هي لفظ، هي اُڌما ۽ امنگ - اِهي هٿيار، جيڪي ڪڏهن بہ ڪسجي نٿي سگهيا، جيڪي جيئن وڌيڪ ٿي استعمال ٿيا، تئين ٿي وڌيڪ تيز ۽ وڌيڪ گهاتڪ ٿيا، هٿيار جيڪي اڻ ڏٺا هئا، ڇهڻ جهڙا نہ هئا، هٿيار، هٿيار، هٿيار، جيڪي هر هنڌ هئا ۽ هر ڪنهن وٽ هئا ۽ چؤطرف موجود هئا.

لفظ، لفظ ۽ لفظ - هي هٿيار، جيڪي آئرلنڊ جي ماڻهن ايئن تہ هر ويلي ۽ لڳاتار، اهڙيءَ تہ سِڌَ ۾ ۽ اهڙي تہ شعور ۽ ارادي سان ۽ اهڙي تہ اعتماد، ايمان ۽ مقصد سان برطانوي حڪومت خلاف استعمال ڪيا، جو آخرڪار انهن جي وارو وار هيٺ اڏول برطانوي طاقت جو سڄو منڊ ٽُٽي پيو ۽ آئرلنڊ، پنهنجي اڳيان ڏسڻ ۾ بہ انت ۽ ٿيپي نہ سگهڻ جهڙيءَ غلاميءَ جي ڪاهيءَ مان ٽپي پار ٿيو ۽ جيئن اُهو اڄ آهي تئين بڻجي پيو - يعني آئرش فري اسٽيٽ، آزاد آئرديش.

ايمان، ايمان، ايمان ۽ ايمان - پنهنجي شومنترن جي طاقت ۾ ، اُنهن جي اچارڻ ۽ آلاپڻ ۾ - شومنتر ۽ انهن جا آلاپ، لفظ، لفظ ۽ لفظ، سيني آئرلنڊ جي ماڻهن جا، انهن جي مردن، زالن ۽ اسڪولي ٻارن جا - اُهي جادو هئا ۽ جادو ثابت ٿيا، جادو جيڪو هميشہ ۽ هر وقت عجيب ڪم ڪندو آهي ۽ اهڙا معجزا ڪري ڏيکاريندو آهي، جو ڪٿي ڇا بہ هجي ۽ ڪيئن بہ هجي، مشڪلاتون ۽ مجبوريون، خطرا ۽ رنڊڪون ڪهڙيون بہ هجن ۽ ڪيتريون بہ هجن، نجات ملي ٿي ۽ ضرور ملي ٿي - جو تہ 'ابتدا ۾ هو تہ لفظ هو.'

۽ لفظ جو معجزو، لفظن جو جادو، سچ پچ تہ عجيب ڪم ڪري ٿو.

--

# بي سُرائي (Atonia)

بي سُرائي هڪ نرالي بيماري آهي.
سچ پچ تہ ڏادي نرالي.
سڄي علم طب کي اُن منجهائي وڌو آهي.
اُها سرطان وانگر خراب نہ آهي.
اُها اڌ رنگ وانگر خراب ڪندڙ بہ ڪانهي.
اُن جا جيوڙا ڪو نہ ٿين.
پر اُن جو علاج ڪو ئي ڪونهي.
بي سُرائيءَ ۾ بدن اُهڙي جو اُهڙو بيٺو هوندو آهي.
تازو توانو.
اکيون اکين وانگر نهارينديون پيون.
ڪن ڪڙا تڙا بيٺا هوندا.
چکڻ جو حواس بہ سالم.
ڇهڻ جو حواس بہ سلامت.
۽ سونگهڻ جو بہ.
نہ ڪنهن سور جو ۽ نہ ڪنهن پيڙا جو ڪو نشان ڏسبو.
”تہ پوءِ، اُن ۾ خرابي نيٺ ڪهڙي هوندي آهي؟“ اوهين پڇي سگهو ٿا.

” ڪا بہ خرابي ڪانہ هوندي آهي.“
”ڪا بہ خرابي ڪا نہ هوندي آهي؟“
” نہ، ڪا بہ خرابي ڪا نہ هوندي آهي.“
”باقي؟“
”باقي هيءُ تہ ڪا بہ چڱائي ڪا نہ.“
”ڪابہ خرابي ڪا نہ هوندي آهي ۽ ڪا بہ چڱائي ڪا نہ؟“
”هائو، اِها ئي تہ هِن جي ڳالهہ آهي.“
”ڪنهن جي ڳالهہ؟“
”بي سُرائيءَ جي.“

”تنهن جي معنيٰ؟“

”تنهن جي معنيٰ بي سُرائي، يعني سُر کان ٻاهر.“

”سُر کان ٻاهر؟“

”هائو، اِيئن.“

”سو ڪيئن؟“

”سو هيئن ته رڳو، ماٺ ميٺ ۾، ۽ ڪڏهن ته ڏاڍيءَ نزاڪت سان، بدن جا سڀ عضوا ۽ الڳ الڳ عضوا، سانتيڪائيءَ سان ۽ جيئن تڏ تيئن وڌ، پنهنجي پنهنجي سُر مان نڪرندا ويندا. جيڪو زندگيءَ لاءِ ضروري هوندو آهي.“

”اُهو وري ڪيئن؟“

”اُهو هيئن، جو اکيون ته هونديون، پر ڏسنديون ڪجهه به ڪو نه، ڪن هوندا پر ٻڌندا ڪجهه به ڪو نه. چمڙي به هوندي، پر ڪم ڪو نه ڪندي. نڪ چُپ چاپ سونگهڻ ڇڏي ڏيندو. زبان ڪو به سواد مغز تائين ڪو نه پهچائيندي. ڳالهه توري ته بدن جا سڀ عضوا جيئن جا تيئن هوندا، سُڪل به نه هوندا، پر رڳو، تيندي تيندي، سُر مان نڪرندا ويندا ۽ اُنهن سان سنگ ۾ رهڻ لاءِ وري مغز به ساڻن شامل ٿي ويندو ۽ پوءِ سڄو بدن آهستگيءَ سان، آهستگي سان، ست ڇڏي ويندو ۽ ڊرڪي پوندو — نه تڏو ساءِ، نه ڪنجهڪار، نه پُٽڪو.“

”پر، بي سُرائيءَ جي اِها ڳالهه تو کي هِن وقت ۽ هِتي ذهن ۾ ڪيئن آئي؟“

”هو منهنجو ٽيليفون پيو اٿيئي.“

”پو؟“

”اِهو ڪم ڪو نه ڪندو.“

”شڪايت ڪر!“

”شڪايت ڪيم.“

”پوءِ؟“

”شڪايت ڪم ڪانه ڪندي.“

”سو ڇو؟“

”ڇوِاڻ جون بتيون آهن — “

”پوءِ ڇا؟“

”اُهي ڪم نہ ڪنديون.“

”ڇ؟“

”اسپتالون آهن.“

”سو؟“

”اُهي ڪم نہ ڪنديون.“

”پوءِ؟“

”مڪاني راڄ آهي.“

”آهي؟“

”هائو، آهي.“

”پو؟“

”اُهو ڪم نہ ڪندو.“

”پوءِ ڇا؟“

”ڪيتريون، ڪيتريون ۽ ڪيتريون شيون آهن، اسڪول آهن، ڪاليج آهن، يونيورسٽيون آهن، هيءُ ڪاتو آهي، هو ڪاتو آهي، ۽ هو ٻيو ڪاتو ۽ اُن ڪان ٻيو ڪاتو ۽ ٻئي ڪان ٻيو ڪاتو، ۽ ٻيو، ٻيو، ٻيو.... ۽ ......“

”ڇ؟“

”۽ هيءُ تہ اُهي ڪم نہ ڪندا، ڪجهہ نہ ڪندا، ڪڪ پيجي ڪڪ مان ٻہ ڪڪ ڪو نہ ڪندا.“

”ڪڪ مان ٻہ ڪڪ؟“

”هائو.“

”مثلاً“

”مثلاً قاعدو قانون، امن امان، عدل انصاف!“

”اِهي ڪکَ آهن؟“

”نہ آهن؟“

”هئڻ تہ نہ کپن.“

”هئڻ تہ نہ کپن.“

--

# قائد جي ورثي جو ڇا ٿيو؟

پنهنجي مشهور ڪتاب ”فتويٰ بر هندوستان“ ۾ بيوَ رلي نڪولس ايئن خوامخواه ڪو نہ ڇيو هو تہ ”مسلم ليگ ۾ جناح جهڙو تہ نهيو، پر جناح کان ائين نمبر تي بہ ٻيو ڪو موجود ڪو نہ آهي.“

تاريخ ثابت ڪيو تہ قائد جو چوٿو پوءِ هن جي نائين نمبر کان بہ پوئتي بيٺل، اجاين ۽ مختصر ماڻهن جي ڪلهن تي وڃي پيو، جن جي سياسي نگاهہ جي افق ضلعي لوڪل بورڊ جي ذهنيت کان ڪڏهن مٿي ڪا نہ چڙهي ۽ جن لاءِ جمهوريت فقط هڪ پريءَ جي ڪهاڻي هئي.

پهرين ڳالهہ جيڪا هنن ڪئي، جڏهن هو پاڻ پنهنجي سر ڪجهہ ڪرڻ جهڙا بہ ٿيا، سا اِها هئي تہ هنن قائد جي اُها ڳالهہ ماڻهن جي ذهن تان لاهڻ گهري، جيڪا هن سڀ کان زياده واضح لفظن ۾، پوري سوچ ويچار سان، جملو جملو ۽ لفظ لفظ ڪري، پوري زور سان ۽ اهڙي ناقابل ترديد انداز ۽ نموني سان چئي هئي، جو ڪو بہ ماڻهو هرگز هرگز انڪار نٿو ڪري سگهي تہ اُها واقعي قائداعظم اِيئن چئي هئي.

ڪهڙي اُها ڳالهہ؟

هيءَ اُها ڳالهہ تہ ”اوهين ڪهڙي بہ مذهب، ذات يا فرقي جا هجو، اُن ڳالهہ جو رياست جي ڪم سان ڪو واسطو ڪونهي. وقت گذرڻ سان هندو هندو نہ رهندا ۽ نہ مسلمان مسلمان - سياسي خيال کان ۽ رياست جي شهرين جي حيثيت ۾... ڪنهن بہ حالت ۾ پاڪستان ٿيو ڪرئنٽڪ رياست نٿو بڻجي سگهي... سڀ پاڪستاني برابر آهن.“

اِهي لفظ هاڻي شيڪسپيئر جي ڊراما جي مرڪزي ڪردار، مئڪبيث، جي هٿن تي رت جي داغن جهڙا پڪا ۽ اَمٽ لڳن ٿا. جيڪو دانهون ۽ ڇيخون ڪندو اسٽيج تي نمودار ٿو ٿئي ۽ پنهنجن هٿن ڏانهن ڏسندي چوي ٿو، ”هٿو، هٿو اي رت جا نشانئو، منهنجي هٿن تان لهي وڃو، لهي وڃو!“ پر اُهي رت جا نشان اُهڙا ٿي اُن جي هٿن تي بيٺا آهن! ۽ لهن ئي نٿا! ۽ مئڪبيث اُهو هو، جنهن هڪ آواز ٻڌو هو، ”مئڪبيث، مئڪبيث، ننڊ تو کان ويئي، ڇو تہ ننڊ کي ئي تہ تو خون ڪري ڇڏيو!“

جمهوريت جو خون، جيڪو قائد جي موت کان پوءِ عمل ۾ آيو، ڇو ته ماڻهن کي اُنهيءَ حق کان ئي محروم ڪيو ويو ته هو ڪنهن سرڪش 'هيئنئر ۽ هِتي' جو ڪو خيال به ڪن، تنهن ملڪ جي ڪشتيءَ کي ونجهه، وِيٽي ۽ سڙهه کان خالي ڪري، درياءَ جي هوائن ۽ لهرين جي منهن ۾ توائي ڪري ڇڏي ڏنو.

جڏهن اسين ڪنهن جمهوريت ۾ ماڻهن جا گوڙ، ميڙاڪ ۽ انبوهه ڏسون ٿا ۽ اُنهن جي روش ۽ رهت کي خيال ۾ آڻيون ٿا، ته اُها اسان کي ڏاڍي بي تربيت، ضابطي کان نڪتل، بي ڍنگي ۽ منجهيل معلوم ٿئي ٿي.

پر اُن سڀ جي پٺيان سماجي مشاهده نگارن ۽ سياسي عالمن کي عوام جي اُنهيءَ زور ۽ احساس جي اظهار جي ڪار فرمائي نظر ٿي اچي، جنهن تحت هو سمجهن ٿا ته هو پنهنجيءَ زندگيءَ ۽ اُن جي مسئلن جا مالڪ پاڻ آهن ۽ پنهنجي بري ۽ ڀلي جي فيصلي ۽ اُن جي حل جا هو پاڻ مختيار ۽ ذميوار آهن.

انگريزي ناول نگار، ڊڪنس (1870ع-1812ع)، جا ناول پڙهجن ٿا، ته اُنهن ۾ ڏسون ٿا ته هو تڏهوڪي لنڊن شهر جي بي پناهه ۽ پاڻ زورن انبوهن جون ڳالهيون ڪري ٿو، لنڊن جي اخبارن، لنڊن جي ڪورٽن ۽ لنڊن جي زنده دل ڪوچوانن جا بيان لکي ٿو - ته اُهي سڀ ڪهڙا نه سرڪش ۽ پاڻ وهيٽا گروهه، ادارا ۽ ماڻهو هئا! اُها لنڊن ۽ اُهو انگلنڊ قائد به ڏنو هو، پر اُهو انگلنڊ ۽ اُها لنڊن رڳو قائد ئي ڪو نه ڏٺا هئا، پر سندس عظيم همعصر هندستان سياستدانن ۽ مدبرن به ڏٺا هئا، جن ۾ اهڙيون اهڙيون تاريخ ساز شخصيتون به هيون، مثلاً: سر فيروز شاهه مهتا، بدرالدين طيبجي، سر دين شاهه واڇا، جسٽس راناڊي، مسٽر ملباري، سر جمشيد جي ٽاٽا، تلڪ، گانڌي، سر سيد احمد خان، ٽئگور، پارتي، اقبال ۽ اڪبر اله آبادي.

هندستاني آسمان جي اُنهن چمڪندڙ ستارن مان گهڻن لنڊن ۽ يورپ کنڊ جو پاڻ سير ڪيو هو ۽ اُنهن سيني کي اِهو ڏسي ڏنڊين آگريون اچي ويون هيون، ته انگلنڊ، جيڪو يورپ کنڊ جي آگوٺي کان به هڪ ننڍڙو ملڪ هو، سو هندستان جيڏي وڏي، سڄي ساري اپکنڊ، تي قابض هو ۽ ان جو حاڪم هو!

هڪ پاسي، هنن هندستان ڏانهن ٿي ڏنو، جيڪو ڪيترين سارين بادشاهتن ۽ شهنشاهتن جي زوال جو مرڪز هو ۽ جيڪو فقط ڏيڍ سؤ سال اڳ دنيا جو سڀ کان شاهوڪار ملڪ هو (اورنگزيب جي خزاني ۾ ڇيو ٿي ويو، ته سڄا سارا پارهن مڻ ته رڳي هيرا، موتي ۽ جواهر گڏ ٿيل هئا ۽ گولڪنڊي جي

مير جملي وٽ، جيڪو هن جو وزير هو، اُن سندس آقا کان ٻه وڏيڪ يعني 27 مڻ موتي ۽ هيرا جواهر موجود هئا)، ۽ جيڪو ذهني عظمت ۽ فڪري بلنديءَ جي خيال ڪان ڪڏهن ته سڄيءَ دنيا جي نگاهن جو مرڪز هو ۽ ٻئي پاسي هنن ڏٺو ته اُهو ساڳيو هندستان اڄ پٺيءَ پر ڪريل هو، جنهن جي بيمار ۽ پنگلي پٽ تي هيترا سارا نواب ۽ راجائون هئا، جيڪي اصل ته مرهٽن، جاٽن، پنڊارن، روهيلن ۽ ٻين اهڙن بهادرن ۽ پهلوانن قومن ۽ قبيلن جا پونير هئا پر اڄ اهي، انگريزن جي پناهه ۾، هندستان جي اُن بيمار ۽ پنگلي ٻت تي رڳو چچڙن وانگر چهٽيا پيا هئا ۽ هوڏانهن هنن هي ڏٺو تي ته ڪيئن هڪ معمولي ننڍڙو انگلنڊ جو ملڪ، جيڪو جمهوري ملڪ هو، سو پري ڇهن هزارن ميلن جي مفاصلي تان ساڳئي اُن ملڪ هندستان تي ايئن حڪومت ڪري رهيو هو، جو اُتي ڪا جهرڪي ٻه وڻ تان ڪري تي ته اُن جي خبر ٻه اُتي پنهنجي ملڪ ۾ وينئي وينئي، اُن کي پئجي ٿي ويئي!.

هنن تيز نگاهه رکندڙ عظيم شخصيتن ڏٺو ته دراصل هندستان جي تنزل جو بنيادي سبب اُن جي عام ماڻهوءَ جي انساني شخصيت جو زوال هو، جيڪا ذات پات ۽ ڏنڊي جي راڄ هيٺ دٻجي، نپوڙجي ۽ چيپاڻجي رهي هئي ۽ جنهن ۾ خودداريءَ ۽ پاڻ وهيٽائيءَ جو احساس بلڪل ئي ناپيد ٿي چڪو هو ۽ ٻئي پاسي انگلنڊ هو جنهن جو عوام پنهنجي دارالعوام معرفت دنيا جي اڌ کان ٻه وڌي ڀاڱي تي راڄ ڪري رهيو هو!

اُن زماني ۾ جيڪي انگلنڊ ويا ٿي، تن اُتي جيڪڏهن ڊڪنس جي ناولن جا مِسز بلنڊيل جهڙا باهمت ۽ خوددار علمي ڪردار جيئرا جاڳندا ٿي ڏٺا، ته اُنهن اُتان جي هر دلعزيز مهاراڻي وڪٽوريا جي جاهه ۽ جلال جا مشاهدا ۽ نظارا ٻه اکئين ڏٺا ٿي، جيڪڏهن هڪ طرف هنن هائيڊپارڪ جي تقرير بازن جون بي خوف زبان درازيون ٿي ٻڌيون، ته ساڳئي وقت اُتي اُنهن راڄ نيتيءَ جي ڄاڻن، ڊسرائيلي ۽ گليڊسٽن جهڙن سياستدانن ۽ سماجي عالمن جا مقالا ۽ ليڪچر ٻه ٻڌا ٿي، جيڪي شاعر ٽينيسن جي لفظن ۾، اُهي ماهر ۽ مدبر هئا، ”جن کي خبر هئي ته موقعي کي هٿ ۾ ڪيئن جهلجي، ۽ آزاديءَ جي حدن کي اڃا وڌيڪ ڪيئن وڌائجي ۽ وسيع ڪجي“.

هنن انگلنڊ ۾ آزاديءَ جي نعمت کي ڏٺو ته اُها ئي انگلنڊ جي قوت ۽ اُن جي عظمت ۽ شان جو سرچشمو هئي. اُتان جي ماڻهن جي ذهني ڪشادگي ۽ قلب جي وسعت تڏهن ظاهر ٿي، جڏهن هُنن ووٽ ذريعي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو ته هندستان جي قديم مرض جو واحد علاج اُن جي آزادي هئي. اُنهن جي وڏيءَ اڪثريت، پنهنجي حوصلي ۽ دلي استقامت کان ڪم وٺندي،

زوردار آواز اُٿاريو ۽ مطالبو ڪيو تہ هندستان جي نندي ڪنڊ ۾ بہ اُها ئي جمهوريت موجود هئڻ کپي، جهڙي سندن پنهنجي انگلنڊ ۾ هئي.

اسان جي پنهنجن اُنهن عظيم بزرگن ۽ ڏاهن اڳواڻن پوءِ پوئتي پنهنجي ملڪ ۾ ڏٺو تہ هِتي جمهوريت جي آڏو ڪيترا وڏا ڇيڏڪ ۽ وِگهَن موجود هئا - وگهن ۽ ڇيڏڪ، مثلاً ذات پات جي لعنت، پرم ۽ سنسي ۽ بيمار روايت جو موتمار بار، راجائن ۽ نوابن جا ڇهٽيل خوني ڇڇڙ، سماجي انياءَ جا پراڻا ۽ پوتر ادارا مثلاً بيوه عورتن جي ٻيءَ شاديءَ تي بندش وغيره، عوام جي اٿاهہ جهالت ۽ اهڙيون ٻيون هزارين روڪون ۽ رنڊڪون جيڪي آزاديءَ جي رِوح ڪي ڇيچلايو ۽ ڇيپاٽيو بيٺيون هيون ۽ ان ڪي قلڻ قولڻ نہ تي ڏنائون. اُنهن اسان جن بزرگن مان پوءِ هر هڪ پنهنجي پنهنجي دلي لاڙي ۽ ذهني پسند مطابق ۽ پنهنجي صلاحيت آهر، برصغير جي خدمت ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ ان جي بيوس عوام کي اٿارڻ ۽ سجاڳ ڪرڻ جو ذمو کنيو.

جيڪڏهن گوکلي پوني ۾ 'سرونٽس آف انڊيا سوسائٽيءَ' جهڙي پاڻ گهوريندڙ خادمن جي جماعت جو بنياد وڌو، جنهن جهڙو مثال اڳي برصغير ۾ ڪو نہ هو، تہ ذهني سجاڳيءَ کي هندستان جي لافاني تهذيب ۽ فڪر جي پائدار عمارت جي پيڙهہ جي پٿر بڻائڻ لاءِ اقبال اُن تهذيب جي امرتا جا هِنن لافاني لفظن ۽ دلنواز ترنم ۾ گيت ڳائڻ شروع ڪيا:

يونان و مصر و روما سب مِٽ گئي جهان سي
اب تڪ مگر هي باقي نام و نشان همارا،
ڪچهہ بات هي ڪ هستي مٽتي نهين هماري،
صديون رها هي دشمن دور زمان همارا.

۽ جمشيد جِي ٽاٽا هِن سرزمين جي آزاديءَ، خودمختاريءَ ۽ عظمت جي ڪارڻ کي وڌائڻ لاءِ اُن ۾ صنعت ۽ حرفت جا بنياد وڌا ۽ اُن لاءِ هڪ پاسي هُن لوهہ جا ڪارخانا قائم ڪيا، تہ ٻئي پاسي، لارڊ ڪرزن جي مخالفت جي باوجود جنهن چاهيو ٿي تہ هندستان علمي ۽ سائنسي طور اڳتي وڌڻ بدران رڳو پنهنجي قديم آثارن جي حفاظت ۾ ئي محو رهي، هُن (ٽاٽا) بئنگلور ۾ 'انڊين انسٽيٽيوٽ آف سائنس' قائم ڪئي.

اهڙيءَ طرح اُنهن اوائلي بزرگن مان هر هڪ پنهنجي پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ مطابق اڳتي قدم وڌايو ۽ قائد پنهنجي هٿ ۾ جمهوريت جي پرورش جو

ذمو ڪنيو - جمهوريت جيڪا برصغير جي مسئلن کي پوريءَ طرح ۽ رڳو پارلياماني سياسي طريقي ڪار وسيلي حل ڪري سگهي ٿي ۽ هُن فقط هڪ باقاعدي، لاڳيتيءَ، بلڪل صحيح پارليماني طرز سان ۽ هميشہ ڪنهن شڪ کان بالاتر ۽ صاف ستري، ديانتدار ۽ بي خوف، عقلي، دنيوي منطقي دليلن سان انگريزن ۽ پڻ پنهنجي هموطن ماڻهن کي سنئين رستي جي ڏسڻ ۽ ڳالهين کي سمجهڻ ڏانهن مائل ڪرڻ گهريو ٿي.

سچ پچ تہ بيورَلي نڪولس ڳالهہ جي حقيقت کي پاڻ گهٽائي ٿي چيو تہ ”جناح جهڙو تہ نهيو، پر جناح کان ائين نمبر تي بہ ٻيو ڪو مسلم ليگ ۾ ڪو نہ هو.“ هو گهڻو غلط نہ هجي ها، جي چوي ها تہ قائد کان ائين نمبر تي تہ ڇا، پر 80 نمبر تي بہ ٻيو ڪو مسلم ليگ ۾ ڪو نہ هو.

ڇاڪاڻ تہ پوئتي ڪنڌ ورائي هاڻي ڏسون ٿا تہ هن کان پوءِ ڪو هڪ بہ اهڙو ڪو نہ هو، جو هُن سان گڏ تہ هو پر جنهن قائد وانگر جمهوريت جي اُن روشنيءَ جي ڪا جهلڪ بہ ڏسي ورتي هجي ها. جنهن جمهوريت انگلنڊ کي ايڏو عظيم ۽ اَجيت بڻايو هو.

درحقيقت اُها جمهوريت رڳو ڪنهن حڪومت جي سرشتي جي ڳالهہ بہ ڪا نہ هئي، اُها تہ انساني عظمت ۽ شان جو اُهو هڪ اصول هو، جيڪو جمهور (عوام) جي هر ماڻهوءَ جي اصل ممڪنات کي ايئن اُڀاري ۽ آزاد ڪري ٿو، جو ننڍڙي پتڪڙي انگلنڊ جو درالعوام هڪ پاسي روس جي گادي سينٽ پيٽرس برگ ۾ ويٺل روسي شهنشاهہ پيٽراعظم جي دل کي گرمائي ۽ جوش ۾ آڻي ٿو ڇڏي ۽ ٻئي پاسي سينٽ هيلينا ٻيٽ جي هيڪليءَ هڪ قبر ۾ نيپولين جهڙي سڄي يورپ جي فاتح کي دفنائي ٿو ڇڏي - ۽ پاڻ ساڳيو خوش طبع انگلنڊ بڻيو، ڳائيندو، نچندو، شاعري ڪندو ۽ ڊڪنس جا ناول 'پڪوڪ پيپرس' ۽ 'سن گراسز' لکندو ۽ تخليق ڪندو رهيو.

قائد ۽ اُن جي همعصر هِنن محب وطن عظيم شخصن جيڪا برصغير جي جامع حقيقت ۽ جملي صورتحال ڏٺي ۽ اُن کي هُنن بدلائڻ جي همٿ ٿي ڏيکاري ۽ سعيو ٿي ڪيو - ۽ اُهو بہ رڳو پنهنجي ذهني قوت ۽ ارادي جي روحاني زور سان ۽ پنهنجي انساني حد کان بہ اوچيءَ پُرامبد بلند نگاهيءَ سان - اُن سندن همٿ ۽ سعيي کي ڏسندي ۽ خيال ۾ آڻيندي، اڄ بہ اسان جي دل، اُمنگ ۽ جذبي ۾ پرجي ٿي وڃي ۽ پاڻ کي خوش نصيب ٿا سمجهون تہ اسين بہ اُن دور ۾ رهياسين.

هِنن تاريخ تي نگاهه رکندڙ سڄاڻ شخصن هندستان ۾ فڪري، سماجي ۽ ذهني موت ۽ تباهيءَ جا ڪندر ڏٺا – موريه شهنشاهيت جا، گپتا شهنشاهيت جا، اڪبر جي شهنشاهيت جا ۽ پڻ ٽيپوءَ جهڙن بهادرن جي سرويچيءَ ۽ خود قربانيءَ جا.

۽ اُنهن ڪنڊرن جي وچ ۾ هُنن اڪثر اُهي راجائن ۽ نوابن جي صورت جا ڪوئا به ڏٺا، جيڪي انگريزي عملدارن جي آڏو ڏڪندا، پگهر ڳاڙيندا ۽ اُنهن جا پير چمندا تي رهيا ۽ پنهنجن ماڻهن کي اُهو ئي پنهنجن پيرن هيٺان چيپيندا ۽ ڳاهيندا، بي عزت ۽ بي مانو ڪندا تي رهيا ۽ اُهي ئي پنهنجي غريب ملڪ ۽ ماڻهن جي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي آڏو، جن تي هو تڳي رهيا هئا، يتيون بڻيا بيٺا هئا ۽ پنهنجين رياستن جون آمدنيون ملڪ کان ٻاهر پئرس جي طوائف گهرن ۾ لُٽائيندا ۽ وڃائيندا تي رهيا.

ملڪي ترقيءَ جي آڏو اُنهن اسان جي باخبر بزرگن ٻيون چيون ۽ ٻيا پتر به پيل ڏٺا – جيڪي هنن جاگيردارن ۽ انعام دارن، خانبهادرن، راءِ بهادرن ۽ سردار بهادرن، هِنن بهادرن ۽ هُنن شاهه شغالن ۽ ٻين اهڙن جي حضورن جي صورت ۾ ڏٺا، جيڪي برطانوي ڪليڪٽرن ۽ اُنهن جي ديسي ايجنٽن جي آڏو اِيئن پيچ لوڏ لايو بيٺا هئا، جو پنهنجن اُنهن آقائن جي رڳو اک جي اشاري تي ئي هو پنهنجن عزيزن قريبن مان ڪنهن جي به پٽڪي لاهڻ ۽ مٽي ۾ ڊوڙ وجهڻ لاءِ تيار هئا - هنن کي فقط پنهنجن آقائن جي خوشنودي گهربي هئي - ايتري قدر، جو هڪڙي مزاحيه شاعر چئي ڏنو-

خانبهادر ني جو دم توڙا تو بولي هنس ڪي موت،
قبر مين اب لاٽ صاحب آئينگي امداد ڪو.
۽ اڪبر الهه آباديءَ کي چوٽو پيو -
جدهر صاحب ادهر دولت، جدهر دولت ادهر چندا،
جدهر چندا ادهر 'آنر'، جدهر 'آنر'، ادهر بندا!

اُهي سيئي مرض - بردار جيوڙا پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي آسپاس جي انساني ۽ سماجي حقيقتن کان ايترا پري هئا، جو لارڊ مانٽيگو پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو آهي ته هندستان جي سياستدان ۽ محب وطن اڳواڻن سان ڳالهائيندي، اُنهن جي علم، دل جي اونَ ۽ اوسيڙي ۽ ذهني بلنديءَ تائين رسندي رسندي، هن جو مغز چڪرائجي ويندو هو، ۽ ٻئي پاسي جڏهن هو راجائن ۽ نوابن سان

ڳالهائيندو هو تہ ڪيس رڳو اُنهن جي پريشانيءَ جون ڳالهيون سندن ڪتن جي صحت، اصل نسل ۽ سک سلامتيءَ بابت ۽ اُنهن جي ڪُتين بابت، سندن پولڙن، سندن گهوڙن ۽ سندن ڪبوترن بابت ٻڌڻيون پونديون هيون ۽ اُن لاءِ وقت بوقت ۽ هر هر ڪيس هنن سان هائو ۾ هائو ملائڻي پوندي هئي!

قائد ۽ سندس همعصر مشاهيرن ڪي آزاديءَ جمهوريت ۽ انساني روح جي اوسر ۽ ترقيءَ جي آڏو اِنهن ڇيڏڪن، رڪاوٽن ۽ بندن سان منهن ڏيڻو پوندو هو.

۽ انگريزن جي طرف هُنن ڪي وري، هِتي هندستان ۾، اُنهن انگريزن سان منهن ڏيڻو پوندو هو، جن ڪي هندستانين جو ايترو خيال بہ ڪو نہ هوندو هو جيترو پنهنجن گهريلو پاليل ڪتن جو.

جيڪي انگريز هندستان ۾ آيا ٿي، خاص طرح اُهي جيڪي 1857ع جي جنگ آزاديءَ جي هار ڪان پوءِ عملداري يا حڪمراني ڪرڻ لاءِ هيڏانهن ٿي آيا، تن مان اڪثريت جي تجاهل جاهلانہ يا تجاهل عارفانہ ۽ هوڏي روش جون ڳالهيون سچ پچ تہ ماڻهوءَ جي دل ڪي جلائڻ لاءِ ڪافي هيون.

سر سيد جهڙي وڏي ماڻهوءَ ڪي بہ هڪڙي بنهہ معمولي انگريز عملدار چيو، جڏهن سر سيد هن جي گهر هن سان ملڻ ويو، تہ ”بوٽ لاهي پوءِ اندر اچ!“ ۽ سر سيد اهڙيءَ بي عزتيءَ جي سهڻ بدران اُتان ئي پٺ ورائي موٽي ويو.

پر سر سيد جهڙا ٿورا هئا ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ هئا. گهڻا اهڙا بہ هئا، جن نہ رڳو اهڙين بلڪ اِن ڪان بہ وڏين جنين ڪي قبوليو ٿي ۽ نہ رڳو قبوليو ٿي، پر اُنهن تي فخر ٿي ڪيو. ڪنهن موقعي تي جڏهن هڪڙي انگريز عملدار ڪي هڪڙي ننڍي گند جي نالي تان ٽپڻو ٿي پيو، تڏهن هڪڙو ناميارو سردار وڏي اڳيان اچي بيٺو ۽ صورتحال ڪي ڏسي، هڪدم ٽپ ڏيئي، گند جي نالي جي ڪني پاٽيءَ ۾ چيلهہ سوڌو گهڙي، ٻُني ٻيٽي ڪري بيهي رهيو، تہ جيئن اُهو انگريز بهادر هُن جي ٻُنيءَ تي پير رکي، صحيح سلامت گند جو نالو ٽپي، پار ٿي سگهي!

مختصر ڳالهہ هيءَ تہ هندستان ۾ انگريزن جو، خاص طرح 1857ع جي واقعن ڪان پوءِ ايترو تہ خوف ۽ ڏهڪاءُ هو، جو قائد ۽ سندس روشن صفت همعصر شخصن جو ايرڻ ۽ اٿي حالات سان منهن مقابل ٿيڻ، اِيئن هو جيئن

مثالي ققنوس پکيءَ جو ڪنهن چندرگپت ۽ ٽيپو سلطان جي رک مان ٻيهر - جي اٿڻ – جن ٻنهي امر انسانن پنهنجن حملہ آورن جي اکين ۾ اکيون وجهي ٽاندن وانگر ٻرندي، انهن ۾ جوُهہ وجهي ڏٺو هو ۽ سينو تاڻي انهن جي آڏو اٿي بيٺا هئا.

قائد جي هڪڙي اهڙي ئي همعصر لافاني شخص، فيروز شاهہ مهتا، جو اِهو ڪو معمولي سورهيائيءَ جو ڪم نہ هو، جڏهن هُن ايئن چيو هو تہ ”جيڪڏهن اسين هندستاني رڳو اٿي بيهون ۽ سڀ گڏجي هڪڙي هڪڙي ٽک اڇلايون تہ سڄا برٽش آئلس (انگلنڊ، اسڪاٽلنڊ ۽ آئرلنڊ) هوند اُن ۾ ٻڏي وڃن!“

اُن وقت جڏهن اسين لکين ڪروڙين عام ماڻهو سياسي طور پنگلا هئاسين، اسان جا راجا ۽ نواب ۽ ’بهادرن‘ مٿان ’بهادر‘، انگريزن جي چانو ۾ ويٺا، انهن جي پوسل جي مِٽي چَٽي رهيا هئا ۽ هُنن کي قومي وقار ۽ شخصي عزت جو ڪو احساس ڪو نہ هو ۽ ڪين پلجي بہ اِهو ياد نہ ٿي آيو تہ ڪو اسان جو بہ انسان ذات جي تاريخ ۾ شمار ۾ اچڻ جهڙو ورثو هو ۽ اُن دور ۾ جڏهن اڪثر انگريز عملدار اسان جي منهن ۾ نهاري ڪلندا هئا، جڏهن اسان مان ڪنهن پنهنجي قديم عظمت ۽ ذهني حاصلات جي ڪا ڳالهہ ٿي ڪئي ۽ هو اسان سان سواءِ ڪنهن ضرورت جي ڳالهائڻ بہ گوارا نہ ڪندا هئا ۽ ايئن سمجهندا هئا، چڻ اسين گداگر هئاسين – اُن دور ۾ ۽ اُنهن حالتن هيٺ، اُهو قائد هو، جنهن پنهنجي ذاتي لياقت ۽ صلاحيت تي ڀروسو رکندي، پوريءَ خوداعتماديءَ سان ۽ پنهنجي عزت نفس جو احترام رکندي، انگريزن جي غلاميءَ جي ٽي هزار رپيا ماهاني پگهار جي نوڪريءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو – چي، ”ايترا پئسا تہ مان هڪ ڏينهن ۾ ڪمائيندس!“ ۽ اُهو سامي وويڪاند هو، جنهن اسان کي پڪاري چيو، ”ياڻرو، هيءَ اُها قديم سرزمين آهي، جنهن کي فلسفي ۽ ڏاهپ پنهنجو پهريون گهر بڻايو هو ۽ پوءِ فلسفو ۽ ڏاهپ دنيا ۾ ٻئي ڪنهن ملڪ ڏانهن ويا هئا: هيءَ اُها سرزمين آهي، جتان هڪ ڀيرو وري بہ روحانيت جون ويرون اٿنديون ۽ زُبونيءَ ڏانهن مائل انسان ذات کي ٻيهر زندگي ۽ طاقت عطا ڪنديون. هيءَ ئي سرزمين آهي، جيڪا دنيا جي ڪنهن بہ پهاڙ کان وڌيڪ مضبوط ۽ اڏول بيٺي رهي آهي. هيءَ اُها سرزمين آهي، جنهن پنهنجي اَمر سَگهہ ۽ اَجِيت روح سان سوين ڪاهون ۽ حملا، تهذيبن ۽ سيتائن

جا، سَنا آهن ۽ پوءِ بہ سلامت بيٺي رهي آهي ۽ اسين سڀيئي واقعي اهڙي هڪ عظيم ۽ لافاني ملڪ جا سپوت آهيون.“

۽ علامہ اقبال اسان کي پنهنجي روح پرور ترنم ۽ ذي حيات نوري شعاع رکندڙ لفظن سان ايئن مخاطب ٿي جاڳايو تہ-

چشتی نے جس زمین میں پیغام حق سنایا،
نانک نے جس زمین میں وحدت کا گیت گایا،
یونانیوں کو جس نے حیران کر دیا تھا،
سارے جہاں کو جس نے زر کا اثر دیا تھا،
ترکوں کا جس نے دامن ہیروں سے بھر دیا تھا،
میرا وطن وہی ہے، میرا وطن وہی ہے-

۽ ٽئگور اُن کان پوءِ چيو:
“جتي ذهن خوف کان خالي،
۽ گردن فخر سان بلند هجي،
۽ جتي عقل جو نرمل چشمو
مرده روايت جي خشڪ واريءَ ۾
گم نہ ٿي ويو هجي،
...... اُنهيءَ آزاديءَ جي بهشت ۾،
او منهنجا رب
شل منهنجو وطن جاڳي اُٿي!“

۽ قائد پنهنجي شخصي زندگيءَ ۾ پوريءَ ڪاميابيءَ سان اِهو ئي ثابت ڪري ڏيکاريو — ”جتي ذهن خوف کان خالي ۽ گردن فخر سان بلند هجي ۽ جتي عقل جو نرمل چشمو مرده روايت جي واريءَ ۾ گم نہ ٿي ويو هجي“: جيئن هن جي زندگيءَ جي ڪيترن اهڙن مثالن منجهان هڪڙي اهڙي مثال مان ڏسي سگهجي ٿو-

ٻيءَ رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس جي موقعي تي قائد ۽ انگلنڊ جو تڏهوڪو وزيراعظم، بالڊون، اوچتو هڪڙي وڏي هال ۾ آمهون سامهون گڏجي ويا: ”هيلو، مسٽر جناح!“ بالڊون چيو ۽ ”هيلو، مسٽر بالڊون!“ بس اِهو

ئي موت ۾ جواب قائد جو هو! ۽ هو هڪ سيڪنڊ لاءِ به بالڊون جي منهن ۾ ڏسي مُرڪڻ لاءِ يا هن سان برطانيه جي آبهوا بابت ڪا ڳالهه ڪرڻ لاءِ. يا اهڙي ٻئي ڪنهن خوشامدي فضول ڳالهائڻ لاءِ ڪو نه ترسيو ۽ ايئن ئي ڪنڌ اوچو ڪيو. برطانوي وزيراعظم ڪان گهڙيءَ ۾ مَتي اکيتي هليو ويو. مسٽر بالڊون واقعي هيڪر ته سُن ۾ اچي ويو. جو ته هن ڪي پنهنجي هڪڙيءَ غلام رعيت جي ماڻهوءَ مان سچ پچ به ته ڪنهن وڏيڪ تواضع ۽ نيازمنديءَ جي روش يا جواب جي اميد هئي. اِهو هو "ذهن خوف کان خالي ۽ گردن فخر سان بلند!"

۽ جيتوڻيڪ هن کي 'قائداعظم' جو لقب ٻئي نمبر تي مليو هو (پهرئين نمبر تي مسٽر گانڌي هو. جنهن کي 1925ع ۾ ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلوءَ 'قائداعظم' جي لقب سان سڏيو هو). قائد ڪڏهن به ڪا غير واجبي يا تحڪمانه روش ڪا نه ڏيکاري ۽ ڪڏهن به هو ڪاوڙ ۾ تپي نه ڳاڙهو ٿيو ۽ نه آپي کان ٻاهر نڪتو ۽ نه ڪڏهن هن پنهنجيءَ ڳالهه کي مڃائڻ لاءِ بک هڙتال ڪئي، نه روزا رکيا ۽ نه ڪڏهن هن مرڻ برت جي ڳالهه ڪئي.

بجاءِ اُن جي، هن سياست جو هر مسئلو پوري جمهوري طريقي سان پنهنجي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي اڳيان رکيو - ۽ هندستان جي برطانوي وائسراءِ کي به هر ڀيري هو ايئن ئي صاف ۽ واضح لفظن ۾ چوندو رهيو (جنهن کي پهريائين ته قائد جي اُن ڳالهه تي اعتبار ئي نه ايندو هو - ) ته هو پوريءَ طرح پنهنجي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي فيصلن سان ٻڌل هو - ۽ اِن ۾ هن پنهنجي ذاتي خيالن ۽ راين کي به ڪنهن طرح دخل انداز ٿيڻ نه ٿي ڏنو.

اِهو ئي هن جو پورو پورو معقول، پورو پورو جمهوري ۽ هر شڪ شبهه کان بالاتر ۽ پورو پورو ايماني عقيدو ۽ عمل هو. جنهن جو هن جي پوئلڳن مان هر هڪ کي پورو پورو يقين هو ته اُهو ئي قائد جو ورثو هو، جيڪو هو وٽن ڇڏي ويو هو - يعني سچي جو سچو ۽ پوري جو پورو جمهوري فڪرَ ۽ عمل جو طريقو ۽ نظام.

۽ اِهو خاص هُن جو ورثو هو، جنهن سان هُن جي موت کان پوءِ اُها ڪار ڪئي ويئي، جيڪا کي عليل ۽ البيلا ٻار ڪنهن رانديڪي سان ڪندا آهن - يعني قائد جو اُهو املهه ۽ ڳنڀير ورثو، اُنهن جي هٿن ۾ سَنجي، ڪُتجي، ڦاٽي، ٻُج ٻُج ٿي ۽ بنهه پرزا پرزا ٿي ويو.

دنيا ۾ 'ڪليان' نالي وڏي ۾ وڏي ۽ مشهور هيري جي هڪڙي ڳالهه مشهور آهي ته اُهو پهريائين هڪڙي آفريڪيءَ لڌو هو، جنهن کان هن جي پٽ

وٺي، اُهو پنهنجي هڪڙيءَ دلگهريءَ ٻڪريءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو، ڇو ته رڳو پري کان هُن لاءِ اُن وڏي، ٻي مثل هيري، شيشي وانگر، چمڪاٽ پئي ڪيا! ۽ پوءِ جڏهن هڪڙي انگريز اُهو ڏٺو ۽ معلوم ٿيس ته اصل ۾ اُهو ڇا هو، ڪيترو املهه هو ۽ ڪيترو اڻ لڀ، تڏهن هُن اُن جي مالڪ ڪان اُن جي قيمت پڇي، جنهن نيٺ وڏي خوشيءَ سان ٻن ٻڪرين جي عيوض اُهو اُن انگريز کي ڏيئي ڇڏيو!.

بلڪل اُن طرح اُهي جيڪي قائد ڪان پوءِ آيا، تن هُن جي جمهوريت جو اُهو ورثو مسيح جي غدار، يهوداه وانگر، 'ٽيٽيهن چانديءَ جي ٽُڪرن' تي ڦُرائي ڇڏيو.

--

# بي مغزائي... سائين وڏيڪ مغزائي

سچ پڇو ته مغزائتيون ڳالهيون پڍي پڍي، مان ٿڪجي پيو آهيان.
۽ پڙهي پڙهي، بہ ٿڪجي پيو آهيان.
۽ ڏسي ڏسي تہ هيڪاري ٿڪجي پيو آهيان.
مان اقتصاديات جا ڪتاب پڙهان ٿو-
ڏاڍا مغزائتا ڪتاب آهن.
مان سائنس جا ڪتاب پڙهان ٿو-
اُهي بہ اهڙا ئي مغزائتا.
مان سياست جا ڪتاب پڙهان ٿو:
افلاطون ڪان وٺي اڄوڪن ڏاهن جا لکيل ڪتاب - نراجي، سلطان پسند، جمهوري، سِپ سيوئي ۽ ڪُليتَي، فسطائي، اشتراڪي-
منهنجو اُنهن سان ڪو اتفاق هجي يا اختلاف، اِن سان اُنهن جو واسطو ئي ڪونهي.
مان ڪنهن سان اتفاق ڪريان يا اختلاف، اِهو منهنجو حق آهي.
پر اُنهن جي جنهن ڳالهہ ڏانهن منهنجو ڌيان ٿو ڇڪجي، سا اِها تہ هو ڪجهہ مغزائتا آهن.
۽ اُنهن سينيءَ ۾ ساڳي بہ هڪ ئي اِها ڳالهہ آهي - تہ ڪجهہ مغزائتا آهن.

اِهي اديب هجن يا فيلسوف، پر ڏسجي ٿو تہ هو سڀ ڄاڻن ٿا تہ ڇا بابت ٿا ڳالهائين. اُنهن مان گهڻن تہ پنهنجون سڄيون حياتيون سوچيندي سوچيندي گذاريون تہ هنن کي ڇا بابت ڳالهائڻو يا لکڻو هو...
هو ڄاڻو هئا، ماهر هئا.
جيڪڏهن هو حجام هئا تہ ڏاتن کي رجائڻ جي ڳالهہ هنن کا نہ ڪئي آهي. جيڪڏهن هو موچي هئا تہ دل جي جراحت جي ڳالهہ هنن ڪا نہ ڪئي آهي، وغيره وغيره.
ڪي ماهر تہ اهڙا ماهر آهن، جو اکين جو جراح، مثال طور، دندان سازيءَ جي ڳالهہ نڪرندي، تہ چوندو تہ هو دندان سازيءَ مان نہ ڄاڻي.

هنن ماهرن ڪتاب لکيا آهن، جن مان گهڻا اِيترا تہ ڏکيا، ڪاريگريءَ وارا ۽ ڳوڙها آهن، جو مان اُهي پڙهي ئي نٿو سگهان. اُنهن کي سمجهڻ ۾ ڪم آڻڻ تہ ٻي ڳالهہ هئي.

پر پوءِ بہ هو ڳالهيون سڀ مغزائتيون ڪن ٿا.

خود ڪِل پوڳ وارا ليکڪ... اُهي بہ، بهرحال، شيڪسپيئر جي چرچائي ڪردار فالسٽاف وانگر، گهڻن عالماڻن ليکڪن ۽ ڏاهپ جي صاحبن کان پاڻ وڌيڪ مغزائتا معلوم ٿا ٿين.

سروينٽيس بلڪل غلط هو، جڏهن هن سمجهيو ٿي تہ سندس ڪتاب 'ڊان ڪئگزوٽ' رڳو ٻي مغزي کان مسخريءَ جو ڪتاب هو، وغيره وغيره وغيره.

پر دنيا تہ اُن کي شايد وڏن کان وڏن ڪتابن ۾ شمار ڪري ٿي - اصل ٽالسٽاءِ جي ڪتاب 'جنگ ۽ امن' سان گڏ رکڻ جهڙو.

ساڳي اهڙي ڳالهہ جو ناٿن سئفٽ جي ڪتاب 'گليور جا سفرناما' جي بہ آهي.

اِنهيءَ ڪري، مان هِنن مغزائتين، مغزائتين ۽ مغزائتين ڳالهين مان بيزار ٿي پيو آهيان، جيڪي سڀ رڳو ٻاهران ٻاهران ايئن ٻي مغزيون ٿيون لڳن.

مون کي خالص شيءِ گهرجي، خالص ٻي مغزي، خالص، ٻنهہ خالص.

مون کان اِن ڳالهہ ۾ ڪا ڪوٽ يا چالاڪي نٿي سَٺي ٿئي.

مان سچ پڇو تہ ٻي مغزائيءَ جي تلاش ۾ آهيان، هر هنڌ، هر وقت.....

اصل 'ڳوليان ڳوليان ۽ لهان!' واريءَ ڳالهہ وانگر. مون اُن کي هِتي ڳوليو، هُتي ڳوليو، هيٺ مٿي ڳوليو، اندر ۽ ٻاهر ڳوليو، ساڄي ڳوليو ۽ کاٻي ڳوليو، ۽ ٻنهہ وچ تي بہ ڳوليو.

مان تہ هاڻي لڳ ڀڳ نااميد ٿي پيو آهيان تہ ڪٿي مون کي ڪا نج، خالص، ملاوت کان پاڪ ٻي مغزي ڳالهہ ڪڏهن ملي بہ سگهندي - ڇو تہ اڄ ڪلهہ هر شيءِ ملاوتي ٿي پيئي آهي.

خراب ۾ خراب ڳالهہ تہ سچ پچ اِها آهي.

اِنهن حالتن ۾ ماڻهوءَ جي دل سُسيو وڃي ۽ ماڻهو هر نموني جي رڳو ڳاڙڙ ساڏڙ ۽ جڙتو شين سان هريو پيو آهي ۽ اُنهن سان جڙجي ٿو وڃي.

مان اهڙي ئي هڪ اونهي دک ۽ نراسائيءَ جي کُن ۾ ورتل هوس، تہ جان بُنيان، پنهنجو ڪتاب 'زيارتيءَ جو سفر' نالي وارو، هٿ ۾ جهلي، مون

وٽ آيو ۽ مون کي چيائين تہ ”پرهہ ڦٽڻ کان اڳ گهاٽيءَ اوندهہ جي گهڙي بہ ايندي آهي ۽ مسافر کي ڪپي تہ نامراديءَ جي بحر مان لنگهندي، پنهنجي دل نہ لوڙهي - ڇو تہ روشنين جو شهر سامهون آهي! (اُهو روشنين جو شهر يقيناً ڪراچيءَ جو شهر نٿي ٿي سگهيو، ڇو تہ ڪراچيءَ جي بجلي ڪارپوريشن وارن جي روشنيءَ، وري وري ڳل ٿيڻ سان، مصنف بُنيان يا ان جي ڪنهن زيارتي مسافر جي دل ۾ ڪراچيءَ لاءِ ڪشش باقي ڇڏي ئي ڪا نہ آهي).

ڇا بہ هجي، پر مان ترسيو رهيس، ترسيو رهيس..... ۽ اوچتو اوچتو ڇا ٿو ڏسان تہ منهنجي آڏو خالص ٻي مغزائي بيٺي هئي - نہ رڳو منهنجي آڏو پر مون جهڙن ٻن هزارن لکن ٻي دريافتن جي آڏو بہ، جن جي مٿان ٻي مغزائي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي سزا ٻڌجي چڪي هئي - ۽ مان هوس، جو هھڙي صاف ۽ پڌري ڳالهہ ڏسي نہ سگهيو هوس!

هيءَ پڌري ۽ ڏٺي وائٺي ڳالهہ ڪا نہ ڏٺي هيم، ڇاڪاڻ تہ اُها ايتري پڌري هئي، ايتري پڌري هئي، اصل اِکر بہ اکر، سنئين سڌي ۽ مُنهان مُنهن پڌري، جو اُن جي اُن پڌرائيءَ ڪري ئي اُها نٿي ڏسجي سگهي.

اُها سڄي جي سڄي، پنهنجي سر پاڻ منهنجي آڏو هئي، منهنجي اکين آڏو.... شل ڪا سولي ٿئيس! ننهن کان چوٽيءَ تائين، سڄي ساري، سامهون ئي سامهون بيٺي هئي - بس، ماٺهوءَ کي ڪرٽو رڳو هيءُ هو، جو اُن کي ڏسڻ لاءِ هٿ وڌائي، ٽي ويءَ يا ريڊيو جو ڪٽي بٽڻ ڪولي-

--

# ايئن ڪيئن ٿو ٿي سگهي!

هڪڙي ڪنهن اُلڙيل اسڪول ۾ هڪڙو ڦيءَ جهڙو ڪو ٻرل ماستر هوندو هو، جنهن جي رڳو نالي ڪان بہ شاگردن کي ڏُروڙيون ايندڀون هيون.

ايتري قدر، جو هنن جي دل ۾ هن جو ڪڏهن خيال ئي ايندو هو، تہ هو پنهنجي دل سان وڙهي پوندا هئا تہ اُن اُهو خيال پاڻ وٽ اچڻ ئي ڇو ڏنو.

پر اُن بابت هو ڪري ڪجهہ نٿي سگهيا، ڇو تہ اسڪول جي هيڊ ماستر کي پنهنجي مقصدن ۽ مصلحتن جي سلسلي ۾، اُن همراهہ جي ضرورت هئي.

اِنهيءَ ڪري ويچارا شاگرد اُن معاملي ۾ رڳو اِهو ئي ڪجهہ ڪري ٿي سگهيا، جو اهڙين حالتن ۾ شاگرد ڪندا آهن - يعني بُڇان، بُڇان، بُڇان، پنهنجي سڄيءَ ساريءَ دل سان، سڄي ذهن سان، سڄي پنهنجي روح سان، هر پنهنجي ساهہ سان ۽ پنهنجي پوري وجود سان، هو بڇان ڪرڻ لڳا ۽ بڇان ڏيڪارڻ لڳا.

هو خود ڏرتيءَ ڪان ئي بڇان ڪرڻ لڳا، ڇو تہ هو اُن ڏرتيءَ تي موجود هو. هو سج ڪان بڇان ڪرڻ لڳا، ڇو تہ سج هن تي بہ اُس ٿي ڪئي. هو چنڊ ڪان بڇان ڪرڻ لڳا، ڇو تہ چنڊ هن تي بہ چانڊوڪي ٿي ڪئي.

سڀ ڪان وڌيڪ هُنن وچ ڪان بڇان ٿي ڪئي، ڇو تہ اُها ڪِري ٿي تہ هُن جي مٿان ڪا نہ ٿي ڪِري.

هنن پنهنجي قسمت ڪان بڇان ٿي ڪئي، جو هو اُن اسڪول ۾ اچي داخل ٿيا هئا، يا هو اُتي اچي موجود ٿيو هو، جتي واقعي هنن پڙهڻ گهريو ٿي ۽ جتي هنن پنهنجي جواني ماڻڻ گهري ٿي ۽ جوانيءَ جا تازا تازا اُمنگ ۽ خيال ماڻڻ گهريا ٿي.

هنن پنهنجي مائٽن ڪان بہ بڇان ٿي ڪئي، جو هنن ڪين تڏهن ڇٽيو هو، جڏهن اُهو شخص ڪُپ ڪوڙي، ٻرل ماستر بڻجي، اُتي اچي ويٺو هو.

سڀ ڪان وڌيڪ هنن هيڊ ماستر ڪان بڇان ٿي ڪئي، جنهن انسان جي ويس ۾ هڪڙي اهڙي بڇان لائق پسونءَ کي پَبي ڏيئي، مٿي تي چاڙهي ڇڏيو هو.

پر هيڊ ماستر کي ڪا بہ پرواهہ ڪا نہ هئي تہ شاگردن ان باري ۾ ڇا ٿي محسوس ڪيو يا سمجهيو.

سچ پچ بہ تہ هيڊ ماستر شاگردن جي جذبن ۽ اُمنگن جي اڳ بہ ڪڏهن ڪا پرواهہ ڪا نہ ڪئي هئي.

هيڊ ماستر ڪي جيڪڏهن ڪو اونو هو تہ رڳو ٻئي هيڊ ماستر جي مقابلي جو هو، تہ اُهو ڪڏهن هُن ڪي اُتان هٽائي نہ ڇڏي.

اِيئن ٻن هيڊماسترن جي وچ ۾، شاگردن ويچارن جي مفاد ۽ ڀلائيءَ جي تہ ڪا ڳالهہ شمار ۾ ئي ڪا نہ ٿي آئي ۽ ايئن هيڊ ماستر بلڪل خوش هو تہ ڊرل ماستر هن جو فرمانبردار هو ۽ ان جي ٻڇان لائق وجود مان هن ڪي فائدو هو.

هيڊ ماستر ڪي اِن ڳالهہ جو خيال بہ ڪو نہ هو تہ جيترو وڌيڪ ٻڇان لائق سندس هيءُ ڊرل ماستر ثابت ٿي ٿيو ۽ اُن جي هُن پُشتي ٿي ڪئي اوترو وڌيڪ سندس شاگردن ٻئي هيڊ ماستر جي طرف ٿي تاڙيو ۽ واجهايو - ڏاڍيءَ سڪ ۽ اُڪير مان — تہ هو اچي هنن ڪي اُن ٻڇان لائق حيوان مان نجات ڏيندو ۽ ڪين ڪنهن سولي ساهہ کڻڻ جو وجهہ ملندو.

پر، شاگرد جنهن حالت ۾ هئا ۽ جنهن ۾ هُنن پاڻ ڪي ڏٺو ٿي، اُن ۾ هو سڀ چُپ چَپ ٿي چاڙهيو، خاموش ويٺا رهيا ۽ ڪنهن بہ ڳالهہ جو ڪو اظهار ڪو نہ ٿي ڪيائون.

سواءِ سندن هڪڙي نِنڍَ ڇوڪري جي.

پر اُن بہ ٻيو ڪجهہ ڪو نہ ٿي ڪيو.

هو فقط سوچيندو رهيو، سوچيندو رهيو، فقط سوچيندو، سوچيندو ۽ سوچيندو رهيو. - بس ، اُهو ئي ڪجهہ سوچيندو رهيو، جو ڪجهہ اهڙي ماٺهوءَ لاءِ سوچي سگهجي ٿو، جيڪو ٻڇان لائق هجي.

اُن شاگرد ۾ اهڙي ڪا خصلت هئي يا ڪا ڳالهہ هئي، جيڪا اُن ٻڇان لائق ڊرل ماستر ڪي ڏاڍي خراب ٿي لڳي ۽ ٿيندي ٿيندي، اَها هُن جي سهڻ کان ٻاهر ٿي ويئي.

ان جي تدارڪ طور هن اُنهيءَ شاگرد ڪي ڏاڍيءَ ڪنهن سخت سزا ڏيڻ جو خيال ڪيو، تہ اُها جيئن ٻين لاءِ هڪڙو مثال رهي.

پوءِ، هڪڙي موقعي تي، جڏهن ڊرل جو پيرئڊ هو ۽ ڊرل هلي رهي هئي تہ هُن اُن شاگرد ۾ اکيون وجهي، گهوري گهوري، هن جي منهن ۾ ڏٺو ۽ زور سان رڙ ڪندي، هن ڪي چيائين، "اها، پنهنجي منهن تان اِها...... هٽائي ڇڏ!"

”ڇا هٿائي ڇڏيان؟“ شاگرد حيران ٿيندي، پڇيو.

”اِها راءِ پنهنجي منهن تان هٿائي ڇڏ!“

”ڪهڙي راءِ!“

”اِها راءِ، آئون ٿو چوان، اِها راءِ - منهن تان اِها راءِ هٿائي ڇڏ!“

”پر ايئن ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟“ شاگرد پڇيو.

”ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ ڪيئن ٿو ٿي سگهي... ڪيئن ٿو ٿي سگهي........!“ هوا ۾ پڙاڏو گونجيو.

”نٿو ٿي سگهي......... نٿو ٿي سگهي......... نٿو ٿي سگهي............“ چوڌاري آواز اُٿيو.

--

# سلام انهن تي جي آزاد آهن

مهتاب چنا، جيئري ئي، لافاني ماڻهن جي صف ۾ شامل ٿي ويئي.

لافاني ٿيڻ لاءِ سقراط جو ڏسيل نسخو رڳو هيءُ آهي تہ چا بہ ٿي پوي، ماڻهو پنهنجن اصولن سان سچو هجي ۽ اُن لاءِ جا بہ قيمت ڏيڻي پوي، تنهنجي ڏيڻ لاءِ تيار رهي.

”اوهين جيڪي طاقت ۾ آهيو، منهنجي مارڻ مان اوهان کي ڇا ورندو؟“

سقراط پڇيو هو، ”آئون هونئن ئي پوڙهو مڙس آهيان ۽ مهينن ۾ قدرت ئي پنهنجو ڪم ڪري ها ۽ پيرسنيءَ ۾ ئي آئون مري وڃان ها. منهنجي مارڻ مان هاڻ، اوهان کي ڇا ورندو، ڇو تہ آئون بہ امر آهيان؟“

”ڪيئن ٿو چوين تہ تون امر آهين؟“

”اِنهيءَ ڪري ٿو مان ائين چوان، ڇو تہ آئون جيڪو سچ ٿو سمجهان اُهو چوان ٿو ۽ اُن سان ناتي نباهڻ جي مون ۾ همت آهي ۽ اُنهيءَ پنهنجي ناتي جي حق جو بچاءُ آءٌ پنهنجي ساهہ سان ڪريان ٿو.“

”ڇا، اِها تمام وڏي قيمت ڪانهي؟“

”اِها ڪجهہ قيمت ڪانهي، امرتا ذهن جِي، روح جي، هڪ ڪيفيت آهي، گوشت پوست جي نہ، رت جي نہ، جن جو هڪڙي ڏينهن تہ نڌان ٿيڻو آهي. امرتا آزاديءَ جي زندگي آهي، جيستائين اُها زندگي ڏرتيءَ تي قائم آهي. اَمرتا آزاديءَ جو امنگ آهي. جيسين منهنجو ضمير مون سان گڏ آهي، تيسين آئون تنها نہ آهيان، جيسين سچ منهنجي خوراڪ آهي، تيسين آئون ڏاول آهيان، ڏاڍَ ۽ راڄَ - هڪَ آڏو آڻ ڪان انڪارُ - زندگيءَ جي سفر ۾ منهنجي روح جي اُڏند ڪٿولي اِها آهي.“

”تو سوچيو بہ آهي تہ جيڪڏهن سيئي ماڻهو، خاص طرح اٿينس جا ڳيرو جوان، اِيئن تنهنجي پٺيان هلن، تہ ڇا ٿيندو؟“

”ڪنهن لاءِ بہ منهنجي پٺيان هلڻ ضروري نہ آهي. هنن کي فقط پنهنجي ضمير جي پٺيان هلڻو آهي ۽ اِهو بہ مٿن ڇڏيل آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي ضمير جي پٺيان هلندا تہ آءٌ سمجهان ٿو تہ هو مون وانگر پاڻ کي آزاد

محسوس ڪندا. مون ڪڏھن بہ ھنن کي پنھنجي پنيان ھلڻ لاءِ نہ چيو آھي. مون رڳو ھنن کان سوال پڇيا آھن - ھائو، سوال پڇيا آھن - اِنھيءَ ڄاڻڻ لاءِ تہ ڇا، ھو ڄاڻن ٿا تہ ھو ڇا ٿا ڳالھائين ۽ ڇا بابت ٿا ڳالھائين..... اِنھيءَ ڄاڻڻ لاءِ تہ ڇا، ھو اُنھن لفظن جي معنيٰ ڄاڻن ٿا، جيڪي ھو استعمال ٿا ڪن ۽ استعمال ڪندا ٿا رھن: ڇاڪاڻ تہ لفظن جو غلط ۽ اَجوڳو استعمال ڪين سندن پنھنجي مقصد جو اُبتو ڏس ڏيئي سگھي ٿو ۽ گمراھ ڪري سگھي ٿو، پر پنھنجي پنيان ھلڻ لاءِ مون ڪنھن کي ڪڏھن ڪو نہ چيو آھي. اُنھن وٽ پنھنجي اندر جو آواز آھي، جنھن جي پنيان ھو ھلي سگھن ٿا ۽ ايئن امرتا جو احساس ماڻي سگھن ٿا، ڇاڪاڻ تہ پوءِ، سندن پنھنجي اندر ۾ جيڪو سچ آھي، اُن سان سندن ناتو جڙندو ۽ ھو اُن سان گڏجي ھڪ ٿي ويل ھوندا."

جُڳن کان، لافاني انسانَ، وڏا ۽ ننڍا، ڄاتل اڻ ڄاتل، ٻيو نہ تہ اِن آزاديءَ جي احساس سان مالامال رھيا آھن - ۽ جيڪڏھن اِنھيءَ ڪري ٻيو ڪجھ ھنن کي مليو نہ سگھيو آھي، تہ اِھو آزاديءَ جو احساس ئي ھُنن لاءِ ڪافي رھيو آھي - اُھو احساس تہ ھو غلام نہ آھن، اُھو احساس تہ ھو ڪامل شخصيت جا، جامع وجود جا، مالڪ آھن.

"قابل نفرت حڪم ڏيڻ کان بدتر ڳالھ آھي، اُن قابل نفرت حڪم کي مڃڻ" - انساني آزاديءَ ۽ انساني فضيلت ۽ شانَ جي ھڪڙي سورھيہ سرويچ جو اِھو قول اڄ بہ اسان لاءِ برق جي بَجليءَ مثل آھي ۽ مھتاب چنا، جنھن اھڙي ھڪڙي حڪم کي نہ مڃيو، جيڪو ھن جي نظر ۾ قابل نفرت ھو، اِيئن ڪرڻ سان پنھنجي سگھ، سُرت ۽ پھچ مطابق گويا بني نوع انسان کي آزاديءَ جو گھربل ھڪڙو ساھ عطا ڪيو آھي.

ڇاڪاڻ تہ ھر ڳالھ جي حد ھوندي آھي - ڇريائيءَ ۽ جھنگلي جي بہ.

ڏاڍَ ۽ راڄَ - ھٺَ جي بہ ھڪ حد ھئڻ ضروري آھي. تنگدليءَ ۽ تعصب جي بہ ھڪ حد ھئڻ ضروري آھي.

ھِن يا ھُن جي نالي ۾ ٻين کي جڪڙڻ ۽ ٻَڌڻ جي بہ ھڪ حد ھوندي آھي.

انسان ذات کي خوار ڪرڻ ۽ بي عزت ڪرڻ جي ڪوشش جي بہ ھڪ حد ھوندي آھي.

ٻين جي لاچاريءَ ۽ بيواھي حالت مان اجوڳ فائدي وٺڻ جي حيواني سڌ جي بہ ھڪ حد ھوندي آھي.

چو ته ”جڏهن غلام سوچڻ شروع ڪندا آهن، تڏهن غلاميءَ جي خاتمي جي شروعاتي ٿيندي آهي.“

دائمي ڪُمهلاٽپ ۽ مستعد بيوقتائتيءَ جي جاهل حرص جي - ۽ تازه دم ۽ نون دماغن ڪي مُئلن جي هڏن سان چِٽڻ ۽ پيجڻ جي به هڪ حد هوندي آهي.

خوشقسمتيءَ سان مهتاب چنا انگريزي شاعر ملٽن (Milton: 1608-1674) وانگر نه گگدام ۽ ڊِڄٽي آهي ۽ نه راج - گهاتڪ، جنهن پنهنجي ضمير جي پيروي ڇڏي ۽ ڊڪٽيٽر ڪرام ويل (Cromwell) جي پيروي قبولي هئي ۽ ايتريءَ ته ڪرنش ۽ نيازمنديءَ سان اُن جي قصيده سرائي ڪئي هئي، جو ڊاڪٽر جانسن جي لفظن ۾، ”جڏهن رومن سپهه سالار سيزر پاڻ ڪي تاحيات ڊڪٽيٽر بڻايو هو، تڏهن اُن جي به ايڊِي ڪِريل ۽ زمين بوس چاپلوسي ڪنهن ڪا نه ڪئي هئي.“

ان جي عيوض، مهتاب چنا اڄ اسان سيني جي دلين جي ڇهڪندڙ بلبل آهي ۽ اسين هن ڪي آزاديءَ جي، پاڻ – وهيٽائيءَ جي، سورهيائيءَ جِي، عظمت جِي ۽ امرتا جِي هڪ ديوي تا سمجهون ۽ ڪيس سلام ڪريون تا.

هڪ ردي ۽ نامعقول حڪم جي عدولڻ سان هوءَ اسان لاءِ اڄ اُها هستي بڻيل آهي، جنهن لاءِ انگريزيءَ جي شاعر اعظم شيڪسپيئر جي لافاني لفظن ۾ اسين چئي سگهون تا ته ”اِنهيءَ طرح، او ديوتائون، هيڻن ڪي اوهين بلوان تا بڻايو ۽ ڏاڍن ۽ راجَ – هَنيِنَ ڪي شڪست تا ڏيو. نه پٿرن جا برج، نه لوهه جون پتيون، نه رڪ جا زنجير روح جي جاڳيل طاقت ڪي روڪي تا سگهن. ظلم ۽ ڏاڍ جي اُها صورت جيڪا اسين سهي تا وجون ۽ پيش نتا پئون ۽ اُها اسان ڪي پوري نتي سگهي، اُن مان اسين جڏهن چاهيون تڏهن آزاد ٿي سگهون تا.“

تنهن ڪري، سلام آهي اُنهن تي، جي آزاد آهي.

اسين، جي غلام آهيون، مهتاب چنا تي اسان جو سلام آهي.

--

# ڏوھہ ــ ڪھڙو؟ ۽ ڪنھن جو؟

اوھين پڇندا تہ مسلمان ملڪن ۾ ايئن ڇو آھي تہ جيڪي اُتي طاقت ۽ حيثيت جا صاحب آھن، اُھي اِيئن سمجھن ٿا تہ محب وطن آھن تہ ھو ئي آھن ۽ اسلام جا سڀ ڪان وڏا شيدائي ۽ محافظ بہ ھو ئي آھن؟ ھُنن جي نظر ۾ سندن سڀ مخالف 'ڪجھ نہ' آھن، بلڪ غدار آھن، دشمن آھن، ۽ ٻيو تہ ڏاھپ ۽ عقل ۾ ھو پاڻ ئي وقت جا افلاطون آھن بلڪ حرف آخر آھن!

سوال معقول آھي ۽ ضروري بہ آھي.

اُن جو جواب جيڪڏھن اوھان کي نٿو اچي تہ شيڪسپيئر وٽ اُن جو جواب آھي. ھُن جي ناٽڪ، 'جولئس سيزر'، ۾ رومن سينيٽ جو ميمبر، ڪيسئس، اھڙو ساڳيو سوال سيزر بابت پڇي ٿو ۽ جواب بہ پاڻ ڏئي ٿو -

"سيزر غريب، ٻلا، ظالم ڇو بڻيو؟ مان سمجھان ٿو تہ ھو بگھڙ ڪو نہ بڻجي ھا، جيڪڏھن رومن لوڪ رڍون نہ ٿين ھا. ھو شينھن ٿئي ئي نہ ھا، جي رومن لوڪ ھرڻ نہ بڻجن ھا. جيڪي وڏي باھ جو پيڙ بڻجن ٿا.

سي شروعات ڇِينيَن سان ئي ڪندا آھن. ھيءَ روم ڪيترو نہ نندو آھي، نيچ ۽ ھلڪو آھي، جيڪو ٻارڻ بڻجي، سيزر جھڙيءَ خسيس شيءِ کي چمڪائي ٿو! پيارا بروٽس! ڏوھ اسان جي ستارن جو نہ آھي. ڏوھ اسان جو آھي، جو اسين اھڙا ڪک پن ۽ ڪوئلا آھيون."

جڏھن مشرق جا ڪي "شاعر ــ فيلسوف"، لفظن جي جادو بيانيءَ سان، اسان کي مڃائي ڇڏين ٿا تہ،

*ديو استبداد جمہوری قبا کے پیکر،*
*تو اسے سمجھا ہے آزادی کی نیلم پری!۔*

۽ اسان کي راھ ٿا ڏسين تہ

*گریز از طرز جمہوریت، غلام پختہ کاری شو،*
*کہ از مغز صد خر فکر انسانی نمی آید۔*

تہ پوءِ بدنام 'مشرقي فرعونيت' کان سواءِ مشرق کي ٻيو نصيب بہ ڇا ٿو ٿي سگھي!

”زنجير ايتري ئي مضبوط هوندي آهي، جيتري اُن جي سڀ کان ضعيف ڪڙي“ - اِها آهي زندگيءَ جي وري وري آزمايل ۽ ثابت ٿيل حقيقت. جو تہ چڪ ۽ ڇڪتاڻ وقت اُها اُن ڪڙيءَ وٽان ئي ٽُٽي ٿي - ٻي سڄي اُها ڪيتري بہ ڏاڍي ۽ اٽوٽ ڇو نہ هجي.

هاڻي، مسلمان ملڪن جي هيءَ سڀ کان ضعيف ڪڙي ڪهڙي آهي؟ ۽ واقعي ائين ڇو آهي تہ جيڪي بہ انهن ۾ حيثيت ۽ طاقت جا صاحب آهن، اُهي ڇڙو پاڻ کي ئي حب الوطنيءَ جا پتلا سمجهن ٿا؟ ڪهڙي اُها شيءِ لڳ ڀڳ سيني مسلمان ملڪن ۾ ساڳي آهي، جو اُتي جمهوري عمل جي روايت بنهہ اُپڙي ئي نٿي؟

اُها انهن سينيءَ ۾ هڪڙي ساڳي شيءِ اُنهن جو 'عام ماڻهو' آهي ۽ اُهو ئي سندن زنجير جي سڀ کان ضعيف ڪڙي آهي - ڇو تہ اُهو وٽن ڪا شيءِ ئي ڪانهي، بلڪ اُهو وٽن علمي طور 'جيئو ۽ جيئڻ ڏيو' جي سماجي فڪري سلسلي ۾ ڳنڍيو ئي نہ ويو آهي.

مسيح تہ واقعي چيو هو تہ ”سبت (مذهب) ماڻهوءَ لاءِ آهي ۽ ماڻهو سبت لاءِ نہ آهي“ ، پر، ڇا، اسان جو عام ماڻهو اسان وٽ ائين نٿو سمجهي تہ ”هو سبت ۽ فقط سبت لاءِ ٺهيل آهي ۽ ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ هُن جي ڪا بہ انفراديت، ڪا بہ شخصيت ڪانهي، بلڪ ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ هن کي هتي جيئڻ جو بہ حق ڪونهي؟ جڏهن ماڻهوءَ کي اهل سڪيا ڏجي تہ بنيادي طور هو غلام آهي، تہ ڪير بہ هجي، اُن کي هو آقا ميڻ لاءِ سدائين تيار رهي ٿو. هيسين تائين مسلمانن جي سڄي تاريخ اِنهيءَ هڪڙيءَ ڳالھ جي تشريح ۽ اِن هڪڙيءَ ڳالھ جو عملي مثال رهي آهي.“

اِنهيءَ ڪري، ميوي تي ڪهڙي ميار، جو هِتي پاڙ ئي 'ماڻهوءَ جي آزاديءَ' جي دشمن آهي.

۽ اِهو تہ اوهين پاڻ بہ ڏسي سگهو ٿا، بلڪ پڇي ۽ پڙهي اِن جي تصديق بہ ڪري سگهو ٿا تہ جيستائين يورپ مسيح جي اِن خيال کي ريٽيندو ۽ رد ڪندو رهيو تہ ”سبت ماڻهوءَ لاءِ آهي، ماڻهو سبت لاءِ نہ آهي“ ، تيستائين اُن چوڏهن سؤ طويل سال پنهنجي تاريخ جا ظلم ۽ جهالت جي اونداهن غارن ۾ بسر ڪيا. ساڳيءَ طرح جڏهن اسان وٽ اسان جا 'شاعر – فيلسوف' ماڻهوءَ جي ذهن تي اڃ بہ چٽر ڪن ٿا ۽ اُن کي ذليل ڪن ٿا ۽ فڪر جي آزاديءَ کي 'شيطان جي ايجاد' (”آزادیِ افکار ہے شیطان کی ایجاد.........“) سڏين ٿا، جيڪا

ئي دراصل جمهوري طرز حيات جو روح آهي تہ پوءِ اهو ئي ڪجهہ اسان جي ’قسمت‘ (حصي) ۾ يعني غلاميءَ ۽ حيوانيت جو طوق، نہ ايندو، جنهن جو ايترو زنانہ وار ماتم ڪيون ٿا، تہ ٻيو ڇا ايندو؟

اسان کي ڪجهہ پاڻ سان صاف گو ٿيڻ گهرجي.

اسان 1958ع واري مارشل لا جي اشڪنجي ۾ اچڻ کان اڳ ئي پاڻ وٽ جمهوريت جي کهڙي نہ بڇڙي گت بنائي هئي! قومي اسيمبليءَ جي ڪانگريسي ميمبرن کان سواءِ، ٻئي ڪنهن هڪڙي ميمبر بہ ڪڏهن پارليماني فڪر جي جمهوري طرز عمل جو ڪو خيال يا ٿورڙو احترام بہ ڪيو هو؟ ڇا، سمورا جمهوري قدر ظاهر ظهور اسان جي آڏو برباد نہ ٿي رهيا هئا؟ جن جو جمهوريت ۾ رتيءَ جيترو بہ ويساهہ ڪو نہ هو، اهي جمهوريت جو ڍونگ رچايو ويٺا هئا، ۽ ملڪ کي سچ پچ هُنن باندرستان بڻائي ڇڏيو هو!.

ڇا، پاڪستان جي ماڻهن کي ڪليو ڪلايو، بنان ڪنهن رک رکاءَ جي، عام جلسن ۾، ڪو نہ چيو ويو هو تہ ”قومي مسئلن متعلق سوچڻ اُنهن جو (عوام جو) ڪم نہ هو؟“ پوءِ، هاڻي، طوفان، جو سِر تي اچي ڪڙڪيو، تہ طوفان کي کهڙو ڏوهہ ڏيو، جو هوا جو ٻج تہ اسان پاڻ ئي ڇٽيو هو!.

جمهوري زندگيءَ ۾ اِها تمام ضروري بلڪ اٽل ڳالهہ آهي تہ فڪر جي آزاديءِ ۽ فرد جي حرمت فرد جا حق مڃيا وڃن - هن جي مذهبي سجاڻپ کان سواءِ.

ڇا، اسان ڪڏهن ائين ڪيو؟

ڇا، اسين ائين ڪيون ٿا، يا ڪرڻ چاهيون ٿا؟

--

# ذهني عصمت فروش

'ف ر و ش' اکرن جو ميڙ بہ عجيب آهي، جدا جدا اڳياڙين سان اُن جي ڳالهہ ئي ٻي ٿيو پوي. مثلاً دوافروش، عطر فروش، ڪتب فروش، سر فروش هڪ پاسي، تہ ڪفن فروش، اصول فروش، وطن فروش ۽ دين فروش وغيره وغيره ٻئي پاسي.

اُن ڪان پوءِ لفظ 'عصمت فروش' بہ آهي. اُن جا بہ انيڪ ۽ الڳ الڳ قسم ٿين. هڪ قسم تہ اُن جو اُها ٻي راهہ يا بدراهہ پراڻي قسم جي غريب تن، ويچاري عورت ئي ٿئي، جنهن کي هر ڪو سڃاڻي ۽ ڦٽڪاري ٿو ۽ پوءِ ٿيندي ٿيندي، ڳالهہ وڃيو اوچي ڪان اوچي درجي ۽ طاقت جي چوٽيءَ تائين پهچي، مثلاً 'جنرل راڻيءَ' تائين وغيره وغيره. انهن 'راڻين' مان ڪي تہ پوءِ 'فيلڊ مارشلن' کي بہ پيون مردانگيءَ جي اوچ نيچ ڏاڪن جا سرٽيفڪيٽ عنايت ڪنديون آهن.

اِيئن ، 'عصمت فِروش' جو هڪ ٻيو قسم بہ ٿئي، جنهن کي ٺلهو عصمت فروش بہ نہ چئبو - اُن لاءِ ٻي اڳياڙي ڪم ڪندي - مثلاً ذهني عصمت فروش، جنهن وٽ ذهن جو يعني علم ۽ عقل جو وڪر هوندو آهي - وڪري لاءِ.

۽ اُن جي وڪري جي قيمت وڌ گهٽ بہ ٿيندي رهندي آهي.

ظاهر ظهور بہ ۽ رازداريءَ ۾ بہ.

ظاهر ظهور ذهني عصمت فِروش اناڙي ۽ پورڙو ماڻهو ٿيندو آهي.

۽ رازداريءَ جا تاجر وري اُهي، جن جي منهن تي تجارت جو پڪو رنگ چڙهيل هوندو آهي.

اُهي، عاقل ۽ بالغ، پنهنجي پر ۾، پوريءَ خبرداريءَ سان ساڳيو اُهو رک رکاءُ، ناز نخرو ۽ نت نئاءُ ڪندا ۽ البيلائي ۽ لاغرضائي ڏيکاريندا رهندا آهن، جيئن ڪا ڏنڌي ۾ گهاگهہ ڪسٻياڻي ڪندي آهي.

ذهني عصمت فروش، اوچتو اوچتو، خاص طور اُنهن حلقن وٽ ڏاڍا پيارا ۽ مقبول ٿي ويندا آهن، جن جو پهريائين 'قلم جي طاقت' ۾ اعتبار ئي نہ هوندو آهي.

اعتبار تہ اعتبار جي ماڳ، هو قلم جي طاقت کان لاٽاريندا، اُن کي مرڳو عدوليندا بلڪ ڏڪاريندا رهندا آهن. هو اُن فرينچ ظلمي آپيشاهہ وانگر

اِيئن سمجهندا آهن تہ هنن جي بادشاهي ’خسيس ڪک جهڙيءَ ڪلڪ‘ ڪان سواءِ ئي پيئي هلندي.

پر پوءِ جلد يا ڪجهہ دير سان ۽ اڄ جي دور ۾ تہ اڳي کان گهڻو جلد، اُهو وقت بہ ايندو آهي، جڏهن هو ڏسندا آهن تہ ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ، ڪنهن نہ ڪنهن طرح ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ سندن پيرن هيٺان زمين کسڪندي ٿي وڃي ۽ ايتري ساري رعب تاب ۽ طاقت جي ڏِک ڏهڪاءَ ۽ بَم بکيڙي هوندي بہ هو ٿڙندا ٿا رهن.

۽ ڪنهن طرح هُنن کي اِهو محسوس ٿيندو آهي تہ دلين جي پوريءَ شدت سان هو ڌڪارجي ۽ ٿوڪارجي رهيا آهن ۽ ماڻهو آهن، جي ڏانهن، هڪ پيرو نهارين ٿا تہ بيو پيرو نهارڻ ئي نٿا گهرن.

۽ ڪين ڏسيو، اُهي پنهنجو منهن بئي پاسي ڪريو ٿا ڇڏين.

۽ ايئن ٿا اُهي چاهين تہ سندن اکيون ڪڏهن ڪين ڏسن ئي نہ ها، تہ چڱو.

۽ هاڻي بہ ڪين ڪٿي ڏسيو، هڪدم پٺ ورائي، هو هليا ٿا وڃن.

ڪتابن جا صنحا، اخبارن جا صفحا ۽ رسالن جا صفحا هو ورائي ڇڏين ٿا، ريڊين ۽ ٽي وي پيٽين جا بُونبَ هو ڦيرائيندا رهن ٿا. اِنهيءَ لاءِ تہ هو اُهو نہ ڏسن جو هو نٿا ڏسڻ گهرن ۽ اُهو نہ ٻڌن جو هو نٿا ٻڌڻ گهرن.

ايتري ڪجهہ کان پوءِ اُهي دَڙٻيل ۽ ڌڪاريل حلقا پوريءَ چستيءَ سان، ’ڪلڪ ڏٺين‘ ڏانهن رخ ڪندا آهن ۽ ذهني عصمت فروشن جي تلاش ۾ نڪرندا آهن - جيڪي، غلاميءَ جي مارڪيٽ ۾ ، هڪيا تڪيا ۽ تيار ڪين ملي بہ ويندا آهن.

پوءِ اُهي درجنن تي درجن ۽ ولرن تي ولر ٽن رسين ۾ ٻڌجي ويندا آهن.

۽ اُنهن کي ڪانئن ٽڪر پور ۽ دير جا هڏا جام ملندا آهن.

پر اُهي ڪسڪار، يعني اُهي عصمت فروش، پاڻ ئي پوءِ سمجهي ويندا آهن تہ هو ذبڻ ۾ ورتل آهن.

اُنهن جي قلم جا بي روح ذهني جولان تجارتي ڇاپخانن ۽ نشر گاهن جا ڪاروبار تہ ضرور وڌائيندا آهن - پر ماڻهن وٽ سندن ذهني عصمت جي اُنهن ويڪو قلابازين جي قلعي بہ ڪليل هوندي آهي.

جيتري گهٽي سندن ڪوشش ۽ ڪاوش، اوترو سندن ڪم جي پيداوار سان ’ابتي اثر جو قانون‘ لاڳو - ۽ هو جيئن پوءِ تيئن ماڻهن جي اڳيان ڪنا ٿيندا ۽ ڪرندا ويندا آهن.

۽ نيٺ سيڪو اُنهن ڪي سجاڻي ويندو آهي. تہ اُهي عالم ۽ عاقل نہ، پر ’جي - حضور‘ آهن.

هزارين ’جي - حضور‘، ۽ هزارين ’جي - حضور‘، ۽ فقط ’جي - حضور‘.

۽ اُهي سڀ ’جي – حضور‘ ڪنا ڪجن، چوندي چپوٽي سڀ ڪنا ڪجن، تہ بہ اُهي سڀئي ڪنهن هڪڙي ايمل زولا * جي ڪنهن هڪڙي بوٽ پالش ڪندڙ موچيءَ چوڪري جيترو ملهہ بہ نہ لهن - اُهو ايمل زولا، جنهن للڪاريو هو ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي ڪوٽ ڪي ۽ دل لرزائيندڙ آواز ۾ هڪل ڪندي چيو هو اُن جي مردودن ۽ محافظن ڪي، ”اوهين ڏوهي آهيو؟“ - ايمل زولا اُهو، جنهن جي زندگي، اناتول فرانس ** جي لفظن ۾، فقط ”هڪ گهڙي هئي - انسان ذات جي ضمير جي!“

--

---

* ايمل زولا – فرينچ اديب' وفات 1902ع، جنهن راڄڌوهي ملزم ڊريفس شهيد جي بيگناهہ ڦاسيءَ جي خلاف فرينچ پريزيڊنٽ ڏانهن ’اوهين ڏوهي آهيو‘ جي عنوان سان ڪليل خط لکيو هو ۽ ڪورٽ ۾ نئين سر فرياد داخل ڪري، ڊريفس جي ڦاسي چڙهي وڃڻ کان پوءِ، 1900ع ۾ هن کي بيڏوهي ثابت ڪرايو.

** اناتول فرانس – فرينچ اديب ۽ درويش وفات 1924ع، جنهن کي عالمي ادب جي تاريخ ۾ ويهين صديءَ جو ”والٽيئر“ سڏيو ويو آهي. – مترجم]

# شهادت ۽ قيامت

”تو کي کهڙيءَ پنهنجيءَ شيءَ تي گهڻي کان گهڻو ناز آهي؟“
”پنهنجي حافظي تي.“
”پنهنجي صحت تي نه؟“
”نه، تون پاڻ ئي ڏس، وقت مون کي ڪيڏو نه پوڙهو ڪري ڇڏيو آهي! توکي ته خبر آهي ته جڏهن آءٌ يهوديا جو حاڪم هوس، آئون ڪيڏو نه ديو جهڙو مڙس ۽ طاقتمند هوس، پر منهنجي حافظي کي ڏس! اُهو اڄ به اهڙو ئي تيز آهي - آئون پنهنجي اُنهيءَ وقت کي پيو ياد ڪريان ۽ اُن تي ناز ڪريان - ۽ اها مون تي منهنجي رومن خدائن جي مهرباني آهي — شال،منهنجو سِرُ سدا اُنهن جي آڏو جهڪيل رهي!“
”مرحبا، پلاطس، مرحبا! ڪهڙي نه هوش واري ڳالهه ڪئي اٿئي! تنهنجو حافظو برابر تيز آهي - اصل ميڄڻ کان مٿي ۽ اِنهيءَ ڪري ئي ته اڄ تنهنجو هوش به اهڙو نيڪ ۽ جائيتو آهي! مون کي ياد آهي ته اُن همراهه جو جڏهن تو وٽ ڪيس تي هليو، جنهن تي الزام هو ته پاڻ کي هُن يهودين جو بادشاهه تي سڏايو، ۽ پاڻ کي ۽ پنهنجي قوم کي رومن لوڪن جي رعيت ئي نٿي سمجهائين، تڏهن هڪڙي ڪنهن اٿي چيو هو ته 'سچ ته وڏي ۾ وڏي ۽ پڌري حقيقت آهي' - تڏهن تو پاڻ واري پنهنجي هوش کان ڪم وٺندي، اُن سچي بچاءَ کي هڪ ئي ڌڪ سان پڇي پورا ڪري وڌو هو ۽ هڪ ئي ننڍڙي سوال سان تو ان جون ڌاڻيون ڪري ڇڏيون هيون. 'سچ؟ ڇا آهي سچ؟' تو پڇيو هو ۽ تون جواب لاءِ به ڪونه ترسيو هئين، ۽ پوءِ اُنهيءَ ڪوڙي دعويدار کي اوڏيءَ ئي مهل گهلي، وڃي صليب تي ٽنگيو هئائون.“
”ڪير هو اُهو؟ ڪير هو اُهو؟“
”هڪڙو ڪو هو، سمجهان ٿو ته يسوع نالو هوس. ناصره جو مسيح.“
”يسوع؟ يسوع؟ ناصره جو مسيح؟ منهنجي ذهن تي ته اهڙو ڪو ماڻهو ڪو نه ٿو اچي!“
”اُهو ئي، جنهن چيو هو: 'خدايا، خدايا، تو مون کي ڇو ڇڏي ڏنو آهي'!“

”........ -- “

يسوع اُهو هو جنهن کي، ٻن چورن سان گڏ، صليب تي چاڙهيو ويو هو ۽ هو ’شهيد‘ ٿيو هو، يعني ’شاهد بڻيو‘ هو - رومن ظلم ۽ رومن ڏاڍ جي انڌڪارِ تي – پلاطس ۽ رومي لوڪن لاءِ اِها ڳالهه ايئن هئي، جو ’وسريِ ته ولي!‘ اُن لاءِ سندن حافظو تيز ڪو نه هو.

پر دنيا لاءِ اُها ڳالهه اِيئن نه هئي ۽ نه اڄ اُها ايئن آهي.

يسوع جي قيامت جي، يعني هن جي وري اٿڻ جي، ڳالهه سڄيءَ دنيا جي ڳالهه آهي.

دفن ٿيڻ کان ٽئين ڏينهن، چيو وڃي ٿو ته هُن جي تربت خالي هئي ۽ اُن ۾ هن جو بوتو ڪو نه هو: پر لکين دليون هيون جن ۾ هو موجود هو ۽ ڪروڙين دليون آهن جن ۾ هو موجود آهي ۽ سڀ اُهي دليون هن جي محبت سان ڀريل آهن ۽ هن جو روح آهي. جيڪو اُنهن کي چوري ٿو ۽ جيئرو ٿو رکي.

زندگيِ اِها آهي. طاقت اِها آهي.

دنيا جي سڄيءَ تاريخ ۾ فقط شهيدن کي (شهادت وارن کي، شاهدن کي) اِها طاقت آهي ۽ هو ئيِ اِها زندگي ماڻين ٿا.

مارڪ انٽوني، سيزر جي لاش مٿان بيهي، سيزر کي سڏ ڪندي، جنهن کي بروٽس دولاب سان ماريو هو، جنهن بروٽس تي هن جو سڀ کان وڌيڪ اعتماد هو، اجائي ڪا اها الوداعي ڳالهه ڪا نه ڪئي هئي، ”او ڌرتيءَ ماءُ جا رت ۾ وهنتل جگر ٽڪرا، مون کي معاف ڪج، جو آئون تنهنجن غدارن سان هٿ ملايان ٿو. تون اُنهيءَ عظيم انسان جو اجڙيل نشان آهين، جيڪو وقت جيِ اڪيچار دورن جو اڻ لڀ انسان هو. مون وٽ نه لفظ آهن، نه لياقت ۽ نه مون ۾ اُها ڳالهائڻ جي قوت آهي، جو آئون ماڻهن جِي مئل دلين کي وري جيئاريِ ۽ اڀاري سگهان. پر جي آئون بروٽس ۽ بروٽس اَنٽوني هجي ها، ته پوءِ آئون اُهو انٽوني هجان ها، جو ماڻهن جي روحن کي ڌوڻي، ولوڙي ۽ جاڳائي ڇڏي ها، ۽ آئون سيزر جي هڪ هڪ گهاءَ جي زبانِ بڻجان ها ۽ روم جي پٿرن ۾ به قيامت آڻي ڇڏيان ها ۽ اُهي پٿر به اٿي پون ها ۽ اُٿي بغاوت ڪن ها.

۽ پوءِ روم جِي پٿرن سچ پچ به اِيئن ڪيو.

جيئن خود اُنهيءَ محسن - ڪُش بروٽس کي به، پنهنجو موت اڪئين ڏسي، چوٽو پيو (فلپيءَ جي جنگ جي ميدان ۾، جتي وڙهڻ لاءِ ۽ مرڻ لاءِ سيزر

# ڪاغذ جون ٻيڙيون ـ طوفان ۾

1914-1918ع واري عالمي لڙائي، جنهن کي پهرين مهاڀاري لڙائي چيو ويو ٿو، اُن جي نتيجي ۾ جرمن شهنشاهت ۽ ترڪ شهنشاهت جو خاتمو ٿيو ۽ پهريُون ڀيرو آمريڪا عالمي سياست جي ميدانِ ۾ پنهنجا قدم رکيا.

اُن سان گڏ، برطانوي ۽ فرينچ شهنشاهتون اُڀامجي اُڀامجي ڦوڪٽا ٿي پيون. اصل ايئن جيئن خوردبينيءَ ۾ شين کي ڏسندي، سائنسدان عجب کائيندا آهن ۽ چوندا آهن ته ”هي ڪوڪلا هوائي وستار ته ڏسو!“

۽ پوءِ ٻنهه ديو جهڙو اجهل ۽ وڏو روسي انقلاب نڪري ميدان تي آيو.

ساڳئي وقت هن لڙائيءَ جي پيٽ مان ليگ آف نيشنس (جمعيت اقوام) به جنم ورتو، جيڪا وڏي پيماني تي ڄڻ اسڪولي ٻارن جي هڪ ڊبيٽنگ سوسائٽي هئي، جنهن ۾ دنيا جا سيئي ملڪ، ننڍا وڏا، رنگ نسل جي فرق کان سواءِ، وڏي اچي شريڪ ٿيا.

آمريڪا جي صدر، ووڊرو ولسن، قومن جي حق خوداختياريءَ جو اصول پيش ڪيو، جنهن جو ننڍين قومن وڏيءَ خوشيءَ سان آڌرڀاءُ ڪيو ۽ وڏين قومن به ڪجهندي ڪرڪندي اُهو قبول ڪيو.

جرمن شهنشاهت ۽ ترڪ شهنشاهت جي اشڪنجي مان آجا ٿي نڪتل نڪر ٽوٽا، قومن جو روپ وٺي، تاريخ ۾ پڌرا ٿيا، جيتوڻيڪ اُنهن مان ڪيترن کي اوائلي ڪجهه ڏينهن لڙائيءَ جي فاتح قومن جي گود ۾ ۽ اُنهن جي محتاجيءَ هيٺ به رهڻو پيو.

21 سالن جي مختصر عرصي ۾ هڪ پاسي اڳ واري ترڪي رڳو پنهنجو خودمختيار ساهه ئي مشڪل سان محفوظ رکي سگهي ته ٻئي پاسي ان وانگر ئي هار کاڌل جرمنيءَ، پنهنجن اڪيچار علمي ۽ هنري وسيلن کان ڪم وٺندي، ايتري ته پنهنجي هٿياربند طاقت گڏ ڪري ورتي، جو اُها لڙائيءَ جي فاتح قومن کي، چاتي ٺوڪي، ٻيهر ميدان ڪرڻ لاءِ للڪاري سگهي.

۽ جرمنيءَ جي اتحادي ملڪ اٽليءَ به وڌي، ڪمزور ملڪ، حبش، کي ڳڙڪائي، ايڏو پنهنجو پيٽ ڀري ورتو، جو خود جمعيت اقوام کي به ان اکيون ڏيکارڻ شروع ڪيون.

ڏور مشرق ۾ وري جپان ساڳيءَ طرح طاقت جي نشي ۾ اچي، چين تي حملو ڪيو.

ايئن جرمنيءَ يورپ ۾ پير پکيڙيا ۽ اٽليءَ آفريڪا ڏانهن چنبا وڌايا، تہ 1939ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿي ۽ اُن ۾ آمريڪا جي خلاف جپان ٽپي اچي شامل ٿيو تہ اُها وڏي سڄيءَ دنيا ۾ پکڙجي ويئي.

هن ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي خاتمي سان نہ رڳو جرمنيءَ، اٽليءَ ۽ جاپان کي شڪست آئي، پر اُن جي نتيجي ۾ برطانوي، فرينچ، ڊچ، جپاني ۽ پورچو گيزي شهنشاهتون بہ ٽُٽي پرزا پرزا ٿي ويون.

اُن جي پيٽ مان يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا ۽ سوويت روس جي ٻن جاڙين مهاڀاري طاقتن جو جنم ٿيو.

۽ پڻ اڳينءَ جمعيت اقوام مرحوم جي جاءِ تي اقوام متحده (UNO) وجود ۾ آئي ۽ 1917ع واري روسي انقلاب جهڙو چيني انقلاب، اُهڙو ئي ديو جهڙو اجهل ۽ وڏو انقلاب. واقع ٿيو ۽ پڻ اُن سان ڪيئي نيون قومون پيدا ٿيون.

اُنهن قومن مان اڪثر قومن جي وجود جو وڏو ڪم ۽ ڪارج ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ رڳو هيءَ آهي تہ اُهي هٿيارن ٺاهيندڙ ۽ بارود بڻائيندڙ ملڪن کان نت نئون بارود ۽ نت نوان هٿيار پنديون، ڇڏائينديون ۽ خريد ڪنديون رهن، جن پنهنجي اِها هٿيارن ۽ بارود ٺاهڻ جي واحد صنعت پاڻ وٽ جڻ قائم ئي اُنهن پوئتي پيل قومن جي پلي لاءِ ڪئي آهي!.

۽ تنهن وچ ۾ ٻہ مهاڀاري طاقتون، آمريڪا ۽ روس، پنهنجي بيشمار جوهري هٿيارن جي پيداوار ۽ ان جي بي انداز ذخيره اندوزيءَ سان وڏي ۽ ڦندي ڦندي، مها - مهاڀاري طاقتون بڻجي ويون آهن.

ٻي سڄي دنيا اُنهن ٻن جي وچ ۾ ايئن پيل آهي، جڻ اُنهن جي آڏو هڪڙو ڪو تتر يا ٻٽير، ۽ ٻنهي مان هر هڪ اُن کي خاص پنهنجو لقمو بڻائڻ گهري ٿي.

سڄي ڇڪتاڻ اها آهي. پر، هاٿي، ٻنهي طاقتن کي اِها سمڪ تي آهي تہ ٻٽير کي ورهائي کائين تہ چڱو - جو تہ سڄي اُن کي اڪيلي سر کائڻ جي ڪوشش ۾، ٻٽير سميت، هو ٻيئي ڪتي پاڻ بہ پنهنجي جوهري بارود جو يڪو ئي لقمو نہ ٿي وڃن.

اِنهيءَ ڪري، 'اثر جا دائرا'... 'اثر جا دائرا' - ٻٽير کي ورهائي کٽڻ جو خير صلاحي سرشتو اِهو آهي! ٻٽير جي پيٽ ۾ گهڻا هيرا آهن... اُنهن جي

ارضي دولت، زرعي ۽ معدني ۽ پڻ انهن جتن ۽ پست پيل ملڪن جا لکين ۽ ڪروڙين بکيا، اگهاڙا، بيمار، بي گهر ۽ جاهل ماڻهو جيڪي هر سچي ڪوڙي ٺهيل مالڪ جا گراهڪ آهن.

هي مها - مهاياري طاقتون هڪٻئي جي خلاف جيڪي طاقتور مورچا پيون ٺاهين، ڊوڙي - ڊوڙي هنڌ پيون وٺن ۽ منجهه ۽ مُهاڙيون پيون ٻڌن، اهي سڀ چوطرفي سمنڊ ۾ خطرناڪ طوفان جا آثار آهن.

هن سمنڊ ۾ جيترا به گهٽا پست پيل، اڳتي نه وڌندڙ ۽ وڌي نه سگهندڙ ملڪ ۽ رياستون آهن، اُهي اوتريون ئي گهٽيون ڪاغذ جون ٻيڙيون آهن، جن تي پَنيءَ جا ناخدا، خود ساخته خدا ٻڌيا، چڙهيا وينا آهن.

مها - مهاياري طاقتن لاءِ هي پَنيءَ جا خدا بيحد طاقتور للي پٽ (Lillipt) ۽ ٽام ٿمب (Tom Thumb) آهن- زوراور جامڙا ۽ آڱوٺي جي ننهن جهڙا ضدي ٽندڻ - جن ڪي پريائي ۽ ريجهائي رکڻو آهي... اوسين تائين جيسين تائين هي مهاياري طاقتون ميدان ۾ هڪٻئي کي چندي چاٽي ۽ ڌڪي ٺيلهي، پنهنجا پنهنجا هنڌ ٺاهي ٻيهن ۽ مورچا مضبوط ڪري وٺن.

اُن وچ ۾ ڪاغذ جي ٻيڙين جي ناخدائي ڪندڙ هنن پَنيءَ جي خدائن کي پڪ آهي، هيءَ دنيا جيڪا موجود آهي، سا آهي ئي اِنهيءَ ڪري، جو هو موجود آهن!

نه فقط هيءَ دنيا، پر اڳتي واري ٻي دنيا به!

اِن وِچ ۾ لٽ مار ۽ ڦُر جاري آهي، جاري آهي، جاري آهي. ڪاغذ جون ٻيڙيون لٽ مار جي مال سان پُر آهن.

۽ چو نه هجن؟

واءُ سٺائو آهي. ڪڏهن اهڙو نه هو....

# زندگي ۽ جنم قيد

ڇا، زندگي 'جنم قيد' آهي؟ بس؟

ڇا، زندگيءَ جي مراد ٻي ڪا به نه، فقط 'جنم قيد' آهي؟ بس؟

برابر، حياتيات جي اعليٰ علم ته ثابت به ڪيو آهي - رڳو ٻڌايو نه — ته زندگي 'جنم قيد' آهي: پر اهو به ته فقط جيتن جناورن لاءِ!

اهي ته ٺهيل ئي ايئن آهن، جو، خالص پنهنجي ڪَل — پُرزائين نموني، جيئن اهي آهن ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه ٿي ئي نٿا سگهن.

ماکيءَ جي مکين يا ماڪوڙين جو سماجي نظام سو واقعي حيرت ۾ وجهندڙ آهي، پر ان ۾ به فرد کي ڪا آزادي ڪانهي.

مثال طور، ماکيءَ جي مکين ۾، نر مَکن کي زندگيءَ ۾ رڳو هڪ ڀيرو ۽ هڪ ئي ڪم ڪرڻو پوي ٿو - راڻيءَ مک سان لڳ ڪرڻ جو بس.

هڪ ڀيرو انهن لڳ ڪيو، انهن جو ڪم پورو ٿيو - محافظ مکيون بيٺيون هونديون ۽ انهيءَ ئي گهڙيءَ انهن کي ڏنگ هڻي ماري ڇڏينديون ۽ اِجلائي ٻاهر ڦٽي ڪري ڇڏينديون: نه سندن بيوهه راڻي کو هُنن لاءِ ڳوڙهو ڳاڙي، نه ان جون ڪنيزون ئي هُنن لاءِ ڪو پٽر وجهن ۽ نه هُنن جي جنازي جي ئي ڪار ريت رسم ٿئي ۽ نه هنن جي موت جي ڪتي ڪا خبر ئي هُلي يا ڇپجي.

هنن جي لاشن جا ڍير سندن سڪئي سٽابي، آباد ماناري جي ٻاهران پيل ڏسي، ڪير ايئن ميڄيندو ته رڳو ڪجهه گهڙيون اڳي، سهاڳڻ راڻيءَ جي سيج جي آڏو اهي قطارون ڪيو بيٺا هئا، فقط انهيءَ لاءِ ته پنهنجي حياتياتي جبلت جي دٻاءَ هيٺ پنهنجو پنهنجو وارو وڃي، ڏنگبا وڃن ۽ مرندا وڃن.

۽ جيتن جي زندگي واقعي اِها ئي آهي — ڪنور، وحشي، اٽَر جبلتن جي محض هڪ ٻِدڙي - بس.

ڏاڪڻ جي ٻئي ڇيڙي تي بيٺل انسانُ، جديد من — وديا جا اڪثر ماهر چون ٿا، ته ٻيءَ سڄيءَ حيواني خلقت کان نيارو آهي - اِنهيءَ هڪ ڳالهه ۾ نه هو هر قسم جي جبلتي دٻاءَ يا جبر کان آزاد آهي.

۽ هيءَ 'آزادي'، جيڪا جيتن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ممڪن آهي، سا انسان ۾ وڌ ۾ وڌ ممڪن آهي.

۽ فقط اِنهيءَ آزاديءَ جي امڪان ۽ عدم امڪان جي ڪري ئي انسان انسان آهي ۽ جيت جيت آهي.

پاسي تہ بي پچڪاري مٿي جي ٻئي پاسي - ڏسندي ڏسندي، گھڙيءَ ۾ غريب مک، مک مان ڦري، ٻنھہ ڦرموٽي ٻڻجيو وڃي!.

لڪن ۾ فقط ڪا هڪ مک، جنھن وٽ ڪنھن شينھن جي دل هوندي، سا ڪوريئڙي جي هن ڪيڏ کي رڳو سمجھي بہ سگھندي ۽ دل ۾ انھن لاءِ حقارت رکندي، اُنھن وانگر پنھنجو ئي ڪو نئون دئوڙڪو ٺاهي نہ ويھندي ۽ اُن ۾ ٻين کن غريب، ويساهہ وسوڙل مکين کي، 'بهشت دلاسو دوزخ دڙڪو' مثل نفساني انعامن جون لالچون ۽ وحشي سزائن جا دٻپ ڏيئي، پاڻ وٽ ڦاسائي، مزي سان ويھي، اُنھن جو شڪار نہ ڪندي.

ڪوريئڙن جا هي ٺولا جيتوڻيڪ هڪٻين کي، هڪ هڪ ٿي ۽ جٺا ڪري بہ، ڏڪارين ٿا، پر آڏو جڏهن مکين جي آزاديءَ جو سوال ايندو اٿن، تڏهن سڀ ڪوريئڙا، پنھنجا ويڇا وساري، آزاد مکين جي جھلڻ لاءِ پنھنجي گڏيل مُهاڙي ٺاهي بيھندا آهن.

هن ڌرتيءَ تي هو هيو سڀ ڪجھہ سهي ويندا، پر مکين جي آزادي هنن کان سَٺي ڪا نہ ٿيندي.

پر دنيا ۾ روسو ۽ والٽيئر، ٿامس پين ۽ رابرٽ اِنگرسال جھڙين شينھن جي دل رکندڙ عقلمند ۽ آزاد 'مکين' جو اِهو احسان آهي، جو ڪم از ڪم ڪن مکين کي ڪوڙڪي جي اُنھن ڳُڙکن جي خبر آهي، جتان اندر تہ وڃي سگھبو آهي، پر ٻاهر اچي ڪو نہ سگھبو آهي ۽ جيڪي اُنھي هوش مان ڪيندڙ، بيهوشيءَ جي ڳاڙي کان بہ واقف آهن، جيڪو عام مکين ۾ مفت ورهايو ويندو آهي — خاص طرح تڏهن جڏهن اُهي ننڍيءَ، ڪچيءَ، اثرپذير وهيءَ ۾ هونديون آهن.

۽ اُهي ئي ڪي سجاڳ ۽ بي خوف چند 'مکيون' هونديون آهن، جيڪي ڪوڙڪي جي در کان اندر ٿي، سڄي زندگي قيد ۾ رهڻ بدران، اُن جي ٻاهران ئي مارجي وڃڻ پسند ڪنديون آهن.

اُنھن لاءِ زندگي فقط زندگي تڏهن هوندي آهي، جو اُها 'جنم قيد' نہ هجي. اُهي ئي ڌرتيءَ جو نمڪ هوندا آهن. ن - م - راشد اُنھن مان هڪ هو - ڪوريئڙن جي نظر ۾ هڪ مک، پر اُنھن جي ڄار کان هڪ سدا سجاڳ، بهادر، آزاد انسان.

# پرل هاربر - فقط هڪ نہ پر گھڻا

آمريڪا جي مشهور تاريخدان، جان ٽولنڊ، جو تازو هڪڙو ڪتاب 'بدنامي - پرل هاربر جي ۽ اُن جا نتيجا' جي عنوان سان شايع ٿيو آهي، جنهن تي لائق مصنف کي آمريڪا جو هڪ اعليٰ علمي اعزاز، يعني 'پولزر انعام'، بہ مليو آهي.

اُن ڪتاب ۾ هُن چيو آهي تہ اهڙيون شهادتون ملن ٿيون، جن مان ثابت آهي تہ آمريڪي سرڪار کي، "پرل هاربر تي 7 ڊسمبر 1941ع واري جپاني حملي جا هڪ نہ، بہ نہ ، پر ويهارو کن چتاءَ اڳوات ملي چڪا هئا... حقيقت ۾ خود آمريڪي بحري بيڙيءَ کي پورا چار ڏينهن پهرين جپاني حملہ آوار بيڙي جي چڙهائيءَ ۽ اُن جي رخ ۽ رفتار جي خبر هئي!"

پر، "آمريڪي عوام کي ٻڌايو سو اِيئن ويو تہ پرل هاربر تي جپانين جي بمباري - جنهن ڪان پوءِ آمريڪي ٻيءَ مهاڀاري جنگ ۾ شامل ٿيا هئا - سا سندن هڪ ڪُندي ۽ گيدي دشمن جي اوچتي چڙهائي هئي. بهرحال آمريڪي حڪومت کي اڳوات ئي اُن حملي جي ڄاڻ هئي ۽ اُن حملي کي پري ئي روڪڻ لاءِ ڪجھ نہ ڪيو ويو، پر اُن کي ڍر ڏني ويئي تہ ڀل اُهو ٿئي - رڳو انهيءَ لاءِ تہ جنگ ۾ شامل ٿيڻ متعلق آمريڪا جي ماڻهن جي مخالف عام راءِ کي بدلائي پنهنجي پاسي ڪيو وڃي."

چا بہ هجي، پر سچ پچ تہ جيتري قدر عالمي تاريخ جو تعلق آهي، اِها هڪ وڏي ۽ سنگين تهمت آهي، جنهن کان آمريڪي سرڪار آسانيءَ سان پاڻ کي آجو نٿي ڪري سگهي.

هِتي، اِن مان، اسان کي اِهو ئي سوچڻو پوي ٿو تہ آمريڪي حڪومت حقيقتن ۽ انهن جي نتيجن کان باخبر هوندي بہ، آمريڪي عوام کي بلڪل ئي ٻيون حقيقتون ٻڌائيندي رهي، رڳو اِنهيءَ لاءِ تہ "سندس پنهنجي دل ۾ جيڪو ارادو آهي، اُن جي فائدي ۾ هوءَ آمريڪي عوام جي راءِ کي تڪڙو تڪڙو بدلائي ۽ موڙي، پنهنجي پاسي ڪري سگهي!" ۽ ايئن آمريڪا جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ وقت بوقت جيڪي اسان کي ٻي جوڙ ۽ اڻ سهائيندڙ ڳالهيون نظر ايندڙيون رهن ٿيون، اُهي اِنهيءَ طرح ئي اسين سمجهي سگهون ٿا ۽ سمجهائي ٿا سگهون.

مثلاً، آمريڪا دنيا جي هڪ حصي ۾ ظلم ۽ حق تلفيءَ جي موجود هجڻ تي نهايت زوردار آواز اٿاري، ويندي اُن جي خلاف سخت عملي اقدام کڻڻ جا دڙڪا بہ ڏيئي سگهي ٿي ۽ ٻئي ڪنهن حصي ۾ ساڳئي بلڪ اُن کان وڌيڪ سخت ظلم ۽ حق تلفيءَ جي موجود هجڻ، جمهوريت جي مڪمل بربادي، ويندي ويندي ڪنهن لاقانوني قانون جي ڪنور حڪمرانيءَ جي قائم ٿيڻ تي بہ، اهڙا ساڳي آمريڪا رنجيت سنگهہ واري انڌي اک ڪٽي، اُن سڀ کي چپ چاپ ڏسي سگهي ٿي، اُن کان انڪار ڪري سگهي ٿي، بلڪ اُن جي بچاءَ ۽ پنيرائيءَ ۾ عملي اقتدار کڻڻ جا نہ رڳو دڙڪا ڏيئي پر اهي عملي اقتدار ڪٽي بہ سگهي ٿي - ۽ اِها اُن جي منافق ۽ نمائشي منهن پڪائي ۽ فقط اُن جي سياسي ديوانگيءَ جو نتيجو ئي سمجهي ۽ شمارجي سگهي ٿي.

اِيئن سو برابر آهي تہ هر هنڌ هر ڪو اِهو ڄاڻي ٿو تہ مختلف قومن ۽ ملڪن طرفان جيڪي سياسي آدرشن جون ڳالهيون ۽ دعوائون ڪيون وڃن ٿيون، اُهي سڀ نہ تہ بہ اڪثر رڳو سندن ڏيکاءَ ۽ ڍڪوسلا آهن.

جيئن چرچل چيو هو: ”دائمي دوست ڪي بہ نہ دائمي دشمن ڪي بہ نہ. رڳو دائمي مفاد“ بلڪ ”پنهنجا دائمي مفاد“- اِهو اصطلاح ايئن وڌيڪ حقيقت کي قريب ٿيندو.

ٻي هر ڳالهہ، عمر خيام جي لفظن ۾، آهي تہ فقط ”سحر آفرين نمائشي دونهون“ آهي.

آمريڪي حڪومت جو هيءُ ’سحر آفرين نمائشي دونهون‘ ڏسجي ٿو تہ هن صديءَ جي گذريل قريبي ڏهاڪن ۾ وري وري پئي واءُ ٿيو آهي، پر قڏو قڏو آهي، هٽ هٽ آهي، ۽ اِها اُن جي روش سدائين ’هرچہ بادا باد‘، يعني ’ڏنو ويندو، جيڪي ٿيو‘، جي ڊيڄڙائي بنياد تي بيٺل رهي ٿي.

ڪيترن ئي ’گهٽ ترقي ڪيل‘ ملڪن ۾، بلڪ، جديد سياسي ارتقا جي ٻوليءَ ۾، ڪيترن ئي تيز تيز ’پوئتي ترقي ڪندڙ‘ ملڪن ۾ ڪن ٽورن ۽ اتفاقي پيدا ٿيل پر ٻي پهچ دانشورن جي دلين ۾ اِهو احساس زور وٺندو پئي ويو آهي تہ آمريڪي حڪومت جو جيڪڏهن پنهنجو ڪو مقصد سڌ ٿيڻ وارو هوندو، تہ اُها دنيا جي هنن ’قبل از تعليم‘ جي دور وارن ملڪن ۽ اُنهن جي ماڻهن ۾ پراڻي پٿر جي زماني کي بہ موٽائي آڻڻ ۽ اُن کي پنهنجي پوريءَ طاقت سان قائم رکڻ ۾ هڪ گهڙيءَ جي هٻڪ بہ محسوس ڪا نہ ڪندي.

۽ ايئن آمريڪا جي سڄي پروپيگنڊائي دعوا جا وڪا پڌرا ٿي پون ٿا، تہ اُها دنيا ۾ جتي ڪٿي ۽ هر حال ۾ جمهوريت ۽ انفرادي آزاديءَ جي علمبردار آهي.

۽ انهيءَ صورتحال جي روشنيءَ ۾ ئي، جيئن هڪڙي آمريڪي مصنف چيو آهي، دنيا ۾ هر آمريڪيءَ لاءِ 'گندي آمريڪيءَ' جو اعزازي لقب قائم ٿي ويو آهي.

آمريڪا جي هيلتائين ڏنل سڄي امداد ۽ سڀ خوراڪ فضول ۽ بيڪار ثابت ٿي اهي - انهيءَ ڪري نہ تہ جن کي امداد ملي يا جن خوراڪ کاڌي، سي سڀ جا سڀ فطرتاً احسان فراموش آهن، پر رڳو انهيءَ ڪري، جو جيئن جيئن آمريڪا هنن جا بکيا پيٽ پئي ڀريا آهن، تيئن تيئن هنن جي ملڪي ۽ قومي خودمختياريءَ ۽ پڻ انفرادي آزاديءَ جي امنگ جي بک هنن جي دلين ۾ وڌندي ۽ تيز کان تيزتر ٿيندي پئي رهي آهي.

ايئن ڏسڻ ۾ پيو اچي، ڄڻ آمريڪا، تيز تيز سياسي طور 'پوئتي ترقي ڪندڙ' ملڪن جي ماڻهن جي دلين ۾ آزاديءَ جي گلن پوکجڻ ۽ ٽڙڻ جي ضرورت کان بنهہ بيپرواهہ ۽ لاتعلق رهڻ پنهنجو فرض پئي سمجهيو آهي.

۽ ٻئي پاسي، آمريڪا جو عالمي رقيب اُن جي بلڪل ابتڙ عمل ڪري رهيو آهي ۽ اِن سان هو صدين کان ظلم، آپيشاهيءَ ۽ جاگيرداريت ۽ قبائليت جي چڪين ۾ پيسجندڙ ماڻهن جا روح ۽ اُنهن جون دليون کسي پنهنجي پاسي ڪري رهيو آهي.

جتي بہ اُهو ويو آهي، اُتي موجوده صديءَ ۾ هن اُهو ئي ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪو انگلنڊ، هِن برصغير ۾، ارڙهينءَ ۽ اوڻيهين صديءَ ۾ ادا ڪيو هو.

هِن برصغير ۾، هِتي، "انگريزن جو پاسو وٺي، هندستاني هندستانين خلاف وڙهيا!"

ڇو؟

ڇاڪاڻ تہ انگلنڊ هندستان جي عام ماڻهن کي هندستان جي راجائن، مهاراجائن ۽ نوابن جي ظلم ۽ ڏاڍ، انسان دشمنيءَ، نراجيت ۽ لڳاتار گهرو لڙاين جي خونريزيءَ، ڦرلٽ ۽ حيواني ڏهڪاءَ جي آزار کان ڇڏايو.

صدين جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هندستاني تاجر پاڻ کي آزاد ڏٺو ۽ پيڙيندڙ محصولن ۽ انيڪ قسمن جي جاگيرداري ڍلن ۽ ابوابن کان پاڻ کي آجو

محسوس ڪيو ۽ ايئن هر ٻئي ڪوڙي گاديءَ جي دعويدار جي آڏو هن ڪي جهڪي ڪرنش بجا آڻي ڪا نہ ٿي پيئي - پوءِ اهو ڪوڙو گاديءَ جو دعويدار ڪنهن اصلي شاهي نسل جو هو يا ڪو خون پياڪ وحشي نادر وانگر رڳو ڪنهن 'ڏنديءَ' جو يا 'تلوار' جو پٽ.

انگريزن، برابر، 'قوم' کي غلام بڻايو هوندو، توڙي جو 'قوم' جو تصور هتي اسان وٽ اجا پيدا ئي ڪو نہ ٿيو هو، پر انگريزن هتان جي فرد کي، هتان جي 'شخص' کي، 'ماڻهوءَ' کي ضرور آزاد ڪيو هو.

انگريزن کان آزادي ملڻ کان پوءِ، برصغير ۾ اهڙو ڪو هڪ شخص بہ ڪو نہ هو، جنهن راجائن، مهاراجائن، نوابن ۽ سردارن جي مخصوص دور ڏانهن واپس وڃڻ پسند ڪيو هجي، جيتوڻيڪ اهي سڀ 'مقدس وطني عظمت' جا آثار شمار ٿيندا ٿي رهيا ۽ اجا تائين بہ ڪن حلقن ۾ شمار ٿيندا تا رهن.

لڳ ڀڳ ساڳيءَ طرح، آمريڪا جي اُن عالمي رقيب (توڙي جو، شايد، پنهنجي ئي مفاد خاطر) ظلم، آپيشاهي، استبداد، قبائلي اقتدار ۽ مڪاني سردارن جي محصول معاف موروثي زميندارين ۽ انهن جي آقائيت جي پراڻن قلعن کي ڊاهي، پٽ ڪري، اُنهن مان اڪثر مفت خور، حيوان صفت قبضيدارن کي هڪلي ۽ ڊوڙائي، ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي.

آمريڪا جو هيءُ عالمي رقيب هاڻي موٽي پوئتي بہ هليو وڃي، پر ماڻهوءَ تي ماڻهوءَ جي مڪاني ظلم ۽ ڌڪاءَ جو چرخو وري موٽڻو نہ آهي - جو تہ ، جيتري قدر عام انسان جو تعلق آهي، سڄو سماجي ۽ اقتصادي سرشتو اتي بدلجي نئون بڻجي چڪو آهي ۽ بهتر ٿي چڪو آهي.

آمريڪا کي هن ڳالهہ جي پوري خبر آهي پر، پوءِ بہ، اُهو ساڳيو اُن جو سياسي ٽرٽلو ۽ ڊيڄڙو اُن کي ڊوڙائي، سهڪائي ۽ اڌ مئو ڪري رهيو آهي، جنهن ان کي ويٽنام ۽ ايران ۾ ساڳيءَ ريت حقيقتن کان اکيون پوري ڀڄڻ ۽ ڀڄي بچڻ تي مجبور ڪيو هو - ۽ اِها اُن جي انڌي سياسي اُڏڪي ۽ حرص جي ياڄ سڄي عالم ۾ آمريڪي پاليسيءَ جي پوريءَ ناڪاميءَ طرف هڪ تازي وک ۽ هڪ بنهہ وڏي وک، ثابت ٿيڻي آهي.

جيتوڻيڪ آمريڪا عام ماڻهوءَ جي اقتداري شان جو هڪ امٽ يادگار آهي، جيتوڻيڪ آمريڪا ۾ سڀ کان ڪارائتو پريزيڊنٽ بہ پوريءَ بي ترسائيءَ سان پنهنجي صدارت جي ڪرسيءَ تان ڪڇي، سياسي محل جي دريءَ

مان سڄي جو سڄو ٻاهر اڇلائجي سگهي ٿو - ڇاڪاڻ تہ هن رڳو آمريڪي شهرين جي آزاديءَ سان هٿچراند ڪئي هئي – جيئن ٽيپن جي اُن تاريخي تذليل جي نتيجي ۾ واقع ٿيو: پر افسوس اُهي ساڳيا آمريڪي شهري اڄ دنيا جي گولي تي، اُن جي ڪنڊڪڙڇ ۾، پنهنجي پگهاردار ملازمن، عيوضين ۽ پروردن کي چپ چاپ ڏسي رهيا آهن، تہ هو اُتي، دنيا جي الڳ الڳ ملڪن ۾، وقت جي ڪانٽن کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو بيٺا آهن - بلڪ اُنهن کي اُتي ڇڪي پوئتي گهمائي رهيا آهن ۽ اُتان جا عام انسان وقت جي وڌندڙ ڪانٽن سان اِنهيءَ آمريڪي جنگ سبب، اڄ 'ڪجهہ' مان، ڏڪجي ۽ هيٺ ڪري، 'ڪجهہ نہ' ٿِي پيا آهن ۽ جتان جا ٽئڪس ڀريندڙ شهري ۽ عزتدار انسان اُتي اڄ غلام ۽ محض غلام بڻيل آهن.

۽ سڄي 'آمريڪا' آهي، جا چپن تي چونو لايو، چپ چاپ، هيءَ تماشو ڏسي رهي آهي!.

سچ پچ تہ آزاد دنيا ۾ آمريڪا جي قومي ناموس ۽ سندس انساني نيڪ ناميءَ لاءِ سندس سرڪاري عمل جي هيءَ صورتحال اڄ جو 'پرل هاربر' آهي -- فقط هڪ پرل هاربر نہ، پر گهڻا پرل هاربر!.

--

# سنڌ ۾ ٻوليءَ جو مسئلو

سنڌ جي پنهنجي زبان سنڌي آهي، جيڪا پنهنجي اثر ۽ سواد ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. اُها دنيا جي عظيم شخصيت ۽ سنڌ جي سنت ڪوين (Saint-poets) شاهه عبداللطيف ڀٽائِي، سچل سرمست ۽ ساميءَ جي امر ۽ لافاني خيالن جي وسيلن جو ذريعو آهي.

هيءَ ٻولي سنڌ جي غريبن ۽ اميرن، شهرن ۽ ڳوٺن جي ٻولي آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائِي پنهنجن خيالن جو اظهار هِن عوام جي ٻوليءَ ۾ ڪيو، اِنهيءَ ڪري هو اڻ پڙهيل عوام توڙي اعليٰ تعليم يافته طبقي ۾ هڪجهڙو مقبول آهي ۽ هن جي اعليٰ انساني فڪر ٻنهي کي اَنوٽ ڀائپيءَ جو حصو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ اُنهن ۾ ڪي بہ اهڙا ثقافتي ويڇا ڪو نہ رهيا آهن، جيڪي عام طور تي ٻين سوسائٽين ۾ موجود هوندا آهن. اِن ڪري سنڌي ٻولي هڪ مڪمل سماجي جمهوريت جي زبان آهي.

اِن ڪان سواءِ ورهاڱي جي صورت ۾ لڏي آيل، سنڌ جي نئينءَ آباديءَ جو هڪ حصو پاڻ سان گڏ هڪ اهڙي زُبان ڪٺي آيو آهي، جيڪا پڻ هڪ ادبي ۽ لساني ورثي جي مالڪ آهي ۽ اُتي اُها هندستان جي هڪ چڱي حصي جي باهمي رابطي جي زبان جي حيثيت سان بہ ڪم ايندي هئي ۽ اُن کي هِتي مرڪزي طور وڏي پذيرائي بہ مليل آهي.

سنڌ پاڪستان جو اڪيلو صوبو آهي، جنهن اردو ڳالهائيندڙ مهاجرن کي هڪ وڏي تعداد ۾ پناهه ڏني ۽ ڪو بہ سنڌين جي اِن احسان جو پورو بدلو نٿو ڏيئي سگهجي.

اُنهن نون آيلن لاءِ ۽ اُنهن جي نسلن لاءِ سنڌ مادر وطن آهي ۽ اُن جي زبان، ثقافت، اُن جا جذبا، اُن جا احساس ۽ اُن جا اُمنگَ سنڌن پنهنجا آهن ۽ جيڪڏهن هو پاڻ سان هڪ تاريخي ورثي جي ٻي زبان بہ ڪٺي آيا آهن، تہ اُن سان سنڌ جي اصلي زبان ۽ اصلي تهذيب ڏانهن سندن ذميدارين ۾ ڪو بہ تفاوت ڪو نہ ٿو پوي.

سنڌ جي عوام پڻ سندن زبان جي ڪا مخالفت نہ ڪئي آهي ۽ سنڌ جي دانشورن کي اُن جي وسعت جو احساس آهي ۽ اُن لاءِ سندن جذبن جو اُنهن کي شعور

آهي. هُنن پنهنجي زبان جي بچاءَ لاءِ پنهنجي مادر وطن جي قرباني ڏني ۽ هو مهاجر بڻيا ۽ پنهنجي وڏن جي تاريخي ورثي کي بچائڻ لاءِ پنهنجي وڏن جي قبرن کي ڇڏي آيا ۽ جنهن ڳالهه لاءِ انهن قرباني ڏني آهي سا ڪين برابر ڏاڍي پياري آهي.

پر جيڪڏهن اِن حالت ۾ هُنن اردو ڪنهن تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو اردوءَ سان وڏي ۾ وڏيءَ دشمنيءَ جو ثبوت ڏيندا - حالانڪ اِن ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هنن جي دل ۾ اِها خواهش هوندي ته جنهن شيءِ لاءِ هنن قرباني ڏني آهي، تنهن کي وڌائين ۽ ويجهائين، پر جيڪڏهن معاملي جي تهه تائين پهچڻ بدران رڳو ڪناري تي بيهي معاملي کي اُلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته ڪنهن جو به پلو نه ٿيندو. جيڪڏهن ڪنهن باقاعدي منصوبي جي ذريعي اردوءَ کي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ اُن جي نتيجي ۾ ڪا مخالفت ٿي، جا ٿيڻي ئي آهي ته اُهي ئي اِيئن تاڃڻ ۽ مڙهڻ وارا، اردوءَ جي اُنهن آئينده نسلن جي نقصان جا ذميدار ٿيندا، جن ويچارن جو اُن ۾ ڪو به هٿ نه هوندو. جيڪڏهن هُنن جي مادري زبان کي اُن حالت ۾ نقصان پهتو، جنهن حالت ۾ هنن جي زبان جي ترقي جا هوندئن موقعا به موجوده آهن ته اُن صورت جي ذميداري به اُنهن تي عائد ٿيندي.

اردوءَ جي اُنهن حامين جن 23 سال اڳ ۾ هِتي اچي پناهه ورتي هئي، تن کي هتان جي ماڻهن جي ٻوليءَ - سنڌيءَ -- جي عظمت جي خبر ڪا نه هئي ۽ هو ان جي عظمت، ميناج، صلاحيت ۽ سگهه کان قطعي غير واقف هئا، ڇو ته اهي هندستان جي اهڙن حصن کان آيا هئا، جتي ڪين سموري زندگيءَ ۾ سنڌيءَ جي باري ۾ اِهو پتو ئي ڪو نه هو.

اُن کان پوءِ هِنن 23 سالن ۾ سنڌ جي هڪ نئين عظمت اڀري آئي آهي ۽ سنڌي زبان جي ترقيءَ جي باري ۾ اُن قدر ئي هڪ جاندار ۽ نئين سجاڳي وجود وٺي چڪي آهي. سنڌ جي اندرين علائقن ۾ ته مهاجرن جا ٻار سنڌي ڳالهائين ٿا ۽ رڳو ٿوري عرصي جي دير آهي جو هو پاڻ ۽ اُنهن جا ٻار پنهنجين تخليقي صلاحيتن جو اظهار اُن زبان ۾ ڪري سگهن.

سنڌ ۾ رڳو ڪجهه اردو آباديون اهڙيون آهن، جتي اِها صورتحال نه آهي.

مختصر لفظن ۾ هيئن چوڻ کپي ته اردو اُنهن تي مسلط نه ٿي ڪري سگهجي، جن جي مادري زبان اردو نه آهي ۽ نه وري سنڌي اُنهن تي مڙهي سگهجي ٿي. جن کي اردو پياري آهي. دنيا جي تجربن مان ظاهر آهي ته اِن قسم جون ڪوششون بلڪل ناڪام رهيون آهن.

اردو ڳالهائيندڙن کي اِهو محسوس ڪرڻ کپي تہ سندن جاءِ پناهہ ۽ سندن وطن سنڌ آهي ۽ هُنن هندستان مان هجرت جي صورت ۾ جيڪا پنهنجي همت ۽ صلاحيت استعمال ڪئي هئي سا هو هاڻي سنڌ جي عظمت، خوشحاليءَ ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سڀني ماڻهن جي وچ ۾ ڀائپيءَ جي اپارڻ لاءِ استعمال ڪن.

اُهي ٻيو ڇا بہ هجن، پر، هو سنڌ ۾ سنڌين تي بوجهو ڪو نہ آهن، پر ماحول مختلف آهي. هاڻي اُنهن کي نئين ماحول کي پنهنجو ڪرڻو آهي ۽ اهڙي نموني سان رهڻو آهي، جهڙي نموني پراڻا سنڌي رهي رهيا آهن، ۽ اُنهن جو نسلي تفاوت اِن خوش آئند مستقبل جي آڏو اچڻ نہ گهرجي.

حالانڪ اُنهن مان ڪيترن ئي، غلط ڪارين جي آڌار تي، دولت گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر منجهانئن ڪافي ماڻهن پنهنجي محنت جي ذريعي ترقي ڪئي آهي ۽ ڪيترا ئي منجهن اهڙا آهن جيڪي هن مهل تائين اجهي جي تلاش ۾ آهن ۽ اُهي هزارين لکين پراڻن سنڌين وانگر ڏکن ۽ ڏولاون ۾ گذاري رهيا آهن ۽ اُنهن جي مشڪلاتن جو ختم ٿيڻ في الحال نظر نہ ٿو اچي. اُهي ماڻهو جيڪي ليڊر نہ آهن، جيڪي تاجر نہ آهن، پر جيڪي مزدور آهن، هاري آهن، جيڪي محنت ڪن ٿا، جيڪي ننڍا دڪاندار آهن ۽ جيڪي ريڙهيون هلائين ٿا، جيڪي ننڍي وچولي طبقي جا ماڻهو آهن، تن کي هڪٻئي سان گڏ رهڻ کپي ۽ هڪٻئي جو ساٿ ڏيڻ کپي.

سنڌ ۾ رهندڙ اُنهن ماڻهن کي پنهنجيءَ زبان کي ٻين تي مڙهڻ جي ڪنهن بہ تحريڪ جو شڪار نہ ٿيڻ کپي ۽ پاڻ وانگر هر محنت ڪندڙ کي پنهنجي زبان جي استعمال جو حق ڏيڻ کپي.

اِهي رڳو سندن خودساختہ ليڊرن جا ڪرتب آهن، جيڪي سندن مصيبتن جو سبب هئا، آهن ۽ رهندا. جهڙيءَ طرح سنڌ جي هارين ۽ عام ماڻهن جي مصيبتن جو سبب سنڌ جا وڏا وڏا پير، مير، زميندار ۽ جاگيردار آهن. اِهي ليڊر ۽ وڏا ماڻهو ئي آهن، جي عوام جي تصادم ۾ خوش آهن ۽ اُهي اُنهن لاءِ وڏيڪ مصيبتن جو سبب ٿيندا. ڪهڙو عجب، جو اِنهن 'رهنمائن' پنهنجي بقا لاءِ پاڪستان کان ٻاهر پڻ پنهنجو بندوبست ڪري ورتو هجي - ڪوئن وانگر ٻڏندڙ جهاز کي ڇڏي هو پنهنجو بچاءَ ڪري ئي وٺندا ۽ ڪنهن نہ ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي ٽانيڪا ٿي ويهندا – ٻيو ڪٿي نہ تہ آمريڪا، دنيا جي شاهوڪارشاهيءَ جو ديس، هنن لاءِ هڪيو موجود ئي آهي.

سنڌ جي ڪافي سمجهدار ۽ عوامي اڳواڻن اردوءَ کي اردو وارن جي تعليم، دفتر ۽ تجارت جي ٻوليءَ طور قائم رهڻ کان انڪار نہ ڪيو آهي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي زبان، تهذيب ۽ ثقافت جي بچاءَ جي ضمانت ڏني آهي.

سنڌ ۾ اردو ڳالهائيندڙ ڪنهن بہ خطري جو شڪار ڪو نہ آهن، پر هو پنهنجن جي دولاب ۽ ننڍپڻ جو شڪار ٿي سگهن ٿا. جڏهن تہ سنڌين طرفان ڪين پنهنجن ٻارن کي اسڪول توڙي ڪاليج ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۾ تعليم ۽ پنهنجي مقدمن جي وڪالت ۽ دفترن ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکڻ ۽ پڪارڻ جي حق جو يقين ڏياريو ويو آهي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ کي ’درحقيقت‘ سرڪاري زبان ملڻ جي اميد آهي.

تنهن ڪري اُنهن کي سنڌ جي اڪثريت جي ٻوليءَ سنڌيءَ جي حيثيت جو بہ انڪار نہ ڪرڻ گهرجي. اُن سان گڏ، جيئن ٻهراڙين ۾ اردو ڳالهائيندڙ سنڌي ڳالهائڻ لڳا آهن، تيئن شهرن ۾ پڻ اهڙي ترڪيب ڪئي وڃي، جو سنڌ ۾ ٻوليءَ جو عار ۽ بُعد ختم ٿي وڃي ۽ هر ڪو پنهنجي ٻوليءَ تي فخر ڪري ۽ ٻئي جي ٻوليءَ جو قدر ۽ احترام دل ۾ رکي.

[اخباري بيان: 1971ع]

# سنڌ جون نياڻيون

نہ فقط پنهنجي امڙ سنڌ پر سڄي پاڪستان جي مائرن ۽ ڀينرن جي واهر ۾ اڄ سنڌ جون نياڻيون نڪري ميدان تي آيون آهن.

تازو [اپريل، 1982ع] ڪراچيءَ ۾ ڪيل پنهنجي ڪانفرنس ۾، جيڪا هنن پير مرد، پر تيزيءَ سان اپرندڙ، بيخوف ۽ جمهوريت دوست اڳواڻ، سيد غلام مصطفيٰ شاهہ جي صلاح ۽ سهاري سان، ڏاڍيءَ هوشمنديءَ ۽ وڏي جذبي ۽ جلال سان اُتي منعقد ڪئي، هنن سنڌ جي نياڻين صاف صاف ۽ نهايت زوردار لفظن ۾، صديون پراڻي ظلم ڪان پنهنجين مائرن ۽ ڀينرن کي ڇوٽڪاري جو سڏ ڏنو آهي - اُن ظلم ڪان، جيڪو مٿن تاريخ جي اهڙي بدترين حيواني روپ ۾ مسلط رهيو آهي، جنهن جو لفظن ۾ بيان تي ئي نٿو سگهي ۽ هو جڳن ڪان اُن جي دهشت ۽ دٻاءَ هيٺ بيوس ۽ مجبور، بي آبائتيون ۽ بي زبان پيڙبيون پئي آيون آهن.

اڌ صدي کن اڳ، دنيا جي هن حصي ۾ هڪ بهادر آمريڪي خاتون، ڪئٿرين ماءُ، آئي هئي، جنهن 'مدر انڊيا' (هند ماتا) نالي انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو هو، اُن ۾ هُن رڳو اُهي چند ڀيانڪ حقيقتون، مختصر لفظن ۾، بيان ڪيون هيون، جيڪي هُن عورتاڻي عوام جي دک ۽ پيڙا جون هندستان جي اسپتالن مان معلوم ڪيون هيون. اُن ڪتاب جي اُنهيءَ حقيقت ڪُشائيءَ تي، اُنهن ڏينهن ۾، چوڌاري عجيب هڪ شور ۽ غوغاءُ مچي ويو هو ۽ هندستان جي عالمن ۽ پنڊتن ۽ اُنهن جي آقائن ۽ اَن — داتائن کي باهہ لڳي ويئي هئي ۽ هو سڙي پچي ڳاڙها ٽانڊا ۽ ڪارا ڪوئلا تي ويا هئا.

اُها عظيم مائي، ڪئٿرين ماءُ، جيڪڏهن برصغير جي هِن ڪنڊ ۾ بہ اچي نڪري ها ۽ هِتان جي عورتاڻي اِنسان سان جيڪي عذاب ۽ عقوبتوں، ظلم ۽ زيادتيون روا رکيون تي ويون، اُنهن جو ڪجهہ ذڪر بہ هوءَ پنهنجي اُن ڪتاب ۾ ڪري ها، تہ يا تہ دنيا کي مٿس ويساهہ ئي نہ اچي ها تہ اڄ جي ويهين صِديءَ ۾ ڪي مطلق غير انساني ڳالهيون اهڙيون بہ تي سگهيون تي ۽ يا تہ دنيا اُنهيءَ مڃڻ ڪان ئي صاف انڪاري تي بيهي ها تہ جن ماڻهن ۾ ههڙيون ڳالهيون قبوليون تي ويون، اُهي ماڻهو انسان ۽ انسانن ۾ ڪي اهڙا نيم وحشي انسان بہ تي سگهيا تي!.

۽ هِتي اسان وٽ اُهي سڀ ڳالهيون نہ رڳو ٿيندڙيون رهيون آهن ۽ اڄ بہ ٿِي رهيون، پر اسان جي سڳورن عالمن ۽ وٽ - نہ - ڏيندڙ نامدار آقائن ڪي اُنهن جو علم آهي، بلڪ هو اُنهن تي چشم پوشي ڪن ٿا، ۽ اُنهن تي نہ رڳو دل جو دل ۾ پر ڪافي ڪجھ ظاهر ظهور نازُ ۽ پنهنجي نامڪتيائي بہ ڪن ٿا.

ٻيءَ هڪ اهڙيءَ ئي عظيم آمريڪي عورت، ليڊي رائينڊ پنهنجن ڪتابن ۾ ڏيکاريو آهي تہ ظالمن ۽ ڇڙواڳ فاتحُ يا آقا جنهن ڪي هن علامت طور 'ائٽيلا' سڏيو آهي، جيڪو چنگيز منگول وانگر خوني هو ۽ وحشي 'هوڻ' قبيلي جو اڳواڻ هو ۽ جنهن اٽليءَ تي قابض ٿي اُن جو ساهہ مُٺ ۾ ڪيو هو، اُهو ائٽيلا ۽ اُن جا ساٿي 'عالم' يا 'پوپا' ساڳيءَ لٺ جا بہ مٽا آهن، جن سان سدائين بني نوع انسان جي ميڄالن کي ڪچليو ۽ پاش پاش پئي ڪيو ويو آهي - ۽ اُنهن مان ڪو بہ هڪڙو ٻئي ڪان سواءِ ڪا بہ حيثيت ڪا نہ ٿو رکي، بلڪ اُهي ٻيئي هيڪل ڪجھ بہ نہ آهن.

'هوڻ اَئٽيلا' پنهنجي 'پوپي عالم' جِي مفت ٽڪرن تي پالنا ڪري ٿو ۽ 'پوپو عالم' اُن ٻي محنتئي ٽُڪر ملڻ جي احسان عوض، عملي ۽ علمي، ٻنهي طرحين، 'هوڻ ائٽيلا' جي مدد ڪري ٿو تہ پل، اُهو مرداڻي ۽ عورتاڻي برادر انسان ڪي زرخريد غلامن ڪان بہ گھٽو، گهٽو، گهٽو پيڙي ۽ چيچلائي پنهنجو ٻانهن ٻڌل جي - حضور ٻڌائي، ڇو تہ زرخريد غلامن لاءِ وري بہ آقا ڪي قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي، پر خالي ڪوپڙي رکندڙ انسان نہ ٽندڻ ٿين ٿا ۽ اُهي ٻي زبان ۽ گگدام جانور هوندا آهن، جيڪي 'هوڻ ائٽيلائن' لاءِ نسل بنسل پيا پگهر ڳاڙيندا آهن ۽ ڳهندا آهن.

سچ پچ تہ 'هوڻ ائٽيلائن' ۽ 'پوپن عالمن' جِي وچ ۾ سدائين پورو پورو ساٿ ۽ ويجهي ۾ ويجهو سبنڌ رهندو آهي - ۽ اُن جا پڌري پٽ ۽ وري وري ۽ وري وري تجربا ڏيکاري ۽ مشاهدا ڪري سگهجن ٿا - ڇو تہ اُهي ٻيئي حقيقي اپت ڪندڙن ۽ پورهيتن جي جسم تي بنھ بکين ۽ مچڏو رت پياڪ چچڙن وانگر چهٽيل رهن ٿا.

'ائٽيلا' اپت ڪندڙ ۽ تخليقي آدم ذات جي جسم ۽ ذهن ڪي ڪيرائي ۽ لتاڙي ٿو ۽ 'پوپو' اُن جي روح ڪي نجس ۽ نست ٿو ڪري.

بهرحال، هن تمام ڏکيءَ ۽ تمام وڏيءَ ڳالھ ڪي نندي ۽ تمام ننڍو ڪندي، حئي ٿو سگهجي تہ برصغير جي هن حصي جي جنهن ڪم جي ڪُنڊ

ڪيٽرين ماءُ جي هٿان ڇُهجي بہ نہ سگهي، اُهو ڪم، هڪ للڪار ۽ جنگ جي زوردار سڏ طور، ڪراچيءَ جي سنڌي عورتن جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ وڌ کان وڌ ذهين، وڌ کان وڌ هوشمند ۽ وڌ کان وڌ باخبر سنڌ جي نياڻين، اڳتي وڌي، قبول ڪيو ۽ هٿ ۾ ڪنيو آهي.

جيڪي ڪجهہ تقريرون اُتي ڪيون ويون ۽ مقالا پڙهيا ويا، اُهي جيڪڏهن اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ نہ ڪيا ويا ۽ اُنهن جو ڪو هڪڙو لفظ بہ گم ٿيو يا ڪنهن طرح ضايع ٿيو، تہ اُهو هڪ بيحد افسوسناڪ سانحو سمجهيو ويندو.

اِهي ۽ پڻ سيني اتي ڪانفرنس ۾ پڙهندڙ ۽ ڳالهائيندڙ اسان جي هِنن مائرن ۽ ڀينرن جا فوٽا اسان کي پنهنجن ايندڙ نسلن جي تعظيم ۽ احترام لاءِ محفوظ ڪري رکڻ گهرجن - ڇاڪاڻ تہ هنن مٽيادار ۽ مانائتين سنڌ جي نياڻين جيڪا همت ۽ جيڪا بي مثل صداقت دنيا جي هن اسان جي بند حصي ۾ اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ آزاديءَ ، خوداختياريءَ ۽ جيوت جي خوشيءَ جي وڏن رازن ۽ اسرارن جي کولي ٻڌائڻ ۾ ڏيکاري آهي، تنهن جو سچ پچ تہ اسان وٽ ڪو مثال ڪونهي.

پر ايندڙ نسلن لاءِ ڇو؟ اسان جي اڄ جي نِسل لاءِ ڇو نہ؟

اڄ جي نسل کهڙو ڏوهہ ڪيو آهي، جو اُها سموري ڳالهہ اُهو نہ ٻڌي، جيڪا سنڌ جي نياڻين پهرين پهرين تہ خاص اُن لاءِ پنهنجي هن سچيءَ پچيءَ تاريخي ڪانفرنس ۾ ايڏيءَ محڪم صداقت ۽ ايڏي بي خوف اعتماد سان پڌري پٽ چئي آهي؟

اِنهيءَ ڪري هِنن سڳورين سنڌ جي نياڻين جو هن موقعي تي چيل هڪ هڪ لفظ ايندڙ نسلن ۽ پڻ اڄ جي نسل جي ڪَنن تائين پهچڻ اشد ضروري آهي - ڇو تہ هڪ هڪ سنڌن اهو لفظ 'اٽنيلائٽ' ۽ 'يوپن' جي ڏپيل لاشن جي پيتين کي ٺوڪي بند ڪرڻ لاءِ هڪ هڪ ڪوڪي ۽ هڪ هڪ ڪلي جوئي ڪم ڏيئي سگهندو.

هيءُ دور ڪيسٽ رڪارڊن جي انقلاب جو دور آهي. سنڌ جي هنن هوشمند نياڻين جو هيءُ پيغام – 'هُوڻ اَٽنيلائٽ' ۽ سنڌن ڇاڙتن 'يوپن' جي گُهٽ ۽ ٻُوسٽ کان آزاديءَ ۽ خوداختياريءَ جو پيغام - چيل لفظن جي صورت ۾ ۽ پڻ ڪيسٽ رڪارڊن جي وسيلي سنڌ جي هڪ هڪ عورت، اسان جي هڪ هڪ ماءُ ۽ اسان جي هڪ هڪ ڀيڻ، تائين ضرور پهچڻ گهرجي.

اِيئن سڄي پاڪستان جي ٻڌندڙ عورتائي عوام تائين خاص سندن پنهنجين پنهنجين مادري ٻولين ۾ اِهو پيغام پهچڻ ڪپي - ۽ ان لاءِ ڪنهن ڏوتل پوتل ۽ پاڪ ٻٽيل ٻيءَ ٻوليءَ يا ڪنهن اعليٰ ادبي ۽ علمي طرز يا ادا جي ڪا گهرج ڪانهي.

اسان جي اڄ جي ضرورتن پٽاندر هي اسان جون ڏاهيون سياڄهيون سنڌ جون نياڻيون ئي، هِن پل لاءِ، اسان جون اهم تاريخي شخصيتون ۽ اسان جا عظيم رهنما آهن- جو تہ مومل جي منجهيل سُٽ جي ڦوري ڪي راڻي مثل هِنن ئي هڪ ڏڪ سان سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

عام سماج ۾ چوڻي آهي تہ "ناموس ۾ شڪ معنيٰ ناموس چَٽ" چو تہ "ناموس" آهي ئي اهڙي هڪ بي بقا، هتراڏو ۽ ناڪُئين چيز.

۽ ايئن ڄاڻندي ئي تہ ناموس صابڻ جي گجيءَ ڪان ئي سنهڙي، هڪ بي زوري، بنهہ ڦوڪ وهيڻي شيءَ آهي، سڀ 'هوڻ اَئنيلا' ۽ سڀ 'يوپا عالم'، الڳ الڳ ۽ پڻ گڏجي، صلاح ڪري، هر قيمت تي 'ناموس جي ڏانڊليءَ' کي بچائڻ ۽ بچائي رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

اُنهن کي پوريءَ طرح خبر آهي تہ هڪ ييرو ناموس جي چلڪٽي چادر سڄاپجي پيئي ۽ معلوم ٿي ويو تہ اُن ٺڳڻي روپ پنيان ڇا آهي، تہ سامهون بيٺل سڄي رڄ اوڏيءَ مهل الوپ ٿي ويندي ۽ وري اُن جو اُهو اڳوڻو پرڪاش ۽ چراغپٽو جُڙي ئي نہ سگهندو.

هزارين ڳرا ۽ معتبر، وڏين وڏين خبرن وارا، گُوڙها گوڙها ڪتاب هُوڻ اَئنيلائن جا يوپا عالم، جي - حضور ۽ نُڪريل، لکن ٽا، جن جو مقصد رڳو عام انسان کي هيسائڻ ۽ اُن جو هانءُ ڪائڻ آهي - جيئن اُهو پوريءَ طرح سندن ڪڙي ۾ اچي وڃي ۽ سندن آقائن جي ناموس ۽ خود سندن ناموس کي هو ايماناً اِيئن مڃي ويهي، ڄڻ اُهي سون جون ڪي سِرون آهن، جيڪي هِن غريب کي پنهنجي پنيءَ تي بنا ڪڇڻ پڇڻ جي ڪڍڻيون آهن ۽ سچ پچ اُنهن کي کو املهہ ۽ غيبي بار سمجهي سڄي حياتي اِيئن ڍوئڻو آهي - اُن سڄي ڍِير کي، بُتَ کي، اُن پاکنڊ، اُن آفيم، اُن يَنگ کي، اُن نرلج انساني ڪنورتا ۽ لچائيءَ کي، جيڪا عام ماڻهوءَ، هر جوان ۽ پوڙهي، هر عورت ۽ هر ٻار جي آزاديءَ، آزاد ساهہ ۽ زندگيءَ جي هر خوشيءَ جي خلاف درحقيقت هڪ سازش، هڪ منصوبو ۽ ڏنو وائنو هڪ ابليس پٽو آهي.

سنڌ جي نياڻين اِن ناموس کي سامهون بيهي للڪاريو آهي ۽ پنهنجي وس آهر ڇڪي اُن جي منهن تان پڙدو لاٿو آهي، اُن جي قلعي کولي آهي، ڏنڌريءَ ڏائڻ کي ڏائڻ ڪوٺيو آهي، ڪوجهي، ڪُپتي، ڪِڪرمي ڏائڻ رابرٽ اِنگرسال جي لفظن ۾، 'اها آقائيت جي واهيات، اَڻ-هجتي، ڪارَ مُنهين ناموس' - جنهن جُڳن جا جُڳ، بي ترس ۽ بدروح ظالمن ۽ ڏاڍن جو بدروح مَنڊ ۽ بي ترس هٿيار بڻجي، ڪوڙ ۽ خوف جي ڪڙي ۾ قاتل معصوم، ساده دل انسان ذات جا روح ڪنبايا آهن ۽ دليون ڏڪاريون آهن ۽ اُن جي ذهنن ۽ ڪلپنائن کي گهٽيو، نپوڙيو ۽ پنگلو بنايو آهي.

سچ پچ تہ اِها وڏي ڳالهہ آهي، ڏاڍي وڏي ڳالهہ آهي، ڏاڍي وڏي ڳالهہ آهي، جو هِنن سنڌ جي عظيم نياڻين ههڙيون سچيون پچيون بي خوف ۽ دليرانہ تقريرون ڪيون - عورتن جي آزاديءَ جي اعليٰ مقصد لاءِ، اُنهن جي خوداختياريءَ لاءِ، اُنهن جي پنهنجي آگهيءَ ۽ عظمت لاءِ، جيڪي اصل ۾ تہ سڄيءَ انسان ذات جي آزاديءَ، خوداختياريءَ ۽ عظمت جون تقريرون هيون — ڇاڪاڻ تہ غلام ذهن عورتون هرگز آزاد مرد جڻي ۽ نپائي نہ سگهنديون، غلام ذهن عورتون جڻينديون ۽ نپائينديون تہ فقط پاڻ بچائيندڙ مرد، وڙهڻ کان اڳ آڻ مڃيندڙ مرد، اذيت پسند ۽ روئڻا مرد.

پر هي سچ پچ عظيم ۽ سماجياتي خيال کان سچ پچ لافاني (هائو، لافاني) تقريرون، پنهنجي جاءِ تي جيتوڻيڪ ضروري تہ آهن پر پنهنجي جاءِ تي ڪافي نہ آهن.

نہ. ڪيتريون بہ ڪٽي اُهي حق حقاني، زوردار ۽ تُز نشاني تي لڳندڙ هجن، پر اُهي ڪافي نہ آهن.

تقريرون ڪيتريون بہ عظيم ۽ لافاني هجن، ڪافي نہ آهن، جيستائين جو اُنهن جي پويان طاقت، ارادو ۽ عمل جي تدبير نہ آهي.

اوهان کي يوناني ڏاهي ۽ سرفروش درويش، ڊيماسٿنيز، جي تُز ۽ لافاني تقريرن جي ڳالهہ تہ ياد هوندي، جن لاءِ چوندا هئا تہ اُهي هُن جا 'فلپ-مار گرز' آهن - جيڪي هو سڪندر (اعظم) جي پيءُ، مئسيڊونيا جي ويتل، وحشي ۽ خونخوار فلپ تي، اٿندي ويهندي، ڪلئي عام، سٽيندو رهندو هو.

پر ڊيماسٿنيز جون اُهي لافاني ۽ عظيم تقريرون وحشي فلپ جي خلاف بي سود ۽ بي اثر هيون، رڳو اِنهيءَ ڪري، جو ڊيماسٿنيز جي پنهنجي

اٿينس جا رهواسي بي طاقت ۽ بي زورا هئا، هنن وٽ نه تدبير هئي ۽ نه ارادو ۽ همٿ، جو هو اُن درندي کي منهن ڏيئي سگهن ۽ ڪيرائي سگهن ۽ تنهن وچ ۾ هُن اُنهن کي پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙي پٽي ڪري ڇڏيو.

اِنهيءَ ڪري، تقريرون گرمائي ته سگهن ٿيون، پر مقصد جي حاصلات پنڌ بيو آهي. ڏهه لک گئلن پيٽرول جا ٻَري دونهون ته ٿي سگهن ٿا پر اِيئن رڳو هڪڙو اسڪوٽر، هڪڙو انچ به اڳتي، چري نه سگهندو - اُن لاءِ ضروري آهي ته پيٽرول ڦڙو ڦڙو ٿي، پوري طريقي ۽ ترتيب سان، اسڪوٽر کي اڳتي هلائڻ جي طاقت رکندڙ انجڻ کي هلائي ۽ چالو رکي.

اِها ئي حالت تقريرن جي آهي، پوءِ اُهي ڪيتريون به گرما گرم ۽ دونهان ڌار هجن.

تقريرن ڪان، پنهنجي پاڻ تائين، ڪڏهن به ڪو جبل ڏري نه سگهيو آهي. چو ته هوڻ اٿيلائون ۽ سندن ساٿي منصوبي باز يا ساٿي شڪاري، پوپا عالم، پوري ڏيان سان سوچين ٿا، پوري ڏيان سان رٿائون رٿين ٿا ۽ پوري ڏيان ۽ ٻنهه رکي روح سان پنهنجي طاقت منظم ڪن ٿا ۽ ڪم آڻين ٿا ۽ هُنن کي اُن لاءِ پورو وقت ۽ پوري فرصت آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي بي ترتيب، ڇڙوڇڙ ۽ غير منظم جوش ۽ جولان ۾ ورتل ۽ رڳو رڙيون ڪندڙ شڪار تي حملي جا گهات گهڙين ٿا، ان کي جهلين ٿا ۽ پاڻ وٽ سو گهو رکن ٿا.

تڏائيءَ سان سوچيندڙ ۽ گهات گهڙيندڙ مخالف چريءَ مثل آهي، جوش ۽ جذبي ۾ پگهرجندڙ ۽ زبان باز يا واڪرُ مخالف مکڻ مثل آهي: ۽ سڄيءَ تاريخ ۾ ڪڏهن به مکڻ چُريءَ کي ڪٽي نه سگهيو آهي.

اِنهيءَ ڪري ئي ڪن روشن دل سنڌ جي نياڻين ڪانفرنس ۾ ئي پنهنجين تقريرن ۾ انهيءَ حقيقت جو پڻ چٽيءَ طرح وستار ڪيو ته ڪين خبر هئي ته ٺلهين تقريرن سان ڪجهه ورڻو نه هو، بلڪ اُن لاءِ ڪين پوري منظم ۽ ضبط هيٺ بيحد اورچائيءَ ۽ دلي ذوق سان ۽ پوريءَ ڪنهن سوچيل تدبير مطابق، ڪم ڪرڻ جي ضرورت هئي، چو ته سندن جُڳن جا دشمن هڪ ته بيحد چالاڪ ۽ مڪار هئا ۽ بيو ته اُهي سندن رت ۽ پورهئي تي پلجي رهيا هئا ۽ پاڻ ۾ بيحد منظم ۽ متحد هئا.

اسان مظلومن ۽ محڪومن، محنت ڪشن ۽ مسڪينن جي اڄ جي صورتحال جو هيءُ تجزيو شايد پوريءَ طرح صحيح ۽ هر طرح پورو پورو تجزيو آهي.

هڪڙي وڏي اقتصادي عالم کان جڏهن ڪنهن پڇيو تہ، ”چا، سچيءَ ترقيءَ جو سڄو مدار محنت ۽ سرمايي تي نہ آهي؟“ تڏهن اُن عالم جواب ڏنو تہ، ”ٻنهيءَ جي ڳنڍڻ واريءَ سڀ کان مکيہ ڪڙيءَ کي ڇو تون وساري ڇڏين؟“.

”اُها ڪهڙي آهي؟“ هن کان پڇيو ويو.

’تنظيم‘، هن جواب ڏنو. ”تنظيم. رڳو سرمايو ڪهڙي ڪم جو؟ اُهو تہ مثل بار آهي - سست ، بيڪار ۽ رڳي محنت بہ ڪهڙي ڪم جي؟ رڳا محنت ڪش بہ تہ رڳو انبوهُ آهن. ٻنهي جي وچ ۾، ٻنهي کي چرپر ۾ آڻڻ لاءِ تنظيم گهرجي.“

اهڙيءَ طرح، ڪم از ڪم ڪي روشن دل سنڌ جون نياڻيون آهن، جن اڳتي وڌي، اِنهيءَ حقيقت جي شاهدي ڏني تہ ڪين معلوم هو تہ ائٽيلائن - واڌو - يوپن عالمن جي منظم گهاٽي جي جُڳن کان هلندڙ ظالم ۽ پيڙا کان نجات جي سندن جدوجهد ۾، تنظيم ۽ تدبير عمل جي معنيٰ ڇا هئي. اِيئن صاف صاف ڏنو تي ويو تہ هُنن کي خبر هئي تہ ڪم کان سواءِ عمل کان سواءِ، ٺلهيون تقريرون ايئن هيون جيئن گرم هوا جي نيڪال جون ڳڙڪيون. عمل ــ نجات جو عمل ــ ئي آهي، جنهن کان ائٽيلا ۽ يوپا عالم ڊڄن ٿا ــ ڇو تہ اُن کي هو پنهنجو عزرائيل ٿا سمجهن.

ڳالهہ جي اِنهيءَ پروڙ ۾، تہ ڪم ئي آهي جو ڪم تون ڪري ۽ ٻي ڪا بہ شيءِ اهڙي ڪانهي جيڪا ڪم وانگر ڪم، يعني ڪم ڪري، هي سنڌ جون نياڻيون، هندو - مسلم - عيسائي ۽ ٻيون سڀ، ساڳيءَ اِن ڳالهہ جي ڳڻ جون ضرورتمند آهن ۽ اُن جون ڳولائون هئڻ ڪپن - جيئن گوئٽي، عظيم گوئٽي، بہ چيو آهي:

آواز ٻڌا ويا.
سڳورا ۽ ڏاها سڀ ٻڌا ويا.
جَڳ ٻُڌو ويو، سڀ جُڳ ٻڌا ويا:
چتائي، چونڊي، پنهنجي چونڊ ڪريو-
ننڍي آهي پر اَڪَٿ آهي-
اکيون اوهان تي آهن،
اَزل ۽ اَبد جي بي اَنت ساگر ۾:
سڄو ڪمال هِتي آهي،
همت ڪريو، انعام ڪٿو!
ڪم ڪريو ۽ دل نہ هاريو!

# ڇا اسان جو نوجوان نسل اڳواڻيءَ کان محروم آهي ؟

”ڪو بہ ڪونهي، جو اسان جي رهنمائي ڪري“ - اڄڪلهہ جا گهڻا نوجوان اِها شڪايت ڪن ٿا. هيءَ صورتحال واقعي المناڪ آهي.

ٿورا ئي ڪي ڏهاڪا سالن جا اڳ، اِها شڪايت ڪڏهن ٻڌڻ ۾ نہ ايندي هئي، نوجوانن تڏهن محسوس ٿي ڪيو تہ زندگيءَ ۾ اُنهن ڪي ڪو وڏو ڪم ڪرڻو هو. هو ڪنهن اعليٰ مقصد لاءِ جيئندا هئا. آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ لاءِ جدوجهد جي ڏُنَ سڄي برصغير جي اڪثر ماڻهن جي زندگين تي ڇانيل هوندي هئي.

تڏهن اسان وٽ عظيم شخص موجود هوندا هئا. زِندگيءَ جي سيني راهن ۾ - سياست ۾، فلسفي ۾، شاعريءَ ۾، موسيقيءَ ۾ ۽ اُهي عظيم شخص نوجوانن جي قريب هئا. مثلاً، نوبيل انعام يافتہ سر سِي. وي. رامن، خوشيءَ سان وچي نوجوانن کي ليڪچر ڏيندو هو، اهڙيءَ آسان ٻوليءَ ۾ جيڪا هو سمجهي سگهندا هئا. الهہ آباد جا نوجوان جواهر لال نهروءَ وٽ پهچي سگهندا هئا ۽ هُن کان گهُر ڪندا هئا تہ هو ساڻن محرم جي مجلس ۾ هلي شريڪ ٿئي ۽ هو خوشيءَ سان اُنهن جي ڳالهہ مڃيندو هو. اُهڙيءَ ئي خوشيءَ سان هو دهليءَ ۾ ’قول والون ڪي سير‘ ۾ شامل ٿيندو هو ۽ اُنهن جي اڳواڻي ڪندو هو.

تن ڏينهن، بزرگن ۽ نوجوانن جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪا هڪ شيءِ موجود ڪا نہ هوندي هئي، تہ اُها هئي ’سِيٺ ۽ ويڇو‘. ’مُغليت‘ يعني آڪڙ ۽ مٽيرائي ڪا نہ هوندي هئي. اِيئن ڪو نہ هوندو هو تہ ’مون کي اوهين رڳو ويجهو اچڻ ٿا ڏيو تہ ڇڻ وڏو مون تي احسان ٿا ڪريو!‘ ڪنڌ ۾ ور وجهي ڪو نہ ڏسبو هو. ’خدا جي ڏيکائي ڏيو ۽ فضل جي نظر وجهو‘ - اِها ڳالهہ ڪا نہ هوندي هئي. سروجني نيدوُ جنهن سان بہ ملندي هئي اُنهن سان ماءُ بڻجي هوءَ ملندي هئي.

۽ ڪاليجن ۾ ۽ پڻ هاءِ اسڪولن ۾، اسان جا اڳواڻ ڪير هئا؟ شيڪسپيئر، مِلٽن ۽ بَرڪ. اسان جا ’انقلابي‘ ساٿي — شيلي، ڪيٽس ۽ بائرن، ٽينيسن ۽ براٿوننگ اسان جا ڏاها اڳواڻ سوندا هئا.

ڪارلائل اسان جو شوخ طبع ناظم هوندو هو ۽ پياري رَسڪن پنهنجن لافاني ڪتابن – ”سيسيم ائنڊ لِليز“ (’سرنهن جا ۽ سُوسن جا گل‘)، ”اسٽونس آف وينس“ (’وينسِ جا پٿر‘) ۽ ”سيون لئمپس آف آرڪي ٽيڪچر“ (’فن عمارتسازيءَ جا ست شمعدان‘) - وسيلي اَسان کي هر پهٽيءَ ۾، پاٽيءَ جي هر ڦڙي ۾، گاهہ جي هر پن ۾، حسن جو مشاهدو ڪرڻ سيکاريو ٿي.

اُنهن ڏينهن ۾، اسين نوجوان عظيم شخصن جي وچ ۾ بيٺل هوندا هئاسين.

اڄ جيڪڏهن نوجوان پاڻ کي روحاني طور يتيم محسوس ڪن ٿا، تہ اُهو اِن ڪري، جو اسان جي سَنگ ڪان اقبال ۽ ٽئگور جهڙا ماڻهو وڇڙي ويا آهن.

اميدن ڪان نڪتل اڄوڪي ناشناس ۽ نامراد دؤر جا اوڇتا مطالبا ۽ مامرا رڳو گذريل سالن جي تورن ڏهاڪن جي عظيم شخصن – مردن ۽ عورتن - ۽ اسان جي وچ ۾ وڏي کاهي ٻڌجي بيٺا آهن.

هڪ ڳالهيئن، سڄي دنيا پنهنجو اڳيون رنگ روپ وڃائي ويٺي آهي. اڳ ڪڏهن بہ انسانَ ذات جي سڄي مَنوَرتي ايتري تهہ تائين اُتل پُتل جو شڪار ڪا نہ ٿي هئي، جيئن هاڻي اُها ٿيل ڏسجي ٿي.

اُن سان گڏ، مشرق ۽ مغرب جي ٽڪرَ ۽ مهاياري طاقتن جي پاڻَ - زوري عروج کي ٿو ڏسجي - جيڪي اڄ اُنهيءَ قوت ۽ طيش ۾ آهن، جو هڪ گفتي سان دنيا کي تباهہ ڪري سگهن ٿيون - تڏهن اِها ڪا حيرت جي ڳالهہ ڪا نہ ٿي لڳي تہ نوجوان نسلُ پاڻ کي حالتن ۽ واقعن جي سامهون لاچار ۽ بي وس محسوس ڪري رهيو آهي، جيڪي اُن تي غالب آهن ۽ جن جي بار هيٺ هو ڪڇلجي رهيو آهي. ردعمل طور، اسان جا هي جوان - عمرِ حساسَ روحَ سڄيءَ پنهنجيءَ نراسائيءَ جو علاج منشيات - پسنديءَ جي آتمر – هترائي عمل ۾ ڏسي رهيا آهن ۽ اِيئن هُنن جو سڄو ذهن، جيڪو انسان جي تصرف ۾ فطرت جي ڏنل هڪ ئي اِمتيازي حاصلات آهي، تباهہ ٿي رهيو آهي.

۽ اِها واقعي عجب کِل جهڙي ۽ پڻ المناڪ ڳالهہ آهي، جو اسان جا ذهنَ جيڪي اڳي ئي اِيئن گهمسانيل هجن، اُنهن کي اسين وڏيڪ نشا پياري بنهہ برباد ڪرڻ تي سندرو ٻڌي بيهي رهون ۽ اُنهن کي پنهنجي اَڻ لڀ ۽ املهہ دولت سمجهي، ساهہ سان سنيالڻ بدران، وڌيڪ ايذائڻ ۽ مات ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃون!

اِيئن تہ برابر آهي تہ اسان جي چؤڏاري دنيا ڪافي وڳوڙ ۾ ورتل آهي ۽ جيڪو اُفق ڪان طوفان اُٿي رهيو آهي. اُن کي اسين روڪي نٿا سگھون، پر اسين پنهنجي ٻيڙي کي ڏَڪڄڻ ڪان بچائي سگھون ٿا. پنهنجيءَ ننڍڙيءَ دنيا ۾، پنهنجا اڳواڻ پاڻ بڻجڻ سان، نوجوان وقت جي وڏي ۾ وڏي ضرورت پوري ڪري سگھن ٿا ۽ اِيئن ڪرڻ ۾ هو ڪي پهريان بہ ڪو نہ هوندا. دنيا جي تاريخ ۾ ۽ هر مِلڪ ۾ هر انساني قوم ۾ نوجوانن ۾ جوان مردن اِيئن ڪيو آهي ۽ جڏهن بہ اُهي اَهڙيءَ ڪنهن پس و پيش سان ڪٽي مدمقابل ٿيا آهن تہ هو وڏي ڏاڍين ڪن للڪاريندڙ اوچين بلندين تائين وڃي پهتا آهن.

اسان وٽ، 1857ع ۾، تڏهوڪي جوان نسل، پنهنجي اکين آڏو، پنهنجي سڄي دنيا متيءَ جي ڍيرن ۾ بدليل ڏٺي، ڪيترن پنهنجا پائُرَ، پيئرَ ۽ پاڻ جيڏا، انگريزن هٿان، غداريءَ جا لقب قبولي، ڦاسيءَ جي تختن تي چڙهندي ڏٺا. هزارين منجهانئن اهڙا هئا، جيڪي دشمن جي بندوقباز دستن جي سڌين بندوقن جي سامهون بيهي موت سان همڪنار ٿيا. شهرن ۾ محلن جا محلا تباهہ ٿي ويا، عورتن جون بي حرمتيون ٿيون. معصوم ٻار يتيم ٿيا ۽ رت ۾ وهنجي مستقبل جو بڪ بڻيا.

اوندهہ جي اهڙيءَ ڪاريءَ چادر ۾ ويڙهيل وقت ۾ سر سيد احمد خان جهڙا ماڻهو، مولانا حاليءَ جهڙا ماڻهو، مولانا شبلي نعمانيءَ جهڙا ماڻهو ۽ ملڪ جي ڪند ڪڙڇ ۾ ٻيا ڪيئي نامدار ۽ گمنام جوان مرد وڏي آڏو آيا ۽ مشعلون بڻجي ٻين جا رهبر بڻيا. ڪِڙندڙ تارن مثل هُنن 'پاڻ ساڙي، رک ڪري، ڌرتيءَ کي روشن ڪيو.'

اُنهن جي اُها اڳواڻي اهڙي بہ نہ هئي، جيڪا ٻئي ڪنهن يا ٻين ڪن جي تباهيءَ جو سامان بڻي هئي. ۽ لافاني اڳواڻپ جو اِهو ئي راز آهي - تہ اُها پنهنجي پنيان ڪا بہ اَيتري ڪا نہ ٿي ڇڏي، اُن جا اَمٽ نشان تعمير ۽ تخليق ئي هجن ٿا.

هو 'خون جو ڇَنُ جهاڳي تخت تي' ڪو نہ وينا هئا ۽ نہ ئي هُنن انسان ذات جي مٿان 'اِنساني کهل جا دروازا بند' ڪيا هئا نہ سڌيءَ طرح ۽ نہ اڻ سڌيءَ طرح هُنن تشدد جي ڪا پذيرائي يا تبليغ ڪئي هئي.

اسان جي نوجوانن لاءِ اهڙيءَ اڳواڻپ تائين پهچڻ جو ننڍي ۾ ننڍو، ويجهي ۾ ويجهو رستو عظيم شخصن جي سوانح عمرين جو مطالعو آهي.

بينجامن فرئنڪلن جي سوانح عمري، مثال طور، گهڻن ئي نوجوانن جي راهه روشن ڪري سگهي ٿي. ڪيرُ آهي، جو سر سيد احمد خان ۽ راجا رام موهن راءِ جون سوانح عمريون پڙهندو ۽ انهن جي اعليٰ ڪارنامن مان اتساهجي نه سگهندو؟

جو ڪجهه مختصر احوال مهاتما گوتم ٻڌ ۽ حضرت يسوع مسيح جي زندگي بابت سچ پچ اسان کي معلوم آهي، اُن ڪيترن ئي معمولي ماڻهن کي ماڻهپي جي چوٽين تائين پهچائي ڇڏيو آهي. افلاطون جي ڪتاب 'ڳالهيون ٻولهيون' ('Dialogues') جن ۾ اصل ۾ سقراط جي ئي سوانح عمري موجود آهي، انساني حيات جي سڄيءَ تاريخ جو قدم قدم تي رخ پٽي بدلايو ۽ سڌو ڪيو آهي ۽ هن جو مضمون 'سقراط جو مقدمو ۽ شهادت' دنيا جي اخلاقي اڳواڻپ لاءِ عظيم ترين رهنما تحرير آهي. ٽيپو سلطان جا آخري چيل لفظ – "شينهن جي حياتيءَ جي هڪ گهڙي بزدل گدڙ جي سؤ سالن جي حياتيءَ کان بهتر آهي" – جُولئس سِيزر جي چيل آخري لفظن جي عين مشابهه آهن: "بزدل ڪيئي ڀيرا پنهنجي موت کان اڳ مرن ٿا، پر دلير انسانَ موت جو ذائقو فقط هڪ ئي ڀيرو چکن ٿا!"

تہ نوجوان نسلُ اڳواڻپ کان محروم ٿي ئي نٿو سگهي - اڳواڻپَ، انساني تاريخ جي عظيم ترين ۽ لافاني اڳواڻن جِي، جاڪاڻ تہ اُهي پنهنجي موت کان هزارين سال پوءِ بہ اڄ ياد آهن ۽ اُنهن جي اڳواڻپ نوجوانن جي رهبريءَ لاءِ سدا موجود آهي.

عظيم شخصن جي زندگين جو مطالعو اِسان لاءِ پنهنجي عظمت ڏانهن ويندڙُ ويجهي ۾ ويجهو رستو آهي: جاڪاڻ تہ اُهڙيءَ ئي هڪڙي عظيم انسان، گوئٽي، جو اسان کي چوڻ آهي:

آواز ٻُڌا ويا،
سڳورا ۽ ڏاها سڀ ٻُڌا ويا،
جَڳُ ٻُڌو ويو، سڀِ جُڳَ ٻڌا ويا:
چتائي، چوندي، پنهنجي چوند ڪريو -
نندي آهي پر اَڪَٿ آهي –
اکيون اوهان تي آهن،
اَزل ۽ اَبد جي بي اَنت ساگر ۾:

سچو ڪمال هِتي آهي،
همت ڪريو، انعام ڪٿو!
ڪم ڪريو ۽ دل نہ هاريو!

نوجوان نسل'، اِنهيءَ ڪري ڪڏهن بہ اڳواڻن کان محروم نہ رهيو آهي. دنيا جا وڏي ۾ وڏا ماڻهو - مرد ۽ عورتون - اُنهن جي رهبريءَ لاءِ سدا موجود ۽ بصد رضا ۽ خوشي، چست ۽ چؤبند. سندن آڏو تيار بيٺا آهن: ڊڪٽيٽرن (آمرن) يا غلامدار آقائن وانگر بہ نہ، پر سندن سُونهپ لاءِ، سندن صلاحڪارن طور. عظيم گوتم ٻڌ نوجوان نسلَ کي هيٺين هڪ ڳالهين جي ڳالهہ، خواهمخواهہ يا بنان ڪنهن سبب جي، ڪا نہ ٻڌائي آهي، "نہ ڪجھ چئو چاڪاڻ تہ ٻُڌ چوي ٿو، نہ ڪجھ ڪريو چاڪاڻ تہ ٻُڌ ڪري ٿو، نہ ڪجھ سوچيو چاڪاڻ تہ ٻُڌ سوچي ٿو، پر چئو، ڪريو ۽ سوچيو چاڪاڻ تہ اوهان جو عقل 'اوهان کي اِيئن ٻُڌائي ٿو."

اهڙن اعليٰ خيالن جي سامهون هوندي، نوجوان خود پاڻ ئي اڳواڻيءَ لاءِ اُمنگجي سگهن ٿا: جيئن انگريزيءَ جي شاعر، ٽينيسن، چيو آهي — "پاڻُ ڄاڻڻ، پنهنجو مانُ پاڻ ڪرڻُ ۽ پاڻُ پنهنجي وس رکڻُ - خودشناسي، عزت نفس ۽ خودضابطگي - اِهي ٽي گڻ ماڻهوءَ کي سلطاني سهاڳ جي چوٽيءَ تائين رسائين ٿا."

اِنهيءَ ڪري، نوجوانَ بي اڳواڻ ڪيئن ٿا رهجي سگهن. هو تہ پنهنجا اڳواڻ پاڻ آهن.

--

# بقول زرتشت

(ياڳو پهريون ۽ ٻيو)

## فريڊرڪ نِٽشي


مترجم

**عبدالعزيز قنڌاري (عليگ)**

نظرثاني

**محمد ابراهيم جويو**

# تعارف

زير نظر ڪتاب ’بقول زرتشت‘ جي مصنف فريڊرڪ نٽشي جي ڀيڻ اليزبيٿ فارسٽر-نٽشي، ڪتاب جي انگريزي ترجمي “Thus Spake Zarathustra” جي ديپاچي ۾ ٻڌايو آهي ته سندس ڀاءُ جو هيءُ ڪتاب وجود ۾ ڪيئن آيو: ۽ لکن ٿيون:

’زرتشت‘ (Zarathustra) منهنجي ڀاءُ جي ذاتي، بنھ هڪ شخصي، تصنيف آهي. اِها سندس شخصي تجربن، شخصي پسندگين، آدرشن، پُرمسرت امنگن، ڏکن ۽ تلخ ناڪامين جي تاريخ آهي. سڀ ڪان وڌ، بهرحال، اِن ۾ سندس تمام اوچين اميدن ۽ دلي مقصدن جو عڪس ڏسي سگهجي ٿو. منهنجي ڀاءُ جي ذهن ۾ زرتشت جي شخصيت جو خيال شروع عمر ڪان ئي موجود هو. هڪ ڀيري، مون کي ٻڌايائين ته اُهو ننڍپڻ ۾ ڪيس خواب ۾ آيو هو. جدا جدا وقتن تي، اُهو جدا جدا نالن سان ساڻس ڳالهائيندو هو. ”هڪ رات، نيٺ“، جيئن پاڻ پنهنجيءَ هڪ لکيت ۾ چيو اٿس، ”مون خواب ۾ هڪ ايراني درويش جي صورت ۾ هُن کي ڏٺو ۽ پنهنجي اُن دوست کي سڃاڻڻ شروع ڪيو.... معلوم هجي ته سڀ کان اول ايرانين کان ئي دنيا هڪ وسيع ۽ ڪُل- پاسائين تصور جي ڳالھ ٻڌي، جنهن ۾ هُنن انسانيت جي ارتقا جي هر سلسلي جو پيشوا، پيغمبر جي صورت ۾ ڏٺو هو، جن مان هر هڪ جي هدايت ۽ تربيت جو دور وڃي هڪ هزار سالن تي محيط جاتل هو. “

’ان طرح زرتشت جي شخصيت ۽ اُن جا سڀ اوچا امنگ ۽ خيال منهنجي ڀاءُ جي ذهن جا ئي اوائلي اَنومانَ ۽ ويچارَ هئا. ڪو بہ جيڪڏهن سندس 1869-84ع جي سالن جون لکيتون، جيڪي سندس موت ڪان پوءِ جون ڇپيل آهن، ڌيان سان پڙهندو ته اُنهن ۾ ڪيس جڳھ جڳھ تي هن ڪتاب ۾ آيل اُنهن خيالن ۽ اصولن جي اوائلي صورت ڏسڻ ۾ ايندي، جيئن ”فَوق الانسان“ (Super Man) جو آدرشي خاڪو هُن جي 1873-75ع جي لکيتن ۾ پڌرو موجود آهي، ۽ سندس اوائلي هڪ تصنيف ”We Philologists“ (اسين زبانن جا ماهر) ۾ پڻ سندس هيٺيان ويچار لکيل ملن ٿا:

”سڄيءَ قوم کي ڪيئن ڪو ساراهي ٿو سگهي! خود يونانين ۾ بہ ڪي فرد ئي هئا، جي عظيم شماربا هئا ۽ ڳائبا هئا.. برابر يوناني شهرت جا

مرڪز آهن ۽ انتهائي اهم آهن، ڇاڪاڻ تہ ڪافي تعداد عظيم فردن جو اُنهن ڄٽيو ۽ اُپايو... پر وٽن اِهو سڀ ڪيئن ممڪن ٿيو؟ سوال اِهو ئي آهي، جيڪو سمجهڻو آهي ۽ جيڪو مطالعو گهري ٿو... منهنجي دلچسپي دراصل شخصن جي اُنهن رشتن ۽ هلت چلت جي ڳالهين ۾ آهي جن جي طفيل منجهن ماڻهو، فرد يا ڄڻي جي حيثيت ۾ پلجي ۽ اُپجي ٿو ۽ يونانين وٽ اُهو ماحول ۽ اُهي حالتون ماڻهوءَ جي اِئين اُسرڻ جون غير معمولي طور سازگار هيون-فرد جي نيڪ يا خاص هجڻ جي خيال کان هرگز نہ. پر عام جي پَلين بُرين، ڳرين هلڪين، اهم ۽ خسيس جبلتن جي ڪار گذاريءَ ۽ ڪشمڪشا هوندي بہ!... اِهو ماحول ڪهڙو هو؟ اِهي سازگار حالتون ڪهڙيون هيون يا آهن، جن جي هئڻ سان، جن جي اهتمام سان، ماڻهن ۾ عظيم فردَ يا ڄڻا اُپجي ۽ وڏي سگهہ تا، جيڪي عام کان پڌري پَٽ اُبري، مٿيرا اُسرن ٿا!... يا مرڳو ئي ڳالهہ ايئن آهي تہ عظيم فردَ رڳو اتفاق سان يا حادثاتي طور (By chance) وٽن ڄمي ۽ جِي پيدا هئا!... اسين بہ تہ انساني معاشري ۾ ئي اُهڙن خاصن ۽ نيارن، غير معمولي فردن جي نيپاج ۽ اُپج جي اميد رکي سگهون ٿا ۽ اهڙي خاص معاشري مان ئي اِن اميد رکڻ جو اسان کي حق بہ آهي.''

''زرتشت'' ۾ انساني معاشري مان هِن اميد يا حق جو اعلان منهنجي ياءَ جي جوانيءَ واري اِن آدرش يا اميد کان فقط ورجاءَ ۽ تازگيءَ جي حد تائين نئون آهي تڏهوڪيءَ ئي پنهنجي هڪ تحرير "Schopenhauer as Teacher" (''شوپنهار استاد جي حيثيت ۾'') هو لکي چڪو هو:

''انساني زندگيءَ جو اصل مقصد عظيم فردن (Great men) جو پيدا ڪرڻ ئي هئڻ کپي، اِهو ئي اُن جو فرض آهي، اِهو ئي ان جو ڪارج بہ آهي. ٻيو ڪو بہ نہ.''

''۽ اُتي ئي مسيح جو نالو ڪٽي، چيو هئائين تہ 'اُهو بہ بهرحال انسان ئي هو... اهڙا سڀ جا سڀ وڏي شان ۽ مان وارا (Magnificent) ماڻهو بہ هڪٻئي جي نسبت يا سلسلي ۾ بنهہ انسان بلڪ انسانن جا انسان ئي تہ هئا.''

منهنجي ياءَ عمر جي پُختي (Even-tide لهندي سج جي) دور ۾ لکيل هِن ڪتاب ۾ پنهنجي اُن آدرش بابت هڪ ويچار جو اضافو هيءَ ڪيو تہ انساني معاشري کان اِها اميد بلڪ تقاضا ڪيائين تہ اُهو برتر کان برتر بلڪ انسانن کان مٿيري انسان جي مشڪل بلڪ ناممڪن تربيت کي ممڪن ڪري

ڏيکاري. معاشري جي اهڙيءَ وصف کي هُن rearing of superman يعني فوق الانسان جي پرورش جي وصف جو نالو ڏنو.“

پنهنجي تصور جي اهڙي مهذب ۽ اعلي مقام انساني معاشري جي تعمير ۽ اهڙي مثالي ڪامل انسان جي آدرشي تصور جي بيان ۾ فريڊرڪ نتشي، هيءُ ملڪان ملڪ مشهور ڪتاب 92-1882ع ۾ لکيو جنهن کي هُن چئن ڀاڱن ۾ ورهايو اُن جي انگريزي ترجمي ۾ جملي 80 خطبا (Discourses) آيل آهن. ڪتاب جي هِن سنڌي ترجمي ۾ اُن جا فقط ٻہ ڀاڱا پورن 44 خطبن سميت پيش ٿيل آهن، (جن مان گهٽا مترجم جا ۽ ڪجهہ راقم جا بہ اضافو ڪيل آهن). لائق مترجم طرفان ڪتاب ۾ مهاڳ (12 صفحن جو) ۽ چئن بابن جو مزيد تعارفي احوال (52 صفحن ۾) بہ شامل ڪيل آهي.

ڪتاب جي هِن سنڌي ترجمي جي آخرڪار شايع ٿيڻ جي بہ هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي. اُن جو ڪجهہ ذڪر مترجم جي ڏنل مهاڳ جي احوال ۾ بہ موجود آهي، ٿورن لفظن ۾، هڪ مرحلي تي قنڌارِي مرحوم جي سنڌي ترجمي ۽ مهاڳ وغيره جو مسَوِدو (جيترو بہ ۽ جهڙو بہ اُهو هو) جهوني پراڻن ڪتابن واري هٽ ڳاڏي مان ٿي دستياب ٿيل آهي. 1954ع ۾ ڪتاب جي ترجمي جو ڪم سنڌي ادبي بورڊ جو سُونپيل، مسودي جي اڻپوري هجڻ سبب فوري طور ڇپجي نہ سگهيو. ترت ئي اُتان راقم جي تبادلي ٿيڻ ۽ مترجم جي وصال کان پوءِ مسَوِدو وارثن پنهنجي حوالي ڪيو. ڪافي ڪن سالن کان پوءِ اتفاق سان دستياب ٿيل اُهو مسَوِدو، دوست مڪرم ميان احمد، مالڪ سنڌ پرنٽنگ پريس، اُڪال پونگالين، حيدرآباد، کان ڦِري راقم وٽ پهتو. ڇپائيءَ لاءِ مسَوِدي جي ايڊٽنگ ۽ ٻئي ان جي رهيل ڪم جي پورائيءَ کان پوءِ وارثن جي مرضيءَ سان ان جي ڇپائي شروع ٿي ۽ ڪجهہ ئي مدت ۾ پوري بہ ٿي. وڏيڪ افسوس جي صورتَ اُتان کان 2006ع تائين اِها رونما ٿي تہ ڇپيل ڪتاب جا فارم بائينڊر وٽ پيا پُرندا ۽ سڙندا رهيا. ڪجهہ مهينا ٿيا تہ بائينڊر جي منٿن ۽ راقم جي تحرڪ سان روشني پبليڪيشن، حيدرآباد سان ڳالهين ڳالهين ۾ طيءِ ٿيو تہ ڪتاب جا رهيل فارم هٿ ڪري، ڪتاب جي اشاعتي ڪم جو باقي بندوبست بنان نفعي ۽ نقصان جي بنياد تي عمل ۾ آندو وڃي.

سچيءَ هن ڪهاڻيءَ کي پاسي رکي، جا ڏکي بہ آهي ۽ سچ تہ وڏيءَ سوچ واري ۽ سبق آموز بہ آهي، آءٌ پنهنجي هڪ مختصر ڳالهہ ڪرڻ گهران ٿو، جيڪا بہ هن ڪتاب جي فڪر سان ئي لاڳاپيل ۽ اسان جي پنهنجي ڪم جي آهي.

تاريخ ۾ سيني روحاني توڙي دنيائي سڌارڪن ۽ انسانن جي هڏڏو ڪين انسانيت جي راهہ کي سمجهندي ۽ سمجهائيندي، ايئن پئي ويچاريو ۽ ٻڌايو آهي تہ انسانن ۾ عظيم، مثالي يا آدرشي انسان ڪنهن کي چئي تو سگهجي ۽ اُن جو نيپاج ۽ اُپَجَ (اوَيَڙُ) ڪهڙي معاشري ۾ ۽ ڪيئن ٿئي. سچ پچ، اُهو انساني معاشرو معاشرو ناهي ۽ اُها انساني قوم قوم ناهي، جنهن وٽ آدرشي انسانَ جو معيار يا ماڻ ڪونهي. منهنجي ڄاڻ ۾ مثلاً سنڌي قوم وٽ بہ اهڙي انسان لاءِ پنهنجيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجو آدرش موجود آهي ۽ اهڙي آدرشي انسانن، اهڙن مثالي انسانن، جي پرورش، نسلن کان نسلن تائين، اسين پنهنجي گهرو ماحول، پنهنجي تدريسي ماحول، پنهنجي شهري ماحول ۽ پنهنجي راڄوٽي ماحول کي مناسب ۽ موافق بڻائي، عمل ۾ آڻي رهيا آهيون ۽ آڻي سگهون ٿا. اسان جي سداحيات شاعر شاهہ لطيف مثال طور آدرشي انسان جو تصور اسان کي هيئن بہ ٻڌايو آهي:

"جان تون ساقي آهين، وتي وِچ مَ وِجُهہ،
جود تنهنجو جڪرا، آهي ثاني سِجُ،
نينهَن پيالو نِجُ، خاص ڏج کُهيَن کي!"

۽ اُهو اسان جو قومي معاشرو جنهن ۾ اهڙو آدرشي انسانُ- هڪ نہ، ٻہ نہ، پر گهڻي کان گهڻا مهاپرش ۽ ڪامل انسان سدا اسان وٽ نِپجن ۽ اُپجن، اُن معاشري جي سڃاڻپ بہ ساهہ کان وڌ اسان جي پياري شاعر اسان کي ڪرائي آهي:

"نڪا جَهل نہ پَلَ، نڪو رائر ڏيهہ ۾،
آڻيو وجهن آهرين، روڙيو رتا گُل،
مارو پاڻ اُمُلَ، مليرو وِن مرڪٽو."

وطن آزاد، وطن جا ماڻهو آزاد، سندن پورهيو آزاد، ۽ جل 'ٿل' جام، سندن جيءَ جياپي جا و سيلا ۽ مال 'رزق' سندن پنهنجي وس ۾- اهڙي ملوڪ وطن ۾ اُن جي اهڙيءَ رهت سهت تي ماڻهو ڇو نہ جان فدا ڪن ۽ اهڙن ماڻهن تي وطن ڇو نہ مَرڪي ۽ ناز ڪري.

مَرُ مَرڪي ڌرتي ماءُ ٻچن تي ۽ مَرُ گهورَ ٿئي اولاد اهڙن وڏڙن تي، استادن ۽ بزرگن تي، ۽ هو جڏهن پڌارجن ۽ پنهنجا وارا وڃائي وڃن تہ سڄو معاشرو، وطن جا سڀ رهواسي، زالين مردين، ننڍا وڏا، يڪ جان ۽ يڪ آواز تي هرهڪ لاءِ چون:

”اُتيو ءِ اَتياڪ، ڪالهوڪو ڪاڏي ڳيو،
ويو جاڳائي جيڏيون، برهه هي بيباڪُ،
چرپر ڪاري چاڪ، سور سمهاري ڪينڪي.“

اُنهن ڪان ئي اسين ٻڌندا آيا آهيون:

”ستا اُتي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊن ڪندي نه ملي“،

”تتيءَ تڏيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وِهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پير نه لهين پرينءَ جو.“

”تڪيائي تر تيل، چڙهه چُڪيائي چو ٽئين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، يَؤ مڙي ئي پيل،
اُتي رائو ريل، ويٺين تان واري وَري.“

”اونچو اُتاهون گهڻو، جيئڻ ڪي جبلُ،
مرڻ مون سين هَل، پُنيءَ تو پنڌ ڪيان.“

”آئون، اسين، تون، توهين، چارئي چتان لاهه،
سندي دوزَخ باهه، تو اوڏيائي نه اچي.“

”چيچ مَر قطاران، سات چڙهندو لَڪئين،
ميڇڻ تيين پُٺان، وَڳ وات ٿي نه لهين.“

”جيئن تا پيچن اُن ڪي، تيئن جي پيچن پنڌُ،
رڙهي لڏائون رند، لَتين لُڪ لطيف چئي.“

نِتشي هِن پنهنجي ڪتاب ۾، جيئن اُن جي نالي مان پڌرو آهي، سان سان پنهنجي آدرشي انسان کي ”زرتشت“ جي نالي سان روشناس ڪيو آهي. ڪتاب جي چئن ڀاڱن مان هر ڀاڱي ۾ پنهنجن خطبن وسيلي ”زرتشت“ جا

اوصاف اسان جي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ لاءِ بيان ڪيا اٿس. انساني اوصاف قول ۽ فعل، علم ۽ عمل جي ٻن حوالن سان ئي اجاگر ٿين ٿا. انساني لڳ لاڳاپن ۽ رهت سهت جي ميدان ۾ هي ٻہ دائرا لازم ملزوم، يعنيٰ ناقابل تفريق آهن. ٻنهيءَ جي تفريق ئي انساني معاشري ۾ منافقيءَ، فساد ۽ فتني جو سبب بنجي ٿي- ڀلي بري ۽ سچ ڪوڙ، محبت نفرت، اميد خوف، نياءَ انياءَ جا مامرا بہ اِتان اٿن ٿا ۽ وڏي ڏاڍ ۽ هيٺائيءَ جو لقاءُ فيصلي ڏٽي بڻجي بيهي ٿو رهي ۽ سرسي ڏاڍ جي ئي پاسي واقع ٿئي ٿي. ڳالهہ جو حل هيءُ ٿو وڃي بيهي تہ ڏاڍ کي هر حالت ۾ صحيح ٿو سمجهيو وڃي، اهو غلط ڪيئن ٿئي. Might is right بدلجي right is might ڪيئن ٿئي، جي ٿيڻو يا ڪرڻو ئي آهي تہ؟ دراصل هيءُ هڪ توصيفي فيصلي جو سوال آهي، توصيفي فيصلو معنيٰ چڱي مَني جو فيصلو .Value Judgment. جيڪي ماڻهو ڏاڍ جي توصيفي اهميت کي تسليم ڪن ٿا اُهي ڏاڍ کي، طاقت کي حتمي طور صحيح سمجهن ٿا-خلاص، ڳالهہ ختم! پر آدرشي انسانَ يا جيڪي آدرشي انسانيت کي مڃين ٿا، اُهي ڏاڍ کي غلط ٿا سمجهن، اُن جي ڪا بہ توصيفي اهميت نہ ٿا تسليم ڪن. هو ڏاڍ لاءِ ڪابہ ۽ ڪنهن جي بہ سَنَدَ کي نٿا قبولين. زرتشت جي مذهب ۾ نيڪي ۽ بدي بہ جدا جدا لقاءَ آهن- ٻنهيءَ جو ڪٿي بہ جوڙ ڪونهي، وٽن نيڪي خير آهي، بدي شر آهي: نيڪي عدم تشدد آهي، بدي تشدد آهي: نيڪي سدا صحيح آهي، بدي سدا غلط آهي. ان جي معنيٰ تہ طاقت شر آهي ۽ سدا غلط آهي. طاقت ۽ تشدد حيوانيت آهي. انسانيت کي طاقت جي بالاتريءَ کان، حيوانيت کان، پاڪ ڪرڻو آهي. اعلي انسانيت کي بديءَ جي، شر جِي، طاقت جِي ضرورت ڪانهي. مثال طور، ڪميونزم جي نظريي حيات ۾ اعلي انساني معاشري کي رياست (State) جِي، يعني فردن جي اجتماعي زور يا طاقت جي بہ ضرورت رهڻي ناهي. رياست ۽ اُن جي حڪومت کي سُسي سُسي گم ٿيڻو آهي، سُڪي سُڪي نابود ٿي وڃڻو آهي، ۽ معاشري جو انتظام آدرشي انسانَ طاقت سان نہ، تشدد سان نہ، پر نيڪيءَ سان، عدم تشدد جي سگهہ سان جاري رکندا.

اهڙو آدرشي انساني معاشرو، ڪنهن بہ سطح تي- گهرو، قومي يا عالمي- گڏيل سمجهوتي جي سگهہ (energy) تي ئي هلڻو آهي، ۽ اُن جي امن، خير ۽ سلامتيءَ جو مدار بہ بردبار سَگهہ تي هوندو، پر اُها مرضيءَ ۽ سمجهہ

جي سَگهه هوندي، نہ زورَ (Power) ۽ ڏاڍ (Violence)جي. اُها ”هرهڪ جي سگهه سينيءَ لاءِ ۽ سينيءَ جي سگهه هرهڪ لاءِ“ جي اصول تي بيٺل هوندي. اعليٰ انسان (فردَ بلڪ جملي انسانن) جي اعليٰ انسانيت جي تقاضا ۽ سچاٽپ بہ اِهائي آهي. پر جيتر هر انسان جي انسانيت اُن پَدَ تائين وڌي، رَسي ۽ پُختي ٿئي، تيتر هڪ پاسائون زور پنهنجي عمل يعني ڏاڍ (Violence) ذريعي ئي ڪم ڪندو رهندو ۽ تيتر معاشري ۾ زور جو توازن يا توڙ ضروري بڻجي ٿو- جو تہ هيٺائي يا گهٽ زور (less power) وڌ زور (more power) کي الرَ ۽ هَلان ڪرڻ جو گس ڏسي ٿو، بلڪ دعوت ڏئي ٿو.

فريڊرڪ نِٽشي پنهنجي هِن ملڪان ملڪ مشهور ڪتاب ۾ ”زرتشت“ جي واتان، هلندڙ ڏاڍ جي سوب (might is right) واري معاشري ۾ زورَ جي توازن يا توڙجي ڳالهہ ڏاڍي پڌري ۽ پردرد انداز سان پيش ڪري ٿو تہ جيئن آدرشي معاشري جي اُيرڻ ۽ قائم ٿيڻ تائين، ڏاڍن ۽ زور وارن لاءِ ڏاڍ جي زور تي پاڙڻ ۽ حڪم هلائڻ ۽ پاڻ- هيٺن تي فقط رحم ۽ قياس جي ڏيکاءَ ڏيڻ ۽ ڏيکاءَ ڪرڻ جو وٽن ڪو ڳتو يا موقعو نہ رهي. هن چاهيو ٿي تہ تيسين تائين اُن لاءِ هر انسان گهربل زور پاڻ وٽ موجود رکي، ۽ لازم هو تہ پنهنجي “will to power” يعني پنهنجي ”زوردار هجڻ جو ارادو“ سالم ۽ محفوظ رکي. آدرشي معاشري ۾ انسانن لاءِ زوردار هجڻ جِي جاءِ تي فقط عالي همت ۽ اعليٰ حوصلي، علم ۽ عملَ، قول ۽ فعل جي يڪسانيت ، وَسَ ۽ صلاحيت آهر محنتَ ۽ پنهنجي گهرج سارو جياپي، سک سانت ۽ صالح وندر وِرونهن لاءِ ضروري ساز سامانَ جِي ئي درڪار رهڻي هئي.

نِٽشي پنهنجي سڄي هن فڪري سلسلي جي پيشڪاريءَ ۽ وضاحت طور، هيٺينءَ تربيت سان خاص طرح اَٺ ڪتاب لکيا:

1. The Brith of Tragedy (1872), (English Trans- 1967)
2. Untimely Opinions (1872), (English Trans- 1974)
3. Human All-too Human, (English Trans-1896)
4. Beyond Good and Bad (1886), (English Trans-1966)
5. On the Genealogy of Morals (1887), (English Trans- 1965)
6. Ecco Homo (1888), (English Trans- 1969)
7. Thus Spake Zarathustra (1892), (English Trans- 1944)

8. The Will to Power (1900), (English Trans- 1968)

زير نظر سنڌي ترجمو سندس ڪتاب "Thus Spake Zarathustra" جي جملي ڇئن ڀاڱن مان پهرين ٻن ڀاڱن جو ڪيل آهي، جن ۾ نٽشي جا 44 خطبا (Discourses) آيل آهن. هيءُ ترجمو وس آهر پوريءَ محنت ۽ خاص ڌيان سان عمل ۾ آيل آهي. رهيل ٻن ڀاڱن جا 36 خطبا بہ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ ڪپن. اُن لاءِ وري بہ پنهنجي نيڪ نام قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ کي ئي گذارش ٿي سگهي ٿي. نٽشي جو هيءُ ڪتاب جيتوڻيڪ سندس آخري ڪتابن مان هڪ هو پر انگريزيءَ ۾ اُن جو ترجمو سڀنيءَ کان پهرين ٿيل آهي. سنڌي ادبي بورڊ جڏهن انگريزيءَ جي چوند ڪتابن جي ترجمي جي رٿا جوڙي هئي تہ سنڌ جي عالمن ۽ اديبن کان سندن پسند جي انگريزي ڪتاب جا نالا گهرايا هئائون، سنڌ جي ٻن چوٽيءَ جي عالمن، ڊاڪٽر دائودپوٽي ۽ علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ، جيڪي ڪتاب پسند ڪيا هئا، تن ۾ اتفاق اِهو هو، جو ٻنهي کان پهتل نالن ۾ هيٺيان ٽي ڪتاب ساڳيا هئا:

(1) اٽليءَ جي قديم مصنف بوڪيسيو (Boccaccio) جو "Decameron" (1313)

(2) اسپين جي قديم مصنف سروانٽيس (Cervantes) جو "Don Quixote" (1605)

(3) جرمنيءَ جي جديد مصنف نِٽشِي (Nietzsche) جو "Thus Spake Zaradustra" (1892)

ان مان زير نظر ڪتاب جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هن ڪتاب ۾ جتي اعليٰ انسان ۽ اعليٰ انسانيت جو توصيفي ذڪر تفصيل سان آيل آهي، تِتي اَسفل السافلين يعني نيچ انسان ۽ نيچ انسانيت جو بيان بہ اُهڙي ئي انداز ۽ اهڙيءَ ئي باريڪ بينيءَ ۽ بي خوفائيءَ سان ٿيل آهي. اسان جي سدا حيات شاهہ لطيف ۽ ٻين اعليٰ شاعرن بہ انسان ۽ انسانيت جي انهن ٻنهي درجن جي ڳالهہ اسان لاءِ پنهنجي اعليٰ شاعريءَ ۾ جڳهہ جڳهہ تي آندي آهي. اِن حوالي سان اسان کي نٽشي جي هِن بي مثل ڪتاب جا رهيل ڀاڱا بہ سنڌيءَ ۾ پڙهڻ ۽ پرجهڻ لاءِ موجود ٿي ملن تہ تحقيق اهو اسان جي سنڌي ادب لاءِ اهم اضافو ثابت ٿيندو.

هڪ ٻہ سال گهٽ پوريءَ اڌ صديءَ کان پوءِ نئشي جي هن انمول ڪتاب جي اڌ ترجمي جي ڇپيل ۽ جُلدبند ڪتابي صورت ۾ هيءَ پيشڪش ممڪن ٿي سگهي، اُن لاءِ اسان ٿي سنڌي ادبي بورڊ ۽ مرحوم مغفور مترجم عبدالعزيز قنڌاريءَ (عليگ) ۽ سنڌس معزز وارثن ۽ پرنٽر ۽ بائينڊر عزيز دوستن ميان احمد، ۽ بائينڊر محمد عرفان جي شڪرگذاري لازم آهي، آءٌ راقم پنهنجي سِر هِن قابل ستائش اشاعت جي آخرڪار ايئن ممڪن ٿيڻ لاءِ ”روشني پبليڪيشنَ“ جي صاحب اختيار محترم علي نواز گهانگهري صاحب جو ٻہ دِلي احسانمند آهيان.

**محمد ابراهيم جويو**

حيدرآباد، سنڌ
22 نومبر 2006ع

# مهاڳ

بنـــام آنکـــ او نـــامي نـــدارد
بهـر نـامي کـ خـواني سـر بـرآرد

In the name of Him who hath no name at all,
and yet responds to thy spirit`s call,
Whatever name thou usest in thy need.

هر ملڪ ۽ قوم جي وجود ۽ ترقيءَ جو اُن جي ٻوليءَ سان گهرو تعلق آهي. ٻوليءَ جو تعلق وري ثقافت سان، ڪلچر سان ۽ ثقافت (جنهن ۾ ساهت شامل آهي) جو تعلق اُن ملڪ ۽ قوم جي تهذيب و تمدن ۽ روايات سان آهي. انهيءَ ڪري، ٻولي صحيح، سالم ۽ زنده آهي تہ اُهو ملڪ ۽ اُها قوم بہ زنده رهندي، اگرچہ زماني جي گردش ڪٽي منجهن ڪيتريون بہ ڦيريون گهيريون آڻي-

**"قوم زنده تي رهي، پر جي زبان زنده رهي."**

ٻوليءَ کي تنهن ڪري قومن جي تاريخ ۾ وڏي اهميت حاصل آهي.

برصغير پاڪ و هند ۾ آفتاب اسلام جو طلوع پهريائين اسان جي ديس سنڌ ۾ ٿيو. سنڌ جي سرزمين کي اِن ڪري باب الاسلام هئڻ جو فخر حاصل آهي. واديءَ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن هونئن گهڻو اڳاٽا آهن. سنڌي قوم کي انهيءَ ڪري پنهنجي تهذيب ۽ تمدن، ثقافت ۽ ٻولي آهي.

سنڌي زبان تحقيق هڪ قديم ۽ وسيع زبان آهي. ان جي وسعت جو اندازو اِن مان بہ ڪري سگهبو تہ زبان مان هر قسم جي نڪرندڙ آواز لاءِ ونس هڪ جدا حرف آهي. اِن طرح اُن وٽ ٻاونجاهہ حرف آهن. اِها خصوصيت سنڌي ٻوليءَ کي ٻين ٻولين کان ممتاز ۽ منفرد ڪري ٿي ۽ ٻولين جا الفاظ انهيءَ ڪري سولائيءَ ۽ خوبين سان اُها پاڻ ۾ جذب ڪري سگهي ٿي. ايئن اُن ۾ عربيءَ، فارسيءَ، پراڪرت، سنسڪرت، انگريزيءَ ۽ ٻين ڪيترين ئي زبانن جا الفاظ موجود آهن ۽ اهڙيءَ طرح منجهس رلي ملي ويا آهن جو اهي اُن جو جزو بنجي ويا آهن ۽ اُن جي مزيد وسعت جو باعث بڻيل آهن.

الله تعاليٰ اسان جي پياري وطن سنڌ کي اهو شرف اُوليٰ بہ بخشيو آهي تہ اُن جي مٽيءَ مان ڪيترائي اولياءَ، عظيم مفڪر، فيلسوف، عالم ۽

فاضل، اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا. جهڙوڪ اُنهن سينيءَ جو چٽ، دنيا جو عظيم المرتبت مفڪر، فلسفي، صوفي، شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ رحہ-

”جهنگ ۾ جهانگي ٿيا جهونگارن لطيفي لات ڪي
”سوز سان، سڪ سان، مٺي آواز سان عبداللطيف
”بيت ۽ وايون سندس قرآن جي تشريح آهہ
”سنڌ جو هڪ رازدان ۽ نڪتہ دان عبداللطيف.“

شاهہ عبداللطيف رحہ ديس سنڌ جو ڪهڙي پاپي جي عظيم هستي هو، تنهن لاءِ مختصر لفظن ۾ هيترو چوڻ ڪافي ٿيندو، جيئن علامہ آءِ. آءِ. قاضي رحہ ”لطيف ڪچهري“ (منعقده نول راءِ هيرانند ائڪيڊمي، بتاريخ 5-آڪٽوبر، 1957ع) جو افتتاح ڪندي فرمايو:

**’نيست پيمبر ولي دارد ڪتاب‘.**

اُنهن بزرگن ۽ اعليٰ انسانن جي ذريعي ۽ برڪت سان ئي اسان جي ديس سنڌ ۾، اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾، ذهني ۽ علمي ترقي اوج تي پهتي ۽ وقت بوقت ديني ۽ فڪري تجدد ٿيندو رهيو-

شڪر فيض تو چمن چون ڪند اي ابر بهار
ڪِہ اگر خار و اگر گل همہ پرورده تست.

ايئن سنڌي زبان سنڌ ديس جو تاريخي ورثو آهي، جنهن کي سڌارڻ، سنوارڻ ۽ وڌائڻ هرهڪ سنڌي فرزند جو فرض اولين آهي، ڇاڪاڻ تہ قوم ۽ ملڪ جي مجموعي ترقي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي ڦلجڻ ڦولجڻ جو دارومدار ٻوليءَ جي ترقي ۽ تر و تازگيءَ سان وابستہ آهي.

جديد همعصر عالمي ترقيءَ کي ڏسندي چئي سگهجي ٿو تہ، فرنگيءَ جي دور غلاميءَ ۾، سنڌي زبان ڪو خاطرخواه واڌارو نہ ڪري سگهي. بلڪ ايئن چئجي تہ، علمي خيال کان مٿس جمود جي حالت طاري هئي تہ بہ بيجا نہ ٿيندو. تاريخ جي مطالعي مان پتو ٿو پوي تہ ٻوليءَ ۽ اُن جي سڀ-پاسائين ساهت جي ترقي عالمن ۽ فاضلن، اديبن ۽ شاعرن جي سرپرستيءَ سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي. توڙي جو سنہ 1936ع ۾ صوبي سنڌ کي، هڪ طرح جي صوبائي خودمختياري (Provincial Autonomy) نصيب ٿي پر پوءِ بہ اسان جون سياسي پارٽيون، جيڪي ’برسر اقتدار‘ آيون، گهڻي قدر رڳو اُن نام نهاد اقتدار جي جوڙ توڙ ۽ بکيڙي ۾ ئي رڌل هيون. پنهنجي مادري زبان ۽

ساهت جي خدمت ڪرڻ، سنڌي قوم جي فڪري قوتن کي اڀارڻ، ۽ سنجيدگيءَ سان تعليم کي پکيڙڻ ۽ مفيد ۽ مؤثر بنائڻ، سرڳواس ٽيل اديبن ۽ شاعرن جا ادبي شاهڪار منظر عام تي آڻڻ، ماضيءَ جي توڙي همعصر دنيا جي بزرگن، عالمن ۽ فاضلن جي علمي ۽ تخليقي خزاني کي گڏ ڪري ۽ سنڌيءَ ۾ آڻي، ان مان مستفيد ٿيڻ يا پنهنجن ايندڙ نسلن کي اُن مان بهر ور ٿيڻ جي موقعي ميسر ڪري ڏيڻ کان اسين وري بہ غافل ۽ قاصر رهياسين-

و اي ناڪـــامي متـــاع ڪـــاروان جاتـــا رهـــا
ڪـــاروان ڪـــي دل ســـي احســـاس زيـــان جاتـــا رهـــا.

بهرحال، ترت ئي، سنہ 1940ع ۾، سنڌي زبان ۽ ساهت جي دلداده محترم جي- ايم- سيد صاحب کي سنڌي زبان جي بي ڪسي ۽ مسڪينيءَ جو احساس ٿيو، ۽ سنڌن تحرڪ سان 14 آگسٽ 1940ع تي سنڌ سرڪار طرفان هڪ "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" قائم ڪيو ويو، جنهن ٻين ڪن رٿائن سان گڏ، سنڌي زبان جي هڪ جامع سنڌي لغت ٺاهڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، پر بورڊ جي اُن ڪم ۾ رفتار تيز نہ هئڻ سبب ۽ پڻ بورڊ جي ڪن ميمبرن جي دارالبقا ڏانهن راهي ٿي وڃڻ ڪري، اُن سنڌي لغت جو ڪم چئن حرفن کان اڳتي وڌي نہ سگهيو، ۽ پوءِ تہ خود "مرڪزي صلاحڪار بورڊ" جي بہ نہ شروع واري سرگرمي رهي، نہ بلند مقاصد لاءِ اُن جو اُهو اُتساهہ ۽ جوش و خروش ئي باقي رهيو-

از آبلہ بر برگ گلت نيست نشانها
بر روي تو جاي نگهہ ماست ڪ خالي ست،

سنہ 1947ع ۾ برصغير پاڪ ۽ هند جي تقسيم ۽ پاڪستان قائم ٿيڻ بعد اسان جي ديس سنڌ ۾ هڪ نئون دور شروع ٿيو ۽ عجيب و غريب حالتون پيدا ٿيون، جنهن ڪري سنڌي زبان ۽ ساهت ڏانهن متوجہ ٿيڻ هڪ امر محال ڏسڻ ۾ پئي آيو، درحقيقت اهو عذر لنگ ٿيندو ۽ حقيقت کان منهن موڙڻ ٿيندو جي ايئن چئبو تہ اُن وقت بہ اسان سنڌين پنهنجي مادري زبان ۽ ساهت جي واڌاري ۽ سُڌاري ڏانهن غفلت ۽ ڪوتاهيءَ کان ڪم نہ ورتو ۽ خواب غفلت ۾ نہ رهياسين.

قيام پاڪستان کان چئن سالن بعد، سن 1951ع ۾، خدا خدا ڪري، وري بہ محترم جي- ايم سيد جي تحرڪ سان سنڌ سرڪار طرفان نئين سر

هڪ بورڊ، ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي نالي سان قائم ٿيو ۽ چڱيءَ طرح محسوس ڪيو ويو تہ ”هيءَ نہ ويل وهڻ جي“- ۽ جي هن وقت بہ سنڌي زبان ۽ ساهت جي سڌاري ۽ واڌاري طرف تيزيءَ سان وک نہ وڌائي ويئي، تہ پوءِ هٿ مهٽيا پوندا، ۽ پوءِ ”نہ رهندو بانس نہ وڄندي بانسري.“

چنانچہ ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي فيصلي موجب، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، محترم محمد ابراهيم جويي، مارچ 1954ع ۾ ڪراچيءَ مان پريس ۾ صلاي عام وسيلي، ديس سنڌ جي مڙني عالمن ۽ فاضلن، اديبن ۽ شاعرن کي سڏ ڏنو تہ پنهنجون ادبي خدمتون سنڌي ادبي بورڊ جي سپرد ڪري تعاون ڪن، تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي ترقيءَ جي راهہ ۾ تيزيءَ سان گامزن ٿجي- چاڪاڻ تہ ”سنڌي ٻولي ۽ اُن جو ادب جن غير معمولي حالتن مان گذاري رهيا آهن، تن ۾ سندن حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ پڻ ڪي غير معمولي طريقا ئي اختيار ڪرڻا پوندا... جيڪي منزلون ٻين ٻولين سوين سالن جي عرصي ۾ طيءِ ڪيون آهن، تن مان اسان جي ٻوليءَ کي گهٽي ۾ گهٽ ڏهن يا ويهن سالن جي مختصر عرصي ۾ ئي گذرڻو هو- ۽ اِها ڳالهہ تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿي، جڏهن سنڌ جا سمورا عالم ۽ اديب گڏجي هن ڪم ۾ هٿ وجهن.“

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، جي اِن اعلان جي ٿورن ڏينهن بعد، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم صاحب ”خليل“ صدر، جميعت الشعراء سنڌ، هڪ ڏينهن مون وٽ آيو، ۽ دوران گفتگو، دريافت ڪيائين تہ مون سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، جو سڏ ورنايو هو ۽ لبيڪ چئي هئي يا نہ! ڪيس ٻڌايم تہ منهنجي غيرت اها ڳالهہ نہ ٿي گوارا ڪئي تہ علمي ۽ ادبي خدمت بجا آڻڻ لاءِ آءٌ پاڻ درخواست ڪريان. ڊاڪٽر صاحب اصرار ڪيو، پر مون ايئن ڪرڻ کان نابري واري. ٿوري عرصي گذرڻ بعد، هڪ آچر جي شام جو، علامہ آءِ- آءِ- قاضي صاحب جي بنگلي نمبر 37، سِول لائينس، حيدرآباد تي سندن علمي ۽ ادبي محفل مان بهره افروز ٿيڻ خاطر ويس. اُن وقت پروفيسر ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب ۽ پروفيسر ڊاڪٽر هاليپوٽو صاحب اُتي اڳي ئي آيل هئا. ٿوريءَ دير بعد، علامہ قاضي سير و تفريح خاطر ٻاهر نڪتو. اسين ٽي ڄڻا بہ ساڻس گڏ هئاسين. پسار ڪندي، سنڌي ادبي بورڊ جو ذڪر خير ٿيو. علامہ صاحب دريافت ڪيو تہ مون سنڌي ادبي بورڊ کي درخواست موڪلي هئي يا نہ. انڪاري جواب عرض ڪندي، اُهو ساڳيو عذر پيش ڪيم، جو ڊاڪٽر محمد

ابراهيم ”خليل“ کي ڏنو هوم. اِن تي علامہ صاحب، مشڪندي فرمايو ”سنڌي ٻوليءَ ۾ ساهت جي خدمت خاطر درخواست ڪرڻ ۾ ڪو مهٽو نہ هئڻ ڪپي!“

اِن طرح علامہ صاحب جي اُن ايماء کان متاثر ٿي اپريل 1954ع ۾ سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، کي پنهنجي خدمت جي آڇ لکت ۾ ڪيم- پر گهٽي شش و پنج ۾ هبڪ هٺڪ کان پوءِ. ٻڌڻ ترڻ ۾ دل من هٽڻ جو ڪارڻ هيءَ هو تہ آءٌ نہ عالم و فاضل نہ اديب ۽ شاعر هوس- صغر سنيءَ ۾ تقدير پنهنجي وطن مالوف ۽ والدين جي آغوش ۾ سايہ عاطفت مان ڪڍي، ڪٽي هڪ ڏورانهين ڏيھ، افغانستان، ۾ اُڇلايو، جتي اسلامي فضا ۾ ماحول، عالمن، فاضلن ۽ بزرگن جي صحبتن مان مستفيض ٿيڻ جو موقعو ميسر ٿيو ۽ پڻ هڪ طالب علم جي حيثيت ۾ حُجري جي زندگي نصيب ٿي، جنهن مان ٿورو گهڻو عربي ۽ فارسي علم پڻ پرائڻ جو موقعو مليو. گويا بقول سعدي عليہ الرحمة-

بگفتا من گِلي ناچيز بودم
و ليڪن مدتي باگُل نشستم.

بهرحال، پنهنجي درخواست ۾ سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، کي عرض ڪيم تہ تاريخ، اقتصاديات، نفسيات، اخلاقيات يا فارسيءَ جو ڪو ڪتاب ترجمي ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو تہ خوشيءَ سان اِها خدمت بجا آڻيندس، جو ڪاليجي تعليم وٺندي، اهڙن موضوعن تي ڪن ڪتابن جو اڀياس ڪيو هوم. ٽن مهينن گذرڻ بعد، جولاءِ 1954ع جي پڇاڙيءَ ۾، سيڪريٽريءَ اطلاع ڏنو تہ بورڊ جي اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ اوڻيهين صديءَ جي مشهور و معروف جرمن فيلسوف، فريڊرڪ نيٽشي جي ٻن ڪتابن- ”بقول زرتشت“ ۽ ”فوق الانسان“- جي ترجمي ڪرڻ لاءِ هن ناچيز جي نالي جي سفارش سنڌي ادبي بورڊ کي ڪئي آهي: اُن سان گڏ ترجمي ڪرڻ جي ڪن شرط شروط کان پڻ هُن آگاهہ ڪيو ۽ منظوريءَ بابت جواب گهريو.

مشهور و معروف جرمن فيلسوف جي ٻن ڪتابن جي ترجمي ڪرڻ جي فرمائش ٻڌي، ويچارڻ وينس تہ هيءُ ڪٺن ڪم مون کان پڇي بہ سگهندو! اِن جو ڪارڻ هيءُ هو تہ ڪاليجي تعليم جي زماني ۾ مون ڪڏهن پلجي بہ ڪنهن فيلسوف جي ڪتاب کي هٿ ڪونہ لاتو هو. اِن پس و پيش ۽ تردد جي حالت ۾ هيءُ فارسي بيت ياد آيو-

بہ هر ڪاري ڪ همت بستہ گردد
اگر خاري بود گلدستہ گردد.

۽ پڻ لاطيني زبان جي چوڻي دل تي تري آيم-

Labor omnia vincit

Labour conquers everything

يعني،

دانائن جي اِن نڪتي جي وضاحت ڪندي، فارسي شاعر چيو هو تہ

در اين دير ڪهن رسمي ست ديرين

ڪ بي تلخي نباشد عيش شيرين.

اِن طرح توڪل ڪري، سيڪريٽري بورڊ ڪي اِقراري جواب ڏنم- ۽ ايئن سچيءَ سونهاريءَ سنڌڙيءَ جي عالمن ۽ فاضلن، اعليٰ ڊگري يافتن ۽ اديبن مان هن ناچيز ڪي هڪ عظيم ۽ جڳ مشهور جرمن فيلسوف جي ٻن ڪتابن ڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ با محاوره ترجمي ڪرڻ لاءِ منتخب ڪري، هڪ ڏکيو ۽ انوکو ڪم منهنجي سپرد ڪيو ويو-

’قرعہ فال بنام من ديوانہ زدند!‘

اِن بعد فريڊرڪ نيٽشي جي اُنهن ٻن ڪتابن جي ڳولا ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي مڙني ڪتب فروشن جي دڪانن جا چڪر لڳايم، پر ڪتاب بہ ملي نہ سگهيا. نيٺ سنڌي يونيورسٽيءَ جي وسيع لئبريريءَ ڏانهن رخ ڪيم، پر مرحوم رضوي، لائبريرين، افسوس ظاهر ڪندي ٻڌايو تہ سنڌ يونيورسٽي لئبرري اجا اهڙن ڪتابن سان سينگاري نہ ويئي هئي. اِهو دلشڪن جواب ٻڌي، گهڻي نااميدي ٿيم. پر هن دنيا ۾ انسان اميد جي سهاري ئي جيئي ٿو، تنهن ڪري اميد نہ لاٿيم ۽ هي قول دل تي تري آيم: مَن طلب فقد وجد، يعني جوينده يابنده، ڳولڻ وارو اوس لهندو- اڳي ڪي پوءِ، چنانچہ ٿيو بہ ايئن. اٽڪل ڏيڍ مهيني بعد هڪ ڏينهن سنڌ يونيورسٽيءَ وڃڻ ٿيو ۽ قاضي نبي بخش صاحب (اسسٽنٽ پروفيسر، فارسيءَ) سان اتفاقيہ ملاقات ٿي. دوران گفتگو معلوم ٿيم تہ فريڊرڪ نيٽشي جو ڪتاب ”بقول زرتشت“ وٽس هو. عرض ڪرڻ تي اُهو مسٽر قاضيءَ عاريتاً عنايت ڪيو، جنهن لاءِ سندس شڪرگذار آهيان- سندن ڪتاب تي استنبول 1944ع جو ٺپو لڳل هو ۽ پڻ ڪتب فروش جو نالو، عمر رضا ڊو گول، بہ، جنهن مان معلوم ٿيو تہ اُهو استنبول مان خريد ڪيل هو، ٻن مهينن جي عرصي گذرڻ بعد، سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ بہ اِن ڪتاب جو هڪ ايڊيشن هٿ ڪري موڪليو.

گهربل ڪتاب ملڻ تي خوشي ته ٿيم، پر جڏهن اُن جو مقدمو ۽ پهريون حصو پڙهي ڏٺم ته حيراني وٺي ويم، ۽ سوچڻ لڳس ته ’ڇا هن ڪتاب جو سنڌي ٻوليءَ ۾ با محاوره ترجمو ٿي سگهندو؟ اُن جو ڪارڻ هيءُ هو ته مصنف هن ڪتاب، ”بقول زرتشت“، ۾ جا عبارت ڪم آندي هئي، سا ڏاڍي مشڪل، ڳوڙهي ۽ سمجهڻ ۾ اَولي ۽ اَوکي هئي، عبارت ۾ تمثيلات مقولات ۽ ضرب المثل منجهس گهڻا هئا. نيٽشي پنهنجي هڪ اوائلي ڪتاب ”آغاز حزن“ (The Origin of Tragedy) ۾ موسيقيءَ کي هڪ ڊرامئٽڪ آرٽ جو بنياد سڏيو آهي. هن پاڻ به موسيقيءَ تي لکيو آهي. ۽ ڪتاب ”بقول زرتشت“ ۾ به هن اڪثر شعوري طور، سرود آگين ۽ غنائي محاورا ۽ اصطلاح ڪم آندا هئا. ڪتاب ۾ جڏهن يوناني مفڪرن ۽ فيلسوفن، جهڙوڪ هرئڪليٽس (Heracleitus) ۽ افلاطون (Plato) ڏانهن متوجهه ٿئي ٿو ته هنن جي تحريرن جو پختو متخيل شاعرانه خوبين جو عنصر ڪيس ڪشش ڪري ٿو ۽ پنهنجي ٻوليءَ کي اُنهن خوبين سان پوريءَ طرح جهنجهي ويهي پري ٿو! ڇاً، ڪتاب جون اِهي سڀ وصفون ۽ نزاڪتون اُن جي سنڌي ترجمي ۾ آڻي سگهبيون!؟

ڪتاب ”بقول زرتشت“ جو ترجمو اصل جرمن ٻوليءَ مان پهريائين ٿامس ڪامن نالي هڪ انگريز عالم سنه 1905ع ۾ انگريزيءَ ۾ ڪيو، جنهن جو ديباچو فريڊرڪ نيٽشي جي ڀيڻ ايليزبيٿ فاسٽر لکيو. اِن کان پوءِ پروفيسر اي ٽلي (Prof. A. Tille) پڻ اِن جو ترجمو ڪيو، جنهن تي مس بوزمين (Miss M. Bozman) نظرثاني ڪري، اُن ۾ اُها اصل جي غنايت موٽائي آندي، جا اُن جي پهرئين ترجمي ۾ غائب هئي. ڪتاب ”بقول زرتشت“ کي سرود آگين (Musical Composition)، سڏيندي، مس بوزمين چوي ٿي:

> ”صنائع ۽ بدائع جي فراواني، جا ’بقول زرتشت‘ جي صفحن ۾ نظر اچي ٿي، اُن جي همسري ڪو به موجوده شاعر نه ڪري سگهندو. تمثيلات، مقولات ۽ ضرب المثل، جي نيٽشي ’بقول زرتشت‘ ۾ ڪم آندا آهن، سي بنـيَن (Bunyun) جي بي باڪانه استعارن ۽ تمثيلي زبان جي ياد تازه ڪن ٿا.“

اِن مان بخوبي اندازو ڪري سگهبو تہ ڪتاب ”بقول زرتشت“ ڪي بامحاوره سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ ڪيتري قدر ڪٺن ۽ اوکو ڪم آهي. فطري تقاضا موجب مادري زبان جي الفت ئي آهي، جا فريڊرڪ نيٽشي جي بدائع ۽ صنائع سان پرپور عبارت ڪي (جا ”بقول زرتشت“ ڪتاب ۾ هن ڪم آندي آهي) سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي جي دشوار گذار واديءَ مان عبور ڪرڻ جي همت افزائي ڪري ٿي. ورنہ نيٽشي جي تمثيلات، مقولات ۽ ضرب المثلن سان لبريز عبارت ڪي سنڌي زبان جو جامو ڍڪائڻ هڪ امر محال نظر اچي ٿو. هيءُ ترجمو هڪ استثنا چئجي جو درحقيقت تائيد ايزديءَ ئي تي مبني آهي.

دانائن جو قول آهي تہ ڪنهن فيلسوف يا دانشور جي فلسفي يا نصيحت آموز اقوال، اصول، نظريات ۽ مطمع نظر ڪي پوريءَ طرح پروڙڻ لاءِ ضروري آهي تہ مصنف يا مؤلف جي زندگيءَ جا حالات، واقعات، نظريات، تصنيفات ۽ تاليفات ڪان ڀريائين واقف ٿجي. اِن قول جي مدنظر ڪتاب ”بقول زرتشت“ جي نفس مضمون ڪان اڳ، فريڊرڪ نيٽشي جي زندگيءَ جي حالات، واقعات، نظريات ۽ تصنيفات جو ٿورو ذڪر ڪيو ويو آهي، تہ جيئن پڙهندڙ جرمنيءَ جي هن شهره آفاق فيلسوف جي فلسفي ۽ نظريات ڪي پوريءَ طرح پروڙي، اُن مان ڪي ڪجھ پرائين ۽ مستفيد ٿين.

هيءُ ڪتاب ترجمو آهي هڪ فلسفي جي ڪتاب جو. ”فلسفو منزل نہ، پر رستو آهي، ذوقَ جستجو جو“. هر فيلسوف جي تصنيف ڪي غور ۽ خوض سان مطالعو ڪرڻ ضروري آهي. جرمنيءَ جو هيءُ شهره آفاق فيلسوف هڪ نرالو ۽ پنهنجي نوع جو فيلسوف آهي. هُن ڪتاب جي عبارت ۾ نهايت اختصار ڪان ڪم ورتو آهي، جنهن ڪي بمع اُن جي تمثيلن، تشبيهن، مقولن ۽ ضرب المثلن جي فراوانيءَ جي، پوريءَ طرح پروڙڻ ۽ سمجهڻ لاءِ غور و خوض، ذوقَ تحقيق ۽ تفتيش جي مسلسل درڪار آهي. تنهي اُن جي ورقن ورائڻ مان ڪجھ بہ پرائي نہ سگهبو. سرسري پڙهڻ سان هيءُ ڪتاب هڪ خشڪ ميدان يا دشت و بيابان نظر ايندو ۽ قارئين اُن ۾ شديد الجهن محسوس ڪندا ۽ پوءِ پاسيرو رکي، وري شايد هٿ لائڻ جي همت نہ ڪندا.

ترجمي جي اسلوب بيان متعلق هيترو عرض ڪرڻ ڪافي ٿيندو تہ اُن جي عبارت ۾ حتي الوسع سلاست جو لحاظ رکيو ويو آهي، مگر تنهن هوندي بہ هڪ فلسفي جي ڪتاب ڪي ڪنهن طرح بہ افسانو نٿو بنائي سگهجي.

مجبوراً اُن ۾ اصطلاحي الفاظ ڪم آڻڻا تا پون ۽ اسلوب بيان کي علمي حدن اندر رکڻو تو پوي.

پڇاڙيءَ ۾ گذارش آهي تہ ترجمي ۾ غلطيون بہ هونديون ۽ لغزشون بہ، زبان جي خامي بہ هوندي ۽ عبارت جي پيچيدگي بہ؛ پر جيئن تہ هن ميدان ۾ منهنجي هيءَ پهرين عملي ڪوشش آهي، تنهن ڪري قارئين ڪرام کان خطا پوشيءَ ۽ عيب پوشيءَ جي اميد ٿو رکان. جيڪڏهن پڙهيل ڳڙهيل ۽ سمجهدار طبقي قدرداني ڪري، حوصلہ افزائي ڪئي، تہ آءٌ ڪنهن ٻيءَ علمي خدمت کي هٿ لائڻ جي همت ڪري سگهندس.

پروردگار هن ترجمي جي مقصد کي علم دوست پڙهندڙن جي ڪشاده سينن ۾ واضح ڪري ۽ علم ۽ تحقيق جي اجايلن کي وڌيڪ ذوقَ- تلاش ۽ جستجو عطا فرمائي، تاڪ هن ڪشاڪش حيات ۾ فوق الانسان بڻجڻ جا رستا مٿن روشن ٿين- وما توفيقي الا باالله- اميدوار م ڪ. مترجم را از دعاي خير محروم و منسي نسازند:

بر ڪريمان ڪارها دشوار نيست!

حيدرآباد سنڌ

9- آڪٽوبر، 1958ع

**اي، عزيز قنداري** (عليگ)

**نوٽ:**

1. هِرئڪلٽيس (Heracleitus: 535-475 B.C)يونان جو فيلسوف هو، جو پنهنجي هن عقيدي يا نظريي ڪان مشهور هو تہ 'سيڪا شيءِ رقيق حالت ۾ تيز حرارت ڪان وهندڙ ۽ جاري آهي' - هو باهہ کي هڪ آدي يا اوائلي عنصر ڄاڻندو هو، ۽ چوندو هو تہ باهہ مان دنيا ازخود پيدا ٿي ۽ اُها انسان جي بہ اصل روح روان آهي.

2. افلاطون (Plato: 427-337 B.C) يونان جو مشهور و معروف فيلسوف هو. اٿينس (Athens) ۾ پاڙهيندو هو. پنهنجي ليڪچرن ۽ تصانيف ڪري هن وڏي شهرت حاصل ڪئي، 'ڊايالاگس' (Dialogues) ۽ "ريپبلڪ" (Republic) هن جون واجب التعظيم مشهور تصنيفون آهن، جن ۾ هُن جو فلسفي جو پيش ڪيل قابل قدر نظام، قديم زماني کان بحث مباحثي هيٺ هلندو آيو آهي.

هن جو سچو نالو اَرسٽوڪلس (Aristocles) هو. هو سقراط جو پيروڪار ۽ مريد هو ۽ ارسطوءَ جو استاد هو. عرب ڪيس 'افلاطون اِلاهي' جي نالي سان سڏيندا هئا.

3. بَنيَن (John Bunyun : 1628- A.D): هيءُ ايلسٽو (Elesto) نزد بيڊ فورڊ (Bedford) شهر ۾ پيدا ٿيو. هن جا والدين تمام غريب هئا. هن جو والد ٺاٺارو هو. هن هڪ غريب ڇوڪري جي حيثيت ۾ غريبن جي اسڪول ۾ تعليم ورتي. ننڍيءَ اوستا ۾ ئي هو ٺاٺارڪي ڌنڌي ۾ پنهنجي پيءُ جو مددگار ٿيو. وڏي هوندي هو چرچ آف انگلنڊ (Church of England) جو هڪ پادري بڻيو ۽ گهڻي مذهبي جوش و جنون هئڻ سبب، هو ڪرام ويل (Cromwell) خلاف، پارليامينٽ پارٽيءَ طرفان خانہ جنگيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ گرفتار ٿي بيڊ فورڊ جيل ۾ ٻارهن مهينا قيد ۾ گذاريائين، جتي هن بہ ڪتاب لکيا: هڪ، "زائر جو سفر" (Pilgrim`s Progress) ۽ ٻيو، مقدس جنگ (The Holy war) — ٻنهي ڪتابن ۾ ، خاص ڪري "مقدس جنگ" ۾ هن، وڏيءَ بي باڪيءَ سان، مجازي ۽ تمثيلي عبارت ڪم آندي آهي.

# فلسفي تي هڪ نظر

جرمنيءَ جي شهرهء آفاق فيلسوف، فريڊرڪ نيتشي، ”فوق الانسان“ متعلق پنهنجا نظريات ۽ خيالات علمي ۽ فلسفي دنيا جي دلچسپيءَ لاءِ پيش ڪيا آهن، تن تي غور و خوض ڪرڻ ۽ اُنهن کي سوچڻ ۽ سمجهڻ کان اڳ، هي ڄاڻڻ ضروري آهي تہ فلسفو ڇا آهي، يا فلسفو ڇا کي ٿو چئجي، تہ جيئن هِن ڪتاب جي مصنف جي فلسفي کي ڄاڻي ۽ سمجهي، ڪي ڪجهہ حاصل ڪجي ۽ اُن مان مستفيد ٿجي.

**لفظ ”فلسفي“ جي معنيٰ:** لفظ ”فلسفو“ مُعَرب آهي ”فلاسفيءَ“ مان، ۽ ”فلاسفي“ مشتق آهي ٻن يوناني لفظن، ”فلا“ ۽ ”سافيا“ مان — ”فلا“ معنيٰ محبت ۽ ”سافيا“ معنيٰ علم. اهڙيءَ طرح، ”فلاسفي“ جي معنيٰ ٿي ”محبت علم جي“؛ مگر استعمال ان لفظ جو ”تحقيق علم“ يعني ”علم جي تحقيق“ جي معنائن ۾ ٿيندو آهي. قدماء فلسفي جو اطلاق هر علم، طبعي ۽ غير طبعي، مادي ۽ غير ماديءَ تي ڪندا هئا؛ ليڪن هن جديد دور ۾ صرف غايت و نهايت ۽ الاهيات؛ جي مسئلن جو فلسفي سان تعلق سمجهيو وڃي ٿو.

**فلسفي جي ماهيت (حقيقت يا اصليت):** ڪائنات ۽ ڪائنات جي اَجزا تي ڪو نظر ڪرڻ گهري تہ مختلف ۽ متعدد حيثيتن سان ڪري سگهي ٿو. مثال طور، هڪ حيثيت سان تہ فلاڻي فلاڻيءَ شيءِ سان اسان جي روزمره زندگيءَ جي ضرورتن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون سهوليتون ٿين ٿيون؛ يا مثال طور، اِن لحاظ کان تہ موجودات جي مشاهدي مان دل ڪهڙن ڪهڙن شاعرانہ جذبات کان متاثر ٿئي ٿي؛ وغيره، ليڪن جيڪڏهن نفعي ۽ ضرر، حسن ۽ قبح کان قطع نظر، خالص علمي تحقيق مقصود آهي، تہ پوءِ اِن نقطي خيال کان ڪائنات تي نظر ڪرڻ جون ٻہ ٽي صورتون ممڪن آهن. هڪ هيءَ تہ مختلف شين جي متعلق مختلف آلاتِ حِس جي وسيلي سان ڪهڙيون ڪهڙيون معلومات حاصل ٿين ٿيون؟ مثال طور، فرض ڪريو، هن وقت هڪ گل اسان جي اڳيان رکيو آهي؛ جڏهن اسين اُن کي اک سان ڏسون ٿا تہ معلوم ٿئي ٿو تہ ان جو رنگ ڳاڙهو آهي، هٿ سان ڇهون ٿا تہ هي رقيق سيال (وهڻ

واري شيءِ) نہ آهي بلڪ هڪ جامد جسم رکي ٿو هٿ ۾ ڪٽون ٿا تہ ٿورو گهڻو وزن محسوس ٿئي ٿو. اڇليون ٿا تہ ميز تي ڪجهہ آواز پيدا ٿئي ٿو، نڪ سان سونگهون ٿا تہ خوشبوءِ محسوس ڪريون ٿا - باهہ تي رکون ٿا تہ سڙي رک ٿيو وڃي. مطلب تہ انهن تجربن مان اسان کي گل جون مختلف صفتون ۽ اعراض — رنگ ثقل، وزن، آواز، خوشبوءِ، وغيره- جو علم حاصل ٿئي ٿو. اِنهن ڪيفيتن ۽ صفتن کي شين جي خواص سان بہ تعبير ڪن ٿا ۽ جڏهن ڪنهن متعين شعبي جي اندر شين جي خواص جو ڪو مرتب ۽ منظم علم حاصل ٿئي ٿو، تہ اُن کي سائنس چون ٿا. علم جي مُرتب ۽ منظم هئڻ مان مراد هيءَ آهي تہ اِن علم جا مڙيئي اَجزا هڪٻئي سان علت ۽ معلول جي سلسلي ۾ مربوط (لاڳو، مسلسل يا نسبتي) هجن، يعني اِهو معلوم ٿئي تہ فلاڻن فلاڻن خواصن جي جمع ٿي وڃڻ سان فلاڻو نئون خاصو ظهور ۾ ايندو ۽ فلاڻي واقعي جي توجيهہ ۽ تعليل فلاڻن اسبابن جي بنا تي ٿي سگهي ٿي.

پوءِ هي بہ ظاهر آهي تہ شين جا خواص بلحاظ پنهنجي نوعيت جي، هڪٻئي کان مختلف هوندا آهن. ان ڪري ”سائنس“ جا بہ مختلف اصناف ۽ قسم هوندا آهن. هر صنف هڪ ئي نوع جي خواص کي ڌيان ۾ رکي ٿي ۽ صرف اُنهيءَ سان بحث ڪري ٿي. مثال طور سائنس جو هڪ شعبو وزن، حرارت، آواز، رنگ وغيره سان بحث ڪري ٿو، اُن کي ”طبعيات“ چوندا آهن؛ ٻئي شعبي ۾ اَشياءِ عالم جي ترڪيب ۽ تحليل ۽ اُنهن خواص ترڪيب ۽ تحليل سان بحث ڪجي ٿو، اُن جو نالو ”ڪيميا“ آهي؛ هڪ ٻئي شعبي ۾ اجسام جي صرف خواص جا ڪيترا اصناف ۽ اقسام آهن ۽ اِنهن مان هر قسم بجاءِ خود ڪيترن وڌيڪ اصناف ۽ قسمن ۾ تقسيم ٿئي ٿو- مثال طور، تشريح افعال الاعضاءِ، نباتيات، حوانيات- هي سڀ ”علم الحيات“ جا ڀاڱا ۽ قسم آهن.

موجودات عالم تي علمي حيثيت سان نظر ڪرڻ جي هڪ صورت اِها ٿي، جنهن جو ذڪر مٿي ٿيو آهي ۽ جنهن جي نتيجن کي سائنس سان تعبير ڪيو ٿو وڃي. ٻي صورت هيءَ آهي تہ ڪائنات جي اجزا جي علت غائي (يعني اصلي وجهہ يا سبب) تي عقل جي روشنيءَ ۾ غور ڪجي ۽ عقل جي حدن اندر رهي هي ڏٺو وڃي تہ فلاڻيءَ شيءِ جو وجود ڪهڙي آخري عرض، ڪهڙي آخري مقصد جي لاءِ آهي. جو علم ڪائنات تي اِن حيثيت سان نظر ڪري ٿو. اُن جو نالو فلسفو آهي.

سائنس ۽ فلسفي جو فرق هڪ واضح مثال ذريعي هيئن سمجهڻ گهرجي. مثال طور، علم الحيات (سائنس) جي مطالعي سان اسان کي معلوم ٿي ٿو وڃي تہ

جيستائين انسان جي چوڏاري ڪي خاص حالتون جمع ٿيون آهن، مثلاً هڪ خاص مقدار ۾ حرارت، هڪ خاص درجي جي روشني، هڪ خاص قسم جي آب و هوا، ان وقت تائين انسان زنده آهي ۽ جڏهن انهن حالتن ۾ ڪا اهم تبديلي ۽ تغير واقع ٿيو، انسان جي زندگيءَ جو خاتمو ٿي تو وڃي: پر هي مسئلو تہ انسان جي زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي، اهڙو آهي، جنهن کي علم الحيات يا سائنس جو ڪو بيو شعبو هٿ لائي ٿو سگهي. ان سوال جو جواب ڏيڻ فلسفي جو ڪم آهي.

اِهو برابر آهي تہ اغراض ۽ مقاصد جي تلاش هر معمولي شخص بہ پنهنجي روزانيءَ زندگيءَ ۾ ڪندو آهي، مگر فرق هيءُ آهي تہ هن جا سوال شين جي قريبي ۽ فوري اغراضن جي متعلق هوندا آهن: برخلاف اِن جي هڪ فيلسوف جي خيالات جو تعلق سدائين شين جي اغراض بعيده ۽ مقاصد اوليٰ سان هوندو آهي. جيڪڏهن ڪو دريافت ڪري تہ هي ڪاغذ هِن وقت ميز تي ڇو رکيو آهي تہ اِهو هڪ عاميانو سوال آهي، پر جيڪڏهن ساڳيو ئي شخص هي دريافت ڪري تہ ڪاغذ جو علم وجود ۾ اچڻ، ان جي ڇا مصلحت، ڇا مطلب، ڇا غرض آهي، تہ اِهو هڪ فلسفياڻو مسئلو بڻجي ويندو.

هڪ ٻئي پيرايي ۾ فلسفي جي تعريف (معنيٰ يا سمجهاڻي) هنن لفظن ۾ ٿي سگهي ٿي: تہ هيءُ اُهو علم آهي، جنهن ۾ موجودات جي متعلق وسيع ترين ڪليات قائم ڪيا وڃن ٿا. مثال طور، اسين هڪ نهايت عام واقعي، سج اُڀرڻ، کي ٿا وٺون: آفتاب جو طلوع هئڻ هر معمولي شخص روزانو ڏسي ٿو ۽ اُن جي بنا تي هو يقين رکي ٿو تہ آئنده بہ اُهو هر روز طلوع ٿيندو رهندو. پر هو اِن يقين تي ڪو دليل نہ ٿو پيش ڪري سگهي، بلڪ عادت جي بنا تي اِن کي بطور اعتقادَ جي مڃي ٿو؛ هڪ سائنسدان اِن ڪان وڌيڪ هي ڪري ٿو تہ زمين جي گردش محوري، سج سان اُن جو تعلق ۽ اهڙي طرح جي ٻين طبعي سببن جي تحقيق ڪري ٿو. ۽ پوءِ اُن مان هيءُ نتيجو ٿو ڪڍي يا اختيار ڪري تہ جيستائين اِهي طبعي اسباب قائم آهن، اُن وقت تائين اِن جي معلول (يعني سج جي اڀرڻ) جو روزانو واقع ٿيندو رهڻ لازمي آهي؛ ليڪن هڪ فيلسوف اِن ڪان اڳيرو ۽ گهڻو اڳيرو وڌي ٿو وڃي - هو هي ملحوظ رکي ٿو تہ جسمِ ۾ قوت ڪشش ڏسجي ٿي ۽ جيئن جيئن اجسام جي وچ ۾ فاصلو وڌندو ٿو وڃي، اُن نسبت سان اِها قوتِ (ڪشش) مدهم ٿيندي ٿي وڃي، ۽ هو اِهو بہ پيش نظر رکي ٿو تہ آڪسيجن ۽ هائڊروجن ۾ هڪ خاص تناسب سان آميزش (ملاوت) ٿئي ٿي، تہ هميشہ اُهو مرڪب پاڻيءَ جي شڪل اختيار ڪري ٿو (سائنسي فارمولا

پاڻيءَ جو $H_2O$ آهي، يعني ٻه حصا هائڊروجن گئس جا ۽ هڪ حصو آڪسيجن گئس جو، پاڻ ۾ گڏجڻ يا ملائڻ سان اهو مرڪب پاڻيءَ جي شڪل اختيار ڪري ٿو) ۽ هو هي ٻه نظرانداز نٿو ڪري تہ جيترا افراد پيدا ٿين ٿا انهن ڪي هڪ خاص زندگيءَ بعد موت جي هٿان مغلوب ٿيڻو پوي ٿو. تہ هي سڀ ڪليات آهن، جن ۾ هڪ طبيعات جي متعلق آهي، ٻيو ڪيمسٽريءَ ۽ ٽيون علم الحيات جي ۽ ظاهري طور اِهي هڪٻئي سان بلڪل غير متعلق معلوم ٿين ٿا. ليڪن هڪ فيلسوف اِنهن ڪليات تي، جن کي سائنسدان جدا جدا ۽ فرداً طور ڄاڻي ٿو، ۽ يڪجائي ۽ ڪُني نظر وجهي ٿو ۽ جو اصل اصول اُنهن مختلف مثالن جي تہ ۾ بطور قدر مشترڪ جي مضمر آهي، هو (فيلسوف) اِن مان چڪي تاڻي مطلب جي معنيٰ ڪڍي ٿو، يعني اُنهن مڙني ڪليات سان هڪ وسيع تر ۽ عام تر، هڪ ڪليو هي ڪڍي ٿو تہ ڪائنات جي هر شيءِ، خواهہ جاندار هجي يا بيجان، مرڪب هجي يا مفرد، هڪ معين ۽ مقرر قانون، هڪ مخصوص ضابطي، هڪ خاص نظام جي پابند آهي، جنهن ۾ ڪوبہ خلل ۽ تغير نٿو ٿئي ۽ جنهن سان گڏ ان جي حرڪت ۽ سڪون، ترڪيب ۽ تحليل، موت ۽ حيات وابستہ آهي تہ اِن سڀ مان هڪ فيلسوف جي نگاهہ اِن نڪتي تي پهچي ٿي وڃي ۽ ان ڪليي جي تحت ۾ "طلوع آفتاب" کي آڻي، هو هيءُ دليل قائم ٿو ڪري تہ ڇاڪاڻ تہ هي واقعو بہ اِن مرتب ۽ منظم ڪائنات جو هڪ جزو آهي، تنهن ڪري لازمي آهي تہ اِن ۾ دائمي ترتيب ڏسڻ ۾ اچي ۽ ان ڪري هڪ مقرر وقت کان پوءِ اِن جو طلوع ٿيندو رهڻ يقيني آهي!

مٿئين بحث مان معلوم ٿيو هوندو تہ فلسفي جو عنصر حقيقي هي آهي تہ هو نظام موجودات تي مجموعي ۽ يڪجائي (ڪُنيءَ) حيثيت سان نظر ڪري ٿو ۽ تنهن ڪري اُن جو موضوع بحث تمام وسيع آهي. چنانچہ عملي حيثيت کان اِها خصوصيت دنيا جي مڙني فلسفي نظامن ۾ مشترڪ هلندي اچي ٿي. يوناني فيلسوف ان باري ۾ خاص طور ممتاز رهيا آهن. اُنهن قديم فيلسوفن کي پنهنجي غير محدود وسيع النظريءَ تي فخر هو. افلاطون هڪ هنڌ هڪ فيلسوف جي خصلتن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان ضِمن ۾ لکي ٿو:

"جڏهن هن کي (فيلسوف کي) گاريون ڏنيون ٿيون وڃن، تہ هو گارين ڏيندڙ پنهنجي ان بدگو مهربان جي ذات تي حملو نٿو ڪري... جڏهن هو ٻڌي ٿو تہ فلاڻو شخص هزارن لکن ايڪڙن جو مالڪ آهي، تہ اهو اِن کي نهايت هلڪي ڳالهہ ٿو سمجهي، جو هو پنهنجي عالم تصور ۾ سڄيءَ دنيا کي پيش رکڻ جو عادي آهي.

جڏهن هن جي اڳيان ڪنهن شخص جي عالي نسبيءَ جا راڳ ان بنا تي ڳايا وڃن ٿا تہ هو پشت بہ پشت رئيس آهي وغيرہ، تہ هو انهن مداحن جي متعلق پنهنجي دل ۾ چوي ٿو تہ هي ڪيتري قدر تنگ ۽ محدود نظر رکڻ وارا لوڪ آهن، جو سچي عالم تي نگاهہ نٿا ڪن ۽ ايترو نٿا سمجهن تہ هر فرد جا هزار اسلاف گذري چڪا آهن، جن ۾ ڪي گدا، ڪي امير، ڪي فقير، ڪي متمدن، ڪي وحشي، مطلب تہ هر طرح جا ڪجهہ نہ ڪجهہ ماڻهو ٿي چڪا آهن.

ويچار ڪرڻ جي ڳالهہ آهي تہ مٿئين اقتباس ۾ قديم ۽ جديد فيلسوفن جي سردار، افلاطون، فلسفي جي جيڪا وصف مخصوص ٻڌائي آهي، اُها هن جي نظر ۾ همہ گير آهي ۽ متاخرين ۾ ”هيگل“ ۽ ”اسپينسر“ بہ اِن کي فلسفي جي امتيازي وصف ٺهرائي آهي.

فلسفي جي اِها ماهيت قرار ڏيڻ کان پوءِ اِن مسئلي سان جيڪي لازمي منطقي نتيجا پيدا ٿين ٿا، انهن مان بہ خصوصيت سان اهم آهن:

(1) سڀ کان پهريون لازمي منطقي نتيجو (Corollary) هيءُ تہ، سائنس جي مقابلي ۾، فلسفي جو مطالعو عام دنيوي فائدي جي حاصل ڪرڻ ۾ معاون ۽ مددگار نٿو ٿئي. سائنس جو هڪ امتيازي خاصو هيءُ آهي تہ اُن جي هر قسم ۽ صنف مان انسان کي ڪوترت ۽ مادي فائدو محسوس ٿئي ٿو: جيئن طبعيات جو عالم نيون نيون مشينون ۽ ڪَلون ايجاد ڪري ٿو، علم الحيات جو عالم مرضن جي دفع ڪرڻ ۾ حياتيءَ کي وڌائڻ جون تدبيرون ٻڌائي ٿو، هيئت جو عالم ايندڙ موسمي حالتن ۽ ندين ۾ پاڻيءَ جي گهٽ يا وڌ ٿيڻ بابت آگاهہ ڪري ٿو. پر فلسفي (فيلسوف) جڏهن ڪو نظريو قائم ٿو ڪري تہ هن کي اِنهن ڳالهين سان بلڪل غرض نہ آهي تہ انهن مان ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون رحمتون پيش اينديون يا ڪهڙين ڪهڙين سهولتن جو اضافو ٿيندو ۽ عوام جي آسائش تي اُن جو ڪهڙو اثر پوندو يا نہ پوندو؟ بلڪ هو بلڪل بي غرضانہ ڪائنات جو مطالعو ڪري ٿو ۽ پنهنجي تحقيقات جو جيڪو بہ نتيجو هو ڳولي لهي ٿو، اُن کي پنهنجي يا ٻين جي فائدي يا نقصان کان قطع نظر ڪري، بجنسي پيش ڪري ٿو. فيثا غورس يوناني، جنهن سيني کان اڳ لفظ ”فلاسافر“ وضع ڪيو هو، دوران سفر هڪ دفعي فليس جي شهر ۾ پهتو. اتي جي حاڪم هن جي قابليت ۽ علميت ڏسي، حيران ٿي، هن کان رپافت ڪيو تہ ”اوهان جو ڌنڌو ڪهڙو آهي؟“ فيثا غورس جواب ۾ هڪ تقرير ڪئي ۽ اُن ۾ فرمايو:

”انساني زندگيءَ جي تشبيهہ ڪنهن وڏي ميلي يا تماشي سان ڏيئي سگهجي ٿي، جتي گهڻائي لوڪ اِن غرض سان اچن ٿا تہ پنهنجا پنهنجا ڪرتب ڏيکاري نالو پيدا ڪن، ۽ ٻيا ڪيترائي ان لاءِ اچن ٿا تہ خريد و فروخت جي ذريعي مالي نفعو حاصل ڪن، ليڪن ڳاٽاٽي جا چند افراد اهڙا بہ هوندا آهن جن کي نہ حصول شهرت سان واسطو آهي نہ ڪنهن قسم جي مالي فائدي حاصل ڪرڻ سان، بلڪ هو زياده عالي حوصلہ هوندا آهن، ۽ صرف اِن واسطي ايندا آهن تہ اهڙن موقعن جي مختلف ڪيفيتن جو علم ۽ تجربو حاصل ڪن. اهڙيءَ طرح هن دنيا ۾ جتي عام لوڪ شهرت يا منفعت جي حصول لاءِ ڪوشش ۾ مصروف رهندا آهن، ڪي شخص عام دنيوي محرڪات کان بي نياز ٿي پنهنجي حيات جو مقصد صرف فطرت جو مطالعو ۽ راز هستيءَ جو ڄاڻڻ ٺهرائين ٿا. انهن شخصن کي فيلسوف سڏيان ٿو ۽ منهنجو شمار بہ ان جماعت ۾ آهي.“

”هي برابر آهي تہ سائنس بہ ڪائنات تي عقل ۽ حواس جي ئي وسيلي سان نظر ڪري ٿي، ليڪن نتائج ۽ ثمرات جي لحاظ کان سائنس سدائين نفعي ۽ راحت جو سامان ميسر ڪندي رهي ٿي، يعني سائنس جي ترقيءَ جو نتيجو هيلتائين برابر هيءَ ٿيندو رهيو آهي تہ نوان نوان ايجادات ظهور ۾ آيا، جن لازمي طور تي روزانہ زندگيءَ جي مادي ڪاروبار ۾ لذتن ۽ راحتن ۽ آرائشن جو اضافو ڪيو آهي. برخلاف ان جي فلسفو پنهنجي نقطي نظر، طرز تحقيقات، نتائج، مطلب تہ ڪنهن حيثيت سان بہ، دنيا جي عام مادي ۽ حسي منافع طرف پهچائڻ وارو نہ آهي. فِلسفي جو نصب العين صرف فِطرت جو اونهو مطالعو عقلي نقطي نظر سان ڪرڻ ۽ اُن مان نتيجا اخذ ڪرڻ آهي. اُن جي تحقيقات جيڪڏهن رائج الوقت اخلاق يا مذهب يا قانون يا آداب معاشري جي ابتڙ يا موافق هجي، تہ فيلسوف کي، ٻنهي صورتن ۾، مطلق پرواهہ نہ آهي. جرمنيءَ جو مشهور معروف فيلسوف، هيگل، اِن عجيب موقف جو قائل رهيو آهي تہ وجود ۽ عدم، هستي ۽ نيستي، شيءِ ۽ لا شيءِ، جي ظاهري طور بلڪل هڪٻئي جي ابتڙ معلوم ٿين ٿا، دراصل هڪ ئي مفهوم جا آهن، اِن مسئلي جي بنا تي هو چوي ٿو تہ جي ماڻهو مون تي اعتراض ڪن ٿا تہ منهنجي عقيدي موجب انسان جي لاءِ پنهنجي ذات، پنهنجو گهر ٻار، پنهنجا محسوسات، بلڪ خدا جي وجود جو مڃڻ يا نہ مڃڻ، اقرار يا انڪار برابر ۽ ساڳي ڳالهہ نظر اچن ٿا ۽ انهيءَ ڪري منهنجي عقيدي جو بيجا هئڻ واضح آهي تہ مان انهن معترضن کي جواب ۾ چوان ٿو تہ توهان ماڻهو فلسفي جي ابجد کان بہ ناآشنا آهيو فلسفي جي تہ

عين منشا ٿي هيءَ آهي تہ انسان ۾ خالص اجتهاد فڪري پيدا ٿئي ۽ نظريات جي صورت ۾ پنهنجي فڪر جي ثمرات پيش ڪرڻ وقت اُن ڪي ان ڳالهہ جي مطلق پرواه نہ هجي تہ اُن جي خيالات جو متس يا دنيا تي ڪهڙو اثر پوندو. تنهن ڪري ڪنهن فلسفيانہ نظريي تي نڪتہ چيني ڪرڻ تہ ان جي مڃڻ سان فلاڻا فلاڻا نقصان لازم اچن ٿا يا فلاڻين فلاڻين محبوب شين کان دستبردار ٿيڻو پوي ٿو، هڪ غلط بنا تي نڪتہ چيني ڪرڻ آهي“.

(2) ارتقائي حيثيت کان فلسفي جو نمبر سائنس کان پوءِ ٿو اچي، يعني تاريخي ترتيب جي لحاظ کان سائنس کي فلسفي تي اڳرائي آهي. يعني سائنس پهريائين ۽ فلسفو پوءِ وجود ۾ آيو. اِن جو سبب ظاهر آهي. هي فطرت جو قانون آهي تہ انسان سدائين سڀ کان پهريائين انهن شين ڏانهن متوجهہ ٿيندو آهي، جي بقاي حيات آسان بنائين ٿيون ۽ جي هن جي گهرجن ۽ ضرورتن ۾ شامل ٿي چڪيون آهن. مثال طور کاڌو پيتو، موسم جي تڪليفن کان بچاءُ وغيره. پوءِ هو جڏهن انهن کان فارغ ٿيندو آهي تہ زندگيءَ جي تڪلفات ڏانهن مائل ٿيندو آهي ۽ اهڙي اهڙي نوع جي سامان جي فڪر ڏانهن مائل ٿيندو آهي، جنهن مان هن لاءِ زندگيءَ جي ڪار ڪرت ۾ آسائش ۽ آسودگي ۽ سهولت پيدا ٿئي ۽ هن جي زندگي لطف سان ڪٽجي. جڏهن اِن ڪوشش ۾ بہ هڪ حد تائين هو ڪامياب ٿي ٿو وڃي، تڏهن وڃي هن جي دماغ ۾ ڪافي مٿانهين ۽ ڪافي پري جي ڳالهہ متعلق سوال پيدا ٿين ٿا ۽ هو اُنهن سوالن تي غور ڪرڻ شروع ڪري ٿو، جن جو هن جي موجود زندگيءَ سان سڌو ڪو تعلق ڪونهي. فلسفي جا مسئلا، جيئن اسين مٿي چئي آيا آهيون، ڇاڪاڻ تہ اهڙائي هوندا آهن جن سان مادي زندگيءَ جي غم ۽ راحت، سُودَ ۽ زيان تي ڪو فوري اثر نٿو پوي، تنهن ڪري ماڻهن جو اِنهن کي ڏورانهان ۽ هڪدم ضروري نہ سمجهي، اُنهن ڏانهن توجهہ نہ ڏيڻ بلڪل طبعي تقاضا آهي. ڪنهن ملڪ ۾ فلسفي جو ذوق ۽ شوق صرف اُن وقت پيدا ٿي سگهي ٿو، جڏهن قوم جي عام حِسي ۽ عقلي سطح هڪ ڪافي حد تائين بلند ٿي چڪي هجي. ارسطوءَ جي لفظن ۾، ”انسان فلسفي ڏانهن ان وقت توجهہ ڪري سگهي ٿو، جڏهن هو پنهنجون ضروريات زندگي مهيا ڪري چڪو هجي.“

اِهو ئي سبب آهي تہ ڪنهن ملڪ ۾ هر زماني ۾ فيلسوف پيدا نٿا ٿين، بلڪ صرف اُن وقت پيدا ٿين ٿا، جڏهن سائنٽيفڪ تحريڪ سان گڏ مُلڪ ۾ عام حسي بيداري ڦهلجي چڪي هوندي آهي. چنانچہ يورپ جي سرزمين تي بيڪن ۽

ڊيڪارٽي جڏهن فلسفي جو سنگ بنياد رکيو، تہ اُن کان اڳ ڪيپلر ۽ گليلو جون سائنٽيفڪ تحريڪون ذڪر جي ڪارفرمائيءَ لاءِ سطح کي هموار ڪري چڪيون هيون.

اِن سان گڏ هيءُ نڪتو بہ قابل لحاظ آهي تہ فلسفو جيئن تہ انسان کي رسم ۽ رواج، ۽ خيالات موروثيءَ جي بندش کان آزاد ڪري ان کي بجاءِ خود دماغي قوتن کان ڪم وٺڻ تو سيکاري، تنهن ڪري فڪري اجتهاد جو هيءُ روح ڪنهن قوم ۾ اُن وقت تائين نٿو پيدا ٿي سگهي، جيستائين اِها قوم پنهنجي قديم خيالن ۽ اڳوڻن عقيدن تي تقليدي طور قائم رهڻ تي، قانع ۽ مطمئن آهي. هڪ متحرڪ قوم جنهن وقت بام تمدن جي پوڙيءَ تي قدم رکندي، هلندي وڃي ٿي، اُن جا افڪار دماغي ۽ اُن جون علمي حوصلہ منديون فقط عام طرح ڪم ۾ ايندڙ رواجي ڳالهين تائين محدود رهن ٿيون، پر جڏهن اُهائي قوم پوري شباب تمدن تي پهچي وڃي ٿي، تہ اُن وقت کان ان ۾ عقليت جو روح بيدار ٿيڻ لڳي ٿو ۽ عقلي بلند پروازيون شروع ٿين ٿيون ۽ پوءِ هوءَ فلسفي جي خشڪ ۽ مادي طور غير نفع بخش بحث مباحثي ڏانهن متوجه ٿئي ٿي ۽ اُن ۾ فيلسوف ۽ 'حڪيم' پيدا ٿيڻ لڳن ٿا. پر اِها بہ حقيقت آهي تہ انتهائي عروج ۽ آغاز زوال جون سرحدون گڏيون پيون آهن: تنهن ڪري عين اُن وقت جڏهن علوم حڪمت ۽ فلسفي جي بازار گرم هوندي آهي قوم ۾ انحطاط ۽ هيٺائي شروع ٿي ويندي آهي، جنهن مان ظاهر بين فلسفي جي علمن جي نحوست جو نتيجو ڪيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ فلسفي جو رواج ۽ اشاعت قوم جي تمدني ۽ سياسي بربادِيءَ جا سبب آهن. حالانڪ سچ پچ اهڙي مرحلي تي جيڪي ٿئي ٿو، اُهو رڳو هيءُ آهي تہ فلسفي جي اشاعت ۽ تمدن جو عروج بہ هم زمان واقعا هجن ٿا ۽ جيئن تہ ڪمال شباب جي معنيٰ ئي هيءَ آهي تہ پيرانہ ساليءَ جون حدون شروع ٿي ويون، تنهن ڪري اُن جو الزام ۽ اُن جي تهمت فلسفي جي فروغ ۽ اشاعت جي سر تي مڙهجي وڃي ٿي. تاريخ ان ڪُليي (فلسفي جي اشاعت ۽ تمدن جي اِنحطاط جي همعصر هجڻ) جون شاهديون ڪثرت سان پيش ڪري ٿي. يوناني فلسفي جو شباب افلاطون جي وقت ۾ ٿيو، ليڪن اُن جي ٿورن ئي ڏينهن بعد سڪندر جي وفات سان گڏ سلطنت يونان جو شيرازو چڙوچڙ ٿي ويو. اٿينس وارن فلسفي ۾ اُن وقت ڪمال ڪيو جڏهن تہ هو حڪومت ڪرڻ جي ناقابل ٿي مقدونيا جي تاجدارن جي زيرنگين ٿي رهيا هئا. هوڏانهن اسڪندريہ ۾ فلسفۂ اشراقين (Neo-Platonists) جو آفتاب اُن وقت چمڪيو ۽ نصف النهار تي پهتو، جڏهن رومن قوم جي اقبال جي شام ٿي رهي هئي.

فلسفي جي ماهيت (حقيقت، اصليت) بيان ڪرڻ بعد، هاڻي پڙهندڙن کي بخوبي معلوم ٿي ويو هوندو تہ فلسفو ڇا آهي يا فلسفو ڇا کي ٿو چئجي. مختصر هيءَ تہ فلسفو ہن سوالن جا جواب ڏئي ٿو:

(الف) عالَم يا عالَمِ موجودات (جنهن جو بنياد مٽيءَ ۽ پاڻيءَ تي آهي) ڪُلي ۽ مجموعي حيثيت سان ڇا آهي؟

(ب) اِن جي علت غائي (انتهائي سبب) ڇا آهي؟

فلسفو اُهو علم آهي جنهن ۾ موجودات جي متعلق وسيع ترين ڪليات ۽ جامع ترين نظريات قائم ڪيا تا وڃن. فلسفي جو عنصر حقيقي يا اصلي مايو هيءَ آهي تہ اُهو عقل جي حدن اندر موجوداتِ عالم جي نظام تي مجموعي ۽ ڪامل حيثيت سان نظر وجهي ٿو. تنهن ڪري اُن جو موضوع عقلي دائري ۾ بيحد اپار ۽ وسيع آهي.

## خلاصو:

هن باب ۾ فلسفي متعلق جي ڳالهيون پيش ڪيون ويون آهن، سي پنهنجي قارئين جي سهوليت لاءِ، هڪ خلاصي طور، هتي پيش ڪريون ٿا.

فلسفو حيات ۽ بقاء حيات جي اسرار جي عقده ڪشائيءَ جو نالو آهي. اِها عقده ڪشائي معقولاتي نقطي نظر سان ڪئي وڃي ٿي.

ايران جي هڪ شاعر ڪائنات کي هڪ پراڻي ڪتاب سان تشبيھ ڏني آهي، جنهن جو پهريون ۽ پويون ورق ڪجھ اهڙيءَ طرح وڃائجي ويو آهي جو نہ اِهو ٿو معلوم ٿئي تہ شروع ڪيئن ٿيو هو، نہ اِن جو ڪجھ پتو ٿو پوي تہ ختم ڪٿي وڃي ٿيو ۽ ڇو ٿيو؟

ما ز آغاز و انجام جهان بي خبريم،
اول و آخر اين ڪهنہ ڪتاب افتادست.

انسان جڏهانڪر پنهنجي هوش ۽ حواس ۽ آگهيءَ جون اکيون کوليون آهن، هو اِن مُعمّي جو حل ڳولي رهيو آهي ۽ اِن تلاش ۽ ڳولا ۾ آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح هن کي وڃايل وِرقن جو سِراغ ملي وڃي ۽ پتو پوي. فلسفو نالو آهي اِن کدو ڪاوش، اورچائيءَ ۽ اُدم جو ۽ اُن جي اثرات ۽ نتيجن جو. هڪ فيلسوف کي پنهنجي فلسفيانہ مباحث جي توضيح ۾ دفتر ڪارا ڪرڻا ٿا پون، پر فارسي شاعر مٿي ذڪر ڪيل شعر جي صرف ٻن مصرعن ۾ علم ۽ حڪمت، هي ٻہ سوال جا خزانا سمائي ڇڏيا آهن.

انسان اجا خود آگاهيءَ ۽ پنهنجي جاڻ پڇاڻ جي منزل ۾ قدم رکيو ۽ جيئن هُن تي غور ۽ فڪر جا رستا ڪشادا ٿيا، تہ هن جي ذهن جي سطح تي اڀريا:

(1) هن جي زندگيءَ جو مفهوم يا مقصد ڇا آهي؟

(2) ارد گرد يا چوڌاري پکڙيل ڪائنات جي جوڙجڪ، بناوت يا نظام ڇا آهي؟

معلوم نہ آهي تہ اِن رستي جي مختلف ڪُنڊن ۾ انسان ڪيستائين بي راهہ رويءَ جو شڪار رهيو. ها، سچي زندگيءَ جي عرصي جي صحرانورديءَ بعد هو هڪ اهڙيءَ منزل تي پهتو جتان هُن عقل ۽ خِرَد ۽ غور و فڪر جي سهاري حيات جي ماهيت ۽ حقيقت جي سراغ ۽ ڳس ۾ اڳتي هلڻ شروع ڪيو. اِهو هو باضابطہ غور ۽ فڪر جي آغاز جو نقطو ۽ انساني عقل ۽ شعور جي ڪاروان جي جاده پيمائيءَ جو ڏينهن، يعني فلسفي جي ابتدا ۽ آغاز جو ڏينهن.

هاڻي هڪ بنيادي سوال، جو پيدا ٿو ٿئي، اُهو هيءُ آهي تہ فلسفي جي شروعات ڪيئن ٿي؟ اسان ڪي هيءُ داستان ڪٿان شروع ڪرڻ گهرجي؟ يونان ڪان يا هندستان ڪان؟

جيتري قدر يونان جي فلسفي جو تعلق آهي، اسين اُن جي بعض ابتدائي صورتن ڪان واقف آهيون. عام طور تي هي تسليم ڪيو ويو آهي تہ يونان ۾ فلسفيانہ فڪر ۽ غور جو نشان پتو ڇهين صدي قبل مسيح ڪان ٿو لڳائي سگهجي.

پهريون يوناني مفڪر، جنهن ڪي اسين صحيح معنيٰ ۾ فيلسوف چئي سگهون ٿا، ٿيلس هو. هڪ خاص واقعي مان اسان ڪي هن جي سن ولادت ۽ موت جو پتو پوي ٿو. چيو وڃي ٿو تہ هن پنهنجي حساب سان چنڊ گرهڻ جي صحيح وقت جو تعين ڪيو ۽ اڳڪتي ڪئي. اهو واقعو سنہ 585 ق. م. ۾ پيش آيو.

ٿيلس ڪان پوءِ، جن ٻن شخصن يونان ۾ فلسفيانہ غور ۽ فڪر جي نئين انداز سان تعمير ڪئي اُهي هئا فيثاغورس ۽ سقراط. فيثاغورس جو زمانو 532 ق. م ٻڌايو وڃي ٿو. سقراط جو موت 399 ق.م ۾ واقع ٿيو.

اِن سوال متعلق تہ ڪهڙي ملڪ ۾ فلسفي جي اِرتقا جا ابتدائي آثار لڀن ٿا. يونان ۾ يا هندستان ۾. هيٺ اسين برصغير پاڪ و هند جي هڪ مسلم مفڪر اعظم جي راءِ مختصر طور بيان ڪرڻ مناسب سمجهون ٿا.

”اسين ڇهين صدي قبل مسيح جي هندستان تي نظر وجهون ٿا تہ اسان ڪي [يونان جي صورتحال ڪان] هڪ بدليل تصوير نظر اچي ٿي. هندستان ۾ اُهو زمانو

فلسفي جي آغاز جو نہ، بلڪ فلسفيانہ غور ۽ فڪر جي عروج جو زمانو هو. يونان وانگر اُتي فلسفو پنهنجيءَ ابتدائي منزل تي نہ هو، بلڪ هتي فلسفي جو آفتاب نصف النهار تي هو. هتي انساني عقل ۽ خِرَد جو قدم فلسفيانہ تحقيق ۽ تدقيق جي پُرپيچ رستن ۾ آتڙجي، ثاٻا ڪائي نہ رهيو هو، بلڪ اِن ڳالهہ جو ثبوت ڏيئي رهيو هو تہ هڪ طويل سفر ڪان پوءِ اُن جي منزل تي اَٽَ پئجي چڪو هو.“

”هن دؤر تي بحث ۽ تمحيص جي دوران اسان جو توجهہ لازمي طور ٻن عظيم تاريخي حقيقتن ڏانهن ڇڪجي وڃي ٿو. يعني ٻُڌ ڌرم ۽ جين ڌرم ڏانهن، جن ٻنهي اِن دور ۾ جنم ورتو. ظاهر آهي تہ گوتم ٻڌ ۽ مهابير جي ظهور کان اڳيرو هندستان ۾ فلسفيانہ غور ۽ فڪر جا ايڏا پختا ۽ وسيع بنياد پئجي چڪا هئا جو ٻُڌمت ۽ جين مت جي فڪر جا ايڏا عاليشان نظام اُن تي تعمير ٿي سگهيا. هيءَ حقيقت تہ ڇهين صدي قبل مسيح ۾ مادر وطن جي آغوش ۾ گوتم ٻڌ ۽ مهابير جهڙن مفڪرن پرورش پاتي، ان ڳالهہ جو پڌرو ثبوت آهي تہ هن ملڪ ۾ فلسفيانہ فڪر جو دائرو تمام گهڻو وسيع ٿي چڪو هو. هتي پهريائين هڪ اهڙو ماحول موجود هو جتي زندگيءَ جي مخفي اِسرار فاش ڪرڻ لاءِ مختلف نظريات ۽ توجيهات جو رستو هٿ ڪيو ويو هو. هي بہ واضح هجي تہ فڪري ڪاوشن جو قافلو هڪ اهڙي هنڌ تي اچي پهتو هو، جتي وجود باريءَ جي اِقرار يا مشيت ۽ الهام جي بغير زندگيءَ جون واٽون طيءِ ٿي سگهيون ٿي.“

”تاريخَ فلسفي جي مطالعي مان اسين اِن قطعي نتيجي تي پهچون ٿا تہ هندستان ۾ يونان کان ڪيترو ئي اڳ فلسفيانہ فڪر جو سلسلو شروع ٿي چڪو هو. يونان ۾ فلسفي جو آغاز ڇهين صدي قبل مسيح کان شروع ٿئي ٿو، ليڪن هندستان ۾ اِها صدي فلسفيانہ غور ۽ فڪر جي معراج جي صدي هئي“ (ابوالڪلام آزاد).

## نوٽ

”نظريات“ جمع آهي ”نظريہ“ جو: نظريو - ڪنهن متصورّ شيءِ جي ڪا تشريح ۽ تفصيل يا ڪنهن شيءِ جي باري ۾ ڪا تجويز يا نقطي نگاهہ، جا قياسيات تي مبني هجي؛ اصولي مسئلو. نظريات اُهي اُمور، ڪم يا ڳالهيون آهن، جن جي سمجهڻ ۾ غور ۽ فڪر جي ضرورت ٿيندي آهي. ”نظريات“ جو ضد ”بديهات“ آهي: بديهات اُهي امور آهن جن جي سمجهڻ ۾ ڪنهن غور ۽ فڪر جي وسيلي جي

صرورت نہ ٿيندي آهي؛ بديهي ڪم يا ڳالهہ دليل جي محتاج نہ آهي. مثال طور، اُس
ڪي ڏسي، يڪدم سمجهي وجبو تہ هن وقت سج آهي.

”علم طبعي“ - علم منسوب بطبع، علم طبعي نالو آهي، علم حڪمت
جي هڪ شاخ جو، جنهن ۾ مادي جو بحث بحيثيت مجموعي ڪيو وڃي ٿو يا جنهن
۾ امور طبعيہ سان بحث ڪجي. ”طبعيہ“ اُن کي چون ٿا، جنهن جو تعلق طبعيات جي
مسئلن سان هجي. انگريزيءَ ۾ ان علم کي ”نيچرل سائنس“ يا فزڪس (Physics)
چوندا آهن.

”الاهيات“ (Metaphysics)- علم حڪمت جي ٽن قسمن مان هڪ علم
جو نالو آهي: (1) رياضي، (2) طبيعي، (3) الاهي. ”الاهيات“ ۾ بحث ٿئي ٿو، اُنهن
امور سان جي وجود خارجي ۽ تعقل (سوچڻ، فڪر ڪرڻ يا سمجهڻ) ٻنهي ۾ مادي جا
محتاج نہ آهن؛ اِن کي انسان جي روح جو علم يا آتم وديا بہ چوندا آهن. ”حڪمت“
جي لفظي معنيٰ آهي راست گفتاري، درست ڪرداري، عقلمندي، دانائي، تدبير،
ترڪيب، علاج معالجہ، ڍنگ، غرض يا مطلب: پر اصطلاح ۾ حڪمت اُهو علم
اهي، جنهن جي ذريعي بشري طاقت آهر موجودات جي صحيح حقيقت معلوم ٿئي.

”جامد“ - نهرو، برخلاف رقيق ۽ وهڻ واريءَ شيءِ جي.

”اعتقاد“ - انسان جي حيات نفسيءَ جو هڪ قانون آهي تہ جڏهن اسين ٻن
شين کي هڪ يا چند ڀيرا هڪٻئي سان گڏ محسوس ڪري چڪا هوندا آهيون، تہ
آئنده بہ جڏهن اِنهن ٻن مان هڪ شيءِ اسان جي تجربي ۾ اچي ٿي، تہ اُن سان گڏ واري
ٻي شيءِ بہ اسان جي ياد ۾ تازي ٿيو وڃي ۽ اڪثر غلطيءَ ڪان ٻنهي کي لازم ملزوم
بہ سمجهون ٿا. چنانچہ، متن ۾ مثال هڪ عامي شخص جو آيل آهي، جيڪو چند دفعا
ٻئي ڏينهن جي هٽڻ ۽ سج جي اُبرڻ، انهن ٻنهي واقعن کي گڏو گڏ ڏسي وٺي ٿو، تہ هو
ازخود هي يقين ڪرڻ لڳي ٿو تہ ٻيئي لازم ملزوم آهن، ۽ جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيندو، تہ
وسهي ٿو تہ ضرور سج اڀرندو: هيءُ هڪ قانون نفسي (نفسيات) آهي.

”ڪليّات“ - جمع آهي ”ڪلي“ يا ”ڪلية“ جو. معنيٰ ڪُل، سڀ، گهڻا
افراد جيئن انسان، يا حيوان. عربي ٻوليءَ ۾ انسان کي ”حيوان ناطق“ چوندا آهن،
پوءِ اِها معنيٰ زيد، بڪر، خالد وغيره تي صادق اچي ٿي تہ ڪلي جي معنيٰ پورو،
ڪامل، مثال طور شاعر جو سچوئي ڪلام.

7- هيگل (George Wilhelm Friedrich Hegel, :1770-1831)-
جرمنيءَ جو مشهور و معروف فيلسوف ۽ پروفيسر، جنهن سيڪاريو تہ سچائيءَ ۽

حقيقت جون ٽي هيئتون آهن، جي پاڻ ڪي منطقي مناظري جي نشو و نما ۾ (دعوا، تضاد، تصفيه) ظاهر ڪن ٿيون، ۽ ايئن هن حقيقت کي معقوليت سان ملائي ڇڏيو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا: The Philosophy of Right, The Science of Logic وغيره.

8-اسپينسر (Herbert Spencer :1830-1903)- ڊربيءَ جي اسڪول ماستر جو پٽ هو. ڪجھ وقت سول انجنيئر جو ڌنڌو ڪيائين. هن جو پهريون ڪتاب 1851ع ۾ شايع ٿيو، جنهن جو عنوان هو Social Statistics. 1855ع ۾ هن جو ٻيو ڪتاب Principles of Psychology شايع ٿيو، جنهن ۾ ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته هن ڊارون جي نظريي اِرتقا جي پيش بيني ڪئي ۽ 1860 ۾ هن جو ٽيون ڪتاب The System of Synthetic Philosophy نڪرڻ شروع ٿيو، جنهن جو پويون ۽ ڏهون جلد 1894 ۾ شايع ٿيو.

9- فيثا غورس (Pythagoras: 582-500 BC)- هڪ اعليٰ فيلسوف جنهن تناسخ روح جو عقيدو سيکاريو ۽ پڻ اصول علم هيئت تي ڪم ڪيو.

10- بيڪن (Francis Bacon: 1561-1630 A.D)- انگريزن جي وڏن ۽ اعليٰ فيلسوفن ۽ سياستدانن مان هڪ هو. راڻي ايلزبيٿ (پهرين) جو اٽارني جنرل هو ۽ انگلنڊ جي بادشاھ جيمس پهرئين جي زماني ۾ لارڊ چانسيلر مقرر ٿيو. هن جون لکتون ۽ تحريرون اهڙيون هيون، جن ۾ تيز بصيرت، طرز بيان ۽ عبارت ۾ ذڪاوت، بحر فڪر ۽ فراست نمايان خصوصيتون هيون، جن ڪيس فيلسوفن ۾ چوٽيءَ جي درجي تي پهچايو. هن جا مضمون (Essays) سندس علمي لياقت ۽ دانشمنديءَ جو قابل تعريف ۽ شاندار يادگار آهن.

11- ڊيڪارتي (Rene Descartes: 1596-1650)- مشهور و معروف فرينچ فيلسوف، رياضيدان ۽ مصنف هو. هو علمي روايتن ۽ مذهبي عقيدن جو قائل نه هو، پر اصلي سچائيءَ ۽ حقانيت جو متلاشي هو ته جيئن علم ۽ عقل جي ڇاڻ حاصل ٿئي ته ڪا شيءِ ڇو سچي سڏجي سگهي ٿي. هن جي فلسفي جو بنياد سندس ٽن لفظن ۾، مختصر طور بيان ٿيل هيءُ آهي: ”آءٌ سوچيان ٿو، تنهنڪري زنده آهيان (I Think, so I exist).

12- ڪيپلر (John Kepler: 1571-1630)- جرمنيءَ جو مشهور هيئت دان (Astronomer) هو. هو ٽائڪو برهي (Tyco Brahe) جو معاون هو، جنهن جون پيمائشون ڪم آيون، هن سيارن جي گردش جا چار قانون وضع ڪيا.

13- گليلو (Galilei Galileo 1563—1642)- اٽليءَ جو وڏو هيئت دان هو ۽ حرڪات اجسام جي قانونن جو پهريون دريافت ڪندڙ هو. هو پهريون شخص هو، جنهن تيز رفتاريءَ جي اهميت دريافت ڪئي ۽ زمين تي اجسام جي ڪرڻ جو قانون قائم ڪيو. هن دوربيني ٺاهي ۽ اُن جي ذريعي ڪيترين معلومات ۾ انڪشاف ڪيائين. هن ڌرتيءَ ۽ سج لاءِ چيو ته سج جي چوڌاري ڌرتي ڦري ٿي ۽ نه ڌرتيءَ جي چوڌاري سج—جيئن بائيبل ۾ آيل هو—اِن تي مذهبي تحقيقاتي عدالت جي آڏو پيش ٿيو ۽ مذهب- دشمنيءَ جو مجرم ثابت ٿيو، پر ڏوهه جي قبوليت ڏيندي سزا کان بچيو—چون ٿا ته مذهبي عدالت آڏو وڏي آواز سان ”سج ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦري ٿو ۽ نه ڌرتي سج جي“ چئي، هن دل ۾ اهوئي پاڻ وارو سائنسي طور سچو جملو دهرايو ته ”ڌرتي سج جي چوڌاري ڦري ٿي ۽ نه سج ڌرتيءَ جي“!

14- سڪندر اعظم (Alexander the Great : 356-323 : B.C) پنهنجي پيءُ فلپ (فيلقوس) جي مرڻ کان پوءِ 336 ق.م ۾ مقدونيا جو بادشاهه ٿيو. شروع کان ئي هن فوجي ڪارنامن ۾ پاڻ کي لائق ثابت ڪيو. ايران جي بادشاه دارا (Darius) کي شڪست ڏيئي، سلطنت ايران تي قابض ٿيو. شام ۽ مصر تي ڪاهون ڪيائين ۽ ڪامياب ٿيو. اسڪندريه شهر 332 ق.م ۾ قائم ڪيائين. هندستان تي ڪاهڻ کان پوءِ، سنڌ کان موٽڻ بعد بابل (Babylon) پهتو، جتي ترت ئي فوت ٿيو. گهڻين فتوحات ڪري، سڪندر اعظم سڏجي ٿو.

15- اٿينس (Athens)- يونان جي گاديءَ جو هنڌ هو، جو قديم زماني ۾ مشهور ۽ ممتاز شهر هو ۽ يوناني علم ۽ آرٽ جو قديم مرڪز شمار ٿئي ٿو.

16- مقدونيا (Macedonia)- يونان جو هڪ ضلعو هو.

17- علت غائي: هر شيءِ جي متعلق هي سوال ٿي سگهن ٿا:

(1) اِن کي ڪنهن ٺاهيو؟ (2) ڪهڙيءَ شيءِ مان ٺاهيو؟ (3) ڇو ۽ ڇا جي لاءِ ٺاهيو؟ اهڙيءَ طرح سبب (علت) جا ٽي قسم ٿي ٿا وڃن: علت فاعلي، علت مادي ۽ علت غائي. علت غائيءَ مان مراد اُهو غرض آهي، جنهن لاءِ ڪا شيءِ ٺاهي وڃي. مثال طور قلم جي علت غائي تحرير آهي ۽ اِهوئي ان جو (قلم جو) ٻين شين تي خاص امتياز آهي.

18- يوناني فلسفو: يونان (Greece) ڏکڻ يورپ ۾ هڪ ننڍو جابلو ملڪ آهي. اٿينس اُن جي گاديءَ جو هنڌ آهي، جو قديم زماني ۾ هڪ عاليشان شهر هو.

ٻن هزارن ورهين جون جهونيون عمارتون اڄ ڏينهن تائين منجهس بيٺل آهن. هيءُ ملڪ قديم زماني ۾ علوم ۽ فنون ۽ تهذيب و تمدن ۾ نهايت ترقي يافته خطو هو. هتي وڏا وڏا دانشمند ۽ عقلمند لوڪ گذريا آهن. تنهن ڪري دنيا ۾ ان جو نالو علم و دانش جي هم معنيٰ لفظ طور ڪم ايندو هو. سقراط، بقراط، افلاطون، ارسطو، فيثاغورس ۽ ٻيا ڪيترا وڏا فيلسوف ۽ دانشور هتي پيدا ٿيا. انهيءَ ڪري يوناني فلسفو دنيا ۾ مشهور آهي. چو ته ايئن مڃيو وڃي ٿو ته فلسفي جو بنياد اُنهن يونان وارن ڏاهن ئي وڌو. فلسفي جا عام طور پنج مکيا شعبا يا شاخون شمار ٿين ٿيون: (1) منطق (Logic)، (2) ذوق حسن يا جماليات (Esthetics)، (3) اخلاقيات (Ethics)، (4) سياسيات (Politics)، ۽ الهيات يا آتم و ديا (Metapysics).

19- ٿيلس (Thales of Miletus: 640—546 BC) - هيءُ علم هندسہ (اقليدس) ڄاڻڻ وارو (Geometer)، علم هيئت ڄاڻڻ وارو (Astronomer)، ۽ فيلسوف هو، ۽ يونان جي ستن ڏاهن مان هڪ شمار ٿئي ٿو، هو پهريون شخص چيو وڃي ٿو، جنهن سج گرهڻ جو صحيح انداز لڳايو هو (585 ق.م. ۾). هو پاڻيءَ کي مڙني مادي شين جو بنياد ڄاڻندو هو.

باب ٻيو

# فلسفي جا فائدا

فلسفي ۾ هڪ خاص مسرت آهي، ايتري قدر جو مابعدالطبعيات جا سراب بہ دلاويز ۽ دلفريب معلوم ٿين ٿا.

اسان مان گھڻن کي ابتدائي جوانيءَ جا سرسبز ۽ شاداب ڏينهن ياد هوندا جڏهن اسان کي فلسفو، واقعي، افلاطون جي قول مطابق، هڪ دلاويز، دلپسند ۽ پرمسرت مشغلو لڳندو هو.

شاعر براؤننگ جو قول آهي تہ "زندگي معنيٰ سان لبريز آهي ۽ اُن جي معنيٰ دريافت ڪرڻ زندگيءَ جو سچو مقصد آهي."

اسان جي زندگيءَ جو گھڻو حصو اجايو ۽ اَڪارتو وڃي ٿو. بيڪاري، بڏتر، ماتم، خودڪشي-- ماڻهو اڪثر اِهڙن گھمسانن، بي آرامين ۽ مونجهارن ۾ رهي ٿو. پر اِنهن مڙني ڳالهين جي باوجود اسان جو من اِهوئي يقين چاهي ٿو تہ اسان جي وجود ۾ ڪا ضروري، پر معنيٰ ۽ اهم شيءِ موجود آهي: ۽ ضرورت رڳي اِها آهي تہ اسين اُن کي سڃاڻون ۽ پنهنجي روح کان آگاهہ ٿي وڃون! اسين چاهيون ٿا تہ اسين جيڪي ڪجھ آهيون ۽ جيڪي ڪجھ ٿيڻ گھرون ٿا، اِنهن ٻنهي ڳالهين جي اسان کي خبر هجي ۽ اسان جو من اُن روح- افزا روشنيءَ کان منور هجي! اُن ۾، اسين دوستووسڪيءَ جي مشهور ناول "برادرس ڪارامزوف" جي ڪردار، ميٽيا، مثل آهيون- "اُنهن مان، جي لکن روپين کي حقير ڄاڻن ٿا، پر پنهنجي سوالن جا جواب ضرور طلب ڪن ٿا." گذر ڪندڙ شين جو اصلي قدر ۽ تناسب باطني دريافت ڪرڻ گھرون ٿا، ۽ اها تمنا ٿا رکون تہ اهڙيءَ طرح روزمره جي خسيس حالتن جي گرداب مان بلڪل نڪري اچون. اسين چاهيون ٿا تہ جا شيءِ اٽل آهي، اُن جي مقابلي ۾ مُرڪڻ سکون ۽ سامهون ڏسجندڙ ڀيانڪ موت تي کلون. اسين 'ڪُل' هجڻ گھرون ٿا، جيئن پنهنجن خواهشن جو تاءُ پرکي، پنهنجي ذات ۾ هم آهنگي ۽ حسن ترتيب پيدا ڪري، پنهنجي جوهري قوتن کي منظم ڪريون، ڇاڪاڻ تہ اخلاقيات ۽ سياست ۾ ۽ شايد منطق ۽ مابعدالطبعيات ۾ بہ حرف آخر جو درجو اصل طاقت ۽ ذاتي جوهر کي ئي حاصل آهي.

آمريڪي فيلسوف ٿوريو، جو قول آهي تہ ”فيلسوف ٿيڻ جي معنيٰ صرف اِها نہ آهي تہ افڪار دقيق هجن، نہ رڳو هڪ ’مڪتب‘ قائم ڪجي، پر اِن جي معنيٰ هيءُ آهي تہ دانش (سياڻپ) سان اهڙيءَ طرح محبت ڪجي، جو اُن جي حڪمن مطابق سادگيءَ، آزاديءَ، بلند حوصلگيءَ، عالي ظرفيءَ ۽ اعتماد سان زندگي بسر ڪجي“ . بيڪن اسان کي هنن لفظن سان فهمائش ڪئي آهي ۽ سمجهايو آهي تہ ”اول ذهني خوبيون حاصل ڪريو ۽ باقي شيون اوهان کي يا تہ ملي وينديون يا انهن جي کوٽ يا گهاٽي جو احساس نہ ٿيندو. صداقت ۽ سچائي اسان کي دولتمند نہ ڪندي، پر اسان کي آزادي ضرور عطا ڪندي.“

ڪن سخت مزاج رکندڙ شخصن فلسفي کي شطرنج جي راند وانگر فضول ۽ اجايو مشغلو سڏيو آهي، جهالت جيان مبهم ۽ منجهيل ۽ قناعت (جي عادت) جيان بيٺل ۽ جامد چيو آهي. چي، ’اُن ۾ ڪا چرپر، گرمي، جوش يا ذوق ۽ شوق اُسرڻ جو نہ آهي، سِسَرو، فلسفي لاءِ چوي ٿو تہ ”ڪابہ ڳالهہ ڪيتري ئي عبث ۽ واهيات چو نہ هجي، اوهان کي فلسفي جي ڪتابن ۾ ضرور اُها ملي ويندي“ . فيلسوفن لاءِ عام رايو هيءُ بہ هوندو آهي تہ انهن وٽ اوهان کي ”سواءِ عام عقل(Common Sense) جي، ٻي هر قسم جي ڏاهپ ۽ سياڻپ“ ملي ويندي!

ليڪن سوال آهي تہ ڇا، فلسفو واقعي ايئن بيڪار، جامد ۽ توائي آهي؟ معلوم ايئن ٿو ٿئي تہ سائنس کي گهڻو ۽ تيز اڳيرو وڌندي ڏسي، فلسفي لاءِ اهڙا ويچار ظاهر ڪيا ويا آهن. حقيقت تہ هيءَ آهي تہ فلسفو دشوار ۽ پُر خطر ڳالهين جي سمجهڻ ۽ فيصل ڪرڻ جو ذمو بہ پنهنجي سر تي کڻي ٿو، جيڪو سائنس جي دائري عمل کان ٻاهر آهن. مثال طور: خير ۽ شر، حسن ۽ قبح، جبر ۽ قدر، مرگ ۽ زيست (موت ۽ حياتيءَ جا مسئلا. ايئن برابر آهي تہ سائنسي تحقيقات جي دائري ۾ اهڙيون معلومات حاصل ٿين ٿيون، جن کي صحيح ۽ هر طرح ضابطي ۽ قاعدي طور قبول ڪيو وڃي ٿو. فلسفي جي ڳالهہ البت ايتري پوري ۽ تزڪانہ ٿي ٿئي ۽ هڪ حد تائين سدا بحث طلب رهي ٿي.

بهرحال هر سائنس جو آغاز يا محرڪ فلسفو ئي آهي، جيئن اُن جو انجام يا نتيجو آرٽ. سائنس مفروضي سان شروع ٿئي ٿي، پر اڳتي مشاهدي، تجربي ۽ چڪاس ذريعي اُها هڪ سچ تي وڃي پهچي ٿي. فلسفو اُن شيءِ جو فرض ڪيل تعبير آهي جا اسان کي معلوم نہ آهي ۽ جا مشاهدي، تجربي ۽ چڪاس جي دائري کان اڪثر ٻاهر رهي ٿي، جهڙيءَ طرح مابعدالطبيعات جي ڪا شيءِ، يا جيئن

اخلاقيات، سياسيات، جماليات جون ڳالهيون، جن جي متعلق اسان جي ڄاڻ هميشہ تڪميل طلب هجي ٿي.

فلسفو صداقت جي محاصري ۾ پهرين خندق آهي، سائنس مفتوح علائقو آهي ۽ اُن جي پٺ ۾ اُهي محفوظ مقامات آهن، جتي علم ۽ آرٽ گڏجي اسان جي حيرت انگيز ۽ اسان کي روزمره ڪم ايندڙ دنيا تعمير ڪن ٿا. سائنس ۽ فلسفي ٻنهي تي هڪ ئي وقت نظر وجهڻ سان ايئن ٿو معلوم ٿئي، ڄڻ فلسفو حيران پريشان نقش- بر- ديوار بيٺو آهي ۽ سائنس جا مختلف شعبا، جيڪي سندس ئي اولاد معنوي آهن، هر طرف اڳتي وڌي تسخير جي ثمرات مان فائدو وٺي رهيا آهن. فلسفو گويا ازل کان غير مطمئن ۽ مضطرب آهي، ۽ فقط اُنهن حدن جي اندر وڌي ٿو، جن جو ڪنهن پورو جائزو اجا ورتو ئي نہ آهي ۽ جن بابت اجا يقين سان ڪجهہ چئي نٿو سگهجي.

وڌيڪ اصطلاحي زبان ۾ ڳالهہ ڪندي، چئي سگهجي ٿو تہ سائنس بيان تحليلي (يعني چنڊڇاڻ ۽ ڇڪاسڻ جو طريقو) آهي ۽ فلسفو تعبير تاليفي (يعني ٻن يا وڌيڪ شين يا خيالن جي ملاوت سان، ربط ۽ ترتيب سان، ڪنهن نظريي يا تصور قائم ڪرڻ جو طريقو) آهي. سائنس جي خواهش هوندي آهي تہ ڪل جا اَجزا جدا جدا ڪري، ڪنهن عضوياتي نظام جا اعضا الڳ الڳ ڪري ڏيکاري؛ منجهيلِ ڪي پڌرو ۽ صاف ڪري ۽ اِيئن معاملي جي اصليت کان واقف ٿئي ۽ واقف ڪري. اُن جو اهو مقصد نہ هوندو آهي تہ شين جا قدر ۽ اُنهن جا معياري امڪان ۽ اصلَ معلوم ڪري. يا شين جي آخرين ۽ مجموعي اهميت ۽ غايت دريافت ڪري، هوءَ اِن تي قانع ۽ راضي رهي ٿي تہ شين جي ترڪيب ۽ عمل جي دائري جي توضيح ڪري، يعني اِهو ڏسي تہ شين جي نوعيت ڇا آهي ۽ اُنهن جو عمل ڇا آهي.

سائنسدان کي، مثلاً، هڪ مک جي ٽنگ ۾ بہ ايتري ئي دلچسپي هوندي آهي، جيتري فيلسوف کي سڄيءَ تخليق جي مشاهدي ۾. پر فيلسوف اِن تي قانع نٿو رهي ۽ نہ اِن تي مات ڪري، خوش ٿي ويهي ٿو رهي تہ واقعيت ڇا آهي؛ هو اڳتي وڌي، اِهو دريافت ڪرڻ گهري ٿو تہ عمومي تجربي سان، اصل حقيقت سان، اُن واقعيت جو ڪهڙو تعلق آهي ۽ ايئن اُن واقعيت جي اصل معنيٰ، سڄيءَ تخليق ۽ اُن جو اصل ماڻ ۽ مقصد دريافت ڪرڻ چاهي ٿو: هو سيني شين کي مجموعي طور، تعبيري ۽ توضيحي ترڪيب ذريعي، هڪ ڏاڳي ۾ پوئڻ گهري ٿو، تہ جامع حقيقت، حقيقت ڪل، جي پروڙ پئجي سگهي. سائنسدان عظيم دنيا جي گهڙي، جيڪا پرزا

پرزا ڪري رکي ڇڏي ٿو، فيلسوف اُنهن کي ٺاهي جوڙي، اُن جي هڪ ذات جامع ۽ هڪ حسن ڪامل جو تصور تعمير ڪرڻ گهري ٿو.

سائنس اسان کي ٻڌائي ٿي ته علاج جو طريقو هيءُ آهي ۽ تباهي ۽ موت جو طريقو هي: سائنس جي ذريعي موت جي شرح ۾ گهٽتائي واقع ٿئي ٿي، ته لڙاين ۾ اُن جي ئي ذريعي بيشمار ماڻهو ماريا وڃن ٿا. مطلب ته سائنس ٺلهي ڄاڻ ئي آهي: جا چور جي به ڪم اچي ٿي ته ساڌ جي به، بري ڪم به اچي ٿي، چڱي ڪم به اچي ٿي، پر اها خواهش يا اهو اڏمو ۽ ارادو، جيڪو مڙني تجربن مان مستفيد ٿي، ڏوپجي ۽ صاف ٿي، منظم ۽ مؤدب ٿي، اسان کي ٻڌائي ٿو ته هن موقعي تي هيءُ زيبا آهي ۽ هن موقعي تي هيءُ زيبا آهي ۽ هن موقعي تي هيءُ نازيبا آهي، فلسفو اُن خواهش جي، اُن اُڏمي ۽ ارادي جي تعمير ڪري ٿو. مطلب ته اسبابن ۽ وسيلن جي تعمير سائنس آهي ۽ غايتن، اصل مصلحتن يعني مراد، مقصد ۽ غرض جي چڱائيءَ ۽ مدائيءَ کي جانچڻ ۽ اُنهن جي موزون ترتيب ۽ تعمير فلسفو آهي.

اڄڪلهه اسان جا وسيلا ۽ اسباب ايتري قدر وڌي ويا آهن، جو اسان جي نصب العين ۽ آدرش ۽ اسان جي مقصدن ۽ مرادن جي ضابطي کان ئي اڪثر نڪتل هجن ٿا. اِهوئي سبب آهي، جو اسان جي زندگي ايتري شور ۽ غوغا ۾ ورتل ۽ اُن سان لبريز رهي ٿي، ۽ بنهه بي معنيٰ ٿي پيئي آهي. ڪو واقعو يا ڪا حقيقت خواهش يا مراد جي تعلق بغير ڪجهه نه آهي. حقيقت تڏهن ئي مڪمل ٿيندي، جڏهن ڪنهن ڪل جو جز هوندي ۽ ڪنهن مقصد سان منسوب هوندي. سائنس فلسفي کان سواءِ، وسيلا ۽ اسباب قدر ۽ قيمت کان سواءِ، چڱي مدي جي ڪٽ ۽ تناسب کان سواءِ، اسان کي تباهيءَ ۽ مايوسيءَ کان بچائي نٿا سگهن. سائنس اسان کي معلومات ضرور ڏئي ٿي، پر حڪمت ۽ ڏاهپ اسان کي صرف فلسفو ڏيئي سگهي ٿو.

فلسفو، خاص طرح پنجن قسمن جي مطالعن تي مشتمل آهي: منطق، جماليات، اخلاقيات، سياسيات ۽ مابعد الطبعيات.

منطق فڪر ۽ تحقيق جي معياري طريقي جي مطالعي جو نالو آهي. منطق انساني عمل جي جن صورتن کي سمجهڻ جي ۽ اُنهن جي رهنمائيءَ جي ڪوشش ڪري ٿو. اُهي هي آهن: مشاهدو خارجي ۽ مشاهدو باطني، استخراج (عام مان خاص نتيجو ڪڍڻ) استقراء (خاص مان عام نتيجو ڪڍڻ)، مفروضا يا انداز قائم ڪرڻ، سَندَ يا اختيار جي تورتڪ، تحليل (ڇنڊڇاڻ) ۽ ترڪيب (ٺاهه ٺوهه). اسان مان گهڻا اِن علم کي خشڪ تصور ڪن ٿا پر انساني فڪر جي هيءَ هڪ عظيم

حاصلات آهي، جنهن جي مدد سان خود انساني فڪر جي پنهنجي صداقت ۽ معتبريءَ جو فيصلو ٿئي ٿو. جماليات معياري صورت جو، يعني موزونيت يا حسن جو مطالعو آهي. اِهو آرٽ جو فلسفو آهي. اخلاقيات معياري ڪردار جو مطالعو آهي. سقراط جو قول آهي ته ”خير ۽ شر جو علم بهترين علم آهي. اِهو زندگيءَ جي سچائپ جو علم آهي“. سياسيات معياري معاشري ۽ اُن جي تعمير ۽ تنظيم جو علم آهي: اِهو هرگز عهدن حاصل ڪرڻ يا عهدن تي فائز رهڻ جو هنر نه آهي، جيئن عام طور سمجهيو ويندو آهي. بادشاهت، امير شاهي، جمهوريت، اشتراڪيت، نراجيت، وغيره، مڙيئي سياسيات جي علم جا موضوع آهن. مابعد الطبعيات ڪل شين جي اصل حقيقت جو مطالعو آهي. اِن ۾ مادي جي حقيقت دريافت ڪرڻ جو علم (وجوديات)، ذهن جي رسائيءَ يا انتها جي ڄاڻ جو علم (فلسفيانه نفسيات)، ۽ ذهن ۽ مادي ۽ علم ۽ عمل جي باهمي تعلق جي ادراڪ جو علم (عمليات) شامل آهن. مابعد الطبيعات جي آڏو وڏيون دشوار منزلون موجود هجن ٿيون، ڇاڪاڻ ته اُن ۾ فلسفي جي ٻين صورتن وانگر حقيقت جي معيار جي روشني ڄاڻڻ يا اڳتي وڌڻ لاءِ ميسر ڪانه ٿي رهي.

اِهي سڀ فلسفي جا حصا آهن. پر ايئن اُن جي الڳ الڳ ٽڪرن جي ڏسڻ ۾، ربط ۽ سلسلي جي ڳولڻ بغير، ڪا مسرت نه آهي. فلسفي کي اُن جي ڪامل صورت ۾ ڏسڻ کپي ۽ ايئن فقط تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو، جڏهن دنيا جا عظيم فيلسوف خود به مطالعي جا موضوع رهن، جو ته اُنهن جي سنگ ۾ اُنهن جي روحن جا شعاع اسان تي پوندا ۽ اسين به ڪنهن حد تائين فلسفي جي اُها بهترين مسرت حاصل ڪري سگهنداسين جنهن جو ليئونارڊو ذڪر ڪيو آهي، اُها مسرت جنهن کي فهم جو سرور ۽ معرفت جي لذت چئون ٿا.

اِن سلسلي ۾ فلسفي جي متلاشيءَ ڪان ايمرسن پڇي ٿو: ”ڇا، اِها تو کي ڄاڻ آهي ته سچي علم دوست جي، محقق جي، حق جي پياسيءَ جي سچائپ ڪهڙي آهي؟“ ۽ جواب ڏيندي، پاڻ ئي هن کي اُن جو ڏس ڏئي ٿو: ڇي، ”هر شخص وٽ ڪجهه علم آهي، جو هن ڪان تون سکي سگهين ٿو ۽ ان باري ۾ تون هن جو شاگرد آهين.... ۽ جڏهن ڪو خاص شخص، جيڪو فطرت جي ڄاڻ رکي ٿو ۽ غير معمولي ذهانت جو صاحب آهي، اسان ۾ ان ڳالهه پولهه ڪري ٿو ته ايئن ٿو ڀائنجي ته ڪڏهن اسان جي پنهنجي من ۾ به اهڙن ئي خيالن جي چمڪ وارد ٿي هئي، پر اُها اسين جهٽي نه سگهيا هئاسون: ڪنهن گل جي خوشبوءِ اسان جي من کي به اچي واسيو هو، پر اُن

۾ اصل گل ٽڙي نہ سگهيو هو؛ اسان کي بہ تجربا حاصل ٿيا هئا، پر اسان اُنهن جي مخفي ۽ پراسرار معنائن کي دريافت نہ ڪيو هو؛ حقيقت جو گيت اسان جي اِرد گرِد بہ ڳايو پئي ويو، پر اسان ۾ اُن جي رڳو ٻيهر ٻڌڻ جو بہ احساس نہ جاڳيو هو: پر اُهو خاص شخص اُهو اَلستي گيت ٻيهر، بلڪ هر هر ۽ سدائين ٻڌي ٿو ۽ سيارن جي موسيقي بہ هو ٻڌي ٿو. ايتري قدر، جو هن کي معلوم آهي تہ فيثا غورث جو چيو هو تہ 'فلسفو موسيقيءَ جي اعليٰ ترين شڪل آهي'، اُن مان هن جي مراد يا مطلب ڇا هو! اڃو تہ اُنهن بي مثل لوڪن جون ڳالهيون ٻڌون، جيڪي هو ٻڌائڻ گهرن ٿا....."

ساڳيءَ انهيءَ طرح پوڙهي سقراط ڪرائٽو کي چيو هو: "تون مرد معقول بنجي وڃ، اِن ڳالهہ جي مطلق پرواهہ نہ ڪر تہ اُهي (فلسفي جا عالي مرتبت شخص) چڱا آهن يا مٺا؛ تون رڳو فلسفي ڏي ڌيان ڏي، اُن کي سر ڪان پيرن تائين ڏس؛ جيڪڏهن اُن ۾ تو کي عيب نظر اچن ۽ اُن ۾ شر هجي، تہ ڪوشش ڪر، تہ ڪو بہ ماڻهو اُن جي ويجهو نہ وڃي: پر جيڪڏهن اُن جي متعلق منهنجو خيال درست آهي تہ فلسفو نور آهي، روح جو ڏيئو آهي، تہ اُن جي روشنيءَ جي متابعت ڪر، اُن جي خدمت ڪر ۽ جا ڳالهہ ڪرين حوصلي سان ڪر، جو قدم کڻين اُن روشنيءَ ۾ کڻ".

## نوٽ:

1- برائوننگ (Robert Browning 1812-1881)- مهاراڻي وڪٽوريا جي پوئين تاريخي دور جي اعليٰ ترين شاعرن مان هڪ هو. هن جا ٽي شعر جا ڪتاب مشهور آهن: "Dramatis Personae", "The Ring and the Book" ۽ "Men and Women".

2- ڊوسٽوسڪي (Fedor Dostoevsk : 1821—) -مشهور روسي اديب ۽ ناول نگار-هن پنهنجو مشهور ناول "برادرس ڪارامازوف" 1880ع ۾ لکيو. نتشي هن کي پنهنجن استادن مان هڪ استاد شمار ڪندو هو: هن تي ڊوسٽو وسڪيءَ جي ناول "جرم ۽ سزا" ۾ آندل موضوعن_ آزادي ۽ اقتدار، مقبول عام اخلاقيات جون حد بنديون، عوام ۽ اڳواڻن جي وچ ۾ تضاد، انسان ۽ انسان اعليٰ_ بابت پيش ٿيل خيالن جو گهڻو اثر پيل هو.

3- ٿوريو (Henry David Thoreau :1817-1862): آمريڪا جو مشهور فيلسوف، فطرت جو پرستار، جنهن شهري ڪاروبار کي ترڪ ڪري، جهنگل ۾ وڃي، سادي ۽ هيڪل زندگي اختيار ڪئي. هن جي تصنيف "Walden or Life in the woods" هڪ بي مثل تصيف آهي.

4- ليئو ناردو (Leonardo da vinci: 1452-1519): دنيا جي چند غير معمولي ذهن رکندڙ شخصن مان شمار ٿئي ٿو: هڪ ئي وقت مصور، سنگ تراش، معمار، سائنسدان، انجنيئر ۽ موسيقيءَ جو ماهر هو. مصور جي حيثيت ۾ هن جي شهرت خاص طور ين تصويرن The Last Supper ۽ Mona Lisa ڪري دنيا ۾ عام آهي.

5- افلاطون (Plato :428/427-347 B.BC) پنهنجي استاد سقراط (Socrates: 469-399 B C) جي ۽ پڻ پنهنجي فلسفيانہ تعليم پنهنجي مشهور ڪتاب The Dialogues of Plato ۾ پيش ڪئي آهي، جنهن ۾ سقراط جو روءِ سخن اڪثر ڪرائٽو (Crito) نالي هڪ ڪردار ڏانهن ڏيکاريل آهي.

باب ٽيون

# نيٽشي جا افڪار ۽ فلسفو

فريڊرڪ نيٽشي، پرشيا (تڏهوڪي جرمنيءَ جي هڪ پرڳڻي) جي هڪ ننڍي شهر راڪن (Rocken) ۾ 15 آڪٽوبر 1844ع تي پيدا ٿيو.

نيٽشي جديد يورپ جي اڏيندڙن مان هڪ هو. هو فيلسوف هو ۽ هڪ ئي وقت شاعر، پيامبر، ماهر لسانيات، معلم اخلاق ۽ رفارمر (مصلح يا سڌارڪ= Reformer) به هو. سڄيءَ دنيا جو سڌارو هن جي زندگيءَ جي مشن (Mission) يا مقصد حيات هو. جو شخص هن جي زندگيءَ جا واقعات غور ۽ خوض سان مطالع ڪندو، اُهو ضرور اِن نتيجي تي پهچندو ته نيٽشي هڪ مجدد ۽ رفارمر جو شان رکندڙ هو. شبلي نعمانيءَ مجدد ۽ رفارمر لاءِ هيٺيان شرط لازمي قرار ڏنا آهن:

(1) مذهب، علم يا سياست ۾ ڪو مفيد انقلاب پيدا ڪري.

(2) هن جو فڪر اِجتهادي هجي، تقليدي نه هجي.

(3) جسماني مصيبتون سٺيون هجنس، سر جي بازي لڳائي هجيس. ۽ اِن موجب ئي نيٽشي تحقيق دنياءِ اخلاق جو مجدد ۽ رفارمر هو. هن مروج اخلاق جي قلعي کولي ڇڏي، عيسائيت جي ظاهريت کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو، ۽ اُن جي بدران اخلاق جو هڪ بهتر فلسفو دنيا جي اڳيان پيش ڪيو. هن کي اِن رستي ۾ جسماني ۽ روحاني، مطلب ته هر قسم جون، مصيبتون ۽ تڪليفون سهڻيون پيون ۽ اُنهن ۾ ئي پنهنجي جند ۽ جان ڏنائين.

درمان ز درد ساز اگر خسته تن شوي،
خوگر به خار شوڪ سراپا چمن شوي.

نيٽشي جو انقلاب پيدا ڪيو، اُهو مفيد هو يا مضر، اُن جو جواب مستقبل ڏيندو: پر اِن ڳالھ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته هن جا ڪي اصول نهايت معقول آهن. علامه اقبال نيٽشي بابت جدا جدا وقتن تي هيٺ ڏنل نظم چيا آهن:

گر نوا خواهي ز پيش او گريز،
در نئي ڪلڪش غريو، تند است.
نيشتر اندر دل مغرب فشرد،
دستش از خونِ چليپا احمر است.

آنــــڪ بــــر طــــرحِ حــــرم بتخانــــہ ســــاخت،
قلــــب او مــــؤمن دمــــاغش ڪــــافر اســــت.
خــــويش را در نــــار آن نمــــرود ســــوز،
زانــــڪ بســــتانِ خليــــل از آذر اســــت.

"پيام مشرق"

علامہ اقبال فريڊرڪ نيتشي کي "حڪيم المانوي نطشہ" سڏيو آهي:

مــــن بــــہ رومــــي گفــــتم ايــــن ديوانــــہ ڪيســــت؟
گفــــت "ايــــن فرزانــــہء المــــانوي اســــت.
درميــــان ايــــن دو عــــالم جــــاي او ســــت،
نغمــــہء ديرينــــہ انــــدر نــــاي او ســــت.
بــــاز ايــــن حــــلاجِ بــــي دار و رســــن،
نــــوعِ ديگــــر گفتــــہ آن حــــرفِ ڪهــــن.
حــــرف او بــــي بــــاڪ و افڪــــارش عظــــيم،
غربيــــان از تيــــغ گفتــــارش دونيــــم.
هــــم نشــــين بــــر جذبــــہ او پــــيء نبــــرد،
بنــــدهء مجــــذوب را مجنــــون شــــمرد.
بــــا پزشــــڪان چيســــت غيــــر از ريــــو و رنــــگ،
واي مجــــذوبي ڪ زاد انــــدر فرنــــگ.
ابــــن ســــينا بــــر بياضــــي دل نهــــد،
رگ زنــــد يــــا حــــب خــــواب آور دهــــد،
بــــود حــــلاجــــي بشــــهرِ خــــود غريــــب،
جــــان زمــــلاّ بــــرد و ڪُشــــت او را طبيــــب.

"جاويد نامہ"

مــــرد ره دانــــي نبــــود انــــدر فرنــــگ،
پــــس فــــزون شــــد نغمــــہ اش از تــــار چنــــگ.
راه رو را ڪــــس نشــــان از ره نــــداد،
صــــد خلــــل در وارداتِ او فتــــاد.
نقــــد بــــود و ڪــــس عيــــار او اورا نڪــــرد،

کاردانيِ مردِ کار او را نہ کرد،
عاشقي در آه خود گم گشتۂ!
سالکي در راه خود گم گشتۂ!
مستيء او هر زجاجي را شکست،
از خدا ببريد و هم از خود گسست.
خواست تا بيند بچشم ظاهري،
اختلاط قاهري با دلبري.
خواست تا از آب و گل آيد برون،
آنچہ او جُويد مقام کبريا ست،
اين مقام از عقل و حکمت ماورا ست.
زندگي شرحِ اشارات خودي است،
لا و اِلاّ از مقامات خودي است.
او بہ لا درماند تا اِلاّ نرفت،
از مقامِ عبده بيگانہ رفت.

"جاويد نامہ"

با تجلي هم کنار و بي خبر!
دورتر چون ميوه از بيخ شجر.
چشمِ او جز رويت آدم نخواست،
نعره ء بي باکانہ زد "آدم کجاست"؟
ورنہ او از خاکيان بيزار بود،
مثل موسيٰ طالب ديدار بود.
کاش بودي در زمانِ احمدي،
تا رسيدي بر سروري سرمدي.
عقل او با خويشتن در گفتگو ست،
تو رهِ خود روکہ راه خود نکوست.
پيش نہ گامي کہ آمد آن مقام،
کاندرو بي حرف مي رويد کلام.

"جاويد نامہ"

علامہ اقبال ٻئي هنڌ نيٽشي متعلق ٿو چوي:

حریف نکتۂ توحید ہو سکا نہ حکیم،
نگاہ چاہیے اسرار لا الہ کے لیے،
خدنگ سینۂ گردوں ہے اس کا فکر بلند،
کمند اس کا تخیل ہے مہر و مہ کے لیے
اگرچہ پاک ہے طینت میں راہبی اس کی۔
ترس رہی ہے مگر لذت گنہ کے لیئے

"ضرب کليم"

نيٽشي علمي ۽ اصطلاحي معنائن ۾ فيلسوف نہ هو، پر خود نيٽشي جي قول مطابق تہ "حقيقي فيلسوف اُهي ماڻهو آهن، جي قانون ساز آهن، حڪمران آهن، ۽ پنهنجي دؤر جي خلاف جنگ جوئين تا"، هو بيشڪ فيلسوف هو: نيٽشي فطرتي صناع هو، ۽ لسانيات جي تعليم هن جي اُن وصف کي دوبالا ڪيو ۽ چمڪايو چنانچہ هن جي تصنيفن، خاص ڪري "بقول زرتشت"، ۾ ڪيترن هنڌن تي اهڙيون عبارتون ملنديون، جي لطافت، شيريني ۽ شان شوڪت ۾ نغمن جي همسري ڪن ٿيون. هن جي دلڪش عبارت آرائي ۽ لطيف مضمون نگاري هن جي نالي کي هميشہ زنده رکندي.

لسانيات ۽ علم حيات نيٽشي جي ابتدائي مطالعي جا دلپسند موضوع هئا. هو، فڪري لحاظ کان، انساني تهذيب و تمدن جي مسئلن جي سلجهائڻ ۾ خاص دلچسپي وٺندو هو. ايئن برابر آهي تہ هن ڪتابن مان گهٽو ۽ زندگيءَ مان ٿورو فائدو تي ورتو. هن جا نظريا ۽ خيال، جن تي هن پنهنجي سڄي ڪوشس صرف ڪئي، مختصر طور هي هئا:

(1) دنيا مجموعي طور نہ چڱي آهي نہ بڇڙي، ۽ اُن جو ڪو غرض يا غايت بہ ڪانهي، اُها هڪ پرپيچ صنعت جو مظهر آهي، جنهن جو اعادو يا وري وري جنمر ٿيندو رهي ٿو.

(2) هيستائين نوع انسان جو بہ ڪو نصب العين ڪونہ هو. هِن ڪان پوءِ هڪ خود ساختہ نصب العين ڪارآمد ثابت ٿي سگهيو ٿي ۽ اُهو انسان جي قوت ۽ صلاحيت جي واذاري جو سبب بڻبو. اُهو نصب العين "فوق البشر" جي هٿان قائم ٿي سگهي ٿو. "فوق البشر"، جيڪو زندگيءَ کي بهتر بنائڻ جي تحريڪ ۽ "ارادي جي قوت" جو مظهر هجي.

(3) هر اُن مذهب ۽ هر اُنهيءَ قانونن جي مجموعي، سياست ۽ اخلاقي سرشتي کي، جو زندگيءَ جو ضد يا اُن جو انڪار هجي، ۽ جو ”فوق البشر“ جي ظهور ۾ رنڊڪ بنجي ۽ ان جي دير جو سبب ٿئي، نيست ۽ نابود ڪرڻ گهرجي.

(4) مسيحي مذهب، جنهن ۾ رڳو غلامن جي اخلاقيات جو اهتمام ڪيل آهي، حيات انسانيءَ جو سڀ کان وڏو دشمن آهي، ڇو تہ اُهو ”انتخاب فطري“ يا ”انتخاب طبيعي“ جو ضد آهي، ۽ انهيءَ خيال کان اهو دنيا ۾ سڀ کان وڏي ڇٽي ۽ انسانيت تي هميشہ رهڻ وارو داغ آهي.

(5) ڇاڪاڻ تہ ”فوق البشر“ جي ظهور ۾ اجا عرصو درڪار آهي، تنهن ڪري سردست مقصد هي هجڻ کپي تہ ممتاز شخصن جي هڪ جماعت پيدا ڪئي وڃي، جيڪا بهرحال عارضي هوندي، پر اُن جي فڪر ۽ عمل جي نتيجي ۾ ”فوق البشر“ جو ظهور ممڪن ٿي سگهندو.

(6) قوت انسانيءَ جي ترقيءَ جي راه ۾، فوري طور، هيٺيون تدبيرون اختيار ڪرڻ کپن:

(الف) نڪاح جي موجوده قانونن تي، تمدني ضرورتن مطابق، نظرثاني ڪرڻ.

(ب) نئين انساني نسل کي، خاص طرح نوجوانن کي، مناسب تعليم ڏيڻ.

(ج) متحده يورپ قائم ڪرڻ.

(د) مسيحي مذهب کي نيست ۽ نابود ڪرڻ.

نيٽشي جي صحت اڪثر خراب رهي، جنهن ڪري هو پنهنجي فڪر کي پوريءَ طرح قلمبند بہ نہ ڪري سگهيو ۽ جو ڪجهہ لکيائين اهو هڪ هنڌ جمع بہ نہ ڪري سگهيو. هن جون تحريرون ڇڻ تہ اوراق پريشان هيون. هن جا اڏ ۾ رهيل ڪتاب، جهڙوڪ ”آغاز حزن“ ”بي وقت خيالات“، ”بقول زرتشت“، ”اخلاقيات جي ابتدا“، ”واگنر جي حيثيت“، ۽ ”ترديد مسيحيت“، ڪافي حد تائين هن جي خاص تصنيفن جو درجو رکن ٿا. اُنهن کان علاوه هن جي لڳ ڀڳ 4200 مقولن، ضرب الامثال، خطبن ۽ بين متفرقہ خيالن جو هڪ مجموعو بہ آهي. انهيءَ ڪري هن جي فلسفيانہ خيالن ۽ مسئلن کي مرتب ڪرڻ هڪ بيحد مشڪل ڪم آهي. هن جي تصنيفي ڪم جي اِن بي ترتيبيءَ جي بجاءِ ۾ اِيئن چيو وڃي ٿو تہ هو هڪ غير مستقل مزاج ماڻهو هو، هن جي طبع جي نشيب و فراز جي هيءَ ڪيفيت هئي تہ مشڪل سان هن جو اهڙو ڪو مضمون ملندو، جنهن جو هڪ بيان ٻئي بيان جي ترديد نہ ڪندو هجي. ليڪن هن جي بچاءَ ۾ هيءُ ڪو ايڏو پورو دليل نٿو ٿي سگهي.

هن جي مدافعت هڪ ٻئي طريقي سان به ڪئي تي وڃي، جيڪا البت هن جي حال موافق آهي: ”نيٽشي جون ڪمزوريون ۽ غلطيون ڪجهه به هجن، جيڪڏهن هن جي محفوظ طرز زندگيءَ تي نظر ڪئي وڃي، هن جي آزاديءَ ۽ بي فڪريءَ جو خيال ڪيو وڃي، ۽ اِن ڳالهه کي مدنظر رکيو وڃي ته هن کي غريبن ۽ بيڪسن جي زندگيءَ جي حالات جو رتيءَ برابر به علم نه هو، ته پوءِ اِهي ڪمزوريون نظرانداز ۽ اِهي غلطيون درگذر ڪرڻ جي لائق تي سگهن ٿيون... هو پنهنجي صحت جي خرابيءَ جي باوجود پنهنجي دور جي خلاف جنگ جوٽيندو رهيو ۽ حق هو يا ناحق، هو هميشه شهسواري حملي کي پياده حملن تي ترجيح ڏيندو هو... ايئن برابر آهي ته هن ’ڪيڏانهن‘ ۽ ’ڪٿان‘ ۽ ’چو‘ جا مسئلا حل نه ڪيا. پر اسين به ته اجا افلاطون جي تصوراتي غار ۾ ئي آهيون... ليڪن نيٽشي ’فوق البشر‘ جي شاندار تحريڪ اسان اڳيان پيش ڪئي، جا شاعر، سوئنبرن (1837-1909ع) جي قصيدي ’مدح الانسان‘ جو لطيف مظهر آهي... جنهن جو ماحصل هيءُ آهي:

’انسانَ جنبش ڪئي (اُٿي کاڌي) ۽ پنهنجي پيرن جون ڪڙيون ۽ زنجيرون ٽوڙي ڇڏيون. نفس انسان لاءِ دستور العمل آهي ۽ دماغ انسان لاءِ مشعلِ هدايت. روح ۽ حق هڪٻئي سان وابسته آهن، ۽ علم جو خزانو انسان وٽ محفوظ آهي. افراد انساني فاني آهن، مگر خود انسان غيرفاني. افراد جي زندگيءَ کي فنا آهي، مگر حيات انسانيءَ کي فنا نه آهي. انسان هڪ نهايت شاندار جوهر آهي، ڇاڪاڻ ته هو مڙني شين جو مالڪ آهي.“

باب چوٿون

# نيتشي ۽ ڊاڪٽر اقبال جو فلسفءِ خودي

'خوديءَ' کي عربيءَ ۾ 'اَنا'، سنڌيءَ ۾ 'آئون پڻو' يا 'آپو' ۽ انگريزيءَ ۾ Ego چوندا آهن. لفظ 'آئون' يا 'مان' جو بار بار استعمال خودپسنديءَ يا خود ثنائيءَ يعني پنهنجي ساک جي خيال کان ٿيندو آهي يا ڪيو ويندو آهي. 'خوديءَ' جي لغوي معنيٰ هٺ، وڏائي يا ايمان آهي. عزازيل، جو فرشتو هو ۽ ملائڪ مقربہ مان هو، تنهن هٺ ۽ ايمان ڪيو، جنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

تڪبر عزازيل را خوار ڪرد،
بہ زندانِ لعنت گرفتار ڪرد.

۽ جنهن لاءِ شاهہ رحہ چوي ٿو تہ:

خودي ۽ خدا، ڪين ماپندا من ۾،
پن ترارن جاءِ، نا هي هڪ مياڻ ۾،

۽ اُن تي اقبال، عزازيل کي مخاطب ٿي، چيو:

کھو دیئے انکار سے تو نے مقاماتِ بلند،
چشم یزداں میں فرشتوں کی رہی کیا آبرو؟-

اُن عزازيل الله تعاليٰ جي حڪم جي نافرماني ڪئي ۽ آدم عليہ السلام اڳيان هو نہ جهڪيو، جنهن سبب هو تڙجي ٻاهر ٿيو ۽ ابليس يا شيطان سڏيو ويو، ۽ مٿس لعنت ۽ ملامت قيامت تائين وسائي ويئي. اِهو هو پهريون واقعو خوديءَ جو.

ڊاڪٽر اقبال جي شهرت شاعر جي بنسبت فيلسوف جي حيثيت سان گهٽ آهي. سندس ڪلام ۾ هوئڻ گهٽيئي فلسفيانہ خيال ملن ٿا، پر سندس نالي ۽ ڪلام جنهن شيءِ کان شهرت ابدي حاصل ڪئي آهي، اُها هن جو 'فلسفءِ خودي' آهي. پر اُن خوديءَ مان مطلب ۽ مراد هٺ، ايمان، غرور يا تڪبر نہ آهي، جيئن پاڻ ئي فرمايو اٿن:

خودی کی تندی و شوخی میں کبر و ناز نہیں،
جو ناز بھی ہو تو بےلذتِ نیاز نہیں.

بلڪ اُن ’خوديءَ‘ مان اُهو ’استقلال ذاتي‘ مراد آهي، جو هر مخلوق جي علم ۽ عقل کي هڪ مخصوص دائري ۾ نمايان ڪري ٿو ۽ هن جي نشو و نما ، ترقيءَ ۽ باليدگيءَ، اُيرڻ ۽ اسرڻ ۽ واڌاري ڪرڻ جو سامان مهيا ڪري ٿو. اِنهيءَ ڪري خُودي جوهر آهي، ڪثافت نہ آهي. گويا آفتاب آهي، آفتاب جو سايو نہ آهي. مطلب اُها زندگيءَ جي حقيقت آهي، زندگيءَ جو سچ آهي. اِهو آهي تصور يا تخيل خَوديءَ بابت ڊاڪٽر اقبال جو. جيئن چيو اٿن:

خـــودي را حـــق بـــدان باطـــل مپنـــدار،
خـــودي را ڪشـــتِ بـــي حاصـــل مپنـــدار.

ڊاڪٽر اقبال جو هيءُ فلسفہ خودي جرمنيءَ جي شهره آفاق، اسان جي زير مطالعہ فيلسوف نيٽشي، جي افڪار مان ورتل چيو ويو آهي. چنانچہ جڏهن ڊاڪٽر اقبال جي مثنوي ”اسرار خودي“ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو پروفيسر نڪلسن ڪيو، تہ انگريزيءَ جي تنقيد نگارن پنهنجن تبصرن ۾ هي خيال ظاهر ڪيو تہ اُهو فلسفو نيٽشي جي فڪر ۽ خيال تان ورتل آهي. بهرحال، ڊاڪٽر اقبال نڪلسن کي هڪ خط ۾ برووقت لکيو تہ

”ڪن.... تنقيد نگارن سطحي مشابهت ۽ مماثلت مان، جا منهنجي ۽ نيٽشي جي خيالن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، هڪ دوکو کاڌو آهي ۽ هو هڪ غلط رستي تي پهچي ويا آهن. ڊي. اينٿم جي مضمون ۾ جيڪي خيال ظاهر ڪيا ويا آهن، اُهي گهڻيءَ حد تائين حقائق جي غلط فهميءَ تي مبني آهن، پر اُن جي ذميداري صاحب مضمون تي بہ عائد نہ ٿي ٿئي، ڇو تہ هو ’انسان ڪامل‘ جي متعلق منهنجي تخيل کي صحيح طور تي نہ سمجهي سگهيو آهي. اِهوئي سبب آهي، جو هن غلط بحث ڪري، منهنجي ’انسان ڪامل ۽ جرمن مفڪر جي ’فوق البشر‘ کي هڪ ئي شيءِ فرض ڪيو آهي. مون اج ڪان تقريباً ويهہ سال اڳ ’انسان ڪامل‘ جي متصوفانہ عقيدي تي قلم کنيو هو ۽ هي اُهو زمانو آهي، جڏهن نہ تہ نيٽشي جي عقائد جو غلغلو منهنجن ڪنن تائين پهتو هو ۽ نہ هن جا ڪتاب منهنجي نظر مان گذريا هئا.....“

ان عبارت مان صاف ظاهر آهي تہ ڊاڪٽر اقبال کي نيٽشي جي تقليد ۽ تتبع کان بلڪل انڪار اهي، بلڪ ٻئي موقعي تي هن کليل دعويٰ ڪئي آهي تہ

”اُسرار خوديءَ“ جو فلسفو صوفين ۽ حڪيمن جي افڪار ۽ مشاهدات مان ورتل آهي؛ ٻيو تہ ٺهيو، پر ’وقت‘ متعلق برگسان (1941-1859) جو فڪر بہ اسان جي صوفين لاءِ ڪا نئين شيءِ نہ آهي.“

هتي سوال تہ پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا، سچ پچ ڊاڪٽر اقبال جي دعويٰ مطابق ”اسرار خودي“ جو فلسفو مسلمان صوفين ۽ حڪيمن جي افڪار ۽ مشاهدات مان ورتل آهي؟ اِن سوال جي جواب لاءِ اسان کي سڀ کان پهريائين ”اسرار خودي“ جي فلسفيانہ اجزاء جي تحليل ڪري ڏسڻو آهي تہ ڊاڪٽر اقبال جي اِها دعوا ڪيتري قدر صحيح آهي!

هن موقعي تي اِهو ياد رکڻ گهرجي تہ ”اسرار خودي“ جا اجزاء ۽ مقدمات نهايت مبهم، مليل جليل ۽ نامڪمل طور بيان ٿيل آهن ۽ جيستائين ڊاڪٽر اقبال جي سچي ڪلام کي آڏو نہ رکيو وڃي، تيستائين رڳو ”اسرار خودي“ جي اجزاء ۽ مقدمات کي پوريءَ طور سمجهڻ مشڪل ٿيندو. بهرحال، هتي فوري سوال رڳو ”اسرار خودي“ جي فلسفي بابت آهي، جنهن لاءِ چيو ويو آهي تہ اهو مسلمان صوفين ۽ حڪيمن جي افڪار ۽ مشاهدات مان ماخوذ آهي: تنهن ڪري اسان کي فوري طور تصديق فقط اِها ڪرڻي آهي. ”اسرار خودي“ ۾ خوديءَ جي فلسفي جا جيڪي اجزاء ۽ مقدمات بيان ڪيا ويا آهن. اُنهن جي ترتيب هن ريت آهي:

(1) ”هن بيان ۾ تہ دنيا جو نظام خوديءَ کان آهي، ۽ زندگيءَ جو جاري هجڻ ۽ وجود جو مقرر وقت خوديءَ جي استحڪام تي منحصر آهي“.

ان جز متعلق ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم (جو هڪ اعليٰ درجي جي فيلسوف ۽ نقاد هئڻ کان علاوه، علامہ اقبال جي عقيدتمند احباب مان آهي)، ان بحث تي ”رومي، نيٽشي ۽ اقبال“ جي عنوان تحت نهايت جامع ۽ مفصل مضمون لکيو آهي، جنهن ۾ چوي ٿو تہ

”خوديءَ جي فلسفي جي بنياد بابت (اسرار خودي جي صفحي 12 تي) جيڪي اشعار آهن، اُهي نيٽشي کان ورتل آهن، جنهن جو فلسفو هو تہ عين ذات يا حقيقت وجود هڪ ’اَنا‘ مان اُڌميل آهي، عمل اُن جي فطرت آهي: اِخلاقي عمل، پڪار ۽ نشو و نما لاءِ اُن پنهنجو ’غير‘ پيدا ڪيو، تہ جيئن پڪار ۽ اُن جي ذريعي امڪان ارتقا جو صورت پذير ٿئي. اِن فلسفي کي جيئن جو تيئن ڊاڪٽر اقبال پنهنجي بليغ ۽ رنگين انداز ۾ اهڙيءَ طرح بيان ڪيو، جو فلسفي جو خشڪ صحرا گلزار بنجي ويو. مثلاً:

پيڪر هستي ز آثارِ خودي است،
هرچہ مي بيني ز اسرارِ خودي است.
خويشتن را چون خودي بيدار ڪرد،

آشـــڪارا عـــالمِ پنـــدار ڪـــرد.
صـــد جهـــان پوشـــيده انـــدر ذات او،
غيـــر او پيـــدا ســـت از اثبـــات او.
در جهـــان تخـــم خصوســـت ڪاشـــت ســـت،
خويشـــتن را غيـــر خـــود پنداشـــت ســـت.
ســـازد از خـــود پيڪـــرِ اغيـــار را،
تـــا فزايـــد لـــذتِ پيڪـــار را.
مـــي ڪشـــد از قـــوت بـــازوي خـــويش،
تـــا شـــود آگاهـــ از نيـــروي خـــويش.
بهـــر يـــڪ گـــل خـــونِ صـــد گلشـــن ڪنـــد،
از پـــيء يـــڪ نغمـــ صـــد شـــيون ڪنـــد.

---

عـــذرِ ايـــن اســـراف و ايـــن ســـنگين دلـــي،
خلـــق و تڪميـــلِ جمـــالِ معنـــوي.

---

شـــعلہ هـــاي او صـــد ابـــراهيم ســـوخت،
تـــا چـــراغِ يـــڪ محمـــد بـــر فروخـــت.

("اسرار خودي")

(1)"هي سڀ نيٽشي جو فلسفہ انا ۽ فلسفہ حيات آهي. جيتري قدر اقبال جي فڪر جي بنياد جو تعلق آهي، بنسبت نيٽشي جي هو فڪٽي کان وڌيڪ متاثر ٿيل آهي، جنهن جي ڪشمڪش حيات ۽ اخلاق ۽ روحانيت جي بہ چاشني آهي، جا نيٽشي ۾ ايتري قدر نمايان نہ آهي. فڪٽي هڪ خاص انداز جو موجدّ هو، ۽ نيٽشي منڪر خدا آهي".

(2) "هن بيان ۾ تہ خوديءَ کي ناس ڪرڻ جو سلسلو انسان ذات جي مغلوب قومن جو پيدا ڪيل آهي، جي لڪل طريقي سان غالب قومن کي ڪمزور ڪن ٿيون".

ان سلسلي ۾، هڪ مستقل عنوان هيٺ، "اقبال نامہ" (ص 473) ۾ افلاطون تي جا تنقيد ٿيل آهي، اُها ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم جي لفظن ۾، ڊاڪٽر اقبال نيٽشي کان ورتي آهي.

(3) ”هن بيان ۾ تہ خوديءَ جي تربيت جون ٽي منزلون آهن: پهرينءَ منزل کي اطاعت، ٻيءَ منزل کي ضبط نفس ۽ ٽينءَ کي نيابت الاهي چون ٿا“:

۽ اِن جز متعلق ڊاڪٽر خليفو عبدالحڪيم لکي ٿو تہ ”اِنهن ٽن منزلن مان پهرينءَ منزل ۾ خوديءَ کي اُٺ سان مشابهت ڏني ويئي آهي:.

خــدمت و محنــت شــعارِ اشــتر اســت،
صــبر و اســتقلال کــارِ اشــتر اســت.
گــام او در راهــ کــم غوغاســتي،
کــاروان را زورقِ صــحرا ســتي.
نقــش پــايش قســمتِ هــر بيشــۂ،
کــم خــور و کــم خــواب محنــت پيشــۂ.
مســت زيــرِ بــار محمــل مــي رود،
پــاي کوبــان ســوي منــزل مــي رود.

(”اسرارِ خودي“)

”۽ اِهو خيال بہ هوبهو نيٽشي کان ورتل آهي، باقي ٻن منزلن جو خيال ڊاڪٽر اقبال اسلاميات مان ورتو آهي.

”نيٽشي وٽ بہ خوديءَ جي تربيت جون ٽي منزلون آهن، جن مان هڪ ساڳي اُها ’اُٺ جي منزل‘ آهي. نيٽشي جو چوڻ آهي تہ ’روح حيات‘ ٽن منزلن مان لنگهي ٿو. يا هيئن چئجي تہ اُهو پنهنجي هيئت جي تبديليءَ ۾ هڪبئي پٺيان ٽي صورتون اختيار ڪري ٿو: پهرينءَ منزل يا صورت ۾ اهو اُٺ آهي، ٻيءَ ۾ شينهن ۽ ٽينءَ ۾ ٻار، اُٺ واريءَ صورت ۾ روح نهايت صبر ۽ جبر سان پاڻ تي فرضن ۽ ’اَمر و نهيءَ‘ جو بار کڻي ٿو. اُن کان پوءِ هو جڏهن بار برادريءَ ۽ جبر جي احڪامن مان نڪري هيئت اختياريءَ ۾ اچي ٿو، تہ شينهن ٿي ٿو وڃي. ليڪن گهٽي اقدار (انسانيت جي بلنديءَ) پيدا ڪرڻ لاءِ هن لاءِ ضروري ٿئي ٿو تہ ٽينءَ صورت ۾ اچي، يعني ٻار جي صورت ۾، جنهن ۾ معصوميت آهي. اقبال نيٽشي جي هنن ٽن منزلن مان رڳو اُٺ واريءَ منزل کي کنيو آهي، جنهن ۾ اقبال جون بہ منزلون، يعني اطاعت ۽ ضبط نفس جون، موجود آهن. نيٽشي وٽ جيڪا شينهن جي منزل آهي، اُن کي بہ اقبال ٻئي هنڌ بيان ڪيو آهي، پر ٻئي هڪ سلسلي ۾“.

جيتوڻيڪ ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم اسان کي اِهو نہ ٻڌايو آهي تہ ڊاڪٽر اقبال اُها ’شينهن واري منزل‘ ڪٿي ۽ ڪهڙي سلسلي ۾ بيان ڪئي آهي، پر

جيڪڏهن اُها منزل 'جبر' مان متجي 'اختيار' ۾ اچڻ جي آهي، ته ڊاڪٽر اقبال اُن جو به "اسرار خوديءَ" ۾ ئي بيان ڪري ڇڏيو آهي.

تـــو هـــم از بـــار فـــرائض ســـر متـــاب،
بـــر خـــوري از عنـــده حســـن المـــاب.
در اطاعـــت ڪـــوش اي غفلـــت شـــعار،
ميشـــود از جبـــر پيـــدا اختيـــار.

**("اسرار خودي")**

(4) "هڪ پکيءَ جي ڳالهه، جو اُڃ ۾ بيقرار هو":

اِن سلسلي ۾، ڊاڪٽر اقبال جا ' ريزه الماس ۽ شبنم' تي جي شعر آهن، سي، ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم جي لفظن ۾ سنئون سڌو نيٽشي جي زير اثر لکيا ويا آهن.

طـــائري از تشـــنگي بيتـــاب بـــود،
در تـــن او دم مثـــالِ مـــوج دود.

ريـــزهء المـــاس در گلـــزار ديـــد،
تشـــنگي نظـــارهء آب آفريـــد.

از فريـــبِ ريـــزهء خورشـــيد تـــاب،
مـــرغ نـــادان ســـنگ را پنداشـــت آب.

طـــائر از المـــاس ڪـــام دل نيافـــت،
روي خـــويش از ريـــزهء تابنـــده تافـــت.

حســـرت انـــدر ســـينه اش آبـــاد گشـــت،
در گلـــوي او نـــوا فريـــاد گشـــت.

**("اسرار خودي")**

(5) "الماس ۽ زغال جي ڳالهه":

ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم جي لفظن ۾ "ان جو مضمون به نيٽشي کان ماخوذ آهي. نيٽشي جي اخلاقيات جو پهريون اصول، جو هن جي مذهب جو ڪلمو آهي، سو آهي ته 'سخت ٿي وڃو!' اِن پنهنجي اصول جي تشريح ۾ نيٽشي به اِن قسم جي استعارن کان ڪم ورتو آهي."

(6) ”وقت تلوار آهي“:

اِن عنوان سان ڊاڪٽر اقبال جرمن فيلسوف برگسان جو ”وقت جو فلسفو“ بيان ڪيو آهي ۽ امام شافعيءَ جي هڪ قول سان اِن جي تائيد پڻ ڪئي آهي. پر ڊاڪٽر خليفو عبدالحڪيم لکي ٿو تہ ”امام شافعيءَ جي هڪ قول ’الوقت سيف‘ تحت ڪو فلسفو نہ هو. جيڪو فلسفو اقبال، برگسان کان ورتي، ان قول جي تفسير ۾ پيش ڪيو آهي، اُهو خود امام صاحب جي سمجھ ۾ نہ اچي ها. ڇاڪاڻ تہ هُن (امام شافعي) جي پاڪيزگي ۽ پرهيزگاري اهڙن افڪارن کان گريزان ۽ پاسو ڪندڙ هئي.“

ڊاڪٽر اقبال جي ’فلسفء خودي‘ جا اِهي سڀ اجزا ۽ مقدمات مغربي فيلسوفن، خاص ڪري نيٽشي جي فلسفي مان ورتل آهن. ڊاڪٽر خليفو عبدالحڪيم لکي ٿو تہ ”پنهنجي شاعريءَ جي اِن دور ۾، جنهن ۾ ’اسرار خودي‘ تصنيف ڪئي ويئي، ڊاڪٽر اقبال نيٽشي کان متاثر هو... داخلي شاهدين کان سواءِ، جيڪي ’اسرار خودي‘ ۾ ڪثرت ۽ وضاحت سان ملي سگھن ٿيون، مون کي اِن بابت شخصي طرح بہ ڪجھ معلومات حاصل آهي. يورپ جي قيام (انگلستان ۽ جرمنيءَ ۾، 1905 کان 1908 تائين) جي دوران، ڊاڪٽر اقبال کي اِن ’مؤمن قلب ۽ ڪافر دماغ مجزوب‘ (نيٽشي) جو فلسفو گھڻو دلڪش معلوم ٿيو...“

داخلي شاهدين ۽ ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم جي ذاتي معلومات کان سواءِ، ان سلسلي ۾ خارجي ثبوت بہ موجود آهي، ۽ اُهو هيءُ آهي تہ ”خطبہ زرتشت“ يا ”بقول زرتشت“ فريڊرڪ نيٽشي جو ڪتاب پهريون دفعو جرمن ٻوليءَ مان انگريزي زبان ۾ ٿامس ڪامن (Thomas Common) 1905ع ۾ ترجمو ڪيو. اُن وقت ڊاڪٽر اقبال ٽرينٽي ڪاليج، ڪئمبرج، ۾ شاگرد هو: تنهن ڪري ناممڪن آهي تہ مشهور و معروف جرمن فيلسوف، فريڊرڪ نيٽشي، جي عقيدن جو غلغلو ڊاڪٽر صاحب جي ڪنن تائين نہ پهتو هجي يا هن جا ڪتاب سندس نظر مان نہ گذريا هجن. مثنوي ’اسرار خودي‘ سنہ 1915ع ۾ شايع ٿيو، يعني ”بقول زرتشت“ ڪتاب جي انگريزي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيڻ کان ڏھ سال پوءِ.

ڊاڪٽر خليفو عبدالحڪيم ٻئي موقعي تي لکي ٿو تہ ڊاڪٽر اقبال جي ”پيام مشرق“ ۾ نيٽشي جو اثر ايتري قدر واقعي نمايان نہ آهي، جيترو ’اسرار خودي‘ ۾ ..... پر طبقاتي حيثيت يعني سماجي درجي يا حالتن جي مدنظر نيٽشي وٽ، اخلاق ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا آقائي ۽ ٻيا غلامانہ. جيئن صداقت جي تلاش،

جرئت، زندگيءَ کي لذت ۽ تلخيءَ، نفعي ۽ نقصان سان نہ ماپڻ، ۽ هر قسم جي اثبات ۽ حيات افزا فعاليت آقائي اخلاق جا مظاهر آهن، ۽ ٻيا غلامانہ، جيئن هر قسم جي بزدلي، عجز، توڪل، نرمي، مطلب تہ هر قسم جون فراري ۽ انفعالي صورتون، فرمانبرداريءَ ۽ عاجزيءَ واريون، غلامانہ اخلاق جا مظاهرا آهن. نيٽشي جي اخلاقيات جي اِهائي تقسيم اقبال بہ قبول ڪري ٿو ۽ 'اسرار خودي' ۾ گهڻي قدر ان جي ئي تبليغ ڪئي اٿس: جيئن:

ممڪنات قوت مردان ڪار،
گردد از مشڪل پسندي آشڪار،

........

زندگاني قوتِ پيداستي،
اصل او از ذوق استيلاستي.
عفو بيجا سرديءِ خونِ حيات،
سڪتہء در بيت موزونِ حيات.

.......

چهره در مشڪل تن آساني نمود،
دل ز دستِ صاحبِ قوت ربود.

......

زندگي ڪشت است و حاصل قوت است،
شرح رمز حق و باطل قوت است.
مدعي گر مايہ دار از قوّت است،
دعويء او بي نياز از حجت بود.

("اسرار خودي")

ڊاڪٽر اقبال جي ڪن نقادن، دفاعي طور، اِن جي جواب ۾، نيٽشي ۽ ڊاڪٽر اقبال جي فلسفي ۾ فرق ۽ امتياز ڏسڻ ۽ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. خود ڊاڪٽر خليفو عبدالحڪيم بہ، ايتري چوڻ کان پوءِ، دفاعي ۽ توضيحي طرز اختيار ڪندي، لکي ٿو:

"نيٽشي جي افڪار مان ڊاڪٽر اقبال کي فقط تعمير خودي ۽ استحڪام خوديءَ ۽ عروج آدم جا مضمون پسند آيا. نيٽشي وٽ تخريبي افڪار، بنسبت ترڪيبي افڪار، ڪثرت سان ملن ٿا، ۽ انهن ۾ جلال جو پهلو جمال جي پهلوءَ تي

ايتري قدر غالب آهي، جو هستي محض هڪ ميدان ڪارزار بنجي ٿي وڃي. اقبال خوديءَ سان گڏ هڪ بيخوديءَ جو فلسفو بہ رکي ٿو ۽ هڪ کي ٻئي کان سواءِ ناقص سمجهي ٿو. نيٽشي وٽ انفرادي خود اختياريءَ جو ايتري قدر زور آهي، جو فرد جو رشتو ملت ۽ ڪائنات سان نهايت مبهم ۽ غير معين رهجي ٿو وڃي. وٽس قاهري يا اڳرائي ۽ جارحيت غالب آهي. اقبال جي نصب العين ۾ ناز سان گڏ نياز بہ آهي، دعوا سان گڏ تسليم ۽ رضا بہ آهي. نيٽشي جمهوريت ۽ مساوات جو دشمن آهي ۽ غريبن ۽ ڪمزورن لاءِ هن وٽ نفرت جي احساس کان سواءِ ڪجهہ نہ آهي: اقبال بہ جمهوريت جي موجوده شڪلين کي فريب سمجهي ٿو، پر هو هڪ اعليٰ سطح تي مساوات جو متلاشي آهي. نيٽشي وٽ صداقت جو معيار قوت کان سواءِ ڪجهہ نہ آهي، هن جي تنازع للبقاء جو انداز ظالمانہ بيرحمانہ ۽ جابرانہ آهي: اقبال اعليٰ درجي جو موحد آهي، سڄي نوع انسانيءَ کي اياڻ ۽ جاڳائڻ گهري ٿو. نيٽشي جي نظر فقط چند ڪامل افراد تي آهي، جي سڄي پيڪار حيات جو ماحصل آهن. هن ڊارون جي نظريہ حيات تي اخلاق ۽ فلسفي جو بنياد رکيو ۽ سندس خيال هو تہ ايندڙ انسان موجوده انسان کان ايترو ئي مختلف ٿي سگهي ٿو، جيترو موجوده انسان ڪيئن ۽ ماڪوڙن کان مختلف ٿي ويو آهي: ۽ سندس اِهو خيال انساني نصب العين ۾ وڏي قوت پيدا ڪري سگهي ٿو، پر اُن جي نتيجي ۾ انساني دنيا جنگ ۽ جدل جو ئي لقمو رهڻي آهي، جنهن کي هو 'تڪرار ابدي' سڏي ٿو... اقبال جي 'خودي' سندس 'بيخودي' سان ميل ڪائيندي، انساني دنيا لاءِ اِهو مدامي چيرڦاڙ ۽ مرڻ مارڻ جو مستقبل تجويز ڪانہ ٿي ڪري... ڊاڪٽر اقبال نيٽشي يا ٻئي ڪنهن فيلسوف کي اُن جي سيني خصوصيتن سميت نہ ڪنيو آهي، بلڪ هڪ مسلمان جي مذهبي ۽ اخلاقي مقصدن لاءِ هن کي جنهن فيلسوف جي ڪا ڳالهہ پسند آئي، ان کي هن ورتو آهي... ۽ ان حيثيت کان مغرب جي فيلسوفن ۾ هن جي نگاهہ سينيءَ کان پهريائين نيٽشي تي پيئي، ۽ اُن جي فلسفي مان صرف اُهي ڳالهيون ڪنيائين، جي اسلام جي مطابق هيون... اسلام جهاد کي ايمان جو ثبوت قرار ڏنو آهي: زندگي باوجود اُن جي ڪلفت ۽ ڪشاڪش جي اسلام وٽ هڪ نعمت اُهي، جنهن ۾ قوت ۽ جلال پيدا ڪرڻ هر مؤمن جو فرض آهي... ارتقاي حيات ۾، عروج آدم، تسخير فطرت، احترام حيات، جسم ۽ ماده کي معاون روحانيت سمجهڻ، قوت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش. هي سڀ اسلام ۽ نيٽشي جي تعليم ۾ گهڻيءَ حد تائين مشترڪ آهن،

جيتوڻيڪ اقبال ۽ نيٽشي جي انداز بيان ۽ زور بيان ۾ فرق آهي... ڊاڪٽر اقبال نيٽشي جي اِن تعليم سان گڏ اسلامي تصوف جي عشق جو نظريو، خصوصاً مولانا رومر جي فڪر مان به ڪنيو آهي ۽ نهايت بلند آواز سان اُن جو اعتراف ۽ اعلان به ڪيو آهي. چنانچه فرمائي ٿو.

روي خـــود بنمـــود پيـــرِ حـــق سرشـــت،
ڪـــه او بحـــرف پهلـــوي قـــر آن نوشـــت.

گفـــت اي ديوانـــهء اربـــاب عشـــق،
جرعـــهء گيـــر از شـــرابِ نـــابِ عشـــق.

# نيتشي جو مخصوص نقطي نظر ۽ سندس فلسفيانہ خيالات

1- جيترا مسلڪ ۽ نظريا عالم وجود ۾ آيا يا جيترا تصورات وقت بوقت قائم ڪيا ويا، سڀ مجموعہ اغلاط آهن ۽ دنيا جي موجوده تهذيب ۽ تمدن سان تزڪيو اخلاق جوناممڪن آهي. تنهن ڪري اڄ جي انسان جو نصب العين هيءُ آهي تہ هڪ جديد فلسفو، هڪ جديد اخلاقيات ۽ هڪ جديد اخلاقيات، ۽ هڪ جديد تمدن قائم ڪيو وڃي.

2- شين جي قدر ۽ قيمت جي تعين ۾ ڪنهن جي نيت ۽ اِرادي ڪي دخل نہ آهي: فقط ۽ فقط نتيجن تي ئي دنيا جي سڀني شين جي نيڪي ۽ بدي موقف آهي.

3- شوپن هار جو فلسفو 'فلسفہ عزم' هو: خالص 'عزم' ۾ نيتشي هن جو همر خيال هو، پر نيتشي جي دعوا هئي تہ عزم ۽ استقلال ۽ جدوجهد رڳو حيات لاءِ نہ آهي (جيئن 'ارتقائين' ۽ ٻين جو خيال آهي)_ پر قوت ۽ طاقت لاءِ آهي: ۽ ايئن نيتشي جو فلسفو 'فلسفہ عزم للقوة' هو، ۽ اِن ئي تي هن سڄيءَ سائنس ۽ سڄي اخلاق ۽ معارف جو بنياد قائم ڪرڻ گهريو ٿي.

4- دماغ 'حسيات' جي هٿ ۾ اوزار آهي، جنهن کي اسين عقل خِرد يا ننڍو عقل (Little Reason) سڏيون ٿا، ۽ اِهو عقل خرد يا دماغ 'جسم' جو پليل نهيل آهي: سڀ کان وڏو عقل خود 'جسم' آهي.

5- علم اُن حد تائين مفيد سمجهي سگهجي ٿو، جنهن حد تائين بقاء حيات جي جدوجهد ۾ اُهو حصول قوت ۾ معاون ۽ مددگار هجي. مغالطو (غلطي يا خطا) ايترو ئي ضروري آهي جيترو حق.

6- حق ۽ باطل، حسن ۽ قبح، نيڪي ۽ بدي سڀ تعبيري اوصاف يا اضافي الفاظ آهن، جن جي ڪا مستقل هستي ڪانہ آهي. انهن جو وجود بالعرض آهي، نہ باالذات.

7- انساني ترقيءَ جي آخري منزل "فوق البشر" آهي: هر اُن مذهب يا مسلڪ کي نيست و نابود ڪري ڇڏڻ کپي، جو اُن راهہ ۾ رڪاوٽ هجي.

8- انساني دنيا در حقيقت حسيات ۽ جذبات جي دنيا آهي. هيستائين دنيا جي متعلق جيڪي رايا قائم ڪيا ويا آهن، اُنهن جي تہ ۾ حسيات ۽ جذبات لڪل آهن، ۽ اُنهن سڀني حسيات ۽ جذبات جو مرڪز "عزم للقوة" آهي.

9- بني آدم پنهنجي وضع قطع ۽ اخلاق و عادات کان هر زماني ۾ ۽ هر ملڪ ۾ ٻن طبقن ۾ ورهايل رهيو آهي ۽ اِها ورهاست ۽ تفريق اخلاق لاءِ ضروري ۽ لازمي آهي. خواص جي طبقي لاءِ اخلاق جو معيار شرافت ۽ رذالت، ۽ قوت ۽ ضعف رهيو آهي ۽ عوام جي طبقي لاءِ اخلاق جو معيار نفعو ۽ ضرر، ۽ سک ۽ سور آهي.

جيئن تہ صنف نازڪ (عورت) عزم ۽ استقلال ۾ صنف غالب (مرد) جي همسري ۽ برابري نٿي ڪري سگهي، تنهن ڪري قدرتي طور عورتن کي مردن جي برابر حق ۽ اختيار نہ ملڻ گهرجن.

**نوٽ:** 1- شوپن هار (Arther Schopenhaur: 1788-1860): جرمن فيلسوف سنہ 1788ع ۾ ڊنزگ شهر ۾ ڄائو. هن جو پيءُ خزانچي هو ۽ ماءُ ناول نگار هئي. ننڍيءَ عمر ۾ ڌنڌي ۾ لڳو پر ڪم ۾ طبيعت نہ لڳيس ۽ بيزار ٿي پيو. ڪاٽنجن يونيورسٽيءَ ۾ 1809ع کان 1811ع تائين ۽ برلن يونيورسٽيءَ ۾ 1811ع کان 1813ع تائين علوم مادي، فلسفي ۽ سنسڪرت ٻوليءَ جي تعليم ورتائين. افلاطون ۽ ڪانٽ* جو تتبع ڪندو هو. برلن ۾ 1820ع کان 1831ع تائين فلسفي تي ليڪچر ڏنائين، پر ناڪاميءَ سان هرهنڌ واسطو پيس. پڇاڙيءَ ۾ گوشہ نشيني اختيار ڪيائين. گهڻي غور ۽ فڪر ۽ تحقيق ۽ تدقيق بعد هن پنهنجي فلسفي کي مرتب ڪيو، جيڪو گهڻي قدر معرفت يا باطنيت ڏانهن مائل هو ۽ بنيادي طور ٻڌمت سان مشابهہ هو ۽ فلسفہ عزم (Philosophy of Will) جي نالي سان موسوم ٿيو. شوپن هار جي فلسفي جو خلاصو هيءُ آهي تہ هستي سراسر آزار آهي، ۽ اهڙي هستي جيترو جلد ختم ٿئي، بهتر آهي. شوپن هار دهري فيلسوف هو. هن جي تمنا هيءَ هئي تہ انسان پنهنجي قدرتي خواهشن يعني 'عزم حيات' کان دستڪش ٿئي. هن جو فلسفو قنوطيت (مايوسيءَ ڏانهن مائل هو، جو سراپا قرآن مجيد جي تعليمات خلاف هو. سندس مکيہ تصنيفون هي آهن:

1. The World Considered as Will and Idea.
2. The Two Fundamental Problems of Ethics.

* ڪانٽ (Immanuel Kant : 1724-1804): جرمن سائنسدان ۽ فيلسوف هو. هن جو ڪتاب- Critique of Pure Reason، جو 1781ع ۾ شايع

ٿيو، مغربي فلسفي جي دنيا ۾ هڪ سرگرم ۽ تيز بحث جو موضوع بنيو. هن جي مذهبي عقيدن کيس وقت جي حڪومت سان ٽڪر ۾ آندو ۽ هن کي ڪافي مصيبتن ۾ مبتلا ڪيو، جي سڀ هن وڏيءَ دليريءَ ۽ پوري صبر سان برداشت ڪيون. هن جا نظريا ۽ اصول جيڪي غور ۽ فڪر جي ميدان ۾ هن پيش ڪيا، سي سندس ذهن ۽ فهم جي عجيب ۽ نادر قابليت جو ثبوت هئا، جن جي زبردست اثر يورپ جي ارڙهين ۽ اوڻيهين صديءَ جي فلسفيانہ خيالات کي نئون رنگ ڏنو ۽ اڄ بہ اُهي اِنساني فڪر جي دنيا ۾ وڏي اهميت رکن ٿا.

# بقول زرتشت - پاگو پھریون

# زرتشت جي تمهيد

## (1)

ٽيهن ورهين جي عمر ۾ زرتشت پنهنجو گهر ٻار، ڪڙم قبيلو، ۽ پنهنجي وطن جي ڍنڍ جا ڪنارا ڇڏي، جبلن ۾ وڃي رهيو. اُتي ساندهه ڏهن سالن تائين هو پنهنجي خلوت نشينيءَ ۽ روحاني ڪيف مان چڱيءَ طرح محظوظ ٿيندو رهيو ۽ ڪنهن به قسم جو ٿڪ يا بددلي محسوس نه ڪيائين. پر نيٺ سندس دل اُنهيءَ هِڪساريڪائيءَ جي زندگيءَ کان ورچي پيئي، هڪڙي ڏينهن صبح جو سوير اُٿي، هو پنهنجي غار مان ٻاهر آيو ۽ مشرق مان طلوع ٿيندڙ سج کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو:

اي عظيم تارا، ڀلاءِ ته سهي ته جيڪڏهن اِها مخلوق نه هجي ها، جا تنهنجي روشنيءَ مان فائدو وٺي ٿي، ته پوءِ تو کي ڪهڙو مزو اچي ها! گذريل ڏهن سالن کان برابر تون منهنجي غار جي منهن تان گردش ڪندو لنگهندو ٿو رهين. تنهنجي هِن گرميءَ ۽ سفر جي جوش جو مقصد غالباً اِهو هو ته مون کي ۽ منهنجي عقاب پکيءَ ۽ نانگ کي بيدار ڪرين. پر افسوس، اسين ته دستور موافق غفلت جي ننڊ ۾ ستا پيا آهيون! اسين هر روز صبح جو تنهنجو ڏگ نهاريندا رهياسين، ۽ تنهنجي ايڏيءَ ساريءَ روشنيءَ ۽ گرمائش مان فائدو وٺي، صبح شام توکي دعائون ڪندا ٿي رهياسين ۽ بس.

پر ڏس، هاڻي آءٌ هِن اڪيلائيءَ ۾ رهي پنهنجي عقل ۽ شعور کان بيزار ٿي پيو آهيان. هن وقت منهنجو مثال اُن مک وانگر آهي، جا ماناري ۾ ڪثرت سان ماکي گڏ ڪري چڪي آهي، ۽ اُنهن هٿن جي منتظر آهي، جي اُت پهچي اُن مان فائدو وٺن.

آئون هاڻي خوشيءَ سان دانائيءَ ۽ حڪمت جو هي ذخيرو لٽائڻ گهران ٿو. ڪاش! نام نهاد داناءَ منهنجي دانائيءَ جا محرم راز بنجي، پنهنجين حماقتن کي محسوس ڪن ۽ روحاني مفلسيءَ ۾ ٻڏل ماڻهو پنهنجي فطري خزانن مان مالامال ٿين ۽ اُبڙي مٿي اچن.

اي آفتاب! معلوم ٿئي ٿو ته هاڻي اِن اعليٰ مقصد ۽ عمدي ڪم لاءِ مون کي شهرن ۽ آبادين طرف ضرور وڃڻو پوندو. ها، آءٌ جبلن جي هِنن بلندين کان لهي،

هيٺانهينءَ طرف اهڙيءَ طرح ويندس، جهڙي طرح تون شام جي وقت سمنڊ جي پٽ ۾ غروب ٿيندي ٿيندي دنيا جي هيٺين حصن کي پنهنجن سونهري ڪرڻن سان روشن ڪرين ٿو. مون کي بہ تو وانگر بني نوع انسان سان پنهنجا روحاني تعلقات پيدا ڪرڻا پوندا.

اي آفتاب! هاڻي پنهنجيءَ پُرسڪون اک سان مون کي خير ۽ برڪت عطا ڪر. اُها اک، جا خوشيءَ ۽ مسرت جي اٿندڙ طوفانن کي حسد کان سواءِ ڏسي ٿي.

اي شاهہ فَلڪ! منهنجي دل جي پيماني تي، جو هاڻي اڃي هارجڻ تي بيٺو آهي، پنهنجون بي انت تجليون وجهہ، تان تہ هيءُ سون جهڙيءَ سچائيءَ جو ڇلڪندڙ ماڻ دنيا وارن وٽ تنهنجي زندگيءَ ۽ مسرت جو عڪس ۽ پرَتوو کڻي وڃي.

ڏس! هيءُ پيمانو هڪ ڀيرو وري خالي ٿيڻ وارو آهي ۽ زرتشت هڪ دفعو وري انسانن لاءِ انسان بڻجي رهيو آهي.

اِن طرح زرتشت جو ظهور شروع ٿيو.

## (2)

زرتشت اڪيلو جبل تان هيٺ لهي آيو ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان هن جي ملاقات نہ ٿي. پر جڏهن جهنگ ۾ پهتو تہ اوچتو هڪڙو پير مرد سندس سامهون اچي بيٺو، جو پنهنجي جهوپڙيءَ مان نڪري جهنگ ۾ ٻوٽن جون پاڙون تلاش ڪري رهيو هو. زرتشت کي ڏسي، پير مرد کيس هن طرح مخاطب ٿيو:

”هيءَ مسافر مون لاءِ اجنبي نہ آهي. ڪيئي سال ٿيا تہ هو هِتان لنگهيو هو. هِن جو نالو زرتشت هو. پر مان ڏسان ٿو تہ هيءُ سراسر بدلجي ويو آهي.

اي زرتشت! اُن وقت تون پنهنجي رَتُ کي جبلن ڏانهن کڻي ٿي وئين: اڄ تون پنهنجا ٻرڪندڙ شعلا وادين ڏانهن کڻي ٿو وڃين؟ ڇا، توکي هِن باهہ جي ناس ڪندڙ اثرن کان ڊپ نٿو لڳي؟

ها، آءٌ هِن زرتشت کان چڱيءَ پر واقف ٿي چڪو آهيان. هاڻي هِن جون اکيون نرمل ۽ صاف آهن ۽ هن جي چهري ۾ نفرت جا ڪي بہ آثار نہ آهن. هاڻي هيءُ ڪنهن رسي باز وانگر ٽڏندو ۽ ڏنجندو ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

هائو، زرتشت بلڪل بدلجي چڪو آهي: اڄ هو هڪ معصوم ٻار وانگر ڇهڪي ۽ مهڪي رهيو آهي: زرتشت سچ پچ سجاڳ ٿي چڪو آهي: ”و اي زرتشت، اِهو تہ ٻڌاءِ، تون ننڊ ۾ ستل ماڻهن وٽ ڇا تو ڪرڻ وڃين؟

تون، جيڪو چڻ تہ سمنڊ ۾ نئون جنم وٺي، اُن جي پُرسڪون گهرائين ۾ پليو آهين، افسوس! تون هاڻي پُرشور ڪنارن ڏانهن ويندين. تون وري اُهوئي پنهنجي جسم جي بار کي پاڻ سان گهليندو وتندين؟“

زرتشت جواب ڏنو: ”مون کي انسان ذات سان محبت آهي.“

اِهو ٻڌي، درويش چيو: ”تو کي شايد معلوم ناهي تہ مون شهرن کي ڇڏي جهنگ ۽ صحرا جي سڪونت ڇو اختيار ڪئي هئي. مون بہ تہ هيءَ گوشہ نشيني ۽ خلوت، انسان ذات سان بيحد پيار هجڻ سبب اختيار ڪئي هئي!

پر هاڻي آءٌ خدا سان محبت ڪريان ٿو: انسانن سان محبت نٿو ڪريان. منهنجي لاءِ انسانُ هڪ تمام ناقص شيءِ آهي. خدا جي محبت ميسر ٿيڻ کان پوءِ انسان جي محبت مون کي تباهہ ڪري ڇڏيندي.“

زرتشت جواب ڏنو: ”محبت مان تنهنجي مراد ڇا آهي؟ مان تہ انسانن لاءِ هڪڙو نيڪ تحفو کڻي وڃي رهيو آهيان.“

”نادان،“ درويش چيو، ”انسانن کي ڪِي ڏيڻ جي بدران، جيتري قدر ممڪن هجي، هنن کان ڪجهہ وٺڻ ئي چڱو آهي. هنن کي پنهنجو بوجو پاڻ کڻڻ ڏي. اِهائي هنن جي بهترين خدمت آهي. هُنن کان هُنن جو ڪجهہ بوجو ئي وٺ ۽ ساڻ کڻي اُنهن سان هل. جيتري قدر هو تنهنجي اِها ڳالهہ گوارا ڪن.

پر جيڪڏهن تون اُنهن کي ڪجهہ ڏيڻ گهرين ٿو، تہ اُهو خيرات طور اُنهن کي ڏي ۽ اُهو بہ تڏهن جڏهن هو اُن لاءِ صدا هڻن!“

زرتشت جواب ڏنو: ”هرگز نہ. آءٌ خيرات ڇو ڏيان، جڏهن آءٌ هنن لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهہ لُٽائي سگهان ٿو.“

درويش اُهو ٻڌي کليو ۽ چوڻ لڳو: ”تڏهن ڏسجانءِ تہ هو تنهنجي اُنهيءَ املهہ سڀ ڪجهہ جو ڪهڙو ٿا قدر ڪن. هو زاهدن کان اڳي ئي بدگمان آهن ۽ اُنهن خزانن جي ضرورت ۽ اهميت تي يقين ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن، جي اسين هنن جي سپرد ڪرڻ گهرون ٿا.

گهٽين ۾ اسان جي پيرن جي آهٽ هنن کي بيحد کوکي معلوم ٿي ٿئي. رات جي وقت، سج اُڀرڻ کان اڳ، جڏهن هو پنهنجن بسترن ۾ اسان سان ڪنهن جي پيرن جي آهٽ ٻڌن ٿا (جنهن وقت اسين عبادت لاءِ ڪنهن طرف ويندا آهيون)، تہ پنهنجي دلين ۾ چون ٿا: ڪيڏانهن ٿو وڃي اِهو چور؟

تنهن ڪري، جيڪڏهن تون منهنجو چيو مڃين تہ انسانن وٽ نہ وڃ، بلڪ هِتي جهنگ ۾ ئي رهہ. انسانن جي ڀيٽ ۾، حيوانن وٽ تنهنجو وڃڻ بهتر آهي. تون مون وانگر فطرت سان همروح ٿي، حياتيءَ جا ڏينهن ڇو نٿو بسر ڪرين؟ _ رڇن سان رڇ ٿي ۽ پکين سان پکي بڻجي!“ .

زرتشت پڇيو: ”تو جهڙو درويش ڀلا جهنگ ۾ ويهي، ڇا ٿو ڪري سگهي؟“

درويش جواب ڏنو: ”آئون گيت ناهيان ٿو ۽ اهي ڳايان ٿو. گيت ناهيندي، آءٌ کلندو، روئندو ۽ جهونگاريندو رهان ٿو: اِن طرح آءٌ ڏٽي تعاليٰ جي تعريف ڪريان ٿو.

کِلي ۽ روئي، ڳائي ۽ جهونگاري، آءٌ اُنهيءَ هستيءَ جي تعريف ڪريان ٿو، جيڪا منهنجي خالق ۽ مالڪ آهي. پر تون اِهو ٻڌاءِ، منهنجي لاءِ ڪهڙو تحفو آندو اٿيئي؟“

اِهي لفظ ٻڌي، زرتشت بزرگ کي جهڪي سلام ڪيو ۽ چوڻ لڳو: ”آئون ڀلا توکي ڇا ڏيئي سگهان ٿو: تنهنجي اصول مطابق تہ اُلٽو مون کي ڪجهہ وٺڻ گهرجي! تنهن ڪري ڇڱو ٿيندو تہ مان تو وٽان هِتان هليو وڃان.“

۽ اهڙيءَ طرح ٻڍو درويش ۽ زرتشت اسڪولي ٻارن وانگر ٽهڪ ڏيندا. هڪٻئي کان جدا ٿيا.

## (3)

جڏهن زرتشت هڪڙي جهنگ کي ويجهي شهر ۾ پهتو تہ مارڪيٽ ۾ گهڻن ماڻهن جو ميڙ ڏٺائين: ڇاڪاڻ تہ اِهو اعلان ڪيو ويو هو تہ رسيءَ تي هلندڙ بازيگر جو تماشو ٿيڻ وارو آهي. زرتشت هيءُ نهيل نڪيل ۽ گڏ ٿيل مجمعو غنيمت ڄاڻي، هن طرح پنهنجو خطاب شروع ڪيو:

آئون فوق الانسان جو معلم آهيان! آءٌ اوهان کي فوق الانسان جي تعليم ڏيان ٿو. انسان جو مقام گهٽو بلند آهي. آءٌ اوهان کان پڇان ٿو تہ اوهان اِن باري ۾ ڪهڙو جدوجهد ڪيو آهي: اوهان انسان کان اڳيرو وڌڻ لاءِ ڇا ڪيو آهي؟

جيستائين سيني هستين پاڻ مان پاڻ کان ڪانہ ڪا ممتاز شيءِ پيدا ڪري ڏيکاري آهي: ڇا، زندگيءَ جي بحر ۾ اوهين زندگيءَ جي سڀ کان هيٺانهين ڇولي بنجڻ گهرو ٿا؟ ڇا، اوهين فوق الانسان جي بدران حيوانن جهڙي تنزل ۾ رهڻ اختيار ڪندا؟

مان اوهان کان پڇان ٿو، انسان جي لاءِ باندر يا پولڙو ڪهڙي حيثيت رکي ٿو؟ هڪڙي مضحڪ خيز ۽ شرمندگيءَ جهڙي شيءِ! فوق الانسان جي لاءِ بہ فقط ماڻهوءَ جي حيثيت بلڪل ايئن آهي. مضحڪ خيز، شرمندگيءَ جهڙي شيءِ.

غور ڪريو تہ اوهان هڪ ڪِيئن مان انسان جي صورت اختيار ڪئي آهي، پر اڃا تائين اوهان ۾ گهڻو ڪجهہ ڪيئن جهڙو باقي آهي. ڪنهن زماني ۾ اوهين باندر هئا، مگر هن وقت بہ انسان باندر کان زياده باندر آهي.

اوهان ۾ جو سڀ کان وڏيڪ عقلمند آهي، اهو بہ رڳو بي نظميءَ جو مجموعو آهي، وڻن ٻوٽن ۽ ارواحن جو مخلوط اولاد. ڇا، آءٌ اوهان کي ڇئي سگهان ٿو تہ نباتات يا ارواح ٿي رهو؟

ڏسو، آءٌ اوهان کي فوق الانسان بنجڻ جي تعليم ڏيان ٿو.

فوق الانسان هن زمين جي تقدير آهي، اُن جو جوهر آهي. ڪائنات جو اصل مقصد آهي، نظام حيات جو مرڪز ۽ محور آهي: اوهان کي اِن ڳالهہ تي پورو يقين هئڻ گهرجي.

منهنجا ڀائرو، آءٌ اوهان کي تلقين ٿو ڪريان تہ هِن دنيا سان با وفا رهو ۽ اُنهن ماڻهن تي اعتبار نہ ڪريو، جي اوهان کي توڻي ئي ٻيءَ دنيا جون خبرون ٻڌائي، خوشيءَ ۾ مبتلا ڪري، اوهان جي قوت عمل کي معطل ڪرڻ گهرن ٿا. درحقيقت، اِهي ماڻهو زهريلا جراثيم آهن، خواهہ هي اِهو ڄاڻن يا نہ ڄاڻن. جن کان اوهان کي پرهيز ڪرڻ گهرجي.

اِهي ماڻهو زندگيءَ جي حقائق کان نفرت ڪن ٿا ۽ پاڻ بيمار ۽ زهريلا آهن ۽ ٻين کي بہ افسرده ۽ ناس ڪرڻ گهرن ٿا. دنيا هنن جا منحوس خيال ٻڌي ٻڌي بيزار ٿي چڪي آهي: اِنهن کان پري رکو!

هن کان اڳ خدا جي نافرماني يا ڪُفر جو ڪلمو سڀ کان وڏو گناهہ هو: هاڻي جيڪڏهن ڪا نافرماني ٿي سگهي ٿي تہ اُها ڌرتيءَ جي ۽ ڪو ڪبيرو گناهہ ٿي سگهي ٿو تہ اُهو ڌرتيءَ کان ڪفر ڪرڻ جو ۽ ٻيو هيءُ تہ اُن سمجهہ کان بالا هستيءَ جي دل کي ڌرتيءَ جي دل کان وڏيڪ اهميت ڏني وڃي.

ڪو وقت هو، جڏهن روح جسم کي نفرت ۽ حقارت سان ڏسندو هو، ۽ اِها حقارت ئي تڏهن اعليٰ ترين چيز سمجهي ويندي هئي. اُن گهريو ٿي تہ سندس برتريءَ لاءِ جسم طرح طرح جون رياضتون برداشت ڪري، ضعيف ۽ ڪمزور، بدصورت ۽ بکايل رهي. اهي گويا جسم ۽ ڌرتيءَ کان پڇي نڪرڻ لاءِ اُن جون اٽڪلون هيون.

اڙي، اِهو روح تہ پاڻ اُن وقت ڏيرو ۽ بکايل هو ۽ ايذارساني اُن جي مسرت هئي!

پر، منهنجا ڀائرو! اوهين بہ تہ انصاف سان چئو_ پاڻ اوهان جو جسم اوهان جي نفس لاءِ ڇاتو چئي؟ ڇا، اوهان جو نفس افلاس، حرص ۽ گند جو خودپسند پيکر نہ آهي؟

واقعي انسان گند ڀريل هڪ ندي آهي. ماڻهوءَ کي هڪ سمنڊ هجڻ گهرجي، جنهن ۾ گند ڀريل ندي پوي تہ بہ هو اجرو ۽ نرمل رهي.

ياد رکو آءٌ اوهان کي فوق الانسان جي تعليم ڏيان ٿو. اُهو سمنڊ فوق الانسان آهي، جنهن ۾ اوهان جي زبردست نفرت ۽ حقارت ۽ سڄي ناپاڪي ۽ آلودگي غرق ٿي سگهي ٿي.

چڱو ڀلا، ٻڌايو تہ اُها سڀ کان وڏي ڳالهہ ڪهڙي آهي، جنهن جو اوهان کي تجربو ٿي سگهي ٿو؟ اُهائي جيڪا اوهان جي وڏي ترسڪار ۽ اَسنتوش جي گهڙي بہ هجي ٿي! اُها گهڙي جنهن ۾ اوهان جي خوشي بہ اوهان کي ناپسند ٿي لڳي، ۽ ساڳيءَ طرح اوهان جي سمجھ ۽ اوهان جي نيڪي بہ.

اُها گهڙي جڏهن اوهين چئو ٿا: ”منهنجي خوشي ڪهڙي ڪم جي؟ اِهائي منهنجي ڪوڪلائپ آهي، غلاظت آهي ۽ خسيس خودپسندي. منهنجي خوشي تہ خود منهنجي وجود جو جواز هجڻ کپي!“

اُها گهڙي جڏهن اوهين چئو ٿا: ”منهنجي سمجھ ڪهڙي ڪم جي؟ اُن تہ اجا مون کي اُتساهہ ۽ اُپار ئي نہ ڏنو آهي. ڪيڏو نہ آءٌ ڪڪ ٿي پيو آهيان چڱي ۽ سٺي سڀ مان! اِهائي غلاظت آهي، ڪوڪلائپ آهي ۽ منهنجي خودپسندي آهي.“

اُها گهڙي جڏهن اوهين چئو ٿا: ”منهنجو انصاف جو شعور ڪهڙي ڪم جو؟ آءٌ پاڻ ۾ ڪا جوت، ڪا جيئي ڏسان ئي نٿو. انصاف جا ڄاڻو تہ سڄو حلال ۽ سڄي آڳ هجن ٿا!“

اُها گهڙي جڏهن اسين چئون ٿا: ”منهنجو تِرس ۽ منهنجي ڪهل ڪهڙي ڪم جي؟ ڇا، ڪهل هڪ صليب ناهي، جنهن تي هر اُهو ٽنگجي ٿو، جيڪو انسان سان پيار ڪري ٿو؟ پر منهنجي ڪهل تہ سوليءَ تي چاڙهڻ ناهي“.

ڇا، واقعي اوهان بہ ڪڏهن پاڻ کان اِهي سڀ سوال ڪيا آهن؟ ڇا، سچ پچ اوهان پنهنجي نفس سان ڪڏهن اهڙيءَ ديانتداريءَ سان ڳالهايو آهي؟ ڪاش مان ڪڏهن اوهان کي پاڻ کان اهڙو عمدو حساب وٺندو ٻڌان!

پر اِهو اوهان جو ڏوهه ناهي، بلڪ اوهان جي شرمندگي ۽ اوهان جو ريا وارو زهر آهي، جو اوهين گناهه ڪري آسمان ڏانهن ڏسو ٿا. خود اوهان جو گناهه ۽ اوهان جو بخل، آسمان طرف هٿ ڪٽي پڪاري ٿو.

آهه! عشق جي اُها بجلي ڪٿي آهي، جا پنهنجي جيڀ سان اوهان جي وساٽل دلين کي جاڳائي ۽ اُنهن ۾ آڳ پڙڪائي؟ اُهو جنون ڪٿي آهي، جيڪو هيءَ هر ڳالهه کان اوهان کي آجو ڪري ڇڏي؟

ڏسو، مان اوهان کي فوق الانسان جي تعليم ڏيان ٿو: هو ئي اُها بجلي آهي، هو ئي اُهو جنون آهي.

زرتشت ايترو مس چيو هو ته مجمعي مان هڪ شخص بلند آواز سان چيو: ”اسان بازيگر جون ڳالهيون ڪافي ٻڌيون، هاڻي هو رسيءَ تي اسان کي چڙهي به ته ڏيکاري!“ اِهو ٻڌي، سيئي ماڻهو زرتشت تي کلڻ لڳا. پر بازيگر اِها ڳالهه پاڻ ڏانهن سمجهي ۽ هن پنهنجا ڪرتب ڏيکارڻ شروع ڪيا.

## (4)

زرتشت ماڻهن ڏانهن ڏٺو ۽ عجب کاڌائين. پوءِ هِن طرح هُن ڳالهايو:

انسان هڪ رسي آهي حيوان ۽ فوق الانسان جي وچ ۾ ٽنگيل. هڪ وڏي اوڙاهه مٿان اُن جي ٻن پاسن تي سو گهي ٻڌل.

هڪ خطرناڪ اوڪر. جنهن تان اُڪرڻ خطرناڪ، پوئتي نهارڻ خطرناڪ، اُن جو ڏهڪاءُ خطرناڪ ۽ بيهڻ خطرناڪ.

انسان جي عظمت هيءَ آهي ته پاڻ هڪ پُل آهي، منزل ناهي: ڪارزار هستيءَ ۾ هن کي آرام ۽ آسائش سان نه، پر جدوجهد ۽ پرواز ۾ وقت بسر ڪرڻو آهي ۽ فنا ٿيڻو آهي: پيار لائق ڳالهه هُن جي اِها آهي، جو هو مٿي اُيري سگهي ٿو ۽ هيٺ به ڪري سگهي ٿو.

انسان جي اعليٰ صفت هيءَ آهي ته هو هڪ مستقل انقلاب آهي_ پست خيالن کي خس و خاشاڪ جيئن اُڏائي وڃڻ وارو هڪ طوفان، هر ڪُهني ۽ ڪاڌل نظام لاءِ هڪ ناس ڪندڙ زلزلو.

مون کي اُنهن ئي شخصن سان محبت آهي، جن جي زندگيءَ جو مقصد انقلاب جي ڪنهن زد ۾ تباهه ٿي وڃڻ هجي، ڇو ته اُهي ئي وهم ۽ گمان جون حدون ٽوڙي ۽ اُنهن تان ٽپي، فوق الانسان جي مقام تي پهچن ٿا.

مون کي اُنهن ئي شخصن سان محبت آهي، جي عمل ۾ اخلاق جي هلندڙ معيار جا باغي آهن ۽ اُن کان بيزار آهن، ڇو تہ اُهي ئي اجتهاد ۾ اڳ سان دنيا کي نئين رونق ۾ نئون رخ ڏين ٿا: اهي ئي مرد ميدان آهن، جي مست موجن سان سينو ٽڪرائي، ٻئي ساحل تي پهچن ٿا.

مون کي اُنهن ئي شخصن سان محبت آهي، جي چمڪندڙ تارن جي ٻئي طرف واريءَ دنيا خاطر پنهنجي پاڻ کي نٿا وڃائين، بلڪ هِتي هِن ئي هيئينءَ دنيا سان با وفا رهي، اُن جي تربيت ۾ ارتقا لاءِ ڪوشش ڪن ٿا، تاڪ هيءَ ڌرتي هڪ نہ هڪ ڏينهن فوق الانسان جي شايان شان بڻجي سگهي.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جو ڄاڻڻ لاءِ جيئي ٿو ۽ اِن لاءِ ڄاڻڻ چاهي ٿو تہ هڪ ڏينهن دنيا ۾ فوق الانسان جِي سگهي ۽ اُن لاءِ هو پنهنجي موت جو خواهان آهي.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جو پنهنجي ڪمال سان محبت ڪري ٿو_ اُهو ڪمال جنهن جي تحصيل تباهہ ڪن خطرات کي سڏي ٿي، ۽ اُهائي هن جي آرزوءَ جي واحد راهہ آهي.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جو پنهنجي جوهر جي خفيف ترين توانائي بہ ذاتي غرض لاءِ ڪم نٿو آڻي، بلڪ اُن کي سراسر اُن ڪمال لاءِ وقف ڪري ٿو، جنهن سان فوق الانسان جي تشڪيل ٿئي ۽ اهڙيءَ طرح هو سراپا جوهر بنجي، اوڙاهہ جي پُل تان اُڪري ٿو.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جو انساني ڪمال کي پنهنجو ارادو ۽ پنهنجي تقدير بنائي ٿو: ۽ ائين پنهنجي ڪمال واسطي، جيئڻ لاءِ بہ ۽ نہ جيئڻ لاءِ بہ تيار آهي.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جو ڪمالن جي ڪثرت نٿو چاهي: هڪ ڪمال ٻن کان وڌ ڪمال آهي، ڇو تہ تقدير کي ڏانوڻ لاءِ اُها هڪ ڳنڍ ئي ڪافي آهي.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جنهن جو روح سخي ۽ ڪشادو آهي، جنهن کي نہ شڪريي وٺڻ جي ضرورت آهي، نہ ڏيڻ جي: ڇو تہ هو سدائين ڏئي ٿو ۽ پنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ رکڻ نہ ٿو چاهي.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جو ساريءَ کي پنهنجي حق ۾ پوندي ڏسي، ڦِڪو ڦِڪو ٿيندي، پڇي ٿو: ”مون کا بي ايماني تہ نہ ڪئي؟“_ ڇو تہ هو هار سهڻ لاءِ تيار رهي ٿو.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جو پنهنجي عملن کان اڳ پيار ۽ خلوص جا لفظ ورهائي ٿو ۽ هميشہ ڪيل واعدي کان وڌيڪ ڪجھ ڪري ٿو: ڇو تہ هو سدائين پنهنجي نقصان جي ڳولا ۾ هوندو آهي.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جو مستقبل جا امڪان ميڙي ٿو ۽ ماضيءَ جون نيڪيون ڇاڻي ٿو: ڇو تہ هو حال جي ڳالهين جي تورتڪ لاءِ سدا تيار رهي ٿو.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جو پنهنجي خدا سان مقابل رهي ٿو، اِن لاءِ تہ هو اُن سان پيار ڪري ٿو: ڇو تہ اُن جي غصي جي باھ ۾ پسمر ٿيڻ لاءِ تيار آهي.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جنهن جو روح گهرو زخميل آهي ۽ ٿوريءَ ڳالھ تي بہ اُهو ايذائجي ٿو ۽ دانهن ٿو ڪري ۽ اِيئن ئي ايذائجي ايذائجي هو اُوڙاھ جي پُل اُڪري ٿو.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي، جنهن جو روح ايترو پريل آهي، جو هو پاڻ وساري ڇڏي ٿو ۽ سڀ شيون منجهس اندر آهن ۽ اِن طرح سڀ شيون هن کي هيٺ بہ نيئي سگهن ٿيون.

مون کي اُن ئي شخص سان محبت آهي. جيڪو هڪ آزاد روح ۽ آزاد دل جو مالڪ آهي: ايئن جو دماغ هن جي دل جو اوزار آهي؛ هن جي دل، بهرحال، هن کي هيٺ بہ نيئي سگهي ٿي.

مون کي اُنهن سيني شخصن سان محبت آهي، جيڪي وڏ-ڦڙي مينهن جيان هڪ هڪ ڦڙو ٿي گهاٽن سياھ بادلن مان دنيا تي وسن ٿا- اُنهن بادلن مان جيڪي دنيا تي ڪڏهن ڪڏهن گهِري اچن ٿا: اُهي دنيا تي بجليءَ جي ڪِڙڻ جي خبر ڏين ٿا ۽ خبر ڏيئي، ڌرتيءَ ۾ جذب ٿي وڃن ٿا.

ڏسو، آءٌ اُن بجليءَ جو هڪ خابرو آهيان_ گهاٽي سياھ بادل جي وڏ ڦڙي مينهن جو هڪ ڦڙو: بجلي، بهرحال، جيڪا دنيا تي ڪِڙڻ واري آهي، اُها فوق الانسان آهي.

## (5)

جڏهن زرتشت هي لفظ ڳالهائي پورا ڪيا، تڏهن هن وري ماڻهن جي مجمعي ڏانهن نهاريو ۽ چپ ٿي ويو ۽ پنهنجيءَ دل ۾ چوڻ لڳو: ”هو بي حس بنيا بيٺا آهن. هو بي پرواهيءَ سان کلي رهيا آهن. هو منهنجو مطلب نٿا سمجهن. هي ڪن منهنجن لفظن لاءِ موزون نہ آهن.

ڇا، هي ماڻهو رڳو وائڙن جيان ڪنهن کي گهورڻ ٿي ڄاڻن ٿا؟ ڇا هنن جي ڪنن کي ڀاڙن کان اڪوڙي ڦٽو ڪرڻ کپي، تہ جيئن هي اکين سان ٻڌڻ سکن؟ ڇا، ڪو انهن جي اڳيان رڳو مداريءَ جي بينسريءَ جيان وڄندو رهي؟ ڇا، هي رڳو بڪ بڪ ڪرڻ وارن بي معنيٰ ۽ غير ضروري واعظن جي ڳالهين تي يقين ڪن ٿا؟

پر تہ بہ، ڪجهہ تہ آهي، جنهن تي هي فخر ڪن ٿا، ناز ڪن ٿا. ڪهڙي اُها چيز آهي؟ تهذيب، اُن کي هو تهذيب چون ٿا_ جيڪا کين ’ٻڪرارن‘ کان الڳ ٿي ڪري.

تڏهن تہ هي پنهنجي ’حقيرپڻي‘ بابت ڪا ڳالهہ ٻڌڻ پسند نٿا ڪن. بهرحال، آءٌ هنن جي غرور جي شيشي کي پاش پاش ڪري ڇڏيندس.

هائو، آءٌ هنن جي اڳيان سڀ کان وڌيڪ ڌڪار لائق انسان، يعني ’آخري انسان‘ جو بيان ڪندس. جيڪڏهن هنن احمقن کي نہ ٻڌڻ تي ضد آهي، تہ مون کي وري ٻڌائڻ تي اصرار آهي“.

اِيئن سوچيندي، زرتشت ماڻهن سان وري هيئن مخاطب ٿيو:

هيءُ وقت آهي، جو انسان پنهنجو مقصد مقرر ڪري. هيءُ وقت آهي جو انسان پنهنجي اعليٰ آرزوءَ جو ٻج ڇٽي.

اڃا هن جي زمين اُن لاءِ زرخيز آهي. پر هڪ ڏينهن اِها زمين ويران بڻجي ويندي ۽ ڦِٽي ويندي، ۽ ڪوبہ اوچو ۽ تناور وڻ اُن ۾ اُپڙي نہ سگهندو.

افسوس! جيڪڏهن جمود ۽ بي حسيءَ جي اِها حالت رهي، تہ اُهو وقت پري نہ آهي، جڏهن انسان کي عبور ڪندڙ آرزوئن جو تير پنهنجو پرواز ختم ڪري ڇڏيندو ۽ هن جي ڪمان جو زهہ ڍرو ٿي ويندو ۽ ڪو بہ تير اُن مان ڇُٽي نہ سگهندو.

اڃو تہ آءٌ اوهان کي ٻڌايان تہ عروج ۽ سرفرازيءَ جو راز ڇا ۾ آهي. اُهو راز آهي انسان جي اندر جي بيتابي، جيڪا ئي ڪنهن نئين، چمڪندڙ ۽ رقص ڪندڙ تاري کي جنم ڏيئي سگهي ٿي. اوهان کي يقين هئڻ گهرجي تہ اوهان جي اندر ۾ اُها بيتابي اڃا باقي آهي.

مگر افسوس! اُهو وقت بہ ويجهو آهي، جڏهن انسان ڪنهن بہ روشن تاري کي جنمائي نہ سگهندو. افسوس! اُن ڌڪار لائق انسان جو زمانو اچي پهتو آهي ۽ اُن ڪان پوءِ هو پنهنجو پاڻ کان نفرت بہ نہ ڪري سگهندو!

ڏسو، آءٌ اوهان کي ’آخري انسان‘ جو نظارو ڪرايان ٿو.

”ڇا جي محبت؟ ڪهڙي تخليق؟ آرزو ڇا ٿيندي آهي؟ تارو ڪهڙي شيءِ آهي؟“ آخري اِنسان اِهي سوال ڪري ٿو، ۽ اکيون ٻُـِـيـي ٿو.

اُن گهڙيءَ هيءَ هيڏي ساري ڌرتي هن لاءِ سميٽجي، ننڍڙي ٿي وڃي ٿي ۽ اُن تي هو ٽِپڪيون ڏئي ٿو ۽ هر شيءِ کي هُو خسيس ڄاڻي ٿو ۽ خسيس بنائي ڇڏي ٿو. توڏي جو هن جو نسل اٽڪڻ آهي، زمين تي رهندڙ چچڙن جيان ۽ هُن جي حياتي طويل آهي.

”اسان خوشيءَ کي دريافت ڪيو آهي“ _ آخري انسان چون ٿا ۽ اکيون ٻِيين ٿا.

هو اُهي لرزائيندڙ سرد علائقا ڇڏي چڪا آهن، جتي زنده رهڻ پُرخطر آهي؛ ڇو تہ هنن کي ڪوساڻ گهرجي ٿي. ماڻهو اجا بہ پنهنجي پاڙيسريءَ سان پيار ڪري ٿو ۽ هن سان رِلي مِلي ٿو؛ ڇو تہ ماڻهوءَ کي ڪوساڻ جي ضرورت آهي.

ناراض ٿيڻ ۽ بي اعتباري ڏيکارڻ کي هو خوش_ خُلقيءَ جي ابتڙ سمجهن ٿا ۽ هو سنڀالي سنڀالي پير کڻن ٿا. پوءِ بہ ڪو پٿرن يا ماڻهن سان ڪٽي ٽڪرجي پوي تہ اُهو وڏن احمق ٿو ليکجي.

هو ڪڏهن ڪڏهن ٿورو ’زهر‘ کائين ٿا: مزيدار خوابن لهڻ لاءِ ۽ مزيدار موت لاءِ آخر ۾ گهڻو زهر کائي ڇڏين ٿا.

ماڻهو اجا بہ ڪم ڪري ٿو، ڇو تہ اُهو وقت _ گذارو آهي. پر ماڻهوءَ کي خيال رکڻو پوي ٿو تہ ’وقت_گذاري‘ مان ماڻهو ايذائجي نہ پوي!

ماڻهوءَ کي غريب يا شاهوڪار ٿيڻو نہ آهي؛ ٻيئي ڳالهيون ڳريون آهن. ڪير ٿو حاڪم بنجي؟ ڪير ٿو محڪوم بنجي؟ ٻيئي ڳالهيون تمام ڳريون آهن.

ڪوبہ ڌنار ڪونهي ۽ مڙيوئي هڪ ڌڻ آهي! هر ڪنهن کي ساڳي شيءِ ٿي گهرجي؛ هرڪو ٻئي جي برابر آهي: جيڪڏهن ڪنهن جا جذبا يا شوق ٻيا آهن، تہ خود بخود وڃيو پاڳل گهر ۾ ويهو رهي ٿو.

”اڳي سڄي دنيا بيهوش هئي“، منجهائن تيز ڪان تيز فهم ماڻهو چوي ٿو، پوءِ اکيون ٻِيي ٿو.

هو وڏا هوشيار آهن ۽ جو ڪجهه تي گذريو آهي سو سڀ ڄاڻن ٿا: انهيءَ ڪري سندن بدخوئيءَ جي حد ئي ڪانهي. هو پاڻ ۾ تڪرار به ڪن ٿا، پر جهٽ ۾ سرچيو وڃن_ نه ته هنن ڪي بدهضمي ٿيو پوي ٿي.

هنن وٽ ڏينهن جا به ننڍا ننڍا ذوق آهن ۽ هنن وٽ رات جا به ننڍا ننڍا ذوق آهن: پر هنن کي صحت جو هرحال ۾ خيال رهي ٿو.

”اسان خوشيءَ کي دريافت ڪيو آهي“، _ آخري انسان اِها دعوا ڪن ٿا ۽ پوءِ اکيون ٻيين ٿا_

اِتي زرتشت جو پهريون خطبو پورو ٿيو، جنهن کي ”تمهيد“ به چئجي ٿو: ڇو ته اِن جاءِ تي ماڻهن گوڙ مچائي ڏنو ۽ واڪا ڪندي چوڻ لڳا: ”او زرتشت اِهوئي آخري انسان اسان کي ڪپي. اسان کي اِهو جلدي آڻي ڏي، اسان کي ئي اُهو آخري انسان ڪٽي بناءِ! پوءِ اسين توکي تو وارو فوق الانسان پيش ڪنداسون“! پوءِ سڀ ماڻهو بود ۾ اچي ويا ۽ چپ چٽڻ لڳا، زرتشت، بهرحال ڏاڍو ملول ٿيو، ۽ دل ۾ چوڻ لڳو:

”هي ماڻهو منهنجي ڳالهه نٿا سمجهن: منهنجي زبان هِنن ڪنن لاءِ موزون نه آهي.

آئون جبلن ۾ شايد گهڻو عرصو رهيو آهيان: تمام گهڻي عرصي تائين آءٌ رڳو آبشارن ۽ وڻن جا آواز ئي ٻڌندو رهيو آهيان: منهنجي زبان شايد اِنهيءَ ڪري هِنن کان بيگاني بنجي ويئي آهي.

منهنجو روح صبح جي سونهري-ڪرڻن سان چمڪندڙ جبلن جي چوٽين جيان اُجرو ۽ شانت آهي. پر هي ماڻهو مون کي بيحس ۽ بيروح ٿا سمجهن ۽ سخت ٺٺوليون ڪري رهيا آهن.

اِجهو، هو مون ڏانهن نهاري، ٺهڪ بيٺا ڏين. هو کلن ٿا، ته مون کان نفرت به ڪن ٿا. ڪيڏي نه ڏکوئيندڙ آهي، هِنن جي اِها کل!“

## (6)

ايتري ۾ يڪايڪ ڪا اهڙي ڳالهه ٿي، جنهن ڪان سيني جا وات بند ٿي ويا ۽ هنن جون اکيون هڪ هنڌ کپي ويون. بازيگر رسيءَ تي چڙهي، پنهنجو ڪرتب شروع ڪري ڏنو. هو هڪ ننڍي دروازي مان نڪري، اُن رسيءَ تي چڙهي ويو، جا تمام وڏيءَ بلنديءَ تي بازار واري چوڪ ۽ اُتي بيٺل تماشبينن جي مٿان ٻن منارن جي وچ ۾ ٽنگيل هئي. جڏهن هو رسيءَ تان ڊوڙندو، اُن جي وچ تي پهتو، ننڍو دروازو

وري ڪليو، جنھن مان مسخرن جھڙا رنگارنگي ڪپڙا پھريل ھڪڙو شخص نڪتو، ۽ رسيءَ تي چڙھي، پھرئين بازيگر پٺيان تيزيءَ سان ھلڻ لڳو. ۽ ھڪ ڪرخت آواز ۾ رڙ ڪري ھن کي چيائين: ”او منڊا، اڳتي وڌ! او ڪم چور، دغاباز، بدشڪلا، اِيئن نہ ٿئي، جو مان توکي پيرن ۾ لتاڙي ۽ چيڀاٽي ڇڏيان! ھتي منارن جي وچ ۾ مٿي تون ڇا ٿو ڪرين؟ توکي تہ مناري جي اندر بند ڪرڻ گھرجي. تون پاڻ کان بھتر ڪرتب ڪندڙ جو رستو ٿو روڪين!“ ھو، اِيئن چوندو، ويو ٿي ھن کي ويجھو ٿيندو. جڏھن ٻنھيءَ جي وچ ۾ رڳو ھڪڙيءَ وک جي فاصلو وڃي رھيو، تہ اُھا ڳالھ پيش آئي، جنھن کان سڀ زبانون بند ٿي ويون ۽ سڀني جون نگاھون ڄمي ويون. ھُن شيطان وانگر رڙ ڪئي ۽ اُن شخص جي مٿان ٽپو ڏنو، جو ڪانئس اڳيان، سندس رستي ۾ رڪاوٽ ھو. پھرئين شخص جڏھن ڏٺو تہ سندس حريف ڪانئس بازي کٽي ويو، تڏھن ھو ھوش مان نڪري ويو ۽ سندس پيرن ھيٺان رسي بہ نڪري ويئي. بانس جي لٺ تہ سندس ھٿن مان اڳ ئي ڇڏائجي ويئي ھئي ۽ ھو پاڻ ان کان بہ وڌيڪ تيزيءَ سان ھيٺ اچي ڪريو، ڄڻ تہ ھن جي ھٿن ۽ پيرن ۾ ذرو بہ ساھ ڪونہ ھو. سڄيءَ بازار ۽ سڀني تماشبينن جي اُھا حالت ٿي، جا طوفان جي وقت سمنڊ جي ٿيندي آھي. ماڻھن ۾ ٺاڪوڙو پئجي ويو ۽ ھڪبئي تي ڪرندا، آٽڙندا، پري ڀڄڻ لڳا - خاص طرح اُن ھنڌ کان جتي ٿوري ويرم اڳ پھرئين بازيگر اچي ڦھڪو ڪيو ھو.

زرتشت پوءِ بہ پنھنجيءَ جاءِ تي بيٺو رھيو ۽ ڪرندڙ بازيگر بنھ سندس آڏو اچي ڪريو. اُن جون ھڏيون پاسريون ڀڄي پيون، پر اجا مئو ڪونہ ھو. ٿوريءَ دير کان پوءِ اُن زخمي ٿيل شخص کي ھوش آيو ۽ ھُن ڏٺو تہ زرتشت سندس پاسي ۾ گوڏا کوڙيو ويٺو آھي. نيٺ ھن زبان کولي ۽ چوڻ لڳو: ”تون ھت ڇا پيو ڪرين؟ مون کي گھڻو اڳي معلوم ھو تہ شيطان مون کي ڦڙتي ھٽي ڪيرائيندو. ھاڻي ھو مون کي دوزخ ڏانھن گھلي رھيو آھي: ڇا، تون ھن کي روڪي سگھين ٿو؟“

زرتشت جواب ڏنو: ”اي دوست، مان پنھنجيءَ عزت آبروءَ جو قسم کڻي ٿو چوان تہ جن شين جو تو ذڪر ڪيو آھي، تن مان ڪنھن جو بہ ڪو وجود ڪونھي: تنھنجو روح تنھنجي جسم کان اول ئي ھليو ويندو: تنھن ڪري وڌيڪ خوف ڪرڻ جو ڪوبہ ضرور ڪونہ آھي.

بازيگر زرتشت ڏانھن شڪي نظرن سان ڏٺو، ۽ پوءِ چوڻ لڳو: ”جي تنھنجيون اِھي ڳالھيون سچيون آھن تہ پوءِ ڇٽبو تہ زندگيءَ جي خاتمي سان آءٌ ڪجھ

ڪونہ تو وڃايان! اُن حالت ۾ منهنجي حيثيت اُن جانور ڪان زيادہ نہ آهي، جنهن کي ماري ڪٽي ۽ بکون اُجون ڏيئي نچڻ سيکاريو وڃي ٿو“.

زرتشت جواب ڏنو: ”نہ، ايئن نہ آهي. خطري کي تہ تو پاڻ خوشيءَ سان پنهنجو ڌنڌو بنايو آهي؛ اِن ۾ ڪا حقارت جهڙي ڳالهہ ڪانهي. هاڻي، تون پنهنجي ڌنڌي ڪندي ئي مري رهيو آهين: تنهن ڪري آءٌ پنهنجن هٿن سان توکي فقط دفن ئي ڪري سگهان ٿو“.

زرتشت جي ايئن چوڻ بعد، مرندڙ بازيگر وڌيڪ ڪوبہ جواب نہ ڏنو؛ هن فقط پنهنجو هٿ لوڏيو، ڄڻ تہ زرتشت جو شڪريو ادا ڪري رهيو هو.

## (7)

هاڻي سانجهي ٿي ويئي ۽ بازار ۾ اداسي ڦهلجي ويئي. ماڻهو ٽِڙي پکڙي ويا، ڇاڪاڻ تہ شوق ۽ دهشت جي بہ ڪا حد ٿيندي آهي. ليڪن زرتشت اِن ئي حالت ۾، وقت ۽ ماحول کان بي نياز، لاش وٽ پنهنجن ئي خيالن ۾ گم ويٺو هو. نيٺ جڏهن رات ٿي ويئي ۽ تيز ۽ تند سرد هوائون لڳيون، تڏهن زرتشت کي پنهنجي هيڪلائپ محسوس ٿي، سو اُٿيو ۽ پنهنجيءَ دل ۾ چوڻ لڳو:

تحقيق، زرتشت اڄ هيءَ واهہ جي هڪ 'مڇي' جهلي آهي' هُن هڪ ماڻهو تہ جهليو پر مُردو.

ڪيڏي نہ دردانگيز آهي انساني زندگي، پر تڏهن بہ اِيئن بي معنيٰ هڪڙو مسخرو بہ اُن کي پامال ڪري سگهي ٿو!

آئون ماڻهن کي سندن وجود جو اصل مفهوم ۽ مقام سمجهائڻ چاهيان ٿو. "فوق الانسان" جو مفهوم ۽ مقام___ ها، اُهائي ڪڙڪاٽ ڪندڙ بجلي، جا ڪاري بادل مان چمڪي ٿي ۽ اهو ڪارو بادل بہ انسان پاڻ آهي.

پر اڃا تہ ماڻهن کان آءٌ گهڻو پري بيٺو آهيان: اڃا تہ منهنجي ۽ هنن جي سمجهہ ۾ وڏو فرق بيٺو آهي. هو تہ مون کي اڃا هڪ بيوقوفَ ۽ هڪ لاش جي وچ جهڙي ئي ڪا شيءِ ٿا سمجهن.

رات ڪيڏي تہ اداس آهي! اِهڙا ئي اداس آهن زرتشت جا رستا. چڱو، اي منهنجا ڄمي برف ٿي ويل ساٿي! هاڻي اچ تہ مان توکي پٺيءَ تي کڻان ۽ هلي توکي ڪٽي پنهنجن هٿن سان دفن ڪريان.

# (8)

اِيئن چئي، زرتشت لاش کنيو ۽ اڳتي هليو. اڃا هو سؤ کن قدم بہ نہ هليو هو تہ ڪنهن شخص هري هري پٺيان اچي، سندس ڪن ۾ ڪجھ چيو. اُهو شخص اُهوئي مناري مان نڪرندڙ خبيث مسخرو هو. هن چيو: ”اي زرتشت! هن شهر مان جلد نڪري وڃ. ياد رک، هتي تمام گهڻن ماڻهن کي تو کان دلي نفرت آهي. سڀ معتبر ۽ ايماندار توکي ڏڪارين ٿا ۽ توکي پنهنجو دشمن ٿا ليکين؛ سڀ پنهنجين پراڻين روايتن ۾ عقيدو رکڻ وارا توکان بيزار آهن ۽ توکي پنهنجي برادريءَ لاءِ خطرو ٿا سمجهن. اِها تنهنجي خوش قسمتي هئي، جو ماڻهن توسان مذاق ڪيو ۽ تون بہ مسخرن وانگي تقرير ڪري رهيو هئين. اِها بہ تنهنجي خوش قسمتي هئي، جو تون پاڻ کي هِن مردار ڪتي سان وابستہ ڪيو: پاڻ کي اِن طرح حقير بنائي، اڄ تو پنهنجي حياتي بچائي آهي. هاڻي ڪنهن بہ طرح هِن شهر مان نڪري وڃ، نہ تہ سڀاڻي آءٌ تنهنجي مٿان بہ ٽپو ڏيندس ــــ جو تہ هڪڙو زنده ماڻهو هِڪ مئل ماڻهوءَ کي ايئن ٿي، لتاڙي، اڳتي هليو ويندو آهي“. اِيئن چئي، اُهو مسخرو تڪڙو تڪڙو نظرن کان غائب ٿي ويو ۽ زرتشت وري بہ اونداهين گهٽين وٽان اڳتي هلڻ لڳو.

شهر جي دروازي وٽ زرتشت کي قبرن کوٽڻ وارا گڏيا. هو پنهنجن مشعلن جي روشنيءَ ۾ هن جي چهري کي ڏسي ۽ سڃاڻي، ٺٺوليءَ سان چوڻ لڳا: ”زرتشت هڪڙي مردار ڪتي کي کنيو پيو وڃي: سو زرتشت بہ قبرن کوٽڻ جو پيشو اختيار ڪيو آهي! اسان کي هِن ڪِني ٿيل لقمي جي لالچ بہ ڪانهي، اسين پنهنجا هٿ هن ڍونڍ ۾ گندا ڪونہ ڪنداسين. پر شايد زرتشت هيءُ لقمو شيطان کان بہ کسي ويندو! شل اِن گند جي قسمت اهڙي چڱي ٿئي! ۽ ايئن ٿيندو، پر جي زرتشت شيطان کان بہ وڏو چور ثابت ٿئي! نہ تہ اِنهن ٻنهيءَ کي ڪٽي پچندو ۽ ٻنهيءَ کي ٻوٽيون ڪري کائي ويندو!“ ۽ ايئن چئي، قبرن کوٽڻ وارا، مٿو مٿي سان ملائي، ڪن ۾ سُرپُر ڪري کلڻ لڳا.

زرتشت اِن بڪواس جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو. ۽ پنهنجو دڳ وٺيو هليو ويو. جهنگ ۾ ٻن ڪلاڪن جي لڳاتار پنڌ ڪرڻ بعد هن کي بکايل بگهڙن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ اِتي پاڻ بہ بک محسوس ڪيائين. تنهن ڪري هو هڪ جهوپڙيءَ جي دروازي وٽ بيهي رهيو، جنهن جي اندر بتي ٻري رهي هئي.

”بک مون تي حملو ڪري آئي آهي،“ زرتشت چيو، ”جيئن راهہ ويندي تي ڪو ڦورو حملو ڪندو آهي: جهنگ جي هن وحشت انگيز اڪيلائيءَ ۾ بک مون تي حملو ڪري آئي آهي، سوبہ جڏهن گهڻي رات گذري چڪي آهي.

”منهنجي بک جو بہ عجيب انداز آهي. اڪثر مانيءَ ڪي ڏسڻ ڪان پوءِ مون ڪي بک لڳندي آهي ۽ اڄ تہ سڄو ڏينهن مون ڪي ڪانہ لڳي هئي: ڪيڏانهن الائي هلي ويئي هئي!“

پوءِ زرتشت دروازي تي ڪڙڪو ڪيو. هڪڙو پوڙهو ٻاهر نڪري آيو، جنهن جي هٿ ۾ بتي هئي ۽ پڇڻ لڳو: ”ڪير آيو آهي هن وقت، منهنجي ڦٽل ننڊ کي ڦٽائڻ؟“

”هڪ جيئرو ۽ هڪ مُردو انسان“، زرتشت جواب ڏنو. ”مون کي کائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهہ ڏي. ڏينهن جو کائڻ جي مون کي ياد ئي ڪانہ آئي. ڏاهن چيو آهي تہ جو بکئي کي کارائي ٿو، سو ڄڻ پنهنجي روح کي تازو ٿو ڪري“ .

اِهو ٻڌي، پوڙهو اندر ويو ۽ يڪدم موٽي آيو ۽ زرتشت کي ماني ۽ شراب پيش ڪيائين. پوءِ هو چوڻ لڳو: ”بکين لاءِ هيءُ ملڪ خراب آهي اِن ڪري ئي مان هن خاموش جهنگ ۾ رهان ٿو. جانور توڙي ماڻهو هتي مون گوشہ نشين وٽ اچي نڪن ٿا. تون پنهنجي ساٿيءَ کي بہ پيئڻ ۽ کائڻ لاءِ چئہ، هو تو ڪان وڌيڪ نڍال ٿو لڳي،“ زرتشت جواب ڏنو: ”منهنجو ساٿي مئل آهي. آءٌ هن کي مشڪل کائڻ پيئڻ لاءِ آماده ڪري سگهندس“ . ”اِن سان منهنجو واسطو ڪونهي“، پوڙهي ترشيءَ سان چيو: ”جيڪو منهنجو دروازو کڙڪائي ٿو، اُن کي جو ڪجهہ آءٌ آڏو رکان سو کائڻو آهي. هاڻي، کائو ۽ پنهنجو رستو وٺو!“

اُن ڪان پوءِ، زرتشت ٻيا بہ ٻہ ڪلاڪ لاڳيتو پنڌ ڪيو. هو رات جو تارن جي روشنيءَ ۾ پنڌ ڪرڻ تي هريل هو ۽ هر اُن جاندار جي چهري کي هو غور سان ڏسندو ويندو هو، جو رستي ۾ سمهيو پيو هوندو هو. جڏهن پرهہ ڦٽي، تہ زرتشت پاڻ کي هڪ گهاٽي جهنگل ۾ ڏٺو، جتان ڪنهن بہ پاسي هن کي رستو نڪرندي نظر نٿي آيو. هُن لاش کي پنهنجي مٿي وٽان هڪڙي پوري وڻ جي اندر رکيو، جاکاڻ تہ اُن کي بگهڙن ڪان بچائڻ تي گهريائين ۽ پاڻ گاهہ تي ليٽي سمهي پيو ۽ ليٽندي ئي هن کي ننڊ کٽي ويئي. هن جو بدن ٿڪ ڪان چُور چُور هو ـــ پر هن جو روح بدستور تازو ۽ قوي هو.

## (9)

زرتشت گهڻيءَ دير تائين سُتو پيو هو، تان جو صبح ٿيو ۽ چڱو خاصو ڏينهن مٿي چڙهي آيو هو. نيٺ هن جي اک کُلي ۽ هُن حيرت سان چئني طرف نهاريو: هن جهنگ جي خاموشيءَ کي حيرت سان ڏٺو، پنهنجو پاڻ کي حيرت سان ڏٺو، ۽ پوءِ ڏاڍيءَ تکڙ مان پنهنجيءَ جاءِ تان اُٿيو، جيئن ڪنهن ملاح کي اوچتو ڪنارو نظر اچي وڃي. هن خوشيءَ وچان دانهن ڪئي: ڇاڪاڻ ته هن سچ پچ هڪ نئين صداقت ڏٺي هئي. ننڊ جي وقفي ۾ هن جي طبيعت اندر هڪ عجيب انقلاب پيدا ٿي چڪو هو. هو پنهنجيءَ دل سان پوءِ هيئن مخاطب ٿيو:

مون کي فهم ۽ بصيرت جي هڪ نئين روشني هٿ آئي آهي: مون کي ساٿين جي ضرورت آهي پر جيئرن ساٿين جي، مُردن ۽ بي حس ساٿين ۽ لاشن جي نہ، جن کي مان جيڏانهن تيڏانهن گهليندو وتان.

ها! مون کي زنده ۽ باشعور دوستن جي ضرورت آهي، جي منهنجي پيروي صرف اِن لاءِ ڪن تہ هو پنهنجيءَ فطرت جي پيروي ڪرڻ گهرن ٿا ۽ جتي مان هلي وڃڻ گهران ٿو، هو پاڻ بہ اوڏانهن هلڻ گهرن ۽ هلي پهچن.

ها، مون لاءِ هڪ نئين روشني ظاهر ٿي آهي. زرتشت کي عام ماڻهن سان، انبوهن سان، نہ، پر پنهنجن خاص ساٿين سان ڳالهائڻو آهي. زرتشت کي ڌڻ جو ڌنار ۽ رکوال ڪتو ٿيڻو نہ آهي.

آئون ڳچ جيترين رڍن کي ڌڻ کان ڌار ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. ماڻهو ۽ ڌڻ تہ ضرور زرتشت جي اِن حرڪت تي گهڻو برهم ٿيندا: ڌنارَ تہ زرتشت کي اِن تي ضرور چور چوندا.

آئون اُنهن کي ڌنار ٿو چوان، پر هو پاڻ کي نيڪ ۽ پاڪ ٿا سڏين. آءٌ انهن کي ڌنار ٿو چوان، پر هو پاڻ کي سچو ۽ راستباز ٿا سمجهن ـــ يقين ۽ عقيدي جا پَڪا.

هِنن بظاهر پارسا ۽ پاڪ شخصن کي ڏسو! سڀ کان وڌ هي ڪنهن کان نفرت ٿا ڪن؟ اُن کان جيڪو سندن مئل قدرن ۽ قانونن کان انحراف ٿو ڪري ۽ فڪر ۽ عمل جي هڪ جيئري دنيا تخليق ڪري ٿو: هي اُن قانون شڪن کي مجرم ٿا سمجهن، حالانڪہ اهوئي زنجير شڪن آهي ۽ انسانيت جو خالق ۽ معمار!

تخليقڪار کي تلاش آهي ساٿين جي، نہ لاشن جي ـــ ۽ نہ ئي ڌڻن جي يا مجيندڙن ۽ معتقدن جي. تخليق ڪار کي ساٿي خلاقن جي تلاش آهي ـ جيڪي رک جي نئين سليٽن تي نوان قدر اُڪيرين.

تخليق ڪار ڪي تلاش آهي ساٿين جي، جيڪي فصل لڻڻ ۾ سندس همراهي ڪن: ڇو تہ پوک سڄي لاباري لاءِ تيار بيٺي آهي، پر اُن جي لاباري لاءِ سَون جي تعداد ۾ ڏانٽا گهربل آهن، وٽس تہ هڪڙو ڏانٽو بہ ڪونہ آهي: سو هڪڙي هڪڙي سنگ کي هٿ سان پٽيندي، هو بيزار ۽ ششدر ٿي پيو آهي.

تخليق ڪار ڪي تلاش آهي ساٿين جي، جيڪي پنهنجن ڏانٽن کي تيز رکڻ ڄاڻن ٿا ۽ سدائين تيز رکن ٿا. اُنهن کي زيان ڪار سڏيو ويندو ۽ خير ۽ شر جي حساب ڪان اڻڄاڻ سمجهيو ويندو. ۽ هو فصل لڻندڙ ۽ اُن مان فائدو ۽ خوشي حاصل ڪندڙ آهن.

زرتشت کي تلاش آهي ساٿي خلاقن جي: زرتشت کي ڳولها آهي گڏجي فصل لڻڻ وارن ۽ گڏجي خوشي ملهائڻ وارن جي، هن کي ڌڻن ۽ ريڍارن ۽ لاشن سان ڪهڙو واسطو!

تنهن ڪري، اي منهنجا پهريان دوست، الوداع! مون تو کي تنهنجي کوکلي وڻ ۾ خوب دفن ڪيو آهي. هتي بگهڙ تو کي ڪا تڪليف ڏيئي نہ سگهندا.

پر آءٌ تو کان الڳ ٿو ٿيان: الڳ ٿيڻ جو هيءُ وقت آهي. هڪ صبح ۽ ٻي صبح جي وچ ۾ صداقت جو هڪ نئون سچ مون تي ايريو آهي.

اڄ کان پوءِ مون کي نہ ريڍار ٿيڻو آهي، نہ گورکن! آءٌ هاڻي عام ماڻهن کي بہ مخاطب نہ ٿيندس: مُردن سان هي پويون ڀيرو مون ڳالهائي بس ڪئي.

اڄ کان پوءِ منهنجا دوست صرف اُهي ماڻهو هوندا جي مسرور هوندا___ هن ڪار گاهِ هستيءَ ۾ خلاق ۽ مختار. آءٌ اُنهن کي ڏور اِندلٺ جا رنگ ڏيکاريندس ۽ فوق الانسان تائين پهچڻ جون منزلون ٻڌائيندس.

آئون هاڻي ايڪانت ۾ رهندڙ ۽ ٻہ ٻہ ٿي رهندڙن، راهبن ۽ درويشن، کي پنهنجو نغمو ٻڌائيندس ۽ اُهو جنهن وٽ اڻ ٻڌل ڳالهہ جي ٻڌڻ لاءِ اجا ڪن آهن، تنهن جي دل پنهنجي مسرت جي بار سان پُر ڪندس، تہ اُها ڳوري ٿئي.

آئون هاڻي پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ گهران ٿو، ۽ پنهنجو مارڳ وٺان ٿو: جيڪي ترسن ٿا ۽ ڪاهل آهن، تن تان ٽپي اڳتي ٿيندس. پل تہ اِن طرح منهنجو اڳتي وڌڻ هنن جي پوئتي_ رهڻ جي حقيقت بڻجي.

## (10)

بنپهرن جو وقت ٿي چڪو هو. زرتشت اِيئن پنهنجيءَ دل سان گفتگو ۾ محو هو، تہ فضائن مان ڪنهن پکيءَ جو تيز آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هُن مٿي آسمان ڏانهن

نهاريو، تہ هڪ عقابَ هوا ۾ چڪر لڳائيندي ڏيکاري ڏني. عقاب جي ڳچيءَ ۾ هڪ نانگ اٽڪيل هو. شڪار جي طور نہ، بلڪ هڪ دوست جي حيثيت ۾ ، ڇاڪاڻ تہ اُهو عقاب جي ڳچيءَ ۾ ويڙهيو پيو هو.

”اِهي آهن منهنجا جانور! منهنجيءَ تعليم جي روح جا سچا ترجمان!“ زرتشت انتهائي خوشيءَ مان بي اختيار رڙ ڪري چيو.

”سڀ کان زياده دنيا جو مغرور جانور ۽ سڀ کان زياده دنيا جو سياڻو جانور___ پڙتال ڪرڻ ۽ حالتن کي ڇڪاسڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيا آهن.

”هو اِهو معلوم ڪرڻ آيا آهن تہ زرتشت اڃا جيئرو آهي يا مري ويو. سچ پچ، آءٌ اڃا جيئرو آهيان؟

”جيئڻ مون کي جانورن جي نسبت انسانن جي وچ ۾ زياده خطري ۾ نظر آيو. يقيناً، زرتشت پنهنجي لاءِ پُرخطر رستا ورتا آهن. ڀل تہ هاڻي هي منهنجا جانور منهنجي رهنمائي ڪن!“

اِهو چوندي، زرتشت کي ٻُڍي درويش جا لفظ ياد آيا، جنهن سان جهنگ ۾ هن جي ملاقات ٿي هئي، ۽ هڪ سرد آهہ ڀري، پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو:

ڪاش، آءٌ ڪجهہ زياده سياڻو هجان ها! ڪاش، آءٌ جمندي، پنهنجي دِلئان، هِن پنهنجي نانگ وانگر ڪجهہ زياده سياڻو هجان ها!

”پر آءٌ هڪ ناممڪن ڳالهہ گُهري رهيو آهيان. اِنهيءَ ڪري آءٌ پنهنجي سياڻپ سان پنهنجي غرور جي سدا گڏ هجڻ جي خواهش ڪري رهيو آهيان“!

”۽ جي منهنجي سياڻپ ڪنهن ڏينهن مون کي ڇڏي وڃي___ ۽ افسوس! اُها سدائين اڏامي وڃڻ جي شوق ۾ رهي ٿي___ تڏهن منهنجو غرور شل منهنجيءَ حماقت سان گڏجي اڏامي!“

اِنهيءَ پَر، زرتشت جو هيٺ لهڻ شروع ٿيو.

## 1_ تبديليون

آئون تو کي روح جون ٽي تبديليون ٻڌايان ٿو: روح ڪهڙيءَ طرح اُٺ بڻجي ٿو، اُٺ ڪهڙيءَ طرح شينهن، ۽ آخر شينهن ڪهڙيءَ طرح ٻار بڻجي ٿو.

روح لاءِ گهڻائي وڏا بار آهن___ اُن روح لاءِ، جو مضبوط ۽ باربردار آهي، جنهن ۾ ادب ۽ مِحتا موجود آهي: ڇاڪاڻ جو اُن جي قوت ڳرو ۽ ڳري ۾ ڳرو بار کڻڻ جي تقاضا ڪندڙ آهي.

’ڳري ۾ ڳري شيءِ ڪهڙي آهي، اي سورمؤ؟‘ باربردار روح اِهو پڇي ٿو، ’تان تہ اُها آءٌ ڪڻان ۽ پنهنجيءَ قوت تي ناز ڪريان؟‘.

ڇا، اُها هيءَ شيءِ نہ آهي: پنهنجو پاڻ کي هيٺ ڪرڻ، تان تہ پنهنجي غرور کي تڪليف پهچي؟ پنهنجيءَ بيعقليءَ جو ڏيکاءُ ڪرڻ، تان تہ پنهنجي عقلمنديءَ جو مذاق اڏايو وڃي؟

يا، اُها هيءَ آهي: پنهنجي مقصد کي اُن وقت ترڪ ڪري ڇڏڻ، جڏهن اُهو پنهنجي ڪاميابيءَ جو جشن ملهائڻ وارو هجي؟ لالچائيندڙ کي لالچڻ خاطر، اوچي ۽ اُڀي جبل تي چڙهڻ؟

يا اُها هيءَ آهي: ڄاڻ جا ڪَکَ ۽ ڪانا کائي زندگي بسر ڪرڻ ۽ سچائيءَ خاطر ساهہ کي سُڪائڻ ۽ بکون مارڻ؟

يا اُها هيءَ آهي: بيمار ٿيڻ ۽ تيمادارن کي رخصت ڏيئي ڇڏڻ ۽ ٻوڙن سان دوستي ڳنڍڻ، جي تنهنجو چوڻ بلڪل نٿا ٻڌن؟

يا اُها هيءَ: گندي پاڻيءَ ۾ گهڙي پوڻ، جڏهن اُهو سچائيءَ جو پاڻي هجي ۽ اُن جي ٿڌن ڏيڏرن ۽ گرم ڪمين کان حجاب نہ ڪرڻ؟

يا اُها هيءَ آهي: جي اسان کي ڌڪارين ٿا، تن سان پيار ڪرڻ ۽ شر سان هٿ ملائڻ جڏهن اُهو اسان کي ڊيڄارڻ گهري؟

اِهي سڀ ڳري ۾ ڳريون شيون باري ۽ باربردار روح پنهنجي مٿان لڏي ٿو ۽ جيئن ڪو اٺ بار سان لڏجڻ کان پوءِ اُتي فاصلن تي تيز تيز هلندو آهي، اهڙيءَ طرح روح بہ پوءِ پنهنجن ڏور بيابانن طرف ڊوڙي ٿو.

پر بيابان جي وڌ کان وڌ اڪيلائيءَ ۾، اُن ۾ ٻي تبديلي واقع ٿئي ٿي، اُتي روح شينهن بڻجي ٿو وڃي؛ پنهنجي اُن بيابان ۾ هو آزادي هٿ ڪندو ۽ شاهي حاصل ڪندو.

اُتي هو پنهنجي آخري آقا جي تلاش ڪري ٿو: اُن سان ۽ پنهنجي اڳئين ديوتا سان، هو متصادم ٿيندو ۽ سوڀ خاطر هو وڏيءَ ارڙ بلا سان اُتي وڙهندو.

ڪهڙي آهي اُها وڏي ارڙ بلا، جنهن کي روح پوءِ پنهنجو آقا ۽ ديوتا (god) سڏڻ لاءِ تيار نہ ٿو رهي؟ ”منهنجو حڪم!“ آهي اُن وڏيءَ ارڙ بلا جو نالو. پر شينهن جو روح چوي ٿو، ”منهنجي مرضي“!

”منهنجو حڪم“__ اهو هڪ سونهري ڇلرن وارو جانور هن جو دڳ جهليو بيٺو آهي ۽ هر هڪ اُن جي ڇلر تي سونهري اکرن ۾ لکيل آهي: ”منهنجو حڪم“!

اُنهن چِلرن تي هزارن سالن جا قدر چمڪي رهيا آهن ۽ سيني بلائن کان وڏيڪ سگهاري ارڙ بلا هيئن چوي ٿي: ”حقيقتن جا سمورا قدر مون تي چمڪي رهيا آهن.

”سمورا قدر اڳي ئي پيدا ٿي چڪا آهن ۽ سمورن پيدا ٿيل قدرن جي نمائندگي آءٌ ڪريان ٿي. 'منهنجي مرضي' هِتان کان اڳتي بلڪل ڪانہ هلندي“ — اِهو آهي قول اُن ارڙ بلا جو.

منهنجا ڀائرو، روح ۾ شينهن جي ڇا کان ضرورت آهي؟ باربردار جانور ئي ڇو ڪافي نہ آهي جيڪو تياڳي تو ۽ ادب ۾ ميٽا وارو آهي؟

نوان قدرَ پيدا ڪرڻ — اِهو تہ اڃا شينهن بہ نٿو ڪري سگهي: پر پيدا ڪرڻ ڪاڻ پاڻ لاءِ آزادي پيدا ڪرڻ — اِهو شينهن جي طاقت ڪري سگهي ٿي.

پاڻ لاءِ آزادي پيدا ڪرڻ ۽ خود فرض لاءِ بہ هڪ مقدس 'نہ' حاصل ڪري ڇڏڻ: اِن لاءِ، منهنجا ڀائرو، برابر شينهن جي ضرورت آهي.

نون قدرن تي حق جي دعوا ڪرڻ — اِها هڪ باربردار ۽ ادب ۾ ميٽا واري روح لاءِ تمام ڀِري دعوا آهي. اهڙي روح لاءِ تحقيق اِها لُٽڻ مارڻ جي ڳالهہ آهي ۽ اِهو لٽ مار ڪندڙ جانور جو ڪم آهي.

ڪڏهن مقدس ترين فرض طور اُن ”منهنجو حڪم“ سان پنهنجو پيوند ٿي پانيو: هاڻي اُهو اهڙين مقدس ڪانِ مقدس شين ۾ بہ لازمي طور وهم ۽ ارهہ زورائي ڏسي ٿو، اِن لاءِ تہ اُهو پنهنجي اُن پَيوند کان ڇڄي آزاد ٿئي: اهڙيءَ آزاديءَ جي حاصلات لاءِ شينهن جي ضرورت هجي ٿي.

پر، منهنجا ڀائرو، مون کي ٻڌايو تہ اُها ڪهڙي ڳالهہ آهي، جا ٻار ڪري سگهي ٿو، پر شينهن اُن جي ڪرڻ کان عاجز آهي؟ ڦرلٽ ڪندڙ شينهن کي نہ تہ ٻار بڻجڻ جي ڪهڙي ضرورت پيئي آهي؟

ٻار مجسم معصوميت آهي — درگذر، هڪ نئون آغاز، هڪ کيل، هڪ خودبخود ڦرندڙ ڦيٿو، هڪ ابتدائي چرپر. هڪ مقدس اثبات.

هائو، منهنجا ڀائرو، 'پيدا ڪرڻ' جي کيل خاطر زندگيءَ جي لاءِ هڪ پاڪ 'ها' چوڻ جي ضرورت آهي. روح هاڻي دنيا حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي مرضي طلبي ٿو: دنيا جو ڌِڪيل خود پنهنجي ڪرڻ گهري ٿو.

مون تو لاءِ روح جون ٽي تبديليون بيان ڪيون آهن: ڪهڙيءَ طرح روح اُٺ ٿيو، اُٺ هڪ شينهن ٿيو ۽ شينهن نيٺ ٻار ٿيو.

هيءَ هئي تقرير زرتشت جي ۽ اُن وقت هو اُن شهر جو مقيم هو جنهن جو نالو 'سُوئا ڳئون' هو.

## 2. نيڪيءَ جون عالمانہ سندون

ماڻهن زرتشت وٽ هڪ سياڻي شخص جي گهڻي تعريف ڪئي تہ هو 'ننڊ' ۽ 'نيڪِي' متعلق عجيب غريب ڳالهيون ٻڌائي ٿو ۽ اُن ڪري هن جي وڏي تعظيم ۽ تڪريم ٿئي ٿي ۽ سڀ نوجوان ادب سان هن جي نشست جي ويجهو وڃِي ويهن ٿا ۽ هن جي اڳيان طرح طرح جا تحفا پيش ڪن ٿا. زرتشت کي اِهو ٻڌي اُن سياڻي شخص کي ڏسڻ جو شوق پيدا ٿيو. چنانچہ هو اُن جي رهائش جي جاءِ تي ويو ۽ ٻين نوجوانن سان گڏ پاڻ بہ اُن جي ڪرسيءَ جي اڳيان وڃي ويٺو. اُن سياڻي شخص ڪجھ هِن طرح پنهنجو درس شروع ڪيو:-

احترام ۽ حجابَ، ننڊ جي آڏو لازم آهي؟ اِها پهرين ڳالھ آهي؟ ۽ جيڪي مٺي گهَري ننڊ نٿا ڪن رات جا ڳنڌي ڪاٽين ٿا، انهن جي پاڇي کان پري رهڻ چڱو آهي!

خود چور بہ ننڊ جي آڏو حجاب ڪري ٿو: هو هميشہ رات جو چوريءَ چوريءَ هلي ٿو. چوڪيدار البت گستاخ آهي؛ ڏاڍيءَ گستاخيءَ سان، لٺ کڙڪائيندو ۽ هوڪار ڪندو رهندو آهي.

ننڊ ڪو معمولي فن ڪونهي: اُن لاءِ سڄو ڏينهن جاڳڻ ضروري آهي.

ڏھ ڀيرا ڏينهن ۾ توکي پاڻ تي ضبط ڪرڻو آهي: اِها مشق توکي پوريءَ طرح ٿڪائي ڇڏيندي ۽ تنهنجي نفس لاءِ پست جي ڏوڏيءَ جو ڪم ڏيندي.

ڏھ ڀيرا توکي پاڻ سان وري پرچڻو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ضبط ڪرڻ آهي ۽ جيڪي پاڻ سان نٿا پرچن، اُهي ڏکيا ٿا سمهن.

ڏھ سچَ توکي ڏينهن ۾ دريافت ڪرڻا آهن؛ نہ تہ رات جو توکي سچ جي تلاش ڪرڻي پوندي ۽ سڄو وقت تنهنجو نفس بک کان وٽ پيو ڪائيندو.

ڏھ ڀيرا ڏينهن ۾ توکي کِلڻو آهي ۽ خوش رهڻو آهي نہ تہ تنهنجو پيٽ، جيڪو هر آواز جو ابو آهي، رات جو توکي پيو ڦٿڪائيندو.

ٿورن ماڻهن کي اِها خبر آهي، پر ماڻهوءَ جي اندر ۾ نيڪيون هونديون تہ ماڻهو سٺي ننڊ ڪري سگهندو. ڀلا، آءٌ ڪوڙي شاهدي ڏيان؟ ٻين جا ننگ ڀڃان؟ ڇا، پنهنجي پاڙيسريءَ جي نوڪرياڻيءَ ۾ بري اک وجهان؟___ هي سڀ ڳالهيون سٺيءَ ننڊ جون ويرياڻيون آهن.

۽ ماڻهوءَ ۾ جيڪڏهن سڀ نيڪيون هجن ٿيون. تہ بہ هڪڙي شيءِ اجا بہ گهربل رهندي ۽ اُها هيءَ تہ مناسب وقت تي خود نيڪين کي بہ سُڪونَ سان سمهاري ڇڏڻو آهي.

تہ جيئن اُهي، نيڪ خصلت گهر وارين وانگر، پاڻ ۾ وڙهي نہ پون! ۽ اُهو بہ، اي دکي انسان، تو تان!

خدا سان ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ سان سرچاءُ: مٺي ننڊ اِهو گهري ٿي.

حڪومت جي تعظيم ۽ ميٽا ۽ ڪپتيءَ حڪومت جي بہ! سٺي ننڊ اِيئن بہ گُهري ٿي. جيڪڏهن طاقت ڏِنگين ڄنگهن تي هلڻ چاهي ٿي تہ آءٌ اُن لاءِ ڇا تو ڪري سگهان؟

البت مون وٽ سدائين اُهو جيڪو پنهنجين رڍن کي بهترين سبزه زار ڏانهن وٺي وڃي ٿو، سو بهترين ريڍار شمار ٿيندو ۽ اِها ڳالهہ بہ سٺيءَ ننڊ سان ٺهڪندڙ آهي.

آئون گهڻا اعزاز ڪونہ ٿو گهران ۽ نہ گهڻا خزانا: اُهي جگر کي مشتعل ڪن ٿا. پر ڪجهہ قدر نيڪنامِي ۽ ٿوري ڪجهہ دولت کان سواءِ بہ برابر ننڊ ڦٽي پوي ٿي.

خراب سنگت کان ٿوري سنگت مون لاءِ مبارڪ ۽ وڻندڙ آهي، بشرطيڪ اُهي بہ وقت جي پابنديءَ سان اچن ۽ وڃن. آرام جي ننڊ لاءِ اِهو بہ اصول ضروري آهي.

مون کي اُهي ماڻهو بہ وڻندا آهن، جيڪي نماڻا ۽ سباجها هوندا آهن: اُهي ننڊ کي اُتساهين ٿا. مبارڪ آهن اُهي، خاص طرح تڏهن جڏهن اُنهن جي يڪدم ۽ هميشہ ڳالهہ مڃي وڃي.

اهڙيءَ طرح نيڪين جي صاحب جو ڏينهن گذري ٿو. جڏهن رات اچي ٿي تہ هو ننڊ کي سعيو ڪري سڏڻ کان پرهيز ڪندو آهي. اُها ايئن زوريءَ سڏجڻ نہ چاهيندي آهي ـــ جو تہ ننڊ سيني نيڪين ۾ مُک نيڪي آهي.

پر جڏهن آءٌ ليٽندو آهيان تڏهن اُن ڏينهن مون ڇا سوچيو ۽ ڇا ڪيو، اُن تي ويچاريندو آهيان. ايئن هڪ صابر ۽ خاموش ڳانءِ وانگر، پاڻ کان پڇندو آهيان: ”ڪهڙين ڏهن ڳالهين ۾ تو پاڻ تي ضبط ڪيو؟“

۽ ڪهڙين ڏهن ڳالهين ۾ مون پاڻ سان پرچاءُ ڪيو ۽ ڪهڙا ڏهہ سچ هئا جيڪي مون ماڻيا ۽ ڪهڙا ڏهہ ٽهڪ هئا، جن سان منهنجي دل پاڻ وندرايو؟

اِئين ويچاريندي، ۽ چاليهن خيالن جي پينگهي ۾ لڏندي، هوءَ مون وٽ جهٽ ۾ پهچي ويندي آهي___ ننڊ. جيڪا بنان سڏئي ايندي آهي ۽ سيني نيڪين جي مُک نيڪي آهي.

ننڊ جڏهن منهنجي اکين کي ٺپريندي آهي تہ اُهي خودبخود پورجي ويندي آهن. ننڊ جڏهن منهنجي چپن کي ڇهندي آهي تہ اُهي کلئي جا کليا رهجي ويندا آهن ۽ ڪڏهن اُهي بند ٿيل بہ پيا مُرڪندا آهن.

بلاشڪ، ننڊ هڪ چور وانگر، بنان آهٽ جي، مون وٽ اچي ٿي ۽ منهنجا خيال مون کان چورائي وڃي ٿي ۽ پوءِ آءٌ هن جي مسند جي ڪرسيءَ وانگر موڳاڻيو پيو هوندو آهيان.

پر گهڻيءَ دير تائين موڳاڻيل بہ نہ: توڙي ٿي پوءِ هوءَ مون کي ڪٽي ويندي آهي___

جڏهن زرتشت هِن سياڻي شخص کي اِيئن ڳالهائيندي ٻڌو، تڏهن هو پنهنجي دل ۾ کليو: ڇاڪاڻ تہ اِن مان هُن جي دل کي هڪ روشني ملي هئي ۽ هو پنهنجو پاڻ کي مخاطب ٿي هيئن چوڻ لڳو:

هيءُ سياڻو بہ پنهنجن چاليهن خيالن سميت اياڻو تو ڏسجي. پر ايترو سو آهي، جو هن کي ننڊ جو لطف وٺڻ خوب اچي ٿو.

جيڪو هِن سياڻي شخص جي قريب رهي ٿو، اُهو بہ خوش ٿي گذاري ٿو! هيءَ ننڊ وچڙندڙ آهي___ وچ ۾ مضبوط ٿُلهي پٽ هوندي تہ اُن مان ٽپي بہ اِها وٺي ويندي.

هُن جي علمي ڪرسيءَ ۾ بہ هڪ جادو هجي ٿو ۽ نوجوان نيڪيءَ جي هن واعظ جي آڏو ايئن ٿي کي بيسود ڪونہ ٿي ويٺا.

هن جي سياڻپ يا دانائي اِها آهي تہ سُٺيءَ ننڊ جي ماڻڻ لاءِ جاڳڻ ضروري هو ۽ واقعي، جيڪڏهن زندگيءَ جي ڪا معنيٰ نہ هجي ها، ۽ مون لاءِ ڪنهن بي معنيٰ شيءِ جي چونڊ ڪرڻ ضروري ٿئي ها، تہ اِن بي معنيٰ ڳالهہ کي آءٌ بہ پنهنجي دلپسند ڳالهہ سمجهان ها.

مون کي هاڻي چڱيءَ طرح معلوم ٿيو تہ ماڻهو هيستائين خوش ڪرداريءَ جي مبلغن کان، ٻين سيني ڳالهين کان وڌيڪ، ڇا ٿي حاصل ڪندا رهيا. ڪين پنهنجي لاءِ بهترين ننڊ مِلي ٿي ۽ وري اُن کي زور وٺائڻ ۽ گهري ڪرڻ لاءِ پُست جي ڏوڏين جي سَتَ جهڙيون نشيدار نيڪيون.

علم ۽ فضل جي مسند تي ويهڻ وارن اُنهن سيني ڏاهن جي سمجهه موجب، ڏاهپ بہ چڱن خوابن کان خالي ننڊ هئي، جنهن ۾ خيال جو پرواز هوئي ڪونہ: ڪين زندگيءَ جي اُن کان وڌيڪ اهميت معلوم ڪانہ هئي.

اڄ بہ، يقيناً ڪي هِن واعظ جهڙا ماڻهو موجود آهن، جيتوڻيڪ سيئي ايڏيءَ عزت وارا ڪينهن پر هاڻي اُنهن جو زمانو گذري ويو. هو گهڻيءَ دير تائين بيهي نہ سگهندا. جاڙ تہ ليٽيا، جاڙ تِي ڪين ننڊ وئي!

مبارڪ آهن منجهائن اُهي، جن جي اکين ۾ ننڊ پرچي آئي آهي. ڇو تہ هاڻي جلدئي ڪنڌ لاڙي سمهي رهندا.

زرتشت ايئن چيو.

# 3. اڳينءَ دنيا جا ماڻهو

هڪ ڀيرو،[مون] زرتشت بہ، سيني اڳينءَ — دنيا- جي - ماڻهن جيئن، پنهنجو خيال انسان کان پَري ڊوڙايو.

نيڪي ۽ بدي، ۽ سک ۽ ڏک، ۽ آءٌ ۽ تون- خلقيندڙ اکين آڏو رنگ برنگي بخار مون کي نظر آيا. خلقيندڙ پاڻ کان پري ڏسڻ چاهيو، - جنهن تي هيءَ دنيا خلقيائين.

ڏکويل لاءِ اِها نشہ آگين خوشي آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي دک مان ٻاهر نڪري، پري ڏسي ٿو ۽ پاڻ وساري ٿو ڇڏي. اُهائي نشي ڏيندڙ ۽ پاڻ وساريندڙ چيز، هيءَ دنيا ڪنهن زماني ۾ مون کي نظر آئي هئي.

هيءَ دنيا، هميشہ نامڪمل رهڻ واري دنيا، سدا رهندڙ تضاد جو عڪس ۽ نامڪمل عڪس_ پنهنجي نامڪمل خلاق لاءِ نشي ڏيندڙ خوشي: هڪ زماني ۾ هيءَ دنيا مون کي اِيئن نظر آئي.

اِيئن، هڪ ڀيرو، مون بہ پنهنجو خيال، سيني اڳينءَ_ دنيا_ جي_ ماڻهن وانگر، انسان کان ٻاهر، انسان کان پري، ڊوڙايو هو. انسان کان پري، انسان کان ٻاهر_ ڇڻ اِئين تي بہ سگهيو ٿي!

هڪ انسان هو اُهو، ۽ انسان جو بہ هڪ ڪمتر جزو، اُن جي اَنا. منهنجي پنهنجي رک ۽ شعلي مان اُهو منهنجي تصور ۾ آيو هو، اُهو خيالَ. ۽، سچ پچ، مون وٽ اُهو ماورا کان ڪونہ آيو هو.

ٽيو ڇا ھو، منھنجا ڀائرو؟ آءٌ، جيڪو ڏکويل جِيءُ هوس، پاڻ کان اڳ نڪري ويس؛ مان پنهنجي رک پهاڙ تي کڻي ويس؛ پنهنجي لاءِ اُنهن مان هڪڙو روشن تر شعلو رتي ورتم. ۽ پوءِ! ۽ پوءِ اهو خيال منھنجي وسان نڪري ويو.

آئون، جو هاڻي سڪرائيءَ ۾ آهيان، اُن خيال کي مڃڻ منهنجي لاءِ سُور ۽ ايذاءُ ئي ثابت ٿيندو. اُن مان مون دک ئي پلئه پوندو ۽ منھنجي گهٽتائي ٿيندي. اِيئن آءٌ اِج اڳينءَ - دنيا - جي - ماڻهن کي چوان ٿو.

اُهو دک ۽ سورُ هو، ۽ پڻ ڪمزوري، نِستَائي، _ جن سڀ اڳيون _ دنيائون پيدا ڪيون: ۽ پڻ خوشيءَ جي ٿورَ_ وقتي ديوانگي، جيڪا بيحد دکي انسان ئي فقط ڏسي ۽ ماڻي سگهندو آهي.

ماندائي ۽ ٿڪاوٽ، جيڪا هڪ ئي ٽپي سان آخري نشان تي پهچڻ گهري ٿي_ هڪ ئي موت- جي – ٽپي سان؛ هڪ بيوس، جاهل ماندائي، جيڪا وڏيڪ ڪنهن ارادي جو ارادو ڪرڻ لاءِ به تيار نٿي ٿي سگهي: سمورا ديوتا (god) ۽ سموريون اڳيون دنيائون اُن جون پيدا ڪيل آهن.

مون تي اعتبار ڪريو، منهنجا ڀائرو! اُهو جسم ئي هو. جو جسم کان مايوس ٿيل هو_ جنهن انتها جي ديوارين تي مدهوش روح جي آڱرين سان هٿوراڙيون ٿي هنيون.

مون تي اعتبار ڪريو، منهنجا ڀائرو! اُهو جسم ئي هو، جو ڌرتيءَ کان مايوس ٿيل هو. جنهن وجود جي اَندر کي ساڻس ڳالهائيندي ٻڌو هو.

۽ پوءِ، ”ٻيءَ دنيا“ ۾ پهچڻ لاءِ، اُن پنهنجي متي سان_ ۽ رڳو پنهنجي متي سان به نہ_ انتها جون ديواريون لنگهڻ ٿي گهريون!

پر اُها ”ٻي دنيا“ انسان کان خوب لڪل آهي_ اُها 'بي-انسانيل ۽ ڪنور دنيا، جيڪا هڪ سماوي 'ڪجهه نہ' آهي؛ ۽ وجود جو اندر انسان سان هرگز نہ ٿو ڳالهائي، سواءِ انسان جي ئي صورت ۾.

واقعي، 'ڪُل هستيءَ' جو ثابت ڪرڻ مشڪل اهي، ۽ اُن کان ڳالهارائڻ بہ مشڪل آهي. پر اي منهنجا ڀائرو، اوهين مون کي ٻڌايو: ڇا، سڀ کان عجيب شيءِ پوريءَ طرح ثابت ٿيل نہ آهي؟

هائو، هيءُ 'نفس'، هيءُ 'اَهَم'، هيءَ 'پاڻ'، پنهنجي تضاد ۽ پنهنجي انتشار سميت، پنهنجي هستيءَ بابت پوريءَ سچائيءَ سان ڳالهائي ٿو_ هيءُ جوڙيندڙ، ارادو رکندڙ، ڪٿ ڪندڙ 'پاڻ' جيڪو شين جو ماڻ آهي ۽ قدر آهي.

۽ هيءُ سپ کان سچو وجود، هيءُ ’پاڻ‘_ جسم بابت ڳالهائي ٿو، ۽ جڏهن خيال پچائي ٿو، رڙي ٿو، کلي ٿو ۽ واڻلجي ٿو، ۽ پڳل کنين سان ڦڙڪي ٿو، ته به اُن جي مراد جسم بابت ئي ڪجهه ٿيڻ ۽ ڪرڻ جي هجي ٿي.

سدائين، هيءُ ’پاڻ‘ وڌ کان وڌ سچائيءَ سان ڳالهائڻ سکي ٿو: ۽ جيئن جيئن اِيئن سکي ٿو، تيئن تيئن جسم جي لاءِ ۽ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ اڪرام ۽ عزتون اُهو دريافت ڪري ٿو.

مون کي هڪ نئين فخر پنهنجي ’پاڻ‘ جي شناس ڏني، ۽ اُها آءٌ ماڻهن کي سيکاريان ٿو: سماوي شين جي واريءَ ۾ وڌيڪ پنهنجو مٿو پورڻ لاءِ نه، پر اُن کي، هڪ ارضياتي مٿي کي ، آزاديءَ سان ۽ فخر سان اوچو جهلي هلڻ لاءِ، جيڪو ڌرتيءَ کي معنيٰ بخشي ٿو!

آئون ماڻهن کي هڪ نئون ارادو سيکاريان ٿو: اُن رستي جي چونڊ ڪرڻ جو، جنهن تي ماڻهو انڌي جيان هلندو آيو آهي ۽ اُن کي پنهنجي آزاد مرضيءَ سان قبولڻ جو_ ۽ نه اُن کان بيمار ۽ ڳريل ماڻهوءَ وانگر لڪي پاسو ڪري وڃڻ جو!

بيمارَ ۽ ڳريل_ اِهي هئا جن جسم کي ۽ ڌرتيءَ کي ڌڪاريو ٿي ۽ سماوي دنيا ايجاد ڪئي هئي ۽ نجات لاءِ رت جا قطرا دريافت ڪيا هئا پر خود اُهي مٺا ۽ غم آلود زهر به اُنهن جسم کان ۽ ڌرتيءَ کان ورتا هئا.

پنهنجي درگتيءَ کان هنن بچڻ ٿي گهريو ۽ ستارا اُنهن جي پهچ کان پري هئا. پوءِ هنن ٿڌا ساهه ٿي پريا: ”ڪاش، آسماني رستا هجن، جن جي وسيلي ٻئي وجود ۽ خوش وقتيءَ طرف پڄي ويون!“ ۽ اِئين هُنن بچڻ جا رستا ۽ خوف جا ڏُک ايجاد ڪيا.

هاڻ هِنن ناشڪرن پنهنجي وسوسي ۽ وهم ۾ ايئن سمجهيو ته هو پنهنجي جسم ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي دائري کان نڪري، ”ٻيءَ دنيا“ تائين پهچي ويا آهن. پر اِها اعصابي پرواز واري ڪيفيت ۽ محويت ڪين ڪنهن جي طفيل ملي؟ پنهنجي جسم ۽ هِن ڌرتيءَ جي طفيل.

زرتشت هِنن بيماريل روحن سان نرمائيءَ ۽ ـ حمل سان پيش اچي ٿو. سچ پچ هو سندن تشفيءَ جي طريقن ۽ سندن ناشڪريءَ کان مٿن ڪاوڙ ڪانه ٿو ڪري. شال هي سکر ٿين ۽ پنهنجيءَ اگهائيءَ تي قابو پائين ۽ پنهنجي لاءِ برتر ۽ سگهارا جسم ٺاهين ۽ قائم رکن.

نہ ئي زرتشت بيماريءَ مان اُٿيل اَهڙي ڪنهن مسڪين تي ڪاوڙ ڪري ٿو، جيڪو پنهنجن وهمن ۽ وسوسن ڏانهن ڏاڍيءَ محبت ۽ ناز دليءَ سان ڏسي ٿو، پر افسوس، اُن جي ڳوڙهن ۾ بہ اُن جي بيماري ۽ اُن جو بيمار جسم تہ اُهوي عڪسيل هجي ٿو.

گهڻائي بيمار اُنهن ماڻهن ۾ لين ٿا، جي خيال ڀوڙائين ٿا ۽ ديوتا (god) جي وصال لاءِ تڙڦن ٿا اُهي اهل نظر کان سختيءَ سان نفرت ڪن ٿا ۽ نيڪين مان تازه ترين سچائيءَ جي نيڪيءَ کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسن ٿا.

هو هر وقت پوئتي تاريڪ زماني ڏانهن نهاريندا رهن ٿا: تڏهن خام خيالي ۽ خوش اعتقادي واقعي ڪجهہ ٻيءَ طرح جون هيون. تڏهن شڪ کي گناهہ ليکيو ويندو هو.

خدا رسيده اُنهن ماڻهن کي آءٌ چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. هو گهرن ٿا تہ ماڻهن جو مٿن ايمان هجي، ۽ چون ٿا تہ مٿن شڪ ڪرڻ گناهہ آهي. مان اِهو بہ خوب ڄاڻان ٿو تہ هو پاڻ سڀ کان وڌيڪ ڪنهن کي ٿا مڃين ۽ ڪنهن جو خيال ٿا رکن.

تحقيق، هو گذريل پاڪ دنيائن ۽ نجات ڏياريندڙ خون جي وهيل قطرن کي نہ، پر سڀ کان وڌ هو پاڻ بہ جسم کي مڃين ٿا: ۽ سندن جسم پنهنجيءَ جاءِ تي هُنن لاءِ سڀ ڪجهہ آهن.

پر اُهي اُنهن لاءِ هڪ بيمار شيءِ بہ آهي، ۽ خوشيءَ سان هو اُن سوڙو پنهنجي چمڙيءَ مان ٽپ ڏيئي، ٻاهر ڪيڏانهن نڪري وڃڻ چاهين ٿا! انهيءَ ڪري ئي هو موت جي واعظن جا وعظ ڪن ڏيئي ٻڌن ٿا، پاڻ بہ اڳين دنيائن جا وعظ ڪن ٿا.

اوهين، منهنجا ڀائرو، بهتر آهي تہ تندرست جسم جي آواز کي ڪن ڏيئي ٻڌو: اِهو وڌيڪ سچو ۽ اُجرو آواز آهي.

صحتمند جسم وڌيڪ سچائيءَ سان ۽ وڌيڪ اُجري آواز سان ڳالهائي ٿو ــ جسم جيڪو پورو ۽ سالم آهي: ۽ اُهو ڌرتيءَ جي مفهوم جو ذڪر ڪري ٿو.

زرتشت اِيئن چيو.

# 4. جسم جا ڌڪاريندڙ

جي ماڻهو جسم کي ڌڪارين ٿا، اُنهن کي آءٌ پنهنجو فيصلو ٻڌائڻ گهران ٿو. اءٌ چوان ٿو تہ اُنهن کي نہ تہ ڪجهہ نئينءَ شيءِ جي سکڻ جي ضرورت آهي ۽ نہ

سيڪارڻ جي، بلڪ اُنھن کي ڪيپي تہ ھو پنھنجي جسم کي خدا حافظ چئي ڇڏين ۽ گونگا بنجي وڃن.

ٻار چوي ٿو تہ ”آئون جسم آھيان، ۽ ساھہ.“ ۽ ماڻھوءَ کي ڇو اِيئن ٻارن وانگر نہ ڳالھائڻ کپي؟

جيڪو سجاڳ آھي، ۽ ڄاڻي ٿو، اُھو چوي ٿو تہ ”آئون سڄو جسم آھيان ۽ ٻيو ڪجھہ نہ ۽ ساھہ رڳو جسم ۾ ڪنھن شيءِ جو نالو آھي.“

جسم ’ھوش‘ اعليٰ آھي، ھڪ جوڙَ يا ڪثرت_ ھَڪ رُت، ھڪَ حِس، رڪندڙ_ جنگ ۽ صلحَ، ڌڻَ ۽ ريڍارَ جو ھَڪ تعلق.

منھنجا ڀاءُ، تنھنجي جسم جو ھڪڙو اوزار بہ آھي_ تنھنجو ’ھوش ادنيٰ‘، جنھن کي تون ”روح“ سڏين ٿو___ تنھنجي ھوش اعليٰ جو ھڪڙو ننڍڙو اوزار ۽ رانديڪو.

”آءٌ“، تون چوين ٿو، ۽ اُن لفظ تي فخر ڪرين ٿو. پر اُن کان وڏي شيءِ_ جنھن کي مڃڻ لاءِ تيار نہ آھين_ تنھنجو جسم آھي، پنھنجي ھوش اعليٰ سان: اُھو ”آءٌ“ جَپي نٿو، پر اُيئن ڪري ٿو.

جيڪي ڪجھہ حِسُ يا سُرت محسوس ڪري ٿي، جيڪي ڪجھہ روح ڀانئين ٿو، اُن کي بذات خود ڪو مقصد ڪونھي. پر حِسِ ۽ روح توکي مڃائڻ جي سعيي ۾ رھن ٿا تہ سيني شين جو اُھي مقصد آھن_ ايترا تہ اُھي ھلڪا ۽ خوش_ پَڌٽا آھن.

اوزارَ ۽ رانديڪا آھن حسُ ۽ روحُ: اُنھن جي پوِيان وري بہ ’پاڻ‘ آھي. ’پاڻ‘ حواسن جي اکين سان ڳولا ڪري ٿو، اُھو روح جي ڪنن سان ٻُوجھي بہ ٿو.

’پاڻ‘ سدائين ٻُوجھي ٿو ۽ ڳولھا ڪري ٿو: اُھو ڀيٽي ٿو، سِڪي ٿو، جيتي ٿو ۽ ڊاھي پٽ بہ ڪري ٿو. اُھو راڄ ڪري ٿو ۽ ’آءٌ‘ جو بہ وڏو آھي.

تنھنجي جسم ۾ تنھنجي بھترين ڏاھپ کان وڌيڪ ھوشُ آھي ۽ پوءِ ڪير نٿو ڄاڻي تہ ڇو تنھنجي جسم کي رڳو تنھنجي بھترين ڏاھپ جي ڪپت آھي؟

تنھنجو ’پاڻ‘ تنھنجي ’آءٌ‘ تي ۽ اُن جي ھنيلن ڪُڏڪن تي کِلي ٿو. ھو پاڻ کي چوي ٿو: ”اِھي خيال جا چال ۽ ڪُڏڪا ۽ پروازَ منھنجي ڪھڙي ڪم جا آھن؟ اِھي تہ منھنجي مقصد جا ننڍا پيچرا آھن. آءٌ اِنھي ’آءٌ‘ جي مھار آھيان، مان ئي اُن جي قياسن ۽ خيالن جو محرڪ آھيان.

’پاڻ‘ ’آءٌ‘ کي چوي ٿو: ”ايذاءُ محسوس ڪر!“ ۽ ’آءٌ‘ ايذائجي ٿو، ۽ سوچي ٿو تہ اُهو ايذاءُ ڪيئن ختم ٿئي___ ۽ اُن ئي مقصد لاءِ سڄو اُن جو سوچڻ آهي.

’پاڻ‘ ’آءٌ‘ کي چوي ٿو: ”آرام محسوس ڪر!“ ۽ ’آءٌ‘ خوش ٿو ٿئي ۽ سوچي ٿو تہ ڪيئن هر هر ۽ گهڻو وقت هو خوش رهي___ ۽ اُن ئي مقصد لاءِ سڄو اُن جو سوچڻ آهي.

جسم جي ڌڪاريندڙن کي مان هڪڙي ڳالهہ ٻڌائڻ گهران ٿو. ڪنهن شيءِ کي جو ڌڪارجي ٿو، تہ اُن کي پهريائين اهميت ڏجي ٿي. اُهو ڇا آهي، جنهن اهميت پيدا ڪئي ۽ ڌڪارُ، قدر پيدا ڪيو ۽ ارادو؟

اهو خيال پيدا ڪندڙ ’پاڻ‘ پنهنجي لاءِ اهميت بہ پيدا ڪئي ۽ ڌڪار بہ، پنهنجي لاءِ خوشي بہ پيدا ڪئي ۽ ڏک بہ. پيدا ڪندڙ جسم پاڻ لاءِ___ پنهنجي ارادي لاءِ هڪڙي هٿئي طور___ روح پيدا ڪيو.

اوهين جيڪي جسم جا ڌڪاريندڙ آهيو، خود پنهنجي اُن حماقت ۽ ڌڪار سان پنهنجي ’پاڻ‘ جو حڪم مڃو ٿا ۽ اُن جي خدمت ڪريو ٿا. مان اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ توهان جو خود ’پاڻ‘ مرڻ چاهي ٿو، ۽ زندگيءَ کان اُن منهن موڙي ڇڏيو آهي!

اوهان جو پاڻَ وڌيڪ اُهو ڪجهہ نٿو ڪري سگهي، جو هو سڀ کان گهڻو چاهي ٿو: _ پنهنجي پاڻ کان پرانهون ڪجهہ پيدا ڪرڻ. سڀ کان گهڻو اِهو ڪجهہ هو ڪرڻ چاهي ٿو؛ سڄي اُن جي سرگرمي، سڄو اُن جو اتساهہ اِهو آهي.

پر اُن لاءِ هاڻي اُن کي گهڻي دير پئجي ويئي آهي:___ اِن ڪري، اي جسم جا ڌڪاريندڙ صاحبؤ، اوهان جو ’پاڻ‘ آڻ مڃڻ گهري ٿو.

آڻ مڃڻ___ اوهان جو ’پاڻ‘ هاڻي اِهو ٿو گهري؛ ۽ انهيءَ ڪري اوهين جسم جا ڌڪاريندڙ ٿي پيا آهيو. ڇاڪاڻ تہ وڌيڪ اوهين پاڻ کان پرانهون ڪجهہ پيدا نٿا ڪري سگهو.

۽ اِنهيءَ ڪري اوهين زندگيءَ تي ۽ ڌرتيءَ تي، ڪاوڙجي پيا آهيو ۽ اوهان جي ڌڪار پريل پاسيريءَ نگاهہ ۾ لاشعوري حسد ۽ ريسَ پريل آهي.

اوهين جيڪي جسم جا ڌڪاريندڙ آهيو، اوهان جي راهہ سان هرگز ويندڙ مان ناهيان! اوهين فوق البشر تائين رسڻ لاءِ منهنجي پُل نہ آهيو!___

زرتشت اِيئن چيو.

# 5. خوشيون ۽ جذبا

منهنجا ڀاءُ! جيڪڏهن تو ۾ ڪا نيڪي آهي ۽ اُها تنهنجي پنهنجي نيڪي آهي تہ اُن ۾ ڪو ٻيو تنهنجو شريڪ نہ آهي.

پڪ ئي پڪ تون اُن ڪي ٽيڪ نالي سان سڏيندين ۽ اُن ڪي پيار ڪندين، تون اُن جا ڪن مهٽيندين ۽ اُن سان ڪلِ چرچو ڪندين.

۽ پوءِ! پوءِ تون ڏسندين تہ اُن جو نالو تو ۾ ۽ سيني ماڻهن ۾ مشترڪ آهي ۽ تون پنهنجي اُن نيڪيءَ سان سيني ماڻهن جو ۽ ڌڻ جو هڪ جز بڻجي ويو آهين.

بهتر ٿئي، جي تون چئي سگهين: ”جا شيءَ خاص منهنجي ساهہ ڪي تڪليف پهچائي ٿي ۽ راحت بخشي ٿي ۽ منهنجي اندر جي وڏي بُک آهي، اُها اَمٽ آهي ۽ اُن جو ڪو نالو ڪونهي.“

تنهنجي نيڪي نالن جي ڏيٽ ويٽ کان مٿي هئڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن تو ڪي اُن بابت ڳالهائڻو بہ پوي، تہ بنھ ٻاتن جيان، رڪجي رڪجي، اُن بابت ڳالهائڻ ۾ شرمائجڻ نہ گهرجي.

۽ اِيئن رڪجي رڪجي، ٻاتن جيان، چئُ ”اِها منهنجي ڀلائي آهي، اِن سان مون کي پيار آهي، اِها مون کي ڏاڍي خوشي ڏئي ٿي، فقط اِنهيءَ ئي طرح آءٌ ڀلائي چاهيان ٿو.

”ڪنهن ديوتا (god) جي قانون طور آءٌ اِها نٿو چاهيان، ڪنهن انساني قانون يا ڪنهن اِنساني ضرورت طور آءٌ اِها نٿو چاهيان: اِها مون کي بهشتن ۽ ڌرتيءَ کان مٿي ڪن دنيائن ڏانهن وٺي وڃڻ ۾ رهنما نشانن جو ڪم ڪانہ ڏيندي.

”اِها هڪ ارضياتي، هِن ڌرتيءَ جي هڪ، نيڪي آهي، جنهن سان مون کي پيار آهي: ڪا عاقبت انديشي اِن ۾ ڪانهي، ڪا روزمره جي قسم جي ڏاهپ اِن ۾ ڪانهي.

”پر اِنهي پکيءَ اچي منهنجي پرسان آکيرو ٺاهيو آهي: اِنهيءَ ڪري آءٌ اُن کي پيار ڪريان ٿو ۽ ساهہ سان سانديان ٿو___ هاڻي اُهو منهنجي پرسان پنهنجن سونن آنن تي ويٺو آهي.“

ايئن تو کي ٻاتن جيان ڳالهائڻ کپي، ۽ پنهنجي نيڪيءَ کي ساراهڻ کپي.

هڪ وقت تو وٽ جذبا هئا ۽ اُنهن کي تو بُرو چيو. پر هاڻي تو وٽ تنهنجون نيڪيون آهن: اِهي تنهنجن جذبن مان اُپريون آهن.

تو پنهنجو اعليٰ ترين مقصد اُنهن جذبن جي اندر پوکيو پوءِ اُهي ڦري تنهنجون نيڪيون ۽ تنهنجون خوشيون بڻجي پيا.

۽ جيتوڻيڪ تون تيز مزاج ماڻهن جي جنس مان هئين يا عيش پسند ماڻهن جي يا متعصب ماڻهن جي يا ڪينہ پرور ماڻهن جي؛

آخرڪار سڀ تنهنجا جذبا نيڪيون بڻجي ويا ۽ سڀ تنهنجا شيطان فرشتا ٿي پيا.

هڪ وقت تنهنجي تهہ خاني ۾ تو وٽ ڪتا هئا پر آخرڪار اُهي سڀ پکين ۾ ۽ راڳ آلاپيندڙن ۾ بدلجي ويا.

تو پنهنجن زهرن مان پنهنجي لاءِ اڪسير جو عرق ڪڍيو هو: تو پنهنجي رنج ۽ غم جي ڳانءِ جو کير ڏڌو هو___ هاڻي تون اُن جي اوهہ جو مٺو کير پي رهيو آهين.

۽ ڪابہ برائي اڳتي تو ۾ ڪانہ ٿي اُپري سواءِ اِن جي تہ اُها تنهنجي نيڪين جي ڪشمڪش جو نتيجو هجي.

منهنجا ڀاءُ، جيڪڏهن تون خوش قسمت آهين، تہ تو وٽ فقط هڪ ئي نيڪي هئڻ کپي، نہ وڌيڪ: اُنهيءَ ئي طرح تون پُل تان سولائيءَ سان پار ٿِي سگهندين.

ماڻهوءَ لاءِ گهڻيون نيڪيون رکڻ برابر شهرت ۽ ناموري آهي، پر ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي ۽ ڪيترائي اِنهيءَ ڪري مُنجهي ويا ۽ پاڻ کي ماري ڇڏيائون ڇاڪاڻ تہ هو نيڪين جِي جنگ ۽ جنگ جو ميدان بڻجي ٿڪجي پيا هئا.

منهنجا ڀاءُ، ڇا، جنگ ۽ لڙائي بري شيءِ آهي؟ خود برائي اَوَس، بهرحال، آهي. حسد ۽ بي اعتباري ۽ غيبت نيڪين جي وچ ۾ اوس آهن. اٽئر آهن.

ڏس تنهنجي هر هڪ نيڪي ڪهڙيءَ طرح بلندترين اوچائين جي آرزومند آهي! اُها گهري ٿي تہ تنهنجو مڪمل روح اُن جو پيشرو بڻجي! اُها غصي ۾، نفرت ۾ توڙي محبت ۾ تنهنجي پوري پوري قوت گهري ٿي.

هر نيڪيٰ ٻيءَ نيڪيءَ تي حسد ڪري ٿي ۽ حسد هڪ وڏي هولناڪ شيءِ آهي. خود نيڪيون بہ حسد جي آڏو گوڏا کوڙي سگهن ٿيون.

جنهن کي حسد جا شعلا گهيرو ڪري وجن ٿا، سو آخرڪار وڇونءَ وانگر، پنهنجو زهري ڏنگ خود پاڻ کي هڻي ٿو.

منهنجا ياءُ، ڇا تو ڪڏهن ڪنهن نيڪيءَ کي غيبت ڪندي ۽ اِيئن پنهنجي پاڻ کي ڇُرو هٽندي نہ ڏٺو آهي؟

انسان اها ڪجهہ شيءِ آهي، جنهن کان گوءِ ڪٽڻي آهي: ۽ انهيءَ ڪري تو کي پنهنجين نيڪين سان پيار ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ اُنهن جي ئي آڏو توکي جهڪڻو آهي.

زرتشت اِيئن چيو.

# 6. زرد_رُو ڏوهاري

اي عادلؤ ۽ بلِ چاڙهيندڙؤ، جيسين جانورَ پنهنجو ڪنڌ نہ جهڪايو آهي، تيسين اوهين اُن کي ڪُهڻ نٿا گهرو؟ هو ڏسو، زرد_ رو ڏوهاريءَ پنهنجو ڪنڌ جهڪايو آهي: هن جي اکين مان وڏو اپمانَ ڳالهائي رهيو آهي.

”منهنجو آپو اُهو ڪجهہ آهي، جنهن کان اوهان کي اُتر ڪرڻو آهي: منهنجو آپو، جيڪو مون وٽ ماڻهوءَ ڪاڻ وڏي ڌڪار آهي“: اِيئن اُها اک ڳالهائي ٿي.

جڏهن پاڻ اُن فيصلو ڏنو، اُها اُن جي زندگيءَ جي سڀ کان اوچي گهڙي هئي: شل اُن اوچائيءَ تان وري پستيءَ طرف هو موٽ نہ کائي. اُنهيءَ لاءِ، جيڪو اِئين پاڻ کان دُکي آهي، ڪا نجات ڪانهي، سواءِ اِن جي جو تيز موت ان کي نجات ڏئي.

اي عادلؤ، اوهان جي هٿ جو هيءُ ڪوس ڪهل جي ڳالهہ ٿيندي ۽ نہ بدلي جي ۽ ايئن ڪُهندي، اوهين زندگيءَ جو جواز ڳوليو ٿا!

پر اِيئن ڪافي ناهي. جو جنهن کي اوهين ڪهو ٿا، تنهن کي پرڀايو. شل اوهان جي غمگيني فوق البشر لاءِ اُڪير جو نتيجو هجي: اِئين اوهين پنهنجي جياپي جو جواز لهندا!

اوهين ”دشمن“ چئو پر ”لُچ“ نہ، ”پنگلو“ چئو پر ”پليت“ نہ، ”ابوجهہ“ چئو پر ”عاصي“ نہ.

اي تون، اي سرخ رُو عادلَ! جيڪڏهن تون اُهي سيئي ڳالهيون وڏي سڏ ٻڌائين جن کي تون خيال ۾ ڪندو رهيو آهين، تہ هرڪو هوند دانهن ڪري چئي ڏئي: ”پري ڪريو هِن غليظ کي، هن زهريليءَ سُرندڙ بلا کي.“

پر خيال هڪ شيءِ آهي ۽ فعل ٻي شيءِ آهي ۽ تهان ئي ٻي شيءِ فعل جو روپ آهي. اُنهن جي وچ ۾ سبب جو ڦيٿو بہ ڪونہ ٿو ڦري.

فعل جي روپ ئي هِن زرد-رُو ماڻهوءَ کي زرد بنايو آهي. جڏهن هن کان اُهو سرزد ٿيو، تڏهن اُن لاءِ هو ٺيڪ ٺاڪ هو: پر اُن جي ٿيڻ کان پوءِ اُن جو روپ هو برداشت نہ ڪري سگهيو.

اُن کان پوءِ سدائين هُن پاڻ کي اُن هڪ فعل جي ڪندڙ طور ڏٺو. ديوانگي، آءٌ اِن کي ٿو سڏيان جا شيءِ رهجي هڪ اِستثنا يا اتفاق هئي، سا ڦري هُن ۾ قاعدو بڻجي پيئي.

جيئن ڪکڙ اچي ليڪي ۾ اچي ٻي سُرت ٿي وڃي، تيئن هِن ڌڪ لڳڻ سان هن جو ڪمزور عقل پنيلجي ويو. ڪَئي کان پوءِ ديوانگي آءٌ اِن کي سڏيان ٿو.

ٻڌو، اي عادلؤ! هڪ ٻي ديوانگي بہ آهي، ۽ اُها ڪَئي کان اڳ جي ديوانگي آهي. افسوس، اوهان هِن جي اندر ۾ پوري جهاتي نہ پاتي آهي.

سرخ رُو عادل، پوءِ، هيئن ڳالهايو: ”هِن ڏوهاريءَ خون ڇو ڪيو؟ اصل ۾ هُن ڦر ڪرڻ ٿي گهري.“ پر آءٌ، بهرحال، اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ هن جي هانءَ کي رت جي گهرج هئي، نہ ڦر جي مال جي: هن کي خنجر جي آسودگيءَ جي پياس هئي!

پر هُن پنهنجي نبل عقل کي ٻُڌو: اُن جا لفظ هن جي هانءَ تي شيهي جيان لڳا___ جنهن تي هُن جڏهن ماريو تڏهن هُن ڦريو. هُن پنهنجي ديوانگيءَ تي لڄي ٿيڻ نٿي چاهيو.

۽ هاڻي هڪ ڀيرو وري هن جي هانءَ تي شيهو رکيل آهي. هُن جي گناهه جو ۽ اِيئن هڪ ڀيرو ٻيهر هن جو نبل عقل ايترو سُن آهي، ايترو ساڻو آهي ۽ ايترو کُند آهي جي هو رهڳو پنهنجو ڪنڌ ڇنڊي سگهي، تہ هن تي پيل بار هوند ليٿجي ڪري پوي: پر افسوس، ڪنهن اُهو ڪنڌ ڇنڊيو آهي؟

هيءُ ماڻهو ڇا آهي؟ بيمارين جو هڪ ڍير، جيڪي روح ذريعي دنيا ۾ پکڙن ٿيون: اُتي اُهي پنهنجو شڪار جهلڻ گهرن ٿيون.

هيءُ ماڻهو ڇا آهي؟ جهنگلي نانگن جو هڪ ويڙهو، جيڪي مشڪل پاڻ سان صلح ۾ هجن ٿا___ سو اُهي هڪ هڪ تي نڪرن ٿا ۽ دنيا ۾ پنهنجو شڪار ڳولين ٿا.

هو نِڌر جسم ڏسو! ڇا هُن سٺو ۽ گهريو، ناڪام ساهه پاڻ سان اُهو وهنجايو___ اُن کي هن خونريز خواهش سمجهيو، خنجر جي آسودگيءَ جي اڃهل سِڪ.

اِيئن هاڻي جيڪو بيمار ٿئي ٿو، برائي اُن کي وڏي اڇي وڪوڙي ٿي، جيڪا اڄ برائي آهي: هو اُن ڪجهه سان ايذائڻ چاهي ٿو، جيڪو ڪجهه هن کي ايذائي ٿو. پر هِتي ٻيا زمانا به گذريا آهن، جڏهن برائي ۽ ڀلائي ٻي ڪجهه هئي.

هڪ زماني ۾ شڪ بُرو هو ۽ پنهنجي مرضي بُري هئي ۽ پوءِ بيمارُ ڪافر ٿيندو هو يا جادوگر: ڪافر يا جادوگر طور هو آزارَ سهندو هو، ۽ ٻين لاءِ آزارُ بڻبو هو.

پر هيءَ ڳالهه اوهان جي ڪنن ۾ ڪانءُ ويندي. اوهين چئو ٿا ته اِها اوهان جي چڱن ماڻهن کي ڏکوئي ٿي. پر اوهان جي چڱن ماڻهن سان منهنجو ڇا سروڪار!

اوهان جي چڱن ماڻهن جي گهڻين ڳالهين کان مون کي بيزاري آهي ـ اُنهن جي برائين کان نه. ڪاش هنن ۾ هڪ ديوانگي هجي، جنهن جي آڌو، هِن زرد-رُو ڏوهاريءَ جيان، هو جهڪي پون!

ڪاش، هُنن جي ديوانگي اهڙي هجي، جا سچ سڏجي، صداقت سڏجي يا انصاف سڏجي، پر هُنن وٽ هُنن جي نيڪي آهي، اِن لاءِ ته هو گهڻو جيئن ۽ شڪست کاڌو خودپسنديءَ ۾ جيئن.

آئون تيز وهندڙ نئين سان بيٺل ڪنهڙو آهيان: جيڪو به اُن جي طغيانيءَ ۾ آيل وڏي مون کي جهلي سگهي سو ڀل مون کي جهلي! اوهان جي ٽيڪ يا ڪاٺ جِي گهوڙي، بهرحال، آءٌ نه آهيان. ___

زرتشت اِيئن چيو.

# 7. پڙهڻ ۽ لکڻ

جو ڪجهه لکيو ويو آهي، اُن مان مون کي فقط اُهو پيارو آهي، جو ڪنهن شخص پنهنجي خون سان لکيو آهي. خون سان لکي ڏس ۽ تو کي معلوم ٿي ويندو ته خون روح آهي.

اَڻ واقف خون کي سمجهڻ آسان ڪم نه آهي: پڙهندڙ نڪمٽن کان مون کي نفرت آهي.

پڙهندڙ کان جيڪو واقف آهي، پڙهندڙ لاءِ وڌيڪ اُهو ڪجهه نٿو ڪري سگهي. سؤ سال ٻيا اهڙا پڙهندڙ رهيا، ته روح خود سُرهاڻ وڃائي، بُودار ٿي ويندو.

هر ڪنهن کي جو پڙهڻ جي سکڻ جِي موڪل آهي، اِن مان اَڳتي هلي نه رڳو لکڻ تباهه ٿي ويندو پر سوچڻ جي طاقت به برباد ٿي ويندي.

اُهو جيڪو پنهنجي خون سان مقولن ۽ أملھ چوٽين جي صورت ۾ لکي ٿو، سو نٿو گهري تہ اُنهن کي رڳو پڙهيو وڃي، پر هو چاهي ٿو تہ ماڻهو اُنهن کي ياد ڪن ۽ هينئين سان لائين.

جبلن ۾ ويجهي کان ويجهو رستو چوٽيءَ تائين هوندو آهي، پر اُن راهہ لاءِ تو وٽ ڊگهيون ٽنگون هئڻ ضروري آهن. مقولا ۽ چوٽيون اُهي چوٽيون آهن ۽ جن کي اُهي ٻڌايون وڃن اُهي اُهڙائي وڏا ۽ قداور هجڻ کپن.

فضا هلڪي ۽ صاف، خطرو ويجهو، ۽ روح مسرت انگيز شرارت سان ڀريل: اهڙيون شيون باهمر موافق هجن ٿيون.

آءٌ پنهنجي آسپاس همزاد رکڻ گهران ٿو، ڇو تہ آءٌ جرئتمند آهيان. جرئت جيڪا ڀوتن کي ڊيڄاري ڀڄائي ڪڍي ٿي، پنهنجي لاءِ همزاد پيدا ڪري ٿي ــــ ڇو تہ ڪجهہ وندرڻ گهري ٿي ۽ خوشطبعي چاهي ٿي.

آئون اوهان سان وڌيڪ همدمي محسوس نٿو ڪريان: ڇو تہ جيڪو بادل آءٌ پنهنجي پيرن ۾ ڏسان ٿو. خالي هڪ دونهون ۽ ڇمُر ــــ جنهن تي آءٌ کلان ٿو، اُهوئي اوهان لاءِ گجندڙ ۽ ٻرندڙ بادل آهي ۽ اُن جي آڏو اوهين ڪنبو ٿا.

جڏهن اوهان کي پنهنجي پاڻ کي اُڀارڻ جي خواهش ٿئي ٿي، تڏهن اوهين مٿي ڏسو ٿا: ۽ آءٌ پاڻ کان هيٺ نهاريان ٿو، ڇاڪاڻ تہ آءٌ توڙي ئي مٿي بيٺل آهيان.

اوهان ۾ ڪير آهي، جو ساڳئي وقت کلي بہ سگهي ٿو ۽ مٿي ايرندو بہ رهي ٿو؟

جيڪو بلند کان بلند جبلن تي چڙهي ٿو، اُهوئي دکدائڪ تماشن ۽ دکدائڪ حقيقتن تي کلي ٿو.

جرئتمند، بي تعلق، لاپرواهہ، زورآزما_ ڏاهپ اسان کي ايئن ڏسڻ چاهي ٿي: اُها هڪ عورت آهي، ۽ سدائين ڪاهوڙين کي ڀانئين ٿي.

اوهين مون کي ٻڌايو ٿا تہ "زندگي مشڪل آهي". پر ٻئي ڪهڙي مقصد لاءِ اوهان کي صبح جو اوج ۽ شام جو سڪون گهرجي؟

زندگي مشڪل آهي: پر ايتري نازڪ اندام بنجڻ جو ڏيکاءُ نہ ڪريو! پاڻ سڀيئي، زالين مردين، پلوڙ باري گڏهہ ئي تہ آهيون.

اسان ۾ ۽ گلاب جي مکڙيءَ ۾ ڪهڙي ساڳيائپ آهي، جيڪا هڪڙيءَ بوند جي بار سان لُڏڻ لڳي ٿي؟

اِهو صحيح آهي تہ اسين زندگيءَ سان پيار ڪريون ٿا؛ پر اِن ڪري نہ تہ اسين جيئڻ جا عادي آهيون، پر اِن ڪري تہ اسين پيار ڪرڻ جا عادي آهيون.

پيار ۾ سدائين ڪا چريائپ هجي ٿي. پر چريائپ ۾ سدائين هڪ سليقو بہ هجي ٿو.

۽ منهنجي نظر ۾، جيڪي زندگيءَ جا قدر شناس آهن. اُن جي پوپٽن جا ۽ اُن جي صابڻ مان اُٿندڙ ڦوڻن جا، ۽ پيو بہ اِنهن جهڙو اسان وٽ جيڪي ڪجهہ آهي، تنهن جا اُهي زندگيءَ جون خوشيون سڀ کان وڌيڪ ماڻين ٿا.

اِنهن هلڪڙين، معصوم، حسين ۽ ڦڙت ننڍڙين پرين کي تيزيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن حرڪت ڪندو ڏسي، زرتشت جي اکين مان ڳوڙها ۽ زبان مان نغما نڪريو اچن.

۽ جڏهن مون پنهنجي شيطان کي ڏٺو، تہ اُهو مون کي ڳرو، اَپينٽ، ٺمڻار، ٺوٺ، گنڀير نظر آيو: ڳراڻ جو هڪ ديو ـــــ اُن وٽان ٿينديون سڀ شيون زوالجيو وڃن.

غصي سان، غضب سان، نہ پر کلڻ سان اسين جيتيون ٿا. اچو تہ ڳراڻ جي ديو کي جيتيون ۽ ڪيرائي پٽ ڪريون.

آئون پنڌ ڪرڻ سکيس؛ اُن کان پوءِ مان پاڻمرادو ڊوڙڻ لڳو آهيان. آءٌ اڏامڻ سکيس، اُن کان پوءِ مون کي ڪٿان چُرڻ لاءِ ڪنهن جي ڌڪي جي ضرورت ڪانهي.

آئون هاڻي هلڪو ٿي ويو آهيان، هاڻي آءٌ اڏامان ٿو؛ هاڻي آءٌ پاڻ کي پنهنجي هيٺان ڏسان ٿو.

زرتشت اِيئن چيو.

## 8. ٽڪريءَ تي وڻ

زرتشت جي اک ڏسي ورتو هو تہ هڪ نوجوان هو، جو هن کان لنوائيندو ۽ اک بچائيندو ٿي رهيو. هڪ ڏينهن شام جو جڏهن هو اڪيلو ڳوٺ جي چوڌاري بيٺل ٽڪرين تان وڃي رهيو هو، جنهن ڳوٺ کي "سُوئا ڳئون" سڏيائون ٿي، تہ هن اُهو نوجوان ڏسي ورتو، جيڪو اُن مهل هڪڙي وڻ کي ٽيڪ ڏيو ويٺو هو، ۽ سامهون واديءَ ۾ اداس ۽ ٿڪل نظرن سان پئي ڏٺائين.

زرتشت تنهن تي اُن جوان وٽ وڃي، اُن وڻ کي جهليندي، جنهن جي پرسان هو ويٺو هو، هيئن چيو:

جيڪڏهن هِن وڻ کي پنهنجن هِنن هٿن سان آءٌ لوڏڻ چاهيان، تہ لوڏي نہ ٿو سگهانس.

پر هوا، جيڪا اسين ڏسي بہ نٿا سگهُون، اُها جڏهن اچي ٿي تہ ان کي ڏونڌاڙي ٿي ۽ موڙيو وجهي ٿي. اِيئن اسان کي بہ اُهي هٿ، جي ڏسڻ ۾ نٿا اچن، ڏاڍو ايذائين ٿا ۽ لوڏي ٿا وجهن.

اِهو ٻڌي، ڇوڪرو وائڙو ٿي ويو ۽ اُٿي چوڻ لڳو: ”هي تہ زرتشت جو آواز آهي ۽ هينئر آءٌ اُن جو ئي خيال ڪري رهيو هوس!“ زرتشت جواب ڏنو:

”اِن ۾ گهبرائڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ ليڪن انسان جو حال بہ وڻ جهڙو آهي.

”جيترو اوچائيءَ ۽ روشنيءَ طرف هو وڌڻ جو سعيو ڪري ٿو، ايترو ئي زور سان هُن جون پاڙون هيٺ، زمين ڏي، اونده ۾ ۽ اونهيون گهنديون ٿيون وڃن___ خرابيءَ ۾.“

”هائو، خرابيءَ ۾!“ نوجوان دانهن ڪئي، ”پر، اِهو ڪيئن ٿي سگهيو، جو تون منهنجي ساهہ جي حقيقت کي پهچي وئين؟“

زرتشت مرڪيو، ۽ چيائين: ”ڪيترائي ساهہ آهن، جيڪي ڪڏهن بہ دريافت ٿي نٿا سگهن، سواءِ اِن صورت جي جيڪا هتراڏو اُنهن جِي ٿاهجي“.

”هائو، خرابيءَ ۾!“ نوجوان ٻيهر دانهن ڪئي.

”زرتشت، تو واقعي سچ چيو. جڏهن کان مون اوچائيءَ ڏانهن ايرڻ جو سعيو ڪيو آهي، منهنجو نہ پاڻ ۾ اعتبار رهيو آهي ۽ نہ ٻيا ئي مون ۾ اعتبار ٿا رکن؛ اِهو ڪيئن ٿو ايئن ٿئي؟

مون ۾ تمام جلد تبديلي اچي وڃي ٿي. منهنجو اڄ منهنجي ڪالهہ جي ترديد ٿو ڪري. جڏهن آءٌ مٿي چڙهان ٿو تہ اڪثر ڪن ڏاڪن تان ڀڪي اچانگ ماريان ٿو. منهنجي اِن فعل کي ڪوبہ ڏاڪو معاف نٿو ڪري.

جڏهن آءٌ مٿي پهچان ٿو تہ هميشہ آءٌ پاڻ کي اڪيلو ڏسان ٿو. مون سان ڳالهائڻ وارو ڪوئي ڪونهي. آءٌ اڪيلائيءَ جي سخت سرديءَ کان ڏڪڻ لڳان ٿو. اوچائيءَ تي پهچي، آءٌ آخر ڇا ٿو لهڻ چاهيان؟

منهنجي بيزاري ۽ آرزو گڏو گڏ وڌن ٿيون؛ آءٌ جيترو مٿي چڙهان ٿو، اوترو وڌيڪ اُن شخص کي ڌڪاريان ٿو، جيڪو مٿي چڙهندو ٿو رهي. اوچائيءَ تي آخر هو ڇا ٿو لهڻ چاهي؟

مون کي منهنجي مٿي چڙهڻ ۽ ٽاپڙجڻ تي ڪيترو نه شرم ٿو اچي! آءٌ سهڪي پوان ٿو ۽ پنهنجي زوردار سهڪي تي ڪيڏي نه مون کي کل ٿي اچي! جيڪو ماٺهو اڏامي ٿو، اُن کي ڪيڏو نه ڏڪاريان ٿو! اوچائيءَ تي آءٌ ڪيڏو نه ٿڪجي ٿو پوان!“.

نوجوان ايترو چئي، ماٺ ٿي ويو. ۽ زرتشت اُن وڻ کي غور سان ڏٺو، جنهن جي پرسان هو بيٺا هئا ۽ هيئن چوڻ لڳو:

”هيءُ وڻ هتي ٽڪريءَ تي اڪيلو بيٺو آهي؛“ هيءُ انسان کان ۽ حيوان کان گهڻو مٿي هليو ويو آهي.

۽ جيڪڏهن هيءُ ڳالهائڻ گهري، ته سندس ڳالهين کي سمجهڻ وارو ڪير ڪو ڪونه ملندو: ايترو هيءُ مٿي هليو ويو آهي.

هاڻي هو ترسيل آهي، هائو ترسيل آهي___ پر ڇا لاءِ؟ هو بادلن جي بستيءَ جي بلڪل ويجهو رهي ٿو: ڇا، اِتي هيءُ پهرينءَ کِنوڻ لاءِ ترسيل آهي؟“

جڏهن زرتشت اِهو چئي چڪو ته نوجوان پوري زور سان دانهن ڪندي چيو: ”ها، زرتشت، تون بلڪل سچ ٿو چوين.“ جڏهن مون مٿي اوچائيءَ تي وڃڻ ٿي چاهيو، تڏهن آءٌ پاڻ کي ناس ڪرڻ جو آرزومند هوس ۽ تون اُها کِنوڻ آهين، جنهن لاءِ آءٌ ترسيل هوس! ڏس، جڏهانڪر تون اسان وٽ، پر گهٽ ٿيو آهين، تڏهانڪر مون سان ڇا نه ٿي ويو آهي؟ سچ ته اِهو توسان منهنجو حسد آهي، جنهن مون کي برباد ڪيو آهي!“_ ائين نوجوان چيو، ۽ زار زار روئڻ لڳو. ليڪن زرتشت هن کي ٻاڪر ۾ جهلي اڳتي وٺي ويو.

۽ جڏهن ڪجهه دير هو هڪٻئي سان گڏ هليا، ته زرتشت هيئن چوڻ شروع ڪيو:

منهنجي دل ۾ قار پون ٿا. تنهنجن لفظن کان وڌيڪ، تنهنجيون اکيون مون کي تنهنجا ڊپ ۽ گمان ٻڌائين ٿيون.

اڃا تون آزاد نه ٿيو آهين: تون اڃا آزاديءَ جي تلاش ۾ آهين. تنهنجي تلاش تو کي بيحد گهڻا اوجاڳا ڏنا آهن ۽ تو کي گهڻو جاڳرتُ بڻائي ڇڏيو آهي.

آزاد اوچائيءَ تي تون رسڻ چاهين ٿو: تارن جي پياس آهي تنهنجي ساهه کي. پر تنهنجا گدلا اُدما به آزاديءَ لاءِ تانگهين ٿا.

تنهنجا وحشي ڪتا آزادگي گهرن ٿا؛ جڏهن تنهنجو روح قيدخاني جي سيني دروازن کي ٽوڙڻ جو قصد ڪري ٿو، تڏهن اُهي ڪتا خوشيءَ وچان پنهنجن ته خانن ۾ پوئنڪڻ لڳن ٿا.

تون اجا هڪ قيدي آهين__ اِيئن آءٌ ڀانيان ٿو__ جيڪو پنهنجي آزادگيءَ جي رٿابنديءَ ۾ مصروف آهي: هائو، اهڙن قيدين جو ساهه ڏاڍو تيز ۽ هوشمند ٿئي ٿو، پر ساڳئي وقت اُهو نگباز ۽ پاپي به هجي ٿو.

روح جي نئوَ آزاد ماڻهوءَ کي اجا پاڻ کي اُجارڻ جي ضرورت رهي ٿي. هو اجا قيدَ ۽ قالب جي ڪافي گرفت ۾ ورتل هجي ٿو: اجا هن جي اک کي پاڪ ۽ صاف ٿيڻو آهي.

هائو، آءٌ تنهنجي دِپ کي ۽ گمان کي ڄاڻان ٿو. پر آءٌ پنهنجي محبت ۽ اميد جو واسطو وچ ۾ رکي تو کي چوان ٿو ته تون پنهنجي محبت ۽ پنهنجي اُميد کي هٿان وڃڻ نه ڏي.

تون اجا پاڻ کي شريف (Noble) ٿو محسوس ڪرين ۽ ٻيا به اجا تو کي شريف ٿا محسوس ڪن، جيتوڻيڪ اُهي توسان ويچو رکن ٿا ۽ توڏانهن شڪ جي نگاهه سان ڏسن ٿا. سمجهي ڇڏ ته هرهڪ جي راهه ۾ هڪ شريف آڏو بيٺل آهي.

۽ پڻ نيڪن (The good) جي آڏو هڪ شريف راهه ۾ بيٺل آهي: جنهن کي هو جڏهن نيڪَ سڏين ٿا، پر اُن طرح هو اُن کان بچڻ ٿي چاهين ٿا.

شريف پاڻ لاءِ نئين ڳالهه، نئون قدر چاهيندو آهي. نيڪ جهوني، اصلي ڳالهه چاهي ٿو ۽ گهري ٿو ته اُها محفوظ رهي.

پر شريف جي نيڪ ٿيڻ جو خطرو ڪونهي، پر هُن جي گستاخ، چٽرباز ۽ زياني ٿيڻ جو خطرو آهي.

هائو، مون شريف ڏٺا آهن، جيڪي پنهنجي اعليٰ اميد کي وڃائي ويٺا ۽ پوءِ سيني اعليٰ اميدن جا انڪاري ۽ قدر ناشناس بڻجي ويا.

پوءِ هُنن بيحيائيءَ سان، وقتي خوشين ۾ محو ٿي گذاريو، ۽ اڄ جي ڏينهن کان اڳيرو هنن جو ڪو مقصد نه رهيو.

”روح به عياش ۽ مسرت طلب آهي،“ هُنن چيو. پوءِ هنن پنهنجي روح جا پَرَ پٽي ڇڏيا ۽ هاڻي سندن روح مٽيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن سُرندو رهي ٿو ۽ جتي اُن جو چَڪ کُپي ٿو اُتي اُهو زهر ٿي پکيڙي ٿو.

هڪ وقت هُنن سورمن بڻجڻ جو سوچيو ٿي؛ پر اڄ هو هَوَسِي ۽ عيش طلب آهن: سورمو هُنن لاءِ للڪار آهي، چِڙ آهي ۽ وڏو خطرو آهي.

پر آءٌ پنهنجي محبت ۽ پنهنجي اميد جو واسطو وجهي توکي چوان ٿو: ”پنهنجي ساهه مان سورمي کي لوڏي نه ڇڏ! پنهنجي اعليٰ ترين اميد جو تقدس ۽ احترام قائم رک!“ _

زرتشت ايئن چيو.

# 9. موت جا مبلغ

اسان ۾ ڪيئي موت جا مبلغ آهن ۽ هيءَ ڌرتي اُنهن ماڻهن سان به ڀريل آهي، جن ۾ زندگيءَ کان پاسو ڪرڻ جي تبليغ لازمي طور ڪرڻ به کپي.

هيءَ ڌرتي اجاين ماڻهن سان ڀريل آهي ۽ زندگي ڪافي گهڻن زائد ماڻهن هٿان گهائجي ۽ خرابجي رهي آهي. ڪاش، ”ابدي زندگي“ هِنن کي ڌناري، هِن زندگيءَ تان مرڳو ئي هٿ کڻائي ڇڏي!

موت جي مبلغن کي ”زرد ماڻهو“ ۽ ”سياهه ماڻهو“ سڏيو ٿو وڃي، پر آءٌ اوهان کي اُهي ٻين رنگن ۾ به ڏيکاريندس.

اُنهن ۾ اُهي وحشتناڪ به موجود آهن، جي مروڙ کي پنهنجي اندر ۾ کنيو گهمن ٿا ۽ اُنهن لاءِ واقعي نفس پرستيءَ يا نفس ڪُشيءَ کان سواءِ ٻين ڪا راهه ڪانهي ۽ اُنهن جي نفس پرستي به دراصل نفس ڪشي ئي آهي.

اُهي وحشتناڪ اڃا ماڻهو ئي نه بڻيا آهن: ڪاش، هو زندگيءَ کان قطع تعلق جي تبليغ ڪندي، پاڻ ئي اُن کي ڇڏي ڏين.

اُنهن مان ٻيا روحاني سلهه ۾ ورتل آهن: اڃا ڄمن ئي مس ٿا ته مرڻ شروع ڪري ٿا ڏين، ۽ ٿَڪَ ۽ نڪمٽائيءَ جي عقيدن لاءِ ٻيا تانگهين.

هو مرڻ جي شوق ۾ رتل آهن ۽ اسان کي اُنهن جي مرضي وٽڻ ئي کپي! اُنهن مئل وجودن کي جاڳائڻ کان ۽ اُنهن جيئرن تابوتن کي جهورڻ کان اسان کي حذر ڪرڻ گهرجي!

جڏهن اُنهن جي سامهون ڪو بيمار يا پوڙهو اچي ٿو يا هو ڪو لاش ڏسن ٿا ته هڪدم چئي ٿا ڏين: ”ڏسو، زندگيءَ جي ترديد ٿي ويئي!“

پر اِها ترديد آهي سندن ۽ سندن اکين جي، جن کي وجود جو رڳو هڪڙو ئي رخ ڏسڻ ۾ ٿو اچي.

مايوسيءَ جي ٽُلهي چادر اوڙهي ۽ خسيس اتفاقن جا تاڪُو ٻڌجي، جيڪي موت جا سبب بڻجن ٿا، هو ويٺا انتظارَ ڪن ۽ ڏند ڪَرٽين.

يا وري مِٺائين ڏانهن هٿ وڌائين ٿا ۽ گڏوگڏ اِنهن پنهنجين ٻاراڻين حرڪتن تي کلندا رهن ٿا هو پنهنجي زندگيءَ جي ڪکَ ۾ اَٽڪيا پيا آهن ۽ اِن ڳالهه تي هڪبئي جو مذاق پيا اُڏائين تہ هو اجا تائين اُن ۾ اَٽڪيل آهن!

اُنهن جي ڏاهپ هيئن چوي ٿي: ”بيوقوف آهي اُهو، جو جيئرو رهي ٿو: پر هيستائين اسين بيوقوف ٿي پئي رهيا آهيون ۽ زندگيءَ ۾ اِهائي سڀ کان وڏي بيوقوفيءَ جي ڳالهہ آهي!“

ٻيا وري چون ٿا: ”حياتي بس عذاب آهي“، ۽ اِن ۾ هو ڪوڙ ڪونہ ٿا ڪن. پوءِ ڀلا اِيئن ڪيو، جو اوهين جيئڻ کٽي بند ڪريو! ۽ اهڙي ڪا ڪوشش ڪريو، جو حياتيءَ جو خاتمو ٿي ٿي وڃي، جيڪا عذاب آهي!

۽ اوهان جي نيڪيءَ جي تعليم هيءَ هئڻ گهرجي: ”تون پاڻ کي فنا ڪري ڇڏ! تون پنهنجي پاڻ کي خيرباد چئي پنهنجي پاڻ کان گم ٿي وڃ!“ _

”شهوت گناهہ آهي،“ ___ ڪي اِيئن چون ٿا، جيڪي موت جي تبليغ ٿا ڪن___ ”اچو تہ، زالون مرد، الگ الگ رهون ۽ ٻار پيدا نہ ڪريون“.

”ڄڻڻ هڪ وڏو آزار آهي،“ ٻيا ايئن ٿا چون ___ ۽ ”پوءِ بہ ڄڻجي، اُن جي ڪهڙي ضرورت؟ ۽ جي ڄمن ٿا، سي بدقسمت ٿي هجن ٿا!“ ۽ اُهي ماڻهو بہ موت جا مبلغ آهن.

”ڪهل ضروري آهي،“ __ ٽيان اِيئن ٿا چون. ”کڻو، جيڪي مون وٽ آهي! وٺو هيءُ، جيڪي ڪجهہ آءٌ آهيان! زندگيءَ جا منهنجا ٻنڌڻ اوتري قدر ٿي هلڪا ٿيندا!“

هي ڪهل وارا جيڪڏهن سدائين اِيئن چوندڙ ۽ ڪندڙ هجن، تہ هو پنهنجن پاڙيسرين کي حياتيءَ مان هوند بيزار ڪري ڇڏين! پاپي ۽ پٿردل هجڻ ___ ماڻهن تي سندن اصل احسان تہ اِهو ٿيندو.

پر هو تہ زندگيءَ مان جان جي خلاصي چاهين ٿا: اِن ڳالهہ سان پوءِ اُنهن جو ڪهڙو غرض تہ هو ٻين کي پنهنجن زنجيرن سان ۽ تحفن ۽ تحائفن سان جهلي، پاڻ وٽ وڌيڪ سو گهو ڪن ٿا.

۽ اوهين پاڻ بہ جن لاءِ زندگي سخت پريشانيءَ ۽ محنت جو نالو آهي، ڇا اوهين زندگيءَ کان تمام گهڻا تنگ ۽ بيزار نہ ٿيا آهيو؟ ڇا، اِن ڪيفيت ۾، اوهين موت جي اُنهن مبلغن جي وعظ ٻڌڻ لاءِ پوريءَ طرح تيار نہ آهيو؟

اوهين سڀ جن کي سخت پورهئي سان پيار آهي ۽ جو ڪجهہ تيز آهي، نئون ۽ اجنبي آهي اُن سان اوهان کي موهہ آهي___ اوهين دراصل پاڻ سان صلح ۾ ۽ موافقت ۾ نہ آهيو: اوهان جي سڄي اِها مشقت ۽ اورچائي فرار ئي آهي ۽ اِهو سڄو اوهان جو تحرڪ اوهان جي خود فراموشيءَ جي ارادي جو ئي اظهار آهي؟

جيڪڏهن اوهان جو زندگيءَ ۾ وڌيڪ اعتقاد هجي ها، تہ اوهين ٿورو ويرمي ڳالهين سان پاڻ کي گهٽ وقف ڪيو ها. پر اوهان ۾ انتظار ڪرڻ جو گهڻو مادو نہ آهي___ ۽ نہ ئي ماٺ ڪري ويهڻ ۽ ٽَڪَ پَٽَڻ جو!

هرهنڌ اُنهن ماڻهن جو آواز گونجي رهيو آهي، جي موت جي تبليغ ڪن ٿا: ۽ ڌرتي اُنهن ماڻهن سان پُر آهي، جن کي موت جي تلقين ڪرڻ ضروري آهي.

يا ”ابدي زندگيءَ“ جِي: ٻيئي مون لاءِ ساڳي ڳالهہ آهن___ جيڪڏهن رڳو اُهي ٻيئي، اُستاد ۽ شاگرد، ترت ڌرتيءَ تان ڪوچ ڪري وڃن!___

زرتشت ايئن چيو.

## 10. جنگ ۽ جوڌا

اسين نتا گهرون تہ اسان جا بهترين دشمن اسان جي رعايت ڪن ۽ نہ اُهي جن سان اسان جي دلي محبت. تنهن ڪري اچو تہ آءٌ اوهان کي سچي ڳالهہ ٻڌايان.

اي منهنجا جنگ جا ساٿيو! مون کي اوهان سان دلي محبت آهي. آءٌ پهريائين بہ اوهان جهڙو هوس ۽ هاڻي بہ آهيان ۽ آءٌ اوهان جو بهترين دشمن بہ آهيان. تنهنڪري اچو تہ آءٌ اوهان کي سچي ڳالهہ ٻڌايان.

آءٌ اوهان جي دل جي نفرت ۽ حسد جي ڪيفيت کان واقف آهيان. اوهين ايڏا عظيم نہ آهيو، جو نفرت ۽ حسد کان واقف نہ هجو. تہ پوءِ ايڏا عظيم ٿيو، جو اوهان کي اِنهن کان شرم نہ اچي!

۽ جيڪڏهن اوهين علمِ جا اولياءَ (صاحبُ) نتا بڻجي سگهو تہ گهٽ ۾ گهٽ اُن جا جوڌا تہ بڻجو، ڇاڪاڻ تہ اُهي اُن ولايت جا ساٿي ۽ پيشرُو ضرور هجن ٿا.

آءٌ گهڻا سپاهي ڏسان ٿو: ڪاش آءٌ گهڻا جوڌا ڏسي سگهان! جيڪي ڪجهہ هو پهرين ٿا اُهو يونيفارم (= 'يڪ صورتيو') سڏجي ٿو: ڪاش اُن سان جو ڪجهہ هو لڪائين ٿا، اُهو سندن اندر جو انسان يڪ صورتيو نہ هجي!

اوهين اُهي ڪجهہ ٿيو، جو اوهان جون اکيون سدائين ڪنهن دشمن جي تلاش ۾ هجن___ اوهان جي دشمن جي تلاش ۾ ۽ اوهان مان ڪن جي حالت اِها آهي، جو اُنهن جون اکيون پهرئين ڏسڻ سان نفرت ۾ لال ٿي وڃن ٿيون.

اوهين پنهنجا دشمن تلاش ڪريو: اوهين پنهنجي جنگ لڙو ۽ اوهان جن پنهنجن خيالن خاطر! ۽ جيڪڏهن اوهان جا خيال مات کائين، ته اوهان جي سچائي ۽ استقامت اُها هجي، جو اُن ۾ به اوهين پنهنجي سوڀ پَسِي سگهو.

اوهين صلح سان پيار ڪريو، نئين ۽ هڪ جنگ جي ذريعي طور ___ طويل صلح کان وڌيڪ مختصر صلح سان.

آءٌ اوهان کي ڪَم جي صلاح ڪونه ٿو ڏيان پر وڙهڻ جي ٿو ڏيان. آءٌ اوهان کي صلح جي نه پر سوڀ جي صلاح ٿو ڏيان. شال اوهان جو ڪم ويڙهه هجي ۽ اوهان جو صلح هڪ سوڀ!

ماڻهو فقط تڏهن خاموش ۽ صلحمنديءَ سان ويهي سگهي ٿو، جڏهن هن وٽ 'تير ۽ ڪمان' موجود هجن ٿا: نه ته ماڻهو رڳو ٻُٽِيٽائي ٿو ۽ جهڳڙا ڪري ٿو. اوهين پنهنجي صلح کي پنهنجي سوڀ بڻايو.

اوهين چئو ٿا ته نيڪ مقصد ني آهي، جيڪو جنگ کي مبارڪ بڻائي ٿو. آءٌ ٿو اوهان کي چوان ته نيڪ جنگ آهي، جيڪا هر مقصد کي مبارڪ بڻائي ٿي.

جنگ ۽ دليريءَ، خيرانديشيءَ جي ڀيٽ ۾، زياده عظيم ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. اوهان جي همدرديءَ نه پر اوهان جي دليريءَ هيستائين مظلومن ۽ مصيبت جي ماريلن کي بچايو آحي.

اوهين پڇو ٿا: "چڱي شيءِ ڪهڙي آهي؟" دلير ٿيڻ چڱي شيءِ آهي. ڀل ته ننڍڙيون ڇوڪريون چون: "چڱي شيءِ اُها آهي، جا ڏسڻ ۾ ٺاهوڪي هجي ۽ دل کي ڇِڪي وٺي."

ماڻهو اوهان کي سخت دل چون ٿا: پر اوهان جي دل سَچُلي آهي ۽ مون کي اوهان جي نيڪ ارادي جو حجاب وڻندو آهي. اوهين پنهنجي پيشقدميءَ تي نادم ٿيندا آهيو ته ٻيا پنهنجي پسپائيءَ تي.

اوهين ڪوجها آهيو؟ ته پوءِ، منهنجا ڀائرو، اوهان جي سچيءَ اُتمتا ڪوجهائيءَ جو چوغو اوڙهيو آهي!

۽ جڏهن اوهان جي ساهه کي بلندي حاصل ٿئي ٿي، تڏهن اُهو مغرور بڻجيو وڃي ۽ اوهان جي اُتمتا ۾ سختي ۽ زور پيدا ٿيو پوي . آءٌ اوهان کي خوب سڃاڻان ٿو.

خباثت ۾ هئيلو ۽ هيٺو ٻيئي هڪسَرا آهن. پر هڪٻئي کي اُها سمجهڻ ۾ غلطي ڪن ٿا. آءٌ اوهان کي نيڪ سڃاڻان ٿو.

اوهان جا دشمن فقط اُهي هئڻ کپن جن کان اوهين نفرت ڪريو ۽ نہ اُهي جن کي اوهين نيچ سمجهو. اوهان کي پنهنجن دشمنن تي فخر هئڻ کپي؛ پوءِ اوهان جي دشمنن جون ڪاميابيون بہ اوهان کي پنهنجون ڪاميابيون لڳنديون.

رڏِي ۽ نابُري ___ اِهي غلامن جون خصلتون آهن. مجتا ۽ چئيوالي اوهان جون خصلتون هئڻ کپن. اوهان جو پنهنجو حڪم بہ اوهان جي مجتا ئي هجڻ کپي.

جنگ جوڏي لاءِ "اَت، ڪر!" جو حڪم "منهنجي مرضي!" کان وڌيڪ دلپسند هئڻ کپي. جيڪي بہ اوهان جون دلپسند شيون آهن، سي پهرين اوهان کي اِيئن مليون آهن.

اوهان لاءِ زندگيءَ سان محبت جي معنيٰ اِها هئڻ کپي تہ اوهان کي پنهنجي اعليٰ ترين اميد سان محبت آهي؛ ۽ اوهان جي اعليٰ ترين اميد اِن ۾ آهي تہ زندگانيءَ جو اعليٰ ترين خيال اوهان جي دل ۾ موجود هجي.

اوهان جو اعليٰ ترين خيال، بهرحال، اوهان کي آءٌ ڏيندس___ حڪم جي صورت ۾ ۽ اُهو هيءَ آهي: انسان اُها واحد شيءِ آهي، جنهن کان گوءِ کٽڻي آهي، جنهن کان اڳتي اُڪرڻو آهي.

اِنهيءَ ڪري حڪم بردار ٿيو ۽ جنگ ڪٺو! ڏِگهي عمر ڪهڙي ڪم جي! ڪهڙو اُهو جوڌو آهي، جيڪو پاڻُ بچائڻ چاهيندو؟

آءٌ اوهان جي رعايت نہ ڪندس. مون کي اوهان سان دلي محبت آهي ___ اي منهنجا جنگي ساٿيو!_

زرتشت ايئن چيو.

# 11 • نئون بت

ڪٿي ڪنهن هنڌ اڃا قومون ۽ ماڻهو آهن، پر اسان وٽ نہ آهن، منهنجا يائرو: هتي اسان وٽ رياستون آهن.

رياست؟ اِها ڇا آهي؟ چڱو، هاڻي پنهنجا ڪن کولي، منهنجي ڳالهہ ٻڌو، ڇاڪاڻ تہ آءٌ اوهان کي هاڻي قومن جي موت متعلق پنهنجو فيصلو ٻڌايان ٿو.

رياست نالو آهي بي حس راڪاسن مان هڪ سڀ کان زياده بي حس راڪاس جو. هو ڪوڙ بہ بي حسيءَ سان ڳالهائي ٿو ۽ اُهو ڪوڙُ سُرندو، اُن جي وات مان ٻاهر نڪري ٿو: "مان، رياست، قوم آهيان."

اِهو هڪ ڪوڙ آهي! تخليق ڪار هئا اُهي جن ـ قومون تخليق ڪيون ۽ اُنهن کي ايمان ۽ محبت جي چادر ڍڪايائون ۽ ايئن اُنهن زندگيءَ جي خدمت ڪئي.

تباهڪار آهن هِي، جيڪي گهڻن لاءِ ڄارَ پکيڙين ٿا ۽ اُن کي رياست سڏين ٿا: اُنهن جي مٿان تلوار لٽڪائين ٿا ۽ آڏو سوين لالچون پکيڙين ٿا.

جتي اڃا ماڻهو آهن، قومون آهن، اُتي رياست جي اِها معنيٰ ڪانهي، بلڪ نظريي وانگر اُن کان نفرت ڪئي وڃي ٿي ۽ اُن کي پنهنجن قانونن ۽ رواجن خلاف گناهہ سمجهيو وڃي ٿو.

آءٌ اوهان کي هڪ نُقطو ٻڌايان ٿو: هر قوم پنهنجي ڀَلي جي ۽ بُري جي ٻولي ڳالهائي ٿي. اُها اُن جي پاڙيسري قوم نٿي سمجهي. اُن پنهنجي ٻولي، پنهنجي لاءِ، پنهنجن قانونن ۽ رواجن ۾ رهي ايجاد ڪئي آهي.

پر رياست ڀَلي ۽ بُري جي سڀني ٻولين ۾ ڪوڙ ڳالهائي ٿي ۽ جيڪي ڪجهہ اُها ڳالهائي ٿي، اُهو ڪُوڙ ڳالهائي ٿي ۽ جو ڪجهہ بہ وٽس آهي سو چوريءَ جو مال آهي.

اُن جي هر شيءِ ڪوڙي آهي، فريب آهي: چڪ هڻي ٿي، تہ چوريءَ جي ڏندن سان، لِڪي: خود سندس پيٽ جا آنڊا بہ دوکي جا آهن.

ڀَلي ۽ بُري جي ٻوليءَ جو مونجهارو اِهو نُڪتو آءٌ اوهان کي رياست جي سڃاڻپ جي نشانيءَ طور ٻڌايان ٿو. سچ پچ، اِها نشاني موت جي خواهش ۽ موت جي ارادي جو دليل آهي! سچ پچ اِها نشاني موت جي مبلغن کي اڳتي وڌي اچڻ لاءِ سڏي ٿي.

گهڻا، تمام گهڻا، ماڻهو ڄمن ٿا ۽ بي ضرورت ۽ زائد ماڻهن لاءِ ئي رياست ايجاد ٿي.

ڏسو، هيءَ اُنهن کي گهڻن ــــ تمام ــــ گهڻڻ کي، ڪيئن ڏتاري ۽ لالچائي پنهنجي طرف سڏي ٿي! ڪيئن اِها اُنهن کي، ڳڙڪائي ٿي، چٻاڙي ٿي ۽ اوڳاري وري چٻاڙي ٿي!

”ڌرتيءَ تي مون کان وڏو ٻيو ڪوبہ نہ آهي: مان ئي آهيان، جيڪا ديوتا (god) جي منتظم آڱر آهيان“ ــــ هيءَ راڪاس ائين ٿو گجڪاري ۽ اُن گجڪار جي آڏو رڳو ڪي ڪوتاهہ نظر ۽ دراز گوش ماڻهو ئي سربسجود ڪونہ ٿا ٿين!

افسوس، اي عالي دماغؤ، خود اوهان جي ڪنن ۾ اِها پنهنجا ڪارا ڪوڙ پري ٿي! اِها اُهي وزني دليون بہ ڳولهي هٿ ڪري ٿي، جيڪي اُن جي چائنٺ تي پنهنجي رضا خوشيءَ سان سڀ ڪجهہ لٽائي ڇڏين ٿيون.

هائو، اِها اوهان کي ٻه ڳولهي لهي تي اوهين اُن معرڪي ۾ وڙهندي، تڪجي پيا، ۽ هاڻي اُها اوهان جِي نستائي هِن نئين بُت کي ڪم اچي تي ۽ اوهين اُن جي ٻانهپ ۾ لڳي ويا آهيو!

هيءُ نئون بت وڏن وڏن سورمن ۽ عزت مآبن کيِ ميڙي پنهنجي چوڌاري گڏ ڪرڻ جو ڏيک ڏئي ٿو! ۽ تمام گهڻي نيڪ ضميرن جي اُس ۾ ويهي پاڻ سيڪي ٿو ___ هيءُ سرد اطمينان سان راڪاس!

هر شيءِ، هيءُ نئون بت، اوهان کي ڏيندو، بشرطيڪ اوهين اُن جي پوڄا ڪريو: ايئن هيءُ اوهان جي نيڪيءَ جي رونق ۽ اوهان جي پروقار اکين جي چمڪ اوهان کان خريدي ٿو.

اِهو اوهان جي وسيلي گهڻن ___ تمام ___ گهڻن کي پنيلائي پنهنجي پاسيِ ڪرڻ ۾ لڳو رهي ٿو. اِهو هڪ جهنمي سَنجَٽُ اِنهيءَ ريت اڏيو ويو آهي ___ هڪ موت ___ جو ___ گهوڙو، الاهي اعزازن جي وڄندڙ گهنگهروئن سان جهنجهيل!

هائو، عام خلق لاءِ، گهڻن ___ تمام ___ گهڻن لاءِ، ايئن نسورو هيءُ هڪ موت ايجاد ڪيو ويو آهي، پر پاڻ کي زندگي سڏي، اِهو پاڻُ واڪاڻي ٿو ۽ چوُڦير جَسُ وٺي ٿو: تحقيق وڏي هڪ دعوت آهي هيءَ، موت جي مبلغن لاءِ!

آءٌ اِن کي اسٽيٽ (State) [بمعنيٰ مَسنَدَ] سڏيان ٿو،

جتي سڀئي، ڀلا ۽ بُرا، زهر جو پيالو پيئن ٿا: جتي سڀئي، ڀلا ۽ بُرا، پاڻ وڃائين ٿا: جتي سڀ کان ڍرو خودڪشيءَ جو عمل "زندگي" سڏجي ٿو.

ڏسو، هنن غير ضروري، زائد ماڻهن کي ڏسو! هي ڏاهن جا خزانا ۽ ايجاد ڪندڙن جون ايجادون چورائين ٿا. پنهنجي اُن چوريءَ کي ثقافت سڏين ٿا ___ ۽ هر شيءِ اُنهن جي هٿ ۾ بدلجي محض بيماري ۽ بدبختي بڻجيو پوي!

ڏسو، هِنن غير ضروري، زائد ماڻهن کي ڏسو! بيمار روح آهن، اِهي سدائين؛ پنهنجو پِت قيءِ ڪري ڪڍن ٿا، ۽ اُن کي هو 'اخبار' سڏين ٿا. هڪٻين کي هو هڙپ ڪن ٿا ۽ هڪٻين کي هو هضم بہ نٿا ڪري سگهن!

ڏسو، هِنن غير ضروري، زائد ماڻهن کي ڏسو! دولت جو حاصل ڪن ٿا ۽ اُن سان هو وڌيڪ غريب ٿا بڻجن. هي ٻي ــ سُتا طاقت هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ___ اُن کان بہ وڌ، هو طاقت جي ڪنجيءَ پٺيان ___ پئسي پٺيان، وڌيڪ پئسي پٺيان ___ ڀوڙون پائين ٿا.

اِنهن تيز ٻاندرن کي متي چڙهندي ڏسو! هڪٻين کي لتاڙيندا، هڪٻين تي ليٽڙيندا، پاڻ ۾ وڙهندا، سدا گپ ۽ ڪِن جي کڏَن ۾ ڪرندا ٿا رهن.

سيئي مَسندَ ڏانهن وڌڻ جي جاکوڙ ۾ لڳل آهن: ڇا نہ ديوانگي آهي اِنهن جي ! ڇڻ خوش ۾ سک مسند تي هُنن لاءِ آتا وينا آهن!

پر مسند تي، گهٽو ڪري، تہ گند ئي وينل هجي ٿو ___ ۾ گهٽو ڪري تہ مسند خود بہ گند تي وينل هوندي آهي!

مون کي اِهي سڀ پاڳل نظر تا اچن، بازوليون ڏيندڙ باندر تا ڏيکارجن___ بيحد بي صبر ۾ بدحواس. مون کي اِن سندن بت مان، انهيءَ سرد راڪاس مان بدبوءِ تي اچي: اهي سيئي اِن جا پرستار پاڻ بہ فقط بدبوءِ ئي ڦهلائين تا.

منهنجا ڀائرو، اوهين اِنهن جي پيٽن جي بدبودار بخارن ۾ بک جي ولوڙن ۾ گهُٽجي مري ويندا. چڱو آهي تہ بدبوءِ جي انهيءَ چؤديواريءَ جون دريون ڀڃي، ٽپو ڏيئي، ٻاهر کليءَ هوا ۾ نڪري اچو!

اِن بدبوءِ جي سڄيءَ پهچ کان ٻاهر نڪري اچو! آءٌ چوان ٿو تہ اِنهن غير ضروري، زائد، ڪچري ۾ ڪِن جي گَندن جي پوڄا ڇڏي ڏيو!

اِن بدبوءِ جي سڄيءَ پهچ کان ٻاهر نڪري اچو! اِنساني ربانين جي اِنهيءَ زهريلي دونهاڻ کان بچو ۾ نڪري ٻاهر ٿيو.

اعليٰ دلين لاءِ زمين جون وسعتون اڃا بہ کليل آهن. تنها دل توڙي ساٿي دلين جا ڪيترائي گوشا اڃا خالي پيا آهن، جتي سانتيڪن سمونڊن جون هبڪار پريل هيرون گهُلي رهيون آهن.

اعليٰ دلين لاءِ اڃا بہ آزاد زندگيءَ جا دڳ کليل آهن. سچ تہ جنهن وٽ جيترو گهٽ اوترو وڌ اُهو آزاد. جيترو ڪو گهٽ قابض اوترو گهٽ اُهو مقبوض: مبارڪ آهي وچٽري غريبي!

جتي رياست ختم ٿئي ٿي، فقط اُتان ئي اُن انسان جي وجود جي ابتدا ٿئي ٿي جو زائد نہ آهي، غير ضروري نہ آهي. اُتان ئي ضروري انسانن جو، اصلي انسانن جو گيت شروع ٿئي ٿو، واحد ۾ بي بدل نغمو!

منهنجا ڀائرو، اُتي، اُن هنڌ تي، نظر رکو، جتي رياست ختم ٿئي ٿي! اوهان کي اندلث جا رنگ ۾ فوق البشر جون پُليون ڏسن ۾ نٿيون اچن؟_

زرتشت ايئن چيو.

# 12. مارڪيٽ جون مکيون

اي دوست، پنهنجي اڪيلائيءَ جي ڪنڊ ڏانهن ڀڄ! آءٌ ڏسان ويٺو تہ وڏن ماڻهن جي شور ۽ غل تنهنجن ڪنن کي ٻوڙو بنائي ڇڏيو آهي ۽ ننڍن ماڻهن تنهنجي جسم جي ذري ذري کي مکين وانگر ڏنگي ڇڏيو آهي.

جهنگ ۽ جبل ٿي توکي خاموشيءَ جو سچو لطف بخشي سگهن ٿا. تون ٻيهر اُن وڻ سان پنهنجي پيٽ ڪيو جيڪو توکي پسند آهي___ جيڪو پنهنجين ڊگهين ٽارين سان سمنڊ جي مٿاڇري تي جهڪيو، مٿس جي موسيقي ٻڌي رهيو آهي.

جتي سانت جي سرحد ختم ٿئي ٿي، اُتان مارڪيٽ جون حدون شروع ٿين ٿيون ۽ جتان مارڪيٽ جون حدون شروع ٿين ٿيون، اُتان وڏن اداڪارن جو شور ۽ غل ۽ زهريلين مکين جي ڀون ڀون شروع ٿئي ٿي.

دنيا ۾ بهترين شيون بہ انهن شخصن کان سواءِ بي گهٽيون ۽ بيڪار آهن، جيڪي اُنهن شين جي نمائندگي ڪن ٿا: اُنهن نمائندن کي ماڻهو عظيم شخصَ سڏين ٿا.

عظيم شيءِ ڪهڙي آهي، تنهن کي ماڻهو خير ڪو سمجهن ٿا ___ يعني اُپائڻ جو عمل، تخليقي عمل. پر هُنن کي عظيم شين جي نمائندن ۽ اداڪارن سان دلچسپي آهي.

نون قدرن جي اپائڻهارن جي چوڌاري دنيا گردش ڪري ٿي ___ ڪنهن جي ڏٺي ۽ ڄاتي کان سواءِ گردش ڪري ٿي. پر اداڪارن جي چوڌاري گردش ڪن ٿا ۽ ماڻهو ۽ پڻ عزت ۽ شهرت اُنهن جي چوڌاري گردش ڪري ٿي: اِهوئي دستور آهي.

اداڪار وٽ جذبو تہ آهي، پر جذبي جو شعور ڪونهي. هو هر اهڙيءَ ڳالهہ ۾ اعتقاد رکي ٿو، جنهن ذريعي هو 'پاڻ' ۾، پنهنجي 'ذات' ۾، ٻين جي اعتقاد کي پختو بڻائي سگهي!

سڀاڻي هن جو عقيدو بدلجي ٻيو ٿي ويندو، تہ پَرينهَن هي اِجا بہ ڪو ٻيو نئون عقيدو اختيار ڪندو. رواجي ماڻهن جيان، هن جا رڳي حواس تيز آهن ۽ سندس مزاج سدائين ٻيو بدلجي سدلجي ۽ ڦري گهري. اُلٽائڻَ ___ اِها آهي معنيٰ هُن وٽ ثابت ڪرڻ جي. مَتِ مان ڪيڻ ___ اِها آهي معنيٰ هن وٽ 'سمجهائڻ' ۽ 'قائل ڪرڻ' جي. ۽ رتوڇاڻ هن وٽ سڀ کان وڏو ثابت ٿيل ۽ تسليم ڪيل دليل آهي.

جيڪو سچ فقط باشعور ڪنن ۾ گونجي ٿو، تنهن ڪي هو ڪوڙ ۽ دوکو ٿو سڏي. دراصل هو فقط اهڙن خدائن ۾ اعتقاد ٿو رکي، جيڪي دنيا ۾ وڏو گوڙ ۽ غلغلو پيدا ڪن ٿا.

مارڪيٽ سچوئي ڌمچڙ مسخرن سان ڀريل آهي، ــــ ۽ ماڻهو پنهنجن اُنهن 'عظيم' شخصن تي فخر ڪن ٿا! اُهي هُنن لاءِ وقت جا صاحب آهن.

پر وقت اُنهن کي تنگ ڪري ٿو: هو اِنهيءَ ڪري اوهان کي تنگ ڪن ٿا ۽ پڻ اوهان کان پنهنجي عظمت جي اقرار انڪار جِي گهر ڪن ٿا ـــ 'هائو' يا 'نہ' جِي. افسوس! ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي اوهان لاءِ ايئن مخالفت ۽ موافقت جي وچ ۾ ويهي پنهنجيءَ ڪنهن عافيت پائڻ جي.

اي سچ کي پيار ڪرڻ وارا! تون اُنهن قاطعن ۽ بي صبرن تي رشڪ نہ ڪر! سچَ ڪڏهن بہ ڪنهن قاطع، ڪنهن مطلق، ڪنهن عقل ڪل، جي زور بازوءَ تي ڪو نہ ياڙيو آهي.

تون، اي دوست، اِنهن سختگيرن کان پڇي، پنهنجي سلامتيءَ ۾ اچ: فقط مارڪيٽ ـــ چونڪ ۾ ئي ماڻهو 'هائو' يا 'نہ؟' جي تيرن جو نشانو ٿو بڻجي.

جيتريقدر ڪو چشمو اونهو هوندو آهي، اوتريقدر اُن کي پنهنجي تري ۾ ڪرندڙ شيءِ جو پتو دير سان پوندو آهي. عميق تجربن جي رفتار ڳري ۽ ڍِنيير آهي: اُنهن کي انتظار ڪرڻو پوي ٿو، جيستائين ڪين خبر پوي تہ سندن تهہ ۾ ڇا اچي پيو آهي.

هر شيءِ جا عظيم آهي، مارڪيٽ چؤنڪ کان ۽ ناماچار کان ڏور اُبجي ٿي، نون قدرن جا اپائٹهار سدائين مارڪيٽ چؤنڪ ۽ ناماچار کان پري ٿا وسن.

ڀڄ، منهنجا دوست، پنهنجي اڪيلائيءَ جي ڪنڊ ڏانهن ڀڄ! آءٌ ڏسان ٿو تہ زهريلين مکين توکي پيرن کان وٺي چوٽيءَ تائين ڏنگ هنيا آهن. هاڻي ڪنهن اهڙيءَ جاءِ ڏانهن پرواز ڪر، جتي تيز ۽ تند، اَجل ۽ اُوجل هوا لڳندي هجي.

تون پنهنجي اڪيلائيءَ جي ڪنڊ ڏانهن ڀڄ! تون ننڍن ۽ خسيسن جي نزديڪ گهڻو وقت رهيو آهين. اُنهن جي لڪل انتقام کان بچ! تو لاءِ اُنهن وٽ سواءِ انتقام جي ٻيو ڪجهہ ڪونهي.

اُنهن جي خلاف وڌيڪ هٿ نہ کڻ! گهڻا آهن اِهي ۽ مکين ـ مار ٿڙڪو بنجڻ تنهنجي تقدير ناهي.

تمام گهڻا آهن اِهي ننڍڙا خسيس ماڻهو: مينهن جا ڦڙا ۽ خودرو ڪک ڪانڊيرا بہ اڪثر اوچين عمارتن کي ڊاهي ٽا وجهن.

تون برابر پٿر نہ آهين پر هينئر مينهن جي لڳاتار ڦڙڦڙ تو کي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي. اِها لڳاتار ڦڙڦڙ تو کي ڀڃي ڀوري، ذرا ذرا ڪري ڇڏيندي!

آءٌ ڏسان ٿو، زهريلين مکين جي ڏنگن کان تون بيحال ٿي پيو آهين: آءٌ ڏسان ٿو، تومان رت پيو ڳڙي ۽ سوين هنڌن تان تون وڍجي پيو آهين ۽ تون هانءَ جي پڪائيءَ ڪان دانهن نٿو ڪرين.

اِهي مارڪيٽ جون مکيون، معصوم بڻجي، تو کان تنهنجو رت کسين ٿيون: اُنهن جو رت کان خالي ساهہ رت گهري ٿو ___ ۽ اِهي ڏنگ هڻن ٿيون، اِيئن چڻ اِهي سراپا معصوميت آهن!

مگر اي گنڀير هستي! تون اِنهن ننڍين ننڍين زخمن کان بہ ڏاڍو گهڻو زخمجي پيو آهين ۽ اِهي تنهنجا زخم ڇٽن ئي ڇٽن اُن کان اڳ اِهو ساڳيو زهريلو ڪينئون سُري هاڻي تنهنجي هٿ تي اچي ويٺو آهي!

تون پنهنجي مان ۾ مريادا ۾ اِنهن مِٺي مُنهن وارن چڪيندڙن کي مارڻ پنهنجي گهٽتائي ٿو سمجهين. پر خبردار، متان اِنهن جِي سڄي اِها زهر آلود بي انصافي تنهنجو مقدر نہ بڻجي وڃي!

اِهي مکيون تنهنجي چوڌاري ڀون ڀون ڪري تنهنجي واکاڻ بہ ڪن ٿيون. اِنهن جي اِها واکاڻ ڇا آهي؟ ___ دراصل اِهي تنهنجي چمڙيءَ لڳ ۽ تنهنجي رت جي قريب رهڻ گهرن ٿيون.

اِهي تنهنجي چوڌاري ڀون ڀون جي سُر سان تنهنجي واکاڻ بہ ڪن ٿيون، ___ پر ري – ڪوئي ۾ اڳ – ڀوڻي آهي، اِنهن جي اِها واکاڻ: اِهي تنهنجي چمڙيءَ لڳ ۾ تنهنجي رت جي قريب رهڻ گهرن ٿيون.

اِهي تنهنجي چاپلوسي ڪن ٿيون، اِهي تنهنجي آڏو ڪِنجهہ ڪِنجهہ ڪن ٿيون، اِن جو مطلب ڇا؟ چاپلوس آهن اِهي ۾ مِڻ مِڻ ڪندڙ ۾ ڪنجهہ ڪنجهہ ڪندڙ ___ بس، اِن کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ.

مارڪيٽ جون اِهي مکيون ڪڏهن ڪڏهن توسان خوش – مزاجيءَ سان بہ پيش اچن ٿيون. در اصل بزدل سدائين اهڙيون احتياطي تدبيرون اختيار ڪندا آهن. هائو، بزدل ڏاڍا سياڻا ٿيندا آهن!

اِهي، پنهنجي تنگ ۽ محدود ساهه سان، تنهنجي باري ۾ گهڻو ويچاريندي رهندا آهن — سدائين توتي شڪ به ڪنديون رهن ٿيون! جنهن شيءِ تي تمام گهڻو ويچاريو وڃي، سا ماڻهوءَ لاءِ نيت مشڪوڪ ٿي پوندي آهي.

اِهي دراصل تنهنجين خوبين جي توکي سزا ڏين ٿيون ۽ پنهنجي ته دليءَ سان اِهي توکي فقط تنهنجيون خاميون معاف ڪن ٿيون.

ڇاڪاڻ ته تون نرم مزاج ۽ انصاف پسند آهين، تنهن ڪري تون چوين ٿو: ”هي ته معمولي مخلوق آهن، هِنن ويچارين جو ڪو قصور ڪونهي.“ پر هي منهنجي سوڙهي، محدود من لاءِ سوچين ٿيون: ”سڄو ڏوهه تنهنجو آهي — سڄو عظيم وجود ڏوهاري آهي هِنن لاءِ، ڇو ته اُن ۾ رت آهي!“

جڏهن تون هنن سان حليمائيءَ سان پيش اچين ٿو، تڏهن به هو ائين محسوس ڪن ٿيون ته تون هنن کي حقير ٿو سمجهين ۽ تنهنجن احسانن جي بدلي ۾ هو توکي ڳجهيءَ ريت هيٺو ڪرڻ گهرن ٿيون — ڇو ته هو توکان ڊڄن به ٿيون.

تنهنجو مانيٺو شان هميشه هنن جي مزاج ۽ مذاق جي خلاف رهيو آهي: جڏهن به تون هلڪڙائپ جي حد تائين سندن اڳيان نمين ٿو، تڏهن هو دل جو دل ۾ پنهنجي هستيءَ تي خوش ٿين ٿيون.

ڪنهن ماڻهوءَ ۾ جيڪا خوبي اسان کي تسليم ڪرڻي پوندي آهي، سا اسان کي هُن تي خار به ڏياريندي رهندي آهي، تنهن ڪري اِنهن رتَ ڳولائو جيتامڙن کي هيچ نه سمجهه، بلڪ اِنهن کان خبردار رهه!

اِهي توکي موجود ڏسي، ڪڏهن ڪڏهن، ڇاٽي واٽي، پاڻ کي ڪمتر ۽ هيچ ظاهر ڪن ٿيون، پر هِنن جي اِها پستي تنهنجي خلاف سندن ڳجهي انتقام جي صورت وٺندي رهي ٿي.

ڇا، تو محسوس نه ڪيو آهي ته جڏهن تون هنن جي سامهون اچين ٿو ته هو ڪيئن نه اڪثر چپ ٿي وڃن ٿيون ۽ هنن جي طاقت هنن کان اِيئن کسبي ويندي آهي جيئن وسائل باهه مان دونهون؟

ها، اي منهنجا دوست، تون اِنهن پنهنجن همـ ديوگين ۽ همنيشنن جي نظر ۾ بدضمير آهين: ڇاڪاڻ ته هو تنهنجي لائق نه آهن. انهيءَ ٿي ڪري هو توکان نفرت ڪن ٿا، ۽ تنهنجي رت جا پياسا رهن ٿا!

تنهنجا اِهي همـ — مقام غرض شناس، تنهنجي اڳيان پويان هلندڙ، هميشه تو لاءِ زهريلين مکين وانگر رهندا. تو ۾ جيڪا ڪجهه عظمت آهي، اُها بذات خود

اهڙي شيءِ آهي، جيڪا هنن جي زهر ۾ اضافو ڪندي رهندي، ۽ منجهن مڪين واري هير وڏيڪ زور وٺندي ويندي.

تنهن ڪري، اي منهنجا دوست، ڀڄ! اِنهن مڪين کان پاڻ بچاءِ! پنهنجي اڪيلائيءَ جي ڪُنڊ ڏانهن ڀڄ ___ اُتي جتي تيز ۽ تند، اَپل ۽ اُوجل هوا لڳندي هجي. اِهو تنهنجو مقدر نہ آهي، جو تو ڪي مڪين_ مار ڦڙڪو ٿيڻو پوي.___

زرتشت ايئن چيو.

# 13. پاڪدامني

مون کي جهنگن سان محبت آهي. شهرن ۾ رهائش بُري آهي: اُتي تمام گهڻا ڪامي ۽ حريص رهن ٿا.

ڇا، ڪنهن ڪامي عورت جي چنبي ۾ اچڻ کان اِهو بهتر نہ آهي تہ ڪنهن خونيءَ جي هٿ چڙهي وڃجي؟

۽ ڪجهہ هِنن مَردن ڏانهن نهاريو: هِنن جون اکيون ڳالهائين ٿيون___ دنيا ۾ ڪنهن عورت جي آغوش ۾ ليٽڻ کان بهتر هِنن لاءِ ڪا بہ شيءِ ڪانهي.

هِنن جي ساهہ جي تري ۾ گند پيل آهي ۽ افسوس! هِنن جي گند ۾ ڪو روح بہ باقي ڪونهي!

ڪاش، اوهين ڪامل هجو ___ گهٽ ۾ گهٽ جانورن جهڙا! پر جانورن وٽ وري بہ معصوميت آهي.

ڇا آءٌ اوهان کي پنهنجي جبلتن جي ڪُهڻ جي ڪا صلاح ٿو ڏيان؟ آءٌ تہ اوهان جي جبلتن جي معصوميت جي صلاح ٿو ڏيان.

ڇا آءٌ اوهان کي پاڪدامنيءَ جي صلاح ٿو ڏيان؟ پاڪدامني ماڻهن لاءِ هڪ نيڪي آهي، پر ڪن ماڻهن لاءِ اُها قريب قريب هڪ بدي آهي.

اُهي سِيل وان برابر آهن، پر اُهو ڪتو جنهن جو نالو هَوَس آهي، سو سندن هر فعل مان سَدايل اکين سان جهاتيون پائيندي پيو ڏسبو آهي.

هنن جي نيڪيءَ جي بلندين کان وٺي، هنن جي سرد وساٽل ساهہ تائين، اِهو حيوان پنهنجيءَ سڄيءَ بي سرائيءَ ۽ روسامي سان هنن جي ڪڍ لڳوئي رهندو آهي.

۽ هيءُ ڪتو، جنهن جو نالو هَوس آهي، جڏهن گوشت جي ٽڪري کان اُن کي محروم ٿو رکجي، ڪھڙيءَ نہ خوبيءَ سان روح جو ٽڪرو ڏُوهي ٿو وٺي!

اوهان کي المناڪيون ۽ اُنهن سان لاڳاپيل ڳالهيون وڻن ٿيون، جيڪي دل کي چُور چُور ڪن ٿيون؟ پر اوهان جي هَوَسناڪ ڪُتي تي پوءِ بہ منهنجو اعتبار ڪونهي.

اوهان جون اکيون ___ اُف، ڪيتريون نہ ڪنور اکيون! ۽ اوهين دک سهندڙن ڏانهن ڪيئن نہ مڳجي نهاريو ٿا! چا، اوهان جي هَوَس پاڻُ لڪائڻ لاءِ 'همدرديءَ' جو نالو نہ ورتو آهي؟

۽ هيءُ نقل بہ اوهان کي ٻڌايان ٿو: 'ڪيئي اُنهن مان جن سوئرن مان شيطان پڃائڻ ٿي گهريو، اِيئن ڪندي پاڻ سوئرن سان ملي ويا!'

جن لاءِ پاڪدامني ڏکي آهي، اُهي اُن کان جهلجن تہ چڱو: متان اُها هُنن لاءِ جهنم جي راهہ ٺڄي پوي ___ روح جي گندگيءَ ۽ هوسناڪيءَ ڏانهن ويندڙ راهہ.

چا، آءٌ گندين شين جي ڳالهہ ٿو ڪريان؟ تہ منهنجي آڏو اِهو ڪو بدترين ڪم بہ ڪونهي.

ساڃهہ جي اک سچائيءَ جي پاڻيءَ ۾ لهڻ اُن وقت ناپسند نٿي ڪري، جڏهن اُهو گندو آهي، بلڪ تڏهن جڏهن اُهو تانگهو آهي.

بيشڪ اهڙا ڪيئي ماڻهو آهن، جيڪي فطرتاً پاڪدامن آهن: اُهي دل جا وڏيڪ سباجها ۽ اوجل آهن، ۽ اوهان کان وڏيڪ آزاد ۽ گهڻا پيرا کلن ٿا ۽ ٽهڪ ڏين ٿا.

اُهي پاڪدامنيءَ تي بہ کلن ٿا، ۽ پڇندا آهن: "پاڪدامني ڪھڙي شيءِ آهي"؟

"چا، پاڪدامني چريائي ڪانهي"؟ پر هيءَ چريائي پاڻ اسان وٽ آئي آهي، اسين اُن وٽ ڪونہ ويا آهيون.

اسان اِن مهمان کي پاڻ وٽ رهائش آڇي ۽ رهڻ لاءِ دل ڏني. هاڻي اُها اسان وٽ رهي ٿي ___ پل تہ اسان وٽ جيستائين چاهي اوستائين رهي!" ___

زرتشت ايئن فرمايو.

# 14. دوست

گوشه نشينُ خيال ڪري ٿو: ”مون سان هميشه هڪ شخص مون کان وڌيڪ رهي ٿو. هميشه ٻهرين هڪڙوئي، واحد شخص، جنهن مان اڳتي هلي ٻه ٿيو پون“!

’آءٌ‘ ۽ ’منهنجي ذات‘ هميشه هڪٻئي سان گفتگو ۾ محو رهن ٿا. جيڪڏهن ڪو دوست نه هجي ته اِها ڳالهه هوند ناقابل برداشت ٿي پوي.

گوشه نشين جو دوست هميشه هڪ ٽيون شخص به هوندو آهي. اِهو ٽيون شخص تُرهي مثل آهي، جو ٻنهي جي گفتگوءَ کي تار ۾ ٻڏي وڃڻ کان روڪي ٿو.

آهه! سيني گوشه نشينن کي بيشمار پستين سان واسطو پوندو آهي، تنهن ڪري هنن کي تمنا هوندي آهي دوست جي ۽ اُن کي بلند ڪرڻ جي.

ٻين ۾ اسان جو ايمان ثابتي آهي ته اُن ڳالهه لاءِ اسان کي پاڻ ۾ ايمان ڪونهي. اسان جي دل ۾ ڪنهن دوست جي تمنا ـــــ اِها اسان جي پنهنجي پاڻ تي اِن حقيقت جي چغلي آهي.

۽ اڪثر ڪري، اسين پنهنجي محبت سان رڳو پنهنجي حسدَ کي عبور ڪرڻ چاهيندا آهيون ۽ اڪثر ڪري اسين اڳرائي ڪري پنهنجا دشمن پاڻ پيدا ڪندا آهيون ته جيئن ڪنهن کي معلوم نه ٿئي ته اسين اَڻ ـ مضبوط آهيون.

”گهٽ ۾ گهٽ منهنجو دشمن ٿيءُ!“ــــ اِها اسان جي آچ آهي ۽ نشاني آهي اسان جي سچي احترام جي، اُن لاءِ جنهن کي دوست بنائڻ جي اسان کي همٿ نٿي ٿئي.

جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو دوست رکڻو آهي ته اُن لاءِ هُن کي وڙهڻو به پوندو ۽ وڙهڻ لاءِ هُن کي دشمن بنجڻ جي صلاحيت به هئڻ گهرجي.

ماڻهوءَ کي پوءِ به دوست ۾ جو دشمن آهي، اُن جو قدر ڪرڻ گهرجي. ڇا، تون پنهنجي دوست جي ويجهو وڃي سگهين ٿو، ۽ هن کي ڀڃي نٿو سگهين؟

ماڻهوءَ لاءِ پنهنجي دوست ۾ پنهنجو بهترين دشمن موجود هجي ٿو. تون دل سان هن جي قريب ترين تڏهن ٿي سگهندين، جڏهن تون هن جي آڏو محڪم بيهي سگهندين.

ڇا، تون پنهنجي دوست آڏو ڪو به پوش پهرڻ نٿو گهرين؟ تون اِن ۾ دوست لاءِ عزت جو اظهار سمجهين ٿو ته جيئن به تون آهين، تيئن هُن جي آڏو پاڻ کي پيش ڪرين؟ پر اِن طرح ته هو تنهنجو مُنهن ئي نه ڏسڻ چاهيندو!

جيڪو پنهنجي ڪابہ ڳالهہ نہ لڪائيندو اُهو تہ هر ڪنهن کي ٽرٽلي ۾ وجهندو: پنهنجي اوگهڙ کان ڊڄڻ لاءِ اوهان وٽ ايڏو هڪ وڏو سبب آهي.

تون پاڻ کي پنهنجي دوست لاءِ جيترو بہ ناهين جوڙين، سينگارين ۽ سٺو بنائين، اُهو ناڪافي آهي: ڇاڪاڻ تہ توکي هُن لاءِ هُن جي تمنا جو هڪ تير ۽ فوق البشر جو هڪ مثال ٿيڻو آهي.

تو پنهنجي دوست کي ڪڏهن ننڊ ۾ سُتل ڏٺو آهي ___ انهيءَ ڄاڻڻ لاءِ تہ سُتي هو ڪيئن تو لڳي؟ رواجي حالت ۾ تنهنجي دوست جو چهرو ڪهڙو هوندو آهي؟ جهڙو تنهنجو پنهنجو چهرو، ڪنهن ناهموار ۽ اٽپوري آئيني ۾ ڏسجي.

تو پنهنجي دوست کي ڪڏهن ننڊ ۾ ستل ڏٺو آهي؟ پنهنجي دوست کي ايئن ڏسندي، تون هراسجي نہ وئين؟ اي منهنجا دوست، ماڻهو اها هڪ شيءِ آهي، جنهن کي پاڻ کان وڌڻو آهي، بهتر ٿيڻو آهي.

ڳالهين کي تصور ۾ آڻڻ، پر خاموش رهڻ ۾ تنهنجو دوست ماهر هجڻ کپي: هر ڳالهہ جي ڄاڻڻ جي سڌ تو لاءِ ضروري نہ آهي. تنهنجو خواب توکي ٻڌائيندو تہ تنهنجو دوست سجاڳيءَ ۾ ڇا ڪندو رهي ٿو.

تنهنجي ڪهل بہ تنهنجي تصور مان اپرڻ گهرجي: پهرين اِهو ڄاڻڻ لاءِ تنهنجي دوست کي ڪهل جي گهرج بہ آهي؟ شايد هن کي تنهنجي اڏول ۽ خشڪ اک سان ۽ ابدي نگاهہ سان ئي پيار هجي.

پنهنجي دوست لاءِ تنهنجي ڪهل سُڪل سخت کوپي ۾ لڪل هجڻ کپي: جيئن توکي اُهو ڏند سان پيڄڻو پوي. ايئن اُن جو ڳپ نرم ۽ مٺو لڳندو.

ڇا، تون پنهنجي دوست لاءِ اُوجل هوا ۽ تنهائيءَ جو گوشو ۽ مانيءَ ٽڪر ۽ درد جو دارون ٿي سگهين ٿو؟ ڪيترائي آهن جيڪي پنهنجا زنجير ٽوڙي نٿا سگهن، پر تہ بہ پنهنجي دوست جي ڇوٽڪاري جا سبب بڻجي سگهندا آهن.

ڇا، تون غلام آهين؟ تہ پوءِ تون دوست نٿو بڻجي سگهين. ڇا، تون ظالم آهين؟ تہ پوءِ تنهنجا بہ ڪي دوست نٿا بڻجي سگهن.

عورت ۾ گهڻي زماني کان غلام ۽ ظالم ٻيئي پوشيده موجود رهيا آهن. اِن ڪري عورت ۾ دوستيءَ جو مادو اڃا پيدا ٿي نہ سگهيو آهي: هوءَ فقط محبت ڪري ڄاڻي ٿي.

عورت جي محبت ۾، اُنهن سينيءَ لاءِ جن سان هوءَ محبت نٿي ڪري، ناانصافي ۽ نابينائي هجي ٿي. ۽ هن جي باشعور محبت ۾ بہ هميشہ حيرانيءَ ۽ بجليءَ جي شعلي ۽ رات جي تاريڪيءَ جا آثار هجن ٿا.

اجا عورت ۾ دوستيءَ جو مادو پيدا نہ ٿيو آهي: عورتون اجا ٻليون آهن، يا پکي. يا وڌ ۾ وڌ، ڳايون.

اجا عورت ۾ دوستيءَ جو مادو پيدا نہ ٿيو آهي. پر اي مرد ماڻهؤ، اوهين مونکي ٻڌايو، اوهان مان ڪيترا دوستيءَ جو مادو رکن ٿا؟

اي مردؤ، حيف هجي اوهان جي ناداريءَ تي، ۽ روح جي بخيليءَ تي! جيترو اوهين پنهنجي دوست کي ڏيو ٿا، اوترو تہ آءٌ پنهنجي دشمن کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، ۽ اُن ۾ آءٌ وڌيڪ غريب بہ ڪونہ ٿيندس.

رفاقت اوهان ۾ آهي، شال اوهان ۾ دوستي هجي!___

زرتشت اِيئن فرمايو.

## 15. هڪ هزار ۽ هڪ مقصد

زرتشت گهڻن ملڪن جو سير ڪيو ۽ گهڻين قومن کي ڏٺو. اهڙيءَ طرح هو گهڻين قومن جي خوبين ۽ خرابين کان واقف ٿيو. زرتشت کي نيڪي ۽ بديءَ کان وڌيڪ طاقتور ڪابہ شيءِ دنيا ۾ نظر نہ آئي.

ڪابہ قوم پهرين قدرن کي مقرر ڪرڻ (Valuing) کان سواءِ زنده رهي نٿي سگهي: جيڪڏهن ڪنهن قوم پاڻ کي قائم رکڻ گُهريو ٿي، تہ اُن لاءِ، بهرحال، ضروري ٿي ٿيو تہ قدرَ اهڙيءَ طرح مقرر نہ ڪري جيئن اُن جي پاڙيسري قوم مقرر ڪيا ٿي.

ڪيتريون ڳالهيون جيڪي هڪڙيءَ قوم وٽ پسنديده هيون، سي ٻيءَ وٽ رد ٿي ٿيون ۽ ڌڪاريون ٿي ويون. ايئن مون ڏٺو. مون ڏٺو تہ ڪيتريون ڳالهيون هڪ هنڌ بڇڙيون ۽ مردود شمار ٿي ٿيون، تہ ٻئي هنڌ اُنهن کي وڏي عزت ڏني ٿي ويئي.

پاڙيسري پاڙيسريءَ کي سمجهڻ کان قاصر ٿي ڏٺو: هڪڙي جو ساهہ ٻئي جي خام خيالي ۽ بداعماليءَ تي محو حيرت هو!

هر قوم جي هٿ ۾ اعليٰ خوبين جو هڪ دستاويز هو. اُهو اُن جي ڪاميابين جو دستاويز هو، هائو ___ اُهو اُن لاءِ طاقت جي دستيابيءَ جي سندس ارادي جي سَنَد هو.

جا شيءِ اُن کي مشڪل معلوم ٿئي ٿي، اُها اُن لاءِ قابل تعريف هئي؛ جيڪا مشڪل به هئي ۽ ضروري به، اُها اُن لاءِ سٺي هئي ۽ جنهن سخت مصيبت ۾ اُن کي راحت ٿي ڏني ۽ يگاني هئي ۽ مشڪل ترين به، اُها اُن لاءِ مقدس هئي.

جنهن به شيءِ اُن کي حڪمراني ٿي ڏني، فتحمند ٿي ڪيو ۽ ناموس ٿي بخشيو، ۽ جنهن کان اُن جا پاڙيسري اُن کان مرعوب ٿي ٿيا ۽ اُن تي رشڪ ڪرڻ لڳا ٿي، اُن کي اُن خاص طرح اوچي ۽ اول درجي جي شيءِ ٿي سمجهيو، بلڪ ٻيءَ هر شيءِ جو جوهر ۽ ڪسوٽي ٿي شمار ڪيو.

تحقيق، منهنجا ياءُ، جيڪڏهن تون ڪنهن قوم جي گهرج، اُن جي ڌرتيءَ، اُن جي آسمان، ۽ اُن جي پاڙيسري قومن کي سمجهي سگهين، ته توکي اُن جي ڪشمڪشا جو قانون معلوم ٿي وڃي ۽ تون اِهو ڄاڻي وڃين ته ڇو اُها پنهنجي اُميد جي اُنهيءَ ڏاڪڻ تي چڙهندي رهي ٿي.

”تنهنجو قدم هميشه ٻين کان اوچو ۽ اڳي آهي: دوست جي محبت کان سواءِ ٻئي جي محبت تنهنجو حاسد روح ڪانه ڄاڻي“ ___ انهيءَ هڪ ڳالهه هر يونانيءَ جي ساهه کي جولان ڏنو ۽ اُنهيءَ جولان سان عظمت جي راهه تي هِن پنهنجو قدم وڌايو.

”حق جي ڳالهه ڪر ۽ تير ڪمان سنڀال!“ ___ اِهو سخت ڪوش ۽ املهه امر اُن قوم پنهنجي آڏو رکيو، جنهن قوم کان مون کي منهنجو نالو مليو جيڪو مون لاءِ دلڪشيءَ ۽ سخت ـ ڪوشيءَ جو باعث آهي.

”پيءُ ۽ ماءُ جي عزت ڪرڻ ۽ تهدل سان سندن مرضي رکڻ“ ___ ٻيءَ هڪ قوم سرخروئيءَ جو اِهو اصول پنهنجي آڏو رکيو ۽ اُها اُن جي برڪت سان عالم ۾ بحال ٿي ۽ طاقتور بڻي.

”صداقت ۽ وفاشعاري ۽ اُن لاءِ پنهنجي جان ۽ پنهنجو ناموس داءُ تي لڳائڻ ___ ويندي خراب ۽ خطرناڪ راهن ۾ به“ ___ اِن تعليم سان ٻيءَ هڪ قوم پنهنجي پاڻ تي قبضو ڪيو ۽ ايئن پاڻ تي قابض ٿي، ڳرين ذميدارين جا بار ڪنيائين ۽ وڏين اميدن سان بار آور ٿي.

تحقيق ماڻهن پنهنجون سڀ ڀلايون ۽ برايون پاڻ کي پنهنجن هٿن سان پاڻ ڏنيون آهن. تحقيق هُنن اُهي نه ڪنهن کان ورتيون ۽ نه ڪٿان لڌيون، ۽ نه وري اُنهن لاءِ مٿن ڪو آسمان مان وحي نازل ٿيو.

ماڻهوءَ فقط شين جا قدر مقرر ڪيا، پاڻ کي قائم رکڻ خاطر ـ هُن شين جون فقط اهميتون وجود ۾ آنديون، پنهنجي لاءِ اُنهن جون اهميتون! اِن ڪري هن پاڻ کي ”ماڻهو“ سڏيو، يعني قدر مقرر ڪندڙ، ’ماڻُ‘ ڏيندڙ.

مانُ ڏيڻُ، قدر مقرر ڪرڻُ، ئي تخليق ڪرڻُ آهي: اي تخليق ڪرڻ وارئو، چڱيءَ طرح ٻڌو! قدرُ مقرر ڪرڻ ئي اُنهن شين جو مرتبو آهي، جوهر آهي، جن کي ڪٿيو وڃي ٿو.

قدر مقرر ڪرڻ سان ئي قدر (Value) پيدا ٿئي ٿو، جنهن کان سواءِ سموريءَ موجودات جو اکروٽ بي مغز ۽ خالي آهي. ٻڌو، اي تخليق ڪرڻ وارئو!

قدرن جي ردوبدل ___ اِها تخليق ڪرڻ وارن جي ردوبدل آهي. جيڪو بہ تخليق ڪرڻ وارو هوندو آهي، سو سدائين اڳين قدرن کي ڈاهيندو آهي.

تخليق ڪرڻ واريون سڀ کان پهرين قومون هيون ۽ پوءِ، فقط هاڻوڪن وقتن، افراد ٿيا؛ سچ تہ فردَ خود اڃا قومن جي سڀ کان تازي تخليق آهي.

قومن هڪ وقت پنهنجي ڀلائيءَ جا دستاويز پنهنجي آڏو رکيا هئا. محبت جيڪا فرمان روا هئي ۽ محبت جيڪا فرمان_ بردار هئي، تن گڏجي پنهنجي لاءِ اُهي دستاويز تخليق ڪيا هئا.

ڌڻ جي خوشي، 'آءٌ' جي خوشيءَ کان آڳاٽي آهي ۽ جيستائين نيڪ ضميرُ ڌڻ لاءِ آهي، فقط بدضمير چوي ٿو ___ 'آءٌ'.

تحقيق، چالاڪ 'آءٌ'، بي محبتيو، جيڪو گھڻن جي سهولت مان رڳو پنهنجي سهولت کي ڳولي ٿو. اِهو ڌڻ جو بنياد نہ آهي، بلڪ اُن جي تباهي آهي.

هميشہ محبت وارا ماڻهو هئا ۽ تخليق ڪندڙ هئا، جن چڱائيءَ ۽ لڱائيءَ کي تخليق ڪيو. سيني نيڪين جي نالن ۾ محبت جي باھ جرڪندڙ ڏسجي ٿي ۽ پڻ غصي جي ساڙيندڙ باھ.

زرتشت گھڻن ملڪن جو سير ڪيو ۽ گھڻين قومن کي ڏٺو. زرتشت ڌرتيءَ تي محبت وارن ماڻهن جي تخليقن کان وڌ ڪا طاقت ڪانہ ڏٺي ___ "نيڪي" ۽ "بدي"، "چڱائي" ۽ "لڱائي"، "ڀلائي" ۽ "برائي" اُهي سڏجن ٿيون.

تحقيق وڏو اسرار آهي، هيءَ طاقت ساراهڻ ۽ ننڌڻ جي، تعريف ۽ ترديد جي. ڀائرو، ٻڌايو! ڀيو ڪير منهنجي پاران اُن تي قابض پوندو؟ اِن حيوان جي هزار گردنن ۾ ڀيو ڪير زنجير وجهندو؟

هيستائين هڪُ هزارُ مقصدَ رهيا آهن، هڪَ هزارَ قومن لاءِ. هزارَ گردنن لاءِ فقط زنجيرُ اڃا درڪار آهي؛ هڪ مقصد ناپيد آهي. اڃا انسان ذات جو هڪُ مقصد ڪونهي.

پر مون کي ٻڌايو، منهنجا مهربان پائرو، جيڪڏهن اجا انسان ذات جو مقصد ناپيد آهي، ته پوءِ انهيءَ جو اِهو مطلب ته ٿيو ته اجا تائين خود انسان ذات به ناپيد آهي؟ ـــ

زرتشت ايئن فرمايو.

# 16. پاڙيسريءَ جي محبت

اوهين پاڙيسريءَ وٽ وڃي گڏ ٿيو ٿا ۽ اِن ڳالهه کي ڏاڍو سارا هيو ٿا. پر آءٌ اوهان کي چوان ٿو: پاڙيسريءَ سان اوهان جي محبت جي معنيٰ آهي ته اوهان کي پاڻ سان اؤٽي محبت آهي.

اوهين پنهنجي پاڻ کان ڀڄي، پاڙيسريءَ وٽ پناهه وٺو ٿا ۽ گهرو ٿا ته اوهان جي اُها نيڪي شمار ٿئي پر اوهان جي اِن "اَڻ ـ خود غرضيءَ" جي حقيقت کي آءٌ ڄاڻان ٿو.

"آءٌ" کان "تون" وڌيڪ اڳاٽو آهي: "تون" احترامجي چڪو آهي، "آءٌ" اجا نه: اِنهيءَ ڪري ماڻهو نت پنهنجي پاڙيسريءَ جي ويجهو ٿيڻ گهري ٿو.

ڇا، آءٌ اوهان کي پاڙيسريءَ سان محبت جي صلاح ٿو ڏيان؟ آءٌ ته اوهان کي پاڙيسريءَ کان دوريءَ جي ۽ دوريءَ وارن سان محبت جي صلاح ٿو ڏيان!

اوهان جي پاڙيسريءَ سان محبت کان اعليٰ آهي، سڀ کان ڏورانهن ۽ مستقبل وارن سان محبت ۽ اجا به بهتر آهي، ماڻهن سان محبت بدران شين ۽ تصورن سان محبت.

تصورَ، خوابَ، جيڪو توکان پيش پيش، تنهنجي اڳيان اڳيان، ڊوڙندو وڃي ٿو، توکان، منهنجا ڀاءُ، وڌيڪ حَسين آهي: تون پنهنجو ماس ۽ پنهنجا هڏا ۽ اُن جي سپرد ڇو نٿو ڪرين؟ پر تون ڊڄين ٿو، ۽ ڀڄي پنهنجي پاڙيسريءَ جي اوٽ وٺين ٿو.

اوهين پاڻ پنهنجي صحبت ۾ ٽڪي نٿا سگهو، اوهان کي پنهنجي پاڻ سان ايڏي پوري محبت ڪانهي: تنهن ڪري اوهين پنهنجي پاڙيسريءَ کي ريجهي محبت تي آماده ڪريو ٿا ۽ هُن جي اُن غلطيءَ جو سِونو پاٽي پاڻ تي چاڙهي هلو ٿا.

ڪاش اوهين پنهنجن قريبن ۽ انهن جي قريبن جي صحبت ۾ به ٽڪي نه سگهو: پوءِ اوهان کي پنهنجي پاڻ مان پنهنجو دوست پيدا ڪرڻو پوندو ۽ محبت ۾ هن جي اُڇلڪندڙ دل، تخليق ڪرڻي پوندي.

اوهين هڪ شاهد وني اچو ٿا. جڏهن اوهين پنهنجي پاڻ بابت چڱو ڳالهائڻ چاهيو ٿا ۽ جڏهن هو اوهان جي برغلائڻ تي اوهان کي چڱو سمجهي ٿو تہ پوءِ پاڻ کي اوهين بہ چڱو سمجهڻ لڳو ٿا.

ر ڳو اُهو ماڻهو ڪوڙ ڪونہ ٿو ڳالهائي. جيڪو پنهنجي ڄاڻ جي خلاف ڳالهائي ٿو، پر اُن کان وڌيڪ اهو ڪوڙ ٿو ڳالهائي، جيڪو پنهنجي اڄاڻپ جي اُبتڙ ٿو ڳالهائي. اِنهيءَ طرح اوهين پاڻ بابت پاڻ ۾ ڳالهايو ٿا ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ کي پاڻ سان گڏ ڪوڙو ڪريو ٿا.

هڪڙي بيعقل جو مقولو آهي تہ ”ماڻهن سان صحبت اخلاق بگاڙي ٿي،“ خاص طرح تڏهن جڏهن اخلاق هجي ئي نہ.

پاڙيسريءَ وٽ ڪو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي تلاش ۾ آهي ۽ ڪو وري اِن لاءِ، جو هو پاڻُ وڃائڻ گهري ٿو. اوهان جِي پاڻ سان اڻٺي محبت اوهان جي اڪيلائيءَ کي اوهان لاءِ قيد ۾ تبديل ڪيو ٿي ڇڏي.

اوهان کان ڏور کان ڏور اُهي آهن، جيڪي سزا ڀو ڳين ٿا اوهان جي محبت جِي، جيڪا اوهان کي پنهنجن ويجهن سان آهي ياد رکو، منهنجا ڀائرو، تہ اوهين جڏهن پاڻ ۾ فقط پنج گڏ هوندا آهيو، تہ هڪڙو جيڪو ڇهون آهي، اُهو هميشہ موت جي مُنهن ۾ هجي ٿو.

مون کي اوهان جي جشنن ۾ بہ ڪا دلچسپي ڪانهي؛ مون تمام گهڻا اُتي اداڪار ڏٺا آهن ۽ خود تماشبين بہ اڪثر اُتي اداڪاريءَ ۾ ئي پورا رهن ٿا.

آءٌ اوهان سان پاڙيسريءَ جي ڳالهہ ڪانہ ٿو ڪريان. آءٌ اوهان سان دوست جي ڳالهہ ٿو ڪريان. پل تہ دوست اوهان لاءِ هن ڌرتيءَ جي جشن سمان هجي، هن ڌرتيءَ جي عيد مثل ــــ ۽ فوق البشر جو هڪ پيشگي مثال.

آءٌ اوهان سان دوست جي ڳالهہ ٿو ڪريان ۽ هن جي محبت سان اڇلڪندڙ دل جِي. پر ماڻهوءَ کي اِها خبر هئڻ گهرجي تہ اِسفنج (مثل ڪڪر) ڪيئن ٿيو آهي ۽ پوءِ ئي اُڇلڪندڙ دلين جي محبت ماڻي ٿي سگهجي.

آءٌ اوهان سان دوست جي ڳالهہ ٿو ڪريان، جنهن ۾ سڄي دنيا وسندڙ آهي ۽ جو وزن آهي نيڪيءَ جو ــــ اُن دوست جِي، جو تخليق ڪار آهي ۽ جنهن وٽ پوري هڪ دنيا ڏيڻ لاءِ سدا موجود آهي.

هُن ئي لاءِ جيئن دنيا پاڻ کي اُکوليو ۽ پنهنجي وسعت کي پڌرو ڪيو، تيئن اُها هن لاءِ ويڙهجي ٿي، گڏ ٿي ٿئي، دائرن ۾ ــــ بديءَ منجهان نيڪيءَ جي چڙهندڙ سج وانگر، امڪان منجهان مقصد جي وجود جڻ طور.

اِنهيءَ ڪري تنهنجي اڄ جو اِرادو مستقبل لاءِ ۽ پري ڪان پري جو هئڻ گهرجي. پنهنجي دوست لاءِ محبت ۾ توکي فوق البشر لاءِ محبت جي نيت رکڻ کپي.ـ

زرتشت ايئن فرمايو.

# 17. تخليق ڪرڻ واري جو رستو

منهنجا ڀاءُ، ڇا، تون هيڪلائيءَ ۾ وڃڻ چاهين ٿو؟ ڇا، توکي خود پاڻ ڏانهن وڃڻ جي رستي جي ڳولا آهي؟ ته ٿورو ترس، پهريائين منهنجي ڳالهه ٻڌ.

”جيڪو ڳولي ٿو، سو ٿي سگهي ٿو ته سولائيءَ سان پاڻ وڃائجي وڃي. سڀ هيڪلائي غلط آهي“: ڌڻ جي اِها چوڻي آهي ۽ تون گهڻوئي وقت ڌڻ سان گڏ رهيو آهين.

ڌڻ جي آواز جو پڙاڏو پوءِ به تو ۾ رهندو. جڏهن تون چوين ٿو: ”اڄ کان پوءِ منهنجو ضمير ساڳيو نه آهي، جيڪو اوهان جو آهي“، ته اِها هڪ دانهن آهي ۽ هڪ پيڙا آهي.

ڏس، اِها پيڙا خود به اُن ساڳئي ضمير پيدا ڪئي ۽ اُن ئي ضمير جي آخري چمڪ تنهنجي ڏک کي اڃا روشن ڪري رهي آهي.

پر تون پنهنجي ڏک جي رستي سان وڃڻ گهرين ٿو، جيڪو توکي پاڻ ڏانهن وٺي وڃڻ وارو رستو آهي؟ ته پوءِ تون مون کي پنهنجو اختيار ڏيکار ۽ ايئن ڪرڻ جي پنهنجي طاقت ڏيکار!

ڇا، تون ڪا نئين طاقت آهين ۽ ڪو نئون اختيار آهين؟ ڪو اوائلي تحرڪ؟ ڪو پاڻيهي ڦرندڙ ڦيٿو؟ ڇا، تون تارن کي مجبور به ڪري سگهين ٿو ته اُهي تنهنجي چوڌاري ڦرن؟

افسوس، بلنديءَ ڏانهن وڃڻ جو هَوسُ بيحد گهڻو آهي! ڪيترائي حرص جي تسڪين جا اُدما ۽ اَنگ اُڇلا به ٿين ٿا! مون کي ثابت ڪري ڏيکار ته تون هَوسي نه آهين ۽ نه حرص جو شڪار!

افسوس، ڪيترائي اعليٰ خيال آهن، جن جي حيثيت ڌنوڻيءَ کان وڌيڪ نه آهي. اُهي ڦوڪجن ٿا ۽ وريو اهڙائي خالي ٿيو وڃن.

تون پاڻ کي آزاد ٿو سڏين؟ آءٌ توکان تنهنجو خيال ٻڌڻ گهران ٿو جيڪو تو تي هِن گهڙيءَ سوار آهي، نه اِهو ته تو پاڃاريءَ جي بار کان ڪُلها آجا ڪيا آهن.

چا، تون پاڇاريءَ مان آجي ٿيڻ جو حقدار به آهين؟ ڪيترائي اهڙا ٿيا آهن، جيڪي پنهنجي غلاميءَ مان آجا به ٿيا، پر ٻيءَ گهڙيءَ پنهنجو رهيل کهيل قدر ۽ ڪارپت به وڃائي ويهي رهيا.

آزاد، ڇا مان؟ زرتشت جو اِن ۾ ڇا! تنهنجي نگاهن مان مون کي صاف جواب ملڻ کپي: آزاد، ڇا لاءِ؟

چا، تون پنهنجي نيڪي ۽ پنهنجي بدي پنهنجي لاءِ پاڻ وضع ڪري سگهين ٿو ۽ پنهنجو ارادو پنهنجي لاءِ قانون بنائي پاڻ سان لاڳو ڪري سگهين ٿو؟ ڇا، تون پنهنجو مصنف پاڻ ٿي ۽ پنهنجي قانون جو محافظ پاڻ بڻجي سگهين ٿو؟

جيڪو پنهنجو منصف ۽ پنهنجي قانون جو محافظ پاڻ آهي، اُن جي اڪيلائپ بيحد ڀوائتي ٿئي ٿي. اِيئن جيئن ڪنهن ٻي ڪنار بياباني فضا ۾ اُن جي آت برفاني هوائن جي تنهائين ۾ ڪو تارو ڪِڙي بيهي.

اڄ تون هڪ فرد هوندي به، اڃا انبوهه جي پيڙ محسوس ڪرين ٿو: اڄ تو وٽ اڃا پنهنجون اميدون موجود آهن ۽ تنهنجي دل ۾ تنهنجي سڄي همت زنده آهي.

پر هڪ ڏينهن اڪيلائي تو کي ڪڪ ڪري وجهندي؛ هڪ ڏينهن تنهنجي هوڏ پُري پوندي ۽ تنهنجي همت پست پئجي ويندي. تون هڪ ڏينهن دانهيندين: ”آءٌ اڪيلو آهيان!“

هڪ ڏينهن ايندو، جنهن کان پوءِ تون پنهنجي اوچائي نه ڏسندين ۽ پنهنجي هيٺانهينءَ کي پنهنجي اکئين ڏسندين؛ تنهنجي بلند پروازي خود، هڪ ڀوت جيئن، تو کي خوفزده ڪندي. هڪ ڏينهن تون دانهن ڪري اٿندين: ”سڀ ڪوڙ آهي!“

هڪڙا اهڙا احساس آهن، جيڪي اڪيلي ماڻهوءَ کي بنهه ماري ٿا وجهن ۽ اِن ۾ اُهي جي ڪامياب نٿا ٿين، ته خود ئي مري ٿا وڃن! پر ڇا، تون اِن جي قابل آهين_ هڪ قاتل ٿيڻ جي؟

ياءُ منهنجا، ڇا، تون لفظ ”ڌڪار“ کان واقف آهين؟ ۽ تنهنجي انصاف جي اُن ايذاءَ کان جيڪو اُهو سهي ٿو، اُنهن مان انصاف ڪرڻ ۾ جيڪي تو کي اِيئن ڌڪارين ٿا؟

تون ڪيترن کي مجبور ڪرين ٿو ته هو تو بابت پنهنجا خيال بدلائين؛ اُهي اُن جي تو کان ڳري قيمت وصول ڪن ٿا. تون هنن جي ويجهو آئين ۽ وري به اُنهن کان پري ٿي وئين: اُن لاءِ هو تو کي ڪڏهن به معاف نٿا ڪن.

تون هنن کان پري نڪري ٿو وڃين: پر جيترو مٿي تون اُڀرين ٿو، حسد جي اک اوترو ئي ننڍو توکي ڏسي ٿي. پر سڀ کان وڌيڪ، بهرحال، اُهو ٿو ڌڪار جو شڪار ٿئي، جيڪو اُڏامي ٿو.

توکي هي چوڻ گهرجي: ”اوهين مون سان انصاف ڪيئن ڪري سگهندا؟ مون اوهان جي ناانصافيءَ کي ئي پاڻ لاءِ منتخب ڪيو آهي__ اوهان کان منهنجي حصي ۾ آيل انصاف طور“!

هو ناانصافي ۽ گندگي هيڪل رهندڙ شخص ڏانهن اڇلائين ٿا. پر منهنجا ياءُ جيڪڏهن تون تارو ٿيڻ پسند ٿو ڪرين، ته اُن طرح به توکي اُنهن لاءِ روشني اوس ڪرڻي پوندي.

۽ توکي نيڪن کان ۽ عادلن کان به خبردار رهڻ کپي! اُهي اُنهن کي صليب تي ٽنگڻ پسند ڪن ٿا، جيڪي نيڪي تخليق ڪن ٿا__ اُهي هيڪل رهندڙن سان نفرت ڪن ٿا.

۽ تون پاڪ پرهيزگاريءَ کان خبردار رهه! جنهن لاءِ جو ڪجهه اُن جي ليکي کان ٻاهر آهي، سو پليت آهي: اُن کي پوءِ به باهه جي کيڏ سان چاهه آهي__ سوريءَ سان ۽ ٻرندڙ ڪاٺين جي مچ سان.

۽ پنهنجي سڪ پريل پيار جي ڌَڪن کان پڻ خبردار رهه! هرڪو ئي جو هيڪل رهندڙ کي ملي ٿو، هُن جو هٿ اُن ڏانهن وڌڻ لاءِ اُتاولو ٿو رهي.

گهڻن ڪن کي تون پنهنجو هٿ ڏين ئي نه ته چڱو: اُنهن کي تون پنهنجو چنبو پيل ڏي. آءٌ چاهيندس ته اُهو چنبو نُهن وارو هجي ته سٺو.

پر سڀ کان ڪِنو دشمن جيڪو توکي گڏبو، سو هميشه تون پنهنجو پاڻ هوندين: تون غارن ۾ ۽ جهنگلن ۾ راهه جهليو پنهنجي تاڙ ۾ ويٺوئي هوندين.

اي هيڪل رهڻ وارا، تون پاڻ تائين پهچڻ جي راهه جو راهي آهين! ۽ تنهنجي پاڻ کان اڳتي ۽ تنهنجي ستن شيطانن کان اڳتي توکي پنهنجو رستو وٺي وڃڻ وارو آهي!

تون پنهنجي پاڻ جو منڪر ٿيندين ۽ پوپو ۽ ڦيٽائي ۽ بيوقوف ۽ شڪي ۽ مردود ۽ بدڪار ليکبين.

توکي پنهنجن ئي شعلن ۾ پاڻ کي جلائڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو: پهرين تون رک نه بڻبين ته نئين سر ڪيئن جمندين!

اي هيڪل رهڻ وارا، تو محبت ڪرڻ واري جو رستو ورتو آهي: تو ڪي پاڻ سان محبت آهي، ۽ اِنهيءَ ڪري تون پاڻ کي ڌڪارين ٿو. جيئن فقط محبت ڪرڻ وارا ئي ڌڪاريندا آهن.

محبت ڪرڻ وارو تخليق ڪرڻ چاهي ٿو. ڇاڪاڻ جو هو ڌڪاري ٿو! اُهو محبت مان ڇا ڄاڻي، جيڪو جنهن سان محبت ڪري ٿو، اُن کي ڌڪارڻ تي مجبور نه آهي!

منهنجا ڀاءُ، تون پنهنجي محبت سان، ۽ پنهنجي تخليق جي امنگ سان، پنهنجي هيڪلائيءَ ۾ وڃ: انصاف تنهنجي پنيان ڏاڍيءَ دير سان منڊڪائيندو منڊڪائيندو ايندو.

منهنجا ڀاءُ، منهنجن ڳوڙهن سان تون پنهنجي هيڪلائيءَ ۾ وڃ! مون کي اُنهيءَ سان محبت آهي، جيڪو پاڻ کان بالاتر تخليق ڪرڻ گهري ٿو ۽ اِيئن پاڻ کان شڪست کائي ٿو.__

زرتشت اِيئن فرمايو.

## 18. پوڙهيون ۽ جوان عورتون

اي زرتشت! تون شفق جي اونداهيءَ ۾ ڇو هيٺ ڪيو، لڪندو لڪندو، ڇو پيو وڃين؟ ۽ پنهنجي چوغي ۾ ڪهڙي شيءِ اِيئن لڪايو ڪنيو پيو وڃين؟

ڇا، اِهو ڪو خزانو آهي، جو تو ڪي ڪٿان مليو آهي؟ يا ڪو تنهنجو نئون ڄاول ٻار آهي؟ يا تو هاڻي، چورن جو ڪو رستو ورتو آهي۔ بڇڙائيءَ جو ڪو رستو؟

زرتشت جواب ڏنو: ڀاءُ منهنجا سچ ٿو چوين. هيءَ خزانو آهي، جو ڪٿان مون کي مليو آهي هيءُ هڪ ننڍو سچ آهي، جو آءٌ پاڻ سان ڪنيو ٿو وڃان!

پر هيءُ هڪ ننڍي ٻار وانگر شرير آهي ۽ جي آءٌ اِن جو وات بند نه ڪريان ته گهڻو شور مچائيندو.

اڄ سج لٿي مهل، جڏهن آءٌ پنهنجو دڳ وٺيو پئي ويس ته مون کي هڪ پوڙهي عورت گڏي ۽ اُن منهنجي مَنَ سان هيئن ڳالهايو:

”اسان عورتن کي ٻه زرتشت گهڻيون ئي ڳالهيون ٻڌايون آهن، پر عورت بابت اسان کي ڪڏهن ڪجهه نه ٻڌايو اٿس“.

۽ مون هن کي جواب ڏنو: ”عورت بابت تہ فقط مَردن سان ڳالهيون ڪرڻ کپن.“

هن چيو: ”مون سان بہ عورت بابت ڪجھ ڳالهاءِ. آءٌ ايتري پوڙهي آهيان، جو ٻڌندي ئي وساري ڇڏينديس.“

۽ مون اُن پوڙهيءَ جي ڳالھ مڃي ۽ هن کي چيم:

عورت جي هر ڳالھ ڳجهارت آهي، عورت وٽ هر ڳالھ جو جواب بہ هڪ آهي: اُن کي اميدواري ڇئجي ٿو ۽ پُراسراريت بہ.

عورت لاءِ مرد هڪ وسيلو آهي: مقصد هميشہ ٻار آهي. پر مرد لاءِ عورت ڇا آهي؟

سچو مرد ٻن مختلف شين جي خواهش رکي ٿو: خطري جي ۽ وندر جي. اِنهيءَ ڪري هو عورت جي چاهنا رکي ٿو، هڪ سڀ کان وڌ خطرناڪ رانديڪي طور.

مرد کي تربيت ملڻ گهرجي جنگ لاءِ ۽ عورت کي جوانمرد جي وندرائڻ لاءِ ٻي هر ڳالھ چريائي آهي.

مردَ ميدان کي تمام مٺا ميوا پسند نہ پوندا آهن. اِنهيءَ ڪري هن کي عورت پسند پوندي آهي؛_ مِٺيءَ ۾ مٺي عورت بہ ڪڙي هوندي آهي.

عورت مرد کان وڌيڪ ٻارن کي سمجهي ٿي، پر مرد جي طبيعت عورت کان وڌيڪ ٻاراڻي آهي.

هر سچي مرد ۾ هڪ ٻار لڪل هجي ٿو: اُهو راند رهڻ گهري ٿو. اوهين عورتون، باخبر ٿيو، ۽ مرد ۾ ٻار جي تلاش ڪريو!

عورت کي پَل تہ هڪ رانديڪو ٿيڻ گهرجي، املھ ماڻڪ جيئن اوجل ۽ حسين، جنهن ۾ اهڙيءَ هڪ دنيا جون خوبيون چمڪندي ڏسي سگهجن، جيڪا پڻ اڃا وجود ۾ ئي نہ آئي هجي.

شال تنهنجي محبت ۾ جرڪندڙ تاري جو شعاع هجي! شال تنهنجي اميد سدا تو کي ايئن چوي: ”ڪاش، مون مان فوق البشر پيدا ٿئي!“

شال تنهنجي محبت ۾ بهادري هجي! تون پنهنجي محبت جي هٿيار سان اُن شخص تي جوابي وار ڪري سگهندينءَ جيڪو تنهنجي ساھ کي پنهنجي مردانگيءَ جي رعب سان اُڏمائي ٿو.

تنهنجي محبت ۾ تنهنجي عزت ۽ مانُ هجي. خود دار عورت پنهنجي مانَ ۽ عزت جي ٻي معنيٰ ڪانہ ڄاڻي. شال تنهنجي سچي عزت ۽ سچو مانُ هيءُ هجي:

جيتري توکي محبت ملي، هميشہ اُن کان وڌيڪ تون محبت ڏي ۽ اِن ۾ پاڻ کي ڪڏهن بہ ٻئي درجي تي پهچڻ نہ ڏي!

مرد کي گهرجي تہ جڏهن عورت محبت ڪري، تڏهن هو اُن کان ڊڄي: اُن ڪيفيت ۾ هوءَ هر قرباني ڪري ٿي ۽ هر ٻيءَ شيءِ کي هوءَ تڇ سمجهي ٿي.

مرد کي گهرجي تہ جڏهن عورت نفرت ڪري، تڏهن هو اُن کان ڊڄي: ڇو تہ مرد جي ساهہ ۾ رڳي بڇڙائپ هوندي آهي پر عورت، بهرحال، نيچ بہ ٿئي ٿي.

عورت سڀ کان وڌيڪ نفرت ڪري ٿي؟_ لوهہ مقناطيس کي هيئن چيو: ”آءٌ توکان سڀ کان وڌ نفرت ڪريان ٿو، ڇو تہ تون ڪشش ڪرين ٿو، پر تون ايترو ضعيف آهين، جو پاڻ وٽ جذب ڪري نٿو سگهين.“

مرد جي خوشي آهي، ”منهنجي مرضي!“. عورت جي خوشي آهي، ”هُن جي مرضي!“.

جڏهن عورت پوريءَ محبت سان مطيع ٿئي ٿي، تڏهن هُن جي دل جو امنگ هيءُ هوندو آهي: ”ڏسو هاڻي منهنجي دنيا! ڪيڏي نہ مڪمل آهي، هيءَ منهنجي دنيا!“

عورت لاءِ ضروري آهي تہ هوءَ اطاعت ڪري ۽ فرمانبردار رهي ۽ پنهنجي اُڃاترائي لاءِ گهرائي تلاش ڪري. عورت جو ساهہ اڃاترو آهي، جهڙيءَ طرح تانگهي پاڻيءَ تي گجي پيئي هيڏي هوڏي ٿلڪندي آهي.

مرد جو ساهہ، بهرحال، اونهو آهي، جنهن جو وهڪرو هيٺ ئي هيٺ اونهائين ۾ پيو وهندو آهي: عورت اُن جي تيزيءَ جو اندازو تہ ڪري سگهندي آهي، پر اُن کي سمجهي ڪانہ سگهندي آهي.

اُن تي پوڙهيءَ مون کي هيءُ جواب ڏنو: ”زرتشت گهٽيون ئي معقول ڳالهيون ڪيون، خاص طرح اُنهن لاءِ، جيڪي اُنهن ڳالهين کي ٻڌڻ لاءِ جوان آهن.

”عجب جهڙي ڳالهہ آهي! زرتشت عورت بابت گهٽ ٿو ڄاڻي، تنهن هوندي بہ، هن جيڪي ڪجهہ انهن لاءِ چيو سو نيڪ آهي ۽ برابر آهي. اِن جو سبب اِهو تہ نہ آهي تہ عورت جي حالت ۾ ڪابہ ڳالهہ ناممڪن نہ آهي؟

” ۽ هاڻي شڪريي طور، هڪ ننڍڙو سچ مون وٽان بہ ڪٽندو وڃ! مون بہ اِن ۾ وڏي عمر آندي آهي!

' اُن کي تنجڻ ۾ ويڙهي ٻڌي ڇڏ ۽ اُن جو وات بند رک! نہ تہ اِهو گهڻو شور مچائيندو.“

مون چيو: ”اي عورت، پنهنجو ننڍڙو سچ مون کي ڏيئي ڇڏ!‘ ۽ پوڙهيءَ عورت مون کي هيئن چيو:

”تون عورتن ڏانهن وڃين ٿو؟ پنهنجو چابڪ کڻڻ نه وسارج!“ ___ زرتشت ايئن فرمايو.

# 19. سپ جو ڏنگ

هڪڙي ڏينهن جڏهن سخت گرمي هئي، زرتشت انجير جي وڻ هيٺان پنهنجون ٻانهون منهن تي رکي سمهي پيو. اُن وقت هڪڙيءَ لُنڍيءَ هُن جي ڳچيءَ ۾ اهڙي زور سان ڏنگ هيو جو زرتشت سورِ کان دانهن ڪري اُٿيو. هن پنهنجو هٿ مُنهن تان هٽائي، سپ کي غور سان ڏٺو. اُن زرتشتِ جون اکيون سڃاتيون ۽ ککو وکو ٿي، ور وڪڙ ڪندو، پنتي وڃڻ لڳو ته زرتشت اُن کي چيو: ”اڙي نانگ جا ٻچا، متان ايئن ڪرين، اجا ته تو منهنجو شڪريو قبول نه ڪيو آهي! پوري وقت تي اچي تون مون کي جاڳايو آهي، مون کي اجا پري وڃڻو پيو هو.“ سپ افسوس ڪندي، چيو: ”تنهنجو رستو هاڻي ٿورو وڃي رهيو آهي؛ منهنجو زهر قاتل آهي.“ زرتشت مُرڪي چيو: ”يلا ڪڏهن ڪو اجگر به سپ جي زهر کان مُئو آهي؟ پر تون پنهنجو زهر موٽائي وٺ! تون ايترو دولتمند نه آهين، جو مون کي زهر جي سوغات ڏين!“ سپَ پيو دفعو هن جي ڳچيءَ ۾ لپيٽجي ويو ۽ هن جي زخم کي چٽڻ لڳو.

جڏهن زرتشت هيءَ واقعو هڪ ڀيري پنهنجن پوئلڳن کي ٻڌايو ته هنن پڇيو: ”يا زرتشت، هِن قصي مان ڪهڙو سبق تو سکي سگهجي؟“ ته زرتشت اُنهن کي هيئن جواب ڏنو:

نيڪيءَ ۽ نياءَ جي مسند تي ويٺلن مون کي ’اخلاقُ بگاڙيندڙ‘ سڏيو آهي. منهنجي ڳالهه ۾ سبق ڪونهي.

بهرحال، جيڪڏهن ڪو اوهان جو دشمن آهي، ته هن جي بديءَ جو بدلو نيڪيءَ سان نه ڏيو: ڇاڪاڻ ته اُن سان هن کي شرمندگي ٿيندي. پر اوهين اُن تي ثابت ڪيو، ته هن اوهان سان ڪا نيڪي ڪئي آهي.

۽ کنهن کي شرمندو ڪرڻ کان ته هي بهتر آهي ته اوهين هن تي ڪاوڙ ڪريو! ۽ جڏهن اوهان تي ڪو لعنتون وجهي، ته اِها ڳالهه ته مون کي ڪانه وڻندي ته اوهين ٻيهي هن کي دعائون ڪريو! بهتر آهي ته اوهين به ٿورو ڪجهه پِٽيو ۽ ٿوري گهٽي لعنت ملامت ڪريو!

۽ جيڪڏهن اوهان سان ڪا وڏي ناانصافي ٿي آهي ته گڏوگڏ جلد ئي اوهين پنج ننڍيون ناانصافيون ڪري ڇڏيو. اهو ماڻهو ته واقعي ڏسڻ لائق نه رهندو، جيڪو اڪيلوئي ناانصافيءَ جي بار هيٺ دٻيو پيو هجي.

ڇا، اوهان کي معلوم آهي؟ گڏجي سَٺل ناانصافي اڌ انصاف آهي ۽ جيڪي ناانصافي گڏجي سهن ٿا، ڇا اهي ناانصافي خاموشيءَ سان سهي ويندا؟

ٿورو بدلو وٺڻ بلڪل بدلي نه وٺڻ کان وڌيڪ انسان- دوست عمل آهي. جيڪڏهن سزا سهڻ خود ڏوهيءَ لاءِ حق جو ۽ پڻ عزت جو معاملو نه آهي، ته مون کي اهڙيءَ تنهنجي سزا سان ڪو واسطو ڪونهي.

پنهنجو پاڻ کي غلطيءَ تي سمجهڻ ۾ زياده شرافت آهي بنسبت پنهنجو پاڻ کي حق تي سمجهڻ ۾ــ خاص ڪري جڏهن انسان حق تي هجي. ايئن ڪرڻ لاءِ، البت ماڻهوءَ ۾ ڪافي حوصلو هجڻ کپي.

مون کي اوهان جو رکو انصاف پسند نه آهي؛ اوهان جي منصفن جي اک ۾ آءٌ هميشه جلاد جي نگاهه ۽ اُن جي بي ترس تلوار نچندي ڏسندو آهيان.

مون کي ٻڌايو: ڪٿي آهي انصاف، جيڪو محبت پريل نظرن جو نالو آهي؟

اِنهيءَ ڪري، اهڙي محبت مون لاءِ پيدا ڪيو، جيڪا نه رڳو سڀ سزا سهي، پر سڀ ڏوهه به مڃي!

اِنهيءَ ڪري، اهڙو نصاف، مون لاءِ پيدا ڪيو، جيڪو ٻين سيني کي آزاد ڪري، سواءِ منصف جي.

ڇا، اِيئن اوهين هي به ٻڌڻ گهرندا؟ جيڪو دل سان انصاف پسند ٿيڻ چاهي ٿو، تنهن لاءِ ڪوڙ به انسان دوستيءَ ۾ بدلجيو وڃي.

پر آءٌ ڪهڙيءَ ريت دل سان انصاف پسند ٿي سگهندس! آءٌ ڪهڙيءَ ريت هر ڪنهن کي اُهو ڪجهه جو اُن جو آهي، ڏيئي سگهان ٿو! شل منهنجي لاءِ ايتروئي ممڪن ٿئي، جو هر ڪنهن کي اهو ڪجهه جو منهنجو آهي، ڏيئي سگهان.

پڇاڙيءَ ۾ آءٌ اوهان کي، منهنجا يائرو، هيترو چوان ٿو، ته ڪنهن به گوشه نشين سان، ڪنهن به هيڪل رهڻ واري سان، ناانصافي ڪرڻ کان پرهيز ڪريو. هيڪل رهڻ وارو ڪا ناانصافي ڪيئن وساري سگهندو! اُن جو ڪو جواب هو ڪيئن ڏيئي سگهندو!

هڪ اونهي کوهه مثل آهي، هيڪل رهڻ وارو. اُن ۾ پٿر اُڇلائڻ سولو آهي: پر جڏهن تري ۾ اهو پهچي ويو ته اُن کي اُتان ڪير ڪيندو؟

هيڪل رهڻ واري کي ڏڪوئڻ کان پرهيز ڪريو! جيڪڏهن اوهان ائين ڪيو آهي، تہ پوءِ، بس، هن کي ماري بہ ڇڏيو!_

زرتشت اِيئن فرمايو:

# 20. پار ۽ شادي

منهنجا ڀاءُ! آءٌ خاص توکان، تو اڪيلي کان، هڪڙو سوال پڇان ٿو: اِهو سوال سُٽ لهندڙ ڏوريءَ جيان تنهنجي ساھ اندر اڇلايان ٿو، اِن لاءِ تہ مون کي اُن جي گھرائي معلوم ٿئي.

تون جوان آهين ۽ توکي ٻارَ ۽ شاديءَ جي خواهش آهي. پر آءٌ تو کان پڇان ٿو: ڇا، تون اهڙو آهين جو ٻارَ ۽ شاديءَ جي خواهش جو حق رکندو هجين؟

ڇا، تون پنهنجي پاڻ تي سويارو، پنهنجي پاڻ کي قابو ۾ رکڻ وارو، پنهنجن حواسن جو حاڪم ۽ پنهنجين خوبين جو مالڪ آهين؟ اِهو سوال آءٌ توکان پڇان ٿو.

يا، تنهنجي خواهش ۾ حيوان ۽ انڌي گھُرج لڪل آهي؟ يا اڪيلائي؟ يا پنهنجو پاڻ سان ناسازي؟

آءٌ چاهيان ٿو تہ تنهنجيءَ سوڀ ۽ آزاديءَ کي اولاد جي تمنا هجي. توکي گھرجي تہ پنهنجيءَ سوڀ ۽ آزاديءَ جا زنده يادگار تعمير ڪرين.

توکي پنهنجي پاڻ کان اڳيرو ڪجھ تعمير ڪرڻ گھرجي. پر پھريائين توکي خود پنهنجي تعمير ڪرڻ گھرجي__ اڏول جسم ۽ ساھ جي تعمير.

نہ فقط اڳتي توکي پاڻ کي وسعت ڏيڻي آهي، پر مٿيرو بہ! اُن مقصد لاءِ، شاديءَ جو باغ شال توکي مدد ڪري!

توکي هڪ برتر جسم تخليق ڪرڻ گھرجي، هڪ اوائلي تحريڪ، هڪ پاڻ- مُرادو ڦرندڙ ڦيٿو__ هڪ تخليق ڪرڻ وارو تون تخليق ڪندين.

شادي: اِها مون وٽ نالو آهي ٻن شخصن جي اِن ارادي ۽ مرضيءَ جو، جنهن سان هو اهڙي هستي پيدا ڪن، جيڪا ڪانئنِ گھڻو مٿي هجي. مون وٽ شادي نالو آهي، هڪٻئي جي اهڙي احترام جو، جهڙو اُن مرضيءَ ۽ ارادي رکڻ وارن ۾ ٿيندو آهي.

اِهوئي هئڻ گھرجي، تنهنجي شاديءَ جو مقصد ۽ اُن جي حقيقت، پر جنهن شيءِ کي هي بي شمار، يعني ضرورت _ کان- وڌيڪ ماڻھو، شادي ٿا ڪوٺين، اُن جو ڪو بہ نالو مون وٽ نہ آهي.

حيف آهي جوڙي ۾ ساهہ جي اِن ناداريءَ تي! حيف آهي جوڙي ۾ ساهہ جي اِن ڪثافت تي! افسوس آهي جوڙي جيءَ قابل رحم نفسانيت تي!

هِنن وٽ سيني اِن جو نالو شادي آهي ۽ چون ٿا تہ سندن شاديون آسمان تي ٿيون آهن.

خير، مون کي اِنهن ضرورت ـــ ڪان- وڏ ماڻهن جو آسمان ئي پسند ڪونهي! افسوس آهي مون کي اِنهن آسماني ڄار ۾ ڦاٿل حيوانن تي!

اهڙين شادين تي کلڻ جي ضرورت ڪانهي. ڪهڙو ٻار آهي، جنهن کي پنهنجي ماءُ پيءُ تي روئڻ جو سبب نہ مليو هجي؟

هڪ شخص مون کي ڏسڻ ۾ ايئن لڳو تہ هو قابل قدر آهي ۽ ڌرتيءَ جي منشا ٻڌڻ لاءِ تيار ۽ پختو، پر جڏهن مون هن جي زال کي ڏٺو تہ مون کي ڌرتي پاڳل خانو معلوم ٿي.

هائو، منهنجي دل تي ڇوي تہ جڏهن 'هڪڙي سَنت ۽ هڪڙيءَ بدڪ'[1] جو جوڙو ٺهي، تہ اُن وقت ڌرتي ڦاٽي پوي.

هيءُ هڪڙو، سورمي وانگر، سچ جي ڳولها ۾ نڪتو ۽ آخرڪار هٿ ڪري آيو هڪڙو ننڍڙو سنواريل ۽ سينگاريل ڪوڙ. هو اُن کي پنهنجو شادي جي نالي سان سڏڻ لڳو.

هو هڪڙو ٻيو، ملڻ جُلڻ ۽ ميل ملاقات ۾ لڄارو ۽ انتخاب ۾ احتياط ڪندڙ هو. پر هڪ ڀيري، پنهنجي سنگت هميشہ لاءِ هُن ڪالوري ڇڏي ۽ هو اُن کي پنهنجي شاديءَ جي نالي سان سڏڻ لڳو.

هڪ ٽئين کي هڪ فرشتہ صفت نوڪرياڻيءَ جي تلاش هئي. پر يڪايڪ هو خود هڪ عورت جي نوڪرياڻي بڻجي ويو، ۽ هاڻي رڳو اِها ڳالهہ باقي رهي آهي تہ هو ترقي ڪري اُن مان هڪ فرشتو بہ بڻجي وڃي!

مون سڀ خريدار محتاط ڏٺا آهن ۽ سيني جون اکيون تيز ۽ حرفتي لڳنديون آهن، پر حرفتيءَ ڪان حرفتي شخص بہ پاڻ لاءِ زال ٿيلهي ۾ پئڪ ٿيل خريد ڪري ٿو.

---

[1] جرمن ٻوليءَ ۾ ڪنهن عورت کي بيوقوف هجڻ جو طعنو ڏيندا آهن، تہ اُن کي "بدڪ" يا "بيوقوف بدڪ" سڏيندا آهن.

ننڍيون ننڍيون بيعقلايون_ اُن کي اوھين محبت سڏيو ٿا. اوھان جي شادي گھڻين ننڍين بيعقلاين کي ختم ڪري ڇڏي ٿي_ ھڪ ئي وڏيءَ بيوقوفيءَ سان.

اوھان جي محبت عورت سان ۽ عورت جي محبت مرد سان_ ڪاش، اھا ايئن ھجي ھا جيئن دک ۾ ورتل غسي ديوتائن جي ھڪٻئي لاءِ ھمدردي ۽ اُڪير! پر عام طور اھا ايئن آھي جڻ ٻہ جانور، سونگھي، ھڪٻئي کي سڃاڻي وڃن ٿا.

اوھان جي عمدي ۾ عمدي محبت بہ صرف دل پرڀائيندڙ تشبيھ ۽ ڏکوئيندڙ ھڪ اشتياق آھي___ اھڙي ھڪ مشعل، جيڪا اوھان کي بلنديءَ ڏانھن وڃڻ لاءِ روشنيءَ جو ڪم ڏئي ٿي.

پر ھڪ ڏينھن اوھان کي، پنھنجي پاڻ کان اڳتي نڪري محبت ڪرڻي پوندي! تنھن ڪري، پھريائين محبت ڪرڻ سکو. ۽ ان لاءِ اوھان کي پنھنجي محبت جو تلخ جام سڄو پي ڇڏڻو ھو.

بھترين محبت جي جام ۾ بہ تلخي ھجي ٿي: اِيئن اُھو فوق البشر لاءِ سِڪ پيدا ڪري ٿو: اِيئن تو ۾، تخليق ڪرڻواري ۾، اھو پياس اُٺاري ٿو!

تخليق ڪرڻ واري ۾ پياس، فوق البشر لاءِ سِڪ، تير جھڙي تيز ۽ تُز اُڪير. مون کي ٻڌاءِ، منھنجا ياءَ، ڇا، اِھوئي عزم آھي تنھنجو شاديءَ لاءِ؟

اھڙي عزم کي ۽ اھڙيءَ شاديءَ کي، آءٌ مقدس سڏيان ٿو.____

زرتشت اِيئن فرمايو.

# 21. خوشيءَ جو مرڻ

گھڻا ماڻھو گھڻو دير سان مرن ٿا ۽ ڪي تمام جلد مرن ٿا. تہ بہ "پوري وقت تي مرو!" جي ڳالھ وري بہ عجيب غريب معلوم ٿئي ٿي.

"پوري وقت تي مرو!" اِھا زرتشت جي تعليم آھي.

پڌرو آھي تہ جيڪو ڪڏھن پوري وقت تي، عين وقت تي، زنده نٿو رھي، تنھن لاءِ ايئن ڪيئن ٿي سگھي ٿو تہ ھو پوري وقت تي مري! ڪاش، ھو، ڄمي ئي نہ ھا! اِھو منھنجو مشورو آھي، غير ضروري ماڻھن لاءِ.

پر غير ضروري ماڻھو بہ پنھنجي مرڻ کي وڏي اھميت ڏين ٿا ۽ 'ڪوڪلو اڪروٽ' بہ ايئن ٿو چاھي تہ اُن کي ڀڃجي.

ھرڪو ماڻھو مرڻ کي وڏي ڳالھ سمجھي ٿو: پر اڃا تائين موت کي جشن جو درجو نہ مليو آھي. اڃا تائين ماڻھو اِھو نہ سکيا آھن تہ سٺن کان سٺن جشنن جو آرنبي ڪيئن ڪجي.

آءٌ اوهان کي راس ڪندڙ موت جي ڳالھ ٿو ٻڌايان، جو جيئرن لاءِ هڪ ترغيب ۽ هڪ واعدو هجي ٿو.

پڇي راس ٿيندڙ ماڻھو فاتح جيئن موت مري ٿو، اُنھن ماڻھن جي وچ ۾ جيڪي اميد ۽ واعدي سان اُتساهيل هجن ٿا.

ماڻھوءَ کي ايئن مرڻ سکڻ گھرجي ۽ ڪو بہ هڪڙو جشن اهڙو هئڻ نہ کپي، جنھن ۾ اهڙو مرڻ وارو جيئرن جي پاڪ ارادن ۾ برڪت نہ آڻي ۽ تحرڪ نہ پيدا ڪري.

اِيئن مرڻ بهترين ڳالھ آهي؛ اُن کان پوءِ بهترين ڳالھ اِها آهي تہ ويڙهہ جي ميدان ۾ مرجي ۽ هڪ عظيم جان اِيئن قربان ڪجي.

پر ويڙهوءَ توڙي فاتح ٻنهيءَ لاءِ هڪ جيترو قابل نفرت آهي، اوهان جو ڪِجھندڙ موت جيڪو چور وانگر لڪندو اچي ٿو، ___ پر تہ بہ اچي ايئن ٿو ڄڻ اوهان جي ساهہ جو مالڪ اُهو آهي.

منهنجو موت، جنھن جي اوهان وٽ ساراهہ ڪريان ٿو، منهنجي خوشيءَ جو موت، اُهو آهي، جيڪو مون وٽ اچي ٿو، ڇاڪاڻ تہ آءٌ اُهو گھران ٿو.

۽ ڪڏهن آءٌ اُهو گھرندس؟ ___ اُهو جنھن وٽ مقصد آهي ۽ اُن جو ونس هڪ وارث آهي، اُن مقصد ۽ اُن وارث لاءِ، عين وقت تي، پوري وقت تي، هو پنهنجو موت گھري ٿو.

۽ پنهنجي مقصد ۽ اُن جي وارث جي احترام جو خيال ڪندي، هو زندگيءَ جي درگاهہ تي ڪومايل گلن جون مالهائون وڌيڪ چاڙهڻ ڪڏهن نہ گھرندو.

سچ پچ آءٌ رسي وٽڻ وارن جهڙو ٿيڻ نہ گھرندس، جيڪي نوڙي وڌائيندا رهندا آهن ۽ پاڻ جيئن پوءِ تيئن پوئتي پوندا ويندا آهن.

گھڻائي اهڙا هجن ٿا، جيڪي پڻ پنهنجين سچاين ۽ پنهنجين سوڀن کي اڳيان ڇڏي پوئتي پئجي وڃن ٿا ۽ ات پوڙها ٿي وڃن ٿا: ڏندن ڀڳل وات هر سچ جي پچڻ جو وڌيڪ حقدار نٿو رهي.

جو شخص شهرت جو خواهان آهي، اُن کي گھرجي تہ جلدئي عزت واري الوداع ڪري، ۽ پوري وقت تي ڪوچ ڪرڻ جي مشڪل فن جي مشق ڪي لڳي وڃي.

ماڻھوءَ کي گھرجي تہ پنهنجي پاڻ کي وڌيڪ دعوت گاهہ ٻڄڻ کان بچائي، جڏهن ماڻھن لاءِ هو بيحد سوادي لقمو ٻڄي ويل هجي: اِها صورت اُنھن ماڻھن کان ڳجهي ڪانھي، جيڪي گھڻو وقت ماڻھن جا پيارا ٻڄي رهڻ گھرن ٿا.

ڪنا صوف بہ بيشڪ هوندا آهن، پر اُنهن جي قسمت ۾ ايئن هوندو آهي تہ موسمِ خزان جي پڇاڙيءَ تائين انتظار ڪن: ۽ جڏهن اُهي پچن ٿا، تہ ساڳئي وقت زرد زرد ۽ گهنج گهنج بہ ٿي وڃن ٿا.

ڪي ماڻهو آهن، جن جي دل پهرين پوڙهي ٿي وڃي ٿي، پين جا روح پهرين پوڙها ٿي وڃن ٿا. ڪي جوانيءَ ۾ جهُور ٿي وڃن ٿا. پر جيڪي دير سان جوان ٿين ٿا، اُهي گهڻو وقت جوان رهن ٿا.

گهڻن جي زندگي ناڪامياب ٿئي ٿي: اُنهن جي دلين ۾ هڪ زهريلو ڪيڙو لڳي وڃي ٿو. تہ اُنهن کي اِهو خيال ڪرڻ کپي، تہ ڪم از ڪم سندن موت ٿي ڪجهہ ڪامياب شمار ٿي سگهي.

گهڻا ڪڏهن بہ رسجي مٺا نٿا ٿين: اُهي اونهاري جي رسيندڙ موسم ۾ بہ ڪنا ٿي وڃن ٿا. اُنهن جي هلڪڙائي ئي هوندي آهي، جو اُهي شاخن سان چنبڙيا پيا هوندا آهن.

اجايا، تمام گهڻا، جيئن ٿا ۽ اجايو، گهڻو وقت، اُهي پنهنجين شاخن سان چنبڙيا رهن ٿا. ڪاش، ڪو طوفان اچي ۽ وڻ تان هيءُ سڄو ڪِن ۽ هي سڄو ڪينئن جو ڪاچ ڇاڻي پري ڪري ڇڏي!

ڪاش: ڪي سبڪ رفتار موت جا مبلغ اچن! اُهي ئي منداڻتا طوفان ۽ زندگيءَ جي وڻن جا موزون ڌوڻيندڙ هوندا! پر آءٌ تہ رڳو سست رفتار موت جا واعظ ۽ سيني دنيوي شين لاءِ صبر جا سبق پيو ٻڌان.

افسوس! اوهين دنيوي شين لاءِ صبر جا سبق ٿا پڙهايو؟ اي بي اَدبؤ، خود اوهان سان، هي جو ڪجهہ دنيوي آهي، وڏي هڪ صبر ڪان ڪم وٺي رهيو آهي.

تحقيقي اُهو عِبراني[2]، وقت کان گهڻو سوير گذاري ويو. جنهن جو اِهي ساڳيا سست رفتار موت جا مبلغ، احترام ڪن ٿا ۽ هن جو گهڻو سوير مرڻ پوءِ گهڻن لاءِ وبال جان ٿي پيو.

پر، هُن، عبراني يسوع، عبرانين جا ڏک ۽ ڳوڙها ٿي فقط ڏٺا هئا نيڪي ۽ نياءَ جي دعويدارن جي نفرت جا تير ئي جهليا هئا ۽ توڻي ئي موت جي اُڪير هن تي غالب پئجي ويئي هئي!

---

[2] "عبراني" مان مراد حضرت عيسيٰ (Jesus Christ) آهي، جو عيسائين جي مختلف قولن موجب ٽيهن سالن تائين، يا هڪ ۾ سال مٿي، جيئرو رهيو.

ڪاش، هو ويرانن ۾ رهي ها ۽ اُنهن نيڪن ۽ نياءَ وارن کان ڏور گذاري ها! پوءِ، شايد، هو وڏيڪ جيئڻ ۽ ڌرتيءَ سان پيار ڪرڻ ___ ۽ کلڻ ۽ ٽهڪ ڏيڻ به ___ سکي ها!

مون تي اعتبار ڪريو، منهنجا ڀائرو! هو وقت کان گهڻو سوير گذاري ويو: جيڪڏهن هو منهنجي عمر جيترو جيئرو هجي ها ته هو پاڻ پنهنجي تعليم کان دستبردار ٿي وڃي ها! هن ۾ ايڏي شرافت هئي، جو ضرور دستبردار ٿئي ها!

پر هو اڃا ناپخته هو، ڪچو هو. جوانُ پيار ڪري ٿو ناپخته طور: هو ماڻهوءَ ۽ ڌرتيءَ کي ڌڪاري ٿو، اُهو به ناپخته طور. هن جو ساهَ ۽ هن جي روح جا کنڀَ اڃا بنديَلَ ۽ رُڪيل هجن ٿا.

پر جوانَ کان وڏيءَ عمر جي ماڻهوءَ جي اندر ۾ ٻارُ وڌيڪ رهي ٿو ۽ اُباڻڪائي گهٽ: زندگيءَ ۽ موت بابت هن جو فهم به بهتر هجي ٿو.

موت لاءِ آزاد، ۽ موت ۾ آزاد، هڪ اُجرو نه- چوندڙ، جڏهن وڌيڪ هائو چوڻ- جي مهل نه هجي موت ۽ زندگيءَ بابت هو اِهو فهم رکي ٿو.

منهنجا دوستؤ! اوهان جو مرڻ ماڻهوءَ ۽ ڌرتيءَ جي ڪنهن گلا جو سبب نه ٿئي ___ اوهان جي ساهه جي مَدَ کان آءٌ اُهو ٿو گُهران.

اوهان جي مرڻ ۾ اوهان جو روح ۽ اوهان جي نيڪي پوءِ به ائين چمڪندي رهي، جيئن سانجهيءَ ويلي ڌرتيءَ جي چوڌاري شفق چمڪندي آهي: نه اوهان جو مرڻ پسنديءَ جهڙو نه ٿيو.

آءٌ به اهڙيءَ طرح مرڻ گهران ٿو، ته جيئن اوهين دوست منهنجي خاطر ڌرتيءَ سان اڃا به وڌيڪ محبت ڪريو ۽ آءٌ وري ڌرتيءَ سان ملي ڌرتي ٿيندس، اِن لاءِ ته اُن ۾ آءٌ آسائش پايان، جنهن مون کي ڄڻيو هو.

يقيناً زرتشت جي اڳيان پنهنجي مقصد جو ميدان هو، جنهن ۾ هُن پنهنجو ڪينهون اڇلايو. هاڻي، اي دوستؤ، اوهين منهنجي مقصد جا وارث آهيو: آءٌ سونهري ڪينهوڙو اوهان ڏانهن اڇلايان ٿو.

دوستؤ، سڀ کان وڌيڪ دل گرمائيندڙ ڳالهه هيءَ آهي، جو اوهان اِهو سونهري ڪينهوڙو وري مون ڏانهن اڇلايو آهي. اِنهيءَ ڪري آءٌ ڌرتيءَ تي ڪجهه گهڙي اڃا ترسان ٿو ___ ۽ اُن جي معافي ٿو وٺان!.

زرتشت اِيئن فرمايو.

# 22. بخشش ڪرڻ واري نيڪي

## (1)

جڏهن زرتشت اُن شهر کان موڪلائي نڪتو، جنهن سان هن جي دل هئي، جنهن جو نالو ”سُوئا گئون“ هو، ته ڪيترائي ماڻهو، جن پاڻ کي هن جا پوئلڳ تي سڏيو، هن جي پٺيان، هن سان گڏ هلڻ لڳا. ايئن جڏهن هو هڪ چؤراهي تي پهتا، ته زرتشت هنن کي چيو ته ’منهنجي مرضي آهي ته هاڻي اڳتي آءٌ اڪيلو وڃان‘. ___ ڇاڪاڻ ته هُن کي اڪيلو هلڻ پسند هو. موڪلائڻ وقت هِن جي پوئلڳن هن کي هڪ لٺ ڏني، جنهن جي سونهري هٿئي تي سج جڙيل هو ۽ اُن جي چوڌاري هڪڙو سپ ويڙهيل هو. اُن لٺ تي زرتشت ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اُن تي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهيو ۽ پنهنجن پوئلڳن سان هن طرح مخاطب ٿيو:

اهو ته ٻڌايو: سونُ سڀ کان اوچي قدر تي ڪيئن رَسيو؟ ڇاڪاڻ ته اِهو غيررواجي آهي ۽ فائدو گهرندڙ نه آهي ۽ چمڪي ٿو ۽ جوت ۾ نرم آهي ۽ سدائين پاڻُ بخشي ٿو!

رڳو سڀ کان اوچيءَ نيڪيءَ جي صورت طور سون سڀ کان اوچي قدر تي رسيو. خدا مثل، بخشش ڪرڻ واري جي نگاهه ۾ جمال هجي ٿو. سونهري جوت چنڊ ۽ سج جي وچ ۾ صلح پيدا ڪري ٿي.

غيررواجي آهي سڀ کان اوچي نيڪي ۽ فائدو نه گهرندڙ ۽ چمڪندڙ آهي اِها ۽ جوت ۾ نرم: بخشش ڪندڙ نيڪي سڀ کان اوچي نيڪي آهي.

سچ پچ، آءٌ اوهان کي سڀ کان پلاري نيڪي ٻڌايان ٿو، منهنجا نيڪ ساٿيو: اوهين مون وانگر نيڪيءَ جي بخشش ۾ اڳرا ٿيو. اوهان کي ٻلين ۽ بگهڙن سان مشابهه ٿيڻ ۾ ڇا ملندو؟

اوهان ۾ پياس آهي، پاڻ بَخشش بڻجڻ ۽ قربان ٿيڻ جي ۽ انهيءَ ڪري اوهان ۾ پياس آهي پنهنجي ساهه ۾ سيني خزانن جي گڏ ڪرڻ جي.

اوهان جي ساهه کي خزانن ۽ جواهرن جي دريافت ڪرڻ جو اٿاهه چاهه آهي، ڇو ته اوهان جي نيڪي هميشه بخشش جي ذوق ۾ اَرِڃ آهي.

اوهين سيني شين کي پاڻ ڏانهن اچڻ ۽ پاڻ وٽ ٽڪاءَ ڪرڻ لاءِ ڇڪيو ٿا ته جيئن اُهي اوهان جي سرچشمي مان اوهان جي محبت جا تحفا بڻجي پوئتي موٽن ۽ نڪري ٻاهر ٿين.

پل تہ اهڙي بخشش ڪندڙ محبت سيني قدرن جي ملڪيت دار بڻجي: آءٌ اِن خود غرضيءَ کي چڱيلائي سڏيان ٿو ۽ پاڪ چوان ٿو.___

ٻي بہ خود غرضي ٿئي ٿي، سڀ کان سُڃي ۽ بُکئي قسم جي، جيڪا سدائين چوري ڪرڻ گهري ٿي___ بيمارن جي خود غرضي، بيمار خود غرضي.

چور جي اک سان سيني ڏياوان شين ڏانهن ڏسي ٿي اُها: سِڪٽيءَ بک سان اُها ماپي ۽ توري ٿي هر اُنهيءَ کي جنهن وٽ گهڻو آهي ۽ بخشس ڪندڙن جي ميزن هيٺان سدائين اُها نوسيندي رهندي آهي.

اهڙيءَ سِڪٽيءَ اک مان بيماري ڳالهائيندي آهي ۽ ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ ابتري بکندي آهي اُن مان: بيمار جسم مان، چورُ سَدَ ۽ بُک اِن خود غرضيءَ جِي.

مون کي تہ ٻڌاءِ، منهنجا ڀاءُ، اسين بد ڇا کي ٿا سمجهون ۽ سڀ کان بد ڇاکي؟ ڇا اُها اَبتري نہ آهي، جنهن کي اسين بگاڙ چئون ٿا، کرجَڻ چئون ٿا؟ ___ ۽ جڏهن بخشش ڪندڙ روح موجود نہ هوندو آهي، تڏهن اسان کي اُن ابتريءَ جو، ان بگاڙ جو، شڪ ٿيندو آهي.

اسان جي راهہ اوچي کان اوچي وڃي ٿي، جيوَ کان اتم - جيوَ ڏانهن: پر اسان لاءِ هولناڪي آهي___ هيٺ کان هيٺ وڃڻ جي راهہ___ ابتري، بگاڙ، ڪاڙ، جيڪو چوي ٿو: ”فقط مون تائين“، ”سڀ منهنجي لاءِ“

اوچي کان اوچو اڏامي ٿو، اسان جو حَس ۽ شعور آ: ۽ اِهو اسان جي جسم لاءِ هڪ تشبيهہ آهي، اوچائجڻ جي هڪ تشبيهہ. اُوچاين جون، اوسر جون اهڙيون تشبيهون نيڪين جا نالا آهن.

اِيئن جسم تاريخ مان گذري ٿو، ٿيندڙَ جيان ۽ ڪندڙَ جيان. ۽ روحُ ___ جسم سان اُن جي نسبت ڪهڙي؟ اُن جي ڪمن جو ۽ سوين جو اُهو نقيب آهي، اُن جو ساٿي ۽ پڙاڏو.

تشبيهون آهن، نيڪيءَ ۽ بديءَ جا سڀ نالا: اُنهن ۾ ڳالهائڻ ڪونهي، اُنهن ۾ رڳي اشارا آهن، ميچون آهن. بيعقل ئي آهي، جو اُنهن کان علم جي چاهنا رکي ٿو!

منهنجا ڀائرو! اُن گهڙيءَ کي چڱيءَ طرح ڌيان رکو، جڏهن اوهان جو روح تشبيهن ۾ ڳالهائي، اوهان جي نيڪيءَ جو اصل اُتي آهي.

اوهان جو جسم تڏهن اوچائيءَ تي آهي ۽ اوچائيءَ ڏانهن وڌي ٿو ۽ روح اُن کي پنهنجي مسرت جي ياڪر ۾ وٺي ٿو؛ تہ جيئن اُهو تخليق ڪار بڻجي ۽ قدر پيدا ڪرڻ وارو ۽ محبت ڪرڻ وارو ۽ هر شيءِ کي خير ڏيڻ وارو ٿئي.

جڏهن اوهان جي دل درياءَ وانگر ڦهلجي ۽ پرجي، اُٿلي پوي، جا ڪچي ۾ رهندڙن لاءِ برڪت جو باعث بہ بڻجي ۽ خطري جو بہ، تہ بس اُهوئي آهي اصل، اوهان جي نيڪيءَ جو.

جڏهن اوهين ساراهہ ۽ گلا کان مٿي ٿي وڃو، ۽ اوهان جو ارادو سڀني شين کان ڪم وٺي، ___ جهڙيءَ طرح محبت ڪندڙ جي دل وٺندي آهي: اوهان جي نيڪيءَ جو اصل اِهو آهي.

جڏهن اوهين مزيدار شين کي هيچ سمجهو ۽ سک جي بستري کي بہ ايئن سمجهو ۽ سک کان پري ليٽي آرام ڪري سگهو: اوهان جي نيڪيءَ جو اصل اِهو آهي.

جڏهن اوهين ارادي ڪندڙ آهيو هڪ ارادي جا ۽ جڏهن ضرورت جي تبديل اوهان جي ضرورت بڻجي: اوهان جي نيڪيءَ جو اصل اِهو آهي.

بيشڪ هڪ نئين نيڪي آهي ۽ نئين بدي آهي اِها! بيشڪ هڪ نئون گهرو آلاپ آهي اِهو هڪ نئين چشمي جو آواز!

طاقت آهي اِها، اِها نئين نيڪي؛ هڪ حڪمران خيال آهي اِهو ۽ اُن جي چوڌاري هڪڙو لطيف روح: هڪ سونهري سج جنهن جي چوڌاري دانائيءَ جو سپ ويڙهيل آهي.

## (2)

زرتشت هتي پهچي، ٿوريءَ دير لاءِ دم ڪنيو ۽ پنهنجن مريدن ڏانهن محبت جي نظرن سان نهاريو. پوءِ هُن وري پنهنجي تقرير جاري ڪئي ۽ هن جو آواز بدلجي ويو:

منهنجا يائرو! پنهنجي نيڪيءَ جي پوريءَ طاقت سان ڌرتيءَ سان سچا رهو. شال اوهان جي بخشش ڪرڻ واري محبت ۽ اوهان جو علم ايئن اَرپيل رهن___ جو اُهي هن ڌرتيءَ جو مفهوم بڻجن. اِهائي منهنجي دعا آهي ۽ اُن جو آءٌ اوهان کي قسم ڏيان ٿو.

ايئن نہ ٿئي، جو اُها ڌرتيءَ کان ۽ ڌرتيءَ جي شين کان اڏامي پچي وڃي ۽ اُن جا بازو ابد جي پٿين سان وڃي ٽڪر کائين! افسوس، تمام گهڻي نيڪي هميشہ ايئن هتان اُڏامي پچي ويئي آهي!

اوهين اِنهيءَ يچي ويل نيڪيءَ کي، مون وانگر، موتائي ڏرتيءَ تي وٺي اچو___ هائو، موتائي ڏرتيءَ ۽ زندگيءَ تي: تہ اُها ڌرتيءَ کي مفهوم ڏئي، هڪ انساني مفهوم.

سوين پيرا هِن ڪان اڳ روحَ ۽ نيڪيءَ بہ اِيئن اڏامي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ غلطي ڪئي اٿن. هائو، انسان مجسم هڪ ڪوشش رهيو آهي. افسوس، ڪافي گهڻي اڻ ڄاڻائي ۽ غلطي مجسم اسان ۾ ويهي ويئي آهي.

نہ رڳو هزارها سالن جو عقل_ اُنهن جي چريائي بہ، اسان ۾ داخل ٿي، ويهي رهيل آهي. تحقيق، وارث بنجڻ وڏي خطرناڪ شيءِ آهي.

وري بہ وک وک اسين امڪان جي ديو سان وڙهون ٿا ۽ هِن کان اڳ سڄي بني نوع انسان تي بي سجهيءَ جو راڄ رهيو آهي، سمجهہ جي اڻهوند جو.

اوهان پنهنجو روح ۽ پنهنجي نيڪي، منهنجا ڀائرو، ڌرتيءَ جي سوچ کي اَرپيو: ڪاش اوهين هر شيءِ جو قدر نئين سر مقرر ڪري سگهو! اُن لاءِ اوهان کي جاکوڙ ڪرڻي پوندي! اُن لاءِ اوهان کي تخليق ڪار ٿيڻو پوندو!

جسم پاڻ کي سوچ مان پاڪ بنائي ٿو: سوچ سان اِن ڪوشش ۾ اُهو پاڻ کي بلند ڪري ٿو: جيڪي ڄاڻن ٿا، تن جا اُدما بہ اوچا ٿين ٿا: اوچائيءَ تي رسيل ماڻهوءَ جو ساهہ خوش رهي ٿو.

اي طبيب، اول تون پنهنجو علاج ڪر! اِهوئي طريقو آهي، بيمار جي علاج ڪرڻ جو. بيمار جو علاج اِهو آهي تہ هو اُن شخص کي اکين سان ڏسي جنهن پاڻ کي تندرست بڻايو آهي.

هزارين رستا آهن، جتان ڪوبہ ڪڏهن ڪونہ لنگهيو آهي: هزارين تندرستيون آهن ۽ زندگيءَ جا ڪيئي نامعلوم، لڪل ٻيٽ. انسان ۽ انسان جي دنيا اڃان اڻ ڏٺل، اَڃاتل آهن.

جاڳو ۽ ٻڌو، اي اڪيلائپ ۾ هجڻ وارؤ! مستقبل مان ڪيئي هوائون لڳي رهيون آهن، عجيب غريب جهنبا ڦڙڪائينديون ۽ سرلا ڪَن اُنهن جون خوش خبريون ٻڌي رهيا آهن.

اوهين اڄ جي اڪيلائپ ۾ رهڻ وارؤ! اوهين جيڪي وڇڙيل آهيو، اوهين هڪ ڏينهن وڳر وارا بڻبا، قوم ٿيندا: اوهان، جن پاڻ کي ڏُٺيو آهي___ هائو، اوهان منجهان هڪ ڏٺيل قوم اُٿندي ۽ اُن منجهان فوق البشر اُٿندو.

بيشڪ، هيءَ ڌرتي صحت بخشيءَ جي هڪ جاءِ بڻبي! ۽ توڻي ئي اُن جي چوڌاري هڪ نئين سرهاڻ پکڙي رهي آهي، هڪ نجات آڻيندڙ سرهاڻ_ ۽ هڪ نئين اميد!

## (3)

زرتشت جڏهن اِهي ڳالهيون ڪري چڪو، تہ هو خاموش ٿي ويو، اُن شخص وانگر جنهن کي ايا ڪجھ چوڻو هجي. گھڻي وقت کان پوءِ هو پنهنجيءَ لٺ کي لوڏيندو رهيو، جڻ تہ ڪنهن اُڻ تڻ ۾ هو. نيٺ هن وري ڳالهايو، ۽ هن جي آواز ۾ فرق هو:

اي منهنجا معتقدؤ! هاڻي آءٌ اڪيلو وڃان ٿو. اوهين بہ وڃو ۽ اڪيلا وڃو! اِها منهنجي مرضي آهي.

بلڪل، آءٌ اوهان کي صلاح ٿو ڏيان: مون وٽان هليا وڃو ۽ پنهنجي پاڻ کي زرتشت کان بچايو! بهتر آهي تہ هُن کان شرمسار ٿيو! ٿي سگهي ٿو هن اوهان کي ٺڳيو هجي.

ڄاڻ جي صاحب کي نہ رڳو پنهنجي دشمنن سان محبت ڪرڻ جي لياقت هجڻ کپي، پر هن کي پنهنجن دوستن سان نفرت ڪرڻ جي اهليت بہ هئڻ گهرجي.

جيڪو فقط طالب ٿي رهي ٿو، موٽ ۾ اُن جو اِهو استاد لاءِ پورو قدر ڪونهي. ڇو اوهين منهنجي دستار پاڻ نٿا پٽڻ چاهيو؟

اوهين منهنجو ادب ٿا ڪريو پر ڪنهن ڏينهن اوهان جو ادب ڪُھجي پوي تہ؟ خبردار رهو، متان تراشيل بُت اوهان کي ڪچلي ڇڏي؟

اوهين چئو ٿا تہ اوهان جو زرتشت ۾ عقيدو آهي؟ پر زرتشت جي ڇا اهميت آهي! اوهين منهنجا معتقد آهيو: پر معتقدن سيني جي ڇا اهميت آهي!

اوهان پاڻ کي ايا نہ لهي سگهيا هئا: پوءِ اوهان مون کي لڌو. سڀ معتقد ايئن ڪندا آهن: اِنهيءَ ڪري سڀ عقيدا ايتري گهٽ اهميت رکن ٿا.

هاڻي آءٌ اوهان کي چوان ٿو: مون کي وڃايو، پاڻ کي لهو ۽ فقط جڏهن اوهين سڀ مون کان انڪار ڪندا، آءٌ اوهان ڏانهن موٽي ايندس.

تحقيق، پوءِ آءٌ ٻين اکين سان، منهنجا ڀائرو، پنهنجن وڃائجي ويلن کي ڳوليندس: ٻيءَ محبت سان. پوءِ آءٌ اوهان سان محبت ڪندس.

۽ پوءِ هڪ ڀيرو وري اوهين منهنجا دوست بڻبا ___ اُهي ٻالڪ جن جي دلين ۾ هڪ اميد هوندي: پوءِ آءٌ اوهان سان ٽيون ڀيرو اچي گڏبس _ ڏينهن جي ٻنپهرن جي جشن ملهائڻ لاءِ.

۽ وڏو ٻنپهرن جو اُهو وقت آهي، جڏهن انسانُ حيوان ۽ فوق البشر جي درميان شاهراه جي وچ تي رسيل آهي ۽ اُتان شام جي پنهنجي اعليٰ اميد ڏانهن ڪنيل

پنهنجي اڳتي قدم جي خوشي ملهائي تو _ ڇاڪاڻ تہ اُهو هُن جو اڳتي قدم پنهنجي هڪ نئين صبح جي منزل تي رسڻ جو قدم آهي.

۽ اهڙي وقت تي اُهو، اِيئن هيٺ _ ويندڙُ، پاڻ کي مبارڪون ڏيندو، جو هو سدا اڳتي ويندڙ آهي ۽ هن جي ڄاڻ جو سج اُن مهل هن جي ڪاپار تي رسيل هوندو.

” هاڻي اسين فوق البشر جو جيئڻ چاهيون ٿا. “ __ اها هجي شال اسان جي آخري مرضي، اِهو هجي شال اسان جو آخري ارادو، وڏيءَ اُن ٻيهرن جي وير مهل! _ زرتشت ايئن فرمايو.

# بقول زرتشت _ ٻيو ڀاڱو

”___ ۽ فقط جڏهن اوهين سڀ مون کان انڪار ڪندا، آءٌ اوهان ڏانهن موٽي ايندس.

”تحقيق، پوءِ آءٌ ٻين اکين سان، منهنجا ڀائرو، پنهنجي وڃائجي ويلن کي ڳوليندس: ۽ ٻيءَ محبت سان پوءِ آءٌ اوهان سان محبت ڪندس“، ___ بقول زرتشت، ڀهريون ڀاڱو، ”بخشش ڪرڻ واري نيڪي“. (ص: 147)

# 23. ٻار جي هٿ ۾ آرسي

اُن کان پوءِ زرتشت جبلن ڏانهن موٽي وِيو ۽ پنهنجي غار ۾ گوشہ نشين ٿي، انسانن کان ڪناره ڪشي اختيار ڪيائين ۽ اُن هاريءَ جيان انتظار ڪرڻ لڳو، جنهن پنهنجو ٻج ڇٽي ڇڏيو هجي. پر هُن جو روح بي صبر رهيو، اُنهن لاءِ سڪايل جن سان هُن جي محبت هئي: ڇاڪاڻ تہ هُن کي اڃا گهڻو ڪي اُنهن کي ڏيڻو هو. برابر، سڀ کان مشڪل ڳالهہ هيءَ آهي تہ محبت خاطر ڪليل هٿ جي مُٺ ڀيڙي ڇڏجي ۽ بخشش ڪندڙ پڪائيءَ کان ڪم وٺي.

اِيئن هن کي گوشہ نشين ٿي ڪي مهينا ۽ سال گذري ويا: تنهن وچ ۾ هن جي دانش ۾ واڌارو ٿيو ۽ اُن جو اُهو واڌارو هُن تي بار بڻجڻ لڳو.

هڪ ڏينهن صبح جو هو پرهہ ڦٽيءَ کان اڳ ۾ جاڳيو ۽ پنهنجي هنڌ تي گهڻو وقت پيو رهيو ۽ سوچيندو رهيو ۽ نيٺ پنهنجيءَ دل سان هُن هِيئن ڳالهايو:

مان پنهنجي خواب ۾ ڇو ڇرڪي پيس ۽ جاڳي اُٿيس؟ خواب ۾ مون وٽ هڪ ٻار تہ نہ آيو هو، جنهن جي هٿ ۾ آرسي هئي!

”اي زرتشت“ _! اُن ٻار مون کي چيو_ ”تون پنهنجو پاڻُ هَن آرسيءَ ۾ ڏس، سو مان نہ هوس، بلڪ شيطان هو، جو ڏند ڪڍي، مون تي کلي رهيو هو!

پر مان چڱيءَ طرح سمجهان ٿو تہ هِن خواب جو تعبير ڇا آهي ۽ اُن ۾ ڪهڙو چتاءُ آهي ۽ اِهو ڪهڙيءَ ڳالهہ کان مون کي آگاهہ ڪرڻ گهري ٿو: منهنجي سکيا، منهنجي تعليم، خطري ۾ آهي: تہ پاڻ کي اَن ڇوائڻ گهرن ٿا!

منهنجا دشمن زور پڪڙي ويا آهن ۽ اُنهن منهنجي تعليم جو حُليو بگاڙي پنهنجو بڻايو آهي، ايتري قدر جو منهنجا عزيز ترين دوست اُنهن بخشش کي ڏسندي شرمائين ٿا، جيڪي مون کين ڏنيون آهن.

منهنجا دوست ڀلجي پيا آهن ۽ وڃائجي ويا آهن: هاڻي منهنجي لاءِ وقت اچي ويو آهي تہ پنهنجن ڀليلن ۽ وڃائجي ويلن جي ڳولها ڪريان ۽ اُنهن کي ڳولهي هٿ ڪريان!_

اِيئن چئي، زرتشت اُٿي ڪڙو ٿيو، پر اُن شخص جيان نہ جيڪو ڏک ۽ پيڙا کان بچڻ چاهيندو هجي، پر هڪ ڏور ڏسندڙ ۽ اهڙي هڪ راڳيءَ جيان جنهن تي روحُ پنهنجي ورڪا ڪندو هجي. هُن جي عقاب ۽ هُن جي نانگ عجب ۾ پئجي هُن ڏانهن نهاريو،

چاڪاڻ تہ خوش آئندا ڪٿ آنندُ هُن جي مُنهن تي صبح جي گلابي شفق جيان مهڪي رهيو هو.

اي منهنجا ساٿي جانورو، ڪجهہ ٻڌايو تہ سهي، مون کي ڇا ٿي ويو آهي؟_ زرتشت چيو. ڇا، مون ۾ ڪايا پلٽ اچي نہ ويئي آهي؟ ڇا، ڪا ٻي وڏي خوشي واچوڙي وانگر مون کي وڪوڙي نہ ويئي آهي؟

پر منهنجي خوشي ٻي سمجهيءَ جي آهي ۽ اِها ٻي سمجهيءَ جون ڳالهيون ڪندي. اُها تمام ٿورَ وقتي ۽ اجا ناپخِتي آهي___ تنهن ڪري اِن کي ڪجهہ صبر سان برداشت ڪريو!

منهنجي خوشيءَ مون کي گهائي وڌو آهي: سڀئي گهايل منهنجا طبيب بڻبا!

وري آءٌ پنهنجن دوستن وٽ وڃڻ جي قابل ٿيو آهيان ۽ دشمنن وٽ بہ! زرتشت وري ڳالهائي سگهي ٿو ۽ بخشش ڏيئي سگهي ٿو ۽ پنهنجن پيارن سان پيار وندي سگهي ٿو.

منهنجي بيقرار محبت، اُٿل ڪائي، درياهہ جيان وهي هلي آهي_ مشرق طرف ۽ مغرب طرف. منهنجو روح، خاموش پهاڙن ۽ درد جي طوفانن مان شور مچائيندو، وادين طرف ڌوڪيندو پيو وڃي.

گهڻي وقت کان مون ۾ اشتياق جي باهہ پڙڪي رهي آهي ۽ آءٌ پنهنجي نظر پري پنڌ تي ڊوڙائي رهيو آهيان. گهڻي عرصي تائين آءٌ اڪيلائيءَ جو قيدي رهيو آهيان، تنهن ڪري ماٺ ڪري ويهڻ مون کان وسري ويو آهي.

آءٌ سراپا گويائي بڻجي ويو آهيان، اوچن پهاڙن مان لنگهندڙ نديءَ جو شور بڻجي ويو آهيان: هيٺ، وادين جي طرف. آءٌ زور سان پنهنجيءَ ڳالهہ جي وهڪري کي جاري ڪرڻ ٿو گهران.

ڀل تہ منهنجي محبت جا وهڪرا سدا سڪل واهين ڏانهن وهي هلن! هر وهڪرو نيٺ بہ پنهنجي رستي سان سمنڊ ۾ ئي پهچي ٿو!

برابر، مون ۾ هڪ ڍنڍ بہ آهي، جا ڪنارن ۾ بند آهي ۽ پاڻ ڀَري آهي: پر منهنجي محبت جو درياءُ اُن کي پاڻ مان هيٺانهينءَ ڏانهن گهليندو ۽ وهائيندو ٿو وڃي___ سمنڊ ڏانهن.

آءٌ نَون رستن تان هلي رهيو آهيان. هڪ نئين ڳالهہ منهنجي خيال ۾ اچي رهي آهي. آءٌ پراڻين ڳالهين کان تنگ ٿي پيو آهيان، جهڙي طرح هر تخليق ڪرڻ وارو بيزار ٿي پوندو آهي اُنهن مان. منهنجو روح هاڻي گسي ويل جُتي پائي هلڻ نٿو گهري.

هر قسم جي گويائي مون لاءِ بيحد سست رفتار آهي. اي طوفان، آءٌ تنهنجي گاڏيءَ ۾ سوار ٿي رهيو آهيان ۽ خود توکي بہ پنهنجي غصي جي چهبڪ سان ماري ماري هلائيندس!

آءٌ وسيع سمنڊ تان مثل هڪ شور ۽ هڪ غوغا جي لنگهندس، جيستائين مون کي اُهي خوشيءَ جا ٻيٽ ملي وڃن، جتي منهنجا دوست ۽ احباب منزل انداز آهن:____

۽ اُنهن جي وچ ۾ منهنجا دشمن بہ! ڪهڙو نہ پيارو آهي، هاڻي مون کي هر اُهو شخص، جنهن سان آءٌ رڳو ڳالهائي سگهان! منهنجي قلب جي خوشيءَ ۾ منهنجي دشمن جو بہ حصو آهي.

۽ جڏهن آءٌ پنهنجي سڀ کان سرڪش گهوڙي تي سوار ٿيڻ گهرندس تہ اُن ۾ منهنجو نيزو منهنجي بهترين مدد ڪندو: اِهو منهنجي پيرن جو ڪُل وقتي خادم آهي:

اِهوئي نيزو، جيڪو آءٌ پنهنجن دشمنن جي طرف اڇلايان ٿو! آءٌ پنهنجن دشمنن جو ڪيڏو نہ شڪر گذار آهيان، جو هُنن مون کي ڏانهن اُن جي اڇلائڻ جو موقعو ڏنو آهي!

منهنجا بادل تمام ٽمٽار ٿي چڪا آهن: بجليءَ جي ٽهڪن سان، آءٌ اونهين تراين ۾ ڳڙن جو وسڪارو ڪندس.

اُن وقت شدت سان منهنجو سينو ڦُولجي ويندو: شدت سان اُهو پهاڙن تي پنهنجو طوفان سَٽيندو: اِيئن ئي پوءِ اُن ۾ سُڪون ايندو.

واقعي، منهنجي خوشي طوفان جيان اچي رهي آهي ۽ منهنجي آزادي بہ! پر منهنجا دشمن اِيئن سمجهندا تہ ڪو ڊِرو وجود اُنهن جي مٿان گجگوڙ ڪري آيو آهي.

ها، اي دوستو، توهين بہ منهنجي اُن اَجهل دانش کي ڏسي ششدر ٿي ويندا ۽ گهڻو ممڪن آهي تہ توهين بہ منهنجن دشمنن سان گڏ اُن کان پري ڀڄي ويندا.

ڪاش، آءٌ ڌراڙن وانگر بانسريون وڄائي توهان کي ورائڻ ڄاڻان ها! ڪاش، منهنجي دانش جي شينهڻ نرميءَ سان گجگوڙ ڪرڻ ڄاڻي ها! هونئن بہ اسان هڪٻئي سان مليا، اڳيئي هڪٻئي جون گهڻيون ئي ڳالهيون سکيون آهن.

منهنجي اَجهل دانش کي هيڪلن پهاڙن تي 'اميدواري' ٿي، ۽ سخت پٿرن تي اُن پنهنجو سڀ کان ننڍو ٻار ڄڻيو آهي.

هاڻي هوءَ دشوار گذار بيابانن ۾ دماغي خلل سان ڀٽڪي رهي آهي ۽ مني نرم مٽي ۾ نرم نرم سلوڪ ڳولي رهي آهي___ منهنجي هيءَ اَجهل دانش!

دوستو، هوءَ گهري ٿي تہ پنهنجي اِن سپ کان وڌيڪ پياري ٻچي کي توهان جي دل ۾، اُن جي نرم مٺيءَ ۽ ٿڌيءَ ٿڌيءَ ساوڪ تي، اُن جي محبت جي بستري تي، ليٽائي، اوهان جي حوالي ڪري ڇڏيان!_

زرتشت اِيئن فرمايو.

## 24. خوشيءَ جا ٻيٽ

اَنجير وڻن مان ڪرِن ٿا. اُهي پڪل ۽ مٺا آهن ۽ ڪِرندي اُنهن جي ڪل ڦاٽيو ٿي پوي. پڪل انجيرن لاءِ آءٌ اُتر جي هوا آهيان.

اِئين منهنجا دوستو، انجيرن وانگر، هيءَ سکيا، هي ڳالهيون توهان لاءِ ڪِرن ٿيون: هاڻي اوهين اُنهن جي رس ۽ مٺي ڳرُ نوش جان ڪريو! چوڌاري سرءُ جو سمو آهي، صاف آسمان ۽ ٽپهريءَ جي مهل آهي.

ڏسو، پنهنجي چوڌاري ڪيڏو نہ جُجُ آهي! ۽ ايڏي وريءَ تان نگاهہ ڪٽي، پري سمنڊ جو ديدار ڪرڻ ڏاڍو دلاويز ٿو لڳي.

ڪنهن دَور ۾ جڏهن ماڻهو پري سمنڊ تي نگاهہ وجهندا هئا تہ خدا جو نالو زبان تي اچي ويندو هونِ؛ پر هاڻي مون اوهان کي اِن تي فوق البشر چوڻ سيکاريو آهي.

مان نٿو چاهيان تہ توهان جا اَنومانَ توهان جي تخليقي ارادي کان تجاوز ڪن.

ڇا، توهين ڪو خدا خلقي سگهو ٿا؟ تہ بس، پوءِ سڀني ديوتائن بابت خاموشي اختيار ڪريو. مگر ها، توهين فوق البشر کي خلقي سگهو ٿا.

شايد توهين پاڻ نہ، منهنجا ڀائرو! پر توهين پنهنجو پاڻ کي فوق البشر جي ابن ڏاڏن ۾ منتقل ڪري سگهو ٿا ۽ پِل تہ اِها توهان جي بهترين تخليق هجي!...

مان چاهيندس تہ توهان جو اَنومانُ توهان جي تصور جي حدن اندر هجي.

ڇا، توهين ڪنهن ديوتا (god) جو تصور ڪري سگهو ٿا؟ مگر اِن جي معنيٰ اوهان وٽ سچ لاءِ ارادتمندي ئي هئڻ گهرجي، تان تہ اُن جو هر پهلو انساني تصور ۾ اچڻ جهڙيءَ صورت ۾ بدلجي سگهي. انسان لاءِ ڏسي سگهڻ جهڙو، انسان لاءِ سمجهي سگهڻ جهڙو! اِيئن توهين پنهنجي ٻُڌيءَ، پنهنجي عقل، جي ئي، پڇاڙيءَ تائين، پيروي ڪندا.

جنهن کي توهان دنيا سڏيو آهي، تنهن جي اوهين پاڻ ئي تخليق ڪندا: توهان جي سمجهه، توهان جو ذوق، توهان جو تصور وهان جا ارادا، توهان جي محبت، خود ئي دنيا بڻجي پوندا! ۽ اهو سڀ، سچ پچ، اوهان جي راحت لاءِ، اوهان جي آنند لاءِ، اوهين جيڪي عقل وارا، ڄاڻَ وارا، آهيو!

اي عقل جا صاحبو! انهيءَ اميد کان سواءِ اوهين ڪهڙيءَ طرح زندگيءَ جو بار کڻي سگهو ٿا؟ جو تہ توهين نہ ڪنهن تصور ۾ نہ اڇي سگهندڙ ۽ نہ ئي ڪنهن عقل کان ٻاهر امڪاني صورت ۾ ڪڏهن ڄمي ئي سگهيا ٿي.

سو اي دوستو، مان پنهنجي دل کولي توهان جي اڳيان رکان ٿو: هائو، اِن نتيجي تي آءٌ پهچي چڪو آهيان: هاڻي، بهرحال، اِهو ڪيڏانهن بہ مون کي وٺي وڃي.___

چا، تخليقڪار جو سچو اعتماد پنهنجو پاڻ تان کڄي وڃي، ۽ عقاب کي پنهنجي عقابي بلنديءَ کان روڪ ڪئي وڃي؟

مون اِن جو نالو بدي رکيو آهي، ۽ انسان سان عداوت___ سڄي اِها سکيا، سڄي اِها تعليم ___ ذات واحد ۽ مڪمل ۽ غير متحرڪ ۽ مستغني ۽ لافانيءَ جي متعلق!

هر لافاني شيءِ___ اِها محض هڪ تشبيهه آهي ۽ شاعرَ تمام گهڻو ڪوڙ ڳالهائين ٿا__

پر بهترين تشبيهون وقت جِي ۽ واقعن جي تسلسل جِي، ٿيڻ جِي، ڳالهه ڪن ٿيون: اُهي سارا‍ه بيان ڪن ٿيون ۽ هر فاني شيءِ جِي، سڄيءَ فنائيت جِي، تصديق ڪن ٿيون!

تخليق ڪرڻ، پيدا ڪرڻ___ اِها آهي عذاب کان نجات، اِهو آهي زندگيءَ جو درمانُ. پر خالق بنجڻ لاءِ بہ تہ تڪليف سهڻ ۽ ڪافي تبديل جو واقع ٿيڻ ضروري آهي.

ها، اي تخليق ڪارو، توهان جي زندگيءَ ۾ گهڻي ڪجهه تلخ موت جي ضرورت آهي! انهيءَ طرح، توهين هر فنائيت جا حامي ۽ تصديق ڪندڙ آهيو.

تخليق ڪار کي پاڻ نئون ٻار بڻجڻ لاءِ 'اميدوار' ٿيڻو آهي، ۽ ٻار ڄڻڻ جا سُورَ بہ سهڻا آهن.

واقعي، منهنجو رستو سوين روحن مان، سوين پينگهن مان ۽ جنم جي سوين سُورن مان، ٿيندو لنگهيو آهي. آءٌ ڪيترا ڀيرا مري چڪو آهيان ۽ موت جون درد ڀريون ۽ ساهه گهرندڙ پڇاڙيءَ جون گهڙيون مون کي معلوم آهن.

ليڪن منهنجي تخليقي ارادي، منهنجي قسمت، جي اِهائي خواهش آهي.
جيڪڏهن آءٌ توهان سان اِن بابت ايمانداريءَ سان ڳالهايان، تہ اِيئن چئي سگهان ٿو:
بس اهڙي ئي قسمت مون کان منهنجو ارادو طلبي ٿي.

منهنجي سڄي احساس کي تڪليف پهچي ٿي، گويا اُهو بند ۾ آهي:
ليڪن منهنجو ارادو هميشہ مون کي رهائي ڏيارڻ ۽ خوشخبري ڏيڻ لاءِ مون وٽ اچي ٿو.

ارادو رهائي ڏئي ٿو: اِها ارادي ۽ آزاديءَ جي سچي تعليم آهي___ اِيئن ئي توهان کي زرتشت سيکاري ٿو.

ارادو ختم، تہ قدرَ ختم، تہ خليق ختم! ڪاش، هِن ڪوتاهيءَ کان مان سدا ڇُٽل رهان!

علم ۽ دانش ۾ بہ آءٌ ڪجهہ نٿو محسوس ڪريان، سواءِ پنهنجي ارادي جي تخليقي اُڌمي ۽ اُن مان پيدا ٿيندڙ مسرت جي ۽ جيڪڏهن منهنجي ڄاڻ ۾ معصوميت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، تہ اُن جو سبب بہ هي آهي تہ اُن ۾ جنم ڏيڻ جو ارادو موجود آهي.

مگرِ منهنجو پُرجوش تخليقي ارادو مون کي وري وري انسان جي طرف وٺي ٿو وڃي؛ جيئن اِهو مُترڪي کي پٿر جي طرف ڇڪي ٿو وڃي.

آهہ انسانو! پٿر اندر منهنجي لاءِ هڪ مورت خوابيده آهي، منهنجي خوابن جي مورت! افسوس، جو اِها مورت سڀ کان وڌيڪ بدزيب ۽ سڀ کان وڌيڪ سخت پٿر اندر آرامي آهي!

هاڻي اِن مورت جي قيدخاني تي منهنجو مُترڪو، بي رحميءَ سان، ڌڙا ڌڙ لڳي رهيو آهي. پٿر مان ٽڪرا اُڏامي رهيا آهن، مگر مون کي اُن جي ڪهڙي پرواهہ؟

آءٌ پنهنجي ڪم کي مڪمل ڪندس: ڇاڪاڻ تہ ڪنهن وجود جو پرتوو منهنجي سامهون اُبري آيو آهي___ سڀ کان وڏي سُڪونَ واريءَ ۽ سڀ کان گهٽ بارُ ٿيندڙَ مورت جو پرتوو مون تي ظاهر ٿي چڪو آهي!

مون فوق البشر جي حسن جي جهلڪ ڏسي ورتي آهي. منهنجا يائرو!
زرتشت ايئن فرمايو:

# 25. قياسي ۽ قياس جوڳا

منهنجا دوستو، توهان جي دوست تان چتر ٽيڻ لڳي آهي، ”زرتشت کي ڏسو! هو اسان جي وچ ۾ اهڙيءَ طرح رهي ٿو، ڄڻ جانورن جي وچ ۾ رهندو هجي!“

پر بهتر آهي ته هيئن چيو وڃي، ”سڄاڻ وارو انسانن جي وچ ۾ اهڙيءَ طرح رهي ٿو، ڄڻ جانورن جي وچ ۾ آهي!“

سڄاڻ واري وٽ خود انسان جو نالو آهي: ڳاڙهن ڳلن وارو جانور.

هن جي ايئن ٿيڻ جو سبب ڪهڙو آهي؟ ڇا، ان جو سبب هيءُ نه آهي ته هن کي بيشمار ڀيرا شرمندو ٿيڻو پيو آهي؟

اي دوستو! سڄاڻ واري جو چوڻ هي آهي: شرمندگي، شرمندگي، شرمندگي ___ اِها آهي انسان جي تاريخ!

تنهن ڪري شريف ماڻهوءَ ٻئي کي شرمسار نه ڪرڻ جو قسم کنيو آهي: هو سيني تڪليف ۾ آيلن ۾ جي وچ ۾ پاڻ شرمسار ٿيڻُ پنهنجو فرض ڄاڻي ٿو:

واقعي مون کي اُهي قياسي ماڻهو پسند نه آهن، جي پنهنجي قياس ۾ مگن آهن: اُهي شرمسار ٿيڻ ڄاڻندا ئي نه آهن.

جيڪڏهن مون کي قياس ڪرڻوئي پوي، ته به پاڻ کي ’قياسي‘ چوائڻ پسند نه ڪندس: ۽ جيڪڏهن آءٌ ڪنهن تي سچ پچ قياس ڪريان به، ته به اِيئن چاهيندس ته پرڀٽ قياس ڪريان.

اِن ڪان اڳ، جو ماڻهو مون کي سڃاڻن، مان اِيئن پڻ پسند ڪندس ته پنهنجو منهن ڍڪي ڇڏيان ۽ ڀڄي وڃان! اي دوستو، مان توهان کي به اِهائي صلاح ٿو ڏيان!

ڪاش، منهنجي قسمت ۾ اِيئن هجي، جو هميشه توهان جهڙن سان، جي آپدا ڪان آجا آهن، منهنجو ڪم پوي ۽ پڻ اهڙن سان، جيڪي اميد ۾، دعوت ۾ ۽ سک ۾ مون سان مشترڪ هجن!

بيشڪ، تڪليف ۾ پيل ماڻهن سان مون تورو گهڻو چڱو سلوڪ ڪيو آهي پر جڏهن به مون کي ان ۾ زياده خوشي محسوس ٿيندي هئي، تڏهن آءٌ سدائين اِيئن ئي سمجهندو هوس ته مون کو بهتر ڪم ڪيو آهي.

جڏهن کان انسان جو وجود ٿيو آهي، تڏهن کان وٽي ماڻهن خوشي تمام گهٽ ماڻي آهي: ياڻرو فقط اهوئي اسان جو اصلي گناهه آهي!

۽ جڏهن اسين بهتر نموني خوشي ماڻڻ سکون ٿا، تہ اوتروئي بهتر ٻين کي نہ ايذائڻ ۽ اُن ڪان پاسو ڪرڻ سکون ٿا.

اِن طرح آءٌ جڏهن اُهو هٿ ڌوئان ٿو جنهن تڪليف ۾ آيل جي مدد ڪئي آهي، تڏهن آءٌ پنهنجي روح کي بہ ڇڻ صاف ڪريان ٿو.

جڏهن آءٌ تڪليف ۾ پيل کي تڪليف ۾ ڏسان ٿو تہ هن جي شرمندگيءَ تي مان شرمائجي وڃان ٿو ۽ هُنن جي مدد ڪري هُن جي غيرت کي بہ آءٌ ڏاڍو ڏکويان ٿو.

احسانن جا وڏا بار ڪنهن کي شڪر گذار نٿا بڻائين، پر بدلي ڪرڻ لاءِ آماده ٿا ڪن ۽ اهڙي ڪا ننڍي ڀلائي بہ جي دل تان وسري نٿي وڃي، تہ اها اُڌوهيءَ جهڙو اندرهُو ڪائيندڙ ڪيڙو بڻجيو وڃي.

”وٺڻ مهل حذر ڪر! قبول ڪرڻ ۾ امتياز ڪان ڪم وٺ!“ اِها آهي منهنجي راءِ انهن ماڻهن لاءِ، جن وٽ ڪجهہ بہ ڏيڻ لاءِ نہ آهي.

آءٌ بهرحال بخشش ڪرڻ وارو شخص آهيان: خوشيءَ سان آءٌ بخشش ڏيان ٿو، جهڙيءَ طرح هڪ دوست دوستن کي ڏئي ٿو. پر اجنبي ۽ ڪنگال يا مسڪين پاڻ ٿي منهنجي وڻ مان ميوو چنن تہ بهتر: اِن طرح هنن کي گهٽ شرمندگي ٿيندي.

پينو ۽ بيڪارين کي بلڪل ختم ڪرڻ گهرجي! واقعي، انهن کي ڏيڻ بہ ڏکيو ۽ نہ ڏيڻ بہ ڏکيو.

اِهوئي حال گنهگارن ۽ بُري ضمير وارن جو آهي! دوستو، اعتبار ڪريو: ضمير جو ڏنگ، ڏنگ هڻڻ ٿو سيکاري.

مگر سڀ ڪان بُري چيز پست خيال آهن. سچ پچ ۽ خيال جي پستيءَ ڪان وري بہ عمل جي پستي بهتر آهي.

بيشڪ توهين بہ اِيئن چوندا، ”ننڍين بڇڙاين جو مزو ماڻهوءَ کي وڏين بڇڙاين ڪان بچائي وجهي ٿو. پر اِن ڳالهہ ۾ بچاءُ جي گنجائش بہ ڪا گهٽي ڪانهي.

بڇڙو ڪم مثل ڦرڙيءَ جي آهي! اُها خارش ڪري ٿي، پوسري ٿي ۽ ڦاٽي پوي ٿي ___ اِيئن پڌري پٽ اها شرافت سان ڳالهائي ٿي.

”ڏس، مان بيماري آهيان!“ بڇڙو ڪم اِيئن ٻولائي ٿو. اِها سندس شرافت آهي.

پر پست خيال ڪنييءَ جهڙو آهي. اِهو اندر ئي اندر سُرندو ۽ سرايت ڪندو ويندو آهي ۽ ڳولڻ سان بہ اُن جو پتو نہ پوندو آهي ___ تان جو ننڍين ننڍين ڪنيين سان سڄو بدن چُور چُور ٿي ويندو آهي ۽ سڙي ڳري ويندو آهي.

بهرحال، جيڪو ڪنهن شيطان جي قندي ۾ قاتل آهي، اُن جي ڪَن ۾ آءٌ هيءَ ڳالھ چوان ٿو. ”تنهنجي لاءِ بهتر آهي تہ پنهنجي شيطان جي پرورش ڪري اُن کي وڏو ڪر. تنهنجي لاءِ بہ وڏائيءَ جو ڪو رستو اڃا ڪليل آهي!“ __

آھ، منهنجا ياڻرو! انسان هر هڪ متعلق ڪجھ ضرورت کان زياده ئي ڄاڻي ٿو. ۽ ڪيترا اهڙا آهن، جو اسان جي نظر اُنهن جي بلڪل آرپار ٿيو وڃي. پر تڏهن بہ اسين ڪنهن جي اندر پيهي نٿا سگهون.

ماڻهن سان زندگي بسر ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي: ڇاڪاڻ تہ خاموش رهڻ ڏاڍي مشڪل ڳالھ آهي.

۽ اسين سڀ کان وڌ بي انصافيءَ جو سلوڪ اُن سان نٿا ڪريون، جنهن سان اسان کي ڪاوڙ آهي: بلڪ اُن سان ٿا ڪريون جنهن جو اسان سان ذرو بہ تعلق نہ هوندو آهي.

بهرحال، جيڪڏهن تنهنجو ڪو تڪليف ۾ پيل دوست هجي، تہ تون هن جي تڪليف لاءِ آرامگاھ بڻجي وڃ، سخت بستري جيان، ڪم از ڪم ميدان جنگ جي بستري جيان: اِن طرح تون هن جِي گهٽي ۾ گهٽي خدمت ڪري سگهندين.

۽ جيڪڏهن ڪو دوست توسان بڇڙائي ڪري تہ توکي هي چوڻ جڳائي، ”جو ڪجھ تو مون سان ڪيو، اُن کي آءٌ معاف ٿو ڪريان: پر اِن طرح تو پاڻ سان جيڪا بڇڙائي ڪئي اُن کي آءٌ ڪهڙيءَ طرح معاف ڪري سگهان ٿو؟“

هر اعليٰ محبت جو اِهوئي چوڻ آهي، اِهو عمل، معافيءَ ۽ ڪهل کان بہ اڳتي وڌيو وڃي.

انسان کي گهرجي تہ پنهنجيءَ دل کي مضبوط پڪڙي: ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن هن اُن کي وڃڻ ڏنو تہ ظاهر آهي تہ سندس مغز بہ ڪانئس جلد ويندو نظر ايندو.

آھ، قياس جو ڳُن ڪان وڌيڪ دنيا ۾ بيو ڪنهن ڪان دنيا ۾ ڪهڙيءَ شيءَ، تڪليف پيدا ڪئي آهي.

حيف آھ ِ سيني محبت ڪرڻ وارن تي، جيڪڏهن اُنهن وٽ پنهنجي قياس کان مٿي بي ڪا بلندي نہ آهي!

تنهن ڪري، خبردار ٿيءُ قياس کان، اِنهيءَ طرف کان ئي ماڻهن ڏانهن اڃا بہ ڪارا ڪڪر وڌي رهيا آهن! واقعي، آءٌ موسم شناس آهيان!

ليڪن هن ڳالهه تي بہ غور ڪريو، هر عظيم محبت جو درجو اُن جي هر قياس ڪان بالاتر آهي، ڇاڪاڻ تہ اجا اِها ڪاوش ۾ آهي_ ان ڪي پنهنجو محبوب تخليق ڪرڻو آهي!

”مان پنهنجو پاڻ ڪي پنهنجيءَ محبت تي قربان ڪريان ٿو ۽ ساڳيءَ طرح پنهنجي همسايي ڪي بہ“ __اِهو سڀني تخليق ڪارن جو آواز آهي.

سڀ تخليق ڪارَ، بهرحال، سخت ۽ ثابت قدم آهن. _

زرتشت اِيئن فرمايو:

# 26. پادري

هڪ ڏينهن، زرتشت پنهنجن معتقدن ڪي اشاري سان سڏيو ۽ اُنهن سان هيئن مخاطب ٿيو:

”هو پادري آهن: پر جيتوڻيڪ هو منهنجا دشمن آهن، تنهن هوندي بہ هُنن وٽان مِٺ ماٺ ۾ لنگهي وڃو ۽ تلوارن ڪي مياڻ ۾ رهڻ ڏيو!

”اُنهن ۾ بہ سورما آهن: منجهانئن ڪيترن بيحد تڪليفون سٺيون آهن-: تنهن ڪري هو گهرن ٿا تہ ٻيا ماڻهو بہ تڪليفون سهن.

”هو خراب دشمن آهن: هنن جي نيازمنديءَ ڪان وڌيڪ انتقامي ٻي ڪا شيءِ ڪانهي. جيڪو هنن سان واسطي ۾ اچي ٿو، اُهو جلدئي ليٽڙجي، گدلو ٿي پوي ٿو.

”پر منهنجو خون هنن جي خون سان رشتي ۾ آهي ۽ منهنجي بهرحال مرضي آهي تہ هنن جي خون جي آبروءَ سان منهنجي خون جي آبرو بہ ٿئي.“

جڏهن هو لنگهي ويا تہ زرتشت سُور ڪان دانهن ڪئي: پر اُن ۾ ٿوريءَ دير تائين مبتلا رهي، هو اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ هيئن چوڻ لڳو:

مون ڪي اِنهن پادرين تي افسوس ٿو اچي ۽ ڏک ٿو ٿئي. هو منهنجي ذوق جا پڙ نہ آهن پر مون لاءِ اِها غير اهم ڳالهه آهي، ڇو تہ آءٌ انسانن جي وچ ۾ ٿي رهان ٿو.

پر آءٌ سورَ سَهندڙ آهيان ۽ هنن سان گڏ سورَ سٺا اٿم. منهنجي خيال ۾ هو قيدي آهن، سَربمُهَر قيدي. جنهن ڪي هو نجات ڏيندڙ ڪوٺين ٿا، اُن ه..ن ڪي زنجيرن ۾ اڙائي ڇڏيو آهي: -

غلط قدرن ۽ خام لفظن جي زنجيرن ۾: ڪاش، ڪو هنن کي سندن نجات ڏيندڙ کان نجات ڏياري!

هڪ دفعو جڏهن هو سمنڊ ۾ چاچولجي، اُچل سان وڃي ڪنهن هنڌ ڪِريا، تہ هنن دل ۾ پانيو تہ ڪنهن ہيٽ تي پهچي ويا هئا: پر اُها تہ هڪڙي ستل اَجگر بلا هئي!

غلط قدر ۽ خام لفظ: اِهي فاني انسانن لاءِ بدترين بلائون آهن ___ فضا اِنهن جي اندر مُدتن تائين، تاڪ ۾ سُتل رهي ٿي.

پوءِ نيٺ اِها بيدار ٿئي ٿي، اُتان نڪري اچي ٿي، ۽ جنهن جنهن اُن جي مٿان پنهنجا جهوپڙا ٺاهيا هوندا آهن، تنهن کي چَبي ڳرڪائي وڃي ٿي.

اِجهو هُنن جهوپڙن کي ڏسو، جيڪي پادرين پنهنجي لاءِ پاڻ اڏيا آهن! پنهنجن اُنهن خوشبودار چُرن کي هو ديوليون سڏين ٿا!

واءِ افسوس، اُنهن جي اِها ڪوڙي روشني، اِها بدبودار هوا! جتي روحُ ___ پنهنجي بلنديءَ تي ڪڏهن پرواز ڪري نہ سگهي!

پر جتي هنن جي عقيدي جو هيءُ حڪم هلي ٿو: ”اي گنهگارو، گوڏن ڀر ڪري پئو ۽ ڏاڪڻيون چڙهو!“

سچ پچ، آءٌ هوند هِنن جي حياءَ ۽ دينداريءَ وارين ٽيڏين اکين جي ڀيٽ ۾ ڪنهن بيحيا ۽ نرجي کي ڏسڻ پسند ڪريان!

آخر اهڙين چُرن کي ۽ پڇتاءَ ۽ توبهہ جي ڏاڪڻين کي، ڪنهن ايجاد ڪيو؟ ڇا، هي اُهي ماڻهو نہ هئا، جن پوشيده رهڻ گهريو ٿي ۽ کُلئي نرمل آسمان هيٺان شرمسار ٿي ٿيا؟

۽ سچ پچ جڏهن هيءُ نرمل آسمان وري هِنن ڀڳل ڇتين مان ليئو پائيندو، اُنهي جي ويران ڀتين تي ڇاول گاهہ ۽ پست جي ڳاڙهن گلن تي نظر وجهندو، تہ پوءِ اُن وقت آءٌ هِنن تي اِنهن مِنبرن تي ورائي نظر وجهندس.

هِنن اُن کي خداوند سڏيو، جيڪو هِنن جي آڏو روڪ ٿيو ۽ جنهن هِنن کي اذيت ڏني ۽ واقعي هِنن جي پرستاري وڏي جگر جو ڪم هو!

۽ اُن سان محبت ڪرڻ جو بہ رستو هِنن وٽ ڪو نہ هو، سواءِ اِن جي تہ ماڻهن کي هو صليب تي قلعا ٺوڪي ٽنگين!

هِنن مُردن وانگر زندگي بسر ڪرڻ جو خيال ڪيو: پنهنجن لاشن کي ڪارن ڪپڙن سان سينگاريائون؛ هِنن جي ڳالهين مان آءٌ اجا تائين مردھ خانن جي بدبوءِ محسوس ڪريان ٿو.

جو شخص هِنن جي ويجهو رهي ٿو، اُهو گويا گدلن تلائن جي ويجهو رهي ٿو، جن مان ڏيڏر نڪري پنهنجو راڳ پرسوز نموني سان ڳائين ٿا.

جيڪڏهن هو گهرن ٿا تہ مان هِنن جي نجات ڏيندڙ تي ايمان آڻيان، تہ هِنن کي گهرجي تہ منهنجي اڳيان بهتر گيت ڳائين: هُن جا هي معتقد ۽ پوئلڳ مون کي چوٽڪارو پاتل ڏيکاري ڏين!

آءٌ اِنهن کي اگهاڙو ڏسڻ گهران ٿو: ڇاڪاڻ تہ فقط حسن کي ئي توبھ جي تلقين ڪرڻ جڳائي. مگر اِنهن جو هيءُ ڇمڙاپوشي عذاب ڪنهن کي ميجائي سگهي ٿو!

واقعي هِنن جا نجات ڏيندڙ پاڻ ئي آزاديءَ ۽ آزاديءَ جي ستين آسمان وٽان آيل نہ هئا! واقعي، هُنن پاڻ ئي ڪڏهن ڄاڻ جي غاليچن تي قدم نہ رکيو هو.

اُنهن نجات ڏيندڙن جي بہ روح ۾ خال هئا، اٽپورايون هيون؛ پر هر خالُ ۾ هر اٽپورائي هُنن پنهنجي خواب خياليءَ ۾ پرمر سان پري ڇڏي هئي.

هُنن جو روح ٻاجھ جي درياءَ ۾ ٻڏل هو ۽ جڏهن هو ٻاجھ سان پرجي ٿي ويا ۽ اُيامي تي پيا، تڏهن هنن جي سطح تي هميشہ سندن او ڳاڻ تري متي اچي تي بيٺي.

هُنن پنهنجي ڌڻ کي وڏي جوش ۽ وڏن واڪن سان هڪلي پنهنجيءَ ڪانائينءَ ٻَنڌ تي آڻي تي بيهاريو؛ ڄڻ تہ مستقبل ڏانهن وڃڻ لاءِ فقط هڪ ئي اُها ٻنڌ هئي. سچ پچ هِنن ڌراڙن جو پنهنجو شمار بہ رڍن ۾ ٿيو ٿي!

اِنهن ڌراڙن جون دليون تنگ ۽ روح موڪرا هئا: پر منهنجا ڀائرو! سندن اُهي موڪرن ڪان موڪرا روح بہ هر وقت ڪيتري قدر نہ تنگ ۽ محدود ايراضين جيان پئي رهيا آهن!

جن جي رستن تان هو هليا آهن، تن تي خون سان نقش ڪديا اٿن ۽ هِنن جي حماقت اِها تعليم ڏني تہ سچائيءَ کي خون سان ثابت ڪبو آهي.

ليڪن خون سچائيءَ جو بدترين گواھ آهي؛ پاڪ ترين تعليم بہ خون سان زهر آلود ٿي، خام خياليءَ ۽ پرمر، گمراهيءَ ۽ دل جي نفرت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي.

جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي تعليم جي سچائيءَ لاءِ باهہ مان بہ لنگهي وڃي، تہ اُن مان ثابت ئي ڇا ٿو ٿئي؟ درحقيقت، وڌيڪ مناسب ايئن ٿئي، جو ڪو پنهنجي وجود جي باهہ مان پنهنجي تعليم پيدا ڪري!

ڪوسِي ٻوساٽيندڙ دل ۽ سرد ڄميل مٿو: جتي اِهي ٻئي شيون اچي ملن، اُتي هڪ دُونهائي خطيب پيدا ٿئي ٿو، جو ”نجات ڏيندڙ“ بہ سڏائجي ٿو.

جن اهڙن کي لوڪ ”نجات ڏيندڙ“ سڏي ٿو، يعني ’طوفاني ۽ دونهائي ڳالهائڻا خطيب‘ تن کان سچ پچ ڪيئي عظيم تر ۽ وڌيڪ عالي نسب ماڻهو ٿي گذريا آهن.

توهين، منهنجا ڀائرو! جيڪڏهن آزاديءَ جي حال ۾ اچڻ چاهيو ٿا، ۽ بچڻ گهرو ٿا، تہ توهان کي اول اُنهن کان نجات پائڻ گهرجي، جي توهان جا نجات ڏيندڙ سڏجن ٿا. اڄ، بچڻ لاءِ تحقيق اوهان کي انهن کان گهڻو ڪي برتر ۽ اعليٰ تر بچائڻهار گهرجن.

اڃا تائين ڪو بہ فوق البشر وجود نہ آيو آهي. مون وڏي ۾ وڏي ۽ ننڍي ۾ ننڍي انسان، ٻنهي کي ننگو ڏٺو آهي.

اڃا ٻنهي انهن ۾ بيحد مشابهت ڏسجي ٿي. واقعي وڏي ۾ وڏي کي بہ مون، اعليٰ درجي تائين ساڃيو_ هڪجهڙو_ هڪ_ انسان_ ئي ڏٺو!_

اِيئن زرتشت فرمايو.

# 27. نيڪ انسان

ڪاهل ۽ سُتل حواسن وارن سان، گجگوڙ ۽ آسماني آتش فشانيءَ سان ڳالهائڻ گهرجي.

پر حسن جو آواز نرمائيءَ سان ڳالهائي ٿو: ڇو تہ اُهوئي سڀ کان زياده سجاڳ روحن کي متاثر ڪري ٿو.

اڄ منهنجي ڍال نرم نرم لُڏڻ لڳي ۽ مون سان کِلي رهي آهي؛ اُهو حسن جو پاڪ کِلڻ ۽ لُڏڻ هو ۽ دل افروز هو.

اي نيڪ انسانؤ! اوهين ٻي اجرت بہ گهرو ٿا؟ اوهين نيڪيءَ جو انعام گهرو ٿا ۽ زمين جي بدلي بهشت ۽ پنهنجي اڄ جي عيوض لافانيت گهرو ٿا؟

هاڻي، اوهين مون سان ناراض ٿا ٿيو، جو مان اِها تعليم ڏيان ٿو تہ ڪو اُجرت ڏيڻ ارو ۽ خزانچي آهي ئي ڪونہ؟ سچ پچ تہ مان اِها تعليم بہ نٿو ڏيان تہ نيڪي ڪا پنهنجي پاڻ اُجرت آهي.

افسوس! منهنجي تہ دانهن ئي اِها آهي تہ ڪوڙيدوڙ ڪري هر شيءِ جي پيڙهہ ۾ انعام ۽ سزا ملائي ڇڏي اٿن ـ ۽ هاڻي تہ اوهان جي روحن جي اندر بہ اِيئن ويهي ويو آهي، اي نيڪ انسانؤ!

پر منهنجي تعليم اوهان جي روحن جي زمين کي جهنگلي جانور جي سونڊ وانگر اُکيڙيندي؛ اوهين چاهيو تہ اِن لاءِ پلي مون کي هَرَ جي چوني سڏيو!

اوهان جي دل جا سڀ راز اوهان تي روشن ڪيا ويندا، ۽ جڏهن اوهين ٽڙيا پکڙيا، واوکر ٿيا، اُس ۾ پيا هوندا، تڏهن اوهان جي ڪُوڙائي بہ اوهان جي سچائيءَ کان الڳ ڪئي ويندي.

ڇاڪاڻ تہ اوهان جي سچائي هيءَ آهي: اوهين لفظن جي گند کان تمام گهڻا صاف ۽ نبار آهيو ـ بدلي، سزا، عيوضي، سيڪت جهڙن لفظن کان.

اوهين پنهنجي نيڪيءَ سان اهڙي محبت ڪريو ٿا، جهڙي ماءُ پنهنجي ٻار سان؛ پر اِهو بہ ڪڏهن ٻُڌو اٿوَ تہ ماءُ پنهنجي محبت لاءِ اُجرت جي خواهش ڏيکاري هجي؟

اوهان جي نيڪي ئي اوهان جِي سڀ کان وڌ محبوب ذات آهي، جيئن اوهان جي نڙيءَ جي اُڃ اوهان ۾ آهي: اُن جو هر ڇلو پاڻيءَ جي بوند لاءِ اُيري ٿو ۽ وري پاڻ ڏانهن موٽ کائي ٿو.

۽ اوهان جي نيڪيءَ جو هرهڪ عمل اُن ڪِڙندڙ تاري جيان آهي، جيڪو پنهنجي پويان فضا ۾ روشنيءَ جي لاٽ ڇڏيند ويندو آهي: اُن جي روشني هروقت سفر ۾ آهي ـ ۽ خبر نہ آهي ڪڏهن اُن جو اُهو سفر پورو ٿيندو!

اهڙي ئي آهي اوهان جي نيڪيءَ جي روشني، جيڪا عمل جي سرانجاميءَ کان پوءِ بہ اڃا تائين سفر ڪري رهي آهي. عمل پل تہ وسري وڃي، بلڪل ختم ٿي وڃي، تڏهن بہ اُن جي روشنيءَ جا ڪرڻا موجود رهن ٿا ۽ پنهنجو سفر جاري رکن ٿا.

اوهان جي نيڪي خود اوهان جي ’ذات‘ آهي، ڪا ٻاهرين يا اجنبي شيءِ نہ آهي_ جيئن اوهان جي چمڙي يا اوهان جو ڪڙتو خارجي شيون آهن. اُها وسري وڃي يا گم ٿي وڃي. پر روشنيءَ جي ڪرڻي وانگر اُها جيئي ٿي ۽ سفر ڪري ٿي.

پر اهڙا ماڻهو بہ آهن، جن وٽ نيڪيءَ جو مفهوم اهڙوئي آهي جهڙي چهبڪ جي مار: اوهان اُنهن جي رڙين ۽ دانهن ڪي ڪافي گهڻي وقت کان ٻڌو آهي.

ٻيا اهڙا بہ ماڻهو آهن، جن پنهنجي گنهگاريءَ جي ڪاهليءَ جو نالو نيڪي رکيو آهي ۽ جڏهن هنن جي نفرت ۽ هنن جو حسد آڪُڙجي ليٽي پون ٿا، ر ڳو تڏهن هُنن جو ’انصاف‘ جاڳندو آهي ۽ پنهنجيون ننڊا ڪيل اکيون مَهٽيندو بہ آهي.

۽ اهڙا بہ ماڻهو آهن، جي پستيءَ جي طرف ڇڪجي رهيا آهن: هُنن جا شيطان هُنن کي پاڻ ڏانهن گهلي رهيا آهن ۽ جيتري قدر زياده هو اونهائيءَ ۾ پهچندا وڃن ٿا، اوتري قدر گهڻو شوق هُنن جي اکين مان پڌرو ٿئي ٿو ۽ اُنهن ۾ پنهنجي اُن خدا سان ملڻ جو هوَسُ اوترو وڌي ٿو.

آه، اي نيڪ انسانؤ!، اُنهن جي دانهن ۽ پڪار پڻ اوهان جي ڪنن تائين پهچي ويل آهي، ”جو مان پاڻ نہ آهيان، بس اُهوئي مون لاءِ خدا آهي، نيڪي آهي!“

۽ ٻيا اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي پٿرن سان لَڏيل اُنهن گاڏين وانگر ڀاري قدم کڻن ٿا، جي ڪنهن پهاڙيءَ جي لاهيءَ تي چيڪاٽ ڪنديون هلنديون آهن: وقار ۽ نيڪيءَ بابت اُهي ماڻهو تمام گهڻيون ڳالهيون ڪندا آهن_ پنهنجن پيرن جي گِيساٽي کي هو نيڪي ٿا سڏين!

۽ اهڙا بہ ماڻهو آهن، جي چاٻيءَ تي هلندڙ گهڙيالن وانگر آهن: اُهي ٽِڪ ٽِڪ ڪندا وتن ٿا ۽ گهُرن ٿا تہ ماڻهو هنن جي ٽِڪ ٽِڪ کي نيڪيءَ جي نالي سان تعبير ڪن.

واقعي، اهڙي قسم جي ماڻهن مان مون کي لطف ٿو اچي: جتي بہ مون کي اهڙا گهڙيال ملندا، آءٌ اُنهن کي پنهنجي ٺٺول سان ڪنجي ڏيئي ڇڏيندس، پوءِ تہ ڪُنجي ملڻ وقت اُهي ڀونياٽ بہ ڪن.

۽ اهڙا ماڻهو بہ آهن، جي پنهنجي ٿوريءَ نيڪ عمليءَ تي ايماني آهن ۽ اُن خاطر هو سڀني شين تي ظلم ڪن ٿا: تان جو دنيا هنن جي بداعماليءَ ۾ ٻڏيو وڃي.

آهہ، هنن جي زبان مان لفظ 'نيڪي' ڪھڙو نہ بُرو ٿو لڳي! ۽ جڏهن هو چون ٿا، "آءٌ منصف مزاج آهيان" تہ اُهو بڌڻ ۾ اِيئن ٿو معلوم ٿئي: "مون ڪي پوريءَ طرح پنهنجو عيوضو گهرجي!"

هو پنهنجين نيڪين جي ذريعي پنهنجن دشمنن جون اکيون ڪڍڻ ٿا گهرن ۽ هو پاڻ کي رڳو اِن ڪري ٿا اوچو بنائين تہ جيئن ٻين کي نيچو نمائي سگهن.

ٻيا وري اهڙا ماڻهو بہ آهن، جي پنهنجيءَ ڍبڻ ۾ ڦاٿا پيا آهن ۽ ٻوڙن جي وچ مان هِن طرح جو آواز پيا ڪڍن: "نيڪي ـــ اِن جي معنيٰ آهي ڍبڻ ۾ چپ چاپ ڪري ويهي رهڻ.

"اسين ڪنهن کي چڪ ڪونہ ٿا پايون ۽ چڪ پائڻ وارن کان پاسو ٿا ڪريون ۽ هر ڳالهہ ۾ اسان جي اُهائي راءِ آهي، جا اسان کي عطا ٿيل آهي".

وري ڪي اهڙا ماڻهو بہ آهن، جي رَوِشن کي، صورتن کي، پسند ڪن ٿا ۽ نيڪيءَ کي هڪ قسم جي رَوِش ۽ صورت سمجهن ٿا.

هُنن جا گوڏا سدائين عبادت ۾ جهُڪيا رهن ٿا ۽ هُنن جا هٿ سدا نيڪين ۾ رڌل رهن ٿا، مگر هنن جي دل کي اُن جي مطلق خبر نہ آهي.

وري ڪي اهڙا ماڻهو بہ آهن، جن وٽ هيئن چوڻ نيڪي آهي: "نيڪي ضروري شيءِ آهي"؛ پر دل سان هنن جو اعتقاد بهرحال هي اهي تہ پوليس ضروري شيءِ آهي.

ڪيترائي، جي انسانن جي بلنديءَ کي نٿا ڏسي سگهن، هي اِن ڳالهہ کي نيڪيءَ سان تعبير ڪن ٿا تہ هو انسانن جي پستي تمام تفصيلي طور ڏسي سگهن ٿا: تنهن ڪري هو پنهنجيءَ اُن بدنظر کي نيڪي ٿا سڏين.

ڪي پنهنجي ذهني خوشي ۽ علمي لياقت کي وڌائڻ ۽ اُنهن ۾ برتري حاصل ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اُن کي نيڪي ٿا سڏين ۽ ٻيا وري پاڻ کي ابتريءَ ۽ انڪساريءَ ۾ رکڻ ٿا گهرن ۽ ساڳيءَ طرح اُن کي نيڪي سڏين ٿا.

اهڙيءَ طرح، گهڻو ڪري سڀ اِيئن ٿا سمجهن تہ نيڪيءَ ۾ سندن حصو آهي ۽ هر شخص کي گهٽ ۾ گهٽ اِها دعوا آهي تہ هو نيڪيءَ ۽ بديءَ کي خوب سمجهي ٿو.

ليڪن زرتشت جي اچڻ جو اِهو مقصد نہ آهي تہ هو اُنهن سيني ڪوڙن ۽ احمقن کي چوي، "اوهين ڇا ڄاڻو تہ نيڪي ڇا آهي! اوهان ۾ نيڪيءَ کي سڃاڻڻ جي لياقت ئي ڪٿي"؟

بلڪہ هُن جو مقصد هي آهي تہ اوهين، اي منهنجا دوستئو! اِنهن پراڻن لفظن کان هٽي پري ٿيو، جي اوهان احمقن ۽ ڪوڙن کان ٻڌا آهن:

هٽي پري ٿيو 'انعام'، 'سيڪت،' 'جزا' ۽ 'سزا' 'بدلي' ۽ 'انصافي عيوض' جهڙن لفظن کان _

هٽي پري ٿيو هِن چوڻيءَ کان تہ 'نيڪ عمل' تڏهن نيڪ عمل آهي جڏهن اُهو بي غرض آهي".

ڪاش، منهنجا دوستئو! اوهان جي ذات اوهان جي عمل ۾ ايئن سمايل هجي، جيئن ماءُ پنهنجي ٻار ۾: نيڪيءَ بابت اوهان جو اصول اِهوئي هجڻ گُهرجي!

سچ آهي تہ اِهو چئي مون اوهان کان سؤ اصول ڪسيا آهن ۽ پڻ اوهان کان اوهان جي نيڪيءَ جا دلپسند ٽول ڦريا آهن ۽ ڏسان ٿو تہ هاڻي ٻارن وانگر اوهين مون کان ناراض ٿي رهيا آهيو.

ٻار سمنڊ جي ڪناري تي راند ڪري رهيا هئا _ هڪڙي لهر آئي ۽ هنن جا رانديڪا گهلي، سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيائين! هاڻي هو روئي رهيا آهن.

مگر اِها ساڳي لهر هُنن لاءِ نوان رانديڪا آڻيندي ۽ رنگ برنگي سپون هنن جي اڳيان پکيڙي ڇڏيندي!

اهڙيءَ طرح هنن کي تسلي ٿيندي ۽ اُنهن وانگر، توهان کي بہ، منهنجا دوستئو! اطمينان حاصل ٿيندو، ۽ اوهين نيون رنگ برنگ سپون ماڻيندؤ!

زرتشت اِيئن فرمايو.

# 28. آنبوهہ

زندگي مسرتن جو کوهہ آهي، پر جتي اَنبوهہَ پاڻي پيئن ٿا، اُتي سڀئي کوهہ زهر آلود ٿيو پون.

هر نرمل شيءِ ڏانهن منهنجي دلي رغبت آهي: مگر مان وات ڦاڙي ٽڪيندڙن کي ۽ گدليل روحن جي اڃ کي ڏسي نٿو سگهان.

هو پنهنجون نگاهون کوهہ جي جهرڻن تي کُپائي بيهن ٿا ۽ پوءِ پنهنجي للچايل مُرڪ سان مون ڏي ڏسن ٿا.

اُجري پاڻيءَ کي هو پنهنجي هَوَس سان زهر آلود ڪن ٿا ۽ جڏهن هُنن پنهنجن گندن خوابن جو نالو مسرت رکيو، تہ لفظن کي بہ زهر آلود ڪري ڇڏيائون.

هو پنهنجون مرطوب دليون جڏهن باهہ ۾ وجهن ٿا تہ شعلو بہ طيش ۾ اچي وڃي ٿو ۽ جڏهن هو باهہ جي ويجهو ۽ اچن ٿا، تہ روح ئي ٿڪجي اُتي ٿو ۽ ٻاڦ ٿيڻ لڳي ٿو.

هنن جي هٿن ۾ ميوو ڳريو ۽ سڙيو وڃي ۽ هنن جي نظر پوڻ سان ميوي جا وڻ ئي ڪومائجيو ۽ سُڪيو وڃن.

۽ ڪيترائي فرد، جي زندگيءَ کان ڪناره ڪش ٿيل هوندا آهن، اُهي رڳو انبوهہ کان ڀڄل هجن ٿا: هو زندگيءَ جي نبار چشمن، شعلن ۽ ميون ۾ انهن جا ناصاف هٿ ۽ پير پريل ڏسڻ ۽ سهڻ کان قاصر هوندا آهن.

ڪيئي فرد، جي غير آباد جهنگلن ۽ بيابانن ڏانهن هليا وڃن ٿا ۽ حيوانن جيان اُتي بکيا پياسا مرن ٿا، اُنهن جو بہ ارادو اِهو هوندو آهي تہ هو آزاد هجن ۽ ڪين اُنن جهڙن اوٺين سان حوض تي گڏ ويهڻو نہ پوي.

جڏهن مون کي اِها خبر پئي هئي تہ زندگيءَ کي بہ تصادم جي، موت جي ۽ اَذيت جي صليبن جي گهرج هئي، تڏهن منهنجي نڙي برابر ڀرجي آئي هئي، پر ٻوسانجي ڪانہ پيئي هئي،

پر هڪ ڀيري جڏهن پاڻ کان مون کي سوال پڇڻو پيو هو تہ ڇا، زندگيءَ لاءِ اهڙا اَنبوهَ بہ ضروري آهن؟ تڏهن اُن تي منهنجو ساهہ ٻوسانجي ۽ بنهہ تَمر تي ويو هو.

ڇا، زهر آلود کوهہ ضروري آهن؟ بدبودار باهيون ۽ گندا خوب ۽ زندگيءَ جي رزق اندر ڪينئان ضروري آهن؟

منهنجي نفرت نہ، بلڪ اِها منهنجي ڪَراهت منهنجي زندگيءَ کي ڪنهن بڪايل بلا جيان پٽيندي ۽ ڪائيندي ٿي رهي.

افسوس، آءٌ اڪثر پنهنجي روح کان بيزار ٿي پيس، جڏهن اِهو ٿي معلوم ٿيم، تہ انبوهَن لاءِ بہ روحانيت جي دعوا ڪئي ٿي ويئي.

حڪمرانن کان مون منهن ڦيري ڇڏيو، جڏهانڪر مون کي معلوم ٿيو تہ هنن وٽ حڪمرانيءَ جي معنيٰ هئي: طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ سوديبازي، انبوهَن سان.

اجنبي ٻولي ڳالهائيندڙن سان مون زندگي بسر ڪئي آهي، ڪنن ۾ ڪپهہ وجهي: اِن لاءِ تہ جيئن آئون اُنهن جي ڏانڊل ۽ سوديبازيءَ کان ٻي تعلق رهي سگهان.

ماضيءَ ۽ حال جي سموري دور مان حال جي سچي زماني ۾ پڙهيل لکيل جاهلن جي بوءِ اچي ٿي!

هڪڙي معذور ۽ ڄڏي جيان، جو ٻوڙو، گونگو ۽ انڌو ٿي ويو هجي، مون گهڻيءَ مدت تائين زندگي ڪاٽي آهي، تہ جيئن طاقت پرست لکيل پڙهيل ۽ سک ـــ ڳولهائو انبوهن سان زندگي گهارڻي نہ پوي.

منهنجو روح گهڻي وقت ۽ گهڻيءَ خبرداريءَ سان ڏاڪڻ تي مٿي چڙهيو آهي؛ خوشيءَ جي خيرات اُن لاءِ تازگي بخش هئي؛ اِن طرح مون انڌي سان زندگي لٺ تي پير پير ۾ وجهي هلندي رهي آهي!

پوءِ منهنجو ڪهڙو حشر ٿيو؟ ڪَرهت کان مون کي ڪهڙيءَ طرح نجات ملي؟ ڪنهن منهنجي نظر کي نوبنو ڪيو؟ ڪهڙيءَ طرح مان اُن بلنديءَ تي پهتس جتي ڪوبہ 'ڌڙ' کوهن وٽ نٿو ويهي؟

ڇا، منهنجي ڪرهت ئي مون کي منهنجا کنڀ ڏنا ۽ نرمل چشمن جي سڃاڻپ جي ساڃهہ ڏني؟ واقعي مونٽي مسرت جي چشمي تائين پهچڻ لاءِ مون کي اوچين کان اوچين چوٽين تائين اڏامڻو پيو.

اي منهنجا ڀائرو! اُهو چشمو مون کي ملي ويو. اِجهو، هتي اوچيءَ کان اوچيءَ چوٽيءَ تي منهنجو مسرت جو چشمو اُڇري رهيو آهي! ۽ هيءَ اُها زندگي آهي، جنهن جي چشمن تي ڪوبہ اوباش منهنجو هم مشرب نہ آهي!

اي مسرت جا چشما، تون ڏاڍيءَ گهڻيءَ تيزيءَ سان وهي رهيو. آهين. ايتريءَ تيزيءَ سان ، جو تنهنجي روانيءَ سان مان پڇي نٿو سگهان! تون اڪثر ڀيهر پرڻ لاءِ پنهنجا ڀريل پيمانا هاريو ڇڏين!

پر تڏهن بہ، مون کي ڏاڍيءَ انڪساريءَ سان سڪڻو آهي، تہ توسان پنهنجي قرابت ڪيئن قائم رکان؛ ڇو تہ منهنجي اَجهل دل ڏاڍيءَ گهڻيءَ شدت سان توڏانهن ڇڪي رهي ٿي.

منهنجي دل، جيڪا منهنجي ارهڙ رُت جي تپش جو نشانو آهي. منهنجي زندگيءَ جي ننڍڙي، گرم، ملول ۽ بيحد مسرور آرهڙ جي گرم رُت؛ ڪيتري قدر منهنجي هِن جلندڙ دل کي اُن جي ٿڌَ ۽ سيتلتا جي اُڪير آهي!

منهنجي موسم بهار جو طويل درد ختم ٿي چڪو آهي! جون جي مهيني جي سهنيءِ برفباريءَ وارو عذاب بہ مون تان گذري چڪو آهي! آءٌ هاڻي سراپا آرهڙ بنجي چڪو آهيان. آرهڙ جي تاڪ منجهند!

تمام اوچين چوٽين تي آرهڙ، جن تي ٿڌيرا چشما آهن ۽ فرحت ڏيندڙ چپ چپات آهي: اي منهنجا دوستؤ، اچو تہ اِن چپ چپات کي وڌيڪ فرحت بخش بڻايون!

ڇاڪاڻ تہ هيءَ اسان جي ئي بلندي آهي ۽ اِهوئي اسان جو گهر آهي: اسان جي هيءَ منزل ايتري مٿي آهي ۽ اُبي آهي، جو اُهي جيڪي ناپاڪ آهن، اُهي ۽ اُنهن جي اُڃ جو گذر هِتي تي نہ سگهندو.

اي دوستو، پنهنجي پاڪ نگاهہ منهنجي مسرت جي چشمي تي رکو! اوهان جي اِن نگاهہ سان اِهو ڪو گدلو ٿي پوندو ڇا! نہ، اِهو تہ پنهنجي نرملتا ۽ پاڪائيءَ سان موٽي اوهان ڏانهن مُرڪندو.

اسين پنهنجو آشيانو مستقبل جي وڻ تي اڏينداسين: اسان هيڪلن لوڪن لاءِ، عقابَ پنهنجين چهنبن ۾ کاڌو کڻي ايندا!

واقعي، اسين پاڻ وٽ هِتي ناپاڪ ماڻهو لاءِ ڪو مڪان موجود نہ رکنداسين! اسان جي مسرت هُنن جي جسم ۽ جان لاءِ برفاني چِپ برابر هوندي!

۽ اسين هُنن کان مٿي تيز واچوڙي وانگر زندگي بسر ڪنداسين. عقابن جا پاڙيسري، هيٺ وسندڙ برف جا پاڙيسري، سج جا پاڙيسري: اِها آهي تيز ۽ جاندار هوائن جي دنيا ۽ اِهو آهي اُن جو اعليٰ مقام.

۽ هڪ ڏينهن آءٌ اُن هوا وانگر هُنن جي وچان لنگهندس ۽ پنهنجي روح سان هُنن جي روح جو ناطقو بند ڪندس: اِها آهي تقاضا منهنجي مستقبل جي.

واقعي زرتشت سيني پستين ۽ ڪثافتن جي لاءِ هڪ تيز واچوڙو آهي ۽ هو پنهنجن مخالفن ۽ ٻين سيني ٿُڪن اڇليندڙن ۽ قون قون ڪندڙن کي هي مشورو ٿو ڏئي: ”هوا جي سامهون ٿُڪن اڇلائڻ کان پاڻ سنڀاليو!“ -

زرتشت ايئن فرمايو.

# 29. زهريلا ڪوريئڙا!

ڏسو، هيءَ زهريلي ڪوريئڙي جي پاتاري آهي! ڇا، خود اُن کي بہ اوهين ڏسڻ گهرندا؟ هيءَ آهي هُنن جو ٽنگيل ڄارَ: ان کي هٿ لائي ڏسو، ڪيئن ڇُهڻ سان ئي ڀيو ڌهي نہ!

اجهو هو پاڻ اچي رهيو آهي! ڀلي ڪري آئين، زهريلا ڪوريئڙا! تنهنجو نشان، ڪارو ٽڪندو، تنهنجي پٺيءَ تي آهي، ۽ مون کي اِها بہ خبر آهي تہ تنهنجي روح اندر ڇا آهي.

تنهنجي روح اندر انتقام آهي: جتي تون ڏنگين ٿو، اُتي ڪارو داغ بيهي ٿو وڃي: انتم سان ڀريل تنهنجو زهر روح کي چڪرائي ڇڏي ٿو!

اي روح چڪرائڻ وارا، اي برادريءَ جي تعليم ڏيڻ وارا، واعظو! اِن طرح تمثيل ۾ آءٌ اوهان سان ڳالهايان ٿو. مون لاءِ اوهين زهريلا ڪوريئڙا آهيو، لڪي لڪي انتقام وٺندڙ!

پر آءٌ اوهان جون لڪل جايون جلد پڌريون ڪري ڇڏيندس: تنهن ڪري آءٌ اوهان جي حال تي زوردار ٽهڪ ڏيان ٿو.

تنهن ڪري آءٌ اوهان جي ڄارَ کي ڦاڙي رهيو آهيان، تہ جيئن اوهين غصي ۾ اچي، پنهنجي ڪوڙ جي پاتارين مان نڪري پئو ۽ اوهان جي انتقام پسندي اوهان جي ”انصاف“ واريءَ دعويٰ منجهان ڦاٽ ڪائي ٻاهر اچي.

ڇاڪاڻ تہ انسان جو انتقام کان نجات پائڻ_ اِها مون وٽ بلندترين اميد جي طرف وٺي وڃڻ جي پُل آهي ۽ هڪ اِندلٺ آهي، جا طويل ۽ ڳرن مينهن بند ٿيڻ کانپوءِ نڪري ٿي.

بهرحال، پڌرو آهي تہ ”برابريءَ“ مان: ”انصاف“ مان، زهريلن ڪوريئڙن جي ڪا ٻي مرضي آهي. ”بس، اِهوئي انصاف آهي تہ دنيا اسان جي انتقام جي طوفانن ۾ وڪوڙجي وڃي“ _ ائين هو پاڻ ۾ گفتگو ڪن ٿا.

”اسين پنهنجو انتقام وٺنداسين اُنهن سڀني کان ۽ بي عزتي ڪنداسين اُنهن سڀني جي جيڪي اسان جهڙا نہ آهن_“ اِيئن زهريلن ڪوريئڙن جون دليون ارادا ٻڌن ٿيون ۽ ناهہ ناهين ٿيون.

”۽ ’برادريءَ جو عزم‘ ئي نالو هوندو نيڪيءَ جو ۽ هر اُنهيءَ شيءِ جي خلاف اسين شور ۽ غوغا ڪنداسين جنهن کي طاقت آهي!“

اي برادريءَ جا واعظو، هيٺائيءَ جو ظالم جُنون ”برادري“ جي لاءِ اوهان جي اندر اِئين پڪاري ٿو: اوهان جون لڪل ۽ لڪل ظالم سڌون نيڪيءَ جي لفظن جو ويس پائي ظاهر ٿين ٿيون!

مايوس اَنا ۽ دبيل حسد ممڪن آهي ته اوهان جي اڳيانِ جو آپو ۽ حسدُ هجن: اِهي هاٺي انتقام جي شعلي ۽ جنون جي صورت ۾ اوهان مان ڦٽي نڪرنَ ٿا.

جا ڳالهه پيءُ پڌري نه ڪئي، سا پُٽ جي زبان تي اچي ٿي ۽ اڪثر مون ڏٺو آهي ته پُٽُ پيءُ جو راز فاش ڪري ٿو ڇڏي.

۽ هو جوشيلن ماڻهن جهڙا ڏيکارجن ٿا: مگر هُنن ۾ سندن دل خوش پيدا ڪانه ٿي ڪري— پر دل ۾ انتقام آهي، جو جوش پيدا ٿو ڪري. جڏهن هو چالاڪ ۽ بي ترس بڻجن ٿا، ته اُن جو سبب سندن روح نه آهي، بلڪ حسد ۽ بغض آهي، جو هنن کي اهڙو بڻائي ٿو.

هنن جو رشڪ ۽ حسد هنن کي غور ۽ فڪر ڪندڙن جي رستي ڏانهن نئي ٿو ۽ اِهائي هنن جي رشڪ ۽ حسد جي علامت آهي، جو هو اُن ۾ گهڻو پري نڪري ٿا وڃن: ايترا جو ٿڪجي آخرڪار هو ٻاهر، دور، تمام دور، برف جيان ٿڌا ٿي سمهي ٿا پون.

هنن جي هر دانهن ۾ شڪايت مان ڪينو ۽ ڪروڌ ٻولي ٿو، ۽ هنن جي هر ساراهه ۾ واڪاڻ مان بغض پڌرو ٿئي ٿو ۽ سزا ڏيندڙ منصف بڻجڻ ۾ هنن لاءِ حد کان زياده خوشي آهي.

مگر اي دوستو، آءٌ اوهان کي مشورو ٿو ڏيان، اهڙن تي ڀروسو نه ڪريو، جن ۾ سزا ڏيڻ جو جذبو ۽ جوش قوي آهي!

هو بد ذهن ۽ بدنصيب ماڻهو آهن: هنن جي شڪلين مان جلاد ۽ شڪاري ڪتي هئڻ جو پتو پوي ٿو.

سيني اهڙن ماڻهن تي ڀروسو نه ڪريو، جي پنهنجي انصاف جي ٻناڪ هڻن ٿا! واقعي هنن جي روحن ۾ ميناج ڪان سواءِ ٻين گهڻين شين جي به گهٽتائي آهي.

۽ جيڪڏهن هو خود پنهنجو پاڻ کي ”نيڪ ۽ منصف“ چون، ته ياد رکو ته هنن وٽ ’فريسي‘ *بڻجڻ لاءِ پيءَ ڪنهن به شيءِ جي کوٽ نه آهي، سواءِ طاقت جي!

---

* فريسي (Pharisees): يهودين جي هڪ فرقي جو نالو، جي پنهنجي دين جي اِرڪانن جي نهايت سختيءَ سان پيروي ڪندا هئا ۽ پنهنجي پاڻ کي ٻين يهودين کان نيارو ۽ علحدو رکندا هئا، ڇاڪاڻ ته اُنهن کي هو پاڻ کان گهٽ ۽ حقير خيال ڪندا هئا. اُنهن جو مثال اوائلي عرب مسلمانن ۾ خارجين ۽ انگلستان ۾ پيوريٽنس (Puritans) جهڙو آهي، يعني مذهبي

منهنجا دوستؤ!، آءٌ نتو گھران تہ اوھين مون کي ھين جھڙو سمجھو ۽ اُنھن سان ملائي ڇڏيو.

اھڙا ماڻھو بہ موجود آھن، جي منھنجي اصولن جو پرچار ڪن ٿا، پر ”برابريءَ“ جو پرچار بہ ڪن ٿا ۽ زھريلا ڪوريئڙا آھن.

اِھي زھريلا ڪوريئڙا زندگيءَ جي موافقت ۾ ڳالھائين ٿا، جيتوڻيڪ ھو خود زندگيءَ سان قطع تعلق ڪري، پنھنجن آڏن ۽ پاتارين ۾ لڪا ويٺا آھن. دراصل زندگيءَ جي ايذاءَ لاءِ ھنن اِھو طريقو اختيار ڪيو آھي.

اِن سان ھو اُنھن ماڻھن کي ايذاءُ ڏيڻ گھرن ٿا، جي ھِن وقت طاقت جا مالڪ آھن؛ ڇاڪاڻ تہ طاقت جا مالڪ پاڻ ئي موت جو پرچار بہ پسند ڪن ٿا.

جي حالت اِن کان ٻي ھجي ھا تہ زھريلن ڪوريئڙن جي تعليم بہ ٻي ھجي ھا ۽ اڳي ڪنھن دَور ۾ اِھي ئي ماڻھو ھئا، جن دنيا جي بيحد نفي ٿي ڪئي ۽ اِھي ئي مرتدن کي جيئرو ساڙيندا ھئا.

اِنھن برابريءَ جي واعظن سان آءٌ گڏجڻ ۽ اُنھن جھڙو ٿيڻ پسند نتو ڪريان؛ ڇاڪاڻ تہ منھنجو انصاف مون کي چوي ٿو، ”ماڻھو برابر نہ آھن، ماڻھو ھڪ جيترا نہ آھن“.

۽ نہ ئي ماڻھن کي ايئن ٿيڻ گھرجي! جيڪڏھن مان ٻيءَ طرح جون ڳالھيون ڪريان، تہ پوءِ ”فوق البشر“ سان منھنجي محبت جي ڪھڙي معنيٰ ٿيندي؟

ھزارن پُلين ۽ گذر گاھن مان لنگھي، ھنن کي مستقبل ڏانھن وڌي ويڃڻو آھي ۽ سدائين ھنن جي وچ ۾ نابرابري ۽ وڏي جنگ رھڻي آھي: اِيئن ئي چوارائي ٿي مون کان منھنجي اعليٰ محبت!

ھو پنھنجن مقابلن ۾ ۽ فيصلن ۾ بُت، ديوَ ۽ جِن ايجاد ڪندا ۽ پنھنجن اُنھن بتن، ديوَن ۽ جنن سان ھو ھڪٻين مان اعليٰ ويڙھ وڙھندا!

نيڪ ۽ بد، امير ۽ غريب، بلند ۽ پست، ۽ قدرن جا ٻيا مڙيئي نالا: ھي ھٿيار ھوندا، ۽ نمايان نشانَ، اِن ڳالھ جا تہ زندگيءَ کي بار بار پنھنجو پاڻ کي عبور ڪرڻ کپي!

---

ڳالھين ۾ سخت پائبند ۽ ڪٽا ماڻھو. ان ڪري انھن جي ٻي معنيٰ ٿيندي ”رياڪار يا ظاھر پرست“. فريسي فرقي کي عربيءَ ۾ ”فزيري“، انگريزيءَ ۾ ”فئرسي (Pharisee) ۽ جرمن زبان ۾ Pharisaer چوندا آھن. اِن جو مادو (Root) عبرانيءَ ۾ ”پ-ر-ش، ۽ عربيءَ ۾ ف-ر-ز آھي، جنھن جي معنيٰ آھي ”علحدو رھڻ“ يا ”ڌار رھڻ“، ”الڳ رھڻ“.

خود زندگي بلنديءَ ۽ مٿانهينءَ تي پنهنجو اهڙو گهر ٺاهڻ گهري ٿي، جنهن ۾ ٿنيا ۽ ڏاڪا هجن: هوءَ گهري ٿي تہ پري تائين پنهنجي نظر وجهبي، ۽ اُن هنڌ تائين، جتي فرحت بخش ۽ حَسين شيون هجن. تنهن ڪري اُن کي بلندي کپي!

۽ ڇاڪاڻ تہ اُن کي بلندي کپي، تنهن ڪري اُن کي ڏاڪا کپن ۽ ڏاڪن توڙي ڏاڪن تي چڙهڻ وارن جي گوناگوني کپي! زندگيءَ جي هيءَ منشا آهي تہ مٿي چڙهي ۽ چاڙهڻ وقت پنهنجي پاڻ کان سبقت کڻي وڃي.

اي منهنجا دوست، ڪجهہ ڏسو تہ سهي ! جتي زهريلي ڪوريئڙي جي پاتاري آهي، اُتي هڪ پراڻي عبادتگاهہ جا ڪنبر آهن. ايڏانهن ٽورو روشن خياليءَ سان نظر ڊوڙايو!

واقعي، جنهن شخص هتي پنهنجن خيالن کي پٿرن ۾ پلٽايو هو، اُهو عاقل ترين شخصن وانگر، زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي ڀيد کان واقف هو!

هتي بہ هو صاف صاف تمثيل سان اسان کي هيءَ تعليم ڏئي ٿو: خوبصورتيءَ ۾ بہ ڪشمڪش ۽ غير برابري ۽ طاقت ۽ بالادستيءَ لاءِ جنگ موجود آهي.

ڪهڙي نہ آسماني انداز سان هِن هنڌ گنبذ ۽ ڪمانون اِنهيءَ ڪشمڪش ۾ هڪٻئي سان اختلاف رکن ٿيون: ڪيئن نہ روشنيءَ ۽ سايي ۾ رهندي، اِهي هڪٻئي جي خلاف ڪارروايون ڪن ٿا_ هي مقدس ڪشمڪش ڪرڻ وارا_

اي منهنجا دوستو، اچو تہ عزم ۽ خوبصورتيءَ سان، هڪٻئي جا دشمن بڻجي وڃون! اسين آسماني انداز سان هڪٻئي جي خلاف ڪوشش ڪنداسين!....

اُف! اِجهو، خود منهنجي پراڻي دشمن، زهريلي ڪوريئڙي، مون کي ڏنگيو آهي! آسماني انداز سان، بيڌڙڪ ۽ خوبصورتيءَ سان هن منهنجي آڱر ۾ ڏنگ هنيو آهي.

ان جو هيءُ خيال آهي تہ "سزا ۽ انصاف جو هجڻ ضروري آهي: ڪوبہ هتي سزا کان سواءِ دشمنيءَ جا قصيدا ڳائي نہ سگهندو!"

ها، اِن پنهنجو انتقام وٺي ڇڏيو! ۽ افسوس، هاڻ هو منهنجي روح کي بہ انتقام جي چڪر ۾ آڻي ڇڏيندو!

منهنجا دوستو، مون کي هن ٿنڀي سان مضبوط ٻڌي ڇڏيو، تہ جيئن مون کي ڪنهن طرح چڪر نہ اچي! مون کي ٿنڀي جو موت بڻجڻ وڌيڪ پسند آهي، پر آءٌ انتقام جو واچوڙو ٿيڻ هرگز نٿو گهران!

واقعي، زرتشت کو منيءَ جو طوفان يا واچوڙو نہ آهي ۽ جيڪڏهن هو ناچو آهي، تہ بہ زهريلي ڪوريئڙي جو ناچ هن کي بلڪل نٿو اچي!___

زرتشت ايئن فرمايو.

# 30. مشهور دانشمند

اي مشهور دانشمندؤ، اوهان سيني ماڻهن جي ۽ ماڻهن جي اَنڌَ وشواس جي خدمت ڪئي آهي___ سچَ جي نہ! ۽ رڳو اِنهيءَ سبب ماڻهن اوهان جو احترام پئي ڪيو آهي.

۽ پڻ اِن ڪري هُنن اوهان جي بي اعتقاديءَ کي بہ برداشت ڪيو، ڇو تہ اُن ۾ بہ اُنهن جي پنهنجي لطف اندوزي آهي. هو نوڪرن کي ڍِرَ ڏيندا آهن ۽ اُنهن جي من موجيُن سان دل وندرائيندا آهن.

پر جنهن کي ماڻهو نفرت سان ڏسن ٿا، اِيئن جيئن شڪاري ڪتا بگهڙ کي، اُهو هڪُ آزاد جِيءَ آهي، هائو ۾ هائو نہ ملائيندڙ ، زنجيرن جو دشمن، پوڄا نہ ڪندڙ، پهاڙن ۾ رهندڙُ.

اُن کي اُن جِي گوشي تنهائيءَ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍڻ، اِهو هميشہ ئي ماڻهن لاءِ 'جائز ڪم' هو: اُن تي هو اچا تائين پنهنجن تکن ڪيڻانن وارا ڪتا ڇڏيندا آهن.

"سچ سدائين اتي آهي جتي ماڻهو آهن! سچ جا تلاش ڪندڙ لعنتي آهن، لعنتي آهن"___ پڙاڏو سدائين اِيئن ٻُرندو پئي رهيو آهي.

اي مشهور دانشمندؤ، اوهين پنهنجن ماڻهن جو اِنهيءَ سندن وشواس ۾ پاسو ڪٿو ٿا ۽ اِنهيءَ ڪري هو اوهان کي "سچ جا ضامن" سڏين ٿا.

اوهان جي دل سدائين اوهان کي چيو آهي: "ماڻهن وٽان مان آئي آهيان: اُتان ئي ڏٽيءَ جو آواز بہ مون وٽ آيو آهي".

گڏهہ وانگر اوهين سدائين ننڙ ۽ اَڪلي رهيا آهيو_ ماڻهن جي وڪيلن طورَ ۽ اُنهن جي وڪالت ۾.

۽ ماڻهن منجهان ڏاڍن ۽ زوراورن، ماڻهن سان گڏ ڊوڙڻ پئي گهريو آهي ۽ اُنهن پنهنجن گهوڙن جي آڏو هڪ گڏهہ_ هڪڙو ڪو مشهور دانشمند_ بہ، سدائين سنجي ٿاهي، پئي ڊوڙايو آهي.

۽ هاڻي، اي مشهور دانشمندؤ! مان گهران ٿو تہ اوهين آخري طور ۽ سڄي جي سڄي پنهنجي اِها پاتل شينهن جي کل لاهي ڇڏيو!

شڪاري جانور جي کَلَ، چٽڪمري کَلَ ۽ هڪ جاسوس، نوسيندڙ ۽ درندي جا اِهي ڪڙا تيل وارَ!

مون کي اوهان جي "ضمير پسنديءَ" ۾ اعتبار اچي، اُن کان اڳ اوهان کي پنهنجي احترام پسنديءَ جي عزم کي ٽوڙڻو پوندو.

ضمير پسندُ_ آءٌ اُن کي چوان ٿو جيڪو ديوتا _ محرومِ سُجَ ڏانهن وڃي ٿو ۽ پنهنجي احترام پسندِ دل کان آزاد هجي ٿو.

چمڪندڙ واريءَ ۾، اُس کان جَلِي کامِي، بيشڪ اُهو اُج جو ماريلُ مرغزارن ڏانهن نهاري ٿو جتي چشما آهن ۽ جتي زندگي وڻن جي ٿڌيءَ ڇانوَ ۾ آرامي آهي.

پر هُن جي اُج هُن کي اِن تي آماده نٿي ڪري تہ هو بہ اُنهن آرام طلبن وانگر ٿئي، ڇاڪاڻ تہ جتي خيابانَ هوندا آهن، اُتي بُت بہ هوندا آهن.

بکايل، خوفناڪ، تنها، ديوتا _ محروم: شينهن جي دل ۽ شينهن جو عزم رکندڙ پنهنجي لاءِ اِها پسند رکي ٿو.

غلاميءَ جي آرام کان بالاتر، ديوتائن ۽ اُنهن جي پوڄائُن کان ڇُٽل، بي خوف ۽ خوفناڪ، مانائتو ۽ هيڪلو: ضميرپسندَ جو عزم اِهو هجي ٿو.

ضمير پسندَ سدائين سُجَ جا رهواسي ٿين ٿا، آزاد روحَ جيڪي سُج جا سرواڻ هجن ٿا ۽ آبادين ۾ رهندڙ سدا ڍاوَل ۽ پَريل آهُرَن تي بيٺل، مشهور دانشمند___ لاڏو جانور.

جو تہ اُهي سدائين ڇڪيندا رهن ٿا، گڏهن وانگر، ماڻهن جا ڇَڪڙا!

اِيئَن ڪونهي تہ مان اِن ڪري هُنن کي ڏوهہ ٿو ڏيان: پر رهن هو نوڪَرَ ئي ٿا ۽ جُتيل، جيتوڻيڪ سَنجَن سان هُنن جي چمڪ ڏسڻ وٽان هوندي آهي.

۽ اڪثر هو سٺا خادم هجن ٿا ۽ پنهنجي اُجرت جي لائق. ڇاڪاڻ تہ نيڪيءَ جو قول آهي، "توکي جي خادم ئي رهڻو آهي، تہ ڳولي اهڙي مالڪ وٽ وڃ جنهن کي تنهنجي خدمت وڌ ۾ وڌ ڪم اچي!

"تنهنجي مالڪ جو روح ۽ نيڪيون وٽس تنهنجي خادم هجڻ سان وڌنديون ۽ اِيئَن ئي هن جي روح ۽ نيڪين جي وڌڻ سان تون پاڻ بہ وڌندين."

واقعي اوهين اي مشهور دانشمندؤ اوهين اي ماڻهن جا خادمؤ! ماڻهن جي روح ۽ نيڪيءَ سان گڏ اوهين وڏيا آهيو_ ماڻهو بہ اوهان جي ڪري وڏيا آهن. اِيئن آءٌ اوهان جي عزت طور چوان ٿو!

پر منهنجي لاءِ اوهين بہ ماڻهو ئي آهيو، ماڻهن جهڙا ماڻهو، پنهنجين نيڪين سان بہ اُهي ئي چُنجهين اکين وارا، اَڌ انڌا، عامن جا عامَ_ اُهي جن کي ڄاڻ نہ آهي تہ روح ڇا آهي.

روح زندگي آهي، جيڪو پاڻ کي اَڌيءَ تي رکي ٿو ۽ زندگي ماڻي ٿو: پاڻَ پنهنجيءَ پيڙا سان پنهنجو عِرفان وڌائي ٿو،_ ڇا اڳ اوهان کي اِها ڄاڻ هئي؟

۽ روح جي خوشِي هيءَ آهي: قربانيءَ جي نشاني بڻجڻ لاءِ پنهنجن ڳوڙهن سان پاڻ کي غسلِ ڏيئي ايئن تيار ڪري جيئن قربانيءَ جي جانور جي مٽي تي تيل اوتي قربانيءَ لاءِ اُن کي پاڪ بڻائبو آهي،_ ڇا اڳ اوهان کي اِها ڄاڻَ هئي؟

انڌي جي نابينائي، هن جون هٿوراڙيون هڻڻُ ۽ منجهيلن وانگر ڳولهڻَ، وري بہ سج جي تيزيءَ ۽ طاقت جي گواهي ڏئي ٿو، جنهن ڏانهن هن ڪڏهن گهوري نهاريو هو،_ ڇا اڳ اوهان کي اِها ڄاڻ هئي؟

۽ بصيرت جي صاحب کي گهرجي تہ پهاڙن کي ڪٽي اُنهن سان عمارت اڏڻ سکي! رڳو پهاڙن کي پنهنجيءَ جاءِ تان هٽائڻ، سا ڳالهہ روح لاءِ رواجي آهي،_ ڇا اڳ اوهان کي اِها ڄاڻ هئي؟

اوهان کي رڳو روح جي چڻنگن جي خبر آهي: اوهين سَنداڻ نٿا ڏسو، جيڪا اُهو پاڻ آهي ۽ نہ وري اُن تي ڦهڪندڙ مُترڪي جي شدت کي ڏسو ٿا!

واقعي، اوهان کي روح جي فخر جي ڄاڻ نہ آهي! پر اُن جو نياز اُن کان ئي گهٽ اوهين گوارا ڪري سگهندا، جي هو رڳو اوهان سان ڪڏهن ڳالهائڻ چاهي!

۽ اڃا اوهين پنهنجي روح کي هرگز برف جي خندق ۾ اڇلائي نہ سگهندا. اِيئن ڪرڻ لاءِ اَڃا اوهان وٽ ڪافي گرمي نہ آهي! ساڳيءَ طرح، اوهين اُن جي ٿڌاڻ جي لطف کان بہ اَڻڄاڻ آهيو.

بهرحال اوهين هر معاملي ۾ روح سان ڏورانهون ياراڻو ڳنڍيو ٿا ۽ علم ۽ دانش کي اوهان اڪثر ڪمتر شاعرن جو لنگرخانو ۽ مريض خانو بڻائي ڇڏيو آهي.

اوهين ڪي عقاب نہ آهيو: اِن ڪري اوهان کي روح جي پُرخطر بيداريءَ جي جوش ۾ مسرت جو تجربو نہ آهي. جو شخص پکي نہ آهي، تنهن کي پهاڙن جي چوٽيءَ مٿان پنهنجو بسيرو بنائڻ نہ کپي.

آءٌ اوهان کي نيم گرم ٿو ڏسان: پر معرفت جو هر اونهو درياهہ ٿڌائيءَ سان وَهي ٿو. روح جي اندروني تَهن جا چشما برف جيئن سرد آهن: پر اُهي گرم هٿن لاءِ ۽ اُنهن سان ڪم ڪندڙن لاءِ تازگي بخش آهن.

آءٌ ڏسان ٿو تہ اوهين پُروقار بيٺا آهيو، سِيٺيا ۽ ڪڙا_ تڙا، اي مشهور دانشمندؤ! نڪا سخت هوا اوهان کي لوڏي ٿي ۽ نہ ئي ڪو تازو ارادو اوهان کي ڌوڏي ٿو.

ڇا، اوهان ڪڏهن بہ سمنڊ تي ويندڙ ڪنهن غوراب جو سِڙهہ ڪونہ ڏٺو آهي، جو هوا ۾ ڀرجي ٿو ۽ ڦوڪجي گول ٿئي ٿو، ۽ طوفان جي زور ڪان جنبش ۾ ايندو آهي ۽ ڪنبڻ لڳندو آهي؟

روح جي زور ڪان اُن جنبش ۾ ايندڙ ۽ ڪنبندڙ سِڙهہ جيان، منهنجي دانش، منهنجي بي پناهہ دانش، سمنڊَ چيريندي اڳتي وڌي ٿي ۽ اُنهن کي عبور ڪري ٿي.

پر، اي اوهين ماڻهن جا خادمؤ! عامَ جا حامي نوڪرؤ! اي اوهين مشهور دانشمندؤ! اوهين اِن سفر تي مون سان گڏ ڪيئن هلي سگهندا!__

ايئن زرتشت فرمايو.

# 31. رات جو گيت

رات ٿي ويئي: هاڻي سيني تيزيءَ سان اُڀرندڙ چشمن جو آواز ڏاڍي زور سان ٻڌڻ ۾ ٿو اچي ۽ منهنجو ساهہ پڻ هڪ تيز اُڀرندڙ چشمو آهي.

رات ٿي ويئي: هاڻي سيني پريم وارن جا گيت سجاڳ ٿي رهيا آهن. ۽ منهنجو ساهہ بہ هڪ پريميءَ جو گيت آهي.

منهنجي اندر ۾ ڪا بيتاب شيءِ آهي، جنهن جي بيتابي ڪڏهن بہ ختم ڪانہ ٿيندي، اها ڳاڻ کي اظهارڻ جي آرزومند آهي. منهنجي اندر ۾ محبت جي تمنا آهي، جيڪا خود بہ محبت جي زبان ۾ ڳالهيونَ ڪرڻ گهري ٿي.

آءٌ نُور آهيان: ڪاش، آءٌ رات هجان ها! پر اِهائي منهنجي تنهائي آهي، جو منهنجي چؤڌاري نُور جو گهيرو آهي!

ڪاش، آءٌ اونداهو هجان ها، رات جهڙو! ڪيئن نہ آءٌ روشنيءَ جي ڇاتيءَ مان کير چوسيان ها!

خود اوهين بہ منهنجي دعا جي مستحق بڻجو ها، اي ننڍڙا چمڪندڙ تارا، آسماني ڪڙ ڪبيتا! ۽ اوهان جي نعمت سان آءٌ لطف اندوز ٿيان ها.

پر آءٌ پنهنجي ئي نُورَ ۾ جيئان ٿو ۽ جي شعلا مون مان ڦٽي نڪرن ٿا، مان اُنهن کي ئي پيئان ٿو.

ہٿي ڪان ڪجھ ملڻ ۾ جيڪا خوشي آهي، تنهن کان آءٌ اڄاڻ آهيان ۽ پنهنجي خيال ۾ اچي ٿو تہ ايئن ملڻ کان چورائي وٺڻ شايد بهتر محسوس ٿئي.

منهنجي محرومي اِها آهي، جو منهنجو هٿ ڏيڻ کان ڪڏهن نٿو رڪجي؛ اِهوئي منهنجو رشڪ آهي تہ آءٌ بہ انتظار ڀريل اکين ۽ تمنا سان روشن ٿيل راتين جو احساس ماڻيان.

هاءِ، سيني ڏيڻ وارن جو ڏک! هاءِ، منهنجي سج جو گرهڻ! هاءِ، تمنا ڪرڻ جي تمنا! هاءِ، پوري ڍوَ ۾ شديد بُک جو احساس!

هو مون کان وٺن ٿا: پر ڇا، آءٌ پوءِ بہ هنن جي روح کي ڇُهان ٿو؟ ڏيڻ ۽ وٺڻ جي وچ ۾ وڏي کاهي آهي؛ ۽ سڀ کان ننڍيءَ کاهيءَ تي بہ پُل تہ اَڏڻي آهي.

منهنجي جمال منجهان هڪ قسم جي اوڻائي اڀري ٿي: جن کي آءٌ روشن ڪيان ٿو، تن کي ڪجھ ورنداهيان بہ ٿو؛ جن کي آءٌ ڏيان ٿو تن کان ڪجھ لُٽڻ بہ گهران ٿو:_ اهڙيءَ طرح آءٌ بديءَ لاءِ بڪايل ٿو رهان؛_

هٿ روڪڻ لاءِ بہ، جڏهن ٻيو هٿ مون ڏانهن وڌي ٿو اچي؛ پس و پيش ڪندي، آبشار جيئن، جو ڪِرڻ وقت ڪجھ هبڪندو بہ آهي: اِيئن آءٌ بديءَ لاءِ بڪايل رهان ٿو!

منهنجي تونگري اِن قسم جو بدلو سوچي ٿي: اِن قسم جي حرڪت منهنجي هيڪلائيءَ مان اُڀري ٿي.

ڏيڻ ۾ منهنجي خوشي، ڏيندي مري ويئي؛ منهنجي نيڪي پنهنجيءَ گهڻائيءَ سبب پنهنجي پاڻ کان بيزار ٿي پيئي!

جو سدائين ڏيندو ٿو وتي، تنهن جي حيا جي زائل ٿي وڃڻ جو خطرو آهي؛ جو هميشہ ورهائي ٿو، اُن جو هٿ ۽ اُن جي دل سست ۽ بي حس ٿيو پون.

سائلن جي شرم تي منهنجي اکين ۾ هاڻي لڙڪ ڀرجي نٿا اچن؛ منهنجو هٿ اهڙو سخت ٿي ويو آهي، جو وٺندڙ هٿن کي ڏڪندي ڏسي، جنبش ۾ ڪونہ ٿو اچي.

ڪيڏانهن ويا منهنجي اکين جا لڙڪ، ۽ ڪيڏانهن ويئي منهنجي دل جي نرمائي؟ هاءِ، سيني ڏيڻ وارن جي هيڪلائي! هاءِ، سيني روشني ڪندڙن جي ماٺ!

ويران فضا ۾ ڪيئي سج گردش ڪن ٿا: هر هنڌ جتي اونداهي اُت اُت هو نُور جي زبان ۾ ڳالهائين ٿا_ پر مون سان اُهي ماٺ آهن!

هاءِ هيءَ بيگانگي آهي، جا روشنيءَ کي هر چمڪندڙ شيءِ سان ٿيندي آهي: پنهنجي واٽ وٺي، بيدرديءَ سان اِها گذريو ٿي وڃي.

هر چمڪندڙ شيءِ ڪان دلي طرح ناراض، ٻين سيني سِجن سان بي مروت:_ اِهو آهي سفر هر ڪنهن سج جو.

سجَ طوفان وانگر پنهنجو رستو طيءِ ڪن ٿا: اِهو آهي هُنن جو سفر. هو پنهنجي اجهل ارادي جي پيروي ٿا ڪن: اهڙي آهي هُنن جي بي مروتي.

او، اوهين اونداها، رات جهڙا! هائو اوهين ئي آهيو، جي روشن ۾ چمڪندڙ شين مان گرمائش ٿا وٺو! اوهين ئي آهيو، جي نُور جي ڇاتيءَ مان کير ۽ ٿاڌليون پيئو ٿا!

آهه، منهنجي چوڌاري برف ئي برف آهي؛ منهنجو هٿ برف کي هٿ لائڻ سان سڙي ٿو! آهه، منهنجي اندر ۾ پياس آهي؛ جا بي چين آهي اوهان جي پياس لاءِ!

رات ٿي ويئي: افسوس، جو مون کي نُور ئي رهڻو آهي! ۽ رات وارن جي لاءِ پياسَ! ۽ هيڪلائي!

رات ٿي ويئي: هاڻي منهنجي تمنا ڦوهاري جيان مون ۾ ڦُٽڻ لاءِ بيتاب آهي: _ مون ۾ بيتابي آهي ڳالهه ڪرڻ جي.

رات ٿي ويئي: هاڻي سڀني تيز اُڀرندڙ چشمن جو آواز ڏاڍي زور سان ٻڌڻ ۾ ٿو اچي ۽ منهنجو ساهه به هڪ تيز اُڀرندڙ چشمون آهي.

رات ٿي ويئي: هاڻِي، سڀني پريم وارن جا گيت سجاڳ ٿي رهيا آهن_ ۽ منهنجو ساهه به هڪَ پريميءَ جو گيت آهي___

اِهو هو گيت زرتشت جو.

# 32. ناچ جو گيت

هڪ ڏينهن شام جو زرتشت پنهنجن معتقدن سان گڏ جهنگ مان لنگهيو ۽ هو هڪ چشمي جي ڳولها ۾ هو، تہ هو سبزه زار تي پهتو، جنهن جي چوڌاري وڻَ ۽ ٻُوڙا چپ چاپ بيٺا هئا ۽ اُن سلوڪ تي ڪنواريون ڇوڪريون نچي رهيون هيون. جيئن ئي ڇوڪرين زرتشت کي ڏٺو ۽ سڃاتو، هُنن ناچ بند ڪري ڇڏيو؛ پر زرتشتُ مُرڪندو هُنن وٽ ويو ۽ هيئن چيائين؛

ناچ بند نہ ڪريو، اي پياريون نينگريو! آءٌ جو اوهان وٽ آيو آهيان، تہ ڪو بد نظريو يا ڪيلَ۔ بگاڙُو ٿي ڪونہ آيو آهيان، ۽ نہ اوهان جو ڪو ويري بڻجي آيو آهيان.

يلا، اِيئن ڪيئن ٿي سگهي ٿو، اي سُبُڪ رفتارؤ، تہ آءٌ خدائي مسرتن جو ورودي هجان؟ يا ڳيرو نينگرين جي نازڪ پيرن جي آوازان جو؟

سچ چوان تہ، آءٌ هڪڙو جهنگ آهيان ۽ گهُگهہ وڻن جي هڪ رات: پر جيڪو منهنجي اُوندهہ کان نٿو ڊڄي، سو منهنجي سروَ جي وڻن هيٺان گلاب جا ٻوٽا لهندو.

۽ اُت ڪيس اُهو ننڍڙو ديوتا بہ ملي سگهندو، جنهن کي ڳيرو نينگريون سڀ کان وڌ پيار ڪن ٿيون: هو چشمي جي پرسان چپ چاپ اکيون پوريون ليٽيو پيو آهي.

واقعي، اُهو ٿوڙي ڏينهن ڏٺي جو سمهي پيو آهي! پر، ڇا، اُهو پوپٽن جي ڪَڏَ تمام گهڻو تہ نہ ڊُڪيو آهي؟

اي سهڻيون نچندڙ ڇوڪريون، مون کان اوهين ناراض نہ ٿجو، جيڪڏهن هِن ننڍي ديوتا جي آءٌ ٿوري گوشمالي ڪريان! هو ضرور رڙيون ڪندو، ۽ روئندو۔ پر هو روئندي بہ تہ ڪلائڻ وارو آهي!

۽ هو ڳوڙهن ڀريل اکين سان پاڻ اوهان کي نچڻ لاءِ منٿ ڪندو ۽ آءٌ هُن جي ناچ سان خود بہ هڪ گيت ڳائيندس:

هڪڙو ناچ جو گيت، اُن ڳري روح تي چٽر جو گيت: اُهو مون لاءِ وڏي ۾ وڏو ۽ ڏاڍو سگهارو شيطان آهي، ۽ اُن لاءِ ماڻهو چون ٿا تہ "دنيا جو مالڪ آهي"!۔

۽ هيءُ آهي اُهو گيت، جو زرتشت ڳايو، جڏهن 'ڪيوُپڊ'، پيار جي اُن ننڍڙي ديوتا ۽ ڳيرو نينگرين گڏجي ناچ ڪيو:

تازو ئي، اي زندگي! مون تنهنجي اکين ۾ ڇتائي ڏٺو ۽ مون کي اِيئن لڳو، ڄڻ آءٌ اُتي اوڙاهہ ۾ ٻڏندو ٿو وڃان.

پر تو سونهري ڪُنڍي وجهي، ڇڪي مون کي ٻاهر ڪڍيو ۽ جڏهن مون چيو تہ تون اوڙاهہ آهين، تڏهن تو مون تي سخت ٺوڪ ڪئي.

تو چيو، "سيني مڇين جي اِها ئي ٻولي آهي. جنهن جي تَري تائين هو نٿيون پهچن، اُهو هُنن لاءِ اوڙاهہ آهي!

پر آءٌ تہ رڳي چنچل آهيان ۽ وحشي، سڄي بنهہ هڪ عورت ۽ ڪا نيڪدامن بہ نہ!

جيتوڻيڪ اوهين مرد مون کي 'اوڙاهہ' تا سڏيو، 'با وفا'، 'لافاني' ۽ ڪا 'پُرسرار' شيءِ.

پر اي مردؤ، اي نيڪدامنؤ! اوهين پنهنجن ئي ګڻن سان اسان کي رڱيو ٿا!"

اهڙيءَ طرح هُن مذاق ڪئي، اُن اٽويساهيءَ ۽ بي اعتبار تي! پر جڏهن اُها اِيئن پاڻ پنهنجي ګِلا ڪري ٿي، تہ مون کي نہ مٿس اعتبار ٿو اچي، ۽ نہ سندس کِلَ تي.

۽ جڏهن مون ڊُوبدؤ پنهنجي خود_ مست دانشمنديءَ سان ڳالهايو تہ اُن ڪاوڙ ۾ اچي چيو، "توکي ارادو آهي، توکي ذوق آهي، تون پيار ڪرين ٿو: رڳو اِنهيءَ ڪارڻ تون زندگيءَ جي ساراهہ ڪرين ٿو!"

پوءِ مون اُن کي ذري ګهٽ اوتريءَ ئي ڪاوڙ ۾ جواب ڏنو ۽ اُن ڪاوڙيلَ کي سچ چئي ڏنو: ۽ جڏهن پنهنجي دانشمنديءَ کي ماڻهو "سچ چئي ٿو ڏئي"، تہ وڌيڪ ٻيءَ ڪنهن ڪاوڙ ۾ جواب ٿي بہ نٿو سگهي.

اِهو ئي حال آهي هاڻي اسان ٽنهي جو. دل ۾ آءٌ فقط زندگيءَ کي ئي پيار ڪريان ٿو__ ۽ سچ تہ سڀ کان گهڻو اُن وقت جڏهن آءٌ اُن کي ڌڪاريان ٿو!

پر منهنجو دانشمنديءَ کي ګهرڻُ ۽ اڪثر تمام ګهڻو ګهرڻُ، اِن ڪري آهي، جو اُها مون کي زندگيءَ جي تمام ګهڻي ياد ڏياري ٿي!

هِن جون اکيون اُن جهڙيون آهن، کِلڻ اُن جهڙو آهي، بلڪ ٻنهي جي سونهري کُنڊي ۽ ڏور بہ هڪجهڙي آهي ۽ اِن ۾ منهنجو ڏوهہ بہ ڪهڙو، جو ٻنهي ۾ ايتري هڪجهڙائي آهي!

۽ هڪ ڀيري جڏهن زندگيءَ مون کان پڇيو، "اِها آهي تہ ڪيرَ، جنهن کي تون دانشمندي ٿو چوين؟"_ تہ مون اتساهہ وچان جواب ڏنو: "اُها! دانشمندي!

ماڻهن کي اُن جي پياس رهي ٿي ۽ اُها پوري نٿي ٿئي: هو پردي پٺيان جهاتيون پائي اُن کي ڏسن ٿا ۽ ڄارين جي وسيلي، پوريءَ جانفشانيءَ سان اُن کي پڪڙين ٿا.

چا، اُها خوبصورت آهي؟ آءٌ چا ڄاڻان! پر جهوني ۾ جهونيون آزمودگار مڇيون بہ اُن جي چوڳي تي هر ڪجهي وجهن ٿيون.

هوءَ چنچل آهي ۽ ڀاڙُ هُرتي: اڪثر مون هن کي پنهنجي چپ کي چڪ پائيندي، ۽ پنهنجن وارن کي ابتي ڦڻي ڏيندي ڏٺو آهي.

شايد هوءَ بدمزاج ۽ ڪپٽي آهي ۽ هر حيثيت کان عورت: پر جڏهن هوءَ پنهنجي گِلا پاڻ ڪري ٿي، اُن وقت ئي هوءَ دلين کي سڀ کان گهڻو ڏتاري ٿي."

جڏهن مون زندگيءَ کي اِيئن چيو، تہ هوءَ ڦڪي ٿِي کلڻ لڳي ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيائين. پوءِ چوڻ لڳي: "تون ڪنهن جي تو ڳالهہ ڪرين؟ شايد منهنجي؟

۽ تنهنجو چوڻ برابر بہ هجي___ تڏهن بہ ڪو اِيئن منهنجي مُنهن تي چوڻ مناسب آهي! پر هاڻي پنهنجي دانشمنديءَ جو بہ تہ ذڪر ڪر!"

آه، اي پياري زندگي، هاڻي تو وري پنهنجيون اکيون کولي ڇڏيون! ۽ مون کي وري ايئن ٿو معلوم ٿئي، ڄڻ آءٌ اوڙاهہ ۾ ٻڏندو ٿو وڃان.___

اِهو هو گيت زرتشت جو. پر جڏهن ناچ ختم ٿي ويو ۽ ڇوڪريون هليون ويون، تہ هو اداس ٿيڻ لڳو.

آخرڪار هو هيئن چوڻ لڳو: سج لٿي کي گهڻي دير ٿي چڪي آهي: وڻن ۽ ٻوٽن تي اونداهہ ڇائنجي ويئي آهي ۽ جهنگ جي طرف کان ٿڌي هوا اچڻ لڳي آهي.

ڪو نامعلوم وجود منهنجي آسپاس آهي ۽ غور ۽ خوض سان تڪي رهيو آهي. هي ڇا؟ زرتشت، تون اڃا زنده آهين؟

ڇو؟ ڇاڪاڻ؟ ڇا تي؟ ڪيڏانهن؟ ڪٿي؟ ڪيئن؟ ڇا، اڃا تائين زنده رهڻ حماقت نہ آهي؟...

آه! منهنجا دوستؤ، اِها خود شام ئي آهي، جا منهنجي اَندرَ مان اِيئن سوال ڪري ٿي. آءٌ پنهنجي اداسائيءَ ۽ افسردگيءَ جي معافي ٿو وٺان.

شام ٿي ويئي آهي: مون کي معاف ڪريو، جو شام ٿي ويئي آهي!"

اِهو هو گيت زرتشت جو.

# 33. گيت تربتن جو

دُور، هوڏانهن، هُو تربتن جو ٻيٽ آهي، خاموش هڪ ٻيٽ: دُور، اُتي ئي آهن، منهنجي جوانيءَ جون تُربتون، اوڏانهن ئي آءٌ زندگيءَ جو سدا سرسبز سَهرو کڻي ويندس.

اِهو ارادو دل ۾ آڻي، مون سمنڊ تي هاڪاريو.__

آه، اوهين منهنجي جوانيءَ جا منظرَ ۽ مڪانَ! آه، اوهين سڀ منهنجي محبتن جا نوري نظارا، اڪ چنبي ۾ گذري ويل ديوتا_ سروپ چمتڪارَ! ايترو اوچتو منهنجي لاءِ اوهين ڪيئن ختم ٿي ويا! اڄ اوهان لاءِ اِئين ٿو سڪان جيئن پنهنجن مري ويلن يارن لاءِ.

اوهان وٽان ئي، منهنجا پيارا وچڙيل ساٿيئو، مون کي مِٺو سواد ملي ٿو_ مَن جا تاڪ کولڻ وارو، اُن کي رجائڻ وارو. سچ پچ، اُهو مون هيڪلي ساموندڊيءَ جي دل کي اُٿلائي ٿو وجهي ۽ خالي ڪري ڇڏي ٿو.

پوءِ بہ آءٌ سڀ ڪان وڌ مالدارُ آهيان ۽ هرڪو مون سان رِيس ڪري سگهي ٿو_ آءٌ جيڪو وڌ ۾ وڌ هيڪلو آهيان! ڇو تہ اوهين مون سان رهيا آهيو ۽ آءٌ اڃا بہ اوهان سان آهيان. اوهين ئي مون کي ٻڌايو: ٻئي ڪنهن لاءِ وڻ مان اهڙا رسيل صوف ڇڻيا آهن، جيئن مون لاءِ اُهي ڇڻيا ۽ مون اهي ماڻيا!

پر پوءِ اوهان دشمنن منهنجون راتيون چورايون ۽ اوجاڳيل پيڙا جي حوالي ڪري ڇڏيون: هاءِ، اُها خوشين ڀريل ڏاهپ هاڻي ڪيڏانهن گم ٿي ويئي؟

ڪڏهن مون خوش آئند سهارن لاءِ تانگهيو هو: پوءِ اوهان منهنجي راهه ۾ خبيث چبرا ڇڏي ڏنا. هاءِ، منهنجي اُها نفيس تانگهه پوءِ ڪيڏانهن گم ٿي ويئي؟

ڪڏهن مون هر ڏڪار کي ڪدي ڇڏڻ جو قسم کنيو: پوءِ اوهان منهنجا پنهنجا ۽ منهنجا ويجهي ۾ ويجها مون کان ڦيري، منهنجا پوسرنڊڙ ڦٽ بڻائي ڇڏيا. هاءِ، پوءِ منهنجو اُهو اوچي ۾ اوچو وچن ڪيڏانهن گم ٿي ويو؟

ڪڏهن آنڌي جيان اکيون بند ڪري، آءٌ نيڪيءَ جي راهه تي ٿي هليس: پوءِ اوهان مون انڌي جي گس تي گند اڇليو ۽ هاڻي هُو اُن پراڻيءَ پيرت مان بيزار آهي.

۽ جڏهن مون پنهنجو ڪنيل سخت ۾ سخت ڪم پورو ڪيو ۽ پنهنجي سوين جي خوشي ملهائي، تڏهن اوهان منهنجن سڀ ڪان پيارن جي واتان مون کي چوارايو تہ اُن سان مون اُنهن کي وڌ ۾ وڌ ڏکايو هو!

تحقيق، اِها سڄي اوهان جي ڪارستاني هئي: اوهان منهنجي نبار ماکيءَ کي مون لاءِ ڪڙو ڪيو ۽ اِيئن منهنجين بهترين ماکيءَ جي مکين جو اورچ سعيو ناڪام بڻايو.

منهنجي سخاوت لاءِ اوهان سڀ کان وڌ ڪروڙي پينؤ موڪليا آهن؛ منهنجيءَ همدرديءَ کي اوهان سدائين سڀ کان وڌ نرلڄن هٿان آزمايو آهي. اِيئن نيڪيءَ ۾ منهنجي ايمان کي اوهان زخم رسايا آهن.

۽ پوءِ جڏهن مون پنهنجي سڀ کان وڌ مقدس شيءِ جي بہ قرباني پيش ڪئي، تہ يڪدم ۾ هڪدم اوهان جي ”تقويٰ“ پنهنجون وڏيڪ سٽيون شيون آڻي اُن جي پاسي کان رکيون ۽ اِن طرح منهنجي مقدس ترين قرباني اوهان جي سٽپ جي دونهاٽ ۾ ٻوساڻجي ويئي.

۽ هڪ ڀيري، ترنگ ۾ اچي، مون اِيئن رقص ڪرڻ چاهيو جيئن اڳ ڪڏهن نہ ڪيو هومر: سيني آسمانن کان مٿانهون رقص ڪرڻ مون گهريو هو. پوءِ اوهان منهنجي پياري چارڻ کي بگاڙي ڇڏيو.

۽ هاڻي، هُن هڪ ڀوائتي ۽ مايوس تند ڇيڙي آهي؛ افسوس، منهنجي ڪن تي هُن توتاريو آهي هڪ اُداس آلاپ!

او خوني چارڻ، بديءَ جا هٿيارَ، اَت معصوم هٿيارَ! آءٌ ڏاڍي اعليٰ رقص لاءِ تيار بيٺو هوس: تو پوءِ پنهنجن اِنهن سُرن سان منهنجي امنگ کي ڪُهي ڇڏيو!

آءٌ فقط رقص ۾ ئي اعليٰ ترين شين جي تمثيل پڌائڻ ڄاڻان ٿو: - ۽ هاڻي هيءَ منهنجي عظيم ترين تمثيل منهنجن عضون ۾ اَڻ- پڌايل رهجي ويئي!

اَڻ پڌايل ۽ اَڻ موڪيل منهنجي هيءَ اعليٰ ۾ اعليٰ اميد رهجي ويئي! ۽ اِن سان منهنجي جوانيءَ جا سڀ خواب ۽ اُن جون سڀ دلداريون ۽ آٿت دفن ٿي ويا!

هي سڀ مون ڪيئن سٺو؟ ڪيئن آءٌ باقي رهيس ۽ ههڙا سڀ زخم کائي سگهيس؟ ڪيئن منهنجو روح وري اُنهن تربتن مان نڪري ٻاهر آيو!

هائو، مون وٽ مِڙيو ئي ڪي ڪجهه آهي، جو نِڏَڪُ آهي، جيڪو دفن ٿيڻ کان مٿي آهي، اُهو ڪجهه جيڪو جبلن کي ڏاري اَڏ ڪري سگهي ٿو: اُن کي سڏجي ٿو: منهنجو ارادو. سالن جا سال اُهو اُهڙي جو اُهڙو رهي ٿو ۽ چپ چاپ ڪم سان لڳو رهي ٿو.

منهنجن پيرن تي اُهو پنهنجو رستو طيءِ ڪري ٿو، منهنجو اُهو جهُونو ارادو؛ دل جي مضبوطي، اُن جي فطرت آهي؛ ۽ اُهو نِڏَڪُ آهي.

آءٌ پاڻ نڌڪ آهيان، رڳو پنهنجي ڪُڙي[1]ءَ ۾. تون سدائين اُتي رهين ٿو ۽ پنهنجو مَٽ پاڻ آهين- تون جيڪو وڏي صبر وارو آهين. شروع ڪان ۽ سدائين، تو تربت جا سڀ بندڻَ ٽوڙيا آهن.

تو ۾ ئي منهنجي جوانيءَ جي سچي اَڻ- ماٽيل چاهت اڃا موجود آهي ۽ تون ئي هِن گهڙيءَ، زندگيءَ ۽ جواني جيان، هتي تربتن جي زرد کنڊرن ۾ ويٺو آهين- پُر يقين ۽ پُر اميد.

هائو، تون اڃا بہ منهنجي لاءِ ڊاهيندڙُ آهين سيني تربتن جو: سلام آهي تو تي، اي منهنجا ارادا! ۽ فقط جتي تربتون آهن، قيامتون بہ اتي آهن. -

زرتشت اِيئن فرمايو.

# 34. پنهنجو پاڻ کان بازي کٽڻ

"سچ جو ارادو"- ڇا، اوهين چئو ٿا تہ اوهان، بيحد ڏاهن، کي اِهو ارادو اڳتي ڪري ٿو؟ ۽ اُتساهڪ بڻائي ٿو؟

سڄيءَ هستيءَ کي پنهنجيءَ سوچ مطابق ڏسڻ جو ارادو: اوهان جو ارادو اِهو آهي، آءٌ اِيئن ٿو چوان.

سڄيءَ هستيءَ کي اوهين پنهنجي سوچ مطابق بنائڻ چاهيو ٿا: ڇو تہ اوهان کي شڪ آهي ۽ صحيح شڪ آهي، تہ اُها واقعي اڃا اوهان جي سوچ مطابق نہ آهي.

پر اِها ضرور اوهان کي وَجهُ ڏيندي ۽ اوهان آڏو جُهڪندي! اِئين اوهان جو ارادو سمجهي ٿو. ضرور اِها سِڌي ٿيندي ۽ اوهان جي من جي تابع- اُن جي آرسيءَ ۽ عڪس جيئن.

اِهو آهي اوهان بيحد ڏاهن جو سڄو سارو ارادو، طاقت جو ارادو ۽ پڻ اُن حالت ۾ جڏهن اوهين نيڪيءَ ۽ بَديءَ جي ڳالهہ ٿا ڪريو، ۽ قدرَ ۽ معيارَ جي ڪٿ ٿا ڪريو.

پر پوءِ بہ دنيا اُها ئي اوهين پيدا ڪندا جنهن جي اڳيان اوهين، بهرحال، وري بہ پنهنجي گردن جهڪائي سگهو: اهڙي ئي آهي اوهان جي آخري اُميد ۽ اوهان جو آخري تَرنگُ.

---

[1] يونان جي ديومالائي قصي ڏانهن اشارو، جنهن ۾ سورمو وڙهي وڙهي پنهنجي طاقت وڃائي ويهي ٿو، پر ڪرندي ڪرندي، هُن جي ڪڙي ڌرتيءَ سان لڳي ٿي، تہ هن جي سڄي طاقت هن وٽ موٽي اچي ٿي.

برابر، اَجاڻ ماڻهو، 'لوڪَ' - اُهي درياءَ وانگر آهن جنهن تي هڪ ٻيڙي ترندي وڃي ٿي ۽ اُن ٻيڙيءَ تي ويٺا آهن قدرَ جا ماڻ ۽ ڪاتا- گنڀير، رعبدار، چمڙاپوش ٿيل.

پنهنجو اِرادو ۽ پنهنجا ماڻ اوهان ٿيڻ جي درياءَ تي ڪٽي هاڪاريا آهن: اِن مان مون کي اُهو ئي هڪڙو ڪُهنو طاقت جو ارادو ٿو ڏسڻ ۾ اچي، جيڪو لوڪ وٽ نيڪيءَ ۽ بديءَ طور مڃيو وڃي ٿو.

اوهين، بيحد ڏاها ماڻهو ئي هئا، جن اِن ٻيڙيءَ ۾ اِهي مهمانَ ويهاريا آهن ۽ اِنهن کي وڏو مانُ ۽ وڏا شاندار نالا ڏنا آهن- اوهان ۽ اوهان جي حڪمران ارادي.

هاڻي، درياءَ آهي جيڪو اوهان جي ٻيڙيءَ کي اڳتي ۽ اڳتي ڪنيو وڃي ٿو: اُن کي اِها ضرور اڳتي نيڻي آهي. اِها ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي، جو ڪا آڏترڇي لَهر اُن جي تَرَ سان لڳي. جهڳِ يا ڪِجي ڪري ۽ ڪاوڙ ۾ ٽڪرجي، اُن کي روڪڻ جي ڪري!

اوهان، بيحد ڏاهن لاءِ درياءُ خطرو ناهي ۽ نہ اوهان جي نيڪيءَ ۽ بديءَ جو خاتمو ڪا ڳُٽتيءَ جي ڳالهہ آهي پر ڪو خطرو، ڪا ڳُٽتيءَ جي ڳالهہ اوهان لاءِ آهي تہ اوهان جو خود ارادو، طاقت جو ارادو، آهي- اَڻٽڪ ۽ اُپتائتو ارادو، زندگيءَ جو.

پر اِن لاءِ تہ اوهين نيڪِيءَ ۽ بديءَ جو منهنجو صحيفو سمجهي سگهو، آءٌ اوهان کي زندگيءَ جو پنهنجو اُهو صحيفو ٻڌائيندس، ۽ سيني زنده شين جي فطرت ڏيندس.

زنده شيءِ جو مون پيرو ڪنيو آهي: وسيع ڪان وسيع ۽ تنگ ڪان تنگ رستا مون جهاڳيا آهن اُن جي فطرت کي سمجهڻ لاءِ.

سؤ پاسائينءَ آرسيءَ سان مون زندگيءَ جو لِقاءُ ڏٺو آهي، جڏهن اُن جو وات بند هو، اِن لاءِ تہ اُن جي اک مون سان ڳالهائي ۽ اُن جي اک مون سان واقعي ڳالهايو بہ.

پر جتي جتي بہ مون زنده شيون ڏٺيون، اُتي مون مڃتا جِي، تابعداريءَ جِي، ٻولي بہ ٻُڌي. سڀ زنده شيون مڃيائون، تابعدار، شيون آهن.

۽ ٻيو مون هي ٻڌو: جيڪا بہ پنهنجي تابع نہ آهي، اُها ٻئي جي تابع آهي. زنده شين جي اِها فطرت آهي.

هيءَ ٽين ڳالهہ بہ آهي، جيڪا، بهرحال، مون ٻُڌي: حڪم ڏيڻ حڪم مڃڻ کان وڌيڪ مشڪل آهي ۽ نہ رڳو اِن لاءِ تہ حڪم ڏيڻ وارو سيني مڃڻ وارن جو بارُ کڻي ٿو ۽ اُهو بارُ هن کي هڪدم جهڪائي ڇڏي ٿو:-

سيڪو حڪم ڏيڻ، مون کي ڏسڻ ۾ آيو تہ، هڪ ڪوشش ۽ هڪ جوکم آهي؛ ۽ جڏهن بہ ڪا زنده شيءِ حڪم ڏئي ٿي، تہ اِيئن ڪرڻ سان اُها پاڻ کي جوکم ۾ وجهي ٿي.

هائو، جڏهن اُها پاڻ کي بہ حڪم ڏئي ٿي، تڏهن اُن کي اُن پنهنجي حڪم جو بہ ڪفارو ادا ڪرڻو پوي ٿو. اُن کي خود پنهنجي قانون ۾ پاڻ منصف، سزا ڏيندڙ ۽ سزا سهندڙ ٿيڻو ئي پوي ٿو.

اِيئن ڪيئن ٿو ٿئي! اِهو پاڻ کان مون پڇيو. زنده شيءِ کي حڪم مڃڻ لاءِ، حڪم ڏيڻ لاءِ ۽ حڪم ڏيندي خود حڪم مڃڻ لاءِ ڪهڙي ڳالهہ آهي جا آماده ڪري ٿي؟

هاڻي، منهنجي ڳالهہ ٻڌو، اوهين جيڪي بيحد ڏاها آهيو! ۽ اُن کي پوريءَ طرح چڪاسيو، ۽ ڏسو تہ آءٌ زندگيءَ جي بنهہ دل تائين رَسي سگهيو آهيان يا نہ ۽ اُن جي دل جي بنهہ جڙُن تي وڃي هٿ رکيو اٿم يا نہ!

جتي بہ مون ڪا زنده شيءِ ڏٺي، اُتي مون طاقت جو ارادو موجود ڏٺو؛ بلڪ هر نوڪر جي ارادي ۾ مالڪ ٿيڻ جو ارادو ڏٺم!

ڏاڍي جي خدمت هيٺي کي ڪرڻي ئي آهي - اِن طرح جو ارادو اُن هيٺي جي من ۾ بہ پلجي ٿو جيڪو وڌيڪ هيٺي جو مالڪ ٿيڻ چاهي ٿو. اِها ئي هڪ خوشي آهي، جيڪا هو ڇڏڻ نٿو چاهي

۽ جيئن 'ننڍيرو' پاڻَ 'وڏيري' جي آڏو جهڪائي ٿو، تہ جيئن سڀ کان ننڍي تي پنهنجي طاقت جو سُرُور ماڻي سگهي، اهڙيءَ طرح سڀ کان وڏو بہ پاڻَ جهڪائي ٿو ۽ جوکم ۾ وجهي ٿو، زندگيءَ کي — طاقت جي حصول لاءِ.

ڪو سڀ کان وڏو جڏهن جوکم کڻي ٿو ۽ پاڻُ خطري ۾ وجهي ٿو ۽ موت لاءِ ڍارو اُڇلي ٿو، اِهو ئي تہ هن جو جهُڪڻ آهي.

۽ جتي ۽ جڏهن قرباني آهي ۽ خدمت آهي ۽ محبت جون نگاهون آهن، تتي ۽ تڏهن مالڪ بڻجڻ جو ارادو بہ آهي. پاسانئن رستن سان ضعيف تر قلعي ۾ گهڙي ٿو، ۽ مضبوط تر جي دل ۾ گهر ڪري ٿو - ۽ طاقت ڪسڪائي ٿو.

۽ اِهو راز خود زندگيءَ مون کي ٻڌايو. "ڏس!" هُن چيو، "آءٌ اُها آهيان جنهن کي هردم پاڻ کان بازي کڻڻي آهي."

برابر تون اُن کي اِيجَ جو ارادو سڏين ٿو يا مقصد ڏانهن وڌڻ جي اُڇَل- وڌيڪ اوچي، وڌيڪ ڏور، وڌيڪ گهڻ- پاسائين مقصد ڏانهن: پر اِهو سڀ ساڳيو ۽ هڪُ ئي راز آهي.

آءٌ تنتي پوندس، پر اِها هڪ ڳالهه ڪانه ڇڏيندس ۽ سچ پچ به ته جتي ٽُٽي پونُ ۽ پَتي جيئن ڇڄي پونڻ آهي، واهه! اُتي ئي ته زندگي پاڻ قربانَ ڪري ٿي - طاقت لاءِ!

مون کي جدوجهد ڪرڻو آهي، مون کي ”نيٺو“ آهي ۽ مقصدُ ۽ اُن جو مقصدُ - آه! جيڪو به منهنجو ارادو اِيئن ڄاڻي ٿو، اُهو هي به ڄاڻي ٿو ته ڪهڙن ڏنگن رستن سان اُن کي وڌڻو ٿو پوي.

جيڪي به مان اُپايان ٿي ۽ ڪيترو به اُن سان پيار اٿم، - ترت ئي اُن جي خلاف، هائو، پنهنجي پيار جي خلاف، وڃڻو اٿم: اِيئن آهي منهنجي ارادي جو ارادو.

۽ خود تون، جيڪو پرک رکين ٿو، رڳو هڪ رستو آهين، هڪ پيچرو آهين، منهنجي ارادي جو: سچ پچ به ته منهنجو طاقت جو ارادو تنهنجي سچ جي ارادي جي پيرن تي به هلي ٿو.

اُهو واقعي سچ جي نشان کي ڇُٽي نه سگهيو، جنهن اُن ڏانهن پنهنجو نسخو اُڇليو: ’وجود جو ارادو‘: اِهڙو ارادو ته موجود ئي ڪونهي.

ڇاڪاڻ ته جو ڪونهي، سو ارادو ڪري ئي نٿو سگهي؛ ۽ جيڪو، بهرحال، وجود ۾ آهي - اُهو پوءِ وجود لاءِ ڪيئن سعيو ڪندو!

فقط جتي زندگي آهي، اُتي ئي ارادو آهي: پوءِ به، بهرحال، زندگيءَ جو ارادو نه، پر - تولاءِ منهنجو سبق اِهو آهي - طاقت جو ارادو!

زنده شيءِ خود زندگيءَ کان گهڻو ڪجهه ٻيو مٿيرو شماري ٿي: پر اُن سندس شمار مان ئي ڳالهائي ٿو - سندس طاقت جو ارادو!“ -

اهڙيءَ طرح، زندگيءَ ڪڏهن مون کي اِهو سبق سيکاريو ۽ اُن ذريعي، آءٌ اوهان، بيحد ڏاهن، کي اوهان جي دلين جي ڳجهارت اڄ سڃي ڪري ٻڌايان ٿو.

آءٌ اوهان کي سچ پچ اِيئن چوان ٿو: نيڪي ۽ بدي جيڪا دائم هجي - اِن جو ڪو وجود ڪونهي! اُن کي خودبخود پنهنجي پاڻ کان نت نئين سر بازي کٽڻي آهي.

اوهين جيڪي قيمت ڪٿڻ وارا آهيو، نيڪيءَ ۽ بديءَ جي پنهنجن قدرن ۽ نسخن سان پنهنجي طاقت استعمال ڪريو ٿا: ۽ اِهو ئي اوهان جو مخفي پيار آهي، ۽ اوهان جي روحن جو چمڪاٽ ڪندڙ، ٿرٿر ڪندڙ ۽ اٿلندڙ اُپارَ آهي.

پر اوهان جي قدرن مان هڪ مضبوط تر طاقت اُپري ٿي ۽ اُها بازي کٽندڙَ هڪ نئين طاقت آهي: اُن سان آنو ڦُٽي ٿو ۽ آني جو ڪوپو ڀڄي ٿو.

۽ اُهو جيڪو نيڪيءَ ۽ بديءَ ۾ تخليقڪار بنجڻو آهي - تحقيق اُن کي پهرين تخريبڪار ٿيڻو آهي ۽ قدرن کي پڇي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻو آهي.

اِنهيءَ طرح وڏي ۾ وڏي بدي وڏي ۾ وڏيءَ نيڪيءَ سان واسطي ۾ رهي ٿي: اِها، بهرحال، نيڪيءَ جي تخليقڪاري آهي. -

بيحد ڏاها صاحبؤ! اچو تہ اِن چمتڪار جي ڳالهہ ڪريون، توڻي جو ڳالهہ خراب ٿي هجي. خاموش رهڻ خراب تر بلڪ خراب ترين آهي؛ سڀ ہوساٽيل سچَ زهريلا بڻجي وڃن ٿا.

۽ پل تہ هر شيءِ پڇي ٽُڪر ٽُڪر ٿئي - جيڪا بہ اسان جي سچن سان پڇي سگهي! گهڻا ئي گهَرَ اڃا ناهڻ لاءِ پيا آهن.

زرتشت اِيئن فرمايو.

# 35. اُوچا اڏامندڙ

منهنجي سمنڊ جو ترو شانت آهي: ڪير چئي سگهندو تہ، اُهو کِل جهڙو دئيت اندر جهليو ويٺو آهي!

منهنجي اونهائي اُچل آهي: پر اُها ترندڙ عجوبن سان جهَلڪندي رهي ٿي، ۽ ٽهڪڙن سان پُر آهي!

اڄ مون هڪڙو 'اوچو اڏامندڙ' ڏٺو، هڪڙو گنڀيرُ، آتمائي تپَسي، روحاني تائب: آه، منهنجي ساهہ کي اُن جي اگلائيءَ تي ڪيڏي نہ کِل آئي!

تاڻيل سيني سان، اُنهن وانگر جيڪي ڊگهو ساهہ اندر نيئي ڦوڪبا آهن: اِيئن بيٺل هو اُهو اوچو اڏامندڙ ۽ بلڪل ماٺ ۾:

گدلن ڪُوڙن سان جهنجهيلُ - جيڪي هن جا ماريلَ شڪارَ ٿي لڳا، سچ: ڦاٽلَ لباسَ ۾ ڍڪيلُ؛ ڪيئي ڪنڊا بہ مٿس چُهٽيل هئا - پر مون اُتي گلاب جو گل ڪونہ ڏٺو.

هُن اڃا کلڻُ ڪونہ سکيو هو، ۽ نہ خوبصورتيءَ جي ڪا اونَ، اداس ئي اداس، علم جي جهنگل مان هيءُ شڪاري موٽيو هو.

وحشي حيوانن سان وڙهي هو گهر آيو هو: پر اڃا بہ هڪڙو وحشي حيوانَ هن جي گنڀيرتا مان چتائي ڏسي رهيو هو - اَڻ جيتيلُ وحشي حيوانُ!

چيتي جيئن هو تاڪ ۾ بيٺوئي هو، ڇلانگ ڏيڻ لاءِ بنهہ تيارُ؛ پر مون کي هِنن جهڙا تڻيل ۽ ٽاٽ روح ڪينَ وڻندا آهن؛ منهنجو ذوق سيني هِنن خود - غلطان بزرگن لاءِ گهٽي رعايت ڪانہ ڇاڻي.

۽ اوهين دوست! مون کي چئو تا تہ، ذوق ۽ ذوق جي پرک بابت تڪرار هئڻ نہ کپي؟ پر سڄي زندگي آهي ئي ذوق ۽ ذوق پرک بابت هڪ تڪرارُ!

ذوق: جيڪو تورَ بہ ساڳئي وقت آهي، ۽ تارازي ۽ توريندڙ بہ ۽ هر اُها زنده شيءِ جيڪا تور ۽ تارازيءَ ۽ توريندڙ بابت تڪرار کان سواءِ جيئي ٿي، افسوس لائق ئي نہ آهي!

۽ پنهنجيءَ 'اوچيءَ اڏامر' کان هيءَ اوچو اڏامندڙ جڏهن بيزار ٿيندو، تڏهن ئي فقط سندس خوبصورتيءَ جي ابتدا ٿيندي- ۽ فقط پوءِ ئي آءٌ هِن جي پرک ڪندس ۽ هِن جي ساءَ سواد کي پرکي سگهندس.

۽ فقط جڏهن هو پاڻ کان موٽ ڪائيندو، تڏهن هو پنهنجي پاڇي تان ٽپي پار پوندو ۽ تحقيق، پوءِ ئي هو پنهنجي سجَ ڏانهن قدم کڻندو.

تمام گهڻي دير هو ڇانوَ ۾ ويٺو رهيو آهي، جتي ويٺي ويٺي، روح جي هِن تائب جا ڳل زرد ٿي ويا آهن؛ اُتي پنهنجن آسرن جي بُک ۾ تقريباً هُن جون پاسريون نڪري آيون آهن.

اجا بہ هن جي اکين ۾ ايمانِ آهي ۽ وات ۾ ڌڪار لڪل آهي. پڪ آهي تہ هو هاڻي ساهہ پٽي رهيو آهي، پر اجا هو اُس جي پَکرائي وٺي نہ سگهيو آهي.

جيئن ڏاندُ ڪندو آهي، تيئن هاڻي هن کي ڪرڻ کپي، هن جي ساڄائيءَ مان ڌرتيءَ جي سڳند اچڻ کپي، ۽ نہ ڌرتيءَ لاءِ ڌڪار.

هڪڙي بڳي ڏاند جيئن هن کي ڏسڻ آءٌ چاهيندس، جيڪو هر اُن شيءِ لاءِ پسندگي بہ ڏيکاري، جيڪا ڌرتيءَ واسِي آهي!

هن جي خُوءِ اجا گُهنڊائِين آهي؛ هُن جي هٿ جو پاڇو هُن جي نراڙ تي آيل آهي. اجا هن جي اک جو اؤسانُ ميرو آهي.

ڪم هن جو اجان بہ هن تي پاڇولي جيان وريل آهي: ڪَرڻ هُن جو پنهنجي ڪندڙ کي اجا دونهاٽيو بيٺو آهي. اجا هو پنهنجي ڪم کي هيٺ نہ ڪري سگهيو آهي.

مون کي تہ سچ پچ هن جي اِها ئي وصف وڻي ٿي، جو هن وٽ ڏاند جا ڪُلها آهن: پر هاڻي آءٌ هن وٽ ملائڪ جي اک بہ ڏسڻ چاهيان ٿو.

۽ اجا پنهنجو سُرمائي اِرادو بہ هن کي وسارڻو آهي: هو اوچي اڏامندڙ سان گڏ 'جناب عالي' ٿي هلڻ بہ گهري ٿو:- ارادي کان محروم، هيءُ پائنئي ٿو تہ هوا سندس قد وڌائي ڇڏي!

برابر هُن دئيت ڪيرائي قدمن هيٺان ڪيا آهن ۽ گجهارتون پڳيون ۽ راز کولي ڇڏيا آهن؛ هاٿي اُنهن کي تبديل ڪري، اُنهن کي رڳو آسماني ٻالڪ بڻائڻو اٿس!

پر هُن جي علم هُن کي اجا کلڻ ٻہ نہ سيکاريو آهي ۽ حسد مان بہ پنهنجي جان ڪانہ ڇڏائي اٿس؛ اجا هن جو تيز خَفتُ خوبصورتيءَ جي ماٺار ۾ نہ بدليو آهي.

سچ تہ هن جي سَڏَ ڍَو سان نہ لهندي ۽ نہ غائب ٿيندي، پر خوبصورتيءَ ۾ رئي اُها پوري ٿيندي. نهنائي ۽ سوپيا تہ عالي همٿ جي دريا دليءَ ۾ هوندي آهي.

ڪنڌ هيٺان ٻانهن: اِيئن سورمي کي سمهڻ تہ گهرجي؛ پر اِيئن هن کي پنهنجي سمهڻ تي غالب بہ پوڻ گهرجي.

پر سورمي لاءِ خاص طرح خوبصورتي سڀ کان ڏکي شيءَ آهي. سيني جوشائتي ارادي وارن لاءِ خوبصورتي لاحاصل هجي ٿي.

ڪجهه وڌ، ڪجهه گهٽ: پوري پوري ڳالهه ڪبي تہ، هِتي هيءَ وڌ آهي، هُتي هوءَ سڀ کان وڌ آهي.

اوهان سيني اوچين اڏامندڙن لاءِ سڀ کان ڏکي ڳالهه آهي پنهنجون مَشڪون ڍريون ڪري ۽ اَڻ- جيتل ارادي سان بيهڻُ.

جڏهن طاقت سوپياوان ٿئي ٿي تہ ۽ هيٺارَ لهي ٿي_ آءٌ اهڙيءَ عنايت کي خوبصورتي ٿو سڏيان.

۽ آءٌ ڪنهن بہ ٻئي ۾ ايتري خوبصورتي ڏسڻ نٿو گهران جيتري، اي طاقت جا صاحب تو ۾ ٿو ڏسڻ گهران؛ شال نيڪي تنهنجي آخرين خود- فتح هجي!

سڀ برائي تنهنجي ڪاتي ٿو لکان: اِنهيءَ ڪري توکان ئي نيڪيءَ جي خواهش رکان ٿو.

سچ پچ، مون اڪثر ضعيفن تي کِليو آهي، جيڪي پاڻ کي نيڪ سمجهن ٿا ڇاڪاڻ تہ هنن جا چنبا معذور هوندا آهن!

تون پيلپائي جي نيڪ صفتِ حاصل ڪرڻ جو سعيو ڪر: جيترو اُهو اوچو وجي ٿو اوترو نِت وڌيڪ خوبصورت اُهو ٿئي ٿو ۽ وڌيڪ زيبائتو ۽ سوپياوان بہ- پر اندر ۾ سوئي وڌيڪ سخت ۽ وڌيڪ بار کٽي بيهندڙ.

هائو، اي اوچا اُڏامندڙ، هڪ ڏينهن تون بہ خوبصورت ٿيندين ۽ خود پنهنجيءَ خوبصورتيءَ آڏو آئينو جهليندين.

پوءِ تنهنجو ساهہ آسماني خواهشن سان سرشار ٿيندو ۽ پوءِ تنهنجي خود نمائيءَ ۾ بہ پرستاري هوندي، خود فنائي هوندي!

چو تہ ساھ جو راز ھيءُ آھي: جڏھن سورمي اُھو تيا ڳيو آھي، فقط تڏھن اُھو خوابن ۾ ويجھو ويو آھي - آدرشي سورمي جي، اَت سورمي جي.

اِيئن زرتشت فرمايو.

# 36. مھذب زمين

آءٌ تمام گھڻو پري مستقبل ۾ اُڏامي ويس: وڏي ھڪ ھيبت مون تي ڇانئجي ويئي. جڏھن مون چوڌاري نھاريو، تہ ڏٺم تہ وقت منھنجو واحد سھيوڳي ھو.

پوءِ آءٌ پوئتي اڏامڻ لڳس، گھر ڏانھن - ۽ جيئن پوءِ تيئن تيز ۽ تيز کان تيز. اِيئن آءٌ اوھان، ھاڻوڪن — اج جي ماڻھن، وٽ پھتس، ۽ ھِن اوھان جي مھذب سر زمين تي.

پھريون ڀيرو اوھان کي ڏسڻ جي اک کٽي، آيس ۽ نيڪ خواھش رکي: سچ پچ اوھان لاءِ دل ۾ گھڻي سڪ کڻي آيس.

پر ھت اچي اوھان وٽ مون ڇا ڏٺو؟ جيتوڻيڪ گھڻو ھراسيل ھوس- پر وري بہ کِل اچي ويم! منھنجي اک کڏھن بہ اھڙو گھڻ- رنگائون منظر نہ ڏٺو ھو!

آءٌ کلندو رھيس، کلندو رھيس، پر منھنجا پيرَ ٿَڙکي رھيا ھئا ۽ دل بہ ڏکي رھي ھئي. “ھتي تہ بنھہ کا رنگن جي پڙي لڳل آھي،” - دل ۾ مون چيو.

چھرن تي ۽ عضون تي پنجاھہ رنگ لڳل- اِيئن اوھين، ھاڻوڪا- اج جا ماڻھو، منھنجي آڏو ويٺا ھئا ۽ آءٌ حيرت ۾ ھوس.

پنجاھہ آرسيون اوھان جي چوڌاري ھيون، جن اوھان جي رنگن کي ويتر رنگا رنگ ڪندي، اوھان کي خوش پئي ڪيو!

واقعي اوھين، ھاڻوڪا- اج جا ماڻھو، پنھنجن اِنھن چھرن کان وڌيڪ ٻيا ڪي بھتر رو-پوشَ پائي نٿي سگھيا. اِنھن سان اوھان کي ڪير ھو، جو سڃاڻي تي سگھيو؟

سڄي جا سڄا ماضيءَ جي ڪردارن سان چِٽيل، ۽ ھِنن ڪردارن تي وري ٻيا نوان ڪردار ليڪيل، اِيئن اوھان سيني پنھنجن سڃاڻن کان پاڻ کي خوب لڪايو آھي!

ڪيترو بہ ڪو پتي سڃاڻڻ وارو ھجي، پر ڪيرُ چوندو تہ اوھان کي ڪو پِتو آھي! رنگن ۾ نہ آوين مان پچي نڪتل تا ياڻئجو، ۽ سڄي جا سڄا ٽنيڊيا پيا آھيو!

زمانن جا زمانا ۾ اُنهن جا ماڻهو اوهان جي رو-پوشن مان گهڻ- رنگايون جهاتيون پيا پائين: سڀ رسمون ۽ سڀ عقيدا اوهان جي گهڻ - رنگائن تالن پَڪالن مان پيا ڳالهائين.

اُهو جيڪو اوهان جا روپوش لاهيندو ۽ اوهان جا رنگ ۽ تال پڪال هٽائيندو، باقي وٽس جو بچندو، تنهن سان هو ڪانوَ ئي تہ ڊيڄاري سگهندو!

سچ پچ تہ آءٌ پاڻ هڪڙو اُهو ڊيڄاريل ڪانءُ آهيان، جنهن هڪ ڀيري اوهان کي اِيئن اُگهاڙو ۽ رنگن بغير ڏٺو آهي ۽ جڏهن خالي هڏائين پڃري مون ۾ جُوهہ وجهي ڏٺو هو تڏهن آءٌ اُڏامي پري ڀڄي ويو هوس.

اِن ڪان تہ آءٌ هوند پاتال جي واسين وٽ متي ڊوڙڻ پسند ڪريان ۽ مئلن سان گڏ وجي ڏينهن گذاريان!_ پاتال جا رهواسي سچ تہ اوهان ڪان وڌيڪ ماسَ هڏَ وارا ۽ سنوان سڄا آهن.

هائو، اِها ئي تہ منهنجي اندرَ لاءِ ناگوار ڳالهہ آهي تہ، آءٌ اوهان، هاڻوڪن - اڄ جي ماڻهن، کي نہ اگهاڙو ڏسي ٿو سگهان ۽ نہ ڪپڙن ۾ ويڙهيل ڊڪيل!

اِهو سڀ اڳتي جي لاءِ پنهنجي گهر جي سُک ساءَ جو ڪم تہ نہ ٿيو: اوهان جي اهڙيءَ سچيءَ پچيءَ حالت ڪان بهتر تہ گهر جهڙو سُک پنهنجن آڪيرن ڪان نڪتل ۽ راحت وڃايل ۽ مينهن واءَ ۾ ڏکندڙ پکي ماڻين ٿا!

ڇاڪاڻ تہ، اوهين تہ هيئن ٿا دعوا ڪريو، ”سڄا اسين سچا آهيون ۽ مڃتا ۽ وسوسي ڪان ڇُٽلَ“: اِيئن ٿا اوهين پاڻُ ڪنين ۾ وجهي ويهو جڏهن اوهان کي ڪنيءَ بہ ڪينهن!

اوهين اعتقادن جون چڪرايل ترديدون تہ آهيو- هر فڪر جا اُڌوهي ڪاڏل ۽ اُلڙيل پاوا! اڻ-اعتبار جو ڳا: اِيئن ٿو آءٌ اوهان، سچن پچن، کي سڏيان.

اوهان جي روحن ۾ سڀ زمانا هڪبئي سان پيا ٽڪر ڪائين ۽ پان پان ڪن: سيني زمانن جا پنهنجا پنهنجا خواب ۽ اختلاف اوهان جي هِن سڄاڳيءَ ۽ باخبريءَ ڪان وري بہ اصلي تہ هئا!

اوهين بي ثمر آهيو: انهيءَ ڪري اوهين اعتقاد ڪان خالي آهيو. پر اُهي جيڪي تخليقڪار هئا، اُهي ڏور ڏسندڙ خوابن ۽ اوچن مقصدن جا ۽ پڻ هميشہ عقيدن ۾ اعتقاد جا صاحب هئا.

اوهين اَڌ، کليل دروازا آهيو، جن تي گورڪن ترسيا وينا هوندا آهن. ۽ اوهان جي حقيقت هيءَ آهي، ”هر شيءِ فنا لائق آهي.“

افسوس، اوهين، بي ثمر ساسِي، ڪيئن تہ منهنجي اڳيان بيٺا آهيو! پاسرين نڪتل! ۽ اوهان مان گهٽن کي تہ پڪ اِها چاڙ بہ آهي.

”منهنجون سُڪي ڪائيون ٽيل پاسريون بہ عجيب آهن!“ هاٽوڪن — اڄ جي ماڻهن مان ڪيئي اِيئن چوندي مون ٻڌا آهن.

هائو، اوهان، هاٽوڪن- اڄ جي ماڻهن، تي واقعي مون کي تہ کلڻ ئي تو اچي ۽ خاص طرح تڏهن جڏهن اوهين پاڻ تي عجب ٿا کائو!

۽ مون تي اِهو حرف ايندو، جيڪڏهن اوهان جي اِن پاڻ تي عجب کائڻ تي آءٌ رڳو کِلي بہ نہ سگهان ۽ جو ڪجهہ آت ڏيئي ڪيڻ جهڙو بہ اوهان جي پاٽوڙن ۾ پيو آهي اُهو ڳهي وڃان!

دراصل، مون کي بهرحال اوهان جو بار هلڪو ڪرڻو آهي، ڇو تہ هونئن ئي مون کي اُهو ڪجهہ کڻڻو آهي جو ڳرو آهي؛ سو اِها ڪا وڏي ڳالهہ بہ تہ ڪانهي، تہ منهنجي لَڏَ تي تِڏا ۽ ٽنبڙُ اُڏري اچي ويهن!

سچ پچ بہ تہ، منهنجي لَڏَا اِنهيءَ طرح وڏيڪ ڳري ڪانہ ٿيندي! ۽ نہ ئي اوهان، هاٽوڪن- اڄ جي ماڻهن، ڪري مون کي وڏو ٿڪ بہ ٿيڻو آهي. -

هاءِ آءٌ پنهنجي رسڪ کٽي، هاٽي ہيو ڪيڏانهن متي چڙهندس! سيني پهاڙن تان آءٌ تہ پدري وطنَ ۽ مادري وطنَ ئي تو ڏسان.

پر گهَرُ مون ڪتي ڪونہ لڌو آهي: سيني شهرن ۾ آءٌ اَڻ- آباد، ۽ سيني شاهي دروازن وٽان اُٿاريل آهيان.

اجنبي آهن مون لاءِ ۽ هڪ ٺلهو چرچو، هي هاٽوڪا- اڄ جا ماڻهو، جن ڏانهن تازو منهنجي دل مون کي ڇڪي وٺي آئي ۽ نيڪالي ورتل آهيان پدري وطنن ۽ مادري وطنن کان.

اِن طرح آءٌ پيار ڪريان ٿو فقط پنهنجي ٻارن جي وطن کي، جيڪو اَڻ- لڌل آهي ۽ پرانهين ڪانِ پري سمنڊ تي آهي: اُن لاءِ پنهنجي ٻيڙن جا سڙهہ سنوان ٿو ڪريان ۽ حڪم ٿو، ڏيان اُنهن کي تہ اُهو ڳولين، ڳولين ۽ ڳولين!

پنهنجي ٻارن لاءِ، آءٌ پنهنجن ابن ڏاڏن جي ٻار هجڻ جو ڪفارو ادا ڪندس:

۽ پڙ سڄي مستقبل لاءِ_ هن هاٽوڪي اڄ جو! _

اِيئن زرتشت فرمايو.

# 37. ڪامل معرفت

ڪالھ رات جڏھن چنڊُ[3] نڪتو، تہ مون ڀانيو تہ، اُن جي پيٽ مان اِجھو تو سج پيدا ٿئي: ڇاڪاڻ تہ افق تي ھو تمام ڀريل ۽ ڦوڪيل تي نظر آيو.

پر ھو پنھنجي اِنھيءَ حمل سان ھجڻ واري ڏيکاءَ ۾ ڪوڙو ھو: ھاڻي منھنجو اعتقاد ان ڳالھ تي پختو آھي تہ چنڊ مرد آھي ۽ نہ زال.

بيشڪ، رات جي اونداھيءَ ۾ ھِن لڪي لڪي لطف وٺڻ واري ۾ مردانگيءَ جو جزو گھٽ آھي، سچ پچ تہ ھو شرير ۽ ويڪ سان ڇِتين تي گھمي ٿو.

ڇاڪاڻ تہ ھو حريص آھي ۽ حاسدُ، چنڊ جي اندرَ وارو راھبُ - ڌرتيءَ جو ۽ محبت ڪرڻ وارن جي سيني خوشين جو.

نہ، اِھو ڇِتين تي گھمندڙ ٻلو مون کي ھرگز پسند نہ آھي. قابل نفرت آھي، مون وٽ اُھي سڀ، جي اڌ کليل درين جي آسپاس ڊيل ڀيرن سان گھمن ٿا.

ھو پارسائيءَ ۽ خاموشيءَ سان ستارن جي غاليچن تي ھلي رھيو آھي:___ پر آءٌ اھڙن چپ چاپ ھلندڙ انساني قدمن کي پسند ئي نٿو ڪريان جن ۾ ڪنھن بہ قسم جي ڪا آھٽ نہ ھجي!

ھر ايماندار جو قدم آواز ڏئي ٿو: ٻلو ڪنھن نہ ڪنھن طرح فرش مٿان بنان آواز گذريو وڃي. ڏس، چنڊ ھڪ ٻلي وانگر ھلي رھيو آھي، رياڪاريءَ سان!

آءٌ ھي مثال اوھان جي باري ۾ ڏيان ٿو، اي جذباتي منافقؤ! ۽ پڻ اوھان جي، اي ”خالص دانشمندؤ“! آءٌ اوھان کي حريص ٿو ڪوٺيان!

اوھين پڻ زمين ۽ زميني شين سان محبت ڪريو ٿا: مون اوھان کي چڱيءَ طرح سڃاڻ: ورتو آھي! ___ پر اوھان جي محبت ۾ شرمساري شامل آھي، ۽ بدايماني___ اوھين بہ چنڊ وانگر آھيو!

اوھان جي روح کي زميني شين جي حقارت تي آماده ڪيو ويو آھي، پر اوھان جي اوجھرين کي نہ: اُھي، بھرحال، ارھان جي اندر وڏن زورن ۾ آھن!

۽ ھاڻي اوھان جي روح کي اِنَ ڳالھ ڪان شرم ٿو اچي تہ ھو اوھان جي اوجھرين جي چوڻ ۾ اَچي، ۽ پنھنجي اِن شرم کي لڪائڻ لاءِ، ويران ۽ اونداھين گھٽين مان ھلي ٿو.

---

(*) جرمن ٻوليءَ ۾، جيئن سنڌيءَ ۾، 'چنڊُ' جنس مذڪر آھي.

اوهان جو دروغ گو روح پنهنجي پاڻ کي چوي ٿو، ”منهنجي لاءِ سڀ کان اعليٰ ڳالھ ٿيندي، زندگيءَ کي بي طمعيءَ سان ڏسندو رهڻ ۽ نہ ھڪ ڪتي وانگر، جنهن جي زبان لڙڪيل ٿي رهندي هجي:

رڳو نهاري خوش ٿيڻ: بيجان ارادي سان، جنهن ۾ لالچ ۽ خود غرضيءَ جي بوءِ نہ هجي— سڄو جسم سرد ۽ رک جھڙو، مگر اکيون چنڊ وانگر خمار سان ڀريل!

اِها منهنجي لاءِ عزيز ترين شيءِ ٿيندي“— اِهو فريب ۾ ڦاٿل، پاڻ کي اهڙيءَ طرح فريب ٿو ڏئي،— ”تہ آءٌ ڌرتيءَ سان محبت ڪريان، جھڙيءَ طرح چنڊ ڪري ٿو، ۽ رڳو نگاهن سان اُن جي خوبصورتيءَ مان حظ وٺان.

۽ آءٌ اِن کي مڙني شين جي ڪامل معرفت ٿو ڪوٺيان: اُنهن ۾ ڪابہ لالچ نہ رکڻُ، پر سوين روپن ۾ اُنهن جي اڳيان آئيني جيان پيو رهڻ.“—

اي جذباتي منافقؤ، اي حريصؤ! اوهان جي خواهشن ۾ معصوميت ڪانهي ۽ تنهن ڪري اوهين خواهشن جي مذمت ڪري رهيا آهيو.

دراصل، اوهين زمين سان اهڙيءَ طرح محبت نٿا ڪريو، جھڙيءَ طرح تخليق ڪرڻ وارا ۽ تخليق ڪي وڌائڻ وارا ۽ تخليق تي خوش ٿيڻ وارا ڪندا آهن.

پر معصوميت ڪٿي آهي؟ اُتي جتي تخليق وڌائڻ جو ارادو هجي ۽ جيڪو پاڻ کان مٿي تخليق ڪرڻ گھري ٿو، مون وٽ اُن جو ارادو معصوم ترين ارادو آهي.

خوبصورتي ڪٿي آهي؟ اُتي، جتي مون لاءِ پنهنجي پوري يقين سان ارادو ڪرڻ ضروري آهي: جتي آءٌ محبت ڪري فنا ٿي وڃان تہ جيئن صورت محض صورت نہ رهي.

محبت ڪرڻ ۽ فنا ٿي وڃڻ: اِهي ٻيئي ازل کان هڪٻئي جا ساٿيارا آهن. محبت جو ارادو: اِن جي معنيٰ آهي، موت لاءِ تيار رهڻ. اِهو آءٌ اوهان بزدلن کي ٻڌائي رهيو آهيان!

مگر هاڻي اوهين پنهنجين نامرد نيڻين اکين سان نهارڻ جو نالو ”مراقبو“ رکو ٿا ۽ جنهن شيءِ کي اوهين بزدلي وارين اکين سان ڇهي سگھو، تنهن لاءِ لفظ ”خوبصورت“ مشهور ڪرڻ گھرو ٿا. آه، شريف لفظن کي گندي ڪرڻ وارؤ!

۽ اِها پٽَ ٿي اوهان لاءِ ڪافي آهي، اي بي عيب، اي پوتر علم ۽ عرفان وارؤ، تہ اوهين ڪنهن بہ شيءِ کي جنم نہ ڏيئي سگھندا، پوءِ ڀلي تہ اُفق تي ڪيترو بہ ڦوڪجو ۽ ڇائنجي وڃو!

واقعي، شريف لفظن سان اوهان جا وات ڀريا پيا آهن ۽ اوهين اسان کي يقين ڏيارڻ گهرو ٿا، تہ اوهان جون دليون لبريز آهن ۽ اٿل کائي رهيون آهن، اي ڪوڙا ڪُسا ڪي!

پر منهنجا لفظ مسڪين، حقير ۽ هَڪڙايل لفظ آهن: خوشيءَ سان آءٌ ڪٽي وٺان ٿو، اوهان جي کاڌي جي ميزن تان هيٺ ڪريل اِهي لفظن.

پر تڏهن بہ آءٌ منافقن کي سچ چئي سگهان ٿو: هائو، منهنجا اِهي مڇيءَ جا ڪنڊا، هڏيون، ۽ ڇُيندڙ تاندورا منافقن جي نڪن ۾ ڪتڪتائي ڪن ٿا.

اوهان جي ۽ اوهان جي کاڌن جي آسپاس جِي هوا گندي آهي: اوهان جا حريص خيال، اوهان جون دروغ گوئيون ۽ سرگوشيون يقيناً هوا ۾ موجود آهن!

اول پنهنجي پاڻ تي اعتبار ڪرڻ جي همت تہ ڏيکاريو___ پنهنجي پاڻ تي ۽ پنهنجين اوجهرين تي! جنهن کي پاڻ تي اعتبار نہ آهي، اُهو سدائين ڪوڙو آهي.

اوهان، اي "پاڪبازؤ" پنهنجي آڏو ديوتا جو پردو ٽنگي ڇڏيو آهي: اُن ديوتا جي پردي ۾ اوهان جو منحوس، گهنججي ويٺل سَپُ رڙهي وڃي ويٺو آهي.

واقعي اوهين ڏوڪو ڏيو ٿا، اي "مراقبي وارؤ"! ڪنهن زماني ۾ زرتشت بہ اوهان جي ديوتا نما ظاهرَ تي ٺڳجي ويو هو. هُن کي گهنجيل سَپَ جو گمان ڪونہ هو، جيڪو اوهان جي اندر ۾ ويٺل هو.

هيڪر مون ڀانيو تہ، اوهان جي بازيگريءَ ۾ آسماني روح ڪيڏي رهيو آهي، اي پاڪ عارفؤ! ڪنهن وقت منهنجي وهم ۾ اوهان جي هنرن کان وڌيڪ ٻيا هنر هئا ئي ڪونہ!

سَپَ جي گندگي ۽ بدبو مون کي مفاصلي جي سببان معلوم نہ ٿي هئي ۽ نہ اُتي دغابازيءَ سان، ڊبيل پيرن سان، هيڏانهن هوڏانهن ڇُرندڙ ڇِڇي مون کي نظر آئي هئي.

پر نيٺ آءٌ اوهان جي ويجهو آيس: اُن وقت ئي مون لاءِ ڏينهن ٿي ويو،_ ۽ هاڻي اُهو اوهان لاءِ بہ اچي ٿو ۽ چنڊ جي محبت واري رياڪاري ختم ٿيڻ واري آهي!

ڪجهہ اوڏانهن نهاريو! پرهہ جي گلابي باک اڳيان هو ڪيئن نہ زرد ۽ ڪومايل ڏسجي رهيو آهي!

ڇاڪاڻ تہ هاڻي هوءَ اچڻ واري ئي آهي، اُها ٻهڪڻ،_ سج جي ڌرتيءَ سان محبت اچي رهي آهي! سڄي معصوميت ۽ تخليقي تمنا اِها آهي_ سڄي ساري سج جي محبت!

هوڏانهن ڏسو! ڪهڙيءَ نہ بي تابيءَ سان، سمنڊ جي مٿان هوءَ اچي رهي آهي، پرهہ جي گلابي باک! ڇا، اوهان کي اُن جي بيچينيءَ ۽ محبت جا گرم گرم ساهہ کڻڻ جا آواز محسوس نٿا ٿين؟

هوءَ سمنڊ جي شيرخواري ڪرڻ گهرندي ۽ اُن جي اونهاين کي نوش ڪري، پاڻ وٽ، بلنديءَ جي طرف وٺي وڃڻ گهري ٿي: هاڻي سمنڊ جو چاهہ پنهنجن هزارين سينن جي سِڪ کڻي اُٿي رهيو آهي!

هوءَ چاهي ٿي تہ، سڄ منجهانئس پنهنجي پياس اُجهائي ۽ ڪيس چمي. هوءَ چاهي ٿي تہ ٻاڦ بنجي وڃي ۽ بلندي ۽ روشنيءَ جو رستو، بلڪ خود روشني بنجي وڃ!

تحقيق، سڄ وانگر آءٌ زندگيءَ سان محبت ڪريان ٿو ۽ مڙني اُنهن سمنڊن سان.

۽ مون وٽ اِن جو نالو علم آهي، ڇاڻ آهي: هر اونهائي اُڀري، منهنجي بلنديءَ تي ايندي!_

زرتشت اِيئن فرمايو.

# 38. عالم

جڏهن آءٌ سمهيو پيو هوس، تہ هڪ رڍ اچي عشق_ پيچ [4] جي هار کي هوريان هوريان کائڻ لڳي، جو منهنجي ڳچيءَ ۾ پيو هو_ هوءَ کائيندي پئي ويئي ۽ گڏو گڏ هيئن چوندي پئي ويئي: ”زرتشت هاڻي عالم ڪونهي!“

اِيئن چئي، اڊنگيءَ ريت ناز نخرو ڪندي اُتان هلي ويئي. اِها خبر هڪ ٻار مون کي اُتي ٻڌائي.

پڳل ٽٽل ڀتين جي ڀرسان ۽ ڪانڊيرن ۽ پست جي ڳاڙهن گلن جي وچ ۾ جتي ٻار کيڏندا آهن، اُتي ليٽي پوڻ مون کي ڏاڍو وڻندو آهي.

ٻارن وٽ آءٌ اڃا هڪ عالم جي حيثيت رکان ٿو ۽ ڪانڊيرن ۽ پست جي ڳاڙهن گلن وٽ بہ. اهي معصوم آهن، پنهنجين شرارتن ۾ بہ.

پر رڍن وٽ آءٌ هاڻي عالم نہ آهيان: اِها منهنجي قسمت آهي_ مبارڪون هجنس!

---

(*) ٻُوٽي جو نالو، عشق پيچ وَل.

چو تہ اِها حقيقت بہ آهي: آءٌ عالمن جي حُجري مان نڪري آيو آهيان، ۽ پنهنجي پٺيان دروازو بہ زور سان بند ڪري ڇڏيو اٿم.

منهنجو ساهہ هنن جي ميز تي ڪجھ وقت تائين بکيو ويٺو رهيو: آءٌ هنن وانگر چوڪ چڪاس جو ڍنگ ڪونہ سکيو آهيان، مثلاً سوپارين ڀڃڻ جو.

آءٌ آزاديءَ کي پسند ٿو ڪريان ۽ تازي زمين جي مٿانهين هوائن کي؛ هُنن جيئن مرتبن ۽ اعزازن سان ويڙهجي سمهڻ بدران آءٌ ڍڳي جي کل ئي اوڙهي سمهڻ چاهيندس.

آءٌ بيحد گرم مزاج آهيان، ۽ خود منهنجن خيالن مون کي لُوساٽي ڇڏيو آهي: اڪثر اُهي منهنجو دم گهُٽڻ لاءِ تيار رهن ٿا ۽ پوءِ مون کي کليءَ هوا ۾ وڃڻو پوي ٿو، ڌڙ پريل ڪمرن کان پري.

مگر هو ٿڌيءَ ڇانوَ ۾ ٿڌا ٿيا ويٺا رهن ٿا. هو مڙني ڳالهين ۾ رڳو تماشبينن جي حيثيت سان رهڻ گهرن ٿا ۽ اهڙي هنڌ ويهڻ کان پاسو ڪن ٿا، جتي زمين تتل آهي.

انهن ماڻهن وانگر، جي دڳ تي بيهي لنگهندڙن کي تڪيندا رهن ٿا: هو بہ ايئن بيهي رهن ٿا ۽ اکيون ڦاڙي انهن خيالن ڏانهن ڏسن ٿا جي ٻين جي دماغ مان نڪتا آهن.

جيڪڏهن ڪو هُنن کي جهلي ٿو وجهي تہ اُنهن مان ڇنڊڪايل اَٽي جي ڳوڻ جيان ازخود ڌوڙيو نڪري ٿو اچي: پر اِهو پتو ڪير ڪدي ۽ ڪير چوي تہ اُنهن جي خيالن جي اُها دز پراڻي اَن مان نڪتي آهي يا اونهاري جي فصل جي تازي اَن مان!

جڏهن هو پنهنجيءَ ڏاهپ جو ڍؤنگ رچائين ٿا تہ هنن جا خسيس گفتا ۽ مقولا مون کي برفايو ٿا ڇڏين: هنن جي دانشمنديءَ مان اڪثر هڪ قسم جي بوءِ اچي ٿي جيڪا ڄڻ تہ گپ ۽ ڪيچڙ مان نڪتي هجي ۽ سچ پچ مون کي تہ اُن مان ڏيڏرن جي بي مطلب ٽان ٽان ئي ٻڌڻ ۾ آئي آهي!

هو ڏاڍا چالاڪ آهن_ هنن جون آڱريون ڦڙتيليون آهن: منهنجي سادگيءَ جو هنن جي پيچيدگيءَ سان ڪهڙو مقابلو؟ هنن جون آڱريون سبڻ ۽ پرڻ، اُڻڻ ۽ مڙهڻ ۾ ماهر ۽ بي مثل آهن: اهڙيءَ طرح هو روح لاءِ ڄارا جوڙين ٿا!

هو سنيون واچون آهن: رڳو اِن ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ اُنهن کي ڪُنجي پوري ڏني وڃي! پوءِ اُهي پورو وقت ٻڌائينديون ۽ شور بہ گهٽ ڪنديون.

هو جنڊ جي پڙن ۽ اُکرين جي مُهرين وانگر ڪم ڪن ٿا: اوهين رڳو اُنهن ۾ اَنَ جا داڻا وجهي ڇڏيو!___ هو اَن کي ڪُٽي، سنهون پِيهين اُن کي اڇي دز بنائي ڇڏيندا.

هو هڪٻئي تي چڱيءَ ريت چوڪسي ڪن ٿا ۽ هڪٻئي تي ويساهه بنهه نٿا رکن. هو پست حيلن ۾ چالاڪ آهن، تنهنڪري پاڻ جهڙن اهڙن جا منتظر رهن ٿا جن جو علم منڊن پيرن تي هلي ٿو.___ ۽ اُنهن لاءِ هو ڪوريئڙن وانگر تاڙ ۾ رهن ٿا.

مون ڏٺو آهي ته، ڪيئن هو سدائين هوشياريءَ سان زهر تيار ڪن ٿا ۽ اُيئن ڪرڻ وقت هو هميشه شيشي جا دستانا پنهنجين آڱرين تي چاڙهين ٿا.

تنهن ڪان سواءِ هو ڪوڙن ڍارن سان به ڪيڏي ڄاڻن ۽ مون ڏٺو آهي ته هو اُنهن سان ايڏي شديد چاهه سان کيڏن ٿا، جو اُن سرگرميءَ ۾ پگهرُ اچيو وڃين.

اسين هڪٻِيَن لاءِ اَجنبي آهيون ۽ هُنن جون نيڪيون منهنجي ذوق لاءِ سندن ڪوڙ بدوڙ ۽ ڪوڙن ڍارن ڪان به وڌ ناموافق ۽ بڇان جو ڳيون آهن.

۽ جڏهن آءٌ هُنن سان رهندو هوس، ته هُنن ڪان مٿانهين معيار تي رهندو هوس. تنهن ڪري هنن کي مون سان ساڙ هوندو هو ۽ هو مون تي ناراض هوندا هئا.

هنن کي اِها ڳالهه بڌڻ پسند ڪانهي ته، ڪو هنن جي مٿن ڪان وڌيڪ اوچائيءَ تي هلي ٿو؛ تنهن ڪري هُنن منهنجي ۽ پنهنجن مٿن جي وچ ۾ لَڪڙ، مِٽي ۽ کِن ڪچرو رکي ڇڏيو هو.

اِيئن هُنن منهنجن قدمن جا آواز ٻوڙا ڪرائي ڇڏيا: ۽ اِن ريت سڀ ڪان وڏن عالمن وٽ آءٌ تمام گهٽ ٻڌل سئل رهيو آهيان.

سڀيءَ انسان ذات جا عيب ۽ ڪمزوريون هُنن پنهنجي ۽ منهنجي درميان حائل ڪري ڇڏيون: - اِن بندوبست کي پنهنجن حلقن ۾ هُنن ”غائب ڇت“ ٺي سڏيو.

پر، اُن هوندي به، آءٌ پنهنجن خيالن سان هُنن جي مٿن ڪان مٿي هلان ٿو ۽ آءٌ ڪٽي پنهنجين غلطين تي ٺي هلان، تڏهن به آءٌ هُنن ڪان ۽ هُنن جي مٿن ڪان مٿي ٺي هوندس.

ڇاڪاڻ ته ماڻهو برابر نه آهن: انصاف اِيئن ٿو چوي ۽ جيڪو ارادو آءٌ ڪريان ٿو، اُهو هو نه به ڪندا!_

اِيئن زرتشت فرمايو.

# 39. شاعر

زرتشت پنهنجي هڪ عقيدتمند کي چيو: ”جڏهانڪر مون جسم کي بهتر ڄاتو آهي، مون وٽ روح رڳو علامت طور روح رهيو آهي ۽ سڀ شيءِ ’فاني‘ ___اِها بہ رڳي هڪ تشبيهہ آهي.“

عقيدتمند جواب ڏنو، ”اِها ڳالهہ مون توکان اڳي بہ ٻُڌي آهي ۽ اُن وقت تو اِن ۾ هيءُ اضافو ڪيو هو تہ، ’شاعر بيحد ڪوڙ ڳالهائين ٿا‘ آخر تو اِيئن ڇو چيو هو تہ شاعر بيحد ڪوڙ ڳالهائين ٿا؟“

زرتشت چيو، ”تون پڇين ٿو ’ڇو‘؟ آءٌ اُنهن ماڻهن مان نہ آهيان، جن کان ’ڇو‘ جو سبب پڇيو وڃي.

ڇا، منهنجو تجربو رڳو ڪالهوڪو آهي؟ نہ، بلڪ اُن کي هڪ زمانو گذري ويو آهي، جو مون کي پنهنجن راين جي سببن جو تجربو ٿي چڪو هو.

مون کي نہ حافظي جو پيپ تيٺو پوندو، جيڪڏهن آءٌ سيني سببن کي بہ گڏ ڪٺيو وتان!

پنهنجن راين کي ئي ياد رکڻ منهنجي لاءِ وڏو مشڪل ڪم آهي ۽ ڪيئي پکي اڏامي پڄي ٿا وڃن.

۽ ڪڏهن ڪڏهن هي بہ ڏسان ٿو تہ، هڪ رولو پکي اُڏامي منهنجي ڪبوترن جي پڃري ۾ اچي پيو آهي، جو مون سان مانوس نہ آهي ۽ جڏهن آءٌ پنهنجو هٿ اُن تي رکان ٿو تہ، هو ڦڙڪڻ لڳي ٿو.

بهرحال، زرتشت هڪ ڀيرو اڳ توکي ڇا چيو هو؟ اِهو نہ، تہ ’شاعر بيحد ڪوڙ ڳالهائين ٿا؟‘ _پر، زرتشت بہ تہ شاعر آهي.

ڇا، توکي اِن ڳالهہ تي اعتبار آهي تہ هُن سچ چيو هو؟ ڇا جي ڪري تون هُنن تي اعتبار ڪرين ٿو؟“

عقيدتمند جواب ڏنو، ”مون کي زرتشت ۾ اعتبار آهي.“ اِن تي زرتشت ڪنڌ ڌوڻيو ۽ مُشڪي، چوڻ لڳو:

”اعتبار ’مون کي تقدس نٿو ڏئي،“ هن چيو، ”۽ سڀ کان گهٽ تہ خود مون ۾ اعتبارُ.

پر جيڪڏهن ڪنهن پوريءَ سنجيدگيءَ سان چيو بہ تہ ’شاعر بيحد ڪوڙ ڳالهائين ٿا‘ تہ هو حق بجانب هو، اسين سچ پچ بيحد ڪوڙ ڳالهايون ٿا.

اسان جي معلومات بہ بيحد ٿوري آهي ۽ اسين علم پرائڻ ۾ ناقص بہ آهيون: تنهن ڪري اسين ڪوڙ ڳالهائڻ تي مجبور آهيون.

۽ اسان شاعرن ۾ ڪيرُ آهي، جنهن پنهنجي شراب ۾ ملاوت نہ ڪئي آهي؟ گهڻيئي زهر آلود ملاوتونِ اسان جي شراب جي بَٽين ۾ ٿيون آهن: ڪيتريون ئي نہ ٻڌائڻ جهڙيون ڪاروايون بہ اُتي ڪيون ويون آهن.

۽ ڇاڪاڻ تہ اسان جو علم ٿورو آهي، تنهن ڪري اسين اُنهن ڪي دل سان پسند ڪريون ٿا، جي ويچارا يا دماغ طور گهٽ ماپي وارا آهن ۽ خاص ڪري جيڪڏهن اُهي نوجوان عورتون آهن!

۽ تنهن هوندي بہ، اسين اُنهن ڳالهين لاءِ سڪون ٿا، جي پوڙهيون زالون شام جي وقت پاڻ ۾ ڪن ٿيون!_ اِن ڪي اسين پاڻ ۾ 'دائمي نسوانيت' ٿا چئون.

۽ گويا علم جو ڪو مخفي دروازو آهي، جو اُنهن ئي جي اندر وڃڻ تي بند ٿي وڃي، جيڪي ڪوئي ڪجهہ بہ سکي وٺن ٿا ۽ اِن ڪري اسين هر اڌ سکيل ماڻهوءَ ۽ اُن جي 'ڏاهپ' ۾ اعتبار رکون ٿا!

هڪ ڳالهہ تي، بهرحال، مڙني شاعرن جو اعتقاد آهي: جڏهن نرم گاهہ تي ليٽي يا خاموش ماٿرين جي فضا ۾ ويهي، ڪوڪنُ ڏيئي ٻڌي ٿو تہ اُن ڪي اُنهن اسرارن بابت ڪجهہ معلوم ٿئي ٿو، جيڪي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ آهن!

۽ جڏهن شاعرن ۾ لطيف جذبا اُڀرن ٿا، تڏهن هو سدائين اِيئن ڀانئين ٿا تہ قدرت خود هُنن تي عاشق آهي!

۽ هوءَ چپ چاپ کسڪي، هُنن جي ڪنن ۾ وڃي ٿي ويهي تہ جيئن هُنن سان راز ۽ نياز جون ڳالهيون ڪري: پوءِ اِن بابت هو ٻين فاني انسانن اڳيان پنهنجي تعريف ڪن ٿا ۽ اُن تي فخر جو اظهار ڪن ٿا!_

'آهہ، آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ گهڻيون ئي اهڙيون شيون آهن، جن جو منجهُ رڳو شاعر ئي ڄاڻن ٿا!'

واقعي، اسان جو ڌيان سدائين اوچاين ڏانهي ڇڪيل رهي ٿو ___ يعني بادلن جي دنيا ڏانهن: اُنهن تي اسين پنهنجون ڀيڪيدار ڪٺ_ پتليون ٻيهاريون ٿا، ۽ اُنهن ڪي ديوتا ۽ فوق البشر جي نالن سان سڏيون ٿا:

ڇا، اُهي اهڙين ڪُرسين جي لاءِ ڪافي هلڪا نہ آهن! - اِهي سڀ خدا ۽ فوق البشر؟ -

آه، آءٌ سيني اُٿپورين شين کان ڪيتريقدر نه بيزار آهيان، جن لاءِ اصرار ڪيو وڃي ٿو ته اُهي حقيقي آهن! آه، آءٌ شاعرن کان ڪيتريقدر نه تنگ ٿي چڪو آهيان!“

زرتشت جي اِن تقرير تي سندس عقيدتمند کي رنج پهتو، پر هو خاموش رهيو ۽ ڪجهه به نه چيائين. زرتشت به ماٺ ۾ رهيو ۽ هن جي نگاهه پنهنجي اندرَ ڏانهن متوجهه هئي، ڄڻ ته هو تمام ڏورانهين ماٺهو ۾ گهُوري رهيو هو. آخر هُن ٿڌو شوڪارو ڀريو، ۽ ڏکهو ساهه کنيائين.

پوءِ هيئن چوڻ لڳو، منهنجو وجود اڄ جو ۽ اڄ کان اڳ جو آهي؛ پر مون ۾ ڪا اهڙي شيءِ آهي، جا سُڀاڻ جي، پرينهَن جي ۽ پرانهين مستقبل جي آهي.

آءٌ شاعرن کان تنگ ٿي پيس، نَون توڙي پراڻن کان: منهنجي نظر ۾ اُهي سڀ ظاهري ڏيکاءُ ڪندڙ آهن ۽ تانگها سمنڊ آهن.

هُنن ڪافي اونهو وڃي نه سوچيو: اِن ڪري هُنن جا احساس تَهَ تائين پهچي نه سگهيا.

ڪجهه نفس پسندي ۽ ڪجهه طبيعت جي ٿڪاوٽ جو احساس: اِهي ئي اجا تائين هُنن جي خيال جا مرغوب مرڪز رهيا آهن.

هُنن جي چنگ جو بي سُرو آواز، مون کي ڀوتن جي ساهه کڻڻ ۽ ڏمچڙ مچائڻ جيان معلوم ٿئي ٿو؛ اجا هو موسيقيءَ جي ذوق ۽ اُن جي ماڻڻ جي لطف کان محروم آهن!_

منهنجي خيال ۾، هو ڪافيِ حد تائين نِبار ۽ نج به نه آهن: سيئي پنهنجي پاڻيءَ کي گدلو ڪري ڇڏين ٿا ته جيئن اُهو ڏسڻ ۾ اونهون اچي.

۽ اُن سان گڏوگڏ پنهنجي پاڻ کي نبيرا ڪندڙ ثابت ڪرڻ گهرندا آهن: پر منهنجي نظر ۾ هو وچ- ڪُٽيا، گڏوچڙ ڪندڙ، اَڌو اَڌ ۽ غير خالص آهن!

آه، مون سٽيون مڇيون پڪڙڻ جي غرض سان هُنن جي سمنڊ ۾ ڄارَ وڌو، پر هر ڀيري هڪ نه ڪنهن پراڻي ديوتا جو مٿو اُن ۾ ڦاسي نڪتو.

اِيئن بکايل کي سمنڊ وٽان پٿرُ مليو. شايد هي پاڻ به سمنڊ جي پيدائش آهن.

بيشڪ، ماڻهوءَ کي اُنهن ۾ موتي به ملن ٿا: اِن سلسلي ۾، هڪ طرح هو سنگ- پُشتن جهڙا آهن، ۽ هنن ۾ مون اڪثر روح جي بدران لوڻيائو لعاب ڏٺو آهي.

هُنن سمنڊ کان اُن جِي خود نمائي ۽ خود پسندي به سکي آهي: ڇا، سمنڊُ مورَن جو مورُ به نه آهي؟

هو گندي کان گندي پاڏي جي اڳيان بہ پنهنجا کنڀ کولي ٿو: هو پنهنجي اِن چانديءَ ۽ ريشم جي لهردار وڇٽي کان بيزار ٿي نٿو ٿئي.

پاڏو هُن ڏانهن بيپرواهہ، ڌڪاري انداز سان ڏسي ٿو، اُن وقت پاڏي جو ساهہ واريءَ جي قريب هوندو آهي، اُن کان وڌيڪ گاهہ جي قريب، ۽ سڀ کان وڌيڪ گپ ۽ ڪيچڙ جي قريب.

پاڏي کي خوبصورتيءَ ۽ سمنڊ، ۽ مورَ جي اعليٰ شانداريءَ سان ڪهڙو ڪم؟ هيءُ استعارو آءٌ شاعرن جي ويچار لاءِ استعمال ڪريان ٿو.

حقيقت ۾ هُنن جو روح بہ مورن کان وڌيڪ مورَ آهي ۽ خود نمائيءَ جو سمنڊ!

شاعرن جي روح کي تماشبينن جي ضرورت آهي۔ پوءِ اُهي پاڏا ئي ڇو نہ هجن!۔

پر اهڙي روح کان آءٌ بيزار ٿيل آهيان ۽ اهڙي وقت کي ايندو ڏسي رهيو آهيان، جڏهن اُهو پنهنجي پاڻ کان بہ بيزار ٿي پوندو.

هائو، آءٌ ڏسي چڪو آهيان تہ شاعرَ بدلجي بہ ويا آهن ۽ پنهنجيون نظرون پنهنجي اَندرَ ڏانهن موڙيون اٿن.

پر مون اوچا اڏامندڙ ۽ روح جا تائب بہ ظاهر ٿيندي ڏٺا آهن ۽ اُهي بہ شاعرن منجهان اُپريا آهن!۔

زرتشت اِيئن فرمايو.

# 40. عظيم واقعا

سمنڊ ۾ هڪ ٻيٽ آهي جو زرتشت جي 'خوشيءَ جي ٻيٽن' کان پري نہ آهي ۽ جنهن جي ٻرندڙ جبل مان هميشہ دونهون نڪرندو رهي ٿو ۽ عام ماڻهن، خاص ڪري ٻُڍين زالن، جو هي اعتقاد آهي تہ اُهو ٻيٽ هڪ ٽَڪَر وانگر 'پاتال' جي دروازي مٿان رکيل آهي ۽ خود ٻرندڙ جبلَ مان هڪ سوڙهو رستو هيٺئين طرف 'پاتال' جي دروازي تائين وڃي ٿو.

اُن زماني ۾، جڏهن زرتشت خوشيءَ جي ٻيٽن ۾ رهندو هو، هيءُ واقعو پيش آيو، جو هڪ جهازَ اچي اُن ٻيٽ وٽ لنگر هنيو، جنهن تي ٻرندڙ جبلَ هو ۽ اُن جا خلاصي سَهَن جي شڪار لاءِ ڪناري تي لهي ويا. ٻنپهرن جي وقت جڏهن ڪپتانُ ۽ هُن جا ساٿي هڪ هنڌ وري گڏ ٿيا تہ ڇا ٿا ڏسن تہ هڪ شخص هوا ۾ اُڏامندو هُنن

ڏانهن اچي رهيو هو ۽ هُنن صاف صاف هي آواز ٻڌو: ”وقت ويجهو اچي ويو آهي! وقت بلڪل ويجهو اچي ويو آهي!“ جڏهن اها صورت هُنن جي ويجهو آئي ۽ تيزيءَ سان پاڇي وانگر اُن طرف هلي ويئي، جيڏانهن ٻرندڙ جبل هو: تڏهن هنن بيحد تعجب سان ڏٺو تہ اُهو زرتشت هو: ڇاڪاڻ تہ ڪپتان کان سواءِ ٻين سينِي هُن کي اڳي ڏٺو هو ۽ ڪين ٻين ماڻهن جيان هُن سان محبت هئي: اهڙيءَ طرح، جو اُن ۾ محبت ۽ هيبت جو عنصر هڪ جيترو هو.

پوڙهي سڪانيءَ چيو، ”ڏسو، اِجهو زرتشت پاتال ڏانهن وڃي رهيو آهي!“

جنهن وقت هي خلاصي اُن ٻاهہ جي ٻيٽ تي لٿا هئا اُن وقت اِهو افواهہ ڦهليل هو تہ زرتشت غائب ٿي ويو آهي ۽ جڏهن هُن جي دوستن کان دريافت ڪيو ويو تہ اُنهن چيو تہ هو اُنهيءَ رات جهاز ۾ روانو ٿيو آهي، پر اِهو نہ ٻڌايو اٿس تہ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين.

اهڙيءَ طرح ماڻهن ۾ بيچيني ڦهليل هئي ۽ ٽن ڏينهن بعد خلاصين جي قصي اُن بيچينيءَ ۾ اضافو ڪيو ___ ۽ پوءِ تہ ماڻهن اِهو چوڻ شروع ڪيو تہ شيطان زرتشت کي کڻي ويو - جيتوڻيڪ هن جي عقيدتمندن اِن ڳالهہ تي کِليو ٿي ۽ اُنهن مان هڪ تہ اِئين بہ چيو تہ ”اِن کان وڌيڪ تہ منهنجو ويساهہ مون کي هي ٿو چوي تہ زرتشت شيطان کي کڻي ويو!“ پر هو سڀ دل ئي دل ۾ پريشان ۽ سندس ديدار جا مشتاق هئا. تنهن ڪري جڏهن زرتشت پنجين ڏينهن اچي وڻ سهيڙيو، تہ هو خوشيءَ ۾ نٽي ماپيا.

۽ هيءَ آهي ٻاهہ - جي - ڪُتي سان زرتشت جي گفتگو جو بيان:

هُن چيو تہ، زمين جي مٿان هڪ کل آهي ۽ اِن کل ۾ ڪئين بيماريون آهن_ مثال طور هڪ بيماري اُها آهي، جنهن جو نالو ”ماڻهو“ آهي.

۽ هڪ ٻيءَ بيماريءَ جو نالو آهي ”ٻاهہ - جو - ڪتو“: اُن بابت ماڻهن پنهنجي پاڻ کي وڏي ڌوڪي ۾ وڌو آهي ۽ هنن کي وڌو ڌوڪو ڏنو ويو آهي.

اِن راز کي معلوم ڪرڻ لاءِ آءٌ سمنڊ پار ويس ۽ تحقيق مون سچائيءَ کي هوبهو ڏٺو ___ پيرن کان وٺي ڪنن تائين.

ٻاهہ _ جي- ڪتي جو هاڻي مون کي پتو پئجي ويو آهي ۽ اهڙيءَ ريت سيني ڦِٽائيندڙن ۽ الا ڦوڪاريندڙن شيطانن جو، جن کان رڳو پوڙهيون زالون ئي ڪينَ ٽيون ڊڃن.

مون واڪو ڪري چيو، ”اي ٻاهہ _ جا _ ڪتا“ نڪري اچ پنهنجي ڪڌ مان ۽ ٻڌاءِ تہ اِها اَنو دَجي ڪڌ ڪيڏي اونهي آهي! هي جيڪي تنهنجي وات مان ڦوڪار جي رهيو آهي، ڪٿان ٿو اِهو اچي؟

تون سمنڊ جو پاڻي تمام گهڻو تتو پين: تنهنجي غضبناڪ پڙنڪ مان اُن جو پتو پوي ٿو. پاتال جو ڪتو تي ڪري تون پنهنجي ايڏي گهڻي خوراڪ ڌرتيءَ تان ٿو ڪڍين!

گهڻي ۾ گهٽو تہ توکي آءٌ ڌرتيءَ جو اُهو واسي سمجهان ٿو، جو پيچ ڪان اوناڙيندو آهي ۽ جڏهن بہ مون ڦتائيندڙ ۽ ڦوڪاريندڙ شيطانن کي ڳالهائيندي ٻڌو آهي، تہ اُهي مون کي تو جهڙا لڳا آهن___ ڪُوڙا، وِرهائيندڙ ۽ خسيسَ.

اوهين دانهوڙون ڪري ۽ رک جا ڌوڙيا اُڏاري، اونائڻ ئي ڄاڻو ٿا، اوهين وڏا لباڙي ۽ ڪوڙا آهيو ۽ اوهان اُڇليل ڦوڳ کي اُبارڻ جو فن خوب سکيو آهي.

جتي بہ اوهين هوندا، اتي گپ هوندي، چور گپ، اُپاسيلَ، چوري، مٿان لِتلَ___ ڪوڙيءَ آزاديءَ جو ڏيک ڏيندڙ.

’آزادي‘ اوهين سڀ زور سان پڪاريو ٿا: پر ’عظيم واقعن‘ مان منهنجو اعتقاد نڪري ويو آهي. جڏهن اُنهن لاءِ رڳو گهڻا واڪا ٿين ٿا ۽ دونهين جا ڪڪر آڻن ٿا.

۽ مون تي اعتبار ڪر، دوست باهوڙي! عظيم ترين واقعا وڏ ۾ وڏ غوغائي نہ پر وڏ ۾ وڏ خاموش واقعا هوندا آهن.

دنيا نَون غوغائن جي ايجاد ڪندڙن جي چوڌاري نہ بلڪ نون قدرن جي تخليقڪارن جي چوڌاري ڦري ٿي ۽ بي آواز ڦري ٿي.

بس اِها ڳالهہ تسليم ڪر! جڏهن تنهنجو غوغا ۽ دونهون بند ٿي ويندا آهن تہ پوئتان اُنهن جي نتيجي طور ڪابہ وڏي ڳالهہ واقع ڪانہ ٿيندي آهي. سچ پچ اِن مان وري بہ تہ ڇا ٿو___ هڪ شهرُ موميائجي ٿو ۽ هڪ پتلو ڪِري اچي گپ ۾ پوي ٿو، بس!

۽ اِها ڳالهہ آءٌ پتلن ڪيرائيندڙن کي بہ چوان ٿو لوڻُ سمنڊ ۾ يا پُتلا گپ ۾ اڇلائڻُ سڀ کان وڏي حماقت ئي تہ آهي.

پتلو تنهنجي نفرت جي گپ ۾ پيو آهي. مگر اِهو تہ اُن جي وجود جو قانون آهي تہ نفرت منجهان اُن جي زندگي ۽ اُن جو زنده حسن اُپرندا!

پنهنجيءَ پيڙا ڪان مليل وڏيڪ سونهن سان اُهو اُپري ٿو ۽ سچ پچ اُهو تنهنجو احسانمند رهندو، جو تو، اي ڦِتائيندڙ، اُن کي ڪيرايو هو!

آءٌ بادشاهن ۽ ديولين کي ۽ مڙني عمر جي سبب يا پنهنجي نيڪيءَ سبب ضعيف ٿي ويلن کي هيءُ مشورو ڏيان ٿو: ”پاڻ کي ڪيرڻ ڏيو! تہ جيئن اوهين وري زنده ٿيو___ ۽ اوهان وٽ نيڪي موٽي اچي!“ ___

اِهو قصو زرتشت ٻڌايو. هُن جي عقيدتمندن مس هُن جي ڳالهہ ٻڌي: هنن کي اِهو شوق هو تہ هُن کي خلاصين، سَهن ۾ ”اڌامندڙ شخص“ جي ڳالهہ ٻڌائين!

”اِن مان پلا آءٌ ڇا سمجهان؟“ زرتشت هنن جي ڳالهہ ٻڌي چيو، ”ڇا، آءٌ کو جِنُ آهيانِ؟“

پر اُهو منهنجو پاڇو ڀِي سگهيو ٿي! اوهان ’رولاڪ ۾ هن جي پاڇي‘ جو قصو تہ ڪجهہ ٻڌو هوندو!

هڪ ڳالهہ جي تہ پڪ آهي: مونکي اُن تي وڌيڪ مضبوط ضابطو رکڻ کپي نہ تہ هو منهنجو نالو خراب ڪري ڇڏيندو.“

۽ زرتشت هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو ۽ عجب ۾ پئجي ويو. ”اِن مان آءٌ ڇا سمجهان!“ هُن ٻيهر چيو.

”هُن ڇو وڏي واڪي چيو: ’وقت ويجهو اچي ويو آهي! وقت بلڪل ويجهو اچي ويو آهي!“

”ڪهڙيءَ ڳالهہ جو پلا وقت بلڪل ويجهو اچي ويو آهي؟“

زرتشت اِيئن چيو.

## 41. پيشينگو

”___ ۽ مون بني نوع انسان تي هڪ وڏي آپدا آيل ڏٺي. بهترين ماڻهو پنهنجن ڪمن مان بيزار ٿي پيا هئا.

هڪ ڳالهہ اُٿي هئي، هڪ ويساهہ پکڙيو هو: ’سڀ ڪجهہ فضول آهي، سڀ ڪجهہ ساڳيو آهي، سڀ ڪجهہ ٿِي چڪو!‘

سيني پهاڙن مان پڙاڏو ٿي آيو: ’سڀ ڪجهہ فضول آهي، سڀ ڪجهہ ساڳيو آهي، سڀ ڪجهہ ٿِي چڪو! باقي ڪجهہ ڪونهي!‘

برابر اسان فصل ڪنيا آهن، پر اسان جا ميوا ڇو سڙي ويا آهن ۽ سُڪي پيلا ٿي ويا آهن؟ گذريل رات بدصورت چنڊ مان ڪهڙي منحوس شيءِ هئي، جا ڪِري آهي؟

سڄي محنت اسان جي اجائي ويئي، اسان جو ڇِڪايل شراب زهر ٿي پيو آهي، ڪنهن بدنظر اسان جي ٻنين کي ۽ دلين کي سُڪائي پيلو ڪري ڇڏيو آهي.

اسين سڀ سُڪي ويا آهيون: اسان تي باهہ ڪِري، تہ اسين رک جيئن مٽي ٿي ويندا سين: _ هائو، پر خود باهہ بہ اسان کان مُنهن مَٽي ويئي آهي.

اسان جا سڀ چشما سڪي ويا آهن، سمنڊ بہ پنتي هٺي ويو آهي. سچو پٽ اوباسڻ جي ڪوشش ۾ آهي، پر اوڙاهہ بہ اُن کي ڳڙڪائڻ لاءِ تيار ناهي!

’اُف! ڪٿي ڪو سمنڊ باقي آهي، جنهن ۾ ڪو غرق ٿي سگهي؟‘ ـ اِها اسان جي آهَہ بہ تانگهيءَ ڳِرڻ سان ترڪي، گذري ٿِي وڃي!

سچ تہ ايڏا ٿڪجي پيا آهيون، جو مرڻ بہ نٿو پڄي سون؛ اڪيون اسان جون قائل آهن، تربتن ۾ پيا آهيون ـ ۽ جيئون پيا!“

اِيئن زرتشت هڪ پيشينگو کي چوندي ٻُڌو ۽ بدخبر هن جي دل ۾ پيهي ويئي ۽ هو سچو نُنهن کان چوٿيءَ تائين ڪارائجي ويو. هاريل دل ۽ ٿڪو ماندو بُت، هيڏانهن هوڏانهن هو ڦِرڻ لڳو ۽ هن جي حالت اهڙي بڻجي ويئي جهڙي اُنهن ماڻهن جي جن بابت پيشينگوءَ پيشينگوئي ڪئي هئي.

هن پنهنجن معتقدن کي چيو، ڪجهہ گهڙيون آهن ۽ پوءِ اِها شام جي طويل مُنهَن ـ اونداهِي اچڻ واري آهي. هاءِ، آءٌ پنهنجي روشنيءَ کي اُن مان ڪيئن بچائي نڪرندس!

تہ جيئن هِن اندوهناڪيءَ ۾ اُها وسامي نہ وڃي. اُها تہ پري پري جي دنيائن لاءِ، پري پري جي راتين لاءِ روشني بنجڻي هئي!

اِن ريت دل ۾ آتاهہ ڏک ڪٽي، زرتشت هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳو ۽ ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون هُن نڪي ڪجهہ کاڌو نہ پيتو. هن جو آرام ۽ گويائي هن کان موڪلائي ويا. آخر هڪ ڏينهن اهڙو ٿيو، جو هن کي گهري ننڊ وٺي ويئي. پر هن جا معتقد راتين جون راتيون هن جي چوگرد ويهي گذارڻ لڳا ۽ هنن کي اِهو فڪر لڳو رهيو تہ ڇا، هو وري جاڳندو ۽ موٽي ڳالهائيندو ۽ پنهنجي اَندوهہ کان نجات پائيندو يا نہ!

۽ هيءَ آهي اُها تقرير، جا زرتشت ڪئي جڏهن نيٺ هو جاڳيو: هن جو آواز هن جي معتقدن کي ايئن لڳو، ڄڻ اُهو پري کان اچي رهيو هو:

منهنجا دوستؤ، هيءُ منهنجو خواب ٻڌو، جو مون لڌو آهي ۽ اِن جي تعبيرَ ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪريو!

اِهو خواب اڃا مون لاءِ هڪ راز آهي، جنهن جي پيٽي پيچري ۾ بند آهي ۽ اُن جي مٿان اڃان اُها پنهنجا پَرَ پکيڙي آزاد اُڏامي نٿي سگهي.

مون خواب ۾ ڏٺو تہ آءٌ زندگيءَ کان دستبردار ٿي ويو آهيان ۽ اِهو، جو سامهون پهاڙ تي هيڪلو قلعو موت جو آهي، اُتي رات جو چوڪيدار ۽ تربتن جو پهريدار ٿي ويو آهيان.

اُتي متي آءٌ لاشن جي رکوالي پيو ڪريان. چؤڏاري موت جي هِن لٽيل فصل سان ڀريل تهخانن جا تهخانا آهن ۽ لاشن سان ٽميل شيشي جا تابوت آهن، جن مان هارايل زندگي جُوهه وجهي مون ڏانهن تڪي رهي آهي.

چؤطرف متيءَ ۾ لٽيل قدامتن جي ڪِني بوءِ آءٌ ڳهي رهيو آهيان ۽ رُڳهارو، متيءَ گاڏڙُ منهنجو روح آهي، جو اُتي هڪ هنڌ ڍٺو پيو آهي ۽ تڙڦي رهيو آهي. ڪير ڀلا اهڙي هنڌ پنهنجي روح کي ڪا تازي هوا پهچائي ٿو سگهي!

اڌ رات جي ڪاري اونداهي سدا مون کي وڪوڙيو بيٺي آهي: اُن سان گڏ تنهائي منهنجي ڀويان پلٿي ماريو ويٺي آهي ۽ خاموشي، انهن جي ٽين ڀائيوار، ٻنهي کي ٻوساٽيندڙ، ۽ موت جي پڪي سکي، منهنجي بدترين دشمن، هردم انهن سان اُتي گڏ هئي.

مون وٽ ڪنجيون هيون، سيني ڪنجين کان وڌ ڪٽيل ڪنجيون ۽ اُنهن سان آءٌ سڀ کان پراڻو چيچاٽ ڪندڙ درُ کولي سگهيس ٿي.

۽ جڏهن دَر جا تاڪ کليا ته هڪڙو سنهون ڪَر ڪَرو آواز ڊگهن بند دالانن جي آخري ڀتين سان وڃي ٽڪريو ـ ڏاڍيءَ ڪراهت سان پکيءَ رڙ ڪئي هئي، جنهن کي اِيئن زوريءَ جاڳايو ويو هو!

پر وڌيڪ خوفناڪ ۽ دل ڏاريندڙ سمو هو جڏهن اُهو آواز هڪدم بند ٿيو ۽ چوڌاري وري ماٺ پئجي ويئي. آءٌ اُن منحوس ماٺ ۾ اڪيلو ويٺهجي ويس.

اِيئن وقت گذرندو ويو ۽ ماٺ ئي ماٺ هئي: جيڪڏهن ڪو وقت پوءِ به باقي هو، آءٌ اُن لاءِ ڇئي به ڇا ٿي سگهيس! پر نيٺ اُهو ڪجهه واقع ٿيو، جنهن مون کي جاڳايو.

ٽي ڌڪ ٻاهرئين وڏي دروازي تي لڳا، جهڙا گجگوڙ جا ٽڙڪاٽ: ٽي ڀيرا گنبدن ۾ وڏي شور سان پڙاڏي جي گونج ٿي، تنهن کان پوءِ آءٌ اُن ٻاهرئين وڏي دروازي وٽ ويس.

مون رڙ ڪري پڇيو، الپا! ڪيرُ پنهنجي رک پهاڙ ڏانهن کڻي وڃڻ لاءِ آيو آهي؟ الپا! الپا! ڪيرُ پنهنجي رک پهاڙ ڏانهن کڻي وڃڻ لاءِ آيو آهي؟

۽ سون ڪُنجي ڦيرائي، ۽ دروازي کي ڇڪيو، زور سان ڇڪيو. پر دروازو آڱر جي چير جيترو به نه کليو:

تڏهن آنڌي سيٽيون وڄائيندي، سُون سُون ڪندي، ڇُپندي، ڏاڍي زور سان ڌوڪيندي اندر آئي ۽ اوچتو وڏي دروازي جا تاڪ کلي پيا ۽ هڪ ڪارو تابوت اندر منهنجي پيرن ۾ اچي ڪريو.

۽ وڏي شور ۽ غوغا ۽ دانهن ۽ ڪِيهُن ۾ تابوت ڦاٽي پيو. ٺهڪڙي جا هزارين ڪڙڪا اُن مان ڦٽي نڪتا.

۽ هزارين ٻار، فرشتا، چبرا، احمق ۽ مسخرا ۽ ٻارن جيترا بيشمار پوپٽ مڙي آيا، ۽ اِهي مون تي کِليا، مون سان چرچا ڪيا ۽ ۽ وڏو گوڙ ۽ شور مچايو.

اِن تي آءٌ ڏاڍو ڊنس ۽ ڪري پيس ۽ خوف وچان مون دانهن ڪئي ____ اهڙي، جو مون اُن کان اڳ ڪڏهن نہ ڪئي هئي.

۽ پوءِ اُن منهنجي دانهن تي خود منهنجون اکيون کلي ويون:_ ۽ آءٌ هوش ۾ اچي ويس. ___

اِن ريت زرتشت پنهنجو خواب ٻڌائي پوءِ ماٺ ٿي ويو، ڇو تہ اجا هن کي پنهنجي خواب جو تعبير معلوم نہ هو. پر هن جو هڪ معتقد، جو هن کي سيني کان پيارو هو، يڪدم اٿي کڙو ٿيو ۽ هن جي هٿ کي جهلي، چوڻ لڳو:

”اي زرتشت! خود تنهنجي زندگي اسان کي اِن خواب جو تعبير ٻڌائي ٿي.

ڇا، تون خود اِها سنهي ۽ تکي سيٽين واري آنڌي نہ آهين، جا موت جي قلعي جا دروازا زور سان کولي ڦٽا ٿي ڪري؟

ڇا، تون خود اُهو تابوت نہ آهين، جنهن ۾ زندگيءَ جون حماقتون ۽ رنگا رنگ کُلفتون ۽ اُن جا ڪلٽهاب فرشتہ_ نما خاڪا پريل آهن؟

سچ تہ ٻاراٽي ٺهڪڙي جي هزارها ڪڙڪن جيئن زرتشت پاڻ ئي تہ سيني تربتن ۾ پوريلن وٽ وڃي ٿو ۽ اُنهن کي جاڳائي ٿو ۽ چوڪيدارن ۽ تربتن تي نگهباني ڪرڻ وارن ۽ سيني اُنهن تي کلي ٿو، جي دروازا بند ڪريو، اُنهن جون نانگ _ ڦڻ جهڙيون ڪنيل ڪنجيون پاڻ وٽ مَنديو وينا آهن ۽ اُنهن کي کُڙڪائي رهيا آهن.

پنهنجي ٺهڪڙي سان تون ئي هُنن کي ڊيڄارينديئن ۽ ڇِتِ ڪنديئن ۽ بيهوش تي ۽ هوش ۾ اچي، پنهنجي قوت جو ثبوت اُنهن تي پڌرو ڪنديئن.

۽ جڏهن شام ٿيندي ۽ ڊگهي اونداهي ايندي ۽ سوت جي مانداڻي ويڙهيندي، تڏهن بہ تون، زندگيءَ جو پاسدار، اسان جي آسمان تان غروب نہ ٿيندين.

تو اسان کي اُتي ڏور نوان ستارا ڏيکاريا آهن ۽ رات جي اونداهيءَ ۾ لڪل نوان جلوا ۽ نيون رونقون ڏسيون آهن: تحقيق تو کِل خوشيءَ ۽ آس ۽ اميد کي رنگ برنگ تنبوءَ وانگر اسان جي مٿان پکيڙيو آهي.

هاڻي سدائين تابوتن تان ٻارن جي کِل جا ٺهڪڙا ٽپا ڏيئي اُٿندا ۽ فاتح ۽ تيز هوائون موت جي مڙني مانداڻين جو خاتمو ڪنديون: اِن ڳالهہ جو تون خود ضامن ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهين.

تحقيق خود اُنهن کي تو خواب ۾ ڏنو، پنهنجن دشمنن کي: اِهوئي تنهنجو ڏکوئيندڙ خواب هو.

پر جهڙيءَ طرح تون جاڳئين ۽ هنن کان باخبر ٿئين ۽ پنهنجي پاڻ وٽ موٽي آئين، اهڙيءَ طرح هو بہ پنهنجي پاڻ کان باخبر ٿيندا ___ ۽ تو وٽ موٽي ايندا."

اِها هئي تقرير زرتشت جي معتقد جِي ۽ پوءِ سڀيئي هُن جي چؤگرد گڏ ٿيا ۽ هُن جي هٿ کي جهلي وينا ۽ هن کي مڃائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا تہ هو پنهنجي بستري تان اُٿي، پنهنجي غمگينيءَ کان ٻاهر اچي ۽ موٽي هُنن سان هُنن جو ٿئي. پر زرتشت پنهنجيءَ جاءِ تي سڌو ٿي وينو رهيو ۽ غير حاضر نگاهن سان ڏسندو رهيو. مثل اُن شخص جي، جو پرديس مان گهڻن ڏينهن کان پوءِ موٽيو هجي، هو پنهنجن معتقدن کي ڏسڻ ۽ هنن جي چهرن کي جاچڻ لڳو: پر اجا بہ هنن کي نٿي سڃاتائين. پوءِ جڏهن هنن، بهرحال، هن کي اُٿاري پيرن تي بيهاريو، تڏهن هن جي نظر ۾ يڪايڪ ڦيرو آيو: جو ڪجهہ ٿيو هو اُهو سڀ هُن سمجهيو، هن پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيريو، ۽ زورائتي آواز سان چوڻ لڳو:

"اُٿو! هيءَ اُن جو وقت آهي: پر اي منهنجا معتقدؤ، اچو تہ ماني کائون، گڏجي سٺي ماني کائون، بنان دير جي ان جو انتظام ڪريو! اِيئن آءٌ بڇڙن خوابن جو تدارڪ ڪريان ٿو!

پر پيشينگو منهنجي پاسي ۾ ويهي کائيندو ۽ پيئندو ۽ واقعي هن کي هڪ سمنڊ بہ ڏسينديس جنهن ۾ چاهي تہ هو غرق ٿي سگهي ٿو" ___

اِيئن زرتشت فرمايو. اِن کان پوءِ اُن معتقد جي مُنهن ۾ گهڻو وقت چٽائي ڏسندو رهيو، جنهن هن جي خواب جو تعبير ڪيو هو، ۽ پوءِ هُن پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو. ___

# 42. نجات

هڪ ڏينهن جڏهن زرتشت وڏيءَ پُل تان پئي ويو تہ پنگلا ۽ پينو هن جي چؤگرد اچي گڏ ٿيا ۽ اُنهن مان هڪڙي جنهن جي ڳُڪ نڪتل هئي، هن کي هيئن چيو:

"ڏس زرتشت! عام ماڻهو بہ توکان سکن ٿا ۽ تنهنجي سکيا تي ايمان آڻين ٿا: پر تو تي هنن جو پورو ايمان ويهي وڃي، اُن لاءِ اجا هڪ ڳالهہ جي گهرج آهي ___

تو کي ضرور اول اسان پنگلن کي مجائڻ گھرجي. اِن لاءِ تو وٽ هت اسين چوندڙ ماڻھو موجود آھيون ۽ ھي تولاءِ اِن موقعي جا ھڪ کان وڌيڪ نمونا آھن! تون انڌي کي سڄو ڪري سگھين ٿو ۽ منڊي کي ھلڻ جي سگھہ ڏيئي سگھين ٿو ۽ جنھن جي پٺيءَ تي وڏو ڳوڙھو آھي، اُن کي اِن بار کان ڪجھہ آجو ڪري سگھين ٿو. آءٌ سمجھان ٿو تہ اِھو بھترين طريقو آھي، پنگلن کي زرتشت تي ايمان آڻائڻ جو.“

پر زرتشت ھن کي، بھرحال، ھيئن جواب ڏنو. ”جڏھن ڳُڪي جو ڳڪ کو ڪڍي ڇڏي تہ ھن کان ڪنھن ڇڻ روح کسي ورتو ـــ اِھو آھي چوڻ عام ماڻھن جو. جڏھن ڪو انڌي کي اکيون ڏئي، تہ دنيا ۾ ھو ڏاڍيون ھوند بڇڙيون شيون ڏسي، ايتريقدر جو ھو اُن اکين ڏيڻ واري کي پٽون ڏيڻ شروع ڪري ڏئي! ۽ اُھو جيڪو منڊي کي ھلڻ جي سگھہ ڏيندو تنھن تہ ھُن کي ڇڻ گھڻو ڪو نقصان پھچايو. ڇاڪاڻ تہ ھُن اجا ھلڻ سکيو ناھي، ۽ ھن جون بڇڙايون بہ ھُن سان گڏ ھلڻ شروع ڪري ڏينديون ـــ اِھا آھي تعليم عام ماڻھن جِي پنگلن بابت. پوءِ زرتشت بہ عام ماڻھن کان ڇو نہ سکي، جڏھن عام ماڻھو زرتشت کان سکن ٿا؟

جڏھانڪر آءٌ ماڻھن جي وچ ۾ رھڻ لڳو آھيان، مون کي، بھرحال، ھيءَ ڏسڻ ۾ آيو آھي تہ، ھڪڙي جي اک نہ آھي، ٻئي جو ڪَنُ، ۽ ٽئين جي ھڪ ٽنگ، ۽ ٻيا اھڙا بہ آھن، جن جي زبان غائب آھي يا نڪ، يا خود مٿو بہ.

مون تہ اِن کان بہ خراب حالتون ڏٺيون آھن، بلڪ ڏسان پيو ـــ اھڙيون اٹوٹنڌڙ، جو انھن سڀني جو نہ بيان ٿو ڪري سگھان ۽ نہ اُنھن مان ڪن بابت ماٺ ڪرڻ ئي مون لاءِ ممڪن آھي: يعني اھڙا ماڻھو مون ڏٺا آھن، جن جي ھر شيءِ ندارد، سواءِ ڪنھن ھڪ جي جنھن جي وٽن وري گھڻ آھي ـــ ماڻھو جيڪي ڪجھہ نہ آھن، سواءِ ھڪ وڏيءَ اک جي، يا ھڪ وڏي وات جي، يا وري بنھہ ھڪ وڏي پيٽ جي، ـــ اُبتا پنگلا. آءٌ اھڙن ماڻھن کي سڏيان ٿو.

۽ جڏھن آءٌ پنھنجي تنھائيءَ مان نڪري پھريون ڀيرو ھِن پُل تان ٿي ويس، تہ مون کي پنھنجي اکين تي يقين نہ ٿي آيو. ۽ وري وري اکيون پٽي ٿي ڏٺم، ۽ نيٺ مون کي چوڻو پيو ھو: ”ھو ڪَنُ آھي، ھڪڙو ڪَنُ، ماڻھوءَ جيڏو وڏو!“ مون وري چڱيءَ طرح ڏٺو ۽ سچ پچ ڪَنَ جي ھيٺان ڪا شيءِ چري رھي ھئي، جيڪا ايڏي ننڍڙي، مسڪين ۽ سنھڙي ھئي، جو اُن تي کھل پئي آئي. ۽ سچ پچ اُھو تمام وڏو ڪن ھن سنھيءَ ۽ ننڍيءَ ڏانديءَ سان لڳل ھو ـــ ۽ اُھا ڏانڍي ماڻھو ھو! جيڪڏھن ڪو شخص اکين تي شيشو رکي اُھو ڏسي تہ ھن کي ھڪ ننڍڙو ڪرونڌي مُنھُن بہ

اُتي ڏسڻ ۾ اچي وڃي ۽ اُن کان سواءِ ڏانديءَ ۾ ڪنهن پاسي کان لڙڪندڙ هڪ سُجيل روحُڙو به! ماڻهن مون کي، بهرحال ٻڌايو ته اُهو وڏو ڪَنُ نه رڳو هڪ ماڻهو هو پر هڪ وڏو ماڻهو هو، بلڪ هڪ ڏاتار، جنهن کي ڏات ڏٺي به تي سڏيائون. پر هُنن جڏهن به وڏن ماڻهن جي ڳالهه تي ڪئي ته مون ڪِي اُنهن تي ڪڏهن به اعتبار نه تي آيو ___ آءٌ اڄ به پنهنجي عقيدي تي قائم آهيان، ته اُهو هڪ اُبتو پنگلو هو، جنهن ۾ هر شيءَ نه جهڙي ۽ هڪ ئي ڪا شيءِ هُئي، ڏاڍي وڏي، بنهه ڪنهن آفت جيڏي.

جڏهن زرتشت گڪ واري سان ۽ اُنهن ماڻهن سان، جن جو اُهو وڪيل هو، ايئن ڳالهه ڪري بس ڪئي، تڏهن هِن ڏاڍيءَ اداسائيءَ سان پنهنجن معتقدن ڏانهن نهاريو ۽ هنن کي چيو:

سچ پچو، اي منهنجا دوستؤ، ته آءٌ ماڻهن ۾ هلان ٿو ته، ايئن لڳيم ٿو ته، آءٌ ماڻهن جي ٽُڪرن ۽ الڳ الڳ عضون جي وچ ۾ هلي رهيو آهيان!

هيءُ منهنجي اکين لاءِ هولناڪ نظارو آهي، جو آءٌ اِيئن ماڻهوءَ کي ڀڳل ٽُٽل، ۽ ڇڙ وِڇڙ ڏسان ٿو، جهڙي طرح ڪنهن ميدان جنگ يا ڪوس گهر ۾.

۽ جڏهن منهنجي اک حال کان هَٽِي، ماضيءَ طرف وڃي ٿي، ته به اُهوئي ساڳيو نظارو اُها ڏسي ٿي: رڳو ٽُڪر ٽُڪر، ڏار ڏار عضوا ۽ ڀيانڪ اتفاق ___ پر ماڻهو نه!

ڌرتيءَ جي مٿان حالُ ۽ ماضي ___ هاءِ! منهنجا دوستؤ، اِها مون لاءِ منهنجي سهڻ کان مٿي هڪ پڙ آهي ۽ جيڪڏهن آءٌ ڪجهه پري کان ڏسندڙُ نه هجان ها، اُن شيءِ جو جا ضرور اچڻ واري آهي، ته مون کي هوند جيئڻ تي ڪو نه اچي ها.

هڪ پري کان ڏسندڙُ، مقصد رکندڙُ، هڪ تخليقڪار، خود مستقبلُ ۽ مستقبل جي هڪ پُل ___ ۽ افسوس، هِن پُل تي پاڻ هڪ پنگلو: زرتشت جو ڪجهه آهي، دوستؤ، بس اِهو آهي.

۽ اوهين به پاڻ ۾ اڪثر پڇندا آهيو: ”اسان لاءِ زرتشت ڪير آهي؟ اسان وٽ هو ڇا سڏبو؟“ ۽ مون وانگر ئي اوهان جوابن لاءِ پاڻ کان سوال پڇيا.

ڇا، هو واعدو ڪندڙُ آهي؟ يا واعدو پاڙيندڙ؟ هڪ فاتحَ؟ يا هڪ وارث؟ لُٽيل هڪ فصل؟ يا ڪو هَرَ قارُ؟ هڪ طبيب؟ يا ڪو صحتيابَ؟

ڇا، هو شاعر آهي؟ يا هڪُ خالص ماڻهو؟ ڪو بَندَ ٽوڙيندڙ؟ يا باندي ٻڌائيندڙ؟ هڪ نيڪ ماڻهو؟ يا ڪو بڇڙو ماڻهو؟

آءٌ ماڻهن جي وچ ۾ مستقبل جي ٽُڪرن طور هلان ٿو: اُهو مستقبل جيڪو منهنجي تصور ۾ آهي.

۽ منهنجي جذبي جو سڄو اُپارُ ۽ منهنجي فڪر جو سڄو پرواز اِهو آهي، تہ اُنهن سيني ٽڪرن کي، رازن ۽ ڀيانڪ اتفاقن کي ميڙي گڏ ڪري ۽ جوڙي هڪ ايڪي ۾ آڻي ڇڏيان!

۽ آءٌ ماڻهو هئڻ ڪيئن گوارا ڪري ٿي سگهيس، جيڪڏهن ماڻهو هڪُ ڳنڍڻَ، جوڙڻَ ۽ هڪُ ڪرڻ وارو ۽ رازن کي کوليندڙُ ۽ ڇاڻندڙ ۽ حادثاتي حالتن ۽ اتفاقن کي سڦل بنائيندڙُ نہ هجي ها!

جو ڪجھ گذري ويو، ان کي موڪڻ ۽ هَرَ 'جو هو' يا 'جو ٿيو' کي بدلائي، 'چاهيان ٿو تہ هيئن هجي، يا هيئن ٿئي' ۾ آڻڻ__ فقط اِنهيءَ کي آءٌ نجات سڏيان ٿو.

ارادو__ اِنهيءَ کي طرح بندَ ٽوڙيندڙ، خوشي آڻيندڙ سڏجي ٿو: اِيئن ئي مون اوهان کي سيکاريو آهي، اي دوستؤ! پر هاڻي هي بہ سکو: ارادو پاڻ بہ اڃا باندي آهي.

ارادو بندَ ٽوڙي ٿو: پر اُن جو نالو ڇا آهي، جو بندُ ٽوڙيندڙَ کي ئي اڃان زنجيرَ وجهي ٿو؟

"جو هو"، "جو ٿيو": اِهو نالو آهي ارادي جي ڏندن ڪُرٽڻَ ۽ حد کان گهڻي اباڻڪي ڏک جو ڪجھ ٿيو، اُن بابت بيوس ۽ بي عمل__ اِهو آهي هڪ ساڙ سڙيو، بد انديش تماشبينُ اُن سڀ جو جيڪو گذري ويو.

رجعتي ارادو، "جو هو" يا "جو ٿيو" جي موٽائڻ جو ارادو، ڪجھ چاهي ئي نٿو سگهي: هو وقت کي ۽ وقت جي خواهش کي ٽوڙي نٿو سگهي__ ارادي جو سڀ کان اباڻڪو ڏک اِهو آهي.

ارادو بند ٽوڙي ٿو، ارادو آزاد ڪري ٿو، هائو: پر ارادو خود پنهنجي اِن ڏک کان آزاد ٿيڻ ۽ پنهنجي اِن بند تي چٽر ڪرڻ ۽ اُن کي نندڻ لاءِ ڪهڙي تدبير ٿو سوچي؟

افسوس، هر باندي بي عقل ٿي پوي ٿو! باندي ارادو بہ پنهنجي بند ٽوڙڻ ۾، پاڻ کي آزاد ڪرڻ ۾، بي عقلي ڪيو وجهي.

وقت پوئتي نٿو وڃي__ اِن سان آهي سندس دشمني: "جو هو"، "جو ٿيو"__ هيءُ نالو آهي اُن پٿر جو، جنهن کي هو ريڙهي نٿو سگهي.

اِيئن هُو دشمني پوري ڪرڻ لاءِ ۽ ڪروڌ سان، اَچل پٽرن کي ڌڪي ٿو، ۽ هر اُنهيءَ شيءِ کان انتقام وٺي ٿو ۽ اُن مان ساڙ ڪڍي ٿو، جيڪا هُن جيئن اُنهن پٽرن تي غصو نٿي ڏيکاري ۽ ڪروڌ نٿي ڪري.

اِن طرح ارادو بندَ ٽوڙيندڙ، آزاد ڪندڙ، ڦري ايذائيندڙ.

چيچلائيندڙَ، تي پوي ٿو: ۽ اُنهن سڀني شين کان، جيڪي ايذائجي سگهن ٿيون، انتقام وٺي ٿو_ رڳو اِن ڪري، جو هو پاڻ پوئتي نٿو وڃي سگهي!

هيءُ، هائو، اڪيلو هيءُ پاڻ انتقام آهي: يعني ارادي جِي وقت سان عداوت، ۽ وقت جي "جو ٿيو"، "جو هو" سان.

تحقيق، اسان جي ارادي جي اندر هڪ وڏي حماقت موجود رهي ٿي: اِها انسانذات جي وڏي بدبختي آهي، جو اِها حماقت وڏي، جذبي جي مالڪ بڻجي پيئي!

انتقام جو جذبو: منهنجا دوستؤ، اِها هيستائين ماڻهوءَ جي محبوب ترين ڌُن رهي آهي ۽ جتي ڏک هو اُتي دعوا ڪئي ويئي ته هميشه سزا آهي.

"سزا"_ انتقامَ اِهو پاڻ تي نالو رکيو. هڪڙي ڪوڙي لفظ سان اُن پنهنجي مٿان صالح ضمير جو ڍڪ وڌو.

۽ ڇاڪاڻ ته خود ارادي ڪندڙ جي دل ۾ دک آهي، ڇو ته هو پوئتي وڃڻ جو ارادو نٿو ڪري سگهي_ اِن طرح دعوا ڪئي ويئي ته خود ارادو ڪرڻ، ۽ سڄي زندگي ئي، سزا هئي!

۽ پوءِ جذبي تي ڪڪر مٿان ڪڪرَ ويڙهيا ويا، ڪارٺ مٿان ڪارٺِ ٿڦي ويئي، تان جو جنونَ وعظ فرمايو، "هر شيءِ فنا ٿئي ٿي، تنهن ڪري هر شيءِ فنا لائق آهي!"

"۽ اهو خود انصاف آهي، وقت جو قانون آهي_ ته وقت پنهنجي ٻارن کي ضرور کائي ڇڏي، ڳڙڪائي ڇڏي!" جنونَ اِيئن به وعظ فرمايو.

"اخلاقياتي طور شين کي 'انصاف ۽ سزا' جي اصول تي ترتيب ڏني ويئي آهي. هاءِ! شين جي تبديل کان ۽ سزا جي 'وجود' کان نجات ڪٿي آهي؟" ايئن به جنونَ وعظ فرمايو.

"جڏهن ابدي انصاف آهي، ته نجات عارضي ٿي سگهي ٿي ڇا؟ افسوس، جي 'جو هو'، 'جو ٿيو' جو پٿر اَچل آهي ته سزائون به سڀ ضرور اڪٽ هجٽيون آهن!" اِئين به جنون وعظ فرمايو.

”ڪوبہ عمل ناس ٿي نٿو سگهي: سزا سان اُهو مَٽجي ’اَڻ_ ٿيل‘ ڪيئن ٿو ٿي سگهي! هيءَ ۽ هيءَ ئي ڳالهہ آهي، جي سزا جي ’وجود‘ ۾ لافاني آهي، تہ پوءِ اُهو وجود عمل ۽ گناهہ جو ئي دائمي چڪر تہ ٿيو!

ايستائين جيستائين ارادو نيٺ تحليل ٿي وڃي ۽ ارادو اَڻ_ ارادو ٿي پوي_:
”پر اوهين تہ، منهنجا ڀائرو، ڄاڻو ٿا تہ اِهو تہ جنونَ جو ئي ناهيل نقلي راڳ آهي!

مون تہ اوهان کي اِنهن نقلي راڳن کان پري رکيو هو، جڏهن مون اوهان کي سيکاريو هو تہ، ”ارادو ئي خالق آهي.“

سڀ ”جو هو“ هڪڙو حصو، هڪ راز، هڪ ڀيانڪ اتفاق آهي__ ايستائين جيستائين خلقيندڙ ارادو اُن لاءِ چوي، ”پر آءٌ چاهيان ٿو تہ هيئن ٿئي.“_

ايستائين جيستائين خلقيندڙ ارادو اُن لاءِ چوي، ”پر آءٌ هيئن ٿو ارادو ڪريان! آءٌ ضرور هيئن ارادو ڪندس!“

پر ڪڏهن بہ اُن اِيئن چيو؟ ۽ ڪڏهن ٿو ايئن ٿئي؟ ڇا، ارادو خود پنهنجيءَ حماقت کان، پنهنجيءَ بي عقليءَ کان، آجو ٿيو آهي؟

ڇا، ارادو پاڻ پنهنجي بندَ جو ٽوڙيندڙ ۽ پاڻ پنهنجي لاءِ خوشي آڻيندڙ بڻيو آهي؟ ڇا اُن انتقام جي جذبي کي وساريو آهي ۽ هر طرح جو ڏند ڪرٽڻ ڇڏيو آهي؟

۽ ڪنهن اُن کي وقت سان صلح سيکاريو آهي؟ ۽ سچي اُن صلح کان مٿي جو ڪجهہ آهي، اُهو بہ؟

سچي صلح کان مٿي جو ڪجهہ آهي، ارادي لاءِ ضروري آهي، تہ اُن جو ارادو ڪري __ ۽ سو آهي طاقت جو ارادو __ پر اُهو ڪيئن ٿو ٿئي؟ ڪنهن اُن کي مُڙڻ جو، پوئتي ٿيڻ جو، ارادو بہ سيکاريو آهي؟

_ پر ٿيو هيئن، جو پنهنجي تقرير ۾ اِن نقطي تي اچي، زرتشت اوچتو ماٺ ٿي ويو ۽ اُن شخص وانگر ڏسڻ ۾ آيو، جيڪو ڇرڪ هراس ۾ وڃي ويو هجي. خوف ڀريل نگاهن جي خيالن ۽ پنهنجي رهيل خيالن ۾ تيرن جيان چڀي ويون_ پر ٿوريءَ دير کان پوءِ هو وري کِلي ۽ اطمينان سان چيائين:

”ماڻهن جي وچ ۾ رهڻ ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ماٺ ڏاڍي مشڪل آهي _ خاص طرح هڪ گهڻ_ ڳالهائوءَ لاءِ.“_

اِيئن زرتشت فرمايو. پر ڪُبڙي، بهرحال، هُن جي گفتگو ٻڌي هئي ۽ اُهو وقت هو پنهنجو سِرُ هيٺ ڪيو ويٺو هو: پر جڏهن زرتشت کي کِلندو ٻڌائين، تہ هُن حيرت سان مٿي نهاريو ۽ آهستي آهستي چوڻ لڳو:

هائو، جي مان پنهنجي پاڻ کي ماڻهوءَ کان بچائڻ لاءِ جتن ڪندو رهندس، تہ پوءِ ماڻهو منهنجي اُڏند ڪٽوليءَ جو لنگرُ ڪيئن ٿي سگهي ٿو! پوءِ تہ نهايت سولائيءَ سان آءٌ مٿئين طرف ۽ تمام پري ڇڪجي هليو ويندس!

منهنجي قسمت جي هيءَ خاصيت آهي تہ، مون کي ڪنهن احتياط جي ضرورت نہ آهي.

۽ اُهو جيڪو چاهي تہ، ماڻهن جي وچ ۾ ڳرندو سڙندو ئي نہ رهي، اُن کي گهرجي تہ، سڀني پيالن مان پيئڻ سکي ۽ جيڪو چاهي تہ، ماڻهن جي وچ ۾ صاف رهي تہ اُن کي پنهنجو پاڻُ خود گدلي پاڻيءَ سان ڌوئڻُ بہ ڄاڻڻ گهرجي.

مون اڪثر پاڻ کي آٿت ڏيڻ لاءِ پنهنجي دل کي هيئن چيو آهي، ”اي منهنجي مُڙهي دل، همٿ رک، سرهائي ڏيکار! گهڻ ۾ گهڻ وڏيڪ هڪ ناخوشيءَ کان تہ بچيل آهين! اِن کي ئي پنهنجي خوشي سمجھ، ۽ موج ڪر!“

منهنجي ٻي حوصلہ مند عاقبت انديشي، بهرحال، هيءَ آهي، آءٌ خود پسند شخصن کان وڌيڪ خود نما شخصن لاءِ دل ۾ نرم گوشو رکان ٿو ۽ اُنهن کي برداشت ڪريان ٿو.

ڇا، اوهين نٿا ڄاڻو تہ، زخميل خود نمائي سڀني دکدائڪ حادثن جي ماءُ آهي؟ خود پسندي تہ، بهرحال، ڪٿي زخمجي ٿي تہ، اتي اُن کان بہ وڌيڪ ڪجھ اُپري اچي ٿي.

زندگي خوبتر ڏسڻ ۾ اچي، اِن لاءِ اُن جو کيل بهتر نموني کيڏڻ گهرجي؛ اُن مقصد لاءِ، بهرحال، اُن کي سٺن اداڪارن جي ضرورت آهي.

سڀئي خود نما ماڻهو مون سٺا اداڪار ڏٺا آهن: هو اداڪاري ڪن ٿا ۽ چاهين ٿا تہ، ماڻهو انهن کي ڏسي خوش ٿين ـــ ۽ سڄو هنن جو من اِن شيءِ ۾ لڳل آهي.

هو پاڻ کي ڏيکارين ٿا، پاڻ کي بنائين ٿا: هنن جي ويجهو وڃي آءٌ زندگيءَ کي ڏسڻ پسند ڪريان ٿو ـــ اِن سان ماڻهوءَ جي غمگيني لهي ٿي وڃي.

تنهن ڪري آءٌ خود نما شخصن ڏانهن وڌيڪ نرم دل آهيان، ڇاڪاڻ تہ هو منهنجي غمگينيءَ جا ويڄ آهن ۽ اُهي مون کي ماڻهوءَ سان جڪڙي ۽ قابو ڪري رکن ٿا ـــ بلڪل اِيئن جڻ ڪو کيل هجي!

تنهن کان سواءِ، ڪير آهي، جو خود نما شخص جي حجاب ۽ مرم جي سچي گهرائي ماپي سگهي! آءٌ هن جي اِن جي حجاب ۽ مرم ڪري بہ هن ڏانهن مائل آهيان ۽ هُن جي فائدي ۾ آهيان.

هو پنهنجي پاڻ ۾ اعتبار تو ڪان سگهڻ گهري ٿو، تنهنجي نگاهن مان هن کي تقويت حاصل ٿئي ٿي، هو پنهنجي واڪاڻ جا ڏُک تنهنجي هٿڻ سان پري ٿو!

اوهين هُن جي فائدي ۾ ڪوڙ ڳالهايو ٿا ته، هو اوهان جي ڪوڙن کي به سچ ٿو سمجهي: ڇاڪاڻ ته هُن جي دل پنهنجي اندر ۾ تڏا ساهه پري ٿي ۽ چوي ٿي، "مان ڇا آهيان؟"

جي سچي نيڪي اِها آهي ته، اُها پاڻ کان بيخبر آهي، ته پوءِ خود نما شخص کان پنهنجي حجاب جي حقيقت به ڇاڻ ڪانهي!

۽ هيءَ، بهرحال، ماڻهوءَ طور منهنجي ئين عاقبت انديشي آهي: اوهان کان ڊڄي ڪري، آءٌ بچڙن کان ڪونه ٿو پڇان.

اِنهن عجائبات کي ڏسي خوش ٿيان ٿو، جيڪي ڌرتيءَ تي سج جا پيدا ڪيل آهن: چيتا، ڪجين جا وڻ ۽ گهُو گهڙ نانگ.

ماڻهن ۾ به گرم سج جو خوبصورت نسل موجود آهي ۽ ڪيئي تعجب انگيز ڳالهيون آهن، جيڪي بچڙن ۾ ڏسجن ٿيون.

سچ پچ ته، جهڙيءَ طرح اوهان جا وڏي ۾ وڏا ڏاها به مون کي ڪي اهڙا ڏاها ڏسڻ ۾ نه آيا، اهڙيءَ طرح مون ماڻهن جي بچڙائيءَ کي به اُن جي شهرت کان گهٽ ئي بچڙو ڏٺو.

۽ اڪثر ڪنڌ کي لوڏو ڏيئي، مون سوال ڪيو آهي، اڙي، اوهين گهُوگهڙ نانگ جو پيا اڃا گهڙ گهڙ ڪريو؟

سچ پچ ته، بچڙائيءَ جو به اڃا مستقبل آهي! ۽ موافق ترين سرزمين ماڻهن کي اڃا دريافت ڪرڻي پيئي آهي.

گهٽيون شيون آهن، جي هاڻي وڌ ۾ وڌ بچڙيون ٿيون سڏجن، جي رڳو چار قدم ويڪريون ۽ ٽي مهينا وڌ مدت واريون مس آهن! هڪ ڏينهن، بهرحال، اِن کان وڏا اَجگر به دنيا ۾ ايندا.

اِن خيال کان ته، فوق البشر به پنهنجي اَجگر کان واندو نه هوندو، اڄ جي اَجگر کان وڏي ڪنهن اجگر کان، جيڪو هُن جي به شان وٽان هوندو. اُن لاءِ گهميل ٻيلن ۾ اڃا گهڻا ڏينهن گرم سج جي چمڪڻ جي ضرورت آهي!

اوهان جي ئي جهنگلي ٻلين مان چيتا ٻڻيا هوندا ۽ زهريلن ڏيڏرن مان مانگر مڇ: چو ته سٺي شڪاريءَ کي سٺو شڪار ئي ته ڪرڻو آهي.

۽ واقعي، اي نيڪ شخصؤ ۽ منصف مزاجؤ! اوهان ۾ گهڻو ئي ڪجهه آهي، جو کِلڻ هاب آهي، خاص طرح اوهان جو خوف اُن کان جيڪو هيلتائين ”شيطان“ سڏبو آيو آهي!

اوهين پنهنجي روح ۾ هر انهيءَ شيءِ کان جيڪا عظيم آهي، ايترا تہ بيگانا رهيا آهيو، جو فوق البشر پنهنجي نيڪيءَ ۾ اوهان لاءِ هڪ خوفناڪ هستي ئي هوندو!

۽ اوهين، اي ڏاها شخصؤ ۽ علم جا صاحبؤ! اوهين ڏاهپ جي شمسي شعائن کان پري ئي ڀڄندؤ، جن ۾ فوق البشر ڏاڍي لطف سان اگهاڙو وهنجي ٿو!

اوهين، اي اعليٰ ترين شخصؤ، جيڪي منهنجي دائري ۾آيا آهيو! اوهان تي مون کي هيءُ شڪ آهي ۽ دل ۾ هيءَ کِلَ بہ اچي منهنجو انومان آهي تہ اوهين منهنجي فوق البشر کي ”شيطان“ سڏيندا.

هاءِ، آءٌ اُنهن اعليٰ ترين ۽ بهترين شخصن کان ڪڪ ٿي پيو آهيان: انهن جي مٿانهين کان مٿي، ٻاهر ۽ پري ڏانهن وڃڻ لاءِ ڏاڍو مون تانگهيو آهي!

جڏهن مون اُنهن بهترين لوڪن کان اُگهاڙو ڏٺو، پڌرو ڏٺو، تہ مون تي وحشت طاري ٿي ويئي ۽ پوءِ اُتان اُڏامي ڏورانهن مستقبلن ڏانهن اڏامي وڃڻ لاءِ مون ۾ پرَ سِرجيا.

وڌيڪ ڏورانهن مستقبلن ڏانهن، وڌيڪ ڏاکڻائين ڏکڻ جي سرزمين ڏانهن، جن جو ڪنهن مصور جي دل ۾ ڪڏهن خواب بہ نہ آيو هوندو: اُتي جتي ديوتائن کي هر قسم جي لباس ڍڪڻ کان شرم ٿو اچي!

پر چمڙا پوش تِي، آءٌ اوهان کي ڏسڻ گهران ـــ اوهان پاڙيسرين ۽ پنهنجن انسان ڀائرن کي، سٺن لباسن ۾ ڍڪيل، خود نما ۽ معزز، ”نيڪ ۽ منصف مزاج“ شخصن طور!

۽ چمڙا پوش تي، آءٌ پاڻ بہ اوهان جي وچ ۾ ويهڻ چاهيندس ـــ تہ جيئن اوهان کي ۽ پاڻ کي سڃاڻڻ ۾ منجهيل ئي رهان: چاڪاڻ تہ اِها آءٌ، ماڻهوءَ طور، پنهنجي آخري عاقبت انديشي سمجهندس ـــ

اِيئن زرتشت چيو.

# 44. چپ چپات گهڙي

اي منهنجا دوستؤ! مون کي ڇا ٿيو آهي؟ اوهين مون کي ڏسو ٿا ته، آءٌ ڏکيارو، لوڏيل، ۽ هڪ بي دليو تابعدار، هليو وڃڻ لاءِ تيار آهيان_ افسوس، اوهان وٽان، دُور هليو وڃڻ لاءِ!

هائو، زرتشت کي موٽي هڪ ڀيرو پنهنجي خلوت نشينيءَ ۾ وڃڻو آهي: پر هِن ڀيري رِڇ پنهنجي غار ۾ خوشيءَ سان وڃڻ نه ٿو گهري!

مون کي ڇا ٿيو آهي؟ هي ڪنهن حڪم ڏنو؟_ هاءِ، منهنجي ناراض سُريت جي اِها مرضي آهي؛ هوءَ مون کي چئي چڪي آهي. ڇا، مون اڳي ڪڏهن اوهان وٽ هِن جو نالو ڪنيو آهي؟

ڪالهه شام جي وقت منهنجي چپ چپات گهڙيءَ مون سان ڳالهايو: اِهو آهي نالو منهنجي خوفناڪ سُريت جو.

۽ اهڙيءَ طرح هي سڀ ٿيءَ ٿيو_ ڇو ته اوهان سان هر ڳالهه ڪرڻ ضروري آهي، تان ته اوهان جي دل اُوچتو رخصت ٿيڻ واري جي خلاف سخت نه ٿي وڃي.

ڇا، اوهان کي اُن جي هراس جي خبر آهي، جيڪو سمهي ٿو پوي؟

هو چوٽيءَ کان وٺي پيرن تائين هراسيل آهي، ڇاڪاڻ ته ڌرتي هُن جي پيرن هيٺان نڪري ٿي وڃي: ۽ هُن جو خواب شروع ٿي ٿو وڃي.

هي آءُ اوهان کي تمثيل طور ٻڌايان ٿو. ڪالهه چپ چپات گهڙيءَ مهل ڌرتي منهنجي پيرن هيٺان نڪري ويئي ۽ خواب شروع ٿيو_

ڪلاڪَ _ ڪانٽو اڳتي چريو، منهنجي زندگيءَ جي گهڙيءَ ساهه کنيو___ منهنجي چوڌاري ڪڏهن اِن کان اڳ اهڙي چُپ ڪانه هئي، ايتريقدر جو منهنجي دل دهلجي ويل هئي.

تڏهن، بي آواز، مون کي چيو ويو، ”زرتشت، توکي اِها خبر آهي؟“_

۽ آءٌ اِن سُس پُس تي هراسجي رڙيون ڪرڻ لڳس ۽ منهنجو چهرو پيلو ٿي ويو؛ پر آءٌ چپ رهيس.

تڏهن هڪ ڀيرو ٻيهر، بي آواز، مون کي چيو ويو: ”زرتشت، توکي اها خبر ته آهي، پر تون ٻڌائين نٿو!“

۽ نيٺ مون، هڪ بي فرمان جيئن جواب ڏنو: ”هائو، مون کي خبر آهي، پر زبان تي آءٌ نه آڻيندس!“

تڏهن وري، بي آواز ئي، مون کي چيو ويو، ”زرتشت، تون نٿو چوڻ گهرين؟ ڇا، هي سچ آهي؟ پنهنجي بي فرمانيءَ جي آڙ ۾ اَجهو نہ وٺ!“

۽ مون ٻار وانگر رنو ۽ مان ڪَنبڻ لڳس ۽ مون چيو: ”هاءِ، آءٌ چوڻ تہ گهران ٿو، پر ڇئي ڪيئن ٿو سگهان! رڳو اِن جي معافي ٿو وٺان! اِهو منهنجي طاقت کان ٻاهر آهي!“

تڏهن، بي آواز، وري مون کي چيو ويو، ”زرتشت، تون ڪهڙي چيز آهين؟ تون پنهنجي ڳالهہ ڪر ۽ پيش پئہ!“

۽ مون جواب ڏنو، ”آءٌ، ڇا، هي منهنجا لفظ آهن؟ آءٌ ٿيندو ڪير آهيان؟ آءٌ اُن جو منتظر آهيان،جيڪو محترم تر ۽ لائق تر آهي؛ آءٌ هُن جي آڏو رڳو پيش پوڻ جي قابل بہ نہ آهيان.“

تڏهن وري بہ، بي آواز، مون کي چيو ويو: ”تون ڪهڙي چيز آهين؟ منهنجي نگاهہ ۾ تون اڃا پورو نهٺو بہ نہ ٿي سگهيو آهين. نهٺائيءَ جي کل ڏاڍي سخت آهي.“ _

۽ مون جواب ڏنو، ”منهنجي نهٺائيءَ جي کل ڇا تہ برداشت نہ ڪيو آهي! آءٌ پنهنجي بلنديءَ جي دامن ۾ مقيم آهيان: منهنجون چوٽيون ڪيتريون مٿانهيون آهن، ڪنهن بہ اڃا مون کي نہ ٻڌايو آهي. پر آءٌ پنهنجي وادين کي خوب سڃاڻان ٿو.“

تڏهن وري، بي آواز، مون کي چيو ويو، ”اي زرتشت جنهن کي پهاڙ هٽائڻا آهن، اُهو واديون ۽ ميدان بہ هٽائي سگهي ٿو.“ _

۽ مون جواب ڏنو، ”اڃا تائين منهنجي لفظ پهاڙن کي ڪونہ هٽايو آهي ۽ جو ڪجهہ مون چيو آهي، اُهو ماڻهن تائين پهتو ئي نہ آهي. آءٌ برابر ماڻهن وٽ ويس، پر اڃا هُنن جي دلين تائين رسي نہ سگهيو آهيان.“

تڏهن وري بي آواز، مون کي چيو ويو، ”اُن جي تو کي ڪهڙي خبر! ماڪ اُن مهل گاهہ تي پوندي آهي جڏهن رات وڌ کان وڌ خاموش هوندي آهي.“ ___

۽ مون جواب ڏنو، ”جڏهن مون پنهنجو رستو ڳولهي لڌو ۽ اُن تي هلڻ لڳس، تہ هو مون تان ٺٺولَ ڪرڻ لڳا ۽ سچ پچ اُن وقت منهنجا پير ٿڙڪڻ لڳا.

۽ هو مون کي هيئن چوڻ لڳا، تون اڳي رستو ڀلجي ويو هئين، هاڻي هلڻ بہ ڀُلائي ڇڏيئي!“

تڏهن وري، بي آواز، مون کي چيو ويو، ”هنن جي ٺٺولَ ئي ڪهڙي! تون اهڙو هڪُ آهين جنهن حڪم وڃڻ ڇڏيو آهي: هاڻي تون حڪم ڏيندين!

چا، توکي خبر نہ آهي، تہ ڪيرُ سينيءَ لاءِ سڀ کان زياده ضروري آهي؟ اُهو جو وڏن ڪمن لاءِ حڪم ڏئي ٿو.

وڏا ڪم ڪرڻُ مشڪل آهن، پر اُن کان بہ مشڪل وڏن ڪمن جا حڪم ڏيڻُ آهي.

هيءُ تنهنجو وڏو ضد آهي، جو بلڪل ناقابل معافي آهي، تو وٽ طاقت آهي، پر تون حڪم ڏيڻ نٿو گهرين.“ _

۽ مون جواب ڏنو. ”رڳو حڪم ڏيڻ لاءِ مون وٽ شينهن جو آواز ڪونهي.“

تڏهن وري مون کي ڪَنَ پُٽڪي جيان چيو ويو، وڏ ۾ وڏ آهستي چيل لفظ ئي طوفانَ پيدا ڪن ٿا. خيالَ جيڪي ڪبوتر جي پيرن جيئن اچن ٿا، اُهي دنيا جي رهنمائي ڪن ٿا.

اي زرتشت، اُهو جيڪو اچڻ وارو آهي، توکي اُن جي پاڇي جيان هلڻ گهرجي، ايئن تون حڪم ڏيندين ۽ حڪم ڏيندي سڀ جي اڳيان هلندين.“ _

۽ مون جواب ڏنو، ”مون کي اِيئن ڪندي، لڄ ٿي اچي.“

تڏهن وري، بي آواز، مون کي چيو ويو: ”توکي اڃا بہ ٻارُ بڻجڻو آهي ۽ لڄ ڇڏڻي آهي.

جوانيءَ جي خود پسندي اڃا تو تي سوار آهي؛ تنهنجي جواني تو تي دير سان آئي آهي: پر جو شخص ٻار بڻجڻ گهري ٿو، اُن لاءِ پنهنجي جوانيءَ تان بہ پار ٽپڻ ضروري آهي.“ _

۽ گهڻيءَ دير تائين آءٌ اِنهن ڳالهين تي غور ڪندو رهيس ۽ ڪنبندو رهيس. نيٺ مون، بهرحال، اِهوئي چيو، جو پهريائين چيو هوم، ”نہ، منهنجو ارادو نٿو ٿئي.“

تنهن تي، منهنجي چئن ئي پاسن کان ٽهڪڙو مچي ويو. افسوس، اُن ٽهڪڙي ڪيتري قدر نہ منهنجا آنڊا ڏُوهي وڌا ۽ منهنجي دل ڪپي بہ اڌ ڪري ڇڏي!

۽ پوءِ مون کي پوئين ڀيرو چيو ويو، ”اي زرتشت، تنهنجا ميوا پچي ويا آهن، پر تون اڃا پنهنجن ميون لاءِ پڪل نہ آهين!“

اِن ڪري توکي وري پنهنجي خلوت نشينيءَ ۾ وڃڻ کپي: ڇاڪاڻ تہ توکي اڃا پچڻو ۽ رنگ تي اچڻو آهي“.

۽ وري ٿهڪڙو ٿيو ۽ هوءَ ڀڳي: پوءِ منهنجي چوڏاري ماٺ ٿي ويئي، اهڙي جهڙي ماٺ مٿان ماٺ ٿيندي آهي. مگر آءٌ پٽ تي پيو هوس ۽ منهنجي عضوي عضوي مان پگهر وهي رهيو هو.

- هاڻي اوهان سڄو قصو ٻڌو ۽ اهو بہ ٻڌو تہ، ڇو مون کي پنهنجي خلوت نشينيءَ ۾ موٽي وڃڻو آهي. دوستؤ، ڪابہ ڳالهہ مون اوهان کان لڪائي نہ آهي. ۽ اِهو بہ اوهان مون کان ٻڌو تہ ڪيرُ هيستائين وڏ ۾ وڏ ماٺ ۾ رهيو آهي ۽ رهڻ گهري ٿو.

هاءِ منهنجا دوستؤ، مون کي ڪجهہ وڌيڪ اوهان کي چوڻ کپي ها! مون کي اجا ڪجهہ وڌيڪ اوهان کي ڏيڻ کپندو هو! اُهو اوهان کي آءٌ ڇو نٿو ڏيان؟ ڇا، مان بخيل آهيان؟

جڏهن زرتشت هي سڀ چئي چڪو، تڏهن هُن کي وڏي دک جو جهٽڪو لڳو، ڇاڪاڻ تہ هن لاءِ پنهنجن دوستن کان جدائيءَ جو وقت ويجهو اچي ويو هو، ايتريقدر جو هو زار زار روئڻ لڳو ۽ سڀ هن کي تسلي ڏيڻ کان عاجز ٿي ويا. رات جي وقت، بهرحال، هو هيڪلو هيڪلو، پنهنجن دوستن کي پٺيان ڇڏي، پنهنجو مُنهن وٺي هليو ويو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.